سنڌي وياڪرڻ

(۴ ڀاڱا)

•

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

•

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ

سنڌي وياڪرڻ

(چار ڀاڱا)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٤١٣ھ/١٩٩٢ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

نئين ڇاپي جو پهريون ايڊيشن سال ١٣٨٢ھ/١٩٦١ع تعداد ٢٠٠٠ ڪاپيون
نئين ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن سال ١٤١٣ھ/١٩٩٢ع تعداد ٢٠٠٠ ڪاپيون

[سنڌي ادبي بورڊ جا سمورا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: هڪ سؤ رپيا
[Price: Rs. 100-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو ٻُڪ اسٽال
تاڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ
(جي-پي-او باڪس نمبر ١٢)

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا
ڇپيو ۽ سيد امداد حسيني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ اُن کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

باب	عنوان	صفحو
	ڀاڱو پهريون	١-٦٩
باب پهريون :	جملو	١
باب ٻيو :	ڳالهائڻ جا لفظ	٢
باب ٽيون :	جنس	٦
باب چوٿون :	عدد	٩
باب پنجون :	حالت	١٢
باب ڇهون :	اسمن جو ڦيرو	١٥
باب ستون :	اسمن جا قسم	١٧
باب اٺون :	ضميرن جا قسم	١٩
باب نائون :	صفت جا قسم	٢٧
باب ڏهون :	فعلن جا قسم	٣٠
باب يارهون :	فعل جو ڌاتو يا بنياد (مصدر)	٣٤
باب ٻارهون :	اسم مشتق يا ڪردنت	٣٨
باب تيرهون :	زمان	٤٣
باب چوڏهون :	فعلن جون پڇاڙيون	٥٣
باب پندرهون :	مرڪب فعل	٥٦
باب سورهون :	پريوگ	٥٦
باب سترهون :	ظرف جا قسم	٥٨
باب ارڙهون :	ترڪيب جي واٽ	٥٩
باب اوڻيهون :	تفريق يا ڇيد	٦٢
باب ويهون :	ٻيهڪ جون نشانيون	٦٦
	ڀاڱو ٻيو	٧١-١٧٤
● ديباچو		
	علم نحو	٧٣
باب پهريون :	حرفن يا اکرن جو بيان	٧٦
باب ٻيو :	ڪلمن يا لفظن جو بيان	٢٠١
باب ٽيون :	ڪلامن يا جملن جو بيان	١٢٠
باب چوٿون :	جملن جي تفريق يا (ڇيد)	٢٢٩
باب پنجون :	علم نحو جو ٻين ڪن علمن سان واسطو	١٤٥

ڀاڱو ٽيون ١٦٥-٢١٩

● ديباچو
باب پهريون : مُهنڊ ١٦٧
باب ٻيو : سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ان جي بناوت ١٧١
باب ٽيون : سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان واسطو ١٨٧
باب چوٿون : سنڌي باب ۽ حرف علت ۽ حرف صحيح ۽ اعراب ٢٠٠
باب پنجون : سنڌيءَ ۾ حرفن يا اکرن مان لفظ يا هڪڙن
لفظن مان ٻيا لفظ ڪيئن ٿا جڙن ٢١٠

علم صرف (ڀاڱو ٻيو) ٢٢٠-٢٩٢

باب پهريون : ڳالهائڻ جا لفظ ٢٢٠
باب ٻيو : اسم جو بيان ٢٢٣
باب ٽيون : اسم ضمير جو بيان ٢٣٤
باب چوٿون : اسم صفت جو بيان ٢٤٠
باب پنجون : اسم ظرف جو بيان ٢٤٢
باب ڇهون : اسم عدد جو بيان ٢٤٣
باب ستون : فعل جو بيان ٢٤٦
باب اٺون : زمانن جا قسم ٢٥٢
باب نائون : حرف جو بيان ٢٦٦
باب ڏهون : گرامر يا صرف نحو بابت ڪي ٻيون متفرق ڳالهيون ٢٧٠

(ضميمه الف)

ڀاڱو پهريون: جدا جدا بابن مان سوال ۽ ڪتابي مثال مشقن لاءِ ٢٧٦
ڀاڱو ٻيو : سوال ٢٨٠
مثال ۽ مشقون ٢٨٣
● ديباچو

ڀاڱو چوٿون ٢٩٣-٤٢٠

(ڀاڱو پهريون)

باب پهريون : علم بديع جي بيان ۾ ٢٩٥
باب ٻيو : علم عروض جي بيان ۾ ٣٢٨
باب ٽيون : قافيي جي بيان ۾ ٣٤٣

(ڀاڱو ٻيو)

باب چوٿون : صنايع و بدايع جي بيان ۾ ٣٥٤

ڇپائيندڙ پاران

ڪي ڪتاب اهڙا هوندا آهن، جيڪي نه رڳو ڪڏهن پراڻا نه ٿيندا آهن، بلڪ جيئن جيئن وقت لنگهندو ويندو آهي، تيئن تيئن انهن جي اهميت به وڌندي ويندي آهي:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي ڀڳراٽو نه ٿئي

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻولي تحقيقي توڙي تخليقي، ترجمي توڙي تعليمي لحاظ کان هڪ اهڙي معيار تي پهچي چڪي هئي، جو اسين اهو چئي سگهون ٿا، ته سنڌي ٻولي جديد دور ۾ پير پائي چڪي هئي- ۽ سنڌي عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ تعليمي ماهرن پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ان ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو حيرت انگيز آهي- ۽ اڄ به لوهه تي ليڪي وانگر آهي ۽ ان دعويٰ جو ثبوت **مرزا قليچ بيگ** جي هيءَ لاثاني تصنيف ”سنڌي وياڪرڻ“ آهي.

مان جڏهن به ٽيبل تي آڏو پيل ڪم مان ڪنڌ مٿي ڪندو آهيان، ته بلڪل سامهون **مرزا قليچ بيگ** جي تصوير تي اکيون کُپي وينديون اٿم ۽ اٿاهه اتساهه پيدا ٿيندو آهي، پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهت لاءِ هر جوکي سان جهيڙڻ جو ساهس پيدا ٿيندو آهي منهنجي من ۾.

مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ، ساهت ۽ سڀيتا جو محسن آهي. توڙي جو هڪ لکندڙ جي حيثيت ۾ اهو سندس فرض پڻ بڻجي ٿو، ته هو ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جو نه رڳو بچاءُ ڪري، پر ان جو ڦهلاءُ به ڪري.

مرزا قليچ بيگ جون جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ خدمتون آهن، تن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. سنڌ جي هن عظيم سپوت جيڪي تصنيفون ڏنيون آهن ۽ ڀن ڀن موضوعن تي ڏنيون آهن، آهي لازوال آهن. اهي اُن سون واڱر آهن، جنهن تي ڪڏهن به ڪٽ نٿي چڙهي. ترجمي، تحقيق ۽ تخليق جي ڏس ۾ **قليچ** جيترو پاڻ ملهايو آهي، اوترو ڪنهن به پاڻ نه ملهايو آهي.

قليچ اڪيلي سر جيڪو ڪم ڪيو آهي، اُن ڪي ڏسي ڳالهه فخر کان اوچو ٿي ٿو وڃي. ٻولين ڪي هر دور ۾ ڪڙي قليچ جي گهرج پوندي آهي، پر شايد **قليچ** هڪڙو ئي پيدا ٿيندو آهي.

”سنڌي وياڪرڻ“ ڪي ڇپائڻ جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جهڙوڪ: ڇئن جلدن ڪي هڪ ئي جلد ۾ ڇپائڻ، ڪتاب جيڪو اڳ ئي ڇپائيءَ هيٺ هو، اُن ڪي مڪمل ڪري پڌرو ڪرڻ، يا س. ا. ب جو ان تي جيڪو پئسو ۽ ڪارڪنن جي محنت ڪيل هئي، اُن ڪي وصول ڪرڻ. ڪارڻ ڪهڙا به هجن، پر ڪارج صرف ۽ صرف اهوئي هو، ته اسين به ٻوليءَ ڏانهن پنهنجي فرض ڪي سڃاڻون. پوءِ **قليچ** ڪٿي نه به ٻڌجون، ته به سندس ڇڏيل پيرن تي پنڌ ضرور ڪري سگهون ٿا. خود **قليچ** جيڪي ڪجهه اسان کان لهڻي، آهو ڪيس ڏيون. جيڪڏهن اڄ به اسان پنهنجي روايتي بي حسيءَ کان ڪم ورتو، ته پوءِ اسين تحت الثريٰ کان گهٽ پري ناهيون!

قليچ اسان ڪي جيترو ڏنو آهي، اوترو ته ڇا پر اسين سنڌ جي هن عظيم فرزند ڪي ڏئي ڪجهه نه سگهيا آهيون.

سچ ته اهو آهي ته خود س. ا. ب رڳو **قليچ** جا ڪتاب ڇپائي، يا سيڪريٽريءَ جي آفيس ۾ سندس تصوير ٽنگي، پنهنجي فرضن کان آجو نٿو ٿي سگهي.

قليچ جي هن ڪتاب تي ”ڇپائيندڙ پاران“ لکڻ لاءِ مون گهڻي کان گهڻو وقت ورتو. جاويد مرزا ان ڏس ۾ مون ڪي ايترا ڀيرا ته ياد ڏياريو، جو پوءِ نيٺ ياد ڏيارڻ ئي ڇڏي ڏنائين.

آفيس کان گهر، گهر کان آفيس، ڪتاب جي ڊمي ساڻ هوندي هيم، پر لکي ڪجهه به نه سگهيو هئس. ”سنڌي وياڪرڻ“ جا چارئي ڀاڱا منهنجا پڙهيل هئا؛ ير وري به پڙهڻا پيا ـ ۽ قليچ جي تحرير کي پڙهندي پڙهندي آن ۾ ايترو ته کوئجي ٿي ويس، جو پنهنجي کوج به نٿي لهي سگهيس. ائين مون سان تڏهن به ٿيو هو، جڏهن ”زينت“ کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو هئم اڪيڊمي ادبيات لاءِ. ترجمو ڪندي ڪندي ناول پڙهڻ ۾ کوئجي ويندو هئس.

”سنڌي وياڪرڻ“ پڙهندي پڙهندي، **قليچ** جو زمانو ياد اچي ويندو هو. ڇا ته زمانو هو! **قليچ** جي حيدرآباد ياد اچي ويندي هئي. ڇا ته حيدرآباد هئي! اسان اهو دور ڏٺو ڪونه، رڳو ڪتابن ۾ پڙهيو. آن دور ڪيڏا نه وڏا ماڻهو پيدا ڪيا. ڪتاب لکيا هئا ۽ ڇپيا هئا. جيڪي هر موضوع تي هوندا هئا، مواد ۽ ڇپائيءَ جي لحاظ کان معياري هوندا هئا. محفلون، مشاعرا، ڪانفرنسون ٿينديون هيون. ناٽڪ اسٽيج ٿيندا هئا.... اهو دور سنڌي ادب جو نهايت اهم دور آهي ۽ ان تي مڪمل اڀياس اچڻ گهرجي. ۽ انهيءَ سڄي دور ۾ **مرزا قليچ بيگ** نمايان آهي.

س. ا. ب هن ڪتاب جي نئين ڇاپي جو پهريون ايڊيشن ١٩٦٠ع ۾ ڇپيو آهي. ٣٢ هن سالن کانپوءِ آن جو ٻيو ايڊيشن ڇپجي رهيو آهي. صورتحال اها هئي ته ڪتاب جي چئن ڀاڱن مان چوٿون ڀاڱو خود س. ا. ب ۾ به نه هو، جي هو به ته آن کي اڌوهيءَ کائي ڇڏيو هو ۽ اهو ڀاڱو سنڌالاجيءَ مان هٿ ڪري ڪمپوز ڪرڻو پيو.

هيئنر ته پرائمري اسڪولن ۾ گرامر الڳ مضمون نه آهي، پر جيئن **قليچ** سنڌي وياڪرڻ جي ڀاڱو ٻيو جي ديباچي ۾ لکيو آهي، ته هي ڪتاب شاگردن کانسواءِ عام پڙهندڙن لاءِ به ڪارائتو ٿيندو ـــ مان ته اڃا به اهو چوندس ته اسان جي لکندڙن کي به هن ڪتاب مان لاڀ پرائڻ گهرجي.

سيد امداد حسيني

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

٢٤-٩-١٩٩٢ع

ڄام شورو، سنڌ.

سنڌي وياڪرڻ

(ٻيو ڀاڱو)

سنڌي وياڪرڻ

ڀاڱو پهريون

باب پهريون - "جملو"

(١) سج اڀري ٿو.

هتي سج جي اڀرڻ جي ڳالهه ڪجي ٿي.

(٢) پکي آڏامي ٿو.

هتي پکيءَ جي آڏامڻ جي ڳالهه ڪجي ٿي.

جڏهن اسين ڳالهايون يا لکون ٿا، تڏهن ڪي لفظ ڪم آڻيون ٿا. لفظ گڏي، اسين اهڙيءَ ريت سٽون ٺاهيون ٿا، اهڙيءَ هرهڪ سٽ مان پورو مطلب نڪري ٿو.

هرهڪ سٽ، جنهن مان پورو مطلب نڪري، تنهن کي چئبو آهي "جملو".

يا هيئن چئبو: "جملو"، هڪ لفظن جو ميڙ آهي، جنهن مان پورو مطلب نڪري ٿو.

(١) گوپال ڪڏ تي .... ڇوڪر راند ....

هن قسم جون سٽون، جن مان پورو مطلب نٿو نڪري، تن کي "جملو" نه چئبو.

مٿين سٽن ۾ ڪي اهڙا لفظ وجهو، جيئن انهن مان پورو مطلب نڪري.

جملي جا ڀاڱا

(١) سج اڀري ٿو.

هتي اسين "سج" جي ڳالهه ڪريون ٿا، ۽ هيءَ ڳالهه ڪريون ٿا ته "اڀري ٿو."

(٢) پکي آڏامي ٿو.

هتي اسين "پکيءَ" جي ڳالهه ڪريون ٿا، ۽ هيءَ ڳالهه ڪريون ٿا ته "آڏامي ٿو".

(٣) گلاب ڪراچيءَ وڃڻو آهي.

هتي اسين "گلاب" جي ڳالهه ڪريون ٿا، ۽ هيءَ ڳالهه ٿا ڪريون ته "ڪراچيءَ وڃڻو آهي".

مٿين سڀني مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته هرهڪ جملي جا ٻه ڀاڱا آهن:

ڀاڱو پهريون	ٻيو ڀاڱو
سج	اڀري ٿو.
پکي	آڏامي ٿو.
گلاب	ڪراچيءَ وڃڻو آهي.

هر هڪ جملي جا جيڪي ٻه ڀاڱا آهن، سي هي آهن:
(۱) جنهن بابت ڳالهه ڪجي ٿي (۲) جيڪي ان بابت چئجي ٿو.
۴. هيٺين جملن مان ٻڌايو ته هرهڪ ۾ ڪنهن جي ڳالهه ڪيل آهي ۽ انهيءَ بابت ڇا چيل آهي؟
(۱) ڇوڪرو وهنجي ٿو. (۲) بدن صاف رکجي.
(۳) گلاب گهمي ٿو. (۴) گلاب سڀني کي وڻي ٿو.
۵. پنهنجا چار جملا ڏاهي، اهي هيٺينءَ جدول (نقشي) ۾ ڪاٽڻ، ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڏيکاريو. (ڏسو باب اوڻيهون).

باب ٻيو- "ڳالهائڻ جا لفظ"

(۱) "اِسم"

۶. گلاب آيو. احمد ويو. سيتا لکيو. مريم سبيو.
گلاب، احمد، سيتا ۽ مريم، ماڻهن جا نالا آهن.
حيدرآباد، قليلي ۽ منڇر، مڪانن (جاين) جا نالا آهن.
ماڻهو، لشڪر، گهوڙو ۽ ڇڇر، ساهه وارن جا نالا آهن.
وڻ، ڪٽ، دلو، انب ۽ ڏيک، شين جا نالا آهن.
جنگ، ويڙهه، ناچ ۽ هلت، ڪمن جا نالا آهن.
ڀلائي، سيٺپ، ڏاهپ ۽ ڪرلائي، خاصيتن جا نالا آهن.
جواني، پيري، غريبي ۽ ٻانهپ، حالتن جا نالا آهن.
مٿين سڀني نالن کي، "اسم" چئبو آهي. ۽ "اسم" معنيٰ نالو.
ڪنهن ماڻهوءَ يا ٻئي ڪنهن ساهه واري، مڪان (جاءِ)، شئي، ڪم، خاصيت يا حالت جي نالي کي "اسم" چئبو آهي. (ڏسو باب ستون).

(۲) "فعل"

۷. (۱) گلاب، هتي آهي. هن سٽ ۾ "آهي" لفظ جي وسيلي، گلاب جي "هئڻ" جي ڳالهه ڪجي ٿي.
(۲) گهوڙو ڊوڙيو. هتي "ڊوڙيو" لفظ جي وسيلي، گهوڙي جي ڳالهه ڪجي ٿي، ته هن ڊوڙڻ جو ڪم ڪيو.
(۳) ڇوڪر مار کاڌي. هتي "کاڌي" لفظ جي وسيلي، ڇوڪر جي مار کائڻ جي ڳالهه ڪجي ٿي يعني اهو "کاڌي" لفظ، ڄاڻائي ٿو ته ڇوڪر تي مار جو ڪم ٿيو.
اهو لفظ جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ يا ڪنهن تي، ڪنهن ڪم ٿيڻ جي معنيٰ نڪري، تنهن کي چئبو آهي "فعل". ٿورن لفظن ۾ چئبو ته: "فعل" اهو لفظ آهي، جنهن جي وسيلي ماڻهن يا شين وغيره بابت ڪجهه چئي سگهجي.

(٣) ”ضمير“

٨. (١) گلاب کي سڏيم، پر گلاب نه آيو. هن جي بدران چئبو ته گلاب کي سڏيم، پر ”هو“ نه آيو. هتي ”هُو“ جو لفظ، اسم ”گلاب“ جي بدران ڪم آيو آهي.

(٢) گوپال، گوپال کي بچايو. هن جي بدران چئبو ته: گوپال ”پاڻ“ کي بچايو، هتي ”پاڻ“ جو لفظ اسم ”گوپال“ جي بدران ڪم آيو آهي.

اهو لفظ، جو ڪنهن اسم جي بدران ڪم اچي، تنهن کي ”ضمير“ چئبو آهي (ڏسو باب اٺون).

(٤) ”صفت“

٩. (١) گوبند ”ڏاهو“ چوڪر آهي.

(٢) هُو ”ڏنگو“ آهي.

پهرين ۽ ٻئي سٽ ۾ ”ڏاهو“ لفظ، ”چوڪر“ (گوبند) سان لاڳو ٿي، هن جي خاصيت (خاص ڳالهه) ڄاڻائي ٿو، جنهنڪري خبر پوي ٿي ته چوڪر، ڪهڙي قسم جو آهي؟ ٻي ۽ ٻئي سٽ ۾ ”هُو“ جو لفظ، ضمير آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن ڇوڪر جي ڳالهه ڪجي ٿي، تنهن جي نالي بدران ”ڪم“ آيو آهي. ”هُو“ (ماڻهو)، جنهن جي ڳالهه ڪجي ٿي، تنهن بابت اسين چئون ٿا ته هو ”ڏنگو“ آهي. هتي ”ڏنگو“ جو لفظ، ضمير ”هو“ سان لاڳو ٿي، ان بابت ڪا خاص ڳالهه يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائي ٿو، جنهنڪري خبر پوي ٿي ته هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟

اهو لفظ، جو ڪنهن اسم يا ضمير سان لاڳو ٿي، هن جي خاصيت (خاص ڳالهه يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائي، تنهن کي ”صفت“ چئبو آهي. (ڏسو باب نائون)

(٥) ”ظرف“

١٠.

(١) چوڪر ”هيٺئر“ پڙهيو. ڪڏهن؟ هيٺئر (وقت)

(٢) چوڪر ”اندر“ پڙهيو. ڪٿي؟ اندر (جاءِ)

(٣) چوڪر ”آهستي“ پڙهيو. ڪيئن؟ آهستي (ريت)

(٤) چوڪر ”گهڻو“ پڙهيو. ڪيترو؟ گهڻو (قدر)

(٥) چوڪر ”ڪين“ پڙهيو.

”ڪين“ لفظ ناڪار جي معني ڏيکاري ٿو. ”هيٺئر“، ”اندر“، ”آهستي“، ”گهڻو“ ۽ ”ڪين“ لفظ فعل ”پڙهيو“ سان لاڳو ٿي، پڙهڻ بابت وڌيڪ حقيقتون

ڄاڻائين ٿا. اهڙيءَ طرح، جيڪو لفظ، ڪنهن فعل سان لاڳو ٿي، ان بابت ڪا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائي، تنهن کي ”ظرف“ چئبو آهي.

(٦) تو تمام چڱو ڪم ڪيو. هتي ”چڱو“ لفظ ”صفت“ آهي. انهيءَ صفت سان ”تمام“ لفظ لاڳو ڪيو اٿئون ته خبر پوي ته تو جيڪو ڪم ڪيو، سو ڪيترو قدر چڱو هو؟ اهو ”تمام“ لفظ ”ظرف“ آهي. اهڙيءَ طرح صفت سان به ظرف لاڳو ٿئي ٿو.

(٧) هُو تمام تڪڙو لکي ٿو.

هتي ”تڪڙو“ لفظ ظرف آهي، جو ”لکي ٿو“ سان لاڳو ٿي، لکڻ جي ”ريت“ ڏيکاري ٿو، جنهنڪري خبر پئي ٿي ته هُو ڪيئن لکي ٿو. ظرف ”تڪڙو“ سان ”تمام“ لفظ لاڳو ڪيو اٿئون، ته خبر پئي ته هُو ڪيترو قدر تڪڙو لکي ٿو. هتي ”تمام“ لفظ ظرف آهي، جو ٻئي ظرف ”تڪڙو“ سان لاڳو ٿي، قدر جي معنيٰ ڄاڻائي ٿو.

ظرف اهو لفظ آهي جو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿئي ٿو ۽ منجهانئس ”وقت“، ”جاءِ“، ”ريت“ ”قدر“ يا ”ناڪار“ جي معنيٰ نڪري ٿي. ٿورن لفظن ۾ چئبو: ظرف اهو لفظ آهي جو ڪنهن ”فعل“، ”صفت“ يا ٻئي ”ظرف“ سان لاڳو ٿي، ان بابت ڪجهه وڌيڪ حقيقت ڄاڻائي ٿو. (ڏسو باب سترهون)

اشارو: جڏهن ڪو ظرف، ڪنهن ٻئي ظرف يا صفت سان لاڳو ٿئي ٿو، تڏهن ان مان فقط قدر جي معنيٰ نڪري ٿي.

(٦) ”حرف جر“

١١. (١) ڇوڪر باغ ۾ ويو. (٢) ڇوڪر باغ مان ويو.

پهرئين جملي ۾ ”باغ“ جي پٺيان ”۾“ جو لفظ وڌو اٿئون، ته جيئن خبر پوي ته ڇوڪر، باغ منجهه (اندر) ويو. ٻئي جملي ۾ ”باغ“ جي پٺيان ”مان“ جو لفظ وڌو اٿئون، ته جيئن خبر پوي ته ڇوڪر، باغ منجهان (ٻاهر) ويو. مطلب ته ”باغ“ جي لفظ جي پٺيان، جدا جدا لفظ ڪم آندا اٿئون، ته جيئن جملي جي ريت سڌي ٿئي ته ”باغ“ لفظ جو ”ڇوڪر“ ۽ فعل ”ويو“ (يعني وڃڻ جي ڳالهه) سان ڪهڙو واسطو يا لاڳاپو آهي.

(٣) گوبند، هن کان ڏجي ٿو. ”هن“ جو لفظ، ضمير آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن نياڪڻ جي بدران ڪم آيو آهي. ”هن“ ضمير جي پٺيان، ”کان“ جو لفظ

وڌو اٿئون ته جيئن "مَن" ضمير جو، جملي جي ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکاري، جنهن کري چئبو ته ريت سڌ پوي ته گوبند، ڪنهن کان ڏجي ٿو؟

اهو لفظ، جو ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان اچي، ۽ آن جو لاڳاپو جملي جي ٻين لفظن سان ڏيکاري، تنهن کي "حرف جر" چئبو آهي.

(٧) "حرف جملو"

٠١٢ (١) طوطو، ڏڏ ۽ ڪچڻي ڪاڻي ٿو.

هتي "۽" جو لفظ ڪم آڻڻ ڪري، ڏڏ ۽ ڪچڻيءَ جي ڳالهه گڏي ڪجي ٿي.

(٢) چوڪر رنو. پيٽس ڪليو.

هي ٻيئي جملا گڏي چئبو ته "چوڪر رنو ۽ پيٽس ڪليو."

(٣) چاچو گهر ۾ يا اوطاق ۾ هوندو.

"گهر ۾" ۽ "اوطاق ۾"، هن جملي جا ڀاڱا آهن.

انهن ٻنهي ڀاڱن جي ڳالهه، گڏي ڪرڻ لاءِ، "يا" جو لفظ ڪم آيو آهي.

اهو حرف، جو ٻن لفظن، جملن يا جملي جي ٻن ڀاڱن کي گڏي، ڳالهه ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو، تنهن کي "حرف جملو" چئبو آهي. "حرف جملو" معنيٰ، جوڙ ڪندڙ (ملائيندڙ) يا ڳنڍيندڙ حرف.

(٨) "حرف ندا"

٠٠٣ (١) واه! واه! مون کي انعام مليو. "واه! واه!" (خوشي)

(٢) افسوس! هئو مري ويو. "افسوس!" (ڏک)

(٣) مار! هيڏو وڇون. "مار!" (عجب)

(٤) شل! مان انعام کٽان. "شل!" (خواهش يا سڌ)

(٥) ٿُو! ڏاڍ ڪتي ٿي ڪئي. "ٿو!" (نفرت يا ڌڪار)

(٦) اڙي! هيڏانهن اچ. "اڙي!" (سڏ)

هن طرح سڏ ڪرڻ توڙي دل جي جدا جدا حالت جهڙوڪ "خوشي"، "ڏک"، "عجب"، "خواهش"، ۽ "ڌڪار" وغيره ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي لفظ زبان سان ڳالهائجن ٿا. انهن سڀني قسمن جي لفظن کي چئبو آهي "حرف ندا". "ندا" معنيٰ سڏ يا دانهن.

"حرف ندا" اهو لفظ آهي، جو سڏ ڪرڻ يا دل جي ڪنهن حالت ظاهر ڪرڻ مهل وات مان ڪڍجي ٿو.

اشارو: جيڪي "حرف ندا" آهن، سي جملي ۾ گهڻو ڪري الڳ ڪري بيهاريا آهن، جيئن مٿي واه! واه! مار! ۽ ٻيا لفظ ڌار ڪري بيهاريا اٿئون.

١٤. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾، جيڪو جيڪو لفظ وات مان ڪڍجي ٿو، سو مٿين اٺن قسمن مان، هڪ نه ٻئي قسم جو ضرور هوندو. مطلب ته ٻوليءَ جا سڀ لفظ انهن آٺن قسمن ۾ وراهيل آهن. انهن سڀني قسمن جي لفظن کي گڏي چئبو آهي "ڳالهائڻ جا لفظ".

١٥. هر هڪ لفظ سڃاڻڻ، ته مٿين آٺن قسمن مان ڪهڙي قسم جو آهي، تنهن کي چئبو آهي "ترڪيب."

١٦. هيٺين جملن ۾ جيڪي لفظ ڪم آيل آهن، تن جي ترڪيب ڪريو:

(١) انگريزن، سنڌ تي ڪاهه ڪئي.
(٢) مياڻيءَ وٽ لڙائي لڳي.
(٣) مير شير محمد وڏو لشڪر آندو.
(٤) حبشي هوش محمد، تمام گهڻي بهادري ڏيکاري.
(٥) هن انگريزن جا ڪيترا ماڻهو ماريا ۽ ڦٽيا.
(٦) سڀني چيو: مار! هيءُ ڏڍو پهلوان مڙس ٿو ڏسجي.
(٧) نيٺ انگريزن ماريس، پر سندس قبر جوڙايائون.
(٨) هوش محمد جي قبر حيدرآباد واري قلعي ۾ آهي.

باب ٻيون - "جنس"

١٧. (١) مرد آيو. زال آئي.
(٢) گهوڙو ڊوڙيو. گهوڙي ڊوڙي.

مرد ۽ گهوڙو، نر آهن. زال ۽ گهوڙي، ماديون آهن. جيڪي لفظ نر جي معني ڏيکارين، تن کي "مذڪر" (نر) ۽ جيڪي ماديءَ جي معني ڏيکارين، تن کي "مونث" (مادي) چئبو آهي.

مطلب ته: اسمن جون ٻه جنسون آهن: (١) جنس مذڪر. (٢) جنس مونث.

(٣) هو آيو. هوءَ آئي.
(٤) جو آيو سو ويو. جا آئي، سا ويئي.

"هو"، "جو" ۽ "سو"، جا لفظ ضمير آهن ۽ انهن جي جنس، "مذڪر" آهي.
"هوءَ"، "جا" ۽ "سا" جا لفظ به ضمير آهن ۽ انهن جي جنس، "مونث" آهي.
اهڙيءَ طرح، ضميرن جون به ساڳيون اهي ٻه جنسون آهن.

(٥) ڪٽولو پڪو. ڪٽولي پڪي.
(٦) شيشو ڪريو. شيشي ڪري.

ڪتولو ۽ شيشو، جنس "مذڪر" آهن. ڪتولي ۽ شيشي جنس "مونث" آهن. اهڙي طرح، ٻي ڀاڱن شين جون به ساڳيون اهي ٻه "جنسون" آهن.

اشارو: سنڌيءَ ۾ جنس، ٻه ڀاڱا ڪانهي.

۱۸. هيٺين جملن ۾ جيڪي اسم ۽ ضمير ڪم آيا آهن، تن جون جنسون ٻڌايو:

(۱) اڳي "مرد"، کيتي ڪندا هئا. (۲) "زالون"، گهر جي ڪرت ڪار ڪنديون هيون. (۳) "ڪنارا"، ڳايون چارينداهئا. (۴) "ڏيڍون"، ڳاين ڏهڻ جو ڪم ڪنديون هيون. (۵) اڳي اڙين پوڙهن جي ورچ ڏيل هئي. (۶) سڀ خوش گذاريندا هئا.

"مونث پڇاڙيون"

۱۹. زال نٿ، ۽ ڪٿ، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "ٿ" جو اچار آهي. "ٿ" پڇاڙيءَ وارا سڀ اسم، سدائين مونث آهي.

۲۰. گنگا، جمنا، بلا ۽ گلا، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "ا" جو اچار آهي. "ا" پڇاڙيءَ وارا اسم، گهڻو ڪري مونث آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پڇاڙيءَ وارا ڪي ٿورا اسم، مذڪر به آهن. مثلاً—راجا، لالا ۽ ديوتا.

۲۱. چت، پت ۽ دل، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾، "ِ" جو اچار آهي. "ِ" پڇاڙي وارا اسم، گهڻو ڪري مونث آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پڇاڙيءَ وارا ڪي ٿورا مذڪر، اسم به آهن. مثلاً—سيٺ، قيصر ۽ خضر.

۲۲. ٻيٻي، گهوڙي ۽ دليي، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "اي" جو اچار آهي. "اي" پڇاڙيءَ وارا اسم، گهڻو ڪري مونث آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پڇاڙيءَ وارا ڪي ٿورا مذڪر، اسم به آهن. مثلاً—ڪٽي، حلوائي، پاڻي ۽ موتي.

اشارو: آ، آ، اِ ۽ اي سان نڪ جو اچار به گڏجي ٿو.

مذڪر پڇاڙيون

۲۳. ڀاڻ، آٽ، نڪ ۽ چپ، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "ُ" جو اچار آهي. "ُ" پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري مذڪر آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پڇاڙيءَ وارا ٿورا اسم، مونث به آهن. مثلاً. ماڪ، ڏند ۽ وڄ.

۲۴. گوپُو، واڌُو، واڳهُو، ۽ ڪدُو، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "وُ" جو اچار آهي. "اوُ" پڇاڙيءَ وارا اسم، گهڻو ڪري مذڪر آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پڇاڙيءَ وارا ڪي ٿورا اسم، مونث به آهن. مثلاً "ڪنُوُ" ۽ "وهوُ" معنيٰ "زال" يا "نهن".

۲۵. جمعو، گوبندو، گهڙو ۽ دلو، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "او" جو اچار آهي. "او" پڇاڙيءَ وارا سڀ لفظ، مذڪر آهن.

اشارو: سينهن، وڇون ۽ هندائو. اهڙيءَ طرح، ڪن لفظن ۾ "ُ" "اوُ" ۽ "او" سان، نڪ جو اچار به گڏجي ٿو.

اسمن جي جنس پروڙڻ جون واٽون.

٢٦. پاڻي ڪارو آهي. ڪڇڙي ڪاري آهي. اهڙيءَ طرح، صفت لاڳو ڪرڻ سان، اسمن جي جنس معلوم ڪري سگھجي ٿي. پر سنڌي ٻوليءَ جي سچي بڇي خوبي* هيءَ آهي ته اسمن جي پڇاڙين مان، جنس جي پروڙ پوي ٿي. اهي پڇاڙيون جملي ست آهن، جن جو ذڪر، مٿي ڪيو ويو آهي.

"آ، آ، ا، اي" (مونث) - "ُ، اوُ ۽ او" (مذڪر) انهن مان "آ"، پڇاڙيءَ وارا سڀ اسم، سدائين مونث آهن ۽ "او" پڇاڙيءَ وارا سڀ اسم، سدائين مذڪر آهن. باقي "آ، اِ، اِي ۽ ا" پڇاڙين وارا گھڻو ڪري مونث ۽ ُ ۽ اُو پڇاڙين وارا گھڻو ڪري مذڪر آهن.

مذڪر مان، مونث جوڙڻ جون واٽون.

٢٧. گھوڙو، مونث گھوڙي. ڪتولو، مونث ڪتولي.

"گھوڙو" ۽ "ڪتولو" لفظن سان، پڇاڙيءَ وارو "او" جو اچار ڪڍي، "اي" پڇاڙيءَ ۾ گڏجي ٿي.

(الف) ڇوڪرو، ان جو مونث ڇوڪري يا ڇوڪر. اهڙيءَ طرح، ڪن حالتن ۾ "اي" بدران "ا" پڇاڙي به ڪم اچي ٿي. آٽ، ان جو مونث آٽِ ۽ گڏهه، ان جو مونث گڏهه.

مطلب ته جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "ُ" اچي ٿو، تن جي مونث جوڙڻ لاءِ "ُ" ڪڍي، اڪثر "ا" پڇاڙي گڏبي آهي.

(ب) لالا، پيشوا، هاٿي، هندو ۽ ٻين اهڙن مذڪر اسمن جي پٺيان، مونث پڇاڙي "اِي" گڏڻ ٿي مشڪل آهي، تنهنڪري اهڙن ڪيترن لفظن مان مونث لفظ جوڙي نٿو سگھي، پر ڪن مان هيٺينءَ ريت جڙي ٿو:

هاٿي، ان جو مونث: هاٿياڻي - هاٿڻي - هاٿڻ. هندو، ان جو مونث: هندواڻي - هندڻاڻي - هندڻي - هندڻ.

ڪيترن "او" ۽ "ُ"، پڇاڙين وارن مذڪر اسمن جو مونث به انهيءَ نموني جڙيل آهي. مثلاً: ماڙيچو، ان جو مونث: ماڙيچاڻي - ماڙيچڻي - ماڙيچڻ.

پروچ، ان جو مونث: پروچاڻي - پروچڻي - پروچڻ. ڏير، ان جو مونث: ڏيراڻي. شينهن، ان جو مونث: شينهڻ.

مطلب ته، عام قاعدو هي آهي، ته مذڪر مان مونث جوڙڻ لاءِ، "اي" پڇاڙي گڏبي آهي، جنهن جو گھٽيل اچار "ا" آهي. ڪيترين حالتن ۾، مونث پڇاڙي

---

* انگريزي ٻوليءَ ۾ اها خوبي ڪانهي.

"اِي" جي اُڳيان، "آڻ" وجهي، "آڻي" پڇاڙي ٿابي آهي، جنهن جو آچار ڪهڻائي آڻ - اڻ ٻه ڪبو آهي.

(ث) عام طرح، مذڪر مان مونث جوڙبو آهي، پر ڪن ٿورين حالتن ۾، مونث مان مذڪر لفظ ٺهيا آهن.

مثلاً: ناني - نانو، مامي - مامو، ڀڻي - ڀڻو ۽ رن - رنڙو.

٢٨. ڪانءُ - ڪانويلي، گدڙ - گدڙي ۽ ٻگهڙ - ٻگهياڙي. اهڙيءَ طرح، ڪن لفظن جو مونث بيقاعدي ٺهيل آهي.

اشارو: هنن بيقاعدي ٺهيل مونث لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ به "اِي" جو آچار آهي، تنهنڪري ڄاڻڻ گهرجي ته سنڌيءَ ۾ مونث پڇاڙي "اِي"، بلڪل عام آهي.

اشارو ٢: ڪو مرد - ڪا زال ۽ سو ماڻهو - سا زال. اهڙيءَ طرح، مونث پڇاڙي "آ"، ڪن ضميرن ۾ ڪم اچي ٿي.

٢٩. ڪن مذڪر اسمن لاءِ نرالا مونث لفظ ٺهرايل آهن. مثلاً:

مذڪر	مونث	مذڪر	مونث
ابو	امان	پتا	ماتا
ڀاءُ	ڀيڻ	پٽ	ڌيءُ
پيءُ	ماءُ	ڏاند	ڳانءِ يا ڳئون
ڏاگهو	ڏاچي	راجا	راڻي
سانُڍهن	مينهن	سهرو	سس
ڪونهون يا پاڏو	وڇ	ڳورپٽ	گورنهاري
ڇهٽو	رڍ	گهوٽ	ڪنوار
مڙس	جوءِ	مرد	زال
مور	ڊيل	ميان	بيبي
نر	مادي	—	—

اشارو: ڪن اسمن جو مونث، ڪونه جڙندو آهي.

مثلاً: ڏڌ، تارو، ٻوڙو، چيلانو، ڪانڌ يعني مڙس ۽ پيا.

باب چوٿون - "عدد"

٣٠. (١) گهوڙو ڊوڙيو يعني هڪ گهوڙو ڊوڙيو.

(٢) گهوڙا ڊوڙيا يعني ٻه يا گهڻا گهوڙا ڊوڙيا.

پوئين مثال ۾ "گهوڙو" جو آچار ڦيرائي "گهوڙا" ڪيو اٿئون ۽ ڄاڻايو ته گهوڙن جو عدد هڪ کان وڌيڪ آهي. "هڪ" کي "واحد" چئبو آهي. "واحد"

معنيٰ هڪ. هڪ ڪان وڌيڪ، يعني ٻن يا گهڻن کي "جمع" چئبو آهي. جمع معنيٰ گهڻا: "گهوڙو"، عدد واحد آهي. "گهوڙا" عدد جمع آهي.

ٻيا مثال: (۳) هڪ مائي آئي (۴) چار مايون آيون.

"مائي"، عدد واحد آهي. "مايون" عدد جمع آهي.

(۵) هڪ دلو ڀڳو. پنج دلا ڀڳا. "دلو"، عدد آهي. "دلا"، عدد جمع آهي.

اهڙيءَ طرح، بيجان شين جا ٻه اهي ساڳيا عدد جاڻڻا آهن.

۳۱. هيٺين مثالن مان اسم چونڊيو ۽ ٻڌايو ته انهن جو عدد واحد آهي يا جمع؟

(۱) ڏتي جي ويجهو مڪليءَ نالي هڪ ٽڪري آهي.

(۲) اُتي ڪيتريون سهڻيون قبرون آهن.

(۳) ٽڪريءَ جي پرسان هڪ ڪوهه آهي.

(۴) اهو ڪوهه، اهڙيءَ ريت ٺهيل آهي، جو ماڻهو، اُن ۾ اندر وڃي مجلسون ڪندا آهن.

(۵) هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺهيل آهي.

(۶) برسات ۾ اهو ڪوهه، پاڻيءَ سان ڀرجي پوندو آهي.

واحد مان، جمع جوڙڻ جون واٽون

۳۲. مونث اسمن جو جمع.

(الف) ڪت، جمع ڪتون. ٻلا، جمع ٻلائون. ڀت، جمع ڀتيون. راڻي، جمع راڻيون ۽ وڄ، جمع وڄون. مطلب ته آ، آ، لا، اي ۽ آ، پڇاڙين وارن مونث اسمن جو جمع، اون پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهي ٿو.

اشارو: ماءُ، جمع مائون، مائر، يا مائرون.

ڌيءُ، جمع ڌيئون، ڌيئر، يا ڌيئرون.

ڀيڻ، جمع ڀيڻون، ڀينر، يا ڀينرون.

اهڙيءَ طرح ڪي ٿورا بيقاعدي ٺهيل لفظ آهن.

(ب) ٿوهنو، گنڊو يا ڳڙون، لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ اڳيئي "او" (اون) جو آچار آهي. اهڙن لفظن پٺيان جمع واري "اون" پڇاڙي گڏبي ته آچار ساڳيو "اون" قائم رهندو، تنهنڪري چئبو ته اهڙا اسم، واحد توڙي جمع ۾ هڪ جهڙا آهن.

۳۳. مذڪر اسمن جو جمع

(الف) گدا، پيشوا، خضر، ڪيهر، حلوائي، ڏوڏي ۽ ٻيا اهڙا مذڪر اسم، جن جي پڇاڙيءَ ۾ آ، ل، يا ۽ اي آهي، تن جو جمع، اڪثر ٿڪو جڙي ٻه راڄا جو

جمع راجائون ۽ سيٺ جو جمع سيٺيون چوندا آهن. اهڙيءَ طرح، مونث لفظن وانگر، ”آون“ پڇاڙيءَ گڏڻ سان انهن جو جمع ٺهي ٿو.

اشارو: سيٺ + آون = سيٺيون. ”ٺ“ جو اُچار پاڻمرادو پيدا ٿئي ٿو.

(ب) **واڳُون، ڪدُو، ماڻهو، وڇون ۽ ٻيا لفظ جن جي پڇاڙيءَ ۾ ”او“ (آون)** جو اُچار آهي، تن جو جمع ڪونه جڙندو آهي. اهي واحد توڙي جمع ۾ هڪ جهڙا آهن.

(پ) آٺُ، جمع آٺَ ۽ گڏهُه، جمع گڏهَه، ٻڪرُ، جمع ٻڪرَ يا ٻڪرا. مطلب ته ”اُ“ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جو جمع، عام طرح ”آ“ پڇاڙيءَ ۾ **گڏڻ** سان ٺهي ٿو، پر ڪن حالتن ۾ ”آ“ بدران ”اَ“ پڇاڙي به ڪم اچي ٿي.

(ڀ) گهوڙو، جمع گهوڙا ۽ ڪتو، جمع ڪتا. اهڙيءَ طرح، جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”او“ اچي ٿو، تن جي جمع جوڙڻ لاءِ، ”او“ ڪڍي، ”آ“ پڇاڙي **گڏجي** ٿي.

٣٤. هندُو، جمع هندُوئو! يعني اي هندو لوڪو! ماءُ، جمع مائرو! يعني اي **مائُون** يا ماتائُون!

اهڙيءَ طرح مذڪر توڙي مونث جي پٺيان، ”او“ پڇاڙي **گڏبي** ته اهڙا جمع اسم، سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا.

اشارو: اَڏيرو، آيئون، آوسان، ٻيون، ڪٿيون، ۽ ٻيا ڪي لفظ، هميشه جمع ۾ ڪم ايندا آهن.

حاصل مطلب

٣٥. سنڌيءَ ۾ جمع واريون پڇاڙيون جملي ٽي آهن:

(١) ”آون“ پڇاڙي: ڪَٽ - ڪَٽون، ٻلا - ٻلائون ۽ ڪَنڌ - ڪَنڌون. اهڙيءَ طرح مونث اسمن جو جمع، عام طرح، ”آون“ پڇاڙيءَ **گڏڻ** سان ٺهي ٿو. راجا - راجائون ۽ سيٺ - سيٺيون. اهڙيءَ طرح انهن پڇاڙين وارن، ٿورن **مذڪر** اسمن جو جمع به ”آون“ پڇاڙيءَ **گڏڻ** سان ٺهي ٿو.

(٢) مذڪر پڇاڙي ”اُ“، جنهن جو گهڻيل اُچار ”آ“ مثلاً: **ڇوڪرو**، جمع ڇوڪرا يا ڇوڪرَ. گڏهُه، جمع گڏهَه.

(٣) ”او“ پڇاڙي، جا مذڪر توڙي مونث اسمن جي پٺيان گڏبي، ته اهي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا. مثلاً: ڀينرو! ڀائرو! دوستو! ۽ ٻيا.

باب پنجون - "حالت"

(۱) حالت فاعلي.

۳۶. (۱) سج اڀريو. هتي فعل آهي "اڀريو"، جو اسم، "سج" بابت ڪجهه چئي ٿو.

(۲) هُو آيو. هتي فعل آهي "آيو"، جو ضمير، "هُو" بابت ڪجهه چئي ٿو.

اسين سکيا آهيون ته "فعل" اهو لفظ آهي، جنهن مان 'هڻڻ'، 'ڪرڻ'، 'سهڻ' يا ڪنهن ٻي ڪنهن 'ڪم ٿيڻ' جي معنيٰ نڪري ٿي. جنهن ماڻهوءَ يا شئي وغيره بابت ڪو به فعل، انهن ٽن ڳالهين مان ڪا به ڳالهه ڄاڻائي، تنهن کي "فاعل" چئجي ٿو، ۽ ان جي حالت "فاعلي" چئجي ٿي. ٿورن لفظن ۾ چئبو ته:

اهو اسم يا ضمير، جنهن بابت فعل جي وسيلي ڪا ڳالهه ڪجي ٿي، آن کي 'فاعل' چئبو آهي، ۽ آن جي حالت 'فاعلي' چئجي ٿي.

۳۷. هيٺين جملن ۾، جن اسمن يا ضميرن جي حالت فاعلي هجي، سي چونڊيو: (۱) استاد آيو. (۲) ڇوڪرا آئي ويٺا. (۳) سڀني سلام ڪيو. (۴) ٻار پڙهڻ لڳا. (۵) گهنڊ لڳو. (٦) موڪل ملي.

اشارو: ڇوڪرا! خط لک. هتي "ڇوڪرو" لفظ جو آچار ڦيرائي ڪجي ٿو "ڇوڪرا" جو لفظ، سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم آيو آهي. جملي ۾، جو اسم، سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم اچي، تنهن جي حالت کي "ندا" چوندا آهن. ندا معنيٰ سڏ. حالت ندا، سچ پچ ته حالت 'فاعليءَ' جو هڪ نرالو قسم آهي، تنهنڪري ڪن صاحبن جو رايو آهي ته هتي "ڇوڪرا" لفظ کي "ندا جو فاعل يا اسم" Nominative Address سڏجي. ڪن جو وري رايو آهي ته جنهن صورت ۾ "ڇوڪرو" جو آچار ڦري ڇوڪرا يا ڇوڪر ٿئي ٿو، تنهن صورت ۾ حالت ندا هڪ ڌار حالت ليکجي.

(۲) حالت مفعولي

۳۸. (۱) ڪتي ڏوڙي ٿو. هتي فعل، "ڏوڙي ٿو" اسم، "ڪتيءَ" بابت ڪجهه چئي ٿو، تنهنڪري "ڪتي" فاعل آهي. هيءَ جملو، پنهنجيءَ جاءِ تي پورو آهي يعني آن مان جهان مطلب نڪري ٿو، پر اها سڌ ڪانه ٿي پوي ته ڪتي ڇا ٿو ڏوڙي؟ جيڪڏهن چئبو ته "ڪتي چادر ڏوڙي ٿو" ته پوءِ بلڪل پورو مطلب سمجهڻ ۾ ايندو. هتي فاعل آهي "ڪتي" ۽ جنهن شيءِ تي هن جي ڪم (ڏوڙڻ) جو اثر ٿئي ٿو، سا آهي "چادر".

(۲) هتي لڏون رکيو هو؛ گوپال آهو ڪاڏو.

هتي ”اهو“ لفظ ضمير آهي، ڇاڪاڻ ته اسم ”لڏونء“ بدران ڪم آيو آهي. مٿين جملي جي پوين لفظن ۾ ”گوپال“ آهي فاعل ۽ هن جي ڪم (کاڻ) جو اثر جنهن شيء تي ٿئي ٿو، سا آهي ”اهو“ (لڏون).

اهو اسم يا ضمير، جنهن تي فعل وارو ڪم يا ڪم جو اثر ٿئي، تنهن کي چئبو آهي ”مفعول“ ۽ ان جي حالت مفعولي چئجي ٿي.

مفعول معنيٰ، جنهن تي ڪو ڪم ٿئي.

٣٩. هيٺين جملن مان مفعول چونڊيو:

(١) نوڪر ميز چنڊي. (٢) مون گل سنگهيو.
(٣) تون خط لک. (٤) احمد رانديڪا گهرا.
(٥) گوبند ڪتاب پڙهي ٿو. (٦) گلاب ماني کاڌي.

جملي ۾ جو اسم يا ضمير، 'مفعول' آهي، تنهن جي حالت 'مفعول' چئجي ٿي.

(٣) حالت جري

٤٠. (١) ”گوپال، راند تان موٽيو“. هتي ”راند“ لفظ جي پٺيان ”تان“ حرف جر آيو آهي، جو گوپال جو ”راند“ سان، توڙي موٽڻ جي ڳالهه سان واسطو يا لاڳاپو ڏيکاري ٿو، تنهنڪري ”راند“ جي حالت جري چئبي.

(٢) ”گوبند، هن کان ڊڄي ٿو“. هتي ”هن“، ضمير جي پٺيان ”کان“ حرف جر آيو آهي ۽ ”هن“ جو ”گوبند“ سان توڙي ڊڄڻ جي ڳالهه سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو، تنهنڪري ”هن“ جي حالت جري چئبي.

(٣) ”احمد جو خط آيو“. هتي ”احمد“ جي پٺيان ”جو“ حرف ڪم آيو آهي ۽ ان جو ”خط“ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو، جنهنڪري خبر پوي ٿي ته جيڪو خط آيو، سو احمد جو هو. هتي ”احمد“ جي حالت جري چئبي.

اشارو: 'جو'، 'سندو' ۽ 'وارو' لفظ، اضافت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا ۽ اهي، جن اسمن يا ضميرن جي پٺيان اچن ٿا تن جي حالت 'اضافت' آهي ۽ جا مالڪي يا ٻي نسبت ڏيکاري ٿي. هلندڙ رواج موجب حالت 'اضافت' کي حالت 'جريء' ۾ گڏي ڇڏيو اٿن، ڪن صاحبن جو رايو آهي ته حالت اضافت ڌار حالت ليکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اها فقط ٻن اسمن جي پاڻ ۾ مالڪي يا لاڳاپو ڏيکاري ٿي.

جنهن اسم يا ضمير جي پٺيان حرف جر اچي ۽ ان جو جملي جي ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکاري، تنهن اسم يا ضمير جي حالت جري چئبي.

٤١. هيٺين جملن ۾، جن اسمن يا ضميرن جي حالت جري هجي، سي چونڊيو:

(١) ٻوٻڪن ۾ غاليچا ٺهندا آهن.
(٢) ڦٽي جون لونگيون سهڻيون آهن.
(٣) اسان هالن مان هندورو گهرايو.
(٤) اسان سڀني کي ديسي هنرن کي زور وٺائڻ گهرجي.

(٤) حالت جري

٤٢. (١) نوڪر ڳوٺان (ڳوٺئون) آيو.

ڳوٺان يا ڳوٺئون معنيٰ، ڳوٺ مان يا ڳوٺ کان (حالت جري). هتي ڪوبه حرف جر ڪم نه آيو آهي، تہ بہ "ڳوٺ" لفظ جي حالت جري آهي، سببان "آن"- "اون" پڇاڙيءَ جي، جا حرف جر جو ڪم ڏئي ٿي.

(٢) نوڪر ڳوٺ ويو. "ڳوٺِ" معنيٰ ڳوٺ ۾ يا ڳوٺ ڏي. هتي بہ "ڳوٺ" لفظ جي حالت جري آهي، سببان (ــِ) يعني "اِ" پڇاڙيءَ جي، جا حرف جر جو ڪم ڏئي ٿي.

(٣) "ٻار ڪڏان ڪِريو". هن جي بدران چئبو تہ "ٻار ڪَڏ تان ڪِريو."
(٤) "ٻار ڪڏِ ڪريو"، بدران چئبو "ٻار ڪَڏ تي ڪِريو".

مطلب تہ سنڌيءَ ۾ حالت جريءَ جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ آن (اون) ۽ "اِ" پڇاڙيون مقرر ٿيل آهن، جي 'حرف جر' جو ڪم ڏين ٿيون. پر اهي پڇاڙيون، سڀ ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان نہ ڳنڍيون آهن، تنهنڪري انهن جي بدران عام طرح حرف جر ڪم آڻجن ٿا.

٤٣. هيٺين جملن مان اهڙا اسم چونڊيو، جن ۾ حالت جريءَ واريون مقرر ٿيل پڇاڙيون ڳنڍيل هجن:

(١) مان هيئر 'گهران' ٿو اچان.
(٢) اهو ڪم رکيو تنهنجي 'هٿان' ٿيندو.
(٣) منهنجي 'واتان' هڪڙو حرف بہ ڪونہ نڪتو.
(٤) مان 'وسئون' ڪين گهٽائيندس.
(٥) ڇوڪرو گهر ويو.
(٦) مون کي اها ڳالهہ من نڪا چٽ هئي.

دؤر

٤٤. اسمن ۽ ضميرن جون حالتون، هيٺينءَ ريت معلوم ڪيون آهن:

(١) جملي ۾، جنهن اسم يا ضمير بابت، فعل ڪجهہ چوي يعني هئڻ، ڪرڻ يا سهڻ مان ڪا ڳالهہ ڄاڻائي، تنهن کي "فاعل" چئجي ٿو ۽ ان جي حالت "فاعلي" چئجي ٿي.

(٢) جملي ۾ جنهن اسم يا ضمير تي، فعل واري ڪم جو اثر ٿئي، تنهن کي ”مفعول“ چئجي ٿو ۽ ان جي حالت ”مفعولي“ چئجي ٿي.

(٣) جنهن اسم يا ضمير جي پٺيان، ڪو به حرف جر اچي ۽ ان جو جملي جي ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکاري، يا انهيءَ لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ حرف جر بدران ڪا مقرر ٽيل پڇاڙي ڪم اچي، ته ان اسم يا ضمير جي حالت ”جري“ چئبي.

٤٥. اسم يا ضمير جو، جملي ۾، ٻين لفظن سان جيڪو لاڳاپو آهي، يا انهيءَ لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ جيڪا* ڦيرڦار، ان اسم يا ضمير جي صورت ۾ ٿئي ٿي، تنهن کي ”اسم يا ضمير“ جي حالت چئجي ٿي.

باب ڇهون - ”اسمن جو ڦيرو“

٤٦.	واحد	جمع
فاعلي -	ڇوڪرو اچي ٿو	ڇوڪرا اچن ٿا
مفعولي -	ڇوڪرو بچاءِ	ڇوڪرا بچايو
جري -	ڇوڪري کي سڏ	ڇوڪرن کي سڏيو
	ڇوڪري سان وڃ	ڇوڪرن سان وڃو
	ڇوڪري کان پاسي ٿي	ڇوڪرن کان پاسي ٿيو

٤٧.	واحد	جمع
فاعلي -	ڇوڪري اچي ٿي	ڇوڪريون اچن ٿيون
مفعولي -	ڇوڪري بچاءِ	ڇوڪريون بچايو
جري -	ڇوڪريءَ کي سڏ	ڇوڪرين کي سڏيو
	ڇوڪريءَ سان وڃ	ڇوڪرين سان وڃو
	ڇوڪريءَ کان پاسي ٿي	ڇوڪرين کان پاسي ٿيو

٤٨. اسم کي مٿين حالتن ۾، واحد توڙي جمع ۽ مذڪر توڙي مونث جي صورتن ۾ ڦيرائڻ کي ”اسم جو ڦيرو“ چئجي.

٤٩. ”ڇوڪرو“ لفظ جو ڦيرو، جو مٿي ڪيو ويو آهي، تنهن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته پهريائين ڇئون ٿا ڇوڪرو، جمع ڇوڪرا. جڏهن ڪو به حرف جر انهن لفظن جي پٺيان ڪم آڻيون ٿا، تڏهن ”ڇوڪرو“ جو آچار ڦيرائي ڪريون ٿا ”ڇوڪري“ ۽ جمع چئون ٿا ”ڇوڪرن“.

(*) ڪن لفظن پٺيان ”آ“ جو آچار آهي، سو ڪڏهن آن (آون) يا ”اِ“ پڇاڙي ڪڏهي، ڪوئي با ڪن لفظ ناهجن ٿا. اها ڦيرڦار حالت ڏيکاري ٿي.

ساڳيءَ طرح "ڇوڪري" جمع "ڇوڪريون"، ير حرف جر ڪم آڻڻ ڪان پوءِ آچار ڦيرائي ڪريون ٿا "ڇوڪريءَ" جمع "ڇوڪرين".

هنن لفظن جي اها صورت جيڪنهن حرف جر ڪڏڻ ڪان پوءِ ساڳي رهي ٿي، تنهنڪري هن کي "عام صورت" چئجي ٿو. هاڻ چئبو ته مٿين اسمن جو ڦيرو هن طرح ٿيندو آهي:

(١) واحد	جمع
فاعلي - ڇوڪرو	ڇوڪرا
عام صورت - ڇوڪري	ڇوڪرن

(٢) واحد	جمع
فاعلي - ڇوڪري	ڇوڪريون
عام صورت - ڇوڪريءَ	ڇوڪرين

٥٠- واحد | جمع

واحد	جمع
فاعلي - ڪٽ پڳي	ڪٽون پڳيون
مفعولي - ڪٽ وڃاءِ	ڪٽون وڃايو
جري - ڪٽ تي ويهه	ڪٽن تي ويهو
ڪٽ کي جوڙ	ڪٽن کي جوڙيو
ڪٽ جو پائو پڳو	ڪٽن جا پاوا پڳا

هتي "ڪٽ" لفظ جو آچار، سڀني حالتن ۾ ساڳيو رهيو آهي، تنهنڪري اهاڻي انهيءَ لفظ جي "عام صورت" چئبي.

٥١. عام صورت سمجهڻ لاءِ ڪي مثال وٺو.

مثلاً: راجا، سيٺ، آٽ ۽ واڳهو. هاڻ هنن لفظن جي پٺيان ڪهڙو به حرف جر ڪم آڻيو:

راجا کي سلام ڪر.	سيٺ کي سڏ ڪر.
آٽ کي هڪل.	واڳهوءَ کان پاسي ٿيءُ.

هتي "آٽ" جو آچار ڦري ٿيو آهي "آٽ" ۽ "واڳهو" جو "واڳهوءَ". اها انهن لفظن جي "عام صورت" چئبي. "راجا" ۽ "سيٺ" لفظن جي پٺيان حرف جر ڪم اچڻ ڪري، انهن لفظن جي صورت ۾ ڪابه ڦيرڦار ڪانه ٿي ٿئي، تنهنڪري اها ئي سندين عام صورت چئبي.

٥٢. اسم جي اها صورت، جا سڀني حالتن ۾، يا هر ڪنهن حرف جر جي پٺيان اچڻ ڪان پوءِ ساڳي رهي، تنهن کي "عام صورت" چئجي ٿو.

حاصل مطلب

٥٣. (١) سنڌيءَ ۾، ڪن اسمن جي صورت، عدد واحد ۾، هڪ ڦيرو کائي ٿي. مثلاً: "ڇوڪرو" جو آڇار ڦيري ٿئي ٿو "ڇوڪري". "اٺُ" جو "اٺَ" ۽ "واڳهُ" جو "واڳهه".

(٢) ڪن اسمن جي صورت، عدد واحد ۾، اهو هڪ ڦيرو به نٿي کائي. مثلاً: ڪٽ، راڄا ۽ سيٺ لفظن جو آڇار، سڀني حالتن ۾ ساڳيو رهي ٿو.

(٣) ڇوڪرو جمع ڇوڪرا، پر عام صورت، جمع ڇوڪرن. ڇوڪري جمع ڇوڪريون. پر عام صورت، جمع ڇوڪرين. ڪٽ جمع ڪٽون، پر عام صورت، جمع ڪٽن.

اهڙيءَ طرح، عام صورت جمع ۾ سڀ اسم، ڇا مذڪر ڇا مونث، "آن"، "اِن" يا "اُن" پڇاڙي وٺن ٿا.

ٻاڻو ڀڱو
باب ستون - "اسمن جا قسم"
اسم خاص ۽ اسم عام

٥٤. (١) اڪبر بادشاهه سنڌ ۾ ڄائو هو.

"اڪبر" هڪ بادشاهه جو نالو آهي. ڪنهن به بادشاهه کي "بادشاهه" ڪوٺي سگهبو، پر سڀڪنهن بادشاهه کي "اڪبر" نه ڪوٺبو، ڇاڪاڻ ته "اڪبر" خاص ڪنهن هڪ بادشاهه جو نالو آهي.

"سنڌ" هڪ پرڳڻي جو نالو آهي. ڪنهن به پرڳڻي کي "پرڳڻو" ڪوٺبو، پر سڀڪنهن پرڳڻي کي "سنڌ" نه ڪوٺبو، ڇاڪاڻ ته اهو نالو خاص ڪنهن هڪ پرڳڻي تي رکيل آهي.

(٢) حضرت عليءَ جي خچر جو نالو دلدل هو.

ڪنهن به خچر کي "خچر" ڪوٺبو، پر سڀڪنهن خچر کي "دلدل" نه ڪوٺبو، ڇاڪاڻ ته اهو نالو خاص ڪنهن هڪ خچر تي رکيل آهي.

(٣) هو "گلشڪر" پڙهي ٿو.

"گلشڪر" هڪ ڪتاب جو نالو آهي. سڀڪنهن ڪتاب کي "ڪتاب" ڪوٺبو، پر سڀڪنهن ڪتاب کي گلشڪر نه ڪوٺبو، ڇاڪاڻ ته اهو نالو، خاص ڪنهن هڪ ڪتاب تي رکيل آهي.

هنن مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪي نالا خاص ۽ ڪي عام آهن. مٿين مثالن مان ٻنهي قسمن جا نالا ڌار ڪري هيٺ ڏيکارجن ٿا:

عام نالو	خاص نالو
باد شاهه	اڪبر
پرڳڻو	سنڌ
خچر	دلدل
ڪتاب	گلشڪر

٥٥. اهو لفظ، جو ڪنهن ماڻهوءَ يا ٻئي جاندار يا بيجان شئي يا مڪان جو خاص طرح ٺهرايل نالو هجي، تنهن کي ”اسم خاص“ چئجي ٿو.

٥٦. اهو نالو جو هڪڙي قسم جي جاندار يا بيجان شين لاءِ هڪ جهڙو هجي، يا هر هڪ سان لاڳو ٿي سگهي، تنهن کي ”اسم عام“ چئجي ٿو.

٥٧. هيٺين جملن مان اسم خاص ۽ اسم عام چونڊيو:

(١) حيدرآباد کي اڳي نيرن ڪوٽ چوندا هئا.
(٢) جيڪب آباد جو اصلوڪو نالو خان ڳڙهه آهي.
(٣) بدين جو شهر اصل سانول پور سڏبو هو.
(٤) ٿرپارڪر جي پاسي اڳي سمنڊ هو، جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ ڏي هو.
(٥) قدرتي ڏيهه ڪري حالتون ڦري وييون.
(٦) سمنڊ جي نشاني هاٿوڪيون ٿر جون ڀٽون آهن.

اِسم ذات

٥٨. (١) اچاڻ، ساوڪ، ڀلائي ۽ صفائي خاصيتن جا نالا آهن.
(٢) ڪل، چرچو، ويڙهه ۽ جنگ، ڪمن جا نالا آهن.
(٣) ٻالاپڻ، جواني، جهنگليپڻو ۽ ٻانهپ، حالتن جا نالا آهن.
انهن ٽنهي قسمن جي نالن کي گڏي ”اسم ذات“ چئبو آهي،
ڪنهن خاصيت، ڪم يا حالت جي نالي کي ”اسم ذات“ چئبو آهي.

٥٩. هيٺين جملن مان اسم ذات چونڊيو:

(١) سچ هڪ وڏو گڻ آهي. (٢) نمرتا سکَ. (٣) رحم ۾ ٻيڻي برڪت آهي.
(٤) غريبن تي قياس ڪر. (٥) آپ ۾ ڳاڙهاڻ ڏس. (٦) ڌڻيءَ جي وڏائي ڳاءِ.
(٧) پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوڙين سواري، ننڍي هوندي جو نه سکي، وڏي خواري.

اشارو: ٻنچات، سپاهه، فوج، لشڪر، ڌڻ ۽ ٻيا اهڙا لفظ، جي ڪنهن ميڙ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا، سي اسم جمع Collective Noun آهن، پر اهي سنڌي گرامر موجب ”اسم عام ڪري ليکيا آهن.

چانور، اٽو، سون ۽ لوهه، اسم جنس Material Noun آهن، پر اهي به ”اسم عام“ ليکجن ٿا.

”صفاتي ۽ ذاتي اسمن جو فرق“

٦٠. اسم خاص ۽ اسم عام، انهن ٻنهي کي گڏي ”صفاتي اسم“ Concrete Noun چئبو آهي. اهي اکين سان ڏسي سگهجن ٿا ۽ انهن کي هٿ لائي سگهجي ٿو. مثلاً: برف اهڙي شيءِ آهي جا اکين سان ڏسبي ۽ هٿ ۾ کڻي سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح جيڪي صفاتي اسم (خاص ۽ عام) آهن تن سڀني کي جسم آهي، تنهنڪري اهي، ظاهري حواسن (ڪن، هٿ، اک، چپ ۽ نڪ) سان معلوم ٿي سگهن ٿا. ڪنهن ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن سياڻپ هوندي ته ”سياڻپ“ اهڙي شيءِ نه آهي جا هٿ ۾ کڻي يا چپ سان چکي سگهجي. ساڳيءَ طرح، برف جي اڇاڻ، ٿڌاڻ ۽ لساڻ يا لسائي اهڙيون شيون نه آهن، جي برف کان ڌار ڪري، هٿ ۾ کڻي سگهجن. انهن بابت رڳو دل ۾ ويچار ڪري چئجي ٿو ته برف ۾ هيءَ هيءَ خاصيتون آهن. هاڻ چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته صفاتي ۽ ذاتي اسمن جي وچ ۾ هيءُ تفاوت آهي:

جيڪي صفاتي اسم (خاص ۽ عام) آهن، تن سڀني کي جسم آهي، تنهنڪري اهي ظاهري حواسن سان معلوم ڪري سگهجن ٿا. جيڪي ذاتي اسم آهن سي فقط خاصيتن، ڪمن ۽ حالتن جا نالا آهن. انهن کي جسم ڪونهي، تنهنڪري انهن جو رڳو پنهنجي من يا دل ۾ ويچار ڪجي ٿو.

باب اٺون- ضميرن جا قسم

(١) ”ضمير خالص“

٦١. (١) آءٌ اچان ٿو. مان وڃان ٿو. مون کاڌو.

(٢) تون آچ. تو ڇا چيو؟

گلاب کي سڏيم، پر هو هليو ويو.

جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪا ڳالهه ڪندو آهي، تڏهن پنهنجي نالي ڳنهن بدران ”آءٌ“، ”مان“ يا ”مٺوز“ لفظ ڪم آڻيندو آهي. اهي لفظ ضمير آهن، ڇاڪاڻ ته ڳالهه ڪندڙ ماڻهوءَ جي نالي بدران ڪم اچن ٿا. اهڙن ضميرن کي ”ضمير متڪلم چئبو آهي. ”متڪلم“ معنيٰ، جنهن جي وات مان ڪلام نڪري يعني جو ڳالهائي. آءٌ، مان، مون ۽ اسين ”ضمير متڪلم“ جا مثال آهن!

حاضر ماڻهو، جنهن سان ڳالهائبو آهي، تنهن جي نالي بدران "تون" يا "تو" لفظ ڪم آڻبو آهي، تنهنڪري اهي لفظ به ضمير آهن. اهڙن ضميرن کي "ضمير حاضر" چئبو آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن سان ڳالهائبو آهي، سو ضرور اکين اڳيان حاضر هوندو آهي. تون، تو، توهين ۽ اوهين، "ضمير حاضر" جا مثال آهن.

مٿين ٽئين جملي ۾ "گلاب"، جنهن جي ڳالهه ڪجي ٿي، تنهن جي نالي بدران "هُو" لفظ ڪم آندو اٿئون، تنهنڪري "هُو" لفظ ضمير آهي. اهڙن ضميرن کي "ضمير غائب" چئبو آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن ٽياڪڙ جي ڳالهه ڪجي ٿي، سو يا ته غائب يعني گم يا غير حاضر آهي، يا جي حاضر آهي ته به ساڻس ڪونه ٿو ڳالهائجي، پر مندس رکي ڳالهه ڪجي ٿي. هُو، اُو، هُن ۽ انهن، "ضمير غائب" جا مثال آهن.

انهن ٽنهي ضميرن کي "ضمير خالص" چئبو آهي. خالص، معنيٰ نج. اهي ٽي ئي، لڄيءَ يا خاص طرح، فقط ماڻهن سان لاڳو ٿين ٿا، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿن. ياد ڪريو ته ضمير خالص ٽي آهن:

(١) متڪلم يعني ڳالهائيندڙ، (٢) حاضر يعني جنهن سان ڳالهائجي، (٣) غائب يعني اهو ٽياڪڙ جنهن جي ڳالهه ڪجي ٿي.

٦٢. ضمير خالص جا ڦيرا

واحد	جمع
فاعلي — آءٌ، مان	آسين
عام صورت — مون	اسان

واحد	جمع
فاعلي — تون	توهين، اوهين
عام صورت — تو	توهان، اوهان

واحد	جمع
فاعلي — هُو (مونث هُوءَ)	هُو، اُو
عام صورت — هُن، اُن	هُنن، اُنهن

٦٣. ضميري پڇاڙيون

واحد	جمع
ڀائم، ڀاڻم = منهنجو ڀاءُ	—
ڀائهي، ڀاءُ = تنهنجو ڀاءُ	ڀاڻهو = توهان جو ڀاءُ
ڀائس، ڀاڻس = هن جو ڀاءُ	ڀاڻن = هنن جو ڀاءُ

هن طرح، ماڻٽي ڏيکاريندڙ اسمن (پيءُ، ماءُ، ڌيءُ وغيره) جي پٺيان اهي پڇاڙيون عام طرح گڏبيون آهن، ته اهي "ضمير خالص" جو ڪم ڏينديون آهن.

ڪَنهن ڳَنهَرس يعني ڪوهه ۾ (ڪڏ ۾) ڀوي هن جو گهر. اهڙيءَ طرح، ڪن ٻين اسمن جي پٺيان به ساڳئي مطلب لاءِ اهي پڇاڙيون ڪم اچن ٿيون.

٦٤. واحد	جمع
ونم = مون وٽ	ونهئون يا وڏون = اسان وٽ
وٽءِ = تو وٽ	ونوَ = توهان وٽ
ونس = هن وٽ	ونن = هنن وٽ

اهڙيءَ طرح، حرف جر جي پٺيان به اهي پڇاڙيون گڏبيون آهن.

اشارو: ضمير متڪلم جمع واري "هئون، آون" واري پڇاڙي، اسمن جي پٺيان نه گڏبي آهي.

٦٥. واحد	جمع
اٿم = مون کي آهي	اٿئون = اسان کي آهي
اٿيئي = تو کي آهي	اٿوَ = توهان کي آهي
اٿس = هن کي آهي	اٿن = هنن کي آهي

اهڙيءَ طرح، ڪن فعلن جي پٺيان به اهي پڇاڙيون گڏي سگهجن ٿيون. (ڏسو باب ڏهون)

٦٦. ضميري پڇاڙيون، هيٺئين نقشي ۾ ڌار ڌار ڏيکارجن ٿيون:

ضمير	واحد	جمع
متڪلم	م	هؤن، آؤن، ئون
حاضر	ءِ (اِي)	وَ
غائب	س	ن

٦٧. مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ضمير خالص ٻن قسمن جا آهن:

(١) سچا لفظ، جهڙوڪ آءٌ، تون ۽ هو.

(٢) پڇاڙين وارا، جن کي 'متصل' يا گڏيل ضمير چئبو آهي.

متصل يا گڏيل ضمير آهي آهن جي ڪنهن اسم، حرف جر يا فعل جي پٺيان، پڇاڙين يا نشانن وانگر ڪم اچن ٿا.

٦٨. هيٺين جملن ۾ جن لفظن جي بدران ضميري پڇاڙيون هجن، تن جي معني ٻڌايو. مثلاً: منجهس = هن منجهه.

(١) ونس وڃ، (٢) چئينس تہ سگهو اچ، (٣) نہ اچي تہ خوشي سنديس. (٤) هينئر ونن پئسو ڪونهي. (٥) ماستر چيو اٿوَ، تہ سبق ياد ڪريو.

(٢) "ضمير اشارو"

٦٩. گوپال کي ماڻس هيو لڏون ڏيئي چيو تہ "هيءَ تون ڪاءِ ۽ هوءَ ڀاءُ لاءِ رک".

هتي هيءَ لفظ، انهيءَ لڏونءَ ڏي اشارو ٿو ڪري، جو پرسان يا ويجهو آهي ۽ "هو" لفظ ٻئي لڏونءَ ڏانهن اشارو ٿو ڪري، جو پري آهي.

اهڙا ضمير، جي ڪن اسمن ڏي اشارو ڪن، تن کي "ضمير اشارو" چئبو آهي.

اهي ٻن قسمن جا آهن:

(١) جيڪي ضمير ڪنهن ويجهي ماڻهوءَ يا شيءِ وغيره ڏي اشارو ڪن، تن کي "ضمير اشارو ويجهو" چئبو آهي. مثلاً: هيءَ، ايءَ.

(٢) جيڪي ضمير ڪنهن ڏورانهين ماڻهوءَ يا شيءِ وغيره ڏانهن اشارو ڪن، تن کي "ضمير اشارو ڏور" چئبو آهي. مثلاً: هوءَ، آءٌ.

٧٠- ضمير اشارو ويجهو-ڦيرو

	مذڪر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي	هيءَ	هيءِ، (اهي)	هيءَ	هيءِ
عام صورت	هن	هنن	هن	هنن

اشارو: ضمير اشارو ڏور جو ڦيرو، ضمير غائب جهڙو آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ مان ضمير غائب، ڪم ٿي ويو آهي، تنهنڪري 'هوءَ ۽ آهي' لفظ، جي ضمير 'اشارو ڏور' آهن، سي ڪم اچي، پورائي پيا ڪريون.

(٣) ضمير مشترڪ

٧١. (١) "گوپال، گوپال کي بچايو." هن جي بدران چئبو تہ گوپال پاڻ کي بچايو. هن جملي ۾ فاعل آهي "گوپال" ۽ جنهن کي بچايائين سو بہ ساڳيو پاڻ آهي، تنهنڪري چئبو تہ جملي جو جيڪو فاعل آهي، سو ئي ساڳيو مفعول آهي.

(٢) آءٌ پاڻ يا خود ايندس. هن جي معني تہ ٻيو ڪونہ ايندو، پر آءٌ پاڻ (پنهنجي سر) ايندس. اٿين ڳالهہ کي زور ڏيڻ لاءِ بہ "پاڻ" يا "خود" لفظ ڪم آئبو آهي. پاڻ، خود، پنڊ ۽ پنهنجو لفظ ضمير مشترڪ آهن. اهي ضمير ٻن مطلبن لاءِ ڪم آئبا آهن:

(١) فاعل کي زور ڏيڻ لاءِ (٢) ٻن ڳالهه ڄاڻائڻ لاءِ ته جملي ۾ جيڪو فاعل آهي سو ئي ساڳيو مفعول آهي.

اهو ضمير، جو جملي ۾ فاعل جي بدران (مفعول ٿي) ڪم اچي، يا جو ضمير خالص کي زور ڏيڻ لاءِ ڪم اچي، تنهن کي "ضمير مشترڪ" چئبو آهي.

مشترڪ معنيٰ شريڪ ٿيندڙ. اهو نالو آن تي هن ڪري رکيو اٿن جو پاڻ، خود ۽ پنهنجو لفظ، جي ضمير مشترڪ آهن، سي فاعل سان شريڪ يا لاڳو ٿين ٿا.

٧٢. هيٺين جملن ۾ ضمير مشترڪ چونڊيو ۽ ٻڌايو ته اهي فاعل جي بدران ڪم آيا آهن يا رڳو ضمير خالص کي زور ڏيڻ لاءِ ڪم آيا آهن:

(١) توهين پاڻ ۾ ڏهي وڃو ته چڱو.

(٢) تون پاڻ چؤ ته مون ڇا چيس؟

(٣) پنهنجو، ڪم ايندو، ڌاريو، ڪم نه ايندو.

٧٣. "پنهنجو" لفظ جو ڦيرو

	مذڪر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي	پنهنجو	پنهنجا	پنهنجي	پنهنجون
عام صورت	پنهنجي	پنهنجن	پنهنجيءَ	پنهنجن

(٤) "ضمير استفهام"

٧٤. ڪير آيو؟ ڪهڙو آهين؟ ڇا ڪپڙي؟ ڪجاڙو تون چوين؟ هتي ڪير، ڪهڙو، ڇا ۽ ڪجاڙو لفظ، سوال پڇڻ لاءِ ڪم آيا آهن. ڪير، معنيٰ ڪهڙو ماڻهو. ڪهڙو، معنيٰ ڪهڙو ماڻهو يا ڪم. ڇا، معنيٰ ڪهڙي شيءِ. مطلب ته اهڙا سوال پڇڻ جا لفظ، ڪن اسمن بدران ڪم اچن ٿا، تنهنڪري ضمير آهن. اهڙن ضميرن کي چئبو آهي "ضمير استفهام". فهم، معنيٰ سمجهه يا ڄاڻ. ضمير استفهام، معنيٰ اهو ضمير، جو ڄاڻڻ يا سمجهڻ گهري ٿو (سوالن پڇڻ سان). مطلب ته:

ضمير استفهام، اهو ضمير آهي، جو سوال پڇڻ يا پڇا ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو.

٧٥. (١) تون ڪير آهين؟ "ڪير" رڳو ماڻهوءَ سان لاڳو ٿئي ٿو.

(٢) ڪهڙو ماڻهو؟ ڪهڙو ڪتاب؟ ڪهڙو ڪم؟ "ڪهڙو" لفظ ماڻهن، شين ۽ ڪمن سان لاڳو ٿئي ٿو.

(٣) ڇا وٺان؟ ڇا چوان؟ "ڇا" شين ۽ ڪمن سان لاڳو ٿئي ٿو.

(۴) ڪچاڙو ڪهڙي؟ ڪچاڙي لاءِ ٻيڻو آهين؟ "ڪچاڙو" شين ۽ ڪمن سان لاڳو ٿئي ٿو.

۷۶. "ڪير" جو ڦيرو

واحد	جمع
فاعلي ـ ڪيرُ (مونث: ڪيرَ)	ڪير
عام صورت ـ ڪنهن	ڪن

۷۷. "ڪهڙو" جو ڦيرو

مذڪر		مونث	
واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي ـ ڪهڙو	ڪهڙا	ڪهڙي	ڪهڙيُون
عام صورت ـ ڪهڙي	ڪهڙن	ڪهڙيءَ	ڪهڙين

۷۸. هيٺين سٽن مان ضمير استفهام چونڊيو:

(۱) گلاب کي ٻاهر ڪير پيو سڏي؟

(۲) تو کي ڇا کپي؟ (۳) ڪچاڙو ڪهڙ جيئي؟

(۴) هنن راندڪن مان توکي ڪهڙو ٿو وڻي؟

(۵) "ضمير موصول"

۷۹. هيءُ اهو ڪتاب آهي. ڪتاب مون ڳوليو پئي. هي ٻئي جملا ڳنڍي چئبو ته "هيءُ اهو ڪتاب آهي، جو مون ڳوليو پئي". هتي "جو" لفظ "ڪتاب" جي بدران ڪم آيو آهي، تنهنڪري "ضمير" آهي ۽ اهو ٻن جملن کي ڳنڍي ٿو، تنهنڪري ضمير موصول آهي. موصول، معنيٰ ڳنڍيندڙ (وصل=ڳنڍ، ميلاپ). هيءُ اهو ڪتاب آهي، جيڪو مون ڳوليو پئي. "جيڪو"، ضمير موصول آهي.

هيءُ اهو ڪپ آهي. ڪپ جي تو پڇا ٿي ڪئي. هيءُ ٻئي جملا ڳنڍي چئبو ته "هيءُ اهو ڪپ آهي، جنهن جي تو پڇا ٿي ڪئي". هتي "جنهن" لفظ، ضمير موصول آهي.

اهو لفظ، جو ڪنهن اسم جي بدران جملي ۾ ڪم اچي ٿو ۽ ان کي ٻئي جملي سان ڳنڍي ٿو، تنهن کي ضمير موصول چئبو آهي.

٨٠- ”جو“ جو ڦيرو

	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي-	جو	جي	جا	جي
عام صورت-	جنهن	جن	جنهن	جن

٨١- ”جيڪو“ جو ڦيرو

فاعلي- جيڪو	جيڪي	جيڪا	جيڪي
عام صورت- جنهن ڪنهن	جن ڪن	جنهن ڪنهن	جن ڪن

٨٢. هيٺين سٽن ۾ ضمير 'موصول' چونڊيو.

(١) ننگر پارڪر ۾ هڪ ٽڪري آهي، جا ”ڪارونجهر“ جي نالي سان سڏجي ٿي. (٢) ٽڪريءَ جون چهه قطارون آهن، جن جي وچ ۾ ڪيترن هنڌ واريءَ آهي.

(٣) آتي واريءَ سان گڏ ٻٽر آهن، جن مان ڪي روهيءَ جهڙا ڪارا ته ڪي داڻ جهڙا ڳاڙها آهن. (٤) سنڌ ۾ اها ئي هڪ ٽڪري آهي، جنهن مان بعضي بعضي خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. چاڪاڻ جو اها ٻرندڙ جبل جو قسم آهي. (٥) ٽڪريءَ تي ڪيترا وڻ ۽ ٻوٽا آهن، جن مان جڳهي پيدائش ٿئي ٿي.

(٦) ”ضمير جواب موصول“

٨٣. جو ٻئي جي لاءِ ڪڏ ڪندو، سو پاڻ کڏ ۾ ڪرندو. هتي ”سو“ لفظ جو لاڳاپو ”جو“ لفظ سان آهي يعني آن جي جواب ۾ ڪم آيو آهي. ”جنهن چيو تنهن ڪيو“. هتي ”تنهن“ لفظ جو لاڳاپو ”جنهن“ لفظ سان آهي يعني آن جي جواب ۾ ڪم آيو آهي. ”جو“ ۽ ”جنهن“ لفظ ضمير موصول آهن ۽ ”سو“ ۽ ”تنهن“ لفظ، جي انهن جي جواب ۾ آيا آهن، سي ضمير جواب موصول آهن.

ضمير جواب موصول اهو آهي، جو ضمير موصول جي جواب ۾ (لاڳاپو رکي) ڪم اچي ٿو.

٨٤. ”سو“ جو ڦيرو

	واحد	جمع
فاعلي-	سو، مونث: سا	سي
عام صورت-	تنهن	تن، تنن، تنهن

٨٥. هيٺين جملن مان ضمير جواب موصول ڪڍي ٻڌايو:

(١) جيڪي اوهان ڪيو سو چڱو.

(٢) مون ني جيڪا ڳالهه چوندا، سا مڃيندس.

(٣) جنهن ڪونه خيال ڪيو، تنهن چڱو نه ڪونه ڪم ڪيو.

(٤) جن سان صحبت رکجي، تن سان نباهجي.
(٥) جي نه سنڀاليندا، سي پڇتائيندا.
(٦) چڱا سي، جن جا ڀويان به چڱا.

(٧) ضمير مبهم

٨٦. (١) منهنجو رپيو ڪو کڻي ويو. "ڪو"، معنيٰ ڪو ماڻهو، تنهنڪري "ڪو" لفظ ضمير آهي، پر اهو ضمير ڪهڙي اسم بدران ڪم آيو آهي، سو ڄاڻو ڄاڻائجي.

(٢) ڪا چوي ته گوبند مڱيو ۽ ڪا چوي ته پرڻيو. هتي "ڪا" معنيٰ ڪا زال، تنهنڪري "ڪا" لفظ ضمير آهي، پر اهو ضمير، ڪهڙي اسم جي بدران ڪم آيو آهي، سو ڄاڻو ڄاڻجي.

(٣) هن پيتيءَ ۾ ڪي لڪل آهي. هتي "ڪي" لفظ، انهيءَ اسم جي بدران ڪم آيو آهي، جنهن جي پوريءَ طرح خبر ڪانهي.

اهو ضمير، جنهن مان اها خبر ڪانه ٿي پوي ته ڪهڙي اسم جي بدران ڪم آيو آهي، تنهن کي ضمير 'مبهم' چئبو آهي. مبهم معنيٰ ڳجهو يا نامعلوم يعني جنهن جي لکت يا ڄاڻ نه پوي. 'ڪو'، 'ڪي'، 'ڪنهن' ۽ 'ڪجهه'، ضمير مبهم جا مثال آهن.

٨٧. ڪو ماڻهو، ڪو جانور، ڪو رانديڪو، ڪو ڪم. اهڙيءَ طرح، "ڪو" لفظ، جاندار، توڙي بيجان شين ۽ ڪمن سان لاڳو ڪبو آهي. ڪي ڪپڙي؟ ڪجهه ڏيانءِ؟ اهڙيءَ طرح، "ڪي" ۽ "ڪجهه" لفظ، رڳو شين سان لاڳو ٿين ٿا. "ڪي" ۽ "ڪجهه" جو ڦيرو نه ٿيندو آهي.

٨٨. "ڪو" جو ڦيرو

جمع	واحد
ڪي	فاعلي ــ ڪو، مونث: ڪا
ڪن	عام صورت ــ ڪنهن

اشارو: گوبند کي ڪنهن ماريو؟ "ڪنهن" ضمير استفهام. گوبند کي ڪنهن ماريو ٿو ڏسجي. "ڪنهن" ضمير مبهم.

سڄي باب جو مطلب

٨٩. سنڌيءَ ۾ ضمير ستن قسمن جا آهن:

(١) ضمير خالص، اهي ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا سڄا لفظ جن ۾ متڪلم، حاضر ۽ غائب اچي ٿا وڃن؛ ٻيا ٻڇاڙين سان جن کي متصل يا ڳنڍيل ضمير چئبو آهي.

(٢) ضمير اشارو، جنهن ۾ ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏور اچي ٿا وڃن.

(٣) ضمير مشترڪ. (٤) ضمير استفهام. (٥) ضمير موصول. (٦) ضمير جواب موصول. (٧) ضمير مبهم.

باب نائون - "صفت جا قسم"

٩١. مون وڏو، مٺو، قنڌاري ڏاڙهون کاڌو. وڏو، مٺو ۽ قنڌاري لفظ، صفت آهن ۽ اسم "ڏاڙهونءَ" سان لاڳو ٿي، ان جي خاصيت (خاص ڳالهہ)، يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائين ٿا، جنهنڪري خبر پوي ٿي، تہ مون ڪهڙي قسم جو ڏاڙهون کاڌو. هن قسم جي صفتي لفظن کي چئبو آهي "وصفي" (Qualitative) ڇاڪاڻ تہ اهي وصف يا بيان ڪن ٿا.

ٻہ ڏاڙهون. ٻهريون ڏاڙهون. اڌ ڏاڙهون. چار چار ڏاڙهون. ٻہ، ٻهريون، اڌ ۽ چار چار لفظ، صفت آهن ۽ اسم "ڏاڙهونءَ" سان لاڳو ٿي، انهن جو عدد يا انداز ڄاڻائين ٿا. هن قسم جي صفتي لفظن کي چئبو آهي "عددي" (Quantitative)، ڇاڪاڻ تہ اهي عدد يا انداز ڏيکارين ٿا.

٩٢. هڪ، ٻہ، ٽي، چار ۽ ٻيا اهڙا انگ، جي ماڻهن يا شين وغيره جي شمار ڪرڻ ۾ ڪم اچن ٿا، تن کي "عدد شماري" چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي شمار ڪرڻ يا ڳڻڻ لاءِ ڪم اچن ٿا.

٩٣. ٻهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون ۽ ٻيا اهڙا انگ، تن کي "عدد قطاري" چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڏيکارين ٿا تہ قطار ۾ ڪانئون (ڪهڙو نمبر) آهي يعني آهي ڳڻپ ۾، هرهڪ جي جاءِ ڏيکارين ٿا.

٩٤. مٿين ٻن مکيہ قسمن کان سواءِ ٻين قسمن جا ٻہ عدد آهن. مثلاً: ايڪو، ٻڪو، ٽڪو، هيڪار، ٻهار، ٽهار، ڏهاڪو، ويهارو، ٽيهارو، چوٿو، اڌ، منو، پائڪ، سوايو، ڏيڍو ۽ اڍايو. انهن کان سواءِ، ٿورو، گهڻو، سڀ، ججهو ۽ ٻيا اهڙا لفظ ٻہ عدد يا انداز جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

٩٥. (الف) مٿيان سڀني قسمن جا عدد، صفت ٿي ڪم اچن ٿا.

مثلاً: (١) هو ٽي ٽي ڏاڙهون کائي ٿو. (٢) ٻيو ڇوڪر ويهي ۽ ٽيون اٿي بيهي.
(٣) تو ٻيڻو خرچ ڪيو. (٤) مجلس ۾ ويهارو ماڻهو آيا. (٥) مون سوا رپيو خرچيو.
(٦) مون سمورو ڪم لاٿو.

هنن جملن ۾ ٽي ٽي، ٻيو، ٽيون، ٻيڻو، ويهارو، سوا ۽ سمورو لفظ، صفت آهن.

(ب) (١) مون اڌ ماني کاڌي. "اڌ" صفت.

(٢) مون اٺ ڪاٺو ۽ اٺ ٻڌايو. "اٺ" اسم.
(٣) هڪڙو ماڻهو آيو. "هڪڙو" صفت.
(٤) هڪڙو آيو ۽ ٻيو ويو. "هڪڙو" ۽ "ٻيو" اسم.

مطلب تہ اهي عدد جڏهن ڀاڻمرادو ڪم اچن ٿا، تڏهن اسم آهن؛ پر جڏهن ڪنهن اسم سان لاڳو ٿين، ان جو عدد يا انداز ڄاڻائين ٿا، تڏهن صفت آهن.

٩٦. (١) هُو آيو. "هو" ضمير. هو ماڻهو آيو. 'هو' صفت.
(٢) ڪو آيو. "ڪو" ضمير. ڪو ماڻهو آيو. "ڪو" صفت.
(٣) ڪهڙو آهين؟ ڪهڙو 'ضمير'. ڪهڙو ماڻهو 'ڪهڙو' صفت.
(٤) پنهنجو ڪم ايندو، ڌاريو ڪم نہ ايندو. "پنهنجو" ضمير.
(٥) پنهنجو نوڪر اٿم. "پنهنجو" صفت.

جيڪي ضمير، صفت ٿي ڪم اچن ٿا تن کي "ضميري صفت" (Pronominals) چئبو آهي.

٩٧. صفت جو ڦيرو "ڀلو"

(جيئن، ڀلو گهوڙو)

	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي	ڀلو	ڀلا	ڀلي	ڀليئون
عام صورت	ڀلي	ڀلن	ڀليءَ	ڀلين

ڀلو گهوڙو – ڀلي گهوڙي؛ ڀلا گهوڙا – ڀليئون گهوڙيون. اهڙيءَ طرح، صفت، جنهن اسم سان لاڳو ٿئي ٿي، تنهن پٺاندڙ عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿي.

اشارو: عدد ۽ جنس ۾ ڦرندڙ صفتون، نج سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ آهن، مگر فارسي ۽ عربي ٻولين جا صفتي لفظ، جنس ۽ عدد ۾ نٿا ڦرن. جيئن خوبصورت، خوش وغيره.

٩٨. (١) وڌيڪ پئسو، وڌيڪ پئسا، وڌيڪ پئسن ۾.
(٢) جدا ڪارخانو، جدا ڪارخانا، جدا ڪارخانن ۾.
(٣) برابر حساب، برابر حساب، برابر حسابن ۾.

"وڌيڪ"، "جدا" ۽ "برابر" لفظ، صفت آهن. آهي، جن اسمن سان لاڳو ٿين ٿا، تن پٺاندر عدد ۽ جنس ۾ نٿا مٽجن. مطلب تہ "او" پڇاڙيءَ وارين صفتن کان سواء، ٻين صفتي لفظن جو ڦيرو اڪثر ڪونہ ٿيندو آهي.

دؤر

٩٩. (الف) ٻوليءَ ۾ جيڪي به لفظ صفت ٿي ڪم اچن ٿا، سي ٽن قسمن جا آهن:

(١) وصفي، جي وصف يا بيان ڪن ٿا.

(٢) عددي، جي عدد يا انداز ڄاڻائين ٿا.

(٣) ضميري، جي ضمير آهن، پر صفت ٿي ڪم اچن ٿا.

(ب) اسمن ۽ ضميرن جي عدد ۽ جنس پٽاندر، صفتي لفظ مٽجن ٿا، پر ڪي نه به ٿا مٽجن.

١٠٠. هيٺين جملن مان صفت چونڊيو، ۽ ٻڌايو ته هر هڪ ڪهڙي قسم جي صفت آهي ۽ جنهن لفظ سان لاڳو ٿئي ٿي تنهن پٽاندڙ عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿي يا نه؟

(١) هڪڙي راجا کي پنج پٽ هئا.

(٢) انهيءَ پگهل دلي ۾ پاڻي نه وجهه.

(٣) جيڪا شيءِ گهرين سا ڏيانءِ.

(٤) منهنجي صلاح مڃ. (٥) اهو ڪم نه ڪر.

صفت جي ڀيٽ جا درجا

١٠١. (١) هاٿي وڏو جانور آهي.

(٢) هاٿي گهوڙي کان وڏو آهي.

(٣) هاٿي سڀني چوپاين کان (۾) وڏو آهي.

پهرئين جملي ۾، هاٿيءَ جي وڏائيءَ جي، ڪنهن سان به ڀيٽ ڪيل ڪانهي. ٻئي جملي ۾، هاٿيءَ جي، گهوڙي سان ڀيٽ ڪيل آهي. ٽئين جملي ۾، هاٿي جي وڏائيءَ جي، سڀني چوپاين سان ڀيٽ ٿيل آهي.

١٠٢. صفت جا ٽي درجا آهن:

(١) آهو، جنهن ۾ ڀيٽ نٿي ڪجي. تنهن کي ”صفت خالص“ چئجي ٿو. (٢) جنهن ۾ هڪ جي ٻئي يا ٻين سان ڀيٽ ڪجي ٿي، تنهن کي ”صفت تفصيل“ چون ٿا. تفصيل، معنيٰ بيان (هڪ جو، ٻئي جي ڀيٽ ۾). (٣) جنهن ۾ هڪڙي کي ٻين سڀني ساڳيءَ جنس يا قسم وارن سان ڀيٽجي ٿو، تنهن کي ”صفت مبالغو“ چون ٿا. مبالغو، معنيٰ وڌاءُ. صفت مبالغي ۾ ”سڀني“ لفظ ڪم آڻبو آهي، پر ڪٿي نه به ٿو آڻجي.

مثلاً: ”آچي ۾ آچو وڳو“، معنيٰ، سڀني ۾ آچو وڳو.

١٠٣. هيٺين جملن مان صفت چونڊيو ۽ ٻڌايو ته مٿين ٽن درجن مان هرهڪ ڪهڙي درجي جي صفت آهي:
(١) احمد هوشيار آهي. (٢) هو توکان سياڻو آهي. (٣) هنن ٽن ۾ گوبند چالاڪ آهي. (٤) سيون ۾ ميوو انب.

اشارو: موڳو- موڳشٽ، معنيٰ بلڪل سوڳو. ("شٽ" پڇاڙي). اڳي پيٽ ڪرڻ لاءِ اهڙيون پڇاڙيون هيون، جي هاڻ گم ٿي ويون آهن.

باب ڏهون- "فعلن جا قسم"

١٠٤. (١) سج اڀريو. هتي فعل آهي "اڀريو" ۽ فاعل آهي "سج". اڀرڻ جو ڪم سج ڪري ٿو ۽ اهو ڪم ڪنهن ٻئي تي لڳو ٿئي (٢) مثال "نوڪر آيو". هتي فاعل آهي "نوڪر" ۽ فعل آهي "آيو" هتي فعل رڳو پنهنجي فاعل بابت ڪجهه چئي ٿو ۽ اچڻ جي ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي تي لڳو ٿئي.

"اڀريو"، "آيو" ۽ ٻيا اهڙا فعل جي رڳو پنهنجي فاعل سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا، تن کي "فعل لازمي" چئبو آهي.

"فعل لازمي، اهو ڪم يا حالت ٿو ڏيکاري، جنهن جو لاڳاپو رڳو فاعل سان آهي".

لازمي معنيٰ لزوم ٿيل يعني لڳل يا چنبڙيل. مطلب ته فعل لازميءَ کي مفعول ڪونه ٿيندو آهي، تنهنڪري اهو سدائين پنهنجي فاعل سان لڳل رهي ٿو (لاڳاپو ڏيکاري ٿو).

١٠٥. (١) ڪتي چادر ڦاڙي ٿو. هتي فعل آهي "ڦاڙي ٿو"، "ڪتي" آهي فاعل، ۽ ڦاڙڻ جي ڪم جو اثر جنهن شيءِ تي ٿئي ٿو سا آهي "چادر".

(٢) گوپال لڏون کاڌو هتي فعل آهي "کاڌو"، گوپال آهي "فاعل" ۽ کائڻ جي ڪم جو اثر جنهن شيءِ تي ٿئي ٿو، سا آهي "لڏون".

جيڪو فعل، اهڙو ڪو ڪم ڏيکاري، جو فاعل ڪري ٿو، ۽ جنهن جو اثر ٻئي ڪنهن تائين پهچي ٿو، تنهن کي "فعل متعدي" چئبو آهي.

"متعدي" معنيٰ ٻئي تائين لنگهي ويندڙ يعني اهو، جو فاعل کان لنگهي، ٻئي ڪنهن تي وڃي اثر ڪري.

فعل لازمي ۽ فعل متعديءَ جي وچ ۾ تفاوت

١٠٦. (١) فعل لازميءَ کي رڳو فاعل آهي ۽ مفعول ڪونهيس.
(٢) فعل متعديءَ کي فاعل توڙي مفعول ٻئي آهن.

اِشارو: ڪن جملن ۾ مفعول ڳجهو رهي ٿو. مثلاً: ڇوڪر پڙهي ٿو. هتي "ڪتاب" يا "خط" وغيره لفظ مفعول آهي، جو ڳجهو رهيو آهي.

"فعل معاون"

١٠٧. (١) گلاب هتي آهي. (٢) گلاب ڪالهه هتي هو. (٣) گلاب منهنجو سؤٽ ٿئي.

"آهي" ۽ "هو" فعل "هئڻ" مان نڪتا آهن، ۽ "ٿئي"، فعل "ٿيڻ" مان نڪتو آهي. هئڻ ۽ ٿيڻ، فعل لازمي آهن. اهي فعل، مٿين ريت، ڪڏهن پاڻمرادو ڪم اچن ٿا، ۽ ڪڏهن ٻين فعلن سان گڏ ڪم اچن ٿا، جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

(١) گلاب خط لکيو. (ڪنهن گذريل وقت ۾، ڪم پوري ٿيڻ جي ڳالهه).

(٢) گلاب خط لکيو آهي. (ويجهڙائيءَ ۾، ڪم پوري ٿيڻ جي ڳالهه).

(٣) گلاب خط لکيو هو. (گهڻو اڳي، گذريل وقت ۾ ڪم پوري ٿيڻ جي ڳالهه).

(٤) گلاب خط لکيو ٿي. (گذريل وقت ۾، ڪم چالو رهڻ جي ڳالهه).

هنن مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته "هئڻ" ۽ "ٿيڻ"، جي فعل لازمي آهن، سي ٻئي فعل "لکيو" سان گڏ ڪم آيا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح، جدا جدا زمانن (وقتن) جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي اٿن. اهڙيءَ مدد ڏيڻ ڪري انهن کي "فعل معاون" سڏيو آهي. معاون، معنيٰ مددگار.

"فعل معاون" اهو فعل آهي، جو ٻين فعلن جي زمانن جوڙڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

فعل متعدي جون صورتون

١٠٨. (١) سوار، گهوڙو ماري ٿو يا گهوڙي کي ماري ٿو. (٢) گهوڙو مارجي ٿو. (٣) سوار، گهوڙو مارائي ٿو.

پهرئين جملي ۾ فعل آهي "ماري ٿو". ڪير ماري ٿو؟ "سوار". هتي فعل پنهنجي فاعل جي ڳالهه ڪري ٿو، ته هو گهوڙي کي مارڻ جو ڪم ڪري ٿو. هتي فاعل "سوار" ڄاڻايل آهي.

ٻئي جملي ۾ فعل آهي "مارجي ٿو". ڪير مارجي ٿو؟ "گهوڙو". هتي "گهوڙو" فاعل آهي، جو درحقيقت پهرئين جملي جو مفعول آهي. هتي فعل، انهيءَ سچي پچي مفعول (گهوڙي) جي ڳالهه ڪري ٿو ته هن تي مار جو ڪم ٿئي ٿو. گهوڙو ڪنهن جي هٿان مارجي ٿو، سو اصلوڪو يا سچو پچو فاعل هتي ڄاڻايل ئي ڪونهي.

ٽئين جملي ۾ فعل آهي "مارائي ٿو"، جنهن جي معنيٰ آهي، ته ٻئي کان مارائي ٿو. هتي فعل، پنهنجي فاعل "سوار" جي ڳالهه ڪري ٿو ته هو (فاعل) پاڻ مارڻ جو ڪم نٿو ڪري، پر ٻئي کان ڪرائي ٿو.

"مارڻ" فعل متعدي آهي، ڇاڪاڻ ته فاعل ۽ مفعول ٻئي اٿس. انهيءَ فعل مان ماري ٿو، مارجي ٿو ۽ مارائي ٿو فعل ٺهيا آهن. اهڙيءَ طرح، فعل متعدي ٽن صورتون وٺن ٿا:

(١) ماري ٿو: فعل متعدي معروف.

(٢) مارجي ٿو: فعل متعدي مجهول.

(٣) مارائي ٿو: فعل متعدي بالواسطه.

فعل جي صورت (Voice) مان اها خبر پوي ٿي ته فعل جيڪا ڳالهه ڄاڻائي ٿو، سا فاعل جي آهي يا مفعول.

(١) فعل متعدي معروف، اهو فعل آهي، جو پنهنجي فاعل جي ڳالهه ڪري ٿو، ته هُو (فاعل) ڪو ڪم ڪري ٿو ۽ سندس فاعل جملي ۾ ظاهر ڄاڻائجي ٿو.

عرف معنيٰ ڄاڻڻ. معروف معنيٰ ڄاتل يا سڃاتل. معروف صورت واري فعل جو فاعل، ڄاتل هوندو آهي يعني جملي ۾ ظاهر يا پڌرو ٻڌو هوندو آهي، تنهنڪري مٿس اهو نالو رکيو اٿن.

(٢) فعل 'متعدي مجهول'، اهو فعل آهي، جنهن جو اصلوڪو فاعل، اڪثر ڪونه ڄاڻائبو آهي تنهنڪري 'مفعول'، ڦيري 'فاعل' ٿيندو آهي، ۽ فعل، انهيءَ سچي پچي مفعول بابت ڄاڻائيندو آهي ته هن (مفعول) تي ڪو ڪم ٿئي ٿو.

جِهَل، معنيٰ اڻڄاڻائي. جاهل، معنيٰ اڻڄاڻ. مَجْهول، معنيٰ اڻڄاتل يا نامعلوم. مجهول صورت واري فعل جو اصلوڪو يا سچو پچو فاعل، اڪثر نه ڄاڻائبو آهي، تنهنڪري مٿس اهو نالو رکيو اٿن.

اشارو: "گهوڙو سوار کان مارجي ٿو." هتي، فاعل (سوار) ڄاڻايو ويو آهي. اٿين جيڪڏهن سچو پچو فاعل ڄاڻائبو ته حالت فاعليءَ جي بدران، حالت جريءَ ۾ بيهندو. ("سوار" حالت جري) هتي "گهوڙو" فاعل آهي.

(٣) فعل 'متعدي بالواسطه' اهو ڪم ڄاڻائي ٿو جو 'فاعل' پاڻ نٿو ڪري، پر ٻئي کان ڪرائي ٿو. واسطه، معنيٰ وچ وارو. بالواسطه، معنيٰ وچ واري کان.

(الف) سوار گهوڙو 'مارارائي' ٿو. هن جي معنيٰ ته سوار ڪنهن ٻئي کي مارڻ لاءِ چوي ٿو ۽ اهو وري ٻئي ڪنهن کان گهوڙي کي مارائي جو ڪم ڪرائي ٿو. هي ٻٽو بالواسطه (Double Causale) آهي؛ پر اهو به 'فعل متعدي بالواسطه' چئبو.

(ب) (١) استاد، شاگرد ذي پٽيوالو ڏوڙايو.

(٢) شاگرد ذي پٽيوالو ڏوڙايو ويو.

اهڙيءَ طرح، فعل 'متعدي بالواسطہ' جو فاعل، ڪڏهن ڪُجهو ۽ ڪڏهن پڌرو رهي ٿو.

١١٠- هيٺين فعلن مان هرهڪ جي صورت ٻڌايو:

(١) ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي، پنّج تي ڪاهہ ڪئي.

(٢) لڙائيءَ لاءِ وڏو لشڪر ڪٺو ڪيو ويو.

(٣) ڪي ڏاريا ماڻهو پاڻ کي لشڪر ۾ داخل ڪرائڻ لڳا.

(٤) ڪچ جي رڻ مان لنگهندي، لشڪر کي اُڃ لڳي.

(٥) پاڻيءَ جي هڪ گلاس لاءِ هڪ رپيو ڏيئو ڪيائون.

(٦) ڪي ڪِچي، ڪوهن ۾ مٽي ۽ پٿر وجهي پچي ويا.

فعل لازميءَ جون صورتون

١١١- (١) آءٌ پينگهي ۾ لڏان ٿو.

(٢) پينگهي ۾ لڏجي ٿو يا لڏيو آهي.

پهرئين مثال ۾ "لڏان ٿو" فعل لازمي آهي ۽ ان جو فاعل "آءٌ"، معروف يعني ظاهر يا پڌرو بيٺو آهي، تنهنڪري چئبو تہ "لڏان ٿو" فعل لازمي معروف صورت وارو آهي. ٻئي مثال ۾ "لڏجي ٿو" ۽ "لڏيو آهي" فعل لازمي آهن، پر انهن جو ڪوبہ فاعل ڪونهي، تنهنڪري اهي مجهول صورت وارا فعل آهن ۽ اهي "اڪرترڪ" سڏجن ٿا. "اَ" معنيٰ نہ ۽ "ڪرتر" يا "ڪرتا" معنيٰ فاعل (ڪم ڪندڙ).

اڪرترڪ يا فعل بيفاعل، اهو فعل آهي، جنهن کي ڪوبہ فاعل ڪونهي.

١١٢- (١) ڪم ڪجي ٿو، تہ ٽڪ ٽئي ٿو.

(٢) ڪم ڪيو آهي تہ ٽڪ ٽيندو آهي.

هنن سٽن تي پوريءَ طرح ويچار ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ "ڪم" لفظ اصل مفعول آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪم ڪرڻ وارو ضرور ڪو بيو هوندو ۽ اهو ڪم ڪندڙ سچو پچو فاعل چئبو، پر اهو ڄاڻايل ڪونهي، تنهنڪري اهي مجهول صورت وارا فعل چئبا. هن قسم جي مجهول فعلن ۾، اصلوڪو فاعل (ڪم ڪرڻ وارو) ڪتب نہ آڻيو آهي، تنهنڪري سدائين، مفعول کي فاعل ڪري ڪم آڻيو آهي. مطلب تہ هيءَ مجهول صورت نرالي قسم جي آهي.

١١٣- هيٺين سٽن مان معروف ۽ مجهول صورت وارا فعل لازمي چونڊيو ۽ ٻڌايو تہ انهن مان ڪهڙا اڪرترڪ فعل آهن:

(۱) ڊوڙيو تہ پڪُھر ٿيندو. (۲) راند کيڏي تہ بت ورندو. (۳) آرام وٺبو آھي، تہ ٿڪ ڀڄندو آھي.
(۴) باغ ۾ گھمجي ٿو، تہ فرحت اچي ٿي.
(۵) گھوڙو ڊوڙيو.

مختصر مطلب

۱۱۴. (۱) سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي بہ فعل ڪم اچن ٿا، سي يا لازمي يا متعدي آھن، تنھنڪري اھي ٿي ٻہ مکيہ فعل آھن. انھن کي بنيادي فعل بہ چئبو آھي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي معاون ۽ اڪر ترڪ فعل آھن، سي اصل فعل لازمي آھن؛ جيڪي بالواسطہ فعل آھن، سي اصل متعدي فعل آھن، تنھنڪري چئبو تہ سيني فعلن جو بنياد اھي ٿي ٻہ فعل آھن.

۱۱۵. لازمي ۽ متعدي فعل جدا جدا صورتون وٺن ٿا:

(الف) فعل لازمي ٻہ صورتون وٺي ٿو. (*)

(۱) معروف، جنھن ۾ فاعل ڄاڻائجي ٿو، مثلاً: "گھوڙو ڊوڙيو".
(۲) مجھول، جنھن جا ٻہ قسم آھن:

ھڪڙي اھا مجھول صورت جنھن ۾ ڪو بہ فاعل نٿو ڄاڻائجي، جنھنڪري، اھڙن لازمي فعلن کي، "اڪر ترڪ" فعل سڏبو آھي، مثلاً: رستي تي ھلبو آھي يا ھلجي ٿو. ٻي اھا مجھول صورت، جنھن ۾ سدائين مفعول کي فاعل ڪري ڪم آڻجي ٿو، مثال: راند کيڏي آھي.

(ب) فعل متعدي، ٽي نراليون صورتون وٺي ٿو:

(۱) معروف مثال: آءٌ ماريان ٿو.
(۲) مجھول "آءٌ مارجان ٿو.
(۳) بالواسطہ "آءٌ ماريان ٿو يا مارايان ٿو.

اشارو: وڌيڪ سمجھاڻيءَ لاءِ ڏسو اڳتي ھلي قلم ۱۲۱ ۽ ۱۲۲.

باب ٻارھون- "فعل جو ڌاتو يا بنياد" (مصدر)

۱۱۶. اسين ڏسيا آھيون تہ فعل مان ھڻڻ، ڪرڻ، سھڻ يا ڪنھن تي ڪنھن ڪم ٿيڻ جي معني نڪري ٿي. لکڻ، پڙھڻ، ھڻڻ، ڏيڻ ۽ ٻيا اھڙا لفظ، جن جي پڇاڙيءَ ۾ "ڻ" يا "اڻ" جو آچار آھي، تن کي چئبو آھي مصدر.

(*) انگريزيءَ ۽ ھاڻوڪي سنسڪرت ۽ ٻين ڏيھي ٻولين ۾ رڳو فعل متعديءَ جون معروف ۽ مجھول صورتون ٿين ٿيون. فقط سنڌي ٻولي ٿي آھي، جنھن ۾ لازمي فعل بہ اھي ٻئي صورتون وٺن ٿا. اھو نمونو بلڪل قديم سنسڪرت مان ورتل آھي.

١١٧. فعل جي اها سادي صورت، جا ڪو ڪم يا حالت ڏيکاري، تنهن کي چئبو آهي "مصدر".

١١٨. "مصدر" معنيٰ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦٽن ٿا. مطلب ته مصدر، معنيٰ ڌاتو يا بنياد. عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ، مصدر مان ٺهن ٿا، تنهنڪري ان تي اهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلن جو بنياد مصدر نه آهي، تنهنڪري مصدر کي ڌاتو يا بنياد ڪري ليکڻ غلط آهي.

"ڌاتو يا بنياد"

١١٩. "لکڻ"، لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ "اڻ" جو اچار آهي. "ڪائڻ"، لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ "اِڻ" جو اچار آهي. مصدر جي پڇاڙيءَ مان "اڻ" يا "اِڻ" جو اچار ڪڍي ڇڏبو ته باقي جيڪو بچندو سو ٿيندو ڌاتو يا بنياد.

١٢٠. ڪت، ڪتن، ڪتڻ. هتي ڌاتو "ڪت" جي پٺيان "اَن" پڇاڙي گڏي ٿيون ٿا "ڪتن". سنسڪرت ۾ ڌاتوءَ مان اسمن جوڙڻ لاءِ هڪڙي وات اها آهي.

"ڪري ڪير ڪتن، آڳي جي اسرار جو".

"هتي "ڪتن" اسم آهي،

ڌاتوءَ مان جڙيل اسم "ڪتن" جو اچار ڦيرائي "ڪتن" ڪجي ٿو ۽ اهو سنڌيءَ ۾ مصدر سڏجي ٿو. مطلب ته مصدر اصل اسم آهي، تنهنڪري ان کي عام طرح "اسم مصدر" سڏبو آهي.

(١) پڙهڻ چڱو آهي. "پڙهڻ" اسم.

(٢) مان ترڻ سکيس. "ترڻ" اسم.

اهڙيءَ طرح، سنڌيءَ ۾ مصدر، عام طرح اسم ٿي ڪم اچن ٿا.

١٢١. مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته فعل جي ڌاتوءَ جي پٺيان "اَڻ" يا "اِڻ" پڇاڙي گڏڻ سان مصدر ٺهي ٿو. مثلاً:

هلڻ=هل+اَڻ. ڌاتو "هل"، جنهن مان هلت، هلڻي، هلائڻ، هلندو، هليو ۽ هليل لفظ ٺهيا آهن.

ڪائڻ=ڪا+اِڻ. ڌاتو "ڪا" جنهن مان ڪارائڻ، ڪائيندو ۽ ڪائڻي (پيٽي) لفظ ٺهيا آهن.

مطلب ته مصدر، خود ڌاتوءَ مان ٺهيل آهي.

(الف) مارڻ ــ مارجڻ. گهٽڻ ــ گهٽجڻ. پورڻ ــ پورجڻ.

اهڙيءَ طرح، مجهول فعلن جوڙڻ لاءِ "ڄ" جو اُچار ٻالائي وجهجي ٿو يعني "جڻ" ٻچاڙي ڳنڍجي ٿي.

"آءٌ ماريان ٿو". "ماريان" معروف.

"آءٌ مارجان ٿو". "مارجان" مجهول.

"جڻ" ٻچاڙي، سڀني فعلن جي پڇاڙيءَ ۾ ڳنڍبي آهي، جيئن هيٺ ڏيکارجي ٿو.

١٢٢. سنڌيءَ ۾ ڪيترا فعل آهن جي مجهول صورت وارا آهن ۽ انهن ساڳين فعلن جي ذاتن مان معروف صورت وارا فعل اسان وٽ موجود آهن. اهي مجهول فعل اڪثر لازمي آهن ۽ معروف فعل اڪثر متعدي آهن، تنهنڪري هيٺ انهن کي لازمي ۽ متعدي ڪري ڄاڻائجي ٿو.

متعدي	لازمي	متعدي	لازمي	متعدي	لازمي
آڪيلڻ	آڪڻ	آڏائڻ	آڏامڻ	آجهامڻ	آجهامڻ
ڦوڙڻ	ڦٽڻ	ڦاڙڻ	ڦاٽڻ	ٻڌڻ	ٻجهڻ
ڏوئڻ	ڏوڀڻ	ڄڙڻ	ڄمڻ	جوڙڻ	جڙڻ
ڏاهڻ	ڊهڻ	ڏهڻ	ڏيڻ	ڏولڻ	ڏلڻ
گهڻ	گسڻ	ڪوڙڻ	ڪڙڻ	ڪائڻ	ڪامڻ
موڙڻ	مڙڻ	لهڻ	لڀڻ	لاهڻ	لهڻ

"ٻاهه آجهامجي ويئي" نه چئبو، پر چئبو ته "ٻاهه اجهامي ويئي". "مون کان لغڙ نٿو آڏامجي" نه چئبو، پر چئبو ته "مون کان لغڙ نٿو آڏامي". مون کان ڪتاب نٿو لڀجي" نه چئبو، پر چئبو ته "مون کان ڪتاب نٿو لڀي". هاڻ ياد ڪريو ته مٿي جن فعلن کي لازمي سڏيو اٿئون، تن ۾ مجهول صورت جي نشاني "ڄ" ڳنڍڻ غلط ڳالهه آهي. اهي اڳيئي مجهول صورت وارا فعل آهن، تنهنڪري "ڄ" ڳنڍي انهن کي ٻيو ڀيرو مجهول ڪرڻ بيهودي ڳالهه آهي.

اشارو: ڪي "لڀجڻ" وغيره لفظ ڪم آڻين ٿا، تنهنڪري پاڙهيندڙن جو هن غلطيءَ ڏي ڌيان ڇڪائجي ٿو.

(آ-ر)

١٢٣. آڙي، آٽ. هيڏانهن اچ. ٻاٽي پيار. هاڻ سات ڪر. "آٽ"، "اچ"، "پيار" ۽ "ڪر" لفظ، فعل آهن. اهڙا فعل اڪثر حڪم ڏيڻ مهل ڪم آڻبا آهن. تنهنڪري انهن کي "امر" چئجي ٿو. امر، معنيٰ حڪم.

ڏٿي! اسان تي ٻاجهه ڪر. سائين! مون تي ٿورو لاءِ. اهڙيءَ طرح، منٿ يا نيزاريءَ ڪرڻ مهل به ڪر، لاءِ ۽ ٻيا اهڙا "امر" ڪم آڻجن ٿا.

(امر نيازي)

١٢٤. ڪاءِ، ڪائج؛ ڳالهاءِ، ڳالهائج. اهي سڀ امر آهن. انهن ٻن قسمن جي لفظن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ نموني لاءِ "ڪر" ۽ "ڪج" جي وچ ۾ تفاوت ڇا ڄاڻائجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن کي چئبو "ڪر"، ته اهو ڄڻ ته حڪم ڪيو سين. جيڪڏهن ڪنهن کي چئبو "ڪج" ته اهو وڏيڪ شان ڀريو ڳالهائڻ آهي، تنهنڪري ان جي هيءَ معني آهي ته "مهرباني يا ڀلائي ڪري ڪج". پر اها معني سڀڪنهن هنڌ نه وٺبي. مثلاً: پيءُ جيڪڏهن پنهنجي پٽ کي چوندو ته "هي ڪم ڪج"، ته ان جي اها معني نه وٺبي ته مهرباني ڪري ڪج. پر ان جي معني ٿيندي ته يادگيري ڪري ڪج. اهڙيءَ طرح، "ڪج" لفظ مان يادگيري يا آئينده جي تاڪيد جي معني نڪري ٿي ۽ ساڳئي وقت، چوندڙ جي دل جي تمنا يا خواهش ظاهر ٿئي ٿي. "ڪج" ۽ ٻين اهڙن لفظن مان تمنا جي معني ته گهٽ ڪري سڀڪنهن حالت ۾ ظاهر ٿئي ٿي، تنهنڪري اهڙن لفظن کي امر تمنا سڏي سگهجي ٿو. پر اهو اصل عزت يا نياز جو ڳالهاءُ آهي، تنهنڪري "ڪج" ۽ ٻين اهڙن لفظن کي انگريزيءَ ۾ "Precative" يعني "امر نيازي" سڏجي ٿو. مطلب ته "ڪر" امر (Imperative) آهي ۽ "ڪج" امر نيازي (Precative) آهي*.

(امر نفي)

١٢٥. هيءُ ڪم نه ڪر. هي ڪم نه ڪج.

ڪر ۽ ڪج لفظ امر آهن. انهن جي اڳيان "نه" وجهڻ ڪري ناڪار جي معني نڪري ٿي. اهڙيءَ طرح، ڪنهن امر جي اڳيان، ڪو ناڪار جو لفظ وجهبو ته "امر نهي" يا "نفي" سڏبو.

"امر جوڙڻ جون واٽون"

١٢٦. اچڻ مان امر واحد، آچ. "آ" ڇڏاڙي.
مارڻ مان امر واحد، مار. "اِ" ڇڏاڙي.

سڀڪنهن امر واحد جي ڇڏاڙيءَ ۾ "آ" يا "اِ" جو آچار آهي، اهو ڪڍبو ته باقي فعل جو ڌاتو بچندو. ڌاتوءَ جي پٺيان "آ" يا "اِ" گڏڻ مان امر واحد جڙي ٿو.

---

*ڪي چون ته "ڪر" معني هينئر ڪر (امر حال) ۽ "ڪج" معني پوءِ ڪج. (امر استقبال) اها وقت جي ڳالهه خيال ۾ رکي، هن طرح سمجهائي ڏيڻ غلط آهي. مثلاً؛

اسان جي سدا رب! وطن کي بچائج!

هتي ائين چوڻ ني بيوقوفي ٿيندي ته "بچاءِ" معني هينئر بچاءِ ۽ "بچائج" معني پوءِ بچائج (هينئر نه).

اشارو: ڏيڻ، ڏي. نيڻ، ني. بيقاعدي ٺهيل امر آهن.

(الف) اچ، جمع اچو. مار، جمع ماريو. ”او“ پڇاڙي امر واحد جي جمع جوڙڻ لاءِ ”او“ پڇاڙي ڪم اچي ٿي.

اشارو: ڳالهاءِ + او = ڳالهايو. ”ءِ“ + ”او“ = ”يو“.

(ب) لهڻ، لهج. شعر ۾ ”لهيج“ ۽ ”لهيجا“ به چئبو. (ڌاتو ”لهه“). ڌاتوءَ جي پٺيان اج (ابج، ابجا) پڇاڙي* گڏڻ سان ”امر نيازي“ يا ”امر تمنا“ ٺهي ٿو. لهج، جمع لهجو. هتي به جمع ۾ ساڳي ”او“ پڇاڙي ڪم اچي ٿي.

(پ) امر جي اڳيان نه، ڪين يا ٻيو انڪاري لفظ آڻڻ سان ”امر نفي“ جڙي ٿو.

باب ٻارهون- ”اسم مشتق يا ڪردنت“

١٢٧. هو اچ ايندو ۽ سڀاڻ ويندو. ايندو ۽ ويندو فعل. ايندو سڀڪو ڏسي، ويندو ڪوئي نه ڏسي. ايندو ۽ ويندو اسم. ايندڙ وقت جي ڳالهه ڪر. ”ايندڙ“ صفت. مطلب ته هن قسم جا لفظ، جي فعلن مان ٺهيل آهن، ۽ فعل توڙي اسم يا صفت ٿي ڪم اچن ٿا، تن کي چئبو آهي اسم مشتق. شق، معني چيرڻ. اسم مشتق اهي لفظ آهن، جي فعلن جي ڌاتوءَ يا بنياد مان چيرجي نڪرن ٿا يا جڙن ٿا. سنسڪرت ۾ انهن کي ”ڪردنت“ ۽ انگريزيءَ ۾ ”پارٽيسپل“ چئبو آهي.

اشارو: اسم مشتق (ڪردنت)، ڳالهائڻ جي لفظن ۾ شمار ٿيل نه آهن، ڇو ته جڏهن اهي فعل ٿي ڪم اچن ٿا تڏهن فعل، ۽ جڏهن اسم يا صفت ٿي ڪم اچن ٿا، تڏهن اسم يا صفت ليکجن.

”اسم حاليه“

١٢٨. هو باغ گهمندو گهر موٽيو. هن جي معني ته باغ گهمڻ جو ڪم ڪندو، ٻيو ڪم (موٽڻ) ڪي لڳو. هتي ”گهمندو“ ’اسم حاليه‘ آهي.

آءٌ سڀاڻي تو وٽان ٿيندو ويندس، هتي ”ٿيندو“ اسم حاليه آهي، جو ڏيکاري ٿو ته هڪڙي ڪم هلندي يا جاري رهندي، ٻيو ڪم ٿيندو.

جيڪي لفظ، فعلن جي ڌاتن مان ٺهيل آهن ۽ اسم سان لاڳو ٿي ڏيکارين ٿا ته اهو ماڻهو وغيره ڪو ڪم ڪندي ٻيو ڪم ڪي لڳو، تن کي ”اسم حاليه“ چون ٿا.

---

*اصل پراڪرت ٻوليءَ ۾ ”اِجا“ پڇاڙي آهي، جا هندستانيءَ ۾ به ڪم اچي ٿي. مثلاً: ديئو، ليئو امر Imperative ۽ ديجئي، ليجئي امر ايازي Precative آهن. هندستانيءَ ۾ ”ج“ مٿي ”يـ“ يا ”ءِ“ به ڪندا آهن. مثلاً: آئيي، تشريف لائيي. هي با عزت جو ڳالهاءُ آهي.

"اسم حاليه"، ڪنهن جاري رهندڙ ڪم جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

١٢٩. گهمندو = گهم + آندو. ماريندو = مار + اِندو. مطلب ته فعل جي ڌاتوءَ پٺيان "آندو" يا "اِندو" پڇاڙي ڳنڍڻ سان "اسم حاليه" ٺهي ٿو.

گهمندي گهمندي اتي ويس. لنگهندي ڏٺو مانس. اهڙيءَ طرح، پڇاڙيءَ ۾ "او" بدران "اي" به ڪم ايندو آهي.

اشارو: اچڻ مان ايندو، وڃڻ مان ويندو ۽ ڪرڻ مان ڪندو. اهڙيءَ طرح، ڪي لفظ بيقاعدي ٺهيل آهن.

"مجهول فعلن جو اسم حاليه"

١٣٠- "پينگهي ۾ لڏبو آهي". مٿي ڄيو ويو آهي ته "لڏبو آهي" اڪر ترڪ فعل آهي ۽ اهو فعل مجهول صورت وارو آهي. "لڏڻ" مان اسم حاليه معروف آهي "لڏندو" ۽ اسم حاليه مجهول آهي "لڏبو".

(الف) پينگهي ۾ لڏبو. (ايندڙ وقت ۾)

اسم حاليه، جڏهن هيءَ مجهول صورت وٺي ٿو، تڏهن ان مان ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري ٿي.

١٣١- لڏبو = لڏ + اِبو. ڏسبو = ڏس + اِبو.

ڌاتوءَ جي پٺيان "اِبو" ڳنڍڻ سان اسم حاليه مجهول ٺهي ٿو.

(٢) "اسم مفعول"

١٣٢. مون داڻ ڪٽيو. ڪٽيو – فعل
ڪٽيو تنهنجو گهوريو. ڪٽيو – اسم
ڪٽيل داڻ ڪير موٽائي ڏيندو. ڪٽيل – صفت

پهرئين مثال ۾ "ڪٽيو" لفظ ڄاڻائي ٿو ته داڻ ڪٽڻ جو ڪم پورو ٿي چڪو. اهو ساڳيو "ڪٽيو" لفظ، جنهن جو "ڪٽڻ" مصدر آهي، سو اسم توڙي صفت ٿي ڪم اچي ٿو. هن قسم جي 'ڪردنت' کي چئبو آهي "اسم مفعول".

١٣٣. اهو ڪردنت، جو ڄاڻائي ته فعل وارو ڪم پورو ٿي چڪو، تنهن کي "اسم مفعول" چئبو آهي.

١٣٤.

مصدر	اسم مفعول	مصدر	اسم مفعول
هلڻ	هليو = هل + يو	مارڻ	ماريو = مار + يو
لڪڻ	لڪو = لڪ + او	ڦاٽڻ	ڦاٽو = ڦاٽ + او

ڏاتوءَ جي پٺيان ”او“، ”يو“ يا ”ايو“ ڳنڍڻ سان اسم مفعول ٺهي ٿو. ڦاٽڻ سان ڦاٽو يا ڦاٽل ۽ لکڻ مان لکيو يا لکيل. اهڙيءَ طرح، ڏاتوءَ جي پٺيان ”آل“ يا ”يل“ پڇاڙيءَ ڳنڍڻ سان بہ اسم مفعول ٺهي ٿو.

لکيل خط. ڪليل خط. ٻڌيل دروازو. اهڙيءَ طرح اهي لفظ صفت ٿي ڪم اچن ٿا.

(الف) منهنجو سگـ سرتيون! پلي ڪيچ ٿيڙو،
پـيـاري پنهل مان منهنجو پـيـچ پيڙو.

”ٿيو“ بدران ”ٿيڙو“ ۽ ”پيو“ بدران ”پيڙو“. اهڙيءَ طرح، شعر ۾ اسم مفعول جي پٺيان ”ڙو“ پڇاڙي ڳنڍبي آهي.

(ب) ڏٺو، ڏٺل، ڏنو. ڦاٽو ڦاٽل ڦاٽو. لنبو، لتل يا لتو. اهڙيءَ طرح ڪيترا اسم مفعول، بيقاعدي ٺهيل آهن، تنهنڪري اهي ”بيقاعدي فعل“ سڏجن ٿا. لکڻ مان لکيل يا لکيو ۽ ڪاٽڻ مان ڪٽيل يا ڪٽيو باقاعدي ٺهيل آهن، تنهنڪري اهي باقاعدي فعل“ سڏجن ٿا.

(۳) ”اسم استقبال“

۱۳۵. (۱) رام ڪراچيءَ ويٺو آهي.
(۲) رام کي ڪراچيءَ وڃڻو آهي.

هنن ٻنهي جملن مان ساڳيو مطلب نڪري ٿو، پر حقيقت ۾ انهن منجهہ گهڻو تفاوت آهي. پهرئين جملي ۾ ”ويٺو“، معنيٰ وڃڻ وارو. هتي ”ويٺو“ لفظ، صفت آهي ۽ اسم ”رام“ سان لاڳو ٿئي ٿو. اسين سڪيا آهيون تہ صفت، جنهن اسم سان لاڳو ٿئي ٿي، تنهن ٻنانڊڙ عدد ۽ جنس ۾ مڃجي ٿي. هتي بہ ائين آهي.

رام ڪراچيءَ ويٺو آهي.	راما ڪراچيءَ ويٺا آهي.
رامي ڪراچيءَ ويٺي آهي.	راميون ڪراچيءَ ويٺيون آهن.

ٻي ڳالهہ تہ پهرئين جملي ۾ ”رام“ فاعل آهي ۽ ان جي حالت، فاعلي آهي. ٻئي جملي ۾ ”رام“ پٺيان ”کي“ حرف جر آيو آهي، تنهنڪري ”رام جي حالت، جري آهي. رام کي جيڪو ڪم ڪرڻو آهي، سو آهي ”ويٺو“ يعني وڃڻ جو ڪم. ٻئي جملي ۾ ”ويٺو“ اسم آهي ۽ فعل ”آهي“ جو فاعل ”ويٺو“ آهي (نہ ”رام“). مطلب تہ پهرئين جملي ۾ ويٺو، صفت آهي ۽ ٻئي ۾، اسم آهي. پهرئين جملي ۾ فاعل ”رام“ آهي ۽ ٻئي جملي ۾ فاعل ”ويٺو“ آهي. اهو آهي ٻنهي جملن جي وچ ۾ تفاوت.

(الف) رام ڪراچيءَ ويٺو آهي. (ايندڙ وقت ۾).

”وڃڻو“ لفظ، فعل جي ڌاتوءَ ”وڃ“ مان ٺهيو آهي ۽ ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

اهڙا لفظ، جي فعلن جي ڌاتن مان ٺهيل هجن ۽ صفت توڙي اسم ٿي ڪم اچن ۽ ڏيکارين تہ ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، تن کي ”اسم استقبال“ چئجي ٿو.

١٣٦. مصدر	امر واحد	اسم استقبال
پيئڻ	پي	پيئڻو = پي + آڻو
ڪائڻ	ڪاءِ	ڪائڻو = ڪا + اڻو

مطلب تہ ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ”آڻو“ يا ”اڻو“ پڇاڙي گڏڻ سان اسم استقبال ٺهي ٿو.

(٤) ماضي معطوفي

١٣٧. اُستاد شاگرد کي پاڙهيو.
اُستاد پنهنجي گهر ويو.

هي ٻہ ٻيئي ڳالهيون گڏي چئبو تہ ”اُستاد شاگرد کي پاڙهي، پنهنجي گهر ويو.“ هتي رکيو ”پاڙهيو“ لفظ جو اچار ڦيرائي ”پاڙهي“ ڪيو اٿئون، تہ ٻن جملن مان هڪ يڪو جملو ٺهيو آهي ۽ ساڳي وقت، ”پاڙهي“ لفظ ڏيکاري ٿو، تہ اُستاد پاڙهڻ جو ڪم پورو ڪري، پوءِ ٻئي ڪم کي (گهر وڃڻ جي ڪم کي) لڳو. هتي ”پاڙهي“ لفظ، ماضي معطوفي آهي. عربيءَ ۾ ’عطف‘، معنيٰ ڳنڍيا يا ميلاپ. ’ماضي معطوفي‘، معنيٰ ماضي ميلاپي يا ڳنڍيندڙ ماضي، جو ڳنڍيل ڪم جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

اهو ڪردنت، جو ٻن جملن کي ڳنڍي، هڪ ڪري ٿو ۽ فاعل سان لاڳو ٿي، ڏيکاري ٿو تہ فاعل هڪ ڪم پورو ڪري، پوءِ ٻئي ڪم کي لڳو (لڳي ٿو)، تنهن کي ”ماضي معطوفي“ چئبو آهي.

١٣٨. ڪتا اچي، ڪپڙا نڪي، چٽ ڪري، وڃن ٿا.
ڪتا اچيو، ڪپڙا نڪيو، چٽ ڪيو، وڃن ٿا.
اچي، نڪي ۽ ڪري، ماضي معطوفي آهن.
اچيو، نڪيو ۽ ڪيو بہ، ماضي معطوفي آهن.

”ڪرڻ“ مان ”ڪيو“ لفظ بيقاعدي ٺهيو آهي، باقي ٻيا باقاعدي ٺهيل آهن، جيئن هيٺ ڏيکارجي ٿو:

آچي = آچ + اي	نڪي = نڪ + اي
آچيو = آچ + يو	نڪيو = نڪ + ايو

مطلب تہ، ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ اي - اي يا يو - ايو پڇاڙيون گڏڻ سان ”ماضي معطوفي“ ٺهي ٿي.

ڪٿا اچي ڪري، ڪپڙا نڪي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح، ماضي معطوفيءَ جي پٺيان "ڪري" لفظ ڳنڍڻ جو به رواج آهي. "نڪيو" بدران "نڪيون" به چوندا آهن.

ڪردنتن بابت مشق جا سوال

١٣٩. هيٺين مثالن مان اسم مشتق (ڪردنت) چونڊيو ۽ ٻڌايو ته هرهڪ ڪهڙي قسم جو ڪردنت آهي.

(١) هن کي اصل پڙهڻو ڪونهي.
(٢) جو نه پڙهندو، سو ڏڪا کائيندو.
(٣) اسان کي جيڪي چوڻو هو، سو چيوسين.
(٤) آءٌ هن جون ڪيتريون ڳالهيون ڳڻي ڪيتريون ڳڻيان؟!
(٥) هيتري چوڻ کان پوءِ به هو وڃيو خراب ڪم ڪري.

(٥) "اسم فاعل"

١٤٠. پڃندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾. (پهاڪو) هتي "پڃندڙن" ۽ "لڪندڙ" لفظ، اسم آهن. اهي "پڃڻ" ۽ "لڪڻ" فعلن مان ٺهيا آهن ۽ "فاعل" يعني ڪم ڪندڙ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا، تنهنڪري، اسم فاعل سڏجن ٿا، مطلب ته، "اسم فاعل"، ڪم ڪندڙن کي چون ٿا.

١٤١. ڪرندڙ تارا، ڪڏهن ڪڏهن زمين تان لڀندا آهن. هتي "ڪرندڙ" لفظ، صفت آهي.

ڪراچيءَ جي وڻندڙ هوا مون کي وسرڻ جي نه آهي. هتي "وڻندڙ"، صفت آهي. اهڙيءَ طرح، اهي لفظ، صفت به ٿي ڪم اچن ٿا.

١٤٢. هيٺين مثالن مان اسم فاعل چونڊيو ۽ ٻڌايو ته ڪهڙا اسم ۽ ڪهڙا صفت ٿي ڪم آيا آهن:

(١) ميهار، درياهه جي پار رهندڙ هو.
(٢) سهڻي، وهندڙ درياهه تري، پار ويندي هئي.
(٣) سهڻي ٻڏي، ته واڳهو ۽ ٻيا ڦاڙيندڙ جانور اچي لڳس.
(٤) هن ٻڏندڙ جي مدد ڪرڻ وارو ڪو ڪونه هو.
(٥) هن جو احوال، دل کي گهائيندڙ آهي.
(٦) شاعرن، سهڻيءَ بابت، نهايت وڻندڙ بيت چيا آهن.

"اسم فاعل جوڙڻ جون واٽون"

١٤٣. لکڻ مان اسم حاليه "لکندو"، پر اسم فاعل "لکندڙ". مطلب ته، اسم فاعل جي صورت گهڻي قدر اسم حاليه جهڙي آهي، تفاوت هيءُ آهي ته ڦاتوءَ جي

پڇاڙيءَ "آندو"، "اندو" پڇاڙيءَ گڏڻ سان اسم حاليه ٿئي ٿو ۽ اسم فاعل جوڙڻ لاءِ "ڏڙ" پڇاڙي ڪم اچي ٿي. هن قسم جا اسم فاعل، ڌاتوءَ مان ٺهيل آهن.

(الف) هلڻ هار يا هلڻ وارو، معنيٰ وڃڻ وارو. آڻڻهار، معنيٰ آڻڻ وارو يا آڻيندڙ.

اهڙيءَ طرح، مصدر جي پڇاڙيءَ "هار" يا "وارو" لفظ گڏڻ سان به "اسم فاعل" ٺهن ٿا.

اشارو: ڪرتار، داتار، دربان، نگهبان، خزانچي، سوداگر، جادوگر ۽ پهلوان، "اسم فاعل" آهن پر سنڌيءَ ۾ عام طرح انهن کي اسم سڏبو آهي.

باب تيرهون- "زمان"

١٤٤. آءٌ خط لکان ٿو. — هلندڙ وقت ۾.
مون خط لکيو. — گذريل وقت ۾.
هو خط لکندو. — ايندڙ وقت ۾.

لکان، لکيو ۽ لکندو، انهن ٽنهي جو مصدر آهي "لکڻ" ۽ اهي ٽن جدا جدا وقتن جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

(١) آءٌ آهيان. (٢) آءٌ هوس. (٣) آءٌ هوندس.

"آهيان"، "هوس"، ۽ "هوندس". انهن ٽنهي جو مصدر آهي "هئڻ"، ۽ اهي ٽن جدا جدا وقتن جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. اهڙيءَ طرح، سڀني فعل مان، ٽن وقتن جي معنيٰ ظاهر ٿي سگهي ٿي.

"وقت" لاءِ، گرامر ۾ ٺهرايل لفظ آهي "زمان". زمان، معنيٰ وقت. انهن ٽن مکيه زمانن جا هيٺيان نالا آهن:

(١) زمان حال، يعني هلندڙ وقت. مثال: لکان ٿو، پڙهان ٿو.
(٢) زمان ماضي، يعني گذريل وقت. مثال: لکيو، پڙهيو.
(٣) زمان مستقبل، يعني ايندڙ وقت. مثال: لکندو، پڙهندو.

١٤٥. آءٌ لکندس. هتي "لکندس" لفظ، ٻه ڳالهيون ڄاڻائي ٿو:

(١) وقت، ته لکڻ جو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو.

(٢) ڪم جي حالت، ته لکڻ جو ڪم شروع ٿي ڪونه ٿيو آهي، پر اڃا هن کان پوءِ ٿيندو. اهڙيءَ طرح، هرهڪ زمان ٻه ڳالهيون ڄاڻائي ٿو:

(١) ڪم جو وقت، ته حال آهي، يا ماضي آهي يا مستقبل آهي.

(٢) ڪم جي حالت، ته ڪو ڪم ٿئي ٿو يا ٿيو، يا اڃا هن کان پوءِ ٿيڻو آهي.

١٤٦- هيٺين جملن جي فعلن جا زمان ٻڌايو:
(١) هٿن، مائٽن جو چيو مڃيو.
(٢) جيڪو بي ادب ٿيندو، سو انسان نه ليکبو.
(٣) وڏن کي عزت ڏيڻ، سو پاڻ کي عزت ڏيڻ آهي.
(٤) مائٽن کي عزت ڏي، ته توکي عزت ملي.
(٥) جن مائٽن جي دعا کٽي، سي بختاور چئبا.
(٦) ڏٺي ڪندو ته سدائين مائٽن جي چوڻ تي هلندس!

"زمان مضارع"

١٤٧- دل ٿي چوي ته ڪراچيءَ وڃان!
"وڃان"، معنيٰ هينئر يا پوءِ وڃان. (ايندڙ وقت ۾).
اهڙيءَ طرح پنهنجيءَ دل جي ڪنهن خواهش ظاهر ڪرڻ لاءِ وڃان، هلان ۽ پيا اهڙا لفظ ڪم آڻبا ته انهن مان هلندڙ توڙي ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪرندي
جنهن زمان مان، هلندڙ توڙي ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري، تنهن کي "زمان مضارع" چئبو آهي.
"مضارع" معنيٰ، ٻن جو پاڻ ۾ شريڪ يا ڀائيوار ٿيڻ. هيءَ زمان، حال توڙي مستقبل جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۾ شريڪ ٿئي ٿو يعني ٻنهي زمانن جي منجهانئس معنيٰ نڪري ٿي، تنهنڪري مٿس اهو نالو رکيو اٿن.
١٤٨- (١) نانءُ چڙهيو واپاري کٽيو ڪائي، نانءُ چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي (پهاڪو). هتي "ڪائي" معنيٰ ڪائي ٿو ۽ "چڙهي" معنيٰ، "چڙهي ٿو (زمان حال).
(٢) سوري سينگاري اصل عاشقن کي. (شاهه)
هتي "سينگاري" معنيٰ "سينگاري ٿي" (زمان حال). پهاڪن ۽ شعر ۾، زمان مضارع، پوريءَ پوريءَ ريت رڳو زمان حال جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.
(٣) ڪو چوي ته رات مينهن پيو ۽ ڪو چوي ته ڪونه پيو. هتي "چوي" معنيٰ "چوي ٿو" (زمان حال).
اهڙيءَ طرح، بعضي رواجي ڳالهه ٻولهه ۾ به مضارع، رڳو زمان حال جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو، تنهنڪري چئبو ته هي زمان، "زمان حال" جو هڪ قسم آهي.

"زمان مضارع جو گردان يا قيدو"

١٤٩.

واحد	جمع
آءٌ هلان (هل + آن)	اسين هلون (هل + آون)
تون هلين (هل + اين)	توهين هلو (هل + او)
هو هلي (هل+اي)	اهي هلن (هل + آن)

مطلب ته، فعل جي ڌاتوءَ پٺيان، مٿين پڇاڙين (آن، اون وغيره) گڏڻ سان، **زمان** مضارع ٺهي ٿو.

"زمان حال ۽ ان جا قسم"

(۱) آءٌ لکان ٿو. (۲) آءٌ لکان پيو. (۳) آءٌ لکندو آهيان. (۴) آءٌ لکندو هوس.

هنن چئني فعلن مان هلندڙ وقت ۾، لکڻ جي ڪم ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي، پر هر هڪ فعل، هلندڙ وقت جو جدا جدا قسم ڏيکاري ٿو، تنهنڪري هر هڪ قسم تي ڌار ڌار نالو رکيل آهي:

(۱) آءٌ لکان ٿو، هن جي معنيٰ ته لکڻ جو ڪم شروع ٿيو آهي يا هينئر شروع ٿيڻو آهي. هيءَ "زمان حال" سڏجي ٿو.

"زمان حال"، اهو آهي جو هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

(۲) جيڪڏهن "آءٌ لکان ٿو" جي بدران چئبو "آءٌ لکان پيو" ته ان جي معنيٰ ٿيندي ته لکڻ جو ڪم ڪيتري وقت کان جاري آهي ۽ هينئر به هلي پيو. هن کي "زمان حال استمراري" چئبو آهي. استمراري، معنيٰ جاري.

هيءَ زمان، ڏيکاري ٿو ته شروع ٿيل ڪم اڃا هلندو اچي يعني جنهن وقت جي ڳالهه ڪجي ٿي تنهن وقت به جاري يا چالو آهي.

(۳) آءٌ لکندو آهيان. هن جي معنيٰ ته نه رڳو هينئر، پر اڳي به هميشه لکندو آهيان. هن کي "زمان حال مدامي" چئبو آهي. مدامي، معنيٰ دائمي يا هميشه هن زمان تي اهو نالو هن ڪري رکيو اٿن، جو هن مان ڪنهن ڪم جي دائمي يا هميشه ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

هيءَ زمان، گذريل ۽ هلندڙ وقت گڏي ڏيکاري ٿو ۽ ائين ڄاڻائي ٿو ته ڪو ڪم گذريل وقت کان چالو آهي ۽ اڃا پيو ٿئي يا هميشه ٿيندو آهي.

(۱) آٽ جو پيچ ننڍو ٿئي ٿو. "ٿئي ٿو" زمان حال.

(۲) آٽ جو پيچ ننڍو ٿيندو آهي. "ٿيندو آهي" زمان حال مدامي.

اهڙيءَ طرح، حقيقتن ڄاڻائڻ مهل، "زمان حال" جي بدران "زمان حال مدامي" عام طرح ڪم آڻبو آهي.

(۴) آءٌ لکندو هوندس، آءٌ لکندو هئان (هجان). هتي پڪ سان نه، پر شڪ ڳالهه ڪجي ٿي، تنهنڪري "لکندو هوندس"، "لکندو هئان" ۽ "لکندو هجان" "زمان حال متشڪي" آهن. متشڪي، معنيٰ جنهن ۾ شڪ هجي.

هيءُ زمان، هلندڙ وقت جي ڪم بابت شڪ ڏيکاري ٿو يعني هن زمان ۾ پڪ سان چئي نه سگهبو آهي ته ڪم ٿئي ٿو يا نه.

١٥١. هيٺين جملن مان ”زمان حال“ چونڊيو ۽ ٻڌايو ته هرهڪ ڪهڙي قسم جو زمان حال آهي:

(١) ٿر ۾ ڪيترا غريب ماڻهو رهن ٿا.

(٢) ڪي چاٽي واٽي پنهنجن ٻارن کي ٻکون ڪيائين ٿا.

(٣) ٻار ٻکن کڻي تي هرن ٿا، تنهنڪري ڏڪار ۾ ڪو وقت ٻک سهي سگهندا آهن.

(٤) ننڍا ٻار، ٻه ٻه ڏينهن نه کائن، سا ڏاڍي ڏک جهڙي ڳالهه آهي.

(٥) آءٌ چوان ته ٿر ۾ شل ڏڪار اصل نه پوي!

١٥٢. ”زمان ماضي ۽ ان جا قسم“

(١) مون لکيو. (٢) مون لکيو پئي يا لکيو ٿي.
(٣) مان لکندو هوس. (٤) مون لکيو آهي.
(٥) مون لکيو هو. (٦) مان لکان ها.
(٧) مون لکيو هوندو.

هنن ستن ئي فعلن مان، گذريل وقت ۾، لکڻ جي ڪم ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي؛ پر هرهڪ فعل، گذريل وقت جو جدا جدا قسم ڏيکاري ٿو، تنهنڪري هرهڪ قسم تي ڌار ڌار نالو رکيل آهي:

(١) مون ”لکيو. هتي فعل ”لکيو“ ڏيکاري ٿو ته لکڻ جو ڪم پورو ٿي چڪو. هن کي ”زمان ماضي مطلق“ چون ٿا. زمان ماضي مطلق، معنيٰ بنهه گذريل وقت. ”مطلق“، معنيٰ بنهه.

هيءُ زمان، اهو وقت ڏيکاري ٿو، جو بنهه گذري ويو هجي ۽ جنهن ۾ ڪو ڪم ٿي چڪو هجي.

(٢) مون لکيو پئي. فعل ”لکيو پئي“ ڏيکاري ٿو ته لکڻ جو ڪم گذريل وقت ۾ پورو ٿي نه چڪو هو، پر جاري هو. هن کي ”زمان ماضي استمراري“ چون ٿا. استمراري، معنيٰ چالو يا جاري.

هيءُ زمان، ڏيکاري ٿو ته گذريل وقت ۾ ڪو ڪم جاري هو يا هليو پئي.

اشارو (١): ”لکيو ٿي“ به زمان ماضي استمراري آهي. ”لکيو ٿي“ ۽ ”لکيو پئي“ ۾ هيءُ تفاوت آهي:

"لکيو ٿي" ڏيکاري ٿو ته گذريل وقت ۾ لکڻ جو ڪم اڃا شروع ٿي ٿيو.

"لکيو پئي" ڏيکاري ٿو ته گذريل وقت ۾ لکڻ جو ڪم شروع ٿيو هو ۽ هليو پئي.

اشارو (۲): گلاب، خط لکي سگهيو ٿي. "سگهي ٿي"مان ڪم جي جاري رهڻ جي معنيٰ ڪانہ ٿي نڪري، پر "ٿي" لفظ ڪم آيو آهي، تنهنڪري اهو به "زمان ماضي استمراري" جي دفعي ۾ ليکيو آهي.

(۳) مان لکندو هوس يا پيو لکندو هوس، هن جي معنيٰ ته آءٌ هميشه لکندو هوس. هن مان ڪنهن ڪم جي دائمي يا هميشه ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي، تنهنڪري انهيءَ فعل جو زمان چئبو "زمان ماضي مدامي".

هيءُ زمان، گذريل وقت جي عادت، رواج يا پيو ڪو سانده يا وري وري ٿيندڙ ڪم ڏيکاريندو آهي.

اڳي جيڪو چوري ڪندو هو، تنهن جا هٿ وڍائيندا هئا. اهڙيءَ طرح، هن زمان ۾ فعل وارو ڪم، اڪثر گذريل وقت جي ڪنهن ڪنهن ڪم سان لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي.

(۴) مون لکيو آهي. فعل "لکيو آهي"، ڏيکاري ٿو ته لکڻ جو ڪم تازو يا ويجهڙائيءَ ۾ ٿيو آهي. هن کي زمان "ماضي قريب" چون ٿا. قريب معنيٰ ويجهو.

هيءُ زمان، ويجهڙائيءَ ۾، ڪنهن ڪم جي پوري ٿي وڃڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

(۵) مون خط لکيو هو. فعل "لکيو هو"، ڏيکاري ٿو ته لکڻ جو ڪم، ڪجهه وقت اڳي پورو ٿي ويو هو، تنهنڪري هن فعل جو زمان آهي "زمان ماضي بعيد". "بعد" معنيٰ پوءِ ۽ "بعيد"، معنيٰ پوئتي يا پري.

زمان ماضي بعيد، اهو زمان آهي، جو ڏيکاري ٿو ته فعل وارو ڪم، ڪجهه وقت اڳي يا گذريل وقت جي ڪنهن ڪم کان اڳي ٿيو هو.

مثلاً: هو آيو، تنهن کان اڳ مون نانگ ماريو هو.

(۶) مان لکان ها، جي تون مون کي لکڻ ڏين ها. هتي، گذريل وقت جي ڳالهه آهي، پر انهيءَ ۾ شرط پيل آهي، تنهنڪري "لکان ها" ۽ "ڏين ها" زمان ماضي شرطيه" آهن. "شرطيہ"، معنيٰ شرط وارو يعني جنهن ۾ شرط پيل هجي.

زمان ماضي شرطيہ، ڏيکاري ٿو ته ڪو ڪم گذريل وقت ۾ ڪنهن شرط پوري ٿيڻ تي ٿئي ها.

(٧) مون لکيو هوندو. مون لکيو هُئي (هجي). هتي، گذريل وقت جي ڳالهه، شڪي نموني ۾ ڪجي ٿي، تنهنڪري "لکيو هوندو"، "لکيو هُئي" ۽ "لکيو هجي" جي زمان کي، "زمان ماضي متشڪي" چئبو آهي.

هيءَ زمان، گذريل وقت جي ڪم بابت شڪ ڏيکاري ٿو.

١٥٣. هيٺين جملن ۾، جن فعلن جو زمان "ماضي" هجي، سي چونڊيو ۽ ٻڌايو ته هرهڪ ڪهڙي قسم جو ماضي زمان آهي:

(١) ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڪڇ پنج ڀيرا ڪاهيو.

(٢) هن ڪڇ جي راجا جي ڌيءَ سان پرڻجڻ چاهيو ٿي.

(٣) راجا کي سندس وزير چيو ته مون غلام شاهه کي شاديءَ جو دلاسو ڏنو هو.

(٤) وزير کي چيائين ته تو اهڙو انجام ڪيو هوندو.

(٥) شاديءَ جي ڳالهه ٻڌڻ کان راجا نٽائيندو هو.

(٦) راجا سان پيو ڪو اهڙي ڳالهه ڪري ڪين سگهي ها.

(٧) راجا پنهنجي وزير کي زهر ڏيئي پورو ڪيو.

(٨) ميان غلام شاهه ٻڌو ته وزير ماريو آهي، ته هن جنگ ڪئي.

"زمان مستقبل جا قسم"

١٥٤. (١) آءٌ لکندس. (٢) آءٌ پيو لکندس.

"لکندس" زمان مستقبل آهي.

"زمان مستقبل" اهو زمان آهي، جنهن سان ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري ٿي.

(٢) جيڪڏهن "آءٌ لکندس" جي بدران چئبو ته "آءٌ پيو لکندس" ته ان جي معنيٰ ٿيندي ته لکڻ جو ڪم، ايندڙ وقت ۾، سانده پيو ڪندس. هن کي "زمان مستقبل استمراري" چئبو آهي.

هيءَ زمان، ڏيکاري ٿو ته فعل وارو ڪم، ايندڙ وقت ۾، سانده پيو ٿيندو، يا جاري رهندو.

١٥٥. هيٺين جملن مان زمان مستقبل ۽ مستقبل استمراري چونڊيو:

(١) جيڪو نه پڙهندو، سو ڍڳا پيو ڪاهيندو.

(٢) تون پڙهندين ته پاڻ کي ٺورو لائيندين.

(٣) اڻ پڙهيا، پڙهيلن اڳيان پريون ڏيئيندا.

"زمانن جوڙڻ جون ولوڻ"

بنيادي زمان

١٥٦.

(١) آءٌ لکان.	"لکان"	زمان مضارع
(٢) آءٌ لکان ٿو.	"لکان ٿو"	زمان حال
(٣) آءٌ لکان پيو.	"لکان پيو"	زمان حال استمراري
(٤) آءٌ لکان ها.	"لکان ها"	زمان ماضي شرطيہ

مٿين سڀني زمانن ۾، "لکان" جو لفظ ڪم آيو آهي، جو "مضارع" آهي. هاڻ ڏسبو تہ:

(١) مضارع جي پڇاڙيءَ "ٿو" (مونث: ٿي. مصدر: ٿيڻ) ڳنڍڻ سان "زمان حال" ٿئي ٿو.

(٢) مضارع جي پڇاڙيءَ "پيو" (مونث: پيئي. مصدر: پوڻ) ڳنڍڻ سان "زمان حال استمراري" ٿئي ٿو.

(٣) مضارع جي پڇاڙيءَ "ها" (مصدر: "هئڻ") ڳنڍڻ سان "زمان ماضي شرطيہ" ٿئي ٿو.

مضارع، خود فعل جي بنياد يعني ڌاتوءَ مان ٺهيل آهي، تنهنڪري اهي بنيادي زمان (Radical Tenses) سڏجن ٿا.

ڪردنتي زمان

(الف) "اسم مفعول مان ٺهيل زمان"

١٥٧. (١) مون لکيو.	زمان ماضي مطلق
(٢) مون لکيو ٿي يا لکيو پئي	زمان ماضي استمراري
(٣) مون لکيو آهي.	زمان ماضي قريب
(٤) مون لکيو هو.	زمان ماضي بعيد
(٥) مون لکيو هوندو يا لکيو هجي (هجي).	زمان ماضي متشڪڪ

"لکڻ" مان اسم مفعول ٿيندو "لکيو".

مٿين سڀني زمانن ۾ "لکيو" جو لفظ ڪم آيو آهي. اهي سڀ زمان، اسم مفعول مان هيٺينءَ ريت ٺهيا آهن:

(١) اسم مفعول جي پڇاڙيءَ "س" "سون" وغيره ضميرن ڳنڍڻ سان زمان ماضي مطلق ٺهي ٿو. جيئن هيٺين ڏيري مان معلوم ٿيندو:

"زمان ماضي مطلق جو گردان يا ڦيرو"

واحد	جمع
پڙهيس	پڙهياسين، پڙهواسين
پڙهئين	پڙهيؤ
پڙهيو	پڙهيا

"پڙهيو"، اسم مفعول به آهي ۽ زمان ماضي مطلق به آهي. ساڳيءَ طرح، "لکيو". مطلب ته زمان ماضي مطلق، ضمير واحد غائب ۽ اسم مفعول جهڙو آهي.

(٢) اسم مفعول جي پٺيان ٿي يا پي (مصدر: ٿيڻ، پوڻ) گڏڻ سان، زمان ماضي استمراري ٺهي ٿو.

(٣) اسم مفعول پٺيان فعل "هئڻ" جو زمان حال (آهي) گڏڻ سان، زمان ماضي قريب ٺهي ٿو.

(٤) اسم مفعول جي پٺيان فعل "هئڻ" جو زمان ماضي (هو، هئا) گڏڻ سان زمان ماضي بعيد ٺهي ٿو.

(٥) اسم مفعول جي پٺيان فعل "هئڻ" (هجڻ) جو زمان مستقبل (هوندس، هوندو، هئي، هجي) گڏڻ سان، زمان ماضي متشڪي ٺهي ٿو.

(ب) "اسم حاليه مان ٺهيل زمان"

١٥٨. آءٌ لکندس.	زمان مستقبل
(٢) آءٌ پيو لکندس.	زمان مستقبل استمراري
(٣) آءٌ لکندو آهيان.	زمان حال مدامي
(٤) آءٌ لکندو هوس.	زمان ماضي مدامي
(٥) آءٌ لکندو هوس.	زمان حال متشڪي

اسين ڏسي آهيون ته فعل "لکڻ" مان، اسم حاليه ٿيندو "لکندو" جو ڌاتوءَ جي پٺيان "آندو" يا "اندو" پچاڙيءَ گڏڻ سان ٺهي ٿو.

مٿيان سڀ زمان، اسم حاليه مان، هيٺينءَ ريت ٺهيا آهن:

(١) اسم حاليه جي پٺيان ڪن پچاڙين گڏڻ سان، زمان مستقبل ٺهي ٿو. هيٺئين ڏيري مان معلوم ٿيندو ته اهي پچاڙيون آهي ساڳيون آهن، جي اسم مفعول جي پٺيان گڏي، زمان ماضي مطلق جوڙيو آهي.

واحد		جمع	
مذکر	مونث	مذکر	مونث
لکندس	لکنديس	لکنداسين	لکنديونسين (سُون)
لکندين	لکندينءَ	لکندؤ	لکنديون
لکندو	لکندين	لکندا	لکنديون

”لکندو“، زمان مستقبل به آهي ۽ اسم حاليه به آهي. اهڙيءَ طرح زمان مستقبل جو واحد غائب، هميشه اسم حاليه جهڙو آهي.

پين ضميرن، جنس ۽ عددن ۾ نشانيون يا پڇاڙيون ڦرن ٿيون، جيئن، مٿين ڏيري مان معلوم ٿيندو.

(٢) زمان مستقبل جي پٺيان يا اڳيان ”پيو“ (مونث: پيئي. مصدر: پوڻ) گڏڻ سان، زمان مستقبل استمراري ٺهي ٿو.

(٣) اسم حاليه جي پٺيان فعل ”هئڻ“ جو زمان حال (آهي، آهيان وغيره) گڏڻ سان، زمان حال مدامي ٺهي ٿو.

(٤) اسم حاليه جي پٺيان فعل ”هئڻ“ جو زمان ماضي (”هو“ وغيره) گڏڻ سان، زمان ماضي مدامي ٺهي ٿو.

(٥) اسم حاليه جي پٺيان فعل ”هئڻ“ جو زمان مستقبل (هوندو، هوندس وغيره) گڏڻ سان، زمان ’حال متشڪي‘ ٺهي ٿو.

١٥٩. زمانن جو وچور- قسم پهريون

بنيادي زمان

(١) مضارع (٢) زمان حال (٣) حال استمراري (٤) ماضي شرطيه.

ڪردنتي زمان

(الف) اسم مفعول مان ٺهيل: (١) ماضي مطلق (٢) ماضي استمراري (٣) ماضي قريب (٤) ماضي بعيد (٥) ماضي متشڪي.

(ب) اسم حاليه مان ٺهيل: (١) مستقبل (٢) مستقبل استمراري (٣) حال مدامي (٤) ماضي مدامي (٥) حال متشڪي.

اسم مفعول ۽ اسم حاليه، ”ڪردنت“ (پارٽيسپل) آهن، تنهنڪري انهن مان ٺهيل زمانن کي ”ڪردنتي زمان“ (Participial Tense) چئجي ٿو.

١٦٠. زمانن جو وچور- قسم ٻيو

زمانن مان، فعل واري ڪم جو وقت معلوم ٿو ٿئي. انهيءَ "وقت" جي خيال کان زمانن جو وچور هن طرح آهي:

حال جا قسم

١- مضارع	لکان
٢- زمان حال	لکان ٿو
٣- حال استمراري	لکان پيو
٤- حال مدامي	لکندو آهيان
٥- حال متشڪي	لکندو هوندس، لکندو هُئان (هجان)

ماضيءَ جا قسم

١- زمان ماضي مطلق	لکيو
٢- ماضي استمراري	لکيو ٿي يا لکيو پئي
٣- ماضي مدامي	لکندو هوس
٤- ماضي قريب	لکيو آهي
٥- ماضي بعيد	لکيو هو
٦- ماضي شرطيہ	لکان ها
٧- ماضي متشڪي	لکيو هوندو، لکيو هُئي (هجي)

مستقبل جا قسم

١- زمان مستقبل	لکندس
٢- مستقبل استمراري	پيو لکندس

مطلب تہ زمان حال جا پنج، زمان ماضيءَ جا ست ۽ زمان مستقبل جا ٻہ قسم آهن، يعني جملي ١٤ زمان آهن.

اشارو: ٽينءَ ورچ لاءِ ڏسو ڪتاب جي پڇاڙيءَ وارو ضميمو.

١٦١. مجهول فعلن جا زمان

بنيادي زمان

زمان	معروف	مجهول
١- زمان مضارع	ماريان	مارجان
٢- زمان حال	ماريان ٿو	مارجان ٿو

٣- زمان حال استمراري	ماريان پيو	مارجان پيو
٤- ماضي شرطيہ	ماريان ها	مارجان ها

"اسم حاليہ مان ٺهيل زمان"

۵- زمان مستقبل	ماريندس	ماربس
٦- مستقبل استمراري	ماريندس پيو	ماربس پيو
٧- حال مدامي	ماريندو آهيان	ماربو آهيان
٨- ماضي مدامي	ماريندو هوس	ماربو هوس
٩- حال متشڪي	ماريندو هوندس	ماربو هوندس
" "	ماريندو هُئان (هجان)	ماربو هُئان (هجان)

"اسم مفعول مان ٺهيل زمان"

١٠- زمان ماضي مطلق	ماريو يا ماريو ويو
١١- ماضي استمراري	ماريم پئي، ماريم پئي
١٢- ماضي قريب	ماريو آهيان
١٣- ماضي بعيد	ماريو هوم، ماريو هوس
١٤- ماضي متشڪي	ماريو هوندم، ماريو هوندس

مطلب تہ، مجهول فعلن جا زمان بہ فعلن جي ڌاتوءَ ۾ ڪردنتن مان ٺهن ٿا. تفاوت فقط هيءُ آهي:

(١) "مارڻ" معروف - "مارجڻ" مجهول.

پهرين چئن بنيادي فعلن ۾ اها مجهول جي نشاني "ج" گڏيل آهي، جنهنڪري "ماريان" جي بدران "مارجان" جڙجي ٿو.

(٢) "ماريندو" اسم حاليہ معروف. "ماربو" اسم حاليہ مجهول. اسم حاليہ مان ٺهيل مجهول زمانن ۾ "ابو" لڳبو آهي.

(٣) مارڻ ۽ مارجڻ، ٻنهي مان اسم مفعول "ماريو"، "مارجيو" نہ ڇئبو. اسم مفعول، مجهول صورت وارو آهي، ۽ ان مان جڙيل زمان، سڀ مجهول صورت وارا آهن. ماريو ويو، لکيو ويو. اهڙيءَ طرح، ماضي زمانن ۾ "ويو" لفظ گڏبو آهي، تہ فعل هيڪاري وڌيڪ مجهول صورت وارو ٿيندو آهي.

باب چوڏهون- "فعلن جون پچاڙيون"

١٦٢. فعلن جون پچاڙيون، ترتيب وار هن طرح بيهاريون:

پچاڙيون نمبر (١): "حالت فاعليءَ جي معني ڏيکاريندڙ:

واحد	جمع
متڪلم - س	سين، (سون)
حاضر - اين	وُ
غائب - -	—

پڙهيس، معنيٰ آءٌ پڙهيس. پڙهندس، معنيٰ آءٌ پڙهندس. اهڙيءَ طرح، اهي پڇاڙيون، سدائين فاعل جي معنيٰ ڏيکارين ٿيون. اسم مفعول مان زمانهِ ماضي

۱۶۳. **پڇاڙيون نمبر (۲) "عام پڇاڙيون":**

واحد	جمع
متڪلم - م	آون، سين (سوُن)
حاضر - ءِ	وُ
غائب - س	ن

پيُم = منهنجو پيءُ. ساٿُم = مون ساڻ. ڪاڏم = مون ڪاڏو. اهي پڇاڙيون، اسمن، حرف جر ۽ فعلن سان ڪم اچن ٿيون.

ماريُم، معنيٰ مون ماريو.	"مون" فاعل
ماريائينم، معنيٰ مون کي ماريائين	"مون" مفعول

اهڙيءَ طرح، ڪٿي فاعل ۽ ڪٿي مفعول جي معنيٰ نڪري ٿي.

۱۶۴. **پڇاڙيون نمبر (۳)** فعل متعدي مجهول جي فاعل جون پڇاڙيون:

واحد	جمع
متڪلم - م	اون، سين (سون)
حاضر - ءِ	وَ
غائب - آئين	آئون

"ماريو"، فعل متعدي مجهول آهي. جيڪڏهن اُن ۾ "م" پڇاڙي گڏجي ڇڏبو "ماريم"، ته پوءِ فعل، معروف صورت وارو ڏسڻ ۾ ايندو. اهي پڇاڙيون، فعل متعدي جي ماضي زمانن ۾ گڏبيون آهن.

۱۶۵. "کھوڙو ڊوڙيو". (معروف صورت)، هن مان ظاهر آهي ته فعل لازمي، ماضي زمانن ۾ اڪثر معروف صورت وارو آهي، تنهنڪري، لازمي فعلن کي هنن پڇاڙين جو ڪم ڪونهي.

۱۶۶. **"ٻهڙن پڇاڙين سان فعل"**

ماريائين، معنيٰ هن ماريو.	"هن" فاعل
ماريائيم، معنيٰ هن مون کي ماريو.	"مون" مفعول

هن طرح، هڪڙي ئي فعل ۾، ٻہ ڀڃاڙيون گڏجي، فاعل توڙي مفعول جي معني ظاهر ڪبي آهي.

۱۶۷. "مارياڻين" لفظ ۾ "ماريو" جي پٺيان "آئين" ڀڃاڙي گڏجي اٿئون، جا "ڀڃاڙي نمبر ۳" مان کنئين اٿئون.

"مارياڻينم" لفظ ۾ "مارياڻين" جي پٺيان "م" ڀڃاڙي گڏجي اٿئون، جا "ڀڃاڙي نمبر ۲" مان ورتي اٿئون.

مطلب تہ، عام قاعدو هيءُ آهي تہ فاعل جي معني ظاهر ڪرڻ لاءِ، "ڀڃاڙين نمبر ۳" مان جيڪا ڀڃاڙي ڪپندي هجي، سا فعل جي پٺيان گڏجي، پوءِ مفعول جي معني ظاهر ڪرڻ لاءِ "ڀڃاڙين نمبر ۲" مان، جيڪا ڀڃاڙي ڪپندي هجي، سا ان جي پٺيان گڏڻ گهرجي.

اشارو: "ماريو" جو آڇار گهٽائي ڪبو "مار" ۽ پوءِ "آئين" ڀڃاڙي گڏجي ڇٻبو "مارياڻين"

"ڏنم، ڏنوم" جي پٺيان، يڪدم "س" گڏجي "ڏنومس" نہ ڇٻبو، پر م ۽ س جي وچ ۾ "آن" جو آڇار بالائي گڏجي، ڇٻبو "ڏنومانس". اهڙيءَ طرح ڀڃاڙين گڏڻ مهل آڇار جي سهنائيءَ ۽ سولائيءَ (آڇار سهنج) جو خيال ڪبو آهي.

"ڀڃاڙين گڏيل فعلن جو گردان"

۱۶۸. ٻنهين ڀڃاڙين گڏيل فعلن جو بہ گردان يا ڦيرو ٿيندو آهي. مثال لاءِ، فعل "ٿيڻ" مان ٺهيل امر نيازي يا امر تمنا "ٿجام" (تون مون سان ٿج) جو ڦيرو ڏجي ٿو. اهو ضمير واحد توڙي جمع ۾، مضارع جهڙو آهي.

واحد	جمع	واحد	جمع
ٿجام	ٿجوم	ٿجائون	ٿجوئون
ٿجانس	ٿجوس	ٿجان	ٿجون

ٿجائون=اسان سان ٿج. ٿجوئون=اسان سان ٿجو. انهن ٻنهي لفظن ڪم آڻڻ جو هاڻ گهٽو رواج ڪونهي.

اشارو: امر، سدائين، حاضر ماڻهوءَ (ضمير حاضر) سان لاڳو ٿئي ٿو. ٻين ضميرن ڄاڻائڻ لاءِ، مضارع مان پورائي ڪبي آهي. مثلاً: "ٿيان"، جمع "ٿيون" ۽ "ٿئي"، جمع "ٿين".

"گردان"

۱۶۹. ٿجان، معني مون سان ٿج. ٿجانس، معني هن سان ٿج. مطلب تہ فعلن جا ضمير ٽين ٽا ۽ جيئن ضمير ڪي جنس ۽ عدد ٽين ٽا، تيئن فعلن ڪي ٻہ ٽين ٽا ۽ انهن جو گردان يا ڦيرو بہ ٿئي ٿو.

فعل جي ڪنهن به زمان کي، ڏنهي خالص ضميرن واريون نشانيون يا پڇاڙيون لڳائي، واحد ۽ جمع توڙي مذڪر ۽ مونث ۾ آڻڻ کي ”فعل جو گردان يا ڦيرو“ چئبو آهي. (جيئن، اسم جو، سڀني حالتن ۾ آڻڻ کي ”اسم جو ڦيرو“ چئجي ٿو).

باب پندرهون - مرڪب فعل

١٧٠. (١) هو پڙهڻ لڳو (٢) مون هن کي چئي ڏنو (٣) هو جاڳندو رهيو (٤) توکي وڃڻو پوندو.

پهرئين جملي ۾، مصدر ”پڙهڻ“ جي پٺيان فعل ”لڳو“؛ ٻئي جملي ۾ ماضي معطوفي ”چئي“ جي پٺيان فعل ”ڏنو“؛ ٽئين جملي ۾ اسم حاليه ”جاڳندو“ جي پٺيان فعل ”رهيو“؛ ۽ چوٿين جملي ۾ اسم استقبال ”وڃڻو“ جي پٺيان فعل ”پوندو“. اهڙيءَ طرح، ٻه ٽي فعل، جي گڏ اچن، تن کي ”مرڪب فعل“ يعني ”گڏيل فعل“ چئبو آهي. مطلب ته:

مصدر، ماضي معطوفي، اسم حاليه ۽ اسم استقبال جي پٺيان لڳڻ، ڏيڻ، رهڻ، پوڻ، ڇڏڻ، رکڻ ۽ وڃڻ وغيره گڏجڻ سان ”مرڪب فعل“ ٿين ٿا.

(الف) گهوڙو ڊوڙڻ لڳو. ”ڊوڙڻ لڳو“، فعل لازمي مرڪب. هن گهوڙو ڀڄائي ڇڏيو. ”ڀڄائي ڇڏيو“، فعل متعدي مرڪب. اهڙيءَ طرح، ترڪيب مهل ڄاڻائجي، ته اهو مرڪب فعل آهي.

١٧١. هيٺين جملن مان مرڪب فعل چونڊيو:

(١) هو رلندو وتي. (٢) پٽس ماري وڌس. (٣) هو رئڻ لڳو. (٤) پوءِ بس ڪري ويٺو.

باب سورهون - ”پريوگ“

١٧٢. ”ڪرتري پريوگ“

(١) گهوڙو ڊوڙي ٿو. گهوڙا ڊوڙن ٿا. (عدد)
(٢) گهوڙو ڊوڙيو هو. گهوڙي ڊوڙي هئي. (جنس)
(٣) آءٌ ڊوڙندس. اسين ڊوڙنداسين. (ضمير)

ڪوبه فعل، جڏهن پنهنجي فاعل پٺاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي، تڏهن ان جو پريوگ ”ڪرتري“ (فاعلي نسبت) چئجي ٿو.

ڪرتر يا ڪرتا، معني فاعل؛ ۽ ڪرتري، معني فاعلي.

١٧٣. (١) نوڪر دلو ڀڳو. نوڪر دلا ڀڳا (عدد) (٢) نوڪر دلي ڀڳي. نوڪر دليون ڀڳيون (جنس)

ڪوبہ فعل، جڏهن پنهنجي اصلوڪي يا سچي پچي مفعول پٽاندڙ عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي، تڏهن انهيءَ جو پريوڳ، ”ڪرمڻي“ چئجي ٿو.

ڪرمڻي پريوڳ، معنيٰ مفعولي نسبت. ڪرم = مفعول.

(الف) گهوڙو مارجي ويو. گهوڙي مارجي وئي. (سوار ڪان).

هتي ”گهوڙو“، فاعل آهي، پر سچ پچ تہ مفعول آهي، ڇاڪاڻ تہ اصلوڪو يا سچو پچو فاعل ”سوار“، يا ٻيو ڪو آهي. هتي، فعل پنهنجي اصلوڪي يا سچي پچي مفعول پٽاندڙ عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو، تنهنڪري هيءُ ”ڪرمڻي پريوڳ“ جو مثال آهي.

(ب) ڪم ڪبو آهي، ڪار ڪبي آهي.

”ڪم“ ۽ ”ڪار“، درحقيقت مفعول آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪم ڪار ڪرڻ وارو، ضرور ڪو ٻيو هوندو. هتي بہ فعل پنهنجي اصلوڪيءَ يا سچي پچي مفعول پٽاندر عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو، تنهنڪري هيءُ بہ ”ڪرمڻي پريوڳ“ جو مثال آهي.

”ڀاوي پريوڳ“

١٧٤. (الف) ڪتي، ٻلي کي جهليو. ڪتي، ٻليءَ کي جهليو.

ڪتي، ٻلن کي جهليو.   ڪتي، ٻلين کي جهليو.

هتي فعل، نڪي فاعل، نڪي مفعول پٽاندر عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو، پر سڄي هنڌن تي ضمير، واحد غائب مذڪر جي صورت ۾ بيٺو آهي. هيءَ ”ڀاوي پريوڳ“ آهي.

(ب) پينگهي ۾ لڏجي ٿو. پينگهي ۾ لڏبو آهي.

”لڏجي ٿو“ ۽ ”لڏبو آهي“، اڪر ترڪ فعل آهن، جن کي نڪو فاعل، نڪو مفعول آهي، تنهنڪري آهي ڪنهن سان بہ نتا مٽجن. هيءُ بہ ”ڀاوي پريوڳ آهي.

جيڪو فعل، نڪي پنهنجي فاعل، نڪي مفعول، پٽاندر عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو، يا جو فاعل توڙي مفعول نہ هئڻ سبب جيئن جو تيئن رهي ٿو، تنهن جو پريوڳ، ”ڀاوي“ (علحدي نسبت) چئجي ٿو.

اشارو: هن پريوڳ ۾ فعل، پنهنجو ڀاءُ (سڀاءُ) يا ذاتي حالت ڏيکاري ٿو.

”ٻوڙ“

١٧٥. ڪرتري پريوڳ اهو آهي، جنهن ۾ فعل سدائين پنهنجي فاعل پٽاندڙ عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو.

(٢) ڪرمڻي پريوگ اهو آهي، جنهن ۾ فعل، سدائين پنهنجي اصلوڪي يا سچي پچي مفعول پٽاندڙ مٽجي ٿو.

(٣) ڀاوي پريوگ اهو آهي، جنهن ۾ فعل، نڪي فاعل، نڪي مفعول پٽاندڙ مٽجي ٿو، يا جو فاعل توڙي مفعول ته، هڻڻ سبب جيئن جو تيئن رهي ٿو.

١٧٦. هيٺين جملن ۾، فعلن جا پريوگ ٻڌايو:

(١) شادين جا خرچ وڏي ويا آهن.
(٢) ويچارا غريب، ايترا پئسا ڪٿان آڻيندا؟
(٣) ڪن جوانن، پنڇات کي دانهن ڏني.
(٤) سيٺي، پنهنجا سور سليا.
(٥) ٻڌي ڪبي ته ڪم ٺهي پوندو.
(٦) هميشه سنڀالي، خرچ ڪبو آهي.

باب سترهون- "ظرف جا قسم"

١٧٧. اسين سکيا آهيون ته ظرف، اهو لفظ آهي جو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿئي ٿو ۽ منجهانئس وقت، جاءِ، ريت، قدر يا ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي.

١٧٨. هُو، هينئر اچي پيو. "هينئر"، وقت ڏيکاري ٿو. جيڪو ظرف، وقت ڏيکاري، تنهن کي "ظرف زمان" چئجي ٿو. اڄ سڀاڻ، پوءِ، اڳ ۾ٿو، هميشه يا سدائين ظرف زمان آهن.

Subjective Construction	ڪرتري پريوگ
Objective "	ڪرمڻي پريوگ
Neuter "	ڀاوي پريوگ
Voice	پريوگ، معنيٰ (١) ميلاپ (٢) صورت
Active Voice	ڪرتري پريوگ آهي معروف صورت
Passive Voice	۽ ڪرمڻي پريوگ آهي مجهول صورت

١٧٩. هو، مٿي ويو "مٿي" لفظ، جاءِ يا طرف ڏيکاري ٿو. جيڪو ظرف، جاءِ يا طرف ڏيکاري، تنهن کي "ظرف مڪان" چئجي ٿو. هتي، هيٺ، اندر، ٻاهر، هيڏانهن، هوڏانهن، اڳيان ۽ پٺيان "ظرف مڪان" آهن.

١٨٠- هن بلڪل آهستي پڙهيو، "بلڪل" لفظ قدر، ۽ "آهستي" ريت ڏيکاري ٿو. جيڪو ظرف ريت يا قدر ڏيکاري، تنهن کي "ظرف تميز" چئجي ٿو. تميز، معنيٰ ڍنگ يا ريت. مس مس، هرو ڀرو، جيڪس، ٻئي ع هيئن هوئن، جيئن ۽ تيئن "ظرف تميز" آهن.

١٨١. هو ڪين پڙهندو. ”ڪين“ لفظ، ناڪار جي معني ڏيکاري ٿو. جو ظرف ناڪار جي معني ڏيکاري، تنهن کي ”ظرف نفي“ چئجي ٿو.

١٨٢. هيٺين جملن مان ظرف چونڊيو ۽ هر هڪ جو قسم ٻڌايو:

(١) هڪڙو چور لڪي لڪي، ڪنهن سيٺ جي گهر ويو.

(٢) اچا ٻڪو ٿي، ته سيٺ، امالڪ ڊوڙي، پٺيان پيس.

باب ارڙهون- ترڪيب جي وات

”اسم جي ترڪيب“

١٨٣. گوپالَ وڻن جي ساوڪ ڏٺي.

گوپال: اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل ”ڏٺي“ جو.
وڻن: اسم عام، جنس مذڪر، عدد جمع، حالت جري، سببان ”جي“ حرف جي.
ساوڪ: اسم ذات، جنس مونث، عدد واحد، حالت مفعولي، مفعول فعل ”ڏٺي“ جو.

١٨٤. ”ضمير جي ترڪيب“

(١) هن پاڻ اها ڳالهه ڪئي.

هن: ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل ”ڪئي“ جو.
پاڻ: ضمير مشترڪ، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت ساڳي ”هن“ ضمير واري.
اها: ضمير آهي، پر هتي صفت ٿي ڪم آيو آهي. لڳي ٿو ”ڳالهه“ سان.

(٢) جو ڪندو سو پائيندو.

جو: ضمير موصول، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل ”ڪندو“ جو.
سو: ضمير جواب موصول، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل ”پائيندو“ جو.

(٣) کيس ڪنهن ماريو؟

کيس: هن کي. ضمير غائب، (متصل)، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت جري.
ڪنهن: ضمير استفهام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل ”ماريو“ جو.

١٨٥. ”صفت جي ترڪيب“

(١) ڪوڙهيو ڪتو ڪنهن ڪان نه رهي.

ڪوڙهيو: صفت خالص، لڳي ٿو ”ڪتو“ سان.

(٢) ”گهوڙو“ گڏهه کان وڏو آهي، پر ”هاٿي“ سڀني جانورن کان قداور آهي.

وڏو: صفت تفصيل، سندس موصوف ”گهوڙو“.

سڀني: عددي صفت، سندس موصوف ”جانورن“.

قداور: صفت مبالغو، سندس موصوف ”هاٿي“.

(٣) جهڙو ٻوٽ تهڙي ڇمات.

جهڙو: ضميري صفت، سندس موصوف ”ٻوٽ“.

تهڙي: ضميري صفت، سندس موصوف ”ڇمات“.

١٨٦. ”مصدر جي ترڪيب“

مصدر اصل بنياد موجب ”اسم“ آهي، تنهنڪري ان جي ترڪيب اسم وانگر هن طرح ڪبي:

(١) ”پڙهڻ چڱو آهي“. ”پڙهڻ“ اسم مصدر، فاعل، حالت فاعلي.

(٢) ”هو پڙهڻ سکيو آهي“. ”پڙهڻ“ مصدر، مفعولي، حالت مفعولي.

(٣) ”هو هوا کائڻ لاءِ باغ ۾ ويو“. ”کائڻ“ اسم مصدر، حالت جري، سببان ”لاءِ“ حرف جر جي، سندس مفعول ”هوا“. (فعل متعديءَ جي ڌاتوءَ مان ٺهيل مصدر، جو مفعول چاهائڻ گهرجي).

اشارو: مصدر سدائين عدد واحد ۽ جنس مذڪر آهي، تنهنڪري ان جي عدد ۽ جنس ڄاڻائڻ جو ضرور ڪونهي.

١٨٧. ”اسم حاليه جي ترڪيب“

(١) ”مون هن کي هوا کائيندو ڏٺو“.

کائيندو: اسم حاليه، فعل متعديءَ مان ٺهيل، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت مفعولي، مفعول فعل ”ڏٺو“ جو، سندس مفعول ”هوا“. (”ڏٺو“ جو اڻ سڌو مفعول آهي ”هن کي“).

اشارو: (١) ”هو ڪلندو آيو ۽ رئندو ويو“. ”کلندو“ ۽ ”رئندو“ اسم حاليه آهن، پر هتي هنن کي ظرف ڪوٺي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ريت هن جي معني ڏيکارين ٿا ته هو ڪهڙيءَ ريت آيو ۽ ڪهڙيءَ ريت ويو.

(٢) ”ڏٺي شل سهندا بار ڏٺي“. ”سهندا“ صفت.

١٨٨. ”ماضي معطوفيءَ جي ترڪيب“

هو ڏسي وائسي پڇي ويو. ”ڏسي وائسي“ ماضي معطوفي، فعل متعديءَ مان ٺهيل، سندس مفعول ”حال حالت“ يا ٻيو ڪو اهڙو لفظ، جو ڳجهو رهيو آهي.

اشارو: جيڪڏهن "ڏسي وائسي" ظرف ليکبو ته به ترڪيب صحيح ٿيندي. پوءِ چئبو ته "ڏسي وائسي" ظرف آهي ۽ لڳي ٿو فعل "ڀڄي ويو" سان.

١٨٩. "فعل لازميءَ جي ترڪيب"

(١) "هو ڏسي وائسي ڀڄي ويو".

ڀڄي ويو: فعل لازمي مرڪب بيقاعدي، ڪرتري پريوگ، زمان ماضي مطلق، ضمير غائب. جنس مذڪر، عدد واحد، سندس فاعل آهي "هو".

(٢) "سپاٽي ڪراچيءَ وڃ".

وڃ: فعل لازمي بيقاعدي، ڪرتري پريوگ، امر نيازي يا تمنا، جنس مذڪر (مونث)، عدد واحد، ضمير حاضر، سندس فاعل "تون" ڳجهو آهي.

اشارو: "هن رت رنو". "رئڻ" فعل لازمي آهي. "رت رئڻ" اصطلاح آهي ۽ معنيٰ اٿس رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ يا زار زار رئڻ. "رت رنو" هڪ يڪو لفظ سمجهي، ان کي فعل لازمي ڪونبو. يا "رت" لفظ جي معنيٰ "زار زار" وٺي، ان کي ظرف سڏبو.

١٩٠. "فعل متعديءَ جي ترڪيب"

(١) تون خط لک.

لک: فعل متعدي معروف باقاعدي، ڪرتري پريوگ، امر، جنس مذڪر (مونث)، عدد واحد، ضمير حاضر، سندس فاعل "تون" ۽ مفعول "خط".

(٢) ڄڄ م گهوٽ پيءُ ڏٺو هوم.

ڏٺو هوم: فعل متعدي معروف بيقاعدي، ڪرمڻي پريوگ، زمان ماضي بعيد، ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، سندس فاعل "مون"، جنهن جي نشاني "م" فعل جي پڇاڙيءَ ۾ پيل آهي ۽ مفعول "گهوٽ پيءُ".

اشارو: جنهن فعل سان ضميري پڇاڙي ڳنڍيل هجي، تنهن جي ترڪيب معنيٰ موجب ڪبي.

مثلاً: ڏٺو هوءِ = تو ڏٺو هو. هتي فاعل "تو" چئبو.

ڏٺو هئائين = هن ڏٺو هو. هتي فاعل "هن" چئبو.

ڏٺو هئائينم = هن مون کي ڏٺو هو. هتي فاعل "هن" ۽ مفعول "مون".

١٩١. ظرف جي ترڪيب

(١) گهوڙو هينئر بلڪل آهستي هلي ٿو.

هيٺئر: ظرف زمان، لڳي ٿو فعل "هلي ٿو" سان.
بلڪل: ظرف تميز، لڳي ٿو ٻئي ظرف "آهستي سان".
آهستي: ظرف تميز، لڳي ٿو فعل "هلي ٿو" سان.

(٢) هيڏڙيءَ وهيءَ ۾ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ.

"هيڏڙيءَ وهيءَ ۾"، ظرفي فقرو Adverbial Clause لڳي ٿو فعل "ڳالهاءِ" سان.
"نہ": ظرف نفي، لڳي ٿو فعل "ڳالهاءِ" سان.

(٣) هو پيٽ ڀر ڪريو.

پيٽ ڀر: ظرف مڪان، لڳي ٿو فعل "ڪريو" سان. يا چئبو "پيٽ" حالت جري، سببان "ڀر" حرف جر جي.

١٩٢. "حرف جر جي ترڪيب"

هو باغ "۾" ويو. هو باغ "مان" ويو. هو باغ "ڏي" ويو.
"۾، مان، ڏي"، حرف جر، هر هڪ لڳي ٿو اسم "باغ" سان.

١٩٣. "حرف جملو جي ترڪيب"

(١) مون صوف ۽ توت کاڌا.

"۽": حرف جر، جو صوف ۽ توت جي ڳالهہ گڏي ڪرڻ لاءِ ڪم آيو آهي.

(٢) چاچو گهر ۾ يا اوطاق ۾ هوندو.

"يا": حرف جملو، جو "گهر ۾" ۽ "اوطاق ۾" انهن جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍڻ يعني انهن جي ڳالهہ گڏي ڪرڻ لاءِ ڪم آيو آهي.

١٩٤. "حرف ندا جي ترڪيب"

(١) ٻلي! تو آج نوان ڪپڙا ڪيا آهن. "ٻلي" حرف نداء

(٢) مارا تون ڏاڍو موڳو آهين. "مار" حرف نداء

١٩٥. لفظن جي جدا جدا صورت ٻڌائڻ ۽ جملي جي ٻين لفظن سان انهن جو لاڳاپو ڏيکارڻ، تنهن کي "ترڪيب" چئبو آهي.

باب اوڻيهون-"تفريق يا ڇيد"

١٩٦. "سج" اڀري ٿو. هتي اسين "سج" جي ڳالهہ ڪريون ٿا، ۽ هيءَ ڳالهہ ٿا ڪريون، تہ "اڀري ٿو". مطلب تہ هن جملي جا ٻہ ڀاڱا آهن: (١) جنهن بابت ڳالهہ ڪجي ٿي. (٢) جيڪي هن بابت چئجي ٿو.

۰ٽئين جملي ۾ "سچ" جي ڳالهه ڪجي ٿي، جو "فاعل" آهي. فاعل بابت جيڪي به چئجي ٿو، تنهن کي چئبو آهي "خبر" هاڻ چئبو ته هر هڪ جملي جا جي ٻه ڀاڱا آهن، سي هي آهن: (١) فاعل (٢) خبر.

"علم صرف" ۾ جنهن کي "فاعل" ٿو چئجي تنهن کي "علم نحو" ۾ "مبتدا" ٿو چئجي. "مبتدا" معنيٰ جنهن سان ابتدا يا شروعات ٿئي. سليس جملا فاعل سان شروع ٿا ٿين، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن.

١٩٧۰ جملي کي ڀڃي، ان جا ڀاڱا (مبتدا يا فاعل ۽ خبر) ڌار ڌار ڪرڻ کي، "تفريق يا ڇيد" چئجي ٿو.

—"تفريق" معنيٰ سڄي کي ڀڃي يا ڪولي ڀاڱا ڪرڻ (فرق يا ورچ) "ڇيد" جي به معنيٰ آهي وڍڻ يا چني ڌار ڪرڻ (ڇيد = ڇنڻ، ڀڃڻ).

١٩٨۰ جملن جي ڇيد ڪرڻ مهل هڪ جدول ڏاهبي آهي، جنهن ۾ جملي جي هر هڪ ڀاڱي لاءِ ڌار ڌار خانو جوڙبو آهي، جيئن هيٺ ڏيکارجي ٿو.

جملو	مبتدا يا فاعل	خبر
(١) ڇوڪر رلي پيو.	ڇوڪرو	رلي پيو
(٢) ڪتو ڀؤنڪي ٿو.	ڪتو	ڀؤنڪي پيو

جملي جي ڀڱن کي وڌائڻ بابت

١٩٩۰ "فاعل جو وڌاءُ"

(١) ڇوڪرو رلي پيو. (٢) ڪنو ڇوڪر رلي پيو. (٣) هو ڦاڙل ڪپڙن وارو ڪينو ڇوڪر رلي پيو.

هو "ڦاڙل ڪپڙن وارو ۽ ڪينو" لفظ صفت آهن.

اهي صفتي لفظ فاعل (ڇوڪرو) بابت وڌيڪ حقيقت ڄاڻائن ٿا، تنهنڪري انهن کي "فاعل جو وڌاءُ" يا "فاعل جو لڳ" چئبو آهي. لڳ معنيٰ لاڳو ٿيندڙ لفظ.

٢٠٠۰ "فعل جو وڌاءُ"

(١) ڇوڪرو رلي پيو. (٢) ڇوڪرو هينئر رلي پيو. (٣) ڇوڪرو هينئر ڏر ٽيءَ جي مهل رلي پيو. (٤) ڇوڪرو هينئر ڏرتيءَ جي مهل رسي تي رلي پيو.

"هيئنر، ڌرتيءَ جي مهل ۽ رستي تي اهي سڀ ظرفي لفظ آهن. جي فعل "رلي پيو" سان لڳن ٿا. اهي سڀ ظرفي لفظ فعل کي وڌائڻ لاءِ ڪم آيا آهن، تنهنڪري انهن کي "فعل جو وڌاءُ" چئجي ٿو. اهي فعل سان لاڳو ٿين ٿا، تنهنڪري انهن کي "فعل جو لڳ" به چئجي ٿو.

٢٠١. "مفعول جو وڌاءُ"

(١) ڇوڪرو ماني کائي ٿو.
(٢) ڇوڪرو ڪوسي ماني کائي ٿو.
(٣) ڇوڪرو گيهه ۾ تريل ڪوسي ماني کائي ٿو.
(٤) ڇوڪرو اڄ مٺي گيهه ۾ تريل ڪوسي ماني کائي ٿو.

"کائي ٿو" فعل متعدي آهي ۽ "ماني" ان جو مفعول آهي. مفعول بابت وڌيڪ حقيقت ڄاڻائڻ لاءِ ان سان مٿيان صفتي لفظ ڪم آندا اٿئون، تنهنڪري انهن کي "مفعول جو وڌاءُ" يا مفعول جو لڳ چئجي ٿو.

٢٠٢. مطلب ته فاعل ۽ مفعول سان صفتي لفظ ۽ فعل سان ظرفي لفظ لاڳو ڪجن ٿا ته ننڍڙا جملا وڏا ٿين ٿا.

٢٠٣. ڇيد ڪرڻ مهل جيڪا جدول جوڙجي، جيئن هيٺ ڏيکارجي ٿو:

(١) ٻه مزور آرسيءَ جو ڪيٽ مٿي تي کنيو پيا وڃن.
(٢) بيرحم ڇوڪر هن غريب جي ٻار کي ڏاڍو ماريو.

فاعل		خبر			
اسم	لڳ	فعل	فعل جا لڳ	مفعول	مفعول جو لڳ
مزور	ٻه	کنيو پيا وڃن	مٿي تي	ڪيٽ	آرسيءَ جو.
ڇوڪر	بيرحم	ماريو،	ڏاڍو	ٻار کي	هن غريب جي.

٠٢.٤ "فعل اڌپوري۽ خبر وارو ۽ پورائو"

(١) هي ڪم ڪنهن ڪاريگر کان .... آهي.

(٢) هي ڪم ڪنهن ڪاريگر کان "ٿيٺو" آهي.

پهرئين جملي مان پورو مطلب ڪونه ٿو نڪري. اسان جي دل جو پورو پورو مطلب تڏهن ظاهر تـو ٿئي جڏهن فعل جي اڳيان "ٿيٺو" لفظ ڪڏيون ٿا، جو "اسم استقبال" آهي. هن مان ڏسڻ مان ايندو تہ "آهي" (فعل لازمي) اڌپوري خبر وارو آهي ۽ ان جو پورائو ڪندڙ لفظ آهي "ٿيٺو". هاڻ هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا جن مان خبر پوندي تہ ڪهڙي قسم جا لفظ "پورائو" ٿي ڪم اچن ٿا.

فاعل	خبر		
اسم	مفعول	اڌپورو فعل	پورائي
ڳوٺاڻن	خدا بخش	مقرر ڪيو	وڏيرو يا مکي. (اسم)
ماجسٽريٽ	قيدي	ڪيو	آزاد. (صفت)
آءٌ	چور	پسند ڪريان ٿو	پڪڙائڻ. (مصدر)
تون	—	هوندين	ڪٿي؟ (ظرف)
بازيگر	ماڻهو	وڌا	حيرت ۾. (ظرفي فقرو)
گوبند	—	آهي	وڃڻو. (اسم استقبال)
ماجسٽريٽ	قيدي	لهرايو	سزا جو لائق. (فقرو)

"چيد بابت وڌيڪ سمجهاڻي"

٠٢.٥ چيد ڪرڻ مهل جملي جو فاعل ۽ فعل ڪڍي ڌار ڪجن. جيڪڏهن ڪو مفعول هجي تہ اهو بہ ڌار ڪجي.

(١) وڃ معني تون وڃ. "تون" فاعل ۽ "وڃ" خبر.

(٢) ڪارايو مانس، معني مون هن کي ڪارايو. اهڙيءَ طرح فعل سان پڇاڙيون ڳنڍيل هجن، ته پوءِ معني موجب هن طرح ڇيد ڪبو:

"مون" فاعل، "ڪارايو" فعل ۽ هن کي مفعول.

٢٠٦. "شاهه لطيف" "شاعر" آهي. "شاهه لطيف" ۽ "شاعر" ٻئي فاعل آهن ۽ آهي هڪڙي ئي خاني (فاعل واري) ۾ ڏيکارجن.

(١) گوپال رپيو خرچي ورتو. هتي "رپيو" ۽ "خرچي" ٻئي مفعول آهن، جي هڪڙي خاني (مفعول واري) ۾ ڏيکارجن.

٢٠٧. اسين هن بيمار وٽ وياسين، پر هن جي حالت ڏسي دل جهلي ڪين سگهياسين، تنهنڪري سگهيو ئي موٽياسين.

هن طرح جيڪڏهن گهڻا جملا هڪٻئي سان ڳنڍيل هجن ته هر هڪ جملي جو فاعل ۽ مفعول ڪيڏي ڏار ڪجن.

٢٠٨. هن جا سڄڻ توڙي دشمن هن کي ايماندار سمجهن ٿا.

هتي "توڙي" حرف جملو آهي جو ٻن جملن کي ڳنڍي ٿو.

(١) هن جا سڄڻ هن کي ايماندار سمجهن ٿا.

(٢) هن جا دشمن هن کي ايماندار سمجهن ٿا.

ڇيد ڪرڻ مهل ڳنڍيندڙ "حرف" ڪيڏي ڏار ڪبو ۽ جملي کي هن ريت ڊوڙي هر هڪ جملي جو ڏار ڇيد ڪبو.

"ٻاب ويهون - ٻيهڪ]جون نشانيون"

٢٠٩. هينئر، نه پوءِ. هينئر نه، پوءِ.

پهرئين جملي ۾ هڪڙي معني ۽ پوئين جي ٻي معني آهي. معني ۾ ڦير ڦار ٻيهڪ جي نشانيءَ سبب ٿيو آهي، تنهنڪري اهڙيون نشانيون پوري هنڌ ڏيڻ گهرجن.

"ٿورو دم"

٢١٠. هو مالي ڪاٺي، ٻاهر نڪتو. هن طرح ڪنهن جملي جي وچ ۾، جتي ٿورو ٻيهڻو هوندو آهي، اتي هيءَ نشاني (،) ڏبي آهي، جا شڪل ۾ اُبتي "و" اکر جهڙي آهي. انهيءَ کي "ٿورو دم" يا "ساهي" چوندا آهن.

جملن ۾ اها نشاني هيٺين حالتن ۾ ڏبي آهي:

(١) زالون، مرد، ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا اچي مڙيا.

(٢) تو کي، مون کي ۽ پين سڀني کي، ڏڻيءَ پيدا ڪيو آهي.

(٣) هو بلڪل ايماندار، محنتي، سياڻو ۽ ڪارائتو آهي.

(٤) ڪلن جي وسيلي، رڌڻ، پچائڻ، سبڻ ۽ ٻيا ڪم ٿي سگهن ٿا.

اهڙيءَ طرح جڏهن ساڳي قسم جا ٻه ٽي يا وڌيڪ ڳالهائڻ جا لفظ (اسم، صفت وغيره) هڪٻئي پٺيان ايندا آهن، تڏهن هر هڪ جي وچ ۾ ٿورو "دم" ڏبو، ڇاڪاڻ ته "۽" حرف جملي کان اُڏيو آهي.

(٥) همايون، اڪبر جو پيءُ، ڏاڪڻ تان ڪري، مري ويو.

(٦) ڪتاب، جو مون توکي ڏنو، سو ڦاٽي پيو.

هن طرح جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءِ جي ڪا ڳالهه ڪرڻي هجي، ۽ ان جي سڃاڻپ ڪرائڻ يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائڻ لاءِ ڪي مائٽي ڏيکاريندڙ يا لاڳاپو رکندڙ لفظ ڪم آڻنا هجن ته اهڙي اسم جي پٺيان، توڙي مائٽي يا لاڳاپي ڏيکاريندڙ لفظن جي پٺيان، "ٿورو دم" ڏبو.

(٧) آءٌ ماني کائي، ڇڪر هڻي، بازار مان ڪم لاهيندو، گهر آيس.

هن طرح جيڪڏهن جملي ۾ فعل ڪان سواءِ "ماضي معطوفي يا اسم حاليه" يا ٻئي هجن، ته هرهڪ جي پٺيان ٿورو دم ڏبو.

(٨) جي تون ايندين، ته آءٌ به ايندس.

(٩) جڏهن هو آيو، تڏهن آءٌ ويس.

(١٠) برسات پيئي، ته راند بند ٿي.

هن طرح جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ هڪ ڀاڱو ٻئي تي تعلق رکندڙ هوندو، ۽ انهن مان ڪو ڀاڱو پنهنجي سر ڌار ڪم اچڻ جهڙو نه هوندو، ته انهن جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو.

(١١) ڇا ڏينهن ڇا رات، ڇا ويٺي ڇا بيٺي، مارئي پنهنجن ماروئڙن کي پيئي سنڀاريندي هئي.

هن طرح جڏهن ڪي "هم-جنس" لفظ جوڙو جوڙو ٿي ڪم ايندا آهن، تڏهن هرهڪ جوڙي جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو آهي.

(١٢) ڇوڪر، خط لک. هن طرح ندا جي فاعل يا اسم پٺيان ٿورو دم ڏبي، ان کي جملي ۾ الڳ ڪري ڏيکاربو آهي.

"اڌ دم"

٢١١. هو ڏاڍو سمجهو آهي، تنهنڪري هر ڪا ڳالهه آسانيءَ سان سمجهي ٿو، پر سست آهي، تنهنڪري گهڻي ساک ڪانه اٿس.

هن جملي جا ٻه وڏا ڀاڱا آهن، جن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي ۽ انهن جي وچ ۾ ٿوري دم کان وڌيڪ بيهڻ جي ضرورت آهي؛ تنهنڪري "سمجهي ٿو" کان پوءِ هڪ نشان ڏنو ويو آهي، جنهن کي چئبو آهي "اڌ دم". هيءَ نشاني (؛) ٿوري

دم واري نشانيءَ جهڙي آهي، پر مٿان ٻُڙي ڏنل اٿس. اها نشاني هيٺين ٻن مکيه سببن ڪري ڏبي آهي:

(١) هر هڪ ننڍي جملي جي پڄاڙيءَ وٽ ڪجهه وڌيڪ بيهجي، ته متان سڀ جملا گڏجي پڙهڻ ڪري معنيٰ ۾ مونجهارو ٿئي.

(٢) هر هڪ ننڍي جملي کي اثرائتو ڪجي، ته پڙهندڙ جو هر هڪ ننڍي جملي تي وڌيڪ چت لڳي.

"دم"

٢١٢. (١) هڪ واريءَ ڪوڙ ڳالهايئين، ته آئينده ڪو به اعتبار ڪونه ڪندو: ڪوڙ ايمان جي ڪٽر.

(٢) تو محنت ڪئي، ته پاس ٿئين: محنت جو ڦل وڻ جو نه آهي.

هن طرح جڏهن ڪنهن ڳالهه پوري ڪرڻ کان پوءِ، ڳالهه کي وڌيڪ اثرائتي ڪرڻ لاءِ، ڪجهه وڌيڪ چوڻو هوندو آهي، يا ڪو "ڀاڪو" يا "مثال" ڏيڻو هوندو آهي، ته پهرئين جملي جي پوري ٿيڻ تي هيءَ نشاني (:) ڏبي آهي، جنهن کي "دم" چون ٿا.

(٣) ٽي ڀويزن ۾ هيٺيان تعلقا آهن:

ڏيپلو، مٺي، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر.

هن طرح دم سان ليڪ به ڏبي آهي.

"پورو دم"

٢١٣. آءٌ سڀاڻي ڪراچيءَ ويندس. اهڙيءَ طرح هر هڪ جملي پوري ٿيڻ تي ٻُڙي ڏبي آهي. انهيءَ کي "پورو دم" چون ٿا.

"ٻيون نشانيون"

٢١٤. "ٿورو دم"، "اڌ دم"، "دم" ۽ "پورو دم".

انهن چئن بيهڪ جي نشانين کان سواءِ ٻيون هيٺيون نشانيون آهن، جي ٻن انهن نشانين سان گڏ شمار ٿيل آهن.

(١) مار! ايتري ۾ ٿي به آئين. ويچارو مري ويو!

اڄ اسان کي موڪل آهي! ڏٺي شل تنهنجو ڀلو ڪندو!

هن طرح حرف ندا جي پٺيان يا عجب، افسوس، خوشي، سڏ وغيره ڏيکاريندڙ جملن جي پٺيان هيءَ نشاني (!) ڏبي آهي، جنهن کي "ندا" جي نشاني چوندا آهن.

(٢) تون ڪير آهين؟ (سوال جي نشاني)

”واڪ جون نشانيون“

(٣) هن چيو ته ”آءٌ اڄ ويندس“.

هن طرح جڏهن ٻه ٻي لفظ ٻجنسي چاڙهيا آهن، تڏهن ٻهرئين ۽ پوئين لفظ جي پٺيان هي نشانيون (” “) ڏنيون آهن، جن کي ”واڪ“ جا نشان چوندا آهن، ”ٻهاڪا“ ۽ اهين ”واڪ“ جي نشانن اندر چاڙهيا آهن.

مثلاً: ”چور جي ماءُ کنڊ ۾ روئي“.

”ڏنگيون ليڪون ( )“

(٤) جملي جي وچ ۾ ڪو ڌار نڪر (معني يا ٻيءَ ڳالهه بابت) چاڙهڻو هوندو ته اهو ٻن ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکبو آهي، جيئن هتي (معني يا ٻيءَ ڳالهه بابت) لفظ ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکيا ويا آهن.

(٥) ڏنگين ليڪن ( ) بدران هي نشانيون [ ] به ڪم آڻبيون آهن، جن کي ”چرنڪيٽ“ چون ٿا.

ضميمو: زمانن جي ورڇ، ڪم جي حالت موجب.

زمان	Indefinite (Simple)		Continuous	Perfect
ذاتي پاڳا	سادي صورت	مدامي صورت	استمراري يا چالو	ڪامل يا پورڻ
١	٢	٣	۴	۵
حال	سيکاريو	سيکاريندو هوس	سيکاريان پيو ٿو (سرحد) سيکاريان پيو پيو سيکاريندو آهيان	مون سيکاريو آهي
ماضي	سيکاريان ٿو	سيکاريندو آهيان	سيکاريو پئي يا سيکاريندو پيو هوس	مون سيکاريو هو
مستقبل	سيکاريندس	سيکاريندو هوندس سيکاريندو رهندس	سيکاريندس پيو يا سيکاريندو پيو هوندس	مون سيکاريو هوندو

اشارو: چوٿون قسم Perfect Continuous ۾ پر اهو گهڻو ڪم نٿو اچي. هيءُ ضميمو انگريزي گرامر سمجهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ ۾ سهوليت ڪندو، تنهنڪري ڏنو ويو آهي.

سنڌي وياڪرڻ

(ٻيو ڀاڱو)

ديباچو

هيستائين جيڪو سنڌي گرامر اسڪولن ۾ سيکارڻ ۾ پي آيو آهي سو گهڻو ڪري فقط علم صرف آهي، جو اوائل کان عربي صرف جي نموني تي لکيو ويو هو، ۽ علم نحو جو منجهس فقط اشارو هوندو هو. هاڻ تورن ڏينهن کان انهيءَ ۾ جملن جو ڇيد شامل ڪيو ويو آهي، جو نحو جو ڀاڱو آهي؛ مگر اهو تمام مختصر آهي ۽ نحو جا ڪي به قانون ڏيڻ ۾ نہ آيا آهن. علم نحوءَ ۾ گهڻوئي ڪي داخل آهي جيئن تہ، لفظن جي بناوت، جملن جي بناوت، انهن جي تقسيم ۽ ترتيب، تفريق، اشتقاق، اصطلاح، عروض، علمي صنعتون، جي سڀ خوش بياني، خوش ڪلامي، عبارت آرائي، مضمون نويسي، فصاحت، بلاغت ۽ حجت دليل لاءِ نهايت ضروري آهن. هڪڙو عربي پهاڪو آهي تہ ”آلنحوفي الڪلام ڪا لميلح في الطعام“، يعني ڪلام ۾ نحو اهڙو آهي، جهڙو طعام ۾ لوڻ! يعني انهيءَ کان سواءِ ڪلام ڦڪو ۽ بيسواد آهي ۽ نحو ساڻ سلوڻو ۽ لذيذ آهي. تنهنڪري ڪن دوستن جي صلاح سان، مون عربي، فارسي ۽ انگريزي نحو جي گڏيل نموني تي هيءُ سنڌي نحو جو ڪتاب لکيو آهي، جو اميد آهي تہ جهڙو علم پڙهندڙن لاءِ تهڙو خاص سنڌي ۽ انگريزي اسڪولن جي مٿين درجن، ۽ ٽريننگ ڪاليج جي شاگردن لاءِ تمام گهڻو ڪمائتو ٿيندو. پڇاڙي ۾ هرهڪ باب تي سوال ۽ مشقون بہ ڏنيون ويون آهن ۽ جوابن جا ضميما بہ شامل ڪيا ويا آهن.

قليچ بيگ

جون ١٩١٦ع
حيدرآباد

سنڌي

علم نحو

ديباچو

نحو جو صرف سان واسطو

جنهن علم کي انگريزيءَ ۾ گرامر ٿا چون، تنهن کي عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ”صرف و نحو“ ٿا چون ۽ سنسڪرت ۾ ”وياڪرڻ.“

جيتوڻيڪ سنڌي ٻولي اصل پراڪرت جي وسيلي سنسڪرت مان نڪتل آهي ته به عربن جي فتح کان پوءِ، جنهن کي تيرنهن سو ورهيه ٿيندا، سنڌيءَ ٻولي ۾ ايترا بي انداز عربي ۽ فارسي لفظ گڏجي ويا آهن جو گهڻو ڪري نج سنڌي ۽ عربي لفظن جي سڃاڻپ مشڪل ٿي پئي آهي. سنڌي لکڻ جي اکرن يا صورتخطيءَ کي ”عربي سنڌي“ ٿا چون ۽ گهڻا علمي لفظ عربي ڪم اچي ويا آهن. رڳو ٿوري عرصي کان ڪي ٿورا نالا سنسڪرت ٻوليءَ جا ڪم اچڻ لڳا آهن. تنهنڪري ”صرف و نحو“ جي بيان ڪرڻ ۾ اڪثر عربيءَ واري ترتيب ۽ ترڪيب ڪم اچي ٿي.

علم صرف: لفظ جي عربي لغت ۾ معنيٰ آهي ڦيرائڻ، يعني ڦيرو يا گردان. انهيءَ موجب لفظ جدا جدا صورتن ۾ ڦرن ٿا، جيئن اسم، جنس ۽ عدد ۽ حالتن موجب ڦرن ٿا ۽ فعل زمانن موجب ڦرن ٿا، ۽ سڀ قسم جي لفظ جون جدا جدا صورتون ۽ صيغا ”صرف“ ۾ داخل آهن.

علم نحو: لفظ جي اصلي معنيٰ آهي پاسو ۽ اصطه جي معنيٰ اٿس حرف هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري لفظ جوڙڻ ۽ لفظ هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري جمه جوڙڻ، ۽ جمه هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري بيان يا تقرير يا دليل جوڙڻ.

انهيءَ ڪري نحو جي رواجي معنيٰ ٿي دستور يا طرز يا قانون، جن موجب حرف ۽ لفظ ۽ جملا پاڻ ۾ گڏجن ٿا ۽ موافقت رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي تي عمل هلائين ٿا.

انهيءَ مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اهي ساڳيا اصطه جي نالا جي صرف ۾ ڪم اچن ٿا سي ئي وري نحو ۾ به ڪم اچن ٿا، جيئن ته اسم، فعل، حرف، صفت، ضمير،

جنس، عدد، حالت، زمان وغيره. اهي سڀ صرف ۾ انهيءَ لاءِ ٿا اچن ته خبر پوي ته انهن ۾ لفظن جون جدا جدا صورتون ڪهڙي ٿيون ٿين. پر نحو ۾ اهي ساڳيا لفظ انهيءَ لاءِ ٿا اچن ته انهن جي ڳنڍجڻ جا قانون معلوم ٿين، جن موجب آهي صحيح ڳالهائي ۽ لکي سگهجن.

موضوع ۽ مهمل: ڳالهائڻ مهل ماڻهوءَ جي واتان جيڪي نڪري ٿو سو يا بامعنيٰ هوندو يا بي‌معنيٰ واري کي موضوع چوندا آهن ۽ بي‌معنيٰ کي مهمل.

حقيقي ۽ مجازي ۽ اصطلاحي: وري بامعنيٰ يا موضوع لفظ ۾ جي ٺهرايل ۽ مقرر ڪيل معنيٰ ۾ هوندو ته "حقيقي" سڏبو نه ته "مجازي" ۽ جا هو ٿي لفظ ڪن ماڻهن ڪنهن خاص معنيٰ جي لاءِ ڪٿي ٺهرايو ته انهيءَ کي "اصطلاحي" چئبو.

بي‌معنيٰ لفظ جا مثال ڏيڻ ضروري ناهن، اهڙا لفظ پنهنجا ۾ ٺاهي ٿا سگهجن. جئن ته باٺن، شاٺن، کڙپ، شڙپ. ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا بي‌معنيٰ يا زائد لفظ ۾ آهن، جن جي معنيٰ ڪانهي يا جي ساڳي معنيٰ هئڻ ڪري ضروري ناهن ۽ زور ڪري معنيٰ وارن لفظن سان گڏ ۾ اچن ٿا، مگر رواجي عام گفتگوءَ ۾، نه ڪنهن علمي تقرير يا بيان ۾. مثلاً— پيسو ٻنجڙ، گلر ڏلر، ڪتاب پتاب وغيره. معنيٰ واري لفظ جو مثال شينهن وٺو. هاڻ جي شينهن لفظ مان اسان جي مراد هوندي اهو جانور جنهن کي "شير" چوڻ ٿا ته اهو **"حقيقي"** ٿيو. ۽ جي زور ۽ دليري جي نظر تي مشابهت جي رستي ڪنهن بهادر يا پهلوان ماڻهوءَ جي نالي چونداسين ته فلاڻو شينهن آهي ته اهو حقيقي نه ٿيو، پر **"مجازي"** ٿيو.

وري ٻيو مثال وٺو. "حلال خور" جي حقيقي معنيٰ آهي حلال کائيندڙ، جو حرام نه کائي. "پر مجازي" معنيٰ موجب حلال خور چوڻ "ڀنگيءَ يا ڇهڙي" کي جو انهي جي برعڪس اڪثر حرام شيون کائي.

اصطلاحي: معنيٰ جو مثال حرڪت وٺو. حرڪت لفظ جي حقيقي معنيٰ آهي چُرڻ. مگر "اصطلاحي" معنيٰ سان گرامر موجب زبر ۽ زير ۽ پيش کي "حرڪت" ٿو چئجي ۽ ٻوليءَ جي اصطلاح موجب، ٻارن جي اجائي اٿ ويهه کي "حرڪت" چوندا آهن. اتي ڪن ماڻهن اها معنيٰ ڪنهن خاص ڪم لاءِ ڪٿي ٺهرائي آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي "اصطلاحي" ٿو چئجي.

بامعنيٰ يا موضوع لفظ، يا **مفرد** هوندو يا **مرڪب**. مفرد اهو آهي جنهن مان هڪڙيئي معنيٰ نڪرندي آهي ۽ جنهن جي پرزن يا ٽڪرن يا ڀاڱن جو انهيءَ جي معنيٰ سان ڪوبه واسطو ڪونهي. اهڙي مفرد موضوع لفظ کي "ڪلمو" چوندا آهن. اهڙا گهڻا ڪلما ڳنڍجي ڪلام ٿا جوڙين جنهن کي جملو يا جملا يا تقرير يا بيان چئي ٿو سگهجي.*

* ڳالهايل بيان کي تقرير چئبو ۽ لکيل بيان کي تحرير.

مرڪب: مرڪب لفظ ٻن يا وڌيڪ ڀاڱن مان ٺهيو جڙيو هوندو آهي ۽ هر هڪ ڀاڱي جي ڪا ڌار معنيٰ آهي ۽ انهن مان انهي لفظ جي گڏيل معنيٰ ٺهي جڙي.

مثلاً لفظ مڪان مفرد لفظ آهي. انهيءَ جي ٽڪرن "مڪ ۽ آن" جي معنيٰ ڪانهي، پر جي هجي ته به انهيءَ جو مڪان لفظ جي معنيٰ سان ڪوبه واسطو ڪونهي. 'خير خواه' مرڪب لفظ آهي جنهن جا ٻه ڀاڱا "خير ۽ خواه" معنيٰ رکن ٿا ۽ انهن جي گڏيل معنيٰ انهيءَ لفظ جي سچي معنيٰ ٿي ڏيکاري يعني سچو دوست يا گهٽگهرو اهڙا گهڻا مرڪب لفظ آهن جي گهڻي ڪم اچڻ ڪري ڇانگجي "مخفف" يا هلڪا ٿي پيا آهن ۽ "مفرد" پيا ڏسجن. جيئن ته شهنشاهه، جو اصل هو شاهان شاهه يا شاهه شاهان، يعني بادشاهن جو بادشاهه.

باب پهريون

حرفن يا اکرن جو بيان

مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته اکرن مان لفظ ۽ لفظن مان جملا ۽ جملن مان بيان ٺهن ٿا. هاڻي پهرين اسين اکرن يا حرفن جي جدا جدا قسمن ۽ ڪمن جو ذڪر ڪنداسين.

مٿي اشارو ڏنو ويو آهي ته سنڌي ٻولي گهڻين ٻولين مان ٺهي آهي. جيڪي "حروف تهجي" يعني آئيويٿا يا الف بي جا اکر منجهس ڪم اچن ٿا سي به ڪي پنهنجا اٿس ۽ ڪي ٻاهران آندا اٿس، جي چٻاڙي، گهڻن جي صورت ڦيرائي، پوءِ هضم ڪري ويئي آهي. عربي سنڌي هئڻ ڪري عربي وارا ٢٨ يا ٣٠ اکر ورتائين. تن مان اصل ٢٢ ته عبري يا عبراني آهن يعني هيبرو ٻوليءَ جا، جي خود عربيءَ ٻوليءَ نالا ڦيرائي ورتا. انهن ۾ عربن ڇهه اکر ٻيا وڌايا، جي خلاصا سندن ٻوليءَ لاءِ ضروري هئا. اهي ڇهه آهن ث، خ، ذ، ض، ظ ۽ غ. عبراني حرف ۽ انهن جي ترتيب ابجد، هوز، حطي، ڪلمن، سعفص، قرشت، ۾ اچي وڃي ٿي. عربن انهن ڪان پوءِ ثخز، ضظغ، وڌايا. ڪن عربن وري "همزو ۽ ." وڌائي ٽيهه پورا ڪيا. فارسيءَ وارن جڏهن عربيءَ جي مدد ورتي، تڏهن انهن وري آهي سڀ ۽ پنهنجا خاص چار حرف وڌايا يعني پ، چ، ژ، گ جن کي ب فارسي ۽ ج فارسي ۽ ز فارسي ۽ ڪاف پارسي سڏيائون ۽ رڳا نقطا يا انگڙي وڌايائون. مگر انهيءَ الف بي مان هيٺيان اٺ اکر خلاصا عربيءَ ۾ ڪم اچن ٿا ۽ نه پارسيءَ ۾ ڪم نٿا اچن. ث، ح، ص، ض، ط، ظ، ع، ق. سنڌي ٻوليءَ اهي سڀ عربي ۽ فارسي اکر پنهن جي الف بي ۾ ڪم آندا، سواءِ پارسي ژ جي. ٻيا وري هيٺيان سنسڪرت يا پراڪرت وارا اکر ڪم آندائون. ڀ، ٺ، ٽ، ٿ، ڦ، جهه ڄ، ڃ، ڌ، ڊ، ڍ، ڙ، ک، کهه، ڱ، ڻ. انهن کان سواءِ ٻيا اهي اکر وڌائون جي خلاصا سنڌيءَ ٻوليءَ جا هئا. يعني ٻ، ڄ، ڏ، ڳ. انهيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ مڙئي "ٻاونجاهه حرف" ٿيا. مگر انهن مان ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ، ڱ، ڻ. نج سنڌي لفظن ۾ ڪم اچن ٿا ۽ اهي انهن جي سڃاڻپ جون خاص نشانيون آهن.

عربي ۽ پارسي دستور موجب انهن الف بي جي اکرن کي "حروف تهجي" يا "املا" سڏيندا آهن.

حرف: حرف جي لفظي معني آهي ڪنارو يا طرف يعني لفظ جو تمام ننڍو حصو يا ڪنڊ. انهن کي ڪيترن قسمن ۽ صورتن ۾ وراهيائون ۽ انهن مان جدا جدا ڪم ڪڍيائون.

"منقوط غير منقوط، مسروري، ملفوظي ۽ مڪتوبي حرف"

ٻهرين جن جن اکرن تي نقطا اچن ٿا تن کي 'منقوط يا معجم*، ٿا سڏين ۽ جن تي ناهن تن کي 'غير منقوط يا مهمل:' ٿا سڏين*. وري انهن جي نالن جي نظر تي، جن جا نالا ٻن اکرن جا آهن. جيئن ته بي تي يا ٻا تا وغيره، تن کي 'مسروري ×، چوندا آهن ۽ جيڪي ٽن اکرن جا آهن، جيئن ته جيم، ميم ۽ دال وغيره تن کي 'ملفوظي +' سڏيندا آهن. ۽ انهن مان به ٽن جن جي نالن جو پهريون ۽ پويون اکر هڪ جهڙو آهي، ۽ جي ابتا سبتا هڪ جهڙا آهن، يعني ميم، نون ۽ واو، تن کي 'مڪتوبي، + ٿا سڏين.

حرف علت صحيح: وري انهن الف بي جي اکرن مان هڪڙا بيمار ٺهرايائون ۽ ٻيا چڱا ڀلا. بيمارن کي 'حرف علت' چيائون، جو علت جي معني آهي بيماري ۽ بيمار کي عليل چون ۽ چڱن ڀلن کي صحيح. بيمار هن ڪري چيائون جو ضعف ڪري ٻيا انهن کي پاڻ سان وٺي يا کڻي هلائيندا آهن ۽ اهي پنهنجي منهن ڏار هلي نه سگهندا آهن. اهي ٽي اکر ٺهرايائون- ا، و، ي. بيمار ماڻهو به وايء وايء ڪندو آهي ۽ حرف علت به اهيئي اکر ٿيا.

اعرابون: ٽي اکر يعني الف بي جي اکرن کي ڪهڙي طرح ڪم اچي سگهن؟ اهڙي ڪا صورت ضرور گهربل ٽي جنهنڪري سڀ اکر هڪجهڙا ٿين ۽ هڪٻئي تي ريس نه ڪن. تنهنڪري الف مان 'زبر' ڪيائون، واو مان 'پيش' ڪيائون ۽ ي مان 'زير' ڪيائون ۽ خاص 'حرف' علت جي نشانيء لاءِ 'جزم يا سڪون' مقرر ڪيائون، جا انهن ٻين اکرن تي ڏجي ٿي جن مان ڪڏ "حرف علت" لٿو اچي. انهن جو نالو حرڪت رکيائون، جن ۾ گويا حرف علت جو اڌ آواز رهي ٿو. پيون نشانيون پوء ضرورت آهر ٺهرايائون جن کي 'اعراب چون ٿا. "حرڪت"

---

* منقوط يعني نقطن وارو. معجم يعني عجم واريءَ يا غلط.

: غير منقوط يعني نقطن کان سواءِ. مهمل يعني خالي يا نڪمون يا بي معنيٰ.

× مسروري عربي سِرّ مان نڪتل يعني لڪل يا ڳجهو يا جنهن جو آواز لڪل جهڙو نه آهي.

+ ملفوظي يعني جيڪي ڳالهائڻ ۾ اچي يا جنهن جو آواز به لکڻ جهڙو ٿو ٿئي.

+ مڪتوبي يعني جيڪي لکڻ ۾ اچي يا جنهن جو لکڻ به آواز جهڙو ٿو ٿئي.

جي معنيٰ چٽرڻ ۽ اعراب جي معنيٰ آهي آزاد گهمڻ يا گهمندڙ، ڇا لاءِ جو انهن جي وسيلي اکر ڇري پري گهمي گهتي سگهن ٿا، نہ تہ هڪ هنڌ نستا ٽيو پيا آهن. ڇرندڙ اکر مُتَحَرَڪ ٿيا ۽ غير متحرڪ کي ”ساڪن“ سڏبا ٿون.

ممدوده ۽ مقصوره: انهن حرف علت وارن ٽن اکرن مان پهرين الف سان جڏهن ٻيو الف ٿو گڏجي تڏهن ٻن الفن لکڻ جي بدران هڪڙيئي تي ’مد‘ جي نشاني ڏين ٿا ۽ انهي الف کي ”ممدوده“ يعني مد وارو يا ڊگهو سڏين ٿا ۽ جتي ائين نہ آهي انهي الف کي ”مقصوره“ يعني ڇوٽو چون ٿا. متحرڪ الف کي اڪثر عربيءَ ۾ ’همزو‘ چون ٿا ۽ الف، رڳو ساڪن الف يا حرف علت کي ٿا سڏين.

معروف ۽ مجهول: و تي پيش ۽ ي هيٺ زير اچڻ ڪري جيڪو آواز نڪري ٿو، انهي کي ’معروف‘ ٿا سڏين، ڇا لاءِ جو اهو آواز عربن کي معلوم هو- جيئن تہ شير، مير، نُور پر انهن تي زبر اچڻ ڪري جيڪو آواز نڪري ٿو سو عربن ۽ ايرانين ۾ ڪم نہ اچڻ ڪري هنن کي معلوم ناهي تنهنڪري انهي کي مجهول ٿا چون جئن تہ دير ۽ جور.

ساڪن ي ۽ و جا مثال آهن سير ۽ خوف جي خاص عربيءَ ۾ ڪم ايندا آهن.

مخارج(١): وري الف بي جي اکرن جو وات مان نڪرڻ واري جاءِ يا مخرج جي نظر تي ورهاڱو ڪيائون، اهو ورهاڱو جهڙو يورپ جي ٻولين ۾ تهڙو سنسڪرت ۽ هندستان جي ٻين ٻولين ۾ بہ آهي. انهيءَ موجب جن اکرن جو آواز ڏندن تي زبان رکڻ سان يا ڏندن جي مدد سان ٿو نڪري تن کي ’سنيہ‘ ٿا چون، جو عربيءَ ۾ سن چون ڏندن کي جيئن تہ ت، ث، د، ذ، ط، ظ، ل، ن، ۽ جن جو آواز زبان جي چوٽيءَ کان ٿو نڪري تن کي ’اسليہ‘ ٿا چون(٢) جيئن تہ- ر، ز، س، ش، ص، ض. جن جو آواز چپن مان ٿو نڪري تن کي ’شفويہ‘(٣) جيئن تہ- ب، ف، م، و، ۽ جن جو تارونءَ تي زبان رکڻ سان ٿو نڪري تن کي ’لهويہ‘ ٿا چون، جيئن تہ ج، ي، جي، نڙي مان ٿا نڪرن ’حلقيہ‘(٤) ٿا چون، جيئن تہ ح، خ، ع، غ، ق، ڪ، هہ.

---

(١) ”علم الامخارج“ جو تعلق فن ”قرائت و تجويد“ سان آهي، جو ڪنهن استاد ماهر قاريءَ کان پڙهو ۽ سکبو آهي، هت لفظي تعريفون مختصر آهل آهن.

(٢) جو اسليہ جي معنيٰ عربيءَ ۾ آهي زبان جي چوٽي.

(٣) شفويہ لڪتل آهي شفتہ مان جنهنجيعربي ۾ معنيٰ آهي چپ.

(٤) عربيءَ ۾ تارونءَ مان لڪتل.

شمسي ۽ قمري حرف: اٺين مان پهرين ٻن قسمن کي 'شمسي حرف'(۱) سڏيندا آهن ۽ پوئين ڏن کي 'قمري'(۲). انهن جي نشاني هي آهي ته عربيءَ ۾ ڪنهن اِسم سان 'ال' شروع ۾ وجهڻ سان شمسي اکرن جي حالت ۾ **لام** جو آواز نه نڪري ۽ قمري اکرن جي حالت ۾ نڪري ٿو. مثلاً الدين ۾ "د" شمسي اکر آهي تنهن ڪري **لام** جو آواز نه نڪرندو ۽ انهيءَ لفظ جو آواز 'ادين' ٿيندو جيئن شمس الدين نالي ۾. 'الد' آواز ڪيڻ غلط آهي. ۽ القلب لفظ ۾ قاف قمري اکر آهي تنهن ڪري **لام** جو آواز ٿيندو ۽ اهو لفظ القلب پڙهبو جيئن "مفرح القلوب" پر "اقلب" چوڻ غلط چئبو.

وري الف بي جي اکرن لکندي جيڪي اکر ٻين اکرن سان گڏ لکجن ۾ پنهنجو ڪو ڀاڱو ڪيرائي ڇوڙ ڪنيا جن ٿا، انهن کي 'ترڪيبي' صورت وارا اکر چون ٿا ۽ جيڪي ائين نه ٿا ڪن ۽ پنهنجي اصلي صورت ۾ رهن انهن کي 'منفردي' صورت وارا يا 'مجرد' ٿا چون. جيئن تہ ج ٻئي اکر سان گڏجڻ وقت لکڻ ۾ 'جہ' ٿئي ٿو مثلاً جشن ۽ باجو، تنهن ڪري اهو ترڪيبي آهي ۽ 'د' يا 'ر' صورت نٿا ڦيرائين جيئن تہ داور، تنهن ڪري اهي "منفرد يا مجرد" آهن.

معرب: وري الف بي جي اکرن مان ڪي اهڙا آهن جي اصل عربيءَ ۾ نه هئڻ ڪري ٻي صورت بدلائي ڪم اچن ٿا تہ انهن کي مُعرب ٿا چون، جيئن تہ پ کي ڦيرائي ف ٿا ڪن. مثلا پارس کي فارس. **معجم** ۽ ڪي لفظ جي عربي آهن سي ڦيرائي فارسي صورت ۾ ڪم اچن ٿا، انهن کي 'معجم' ٿا چون جيئن تہ 'فيل' کي پيل يا طلب مان طلبيدن ۽ فهم مان فهميدن.

مهند ۽ مسند: ان طرح جي لفظ عربيءَ يا فارسيءَ جي صورت ڦيرائي هنديءَ يا سنڌيءَ ۾ اچن ٿا انهن کي 'مُهند' ۽ مسند(۳) سڏي ٿو سگهجي يعني هندي ڪيل. جيئن تہ ـــ بصل مان بصر ۽ قفل مان ڪرف.

تبديل: هڪڙي ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ايندي اکر جيڪا صورت بدلائيندا آهن انهي کي تبديل چئبو آهي. انهي تبديل جا ڪي خاص قانون آهن جن موجب هر هڪ ڦري ٻين حرفن جي صورت وٺندو آهي ۽ آهي هر هڪ ٻوليءَ جي لاءِ ڌار هوندا آهن. هيٺ آنهن جو تفصيل ڏجي ٿو، جو اڪثر اهي لفظن جي اشتقاق ۾ گهڻو ڪم ايندا آهن ۽ هتي آهي ڏبا جي اڪثر سنڌيءَ ۾ به ڪم اچن ٿا نه پيا.

پهرين تہ ٿنهي علت جي حرفن جي نسبت ۾ ڪي ڳالهيون معلوم ڪرڻ جهڙيون آهن جي عربي پارسي ۾ مستعمل هئڻ ڪري سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿيون.

عربي ۾ حلق معنيٰ لڙي. (۱) شمسي يعني شمس يا سج سان واسطو رکندڙ.
(۲) قمري يعني قمر يا چنڊ سان واسطو رکندڙ.
(۳) مُسند بہ سڏبو، الهن ۾ تسنيد يعني سنڌيت آيل آهي.

الف ڪيرائڻ: ڪن لفظن ۾ "الف" لکڻ ۾ نه ايندو آهي رڳو انهيءَ جو آواز نڪرندو آهي يا ته انهي هنڌ مٿان نشانيءَ لاءِ ننڍڙو الف لکي ڇڏيندا آهن. سنڌيءَ ۾ الف سکندا آهن مگر اهو غلط آهي. جيئن ته الهي انهيءَ کي الاهي لکڻ غلط آهي. ساڳي طرح عربي نالا اسمعيل اسحق، هذا، ليڪن، جو ڪڏهن ڪڏهن لا ڪن يا ليڪن ڪري لکبو آهي. الف ڪڏهن ڪڏهن شروع ۾ وڌيڪ به وجهندا آهن جيئن ته سڪندر، ۽ اسڪندر، فلاطون، افلاطون.

الف اچارڻ: ساڳي طرح ڪٿي واو جو آواز الف ٿيندو آهي جيئن ته زڪواة، جنهن جو آواز زڪات ٿيندو آهي ۽ صلواة جو آواز صلات ٿيندو آهي، پر واو سان لکڻ صحيح آهي.

الف ڪيرائڻ: ڪٿي الف حذف يا گم ٿيندو آهي جيئن شاهه-شه، ناگاهه-ناگه، گناهگار-گنهگار، شاهزادو-شهزادو، شاهباز-شهباز، شاهه رگ-شهرگ، ڪوتاهه-ڪوته.

"ي" الف بدلڻ: ساڳيءَ طرح وري ڪٿي "ي" جو آواز به الف ٿيندو آهي، جيئن ته مصطفيٰ، مرتضيٰ، عيسيٰ، موسيٰ، ماضيٰ، تمنيٰ، توليٰ، معنيٰ، دعويٰ. جي سڀ رواج ڪري پارسي توڙي سنڌي ۾ الف سان لکيا آهن.

واو ڪيرائڻ: پارسي لفظن ۾ "واو" جي پٺيان "الف" هوندو آهي ته "واو" جو آواز نه ٿيندو يا تمام ٿورو ٿيندو آهي جيئن ته خواهش، خير خواهه، خواجه، خواب، خود، خويش، خوش انهيءَ کي 'واو اشمام' چوندا آهن، يعني جتي واو جي رڳي باس ٿي اچي.

ڪٿي واو جي اڳين اکر تي پيش هئڻ ڪري ۽ پٺيان آل اچڻ ڪري واو جو آواز ڪونه ٿيندو آهي ۽ ساڳي طرح ي جي اڳين اکر هيٺ زير هئڻ ڪري به ي جو آواز نه ٿيندو آهي ۽ آل واري الف جو به آواز نه ٿيندو آهي جيئن ته ابوالفضل، ابوالقاسم، في الحال، في الحقيقت، في الفور، بالڪل، بالفعل، بالواسطه، باليقين. ڪٿي "و" حذف ٿيندو آهي جيئن گوهر-گهر، ڪوهه-ڪهه، خاموش-خمش، ڪوهه-ڪهه، لوهار=لهار، ڪوهه-ڪهه.

انهن ڪان سواءِ عربيءَ ۾ مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ جي نشاني "ت"(١) هوندي آهي. آها "هي" واڱي هئڻ لکندا آهن ه ۽ نشانيءَ لاءِ مٿس تي وارا به نقطا ڏيندا آهن، مگر پارسي توڙي سنڌيءَ ۾ آهي لفظ اڪثر "ت" سان لکندا آهن. جيئن ته شجاعة سعادة، وغيره شجاعت ۽ سعادت ڪري لکيا آهن. اگرچه عربيءَ ۾ 'ه' به مونث جي نشاني آهي جيئن ته ملڪ مان ملڪه، قيصر مان قيصره وغيره. ڪن سنڌي لفظن ۾ جتي پارسي عربي لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ الف هوندو آهي آتي زور ڪري هه

---

(١) ان کي ته چشمي واري (ه) سڏبو آهي.

وجهي ڳالهائيندا آهن - جيئن ته پروا کي پرواه چوندا آهن. دريا کي درياهه، چاهه کي چاهه، ڪري چوندا آهن. ۽ همزو به گڏيندا آهن. جيئن ته جا - جاءِ. دانا - دانائ خدا - خدائ وغيره.

تبديل ۽ حذف: هاڻي اسين اُن اکرن جي مٽ سٽ يا تبديل جو ذڪر ڪنداسين، جي ٻين ٻولين توڙي سنڌيءَ سان به لاڳو آهن. پهرين ياد رکڻ گهرجي ته حرف علت يعني الف، و ۽ ي هڪٻئي سان مٽجن ٿا ۽ ڪٿي حذف ٿين ٿا يعني ڪيرائي ٿا ڇڏجن. مثال - لاج - لڄ، لاٽ - لٽ، لاڪ - لڪ، مکي - مک، سورتي - مورت، ناچن - نچڻ، ناڪ - نڪ، ڪان - ڪن، هاٽ - هٽ، دانت - ڏند.

پارسي ۽ ڪن ٻين ٻولين جي صرف نحون ۾ هن مضمون بابت الف بي جي سڀني حرفن جا جدا جدا قسم ۽ انهن جا نالا ۽ انهن جا مثال ڏنل آهن ۽ هرهڪ جا تبديل ڪيل حرف، جي رواج ۾ مستعمل آهن، سي ڏنل آهن. سنڌيءَ ۾ انهيءَ وانگي هرهڪ حرف جا قسم ۽ نالا ڪم نه ايندا آهن ۽ پارسي "صرف نحو" وارا نالا ڏيڻ ۽ انهن جا پارسي مثال ڏيڻ ضروري نٿو ڏسجي. حرف علتن جو مٿي ذڪر آيو، باقي صحيح حرفن جي نسبت ۾ ڪي ٿورا عربي ۽ پارسي رواجي تبديلي حرف ۽ مثال ڏجن ٿا، تنهن ڪان پوءِ اسين سنڌيءَ ۾ جيڪي حرف پاڻ ۾ مٽجن سٽجن ٿا، سي ۽ انهن جا مثال ڏينداسين.

ب ۽ پ، مٽبا آهن، جيئن ته تب - تپ، شابور.
ت ۽ د = جيئن ته توت - تود.
ج ۽ ت = جيئن ته تاراج - تارات.
ج ۽ ژ = ڪج - ڪژ.
ج ۽ ز = رجه - رزه.
ج - ش = ڪاج - ڪاش.
ج - چ = ديباجه - ديباچه. ج - ڪ = اخسيج - اخشيڪ.
خ - ه = خاڪ - هاڪ، خجير - هجير.
د - ت = زرد - زرت، دشواد - دشوات.
د - ذ = آدر - آذر
ر - ل = روخ - لوخ، چنار - چنال، اروند - الوند، ڪاچار - ڪاچال.
ز - ج = جوزه - جوجه، پانزده - پانجده، هژده - هجده.
ز - غ = گريز - گريغ، تيز - تيغ.
س - ش = ڪستي - ڪشتي، فرسته - فرشته.
س - ج = خروس - خروج.
ش - ج = ڪاش - ڪاج.

ص - س = قفص - قفس، صد - سد، شست - شصت.
غ - گ = لغام - لگام، غلولہ، گلولہ، غرجستان - گرجستان، غول - گول.
غ - ق = اياغ - اياق، آغا - آقا، جناغ - جناق، دماغ - دماق، غاليچہ، قاليچہ، غلندر - قلندر،
ف - پ = فارسي - پارسي، فيل - پيل.
ق - غ = سمرقند - سمرغند.
ق - گ = خانقاه - خانگاه.
ڪ - خ = شاما ڪچہ - شاما خچہ.
و - ب = نوشتن - نبشتن، نورد - نبرد.

متبدل حروف: هاڻي اسين هيٺ آهي اکر ڏينداسين جي پاڻ ۾ مٽجن سٽجن ٿا، جن مان ڪيترا پارسي ۽ عربيءَ ۾ به ڪم اچن ٿا، ۽ سنڌيءَ ۾ به. ڪي هنن مٿي ڄاڻايل حرفن ۾ به اچي ويا آهن.

(١) ا، ء، ح، ه، ع، و، ي

مثال - آستا - آستہ - آستو، سان - سين، زمانہ - زمانو، آشڪارا - آشڪاره، راهگان - رايگان، سيلان - سيلون، واءِ - واءُ، هيرا - هيرو.

(٢) ب، پ ف، و، ڀ ڦ

مثال - تب - تپ - تف، ٻر - ور، پيل - فيل، سپيد - سفيد - سويت - پارسي - فارسي - نوشتہ - نبشتہ، پليٽو - فلاطون، پالسٽائن - فلسطن، ماربل - مارول، سيب - سوف، جفت - جُٽ، ٻاڄ - واڄ، ٻارا - واڙو، ٻچون - وڇون، ٻوڙها - پوڙهو، ٻول - ٻول، ٻاجو - واڄو، ٻيس - ويهہ، ٻال - وار، ٻچہ - ٻچو، ٻاگ - واگ، ٻند - ٻنڌ، دٻدٻہ - دٻدٻو، ٻانٺنا، ونڊڻ، ٻجلي - وڄلي، ٻرس - ورهہ، ٻرسنا - وسڻ، ٻهرا - ٻوڙو، ٻڪرا - ورڪر - ٻڪرو، ٻڳل - ڦڙڙ.

(٣) ت، ط، د، ذ، ٿ، ٽ، ٺ، تر، چ، ڊ، ڌ، ڻ

مثال - بدتر - بتر، توتيا - طوطيا، تيار، ڪتخدا - ڪدخدا، استاد - استاذ، نموده - نمونہ، انتر - اندر، ساڪريٽر - سقراط، پليٽو - فلاطون، ڪانسٽنٽائن - قسطنطنيہ، پالسٽائن - فلسطين، پتر - پوت - پٽ، متر - مٽ، تر - ٽي، ترقل - اطريفل - ٽقلو، توتيا - ٽوٽيو، اتوار - آرتوار - آچر، بانٽنا - ونڊڻ، ٽنيا - ٽنڊو، چتر - چٽ، چتري - چٽي، سوت - سٽ، ڪستوري - ڪٿوري، ڪانت - ڪانڌ، گينڊا - گنونٺو، ڪنٽڪ - ڪانٽو - ڪنڊو.

(٤) ج، چ، د، ذ، ز، ڙ، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ه، ي، ڃ، نج، ڄ، گ، ث، ڄ

مثال - ڪاج - ڪاش، صندل - چندل - چندن، صين - چين، چوزه - چوجہ، هژده، هجده، آواز - آوازه، ڪژدم - ڪجدم، شالي، ساري، زيره - جيرو، يوگي - جوگي، آج - اڄ، يٽد - جڏ، تيز - تيجہ، زبان - جيڀ - جڀ، جامن - جنبو - جمون، گيان - جاننا - چاڻڻ.

ڪاري - ڪارج، ڪاچ، بجلي - وڄلي، لاج - لڄ، فرستہ - فرشتہ، صلہ - ملہ، قفس - قفص.
سيخ - شيخ، درشن - درسن، دس - ڏهہ، شريس - سرس، سانس - ساهہ، ساهوڪار - شاهوڪار،
شپ، سپ، سيشا - سيسڪ، شيهو، ڪپاس - ڪپاهہ، برس - ورهہ، يونس - جونس، يوسف -
جوزف - جوسب، مشڪ - مسڪ.

(٥) د، ذ، ڊ، ڍ، ڏ، ت، ر، ز، در، ي، ڙ، ڊ، ل

مثال — دنت - دانت - ڏند، دس - ڏهہ، ڊنگ - ڏنگ، گاڙي - گاڏي، ڊامر -
ڏامر، گوڊائون - گدام، دور - ڏور، آڙو - آڏو، بڙا - وڏو، دادا - ڏاڏو، داڙي - ڏاڙهي،
دک - ڏک، دلن - ڏرڻ، دوڙنا - ڊوڙڻ، سمندر - سمنڊ، لڊو - لڏون، ليڊ - لڏ، نيند - ننڊ،
هلدي - هرد - هيڊ، ڌول - ڌوڙ، ديور - ڏير، ڪالا - ڪارو، ٻل - ور، پاتال، پاتار، تہ -
ترو، جل - جر، گڙيا - گڏي، ڌول - ڌوڙ، ٻهرا - ٻوڙو، ڪوڙي - ڪوڏي، الوند - اروند،
آلس - آرس، آملہ - آنورا، سانولا - سانورو، نهل - نير، مارڪيٽ - مالڪيٽ، ڦل - ڦر،
املي - آمري، مولي - موري، نيولا - نور، پل - ڦڙ، سول - سور، ارادو - ايرازو.

(٦) ق، ڪ، غ، خ، گ، ح، ک، ڳ، گ، نگ، ڇ، ڪش

مثال — آغا - آقا - اوطاق - اوطاغ، اوطاغ، گرجي - غرجي، غاليچہ - قاليچہ، ترياق - ترياڪ،
لگام - لجام، گيہن - جيہن، گلولہ - غلولہ، گالين - جالينوس فرينچ - فرنگ - فرنج،
فارنج - فارنگ، غازي - گاجي، يوگي - جوڳي، ڊاڪٽر - داختر، اک - اکش، پرڪش -
پرکہ، شگون سگڻ، لنگ، لگ، آگ - آڳ، آگال - اوڳر، بينگن - واڱڻ ننگن - ڳڻ،
مونگ - مڱ، چنگا - چڱو، رنگ، رڱ سهاگ - سهاڳ، سرنگ - سڱ، گال - ڳل،
گانا - ڳائڻ، گڙ - ڳڙ، گن - ڳڻ، گننا - ڳڻڻ، گيت - ڳيت، موچ - موڪش - موک.

(٧) م، ن، ل، و، ب، نب، ڻ، ه، ڃ، ڄ

مثال — نيلوفر - نيلوفل، ليلوفل، آفيون - آفيم، آملہ - آنورا، نمبر - لمبر، آم - انب،
دم - دنب، نام - نانءُ، گام - گانءُ، سوامي - سائين، ڪمهار - ڪنڀار، ڪومل - ڪونڙو،
باسن - باسڻ، مانس - ماڻهو، آنيس - آوڻيهہ، چارن - چارڻ، دن - ڏينهن - ڏڻ، من - مٽي،
رن - رڻ، ڪنگن - ڪنگڻ، گن - ڳڻ، ماننا - مڃڻ، ميڄڻ.

حرفن جي معنيٰ: هاڻي اسين الف بي وارن حرفن جي معنيٰ ڏينداسين، جو
عربيءَ ۾ هرهڪ حرف جي ڪانءِ ڪا معنيٰ آهي ۽ هرهڪ حرف جي انگن ۾ قيمت
مقرر آهي، جنهن کي 'ابجد' جو حساب يا حساب 'جمل' چوندا آهن.

الف جي معنيٰ آهي چڙهو ماڻهو ۽ هزار. باب بي = گهٽين زالن وارو مڙس.
تا = × خمير*. ثا = نرم. جيم = مست آٺ حا = ڊکهي قد واري زال. خا = ڪنڌ يا

---

* يعني ڳوٺل اٽو، جنهن مان مالي پچائيندا آهن.

ڪياڙيءَ جا وار. دال = ٿلهي زال. ذال = ڪڪڙ جو موڙ. را = وير رکندڙ ماڻهو ۽ ننڍي ڏوئي. زا = پٺتير ماڻهو. سين = ٿلهو ۽ گهٽو ڪنگهندڙ ماڻهو. شين = ڀوڙندڙ ماڻهو. صاد = هڪڙي قسم جو پکي. ضاد = ٻانگ ڏيندڙ ڪڪڙ. طا = گهٽي حرص وارو ماڻهو. ظا = زال وڏيءَ ڇاتي واري. عين = اک جو ڏن، ۽ اک ۽ چشمو. غين = ڪارو ڪڪر ۽ آهو ٽيڻ. فا = سمنڊ جي گجي ۽ ڪَنُ. قاف = جبل جو نالو ۽ ڏونگر. ڪاف = ڪاوڙ وارو ماڻهو. لام = اٺ ۽ زر ۽ ڪارو داغ جو نظر ٽارڻ لاءِ ٻارن جي منهن تي ڏيندا آهن. ميم = شراب. نون = مڇي ۽ مس جي ڪُپڙي ۽ وڻ جو ٿڙ. واو = اٺ جو ٿوهو. ها = ڇماٽ. يا = ٻار جي پيڻ ڪان پوءِ ٿڻن ۾ باقي بچيل کير.

هي به ياد رکڻ گهرجي ته انهن ساڳين يا ڪن ٻين معنائن سان سنڌيءَ ۾ ڪي اکر ڪم ايندا آهن. جيئن ته 'الف' سڌي سڪڙي يا نانڪي چون ۽ الله جي به نشاني آهي.

اڪر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار

ميم جي معنيٰ رمز يا ڳجهو جيئن ته ميم ۾ ڳالهائڻ ۽ ميم جي معنيٰ محمد پيغمبر به آهي.

ميم رکو من ۾ الف تنهن اڳيان
اوڏو ٿي الف ڪي من ڳڏيئين سين، ميم

قاف جي معنيٰ جبل آهي جيئن ته

ڏونگر ڏکي ڪي قاف ته ڏئين ڪو

۽ ڪاف پيچ ۽ ور وڪڙ نو ڏيکاري

سندو ڪا ڪل ڪاف ساري معزورن کي

۽ لام الف يا ه جي معنيٰ آهي. هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ يا ٻڪ وجهڻ.

ڪاتب لکي جيئن ه ٿي ه م الف سين
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾

'واو' جي معنيٰ هوا. 'دال' جي معنيٰ ڪانُ جي دال. 'عين' جي معنيٰ وچ يا خاص جيئن ته عين چوري ڪرڻ جي وقت ماڻهو اچي مٿان پيو.

سوئي عين عذاب سوئي راحت روح جي
ڪولن قريبن جو عين ترڻ آهه

---

(۱) يعني چوٽي يا چوٽو جنهن کي تاج چولدا آهن.

لام جي معنيٰ ڦاري، ۽ اڄهو، ۽ ڏيکهہ.

لڳيس جنهنجي لام سو دوست دلاسا منجي

تنهن کان سواءِ پارسيءَ ۾ اکرن سان شاعر مشابهتون بہ ڏيندا آهن. جيئن سنهئين قد کي ”الف“ سان ۽ ڏنگي قد کي ”د“ سان سنهڙي چپلهہ کي ”ميم“ سان يا نقطي سان، ڏندن کي ”سين“ سان، زلفن کي ”جيم“ سان.

هاڻي ابجد جي حساب بابت ذڪر ڪبو، جو پارسيءَ ۾ ۽ هاڻ سنڌيءَ ۾ بہ گهڻو ڪم ڻو اچي. الف بي جا سڀ 'حرف' ترتيب وارا جيئن اصل هئا تنهجا گڏي ڪي لفظ ٺهرايا ويا، جي سڀ لفظ معنيٰ وارا آهن. اهي هي آهن. ابجد، هوز، حطي، ڪلمن، سعفص، قرشت، ثخذ، ضظغ. انهن مان پهريان نَو اکر ترتيب وارا نون تائين ايڪا ٿا ڏيکارين، تنهن کان پوءِ پيا نو، ڏهاڪا ٿا ڏيکارين سؤ تائين ۽ باقي رهيل نو سو ٿا ڏيکارين هزار تائين. پارسي پ، چ، ژ ۽ گ حساب ۾ ب، ج، ز ۽ ڪ وانگي شمار ڪبا. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ جا نجہ اکر اکون جي صورتن موجب حساب ڪبا يعني ٻ، ب وانگي، ٺ، ت وانگي، ڃ، ج وانگي ڊ ڏ، د وانگي، ڳ، ڪ وانگي ڙ، ر وانگي، ڻ، ن وانگي. باقي جن اکرن ۾ ه جو آواز آهي سي ه سان گڏ شمار ڪبا جيئن تہ ڌ = ده، ڀ = به، ک = ڪه، جهہ ۾ اڳئي ج ۽ ه آهي، ساڳيءَ طرح گهہ ۾ اڳئي گ ۽ ه آهي، انهيءَ طرح.

اهو بيان انهيءَ لاءِ آندو ويو آهي تہ ابجد جو حساب ڪتابن ۾ گهڻي ڪم ٿو اچي. ظاهر انکن ڏيڻ جي بدران اهڙا با معنيٰ لفظ يا جمع يا آيتون يا شعر ٿا ڏجن جن مان اکرن جي ملهہ پڌڻ ۽ جملي ڪرڻ سان گهربل تعداد موجود ٿئي ٿو، ڪي ڪي تہ اوچتو اهڙا عجيب لفظ ۽ جمع ايندا آهن جو حيرت لڳي ويندي آهي.

جيئن پارسي شعر جا نمونا ۽ بحر ۽ علم بدايع جون صنعتون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿيون ۽ علميت جو نشان شمار ڪيل آهن، تيئن هي ابجد جو حساب بہ شمار ڪيل آهن. اڪثر ماڻهن يا ڪتابن جا نالا اهڙا رکڻ ۾ ٿا اچن جن مان انهن جي جنم يا ٺهڻ جو سال ٿو نڪري، يا وفات جو سال، يا ڪنهن شاهي عمارت يا مسجد يا پل جي جڙڻ جو سال وغيره ڪتابن ۾ ڏنل آهي ۽ وقت بوقت ڏجي ٿو. انهن جو ڄاڻڻ ۽ عبارت آرائي ۽ مضمون نويسيءَ جي هنرن مان بلڪل ضروري ليکجي ٿو اگرچہ انهيءَ حساب جا ڪي قانون بہ ڏنل آهن، مگر انهن جي بيان ڪرڻ جو هتي ضرور ناهي. ڪي ٿورا مثال ڪافي آهن.

مخدوم لعل شهباز قلندر سيوهڻ واري جي وفات جو سال لفظ ”رحمت“ مان نڪري ٿو، يعني ٦٤٨ هجري. ۽ مخدوم نوح هالن واري جو لفظ ”فيض حق“ مان. يعني سنہ ٩٩٨ هہ. مير بجار خان جي مارجڻ جو سال، ”حاجي شهيد خنجر“

يعني سنه ٩٤١١ هه. حجاج بن يوسف، جو مشهور ظالم ٿي گذريو آهي، تنهنجو سال لفظ ”ابليس“ مان ٿو نڪري، يعني سنه ١٠٣ هه. شمس تبريزيءَ جو سال ”شمس‌الدين“ يعني سنه ٦٤٣ هه.

بابر بادشاهه ڇهين تاريخ محرم مهيني جي ڄائو هو ۽ هنجي ڄمڻ جو ”شش محرم“ ڪڍيو اٿن يعني سنه ٨٨٨هه ۽ 'يادگار ميرزا' صفر مهيني ۾ مارجي ويو، تنهنجو سال ”شهر صفر“ مان ٿو نڪري يعني سنه ٨٧٥هه. همايون بادشاهه جي ڇت تان ڪرڻ ۽ مرڻ جو سال، ”همايون بادشاهه از بام افتاد-“ يعني ٩٦٢هه. امام‌حسين عليه‌السلام جي شهادت جو سال ”اي وايءِ هايءِ هايءِ“ يعني سنه ٦٠هه. نادرشاهه جي ڪيل دهليءَ جي ڪوس جو سال. ”دهلي خراب شد“ يعني ١٢٥٦هه. راجا رنجيت سنگهه جي وفات جو، ”خورشيد جملهه پنجاب“ سنه ١٢٥٦هه ۽ شير سنگهه جو، ”شير عادل شير سنگ“ سنه ١٢٦٠هه. هاڻوڪي جنگ هلندڙ جو هجري سال سنه ١٣٣٤هه، ”عالم تمام تباه شد.“

ٻئي ڏنلن اکرن جي معنيٰ ڪان سواءِ ڪي اکر آهن جي ٻوليءَ جي جملن ۾ حرفن وانگي معنيٰ سان ڪم ايندا آهن ۽ انهن مان ڪي 'حرف جر' آهن، ڪي حرف جملو، ڪي 'حرف ندا' ۽ ڪنجا ٻيا نالا به آهن. مثلاً 'الف' پارسيءَ وانگي 'ندا' جي معنيٰ سان يعني سڏڻ جي ڪم ايندو آهي اسم جي پڇاڙيان اٿو سان، جيئن ته خدا، يا، ڇوڪرا، ڪتا، يعني اي خدا. اي ڇوڪرا، اي ڪتا، ۽ ڪٿي فعل يا اسم جي پڇاڙيان زايد ايندو آهي، خاص شعر ۾ قافيءَ جي لاءِ ۽ ڪڏهن پڇاڙيءَ ”ھ“ به آئيندا آهن. جيئن ته ڪريجا، وڃيجا، يا، ڪريجاه، وڃيجاه، محمدا، زلغا. ۽ ڪٿي پارسيءَ وانگي فاعليت جي به معنيٰ ڏيندو آهي، جيئن ته دانا، بينا. ٻن لفظن جي وچ ۾ ميلاپ جي به معنيٰ ڏئي ٿو جيئن ته دمادم، سرامر، سراپا. اهو ڪڏهن ڪڏهن ڦري وا و ٿيندو آهي. جئن ته بروبر، سروسر، ”آ“ جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ”نه“ به آهي جئن ته آملهه يعني اڻ ملهه، آڏل يا اڏر، يعني نه ڏرندڙ، آمر يعني نه مرندڙ. ھراب جي به معنيٰ اٿس جئن ته آوير، آجايو، آياڳو. ”به“ جي معنيٰ ٻه آهي پارسي وانگي به الف وانگي ميلاب به ٿي ڏيکاري جئن ته دمبدم، سربسر، دربدر، ۽ تاڪيد به جئن ته تازه بتازه، نوبنو، جا بجاءِ. ”ٻه“ جي معنيٰ هڪ جي ٻه. 'ته'ـ مشهور حرف جملو يا حرف بيان. 'جه' جي معنيٰ جئن، لاڙ ۾ ۽ شاهه جي رسالي ۾. 'ڇه' جي معنيٰ ٽن جي ٻه. 'ڙ' يا ڙي يعني اڙي يا اي سڏڻ لاءِ حرف ندا وانگي ڪم ايندو آهي. 'س' جي معنيٰ ڇگو آهي جئن ته سڌتڙ، سوانيو، سڀاڳو، سوير، سجايو، 'ش' پارسيءَ وانگي حاصل المصدر جي به نشاني ٿي ڪم ايندي آهي. جئن ته آزمائش، ڪوشش، بندش، بخشش. 'ڪ' ته جي معنيٰ سان سنڌيءَ ۾ ڪم اچي ٿو پارسيءَ وانگي ۽ ”يا“ جي به معنيٰ ڏيندو آهي، جئن ته

”هي ڪ هو“، ۽ ڪ جي معنيٰ ”ري“ جئن ڪمهلو، ڪسا ڪي. ”م ۽ ن“ نفيءَ يا انڪار جي معنيٰ سان ڪم ايندا آهن. جئن ته ”مچؤ“، نه وڃ، نڪار، نڪمو، نستو. م ضمير متصل ۾ ۽ مرڪب فعل ۾ متڪلم جي معنيٰ به ڏيندو آهي، جئن ته سندم، اٿم. پڇاڙيءَ ۾ م مونث جي ٻ، نشاني آهي پارسي وانگي جئن ته بيگم- بيگم، خان- خانم. مَ ۽ مِ ۽ مُ عربيءَ لفظن ۾ جاءِ ۽ اوزار ۽ فاعليت جي معنيٰ سان ڪم ايندا آهن ۽ ساڳيا لفظ سنڌيءَ ۾ به ڪم ايندا آهن، جئن ته مَسجد، مَڪتب، مَدرسه. مِضراب، مِقياس، مِفتاح، مُدرس، مُصاحب، مُنادي. ۽ نه عجب يا تاڪيد به ڏيکاري ٿو، خاص سوال وارن حرفن سان، جئن ته ڪهڙو نه چڱو! ڇو نه اٿين هجي.

”و“ پارسيءَ وانگي ۽ جي معنيٰ سان ڪم ايندو آهي، خاص ڪري پارسي لفظن جي وچ ۾، جيئن ته دل و جان- راتو ڏينهن- آمد و رفت- خريد و فروخت. شب و روز. ۽ حرف ۽ فعل سان پڇاڙيءَ ۾ جمع حاضر جي به معنيٰ ڏيندو آهي. جئن ته ڪيوَ. سندو. واو زائد به آهي جئن ته ليڪن و ليڪن 'ي' فعل جي زمان ۾ ڪم ايندو آهي مثلاً مجهول زمان مضارع ۾ واحد غائب لاءِ جئن ته ڪري وڃي، ۽ معروف حرف سان يا ماضيءَ ۾ واحد حاضر لاءِ، جئن ته ڪيئي، سنڌئي وغيره. تنهن کان سواءِ پارسيءَ وانگي ي صفت مان ٺهيل اسم ذات جي به نشاني آهي جا پڇاڙيءَ ۾ ايندي آهي، جئن ته نيڪ- نيڪي، صفا- صفائي. بعضي پارسيءَ وانگي ي بدلجي الف ٿيندي آهي، جنهن کي ”الف امالہ“ چوندا آهن جيئن ته رڪاب- رڪيب، ڏاج- ڏيجه. ي نسبت به ڏيکاريندي آهي، جيئن ته عرب- عربي. سنڌ- سنڌي، محمدي، عيسوي.

مٿي اکرن جو بيان ڏنو ويو آهي جنهنکي حرف چون ٿا. حرف ٻن قسمن جا آهن. يا ”حروف تهجي“ آهن، يعني الف بي وارا ڇڙا اکر، يا حروف معنوي آهن، يعني جنجي ڪا معنيٰ آهي. انهن جو به ذڪر مٿي ڪيو ويو. پر اهي سڀ 'حرف' مفرد آهن. 'حروف مرڪب' حرفن جي مجموعي کي ٿو چئجي، جنهنجو ٻيو نالو آهي لفظ، جي لفظ ٻن حرفن مان ٿا جڙن تنکي ”ثنائي“ ٿا چون يعني دو حرفي، جيئن ته بد، در، من. سه حرفي لفظ(١) 'ثلاثي' ٿا چون، جيئن ته هوش طرز، جلد. چار حرفي لفظ کي (٢) 'رباعي' ٿا چون، جيئن ته بهتر، صندل، مندر. پنج حرفي لفظ کي (٣) 'خماسي' ٿا چون جيئن ته اقبال، بهتري، تعليم. پنجن کان مٿي اکرن

+ عربيءَ ۾ ثنيه معنيٰ ٻه يعني ٻه اکر.

(١) عربيءَ ۾ ثلاث معنيٰ ٽي يعني ٽه اکرا.

(٢) عربيءَ ۾ اربعہ معنيٰ چار يعني چار اکرا.

(٣) عربيءَ ۾ خمس معنيٰ پنجه يعني پنجه اکرا.

واري کي يعني شش حرفي، هفت حرفي، هشت حرفي وغيره کي عربي وارا 'مزيد فيه' ٿا سڏين جيئن ته سرڪاري، ترنجبين، افراسياب، وغيره.

هاڻي انهن مرڪب حرفن مان گهٽائي آهن، جنکي خاص نالا مليل آهن ۽ اگرچه لفظ يا ڪلما آهن تڏهن به انهن کي حرف سڏيندا آهن، جيئن ته حرف جر، حرف جملو، حرف ندا، جي سنڌيءَ ۾ عام آهن، مگر ٻيا به ڪيترائي اهڙا حرف آهن جن جا نالا سندن معنيٰ موجب علحدا آهن. اهي سڀ جملن ۾ ڪم اچڻ ڪري نحو ۾ داخل ڪيا ويا آهن. انهن مان ڪي ٿورا، جي سنڌيءَ ۾ به ڪم اچن ٿا، سي هتي ڏجن ٿا.

"با" پارسيءَ وانگي ساڻ جي معنيٰ سان ڪم ايندو آهي، جيئن ته باوجود، باادب، باعقل، باڪمال. ۽ اهڙي هنڌ ضد آهي 'بي' جو جنهنجي معنيٰ ري آهي، جيئن ته بي ادب، بي عقل، بي سبب. "نا" جيئن ته نافرمان، نااميد. 'ڪم' عقل، جيئن ته ڪمبخت، ڪم عقل، ڪم فهم. ۽ "لا" جيئن ته لاشڪ، لاثاني، لاچار، لاحاصل، لاعلاج، لاوارث.

"تا" جي معنيٰ جيستين به آهي ۽ ته به آهي جيئن ته "گهڙو پڳو تا ڳهوريو". "تا" جو هيءَ ڳالهه وچي ظاهر ٿي. هتان وڃي تا هن هنڌ تائين. "تاڪه شود"، هن کي 'حرف انتها' به سڏيندا آهن.

"در" پارسيءَ ۾، يا منجهه جي معنيٰ سان ڪم ٿو اچي ۽ سنڌيءَ ۾ پارسي لفظن سان گڏ اچي ٿو، جيئن ته در حقيقت.

"بر" به ساڳيءَ طرح مٿي جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو، جيئن ته برجا، برجسته، فرمان بردار، بر گشته.

انهن کان سواءِ پارسي حرف ٻيا به گهڻا آهن جي سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا جيئن ته يا، اي، بلي، نا، مگر، بغير، واهه. وغيره جي اڪثر حرف جر يا جملو يا ندا شمار ٿيندا آهن.

ٻيا ڪي خاص حرف مثالن سميت هيٺ ڏجن ٿا، جن مان ڪي جدا جدا ضميرن يا ظرفن يا صفتن سان ڪم ايندا آهن يا خود آهي شمار ۾ آهن، مگر آهن فقط انهن جون نشانيون.

"حرف استفهام" يعني پڇا جا حرف. ڇو، ڇا، ڪير، ڪهڙو، ڪجاڙو، ڪوهه، ڪٿي، ڪيڏي، ڪٿان، ڪيئن.

ڪي قسم 'استفهام انڪاري' سڏبا آهن، يعني ظاهري معنيٰ سوال جي آهي ليڪن باطني معنيٰ نه جي آهي. جيئن ته اٺين وري ڪيئن هوندو؟ يعني ڪونه هوندو. اهڙو ڪم ڪير ڪندو؟ يعني ڪونه ڪندو.

پارسي حرف استفهام "چند ۽ ڪجا" به سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا آهن، جيئن ته تون ڪجا آهين؟ چندين قسم.

(٢) 'حرف تشبيهه' جيئن ته وانگي مثل، جان چؤ ته گويا، پارسي لفظ 'وار' جيئن ته شرحوار (١) بزرگوار، بنده وار، تاريخ وار. ۽ 'وش' جهڙن پري وش ۽ 'چون ۽ چگو نه' جيئن ته بي چون ۽ بي چگون ۽ 'وند'. جيئن خداوند، خويشاوند (٢). ۽ 'سار'، جيئن خاڪسار (٣) سبڪسار سنگسار به سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا آهن. 'گونه' جيئن ته گلگونه (٤)، 'زردگونه'.

(٣) 'حرف شرط' جي- جيڪڏهن، اگر، اگرچه، جيتوڻيڪ، جڏهن، جيترو ڪ، جيڪر، هرچند، مگر.

(٤) 'حرف بيان' ته، تا، جيئن هن چيو ته آءٌ وڃان ٿو.

(٥) 'حرف علت' (سبب)، ڇالاءِ ته، سو ڪو ته، ڇو ته، ڇاڪاڻ جو، تنهن ڪري، تنهن لاءِ، انهيءَ لاءِ.

(٦) 'حرف تمنا' (سڌ)- شال، شل، مر، ڀل، ڀلي ته.

(٧) 'حرف تحسين' شاباش، واه، واه واه، مرحبا، جس(٥)، زهي.

(٨) 'حرف افسوس' هاءِ، واءِ، واويلا، واحسرتا، وامصيبتا، آهه! وغيره.

(٩) 'حرف استثنا' يا ترديد (جدائي يا نياري ڳالهه)- سواءِ، ڌارا، مگر، بغير، بجز، الا، پر، ليڪن، يا، خواه.

(١٠) 'حرف اضافت' (واسطو پيدا ڪندڙ يا ملڪيت ڏيکاريندڙ): جو، جا، سندو.

(١١) 'حرف عطف يا معيت' (ميلاپ): ۽ ۽، پڻ، هم، بلڪ.

(١٢) 'حرف تنبيهه' (تاڪيد): خبردار، سنڀال، چيت، هان، هون، هرگز، متان.

(١٣) 'حرف نسبت': آنه يا آنو ۽ اڻو، جيئن ته شاهه، شاهانه، شاهاڻو. مرد، مردانو، سالياني، ماهياني. اينه يا اينو جيئن ته پشم، پشمينه، پشمينو. روز، روزينه، روزينو. آڪ جيئن ته خوراڪ، پوشاڪ، (يعني ڪاڏي ۽ ڪپڙي سان نسبت رکندڙ، اگرچ سنڌيءَ ۾ اهي لفظ اسم وانگي ڪم ايندا آهن.) وار جيئن ته شاهوار، ماهوار. آن جيئن ته ايران، توران.

---

(١) يعني شرح موجب، تفصيلوار.
(٢) يعني مائٽ مٽ.
(٣) يعني هلڪو.
(٤) گل جي رنگ جهڙو يا ڳاڙهو ۽ زرد رنگ جو يا پيلو.
(٥) يعني واهه واهه.

(١٤) 'حرف شڪ': جيئن تہ شايد، متان، مبادا. انهن کان سواءِ ٻيا جيڪي آهن تن مان ڪي حرف ندا، ڪي حرف جر ۽ ڪي حرف جملو آهن، مگر هلندڙ دستور موجب سهوليت لاءِ مٿيان سڀ حرف زور ڪري هنن ڏهن حرفن هيٺ آڻي ڇڏيندا آهن. ساڳيءَ طرح عربيءَ ۽ پارسيءَ وارا ڪن ظرفن ۽ ضميرن جي لفظن کي بہ حرف ڪري شمار ڪندا آهن. جيئن تہ حرف تميز، حرف ظرف، حرف مبهم، حرف اشاره، حرف اشتراڪ، يعني جو حرف شراڪت يا ڀائيواري ڏيکاري يا مشترڪ ۾ ڪم اچي حرف استفهام.

مٿين حرفن کان سواءِ ڪي اهڙا حرف يا لفظ يا نشانيون آهن، جي اڪثر پڇاڙيءَ ۾ اچن ٿيون ۽ ڪي خاص معنائون ڏيکارين ٿيون. جيئن تہ:

(١٥) 'صاحب يا فاعل يا رکندڙ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ': گار، مند، وند، ور، گر، آر، آور، وار، آرو يا وارو، خدا، يار، هار، دار، بان، وان، ناڪ، گين، چي. جيئن تہ: پروردگار، خدمتگار، ستمگار، شيشگر، دادگر، عقلمند، هنرمند، دردمند، دردوند، خريدار، پرستار، بختاور، تاجور، مزدور، رنجور، ڏاتار، ڪنيار، لوهار، مگڻهار، سونارو، ڪمدار، تاجدار، مالدار، خدايار، بختيار، ڪتخدا (ڪت يا گهر وارو) ناخدا (يعني ناهہ يا ٻيڙيءَ وارو) دربان، نگهبان، فيلبان، چوبدار، پهلوان، بنديوان، هيبتناڪ، خوفناڪ، غمگين، رنگين، شوقين، خزانچي، مشعلچي.

(١٦) 'جاءِ يا گهاٽائي ڏيکاريندڙ': ستان، زار، بار، سار، سرا، خانہ. جيئن تہ هندوستان، گلستان، گلزار، لالازار، خاڪسار، ڪوهسار، نمسڪار، دربار، مهمانسرا، قافلہ سرا.

(١٧) 'آوازي حرف يا لفظ': جي لفظ آواز مان ٺهيا آهن، ۽ ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور يا ڪنهن ٻي شيءِ يا ڪنهن ڪم جو آواز ٿا ڏيکارين. جيئن تہ ٺڪ ٺڪ، ڀُون ڀُون، مياٺو مياٺو، ٽيڪلو ٽيڪلو.

ديباچي ۽ باب پهرئين جا سوال

صرف جي ۽ نحو جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ انهن ٻنهي جو ڀاڱن ۾ ڪهڙو واسطو آهي ۽ ٻي ڪهڙو ڪم ڪن ٿا؟ جيڪا ڳالهائجي ٿو سو ڪهڙن قسمن جو آهي؟ موضوع ۽ مهمل، حقيقي ۽ مجازي ۽ اصطلاحي لفظن جو مطلب سمجهايو ۽ مثال ڏيو. مفرد ۽ مرڪب جو تفاوت ٻڌايو، ۽ انهن جو مطلب ۽ مثال ڏيو. ڪلمہ ۽ ڪلام جي معنيٰ ڇا آهي؟

الف ب، جي اکرن جي گڏ ٿيڻ جو تفصيل ڏيو، ۽ انهيءَ جي بناوت جا جزا بيان ڪريو. حرف ۽ لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ حرفن جي جدا جدا تقسيم ٻڌايو.

منقوط ۽ غير منقوط، يا معجم يا مهمل اکر ڪهڙا آهن؟ مسروري، ملفوظي ۽ مڪتوبي حرف ڪهڙا آهن؟ عليل ۽ صحيح يعني بيمار ۽ چڱا ڀلا حرف ڪهڙا آهن؟ حرڪتون يا اعراب ڪيئن پيدا ٿيا؟ الف مقصوره ۽ همزه جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ مخرج موجب حرفن جا ڪهڙا قسم آهن؟ شمسي ۽ قمري حرفن جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ حرفن جون ترڪيبي ۽ منفردي صورتون ڪهڙيون آهن؟ معرب ۽ معجم حرف ڪهڙا آهن؟ انهن جا مثال ڏيو. تبديل چا کي ٿا چون؟ انهن جا ڪي ضروري قانون ٻڌايو. حرف علت وارن ٽن حرفن جي جدا جدا آوازن يا صورتن جو تفصيل ڏيو. جي حرف صحيح آهن، تن جي تبديل جا ڪي مثال ڏيو. الف ب جي حرفن جي ڪا لغوي معنيٰ هجي ته ٻڌايو، ۽ اصطلاحي معنيٰ هجي ته اها به ٻڌايو. ابجد چا کي ٿا چون ۽ انهيءَ جي ترتيب ڪيئن جڙي؟ ابجد جو حساب ڪهڙو آهي ۽ آهو ڪهڙي ڪم ٿو اچي ۽ ڪيئن ڪم ٿو اچي؟ ڪي مثال ڏيو. سنڌيءَ ۾ الف ب جا اکر لکپڙهه ۾ ڪهڙين معنائن سان ڪم اچن ٿا؟ انهن جا مثال ڏيو. حروف تهجي ۽ حروف معنويءَ جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڪهڙين حالتن ۾ صرف نحو ۾ لفظن کي حرف ٿا سڏين؟ مرڪب حرفن يا حرفن جي مجموعن جا ڪهڙا قسم آهن؟ هرهڪ جا مثال ڏيو. حرف جر، جملي ۽ ندا کان سواءِ، ٻيا ڪهڙا پارسي صرف نحو جا حرف سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا آهن؟ انهن جا نالا ۽ مثال ڏيو. انهن مان ڪهڙا لفظن جي منڍ ۾ اچن ٿا ۽ ڪهڙا پڇاڙيءَ ۾ ۽ اهي ڪهڙيون معنائون ٿا ڏيکارين؟ ڪهڙيون نشانيون فاعليت جي معنيٰ ٿيون ڏيکارين، ۽ ڪهڙيون ڪثرت ۽ جاءِ ٿيون ڏيکارين؟ انهن جا مثال ڏيو.

اشارو: مٿين سوالن جا جواب مٿين باب ۾ لکيل مضمون پڙهڻ سان ڏئي ٿا سگهجن.

مشقون

(١) هيٺين ٻٽن لفظن مان ڪهڙا مهمل يا بي معنيٰ يا زائد آهن؟

آقي باقي، آڪز چڪن، اکو ڦلو، آل جال، ماڻهو چيٺو، آلو ٻولو، ايڪڙ ٻيڪڙ، ٻانهو چينهو، ٻوڙي گهل، خبر چار، موڙ جڪ، تور تڪ، آگهٽ ساگهٽ، آنپارو ماپارو، آمهون سامهون، انگڙ ونگڙ، آنڌ مانڌ، لپو ٿپو، خرچ پکو، ڏکر نيرو، شيءِ شڪل، وڻ ٽڻ.

هيٺين لفظن مان سنڌيءَ ٻوليءَ جي رواج موجب ڪهڙا بي معنيٰ يا زائد لفظ ڪم ايندا آهن؟

ماني، اوگهه، آنڌ، ٻاسو، حيلو، ٻٽ، ڀنيي، موٽ، آٽل، سمجهي، طعنو، صلح، چپ، گاڏڙ، مائل، ليٽ، انعام، آزي، مصالح، ٿانءُ، ٻن، ملو، گهور، ٻکي، چٽ، فلاڻو، زال، مٺا، واٽيو، ذات، چنج، ڪٽل.

(٣) هيٺين لفظن جي ڪهڙي اصلي يا لغوي يا حقيقي معني آهي ۽ ڪهڙي اصطلاحي معني ڪم ايندي آهي؟

پڙنگ، جناب، حوصلو، غصو، سبب، بندو، وڏائش، گل، سڪالو، گهوڙو، مقام، مڪان، ورق، ضعيف، عادت، سعيو.

(٤) هيٺين لفظن مان مفرد ڌار ڪريو ۽ مرڪب ڌار، ۽ جي مرڪب آهن تن جي ترڪيب ٻڌايو، يعني ڇٽو ته ڪهڙن ٻن لفظن مان جڙيل آهن، ۽ جي مفرد لفظ ڪنهن بنيادي لفظ مان نڪتل آهن ته آهو اصل لفظ به ٻڌايو.

آپگهڙيو، آيڪهري، آرتوار، اکيائڙي الاجي، اڳڪڻي، اڳم ڳڻتي، بارڪش، جمليو آموڙو، بانيڪار، بغل ٿيلهو، تنگدست، ڀوڻاڙو، چانڪهو، ڏاڏڻي، ڀاڪيڙي، مٿڀرائي، ڀومييو، ڌرتتي، ڀون ڀاڙو، تماشه بين، تنخواهه، تندرستي، ٺماڙ، ڏانداري، ڏياري، ڏيوالو، ساڻي، سٺاواڙو، سمڙيا، دباڻ، داغدوزي، ڀرڀڪاري، ٻهٻوال، پرکوس، چوڏول، سرخرو، سنگتراش، شمش محل، صدري، گاودم، گوشالا، ڪاٺ ڪٺو، ڪاٻارڄڻ، کوڙانجي، لاسڙيات، ڪانڌي، لانگوٽيو، مچرداني.

(٥) هيٺين لفظن ۾ جيڪي حرف علت ڪم آيل آهن انهن جا نالا ٻڌايو.

آدم، بادام، موذي، سوچڙو، بيشڪ، باالفضول، ذوالحج، ذوالقعد، خود باف، خوشخبري، حتي المقدور، علي الصباح، علي الحساب، لبيس، خوشامد، معني، دعوي، نماءُ.

(٦) هيٺين اکرن مان ٻڌايو ته شمسي ڪهڙا آهن ۽ قمري ڪهڙا، يعني آل ملائڻ سان ڪهڙن ۾ لام جو آواز ٿئي ٿو ۽ ڪهڙن ۾ نٿو ٿئي؟ ر، س، د، ل، ڪ، ج، ح، ص، ن، ب، و.

(٧) هيٺين غلط آوازن وارا لفظ صحيح ڪريو ۽ انهن جا سبب ڏيو.

دارلدنيا، قطبل دين، بديعلجمال، زيبلنسا، عللصباح، زينلسماءُ.

(٨) هيٺيان لفظ تبديل جسي رستي مٽجي ڪهڙي صورت وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا؟

اڙدر، فضولي، قربان، ستير، سيلاني، ڪيس، خشخاش، ڪفن، نم، لُغتي، لغام، لوڙ، پشت، پنجره، جش، چرم، دُم، خمُر، دربان، ديوڙهي، ڪان، گياه، ماش، ناريل، آڙنا، آنتيس، آسگار، بارل، بجانا، برچي، بلورنا، بوڦي، بيدن، مرهم، مختيار، بياهه، بيپار، پرونا، ڦٽڪري، تاڪا، جامن.

(٩) هيٺين غلط صورتخطيءَ درست ڪريو:

بدماش، استيفا، موسا، معنا، بدخاهي، ڪرنش خيشي، خدانخاستہ، خشامد، ابلقاسم، فلحال، بامقطعہ، فاحقيقت، بلفضول، تنخاه، سايو، نارو، مارڪو، ساف، لال، نفو، مامِلو، نظامدين.

(۱۰) هيٺين لفظن مان ابجد جي حساب سان تاريخ جو سال ڪڍيو.
هيٺين ڪتابن جا نالا آهن جن جي نالن مان سندن تصنيف جو سال ٿو نڪري
گلزار عروض، تاريخ بقائي، تحفة مذاق ـ چمن مختيار.

هيٺيان نالا پارن جا آهن جن جي ڄمڻ جو سال سندن نالن مان ٿو نڪري.
سيد غلام محبوب سبحاني، سيد نظر علي، مرزا نظام الدين، شيخ منور حسين، تفرج خان.

هيٺيان وفات جا سال آهن: هي هي غريب بيڪس، انتقال خان صاحب.
انهن مان هر هڪ جي وفات جو سال ڳڻي ڏيکاريو ته ڪهڙو ٿيو.

(۱۱) هيٺين پارسي حرفن سان ڪهڙا لفظ مرڪب ٿي سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا آهن.
۽ انهن جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ ۽ ساڳيءَ طرح هيٺين سنڌي حرفن ۽ لفظن سان
ڪهڙا مرڪب لفظ آهن؟

پارسي: بد، بر، بي، خود، خوش، سر، دست، هم، نا، ڪم ۽ لا.
سنڌي: اڻ، آ، ن، مها، نر، هٿ، وات، ڀر.

(۱۲) هيٺ جيڪي حرف ڪم آيا آهن، سي ڏيکاريو ۽ انهن جا نالا ٻڌايو،
۽ ڏيکاريو ته اهي ڪهڙي معنيٰ ٿا ڏيکارين؟

اڳڪٿي، سزاوار، شمعدان، ڪم وندر، ڪمانگر، ڀراڀڪاري، ٽپيدار، ڀٽيوال،
پرديس، ڦٽيڪر، چاريندار، ڀروس.

ضميمو

پهرئين باب جي مشقن جا جواب

انهن ڀڃن لفظن مان هيٺيان لفظ بي معنيٰ يا زايد آهن: آڦي، اڪن، ڦلو، آل،
ماٺهو، آلو، ڀيڪڙ، ڇينهو، گهل، چار، جڪ، تڪ، ساڳٽ، آنيارو، آمهون، انگڙ،
آنڌ، لپو، ڀڪو، ڦيرو، شڪل ۽ ٺن.

۲- مائي نڪي، اوکهه سوکهه، انڌ ڌنڌ، اوسو پاسو، حيلو حوالو، ڀٽ ڀٽيهر،
ڀني پارو، اوٽ موٽ، آٿل پٿل، سمجهي امجهي، طعنو تنڪو، صلح صلاح، چپ چاپ،
ڪُپ چُپ، ڳاڙ ساڙ، گهائل مائل، ليٽ ڦيٽ، انعام اڪرام، آزي نيازي، مڙو مصالحو،
ٿانءُ ٿپو، پن پوڻو، ملو موراڻو، گهور گهاپار، ٻکي ٻکڻ، چٽ ڀٽ، فلاڻو ڦيرو،
زال زنب، زال ضاعفا، مٽا سٽا، واڻيو وڪال، ذات زمات، ڇڇ ڏڇ، گر ڦل.

۳- 'ٻوڪ'=اصل عربي لفظ 'بوق' آهي، جو بصر جي وچ ۾ گلن جهلڻ جي
سخت ڏالدي آهي، جا ڪانءُ ۾ نه ايندي آهي ۽ نڪمي جاٽي اچلائي ڇڏبي آهي.
اصطلاحي معنيٰ نڪمو، بيعقل، نادان.

'جناب'=عربي لفظ. اصل معنيٰ چانئٺ. ادب جي ڪري وڏي ماڻهوءَ جي گهر يا در ڏي اشارو يعني خود انهيءَ ماڻهوءَ ڏي اشارو. اصطلاحي معنيٰ سگهڙ يا شريف يا امير ماڻهو.

'حوصلو'=اصل عربي لفظ. حوصلہ جي معنيٰ پکيءَ جي گِجي، جنهن ۾ ڇپيل داڻو هضم ٿيندو آهي. اصطلاحي معنيٰ سمجهہ يا سمجهڻ جي طاقت. سنڌيءَ ۾ ٻه چوندا آهن ته فلاڻو گجيءَ وارو ماڻهو آهي. حوصلي مان لفظ حواصل ٻه نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ عربيءَ ۾ آهي پيڻ پکي، جنهن کي تمام وڏي گِجي ٿيندي آهي.

'غصو': اصل عربي لفظ. غصي جي معنيٰ نڙيءَ ۾ اٽڪڻ، جڏهن گراهہ ڦاسي پوندو آهي. اها حالت ماڻهوءَ جي ڏک ۽ انتظار ۽ ڪاوڙ ۾ ٿيندي آهي. عربيءَ ۽ پارسيءَ ۾ اصطلاحي معنيٰ آهي ڏک، پر سنڌيءَ ۾ ڪاوڙ آهي.

'سبب': اصل عربيءَ ۾ معنيٰ اٿس رسو، جو هڪڙو اوزار يا اپاءُ آهي، کوهہ مان پاڻي ڪيڻ جو يا پين ڪمن ڪرڻ جو يا جهلي ٻڌڻ جو. اصطلاحي معنيٰ ٿيس اپاءُ يا وسيلو يا ڪارڻ ۽ جمع اٿس اسباب.

'بندو': اصل پارسي، بنده معنيٰ ٻانهو. نياز جي ڪري اصطلاح موجب ڳالهائيندڙ يا لکندڙ پاڻ کي ٻانهو ڪري لکندو آهي، يعني آءٌ.

'وڌائڻ': اصل سنڌيءَ ۾ معنيٰ زياده ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ آهي ديگڙي مان چانور، پوڙ وغيره ڪڍي رڪابيءَ ۾ وجهڻ. جنهنڪري بسم الله چوڻ سان، انهيءَ ۾ برڪت پوي ٿي ۽ ٿورو مال گهڻو ٿي پوي ٿو.

'گل': اصل معنيٰ ڦُل جي آهي، اصطلاح جي معنيٰ آهي ڏيو يا بتي اُجهائڻ. اهو خراب ڪم سمجهيل آهي، تنهنڪري انهن جي بدران چڱو لفظ ڪم آندو ويو آهي، ۽ اُجهائڻ سان بتيءَ جو ڦلو ٿيندو آهي ۽ ڦل کي 'گل' چون.

'سڪالو': اصل معنيٰ سک وارو يعني خوش، چڱو ڀلو، پر اصطلاحي معنيٰ اٿس بيمار. خراب لفظ جي بدران چڱو لفظ ڪم آڻيندا آهن، جيئن ته 'ڪاري منهن ڪرڻ' کي چون 'اڇو منهن ڪرڻ' ۽ 'نياڳي' کي چون 'سياڳو'. 'ڀلو ٿئيس' جو مطلب 'ڀلو نہ ٿئيس'.

'گهوڙو': اصل مشهور جانور، ۽ اصطلاحي معنيٰ اٿس ڦرلٽ يا خانہ خرابي، چالاءِ جو اڳي دشمن گهوڙن تي ڪاهي اچي شهرن ۾ پوندا هئا، ۽ ڦُري لٽي ويندا هئا، جنهن کي 'گهل' چوندا هئا. هاڻي پيٽ جي معنيٰ سان ڪم ايندو آهي، جيئن ته 'شل گهوڙا پوَنس'! 'گهوڙا ڙي' واري ڏانهن ٻہ انهن مان نڪتل آهي.

'مقام': اصل عربيءَ ۾ معنيٰ آهي، جيئرن جي رهڻ جي جاءِ، پر اصطلاحي معنيٰ سنڌيءَ ۾ اٿس 'مئن جي جاءِ' يعني 'قبرستان'.

’مڪان‘: ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾ معنيٰ اٿس، رهڻ ۽ وهڻ جي جاءِ، ۽ اصطلاحي معنيٰ سنڌيءَ ۾ اٿس موالين ۽ فقيرن جي ويهڻ جي جاءِ يا ’اوتارو‘.

’ورق‘: اصل عربيءَ ۾ معنيٰ اٿس وڻ جو پن، جنهن مان پارسي آهي ’برگ‘، ۽ اصطلاحي معنيٰ ٿيس ڪاغذ جو پنو يا ڪتاب جو پنو.

”برگ سبز ست تحفهٔ درويش“.

’ضعيف‘: اصل عربيءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ ڍڍو ۽ ’ضعيف‘ آهي، ۽ ’پيرسن‘ کي به چون ڇو ماڻهو پيريءَ ڪري ڪمزور يا ڍڍو ٿي پوندو آهي، تنهن مان ضعيفيءَ جي معنيٰ ڪئي ويئي.

’عادت‘: اصل عربيءَ ۾ وري وري ڪرڻ. ائين ڪري ماڻهوءَ کي عادت پوندي آهي. عيد به انهيءَ اصل مان نڪتل آهي، جو اهو وڏو ڏينهن هر سال وري وري ٿو اچي.

’سعيو‘: اصل عربيءَ ۾ سعي جي معنيٰ آهي ڊوڙڻ. اصطلاحي معنيٰ ڪوشش ٿي،

٣- مفرد لفظ هي آهن: اڪيلاڙي، نڪتل آهي اڪ مان. يعني اڪين تي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا ٻي ڪا شيءِ.

’ٻوٽاڙو‘: نڪتل آهي ٻوٽ مان، يعني وات تي ٻڌڻ جي شيءِ.

’ڇانگهو: نڪتل آهي ڇنگهه مان، يعني ٽنگ. ڍاڙهي کي مضبوط ۽ ڊگهيون ۽ تکيون ٽنگون ٿينديون آهن، تنهنڪري ائين سڏيندا اٿس.

’ڳاٽي‘: نڪتل آهي ڳاٽي مان، جو رنگ جو ڳاڙهو ٿيندو آهي، تنهنڪري ’ڳاٽي هڻڻ‘ جي معنيٰ ٿي منهن يا ٻيءَ شيءِ جو ڳاڙهو ٿيڻ.

’ڀوميو‘: نڪتل آهي ڀوم يا ڀونءِ مان، يعني زمين ۽ پارسي لفظ ’بوم‘ آهي. جو ماڻهو سر زمين يا ترڙ جو واقف هجي ۽ سونهون ٿئي، انهن کي ’ڀوميو‘ چوندا آهن.

’ڏانداري‘: نڪتل آهي ڏند مان. انهيءَ ٻنيءَ جي اوزار کي ڏندا ٿيندا آهن، ڏندن وانگي تنهنڪري اهو نالو مليو اٿس.

’ڏياري‘: نڪتل آهي ڏئي مان. انهيءَ وڏي ڏينهن تي ڏيا ٻاريندا آهن، تنهنڪري اهو نالو مليس.

’ڏيوالو‘: به ڏئي مان نڪتل آهي. سچو يا ڪُتل ماڻهو، اڳوڻي رسم موجب ڏينهن جو ڏيو ٻاريندو هو.

'سائي': نڪتل آهي حرف جر 'ساڻ' مان. جيڪو ماڻهو اڪثر ساڻ رهي، يا گڏ رهي، يعني سنگتي، همراهه، مددي.

'سڱڙيا': نڪتل آهي سڱ مان. ساريون، ڪڻڪ يا ٻيو جيڪو اَن سڱ ڏينهن اندر ٻچي واس ٿئي.

'صدري': اصل نڪتل آهي عربي لفظ 'صدر' مان، جنهن جي معني آهي ڇاتي. جو ڪپڙو ڇاتي ڍڪي، تنهن کي صدري چوندا آهن.

'ڪانڊارجو': ڪنڊي مان نڪتل. يعني جڏهن ٻت تي وار ڪنڊن وانگي اڪري بيهندا آهن ڊپ ۾ يا ڪرهت ۾.

'لاسڙيات': نڪتل آهي 'لس ۽ لسي' مان. جنهن ماڻهوءَ جو منهن يا ڪاڏي لسي هجي ۽ اڃان ڏاڙهي نه نڪتي هجيس، يعني ڇوڪراٽ، تازو جوان.

'ڪانڌي': نڪتل آهي ڪنڌ مان. جو ماڻهو ڪنڌ تي کڻي، پوءِ اصطلاحي معني اٿس جو مڙدي کي کڻي.

'لانگوٽيو': نڪتل آهي لانگ مان يعني ٽنگ. جو ماڻهو ٽنگ جو ڪچو ۽ خراب استعمال ڪري، يعني لانگ ڇوٽو يا زناڪار يا بدچال. 'لنگوٽاڙو' به انهيءَ کي چوندا آهن. 'لانگوٽيو' جي معني لنگوٽي ٻڌڻ وارو فقير به آهي.

باقي هيٺيان لفظ مرڪب آهن ۽ انهن جي ترڪيب يا بڻاوت هيءَ آهي:

'آپڪڙيو'=آپ يعني آپو، ۽ ڪڙيو يعني ڪڙيءَ وارو يا ڪڙيءَ تي بيٺل. 'اپڪوري'=آپ يعني آپي ۽ ڪوري يعني ننڍو ڪپر، درياهه جو ڪپر جو آپو بيٺل هجي ۽ سلاميءَ وارو نه هجي 'آرتوار'=آرت يا آڏت يعني سج ۽ وار يعني ڏينهن. 'الاجي يا الهجي'=الله ۽ اجهي يا ٻجهي يعني ڄاڻي. 'اڳڪٿي'=اڳ يعني اڳي ڪٿي يا ڪٿ يعني رٿيل يا خيال ڪيل. 'اڳ ڳڻتي'=اڳ ۽ ڳڻتي. 'بارڪش'= بار ۽ ڪش پارسي ڪشيدن مان؛ يعني جو رسو بار کي ڪشي ڇڪي يا ٻڌي. 'جنڊ آهوڙو'=جنڊ ۽ آهوڙو يعني آهوڙڻ يا ڪٽهڙڻ ۽ ڇلڻ وارو. 'بانيڪار'= باني يعني بنياد وجهندڙ ۽ ڪار يعني ڪم، ڪنهين به ڪم جو بنياد وجهندڙ. 'بغل تيلهو'=جو تيلهو بغل ۾ يا ڪڇيءَ ۾ وجهي ٻانهن هيٺ کڻي سگهجي. 'تنگدست'= تنگ ۽ دست يعني سوڙهي هٿ وارو، يا بخيل يا مفلس. 'ڀاڳيري'=ڀاڳ ساڻ ڀريل يعني بخت واري. 'ستپرائي'=ستن پرائن يا پائن واري. 'ڏرتتي'=ڏر يعني ڏرتي ۽ تتي يعني تتل يا گرم، ٻه پهريءَ جو وقت، جڏهن زمين تپي باهه ٿي ٿي. 'پونء پاڙو'=پون يعني زمين جو پاڙو يا محصول. 'تماشه بين'=تماشه، ۽ بين يعني ڏسندڙ. 'تنخواهه'=تن يعني جسم يا جثو ۽ خواهه پارسي خواستن مان. جهڪي

جسم کي آٿن لاءِ عيوض يا اجورو ڪهڻ ۾ اچي يعني ڀڳھارو. 'تندرستي'=تن يعني بت ۽ درستي يعني چڱيلائي. 'ڦماڙ'=ڦ يعني ٺي ۽ ماڙ يعني ماڙي، ٺن ماڙين يا ڪهڻ واري عمارت. 'ستاواڙو'=ستا يعني ستون ۽ واڙو يعني وار يا ڏينهن. شادي ڪانءِ ستون ڏينهن، جڏهن ڪنئار مائٽن ۾ اچي. 'دبالت'=دب ۽ لت، يعني دٻڻ ۽ لتڻ. 'داغدوزي'=داغ ۽ دوزي، پارسي دوختن مان يعني سبڻ. داغن يا سوراخن کي اڳڙيون وجهي سبڻ، يا سرمت ڪرڻ. 'پراپڪاري'=پر ۽ اپڪاري، يعني جو ٻين کي فائدو يا فيض پهچائي. 'پٽيوال'=پٽي ۽ والو يا وارو. 'پروس'=پر ۽ وس، يعني جو پرائي يا ٻين جي وس هجي. 'چوڏول'=چو ۽ ڏول، يعني چئن ڏولن وارو. 'سرخرو'= سرخ يعني ڳاڙهو ۽ رو يعني منهن، ڳاڙهي منهن وارو، يعني خوش. غم يا ڏڪ ۾ منهن اڇو يا پيلو ٿي ويندو آهي. 'سنگتراش'=سنگ يعني پٿر ۽ تراش پارسي تراشيدن مان، يعني پٿر گهڙڻ وارو. 'شيش محل'=شيش ۽ محل، جنهن محلات يا ماڙيءَ ۾ گهڻا شيشا ڪم آيل هجن، يا جا شيشن مان جڙيل هجي. 'گاودم'=گاو يعني ڏاند ۽ دم يعني پڇ. ڏڳي جي پڇ جهڙو شڪل ۾، يعني جو مٿان ٿلهو ٿي هيٺ وڃي سنهو ٿئي. 'گئوشالا'=گئو ۽ شالا يعني ڳائن جي بيهارڻ جي جاءِ. 'ڪاٺ ڪٽو'=ڪاٺ ۽ ڪٽو يعني ڪٽيندڙ. اهو پکي جو چهنب سان ڪاٺ تي ٺڪ هڻندو آهي. 'مڇرداني'=مڇر ۽ داني، پارسي دان مان، مونث. يعني ڪپڙي جو ڍڪ جو مڇرن کي روڪڻ لاءِ کٽ جي مٿان وجهندا آهن. 'گهڙامنجي'=گهڙا ۽ منجي يا ونجي، يعني گهڙن يا دلن رکڻ جي منجي.

٥- آدم ۾ 'الف ممدوده' يا مد وارو آهي. بادام ۾ ٻئي 'الف مقصوره' يا ساڪن آهن. موذي ۾ و ۽ ي ٻئي 'معروف' آهن- "توبرو" ٻئي واو 'مجهول آهن. بيشڪ ۾ ي 'مجهول' آهي، مگر اصل پارسيءَ ۾ 'معروف' آهي. بالفضول ۾ الف 'محذوف' آهي، يعني آواز ڪونه ٿو ٿئيس ۽ واو 'معروف' آهن. 'ذوالحج' ۾ واو ۽ الف ٻئي 'محذوف' آهن. 'ذوالقد' ۾ بہ ساڳي حالت. "خود باف" ۾ واو اشمام جو آهي، يعني رکو اڳئين اکر تي پيش ايندو ۽ واو جو آواز نہ ٿيندو، ۽ الف ساڪن آهي. "خوشخبري" = واو "اشمام" ۽ ي "معروف". "حتي المقدور" ي ۽ الف حذف ۽ و معروف. "علي الصباح" = ي ۽ الف حذف ۽ ٻيو الف ساڪن. 'علي الحساب' = ساڳي حالت. 'لبيس' = ي مجهول بجاءِ الف جي آيل، جو اصل لفظ لباس هو. اهو الف "امالہ" آهي. 'خوشامد' = واو "اشمام" ۽ الف ساڪن. معنيٰ ۽ دعويٰ ۾ ي الف جي آواز واري آهي. "نماءَ" ۾ الف ساڪن آهي ۽ ٻيو الف همزو آهي.

٦- ر، س، ص، د، ل ۽ ن شمسي آهن، يعني لام جو آواز نٿو ٿئي، ۽ ڪ، ج، ح، ب ۽ و قمري آهن، يعني لام جو آواز ٿئي ٿو.

٧- (١) ”دارالدنيا“ (آل جو آواز نٿو ٿئي). (٢) ”قطب الدين“ (آل جو آواز نٿو ٿئي). (٣) ”بديع الجمال“ (آل ۽ الف جو آواز نٿو ٿئي، پر لام جو ٿئي ٿو). (٤) ”زيب النساء“ (الف ۽ لام جو آواز نٿو ٿئي). (٥) ”نورالنهار“ (الف ۽ لام جو آواز نٿو ٿئي).

’علي الصباح‘ (٦) (الف ۽ لام جو آواز نٿو ٿئي). ’زين السماء‘ (٧)، (الف ۽ لام جو آواز نٿو ٿئي).

٨- اڙدو، اجگر، فضولي، ڦدولي، قربان، قلبان. سَير، شيل. سَيلاني، شيلاني. ڪيسو، ڪيسو. خشخص يا خشخاش، خس خس يا ڪس ڪس. ڪفن، ڪفن. نيم، لم، لڱغتي، لڱتي (٨). لگام، لغام. لومڙ، لونبڙ - پشت، پٺ. پنجرو، پڃرو. چش، چڪ. چرم، چم. دُم، دنب. خُم، ڪنپ. دربان، درواڻ. ديوڙهي، ڏيڍي. ڪان، ڪاڻ. گياه، گاهه. ماس، مانهن. نارگيل، ناريل. آڙنا، آڏڻ. آنتيس، آوٽيهه. انگار، اڱر. بارا، واڙو. بجانا، وڄاڻ. برڇي، ٻڇي. بلورنا، ولوڙڻ. بوٽي، ٻوٽي. بيدن، ويڌن. مرهم، ملم. مختار، مکيار. بياه، وهانءُ. بيپار، واپار. پرونا، پرڻ. ڦڪڙي، ڦٽڪي. تاڪا، ڌاڳو. جامن، ڄمون.

٩- بدمعاش، استعفا، موسي، معني، بدخواهي، ڪورنش (٩) خويشي، خدالخواسته، خوشامد، آبوالقاسم، في الحال، بالمقطع، في الحقيقت، بوالفضول، تنخواهه، سعيو، نعرو، معرڪو (١٠)، معاف، لعل، نفعو، معاملو، نظام الدين.

١٠- ’گلزار عروض‘ ۾ گ يعني ڪاف = ٢٠، ل = ٣٠، ز = ٧، ا = ١، ر = ٢٠٠، ع = ٧٠، ر = ٢٠٠، و = ٦، ض = ٨٠٠، سڀني جو جوڙ ٿيو: ١٣٣٤هه يعني هلندڙ سال مطابق سنه ١٩١٦ع. هن مشق ۾ سڀني سوالن جو جواب هلندڙ سال ١٣٣٤ع هجري آهي.

١١- بد: بدي، بدبخت، بدبختي، بدنصيب، بدبوءِ، بدخواهه، بدشڪل، بدزبان، بدڪار، بدگمان، بدنام، بدناموسي ۽ بدهاضمه.

بر: برباد، برزبان، برهم (١١)، برگشتو (١٢)، برگزيدو (١٣)، برخوردار (١٤)، برسر.

---

(١) يعني دنيا جو گهر. (٢) يعني دين جو قطب تارو. ٽالو آهي. (٣) يعني عجيب سولهن وارو، ٽالو آهي. (٤) يعني زالن جي سولهن، ٽالو آهي. (٥) يعني ڏينهن جي روشنائي، ٽالو آهي. (٦) يعني صبح ٿي، يا صبح جو سوير. (٧) يعني آسمان جي سولهن. (٨) يعني آسمان جي سونهن. (٩) يعني تعظيم، نياز، سلام. (١٠) يعني جماعت يا مجلس، خصوصاً شادي يا غميءَ جي. ماڻهو غلط مارڪو چوندا آهن. (١١) هڪٻئي مٿان، ڪاوڙيل. (١٢) ڦريل، اڪثر نصيب سان لاڳو. (١٣) چيدو، چونڊيل، پسند. (١٤) خوش، مرادن پريو، پٽ. لفظي معنيٰ موجب، ڦل کائيندڙ.

بي: بي آبرو، بي آبهو، بي اثر، بي اتفاقي، بي اختيار، بي ادب، بي آرام، بي اعتبار، بي انت، بي انصاف، بي ايمان، بي باقي، بي باڪ (١)، بي بقا، بي بها، بي پرواهه، بيجان، بي چيو، بيحال، بيحيا، بيخبر، بي خود، بيخيال، بيداد، بيدرد، بيدل، بيدين، بيڊوهه، بيڊولو، بيراهه، بيرحم، بيروزگار، بي زورو، بيڌپو، بي سمجهه، بي سمرو (٢)، بيشرم، بيشڪ، بي شعور (٣)، بيصبر، بيعزت، بيعقل، بي علم، بي عيبو، بيفائده، بيفڪر، بيقاعده، بيقدر، بيقياس، بيڪار، بيڪس، بيگناهه، بيمانو، بي محابو (٤)، بيمرادو، بيمزي، بي موسمو، بي نصيب، بي وارث، بي واهو (٥)، بيوس، بي وقت، بيوقوف، بي هنر.

خود: خود باف (٦)، خود پسند، خود پرست، خود غرض، خود مختيار، خود نمائي، خود مطلب، خود ياوري.

خوش: خوشامد، خوشبو، خوش پوشاڪ، خوشخبري، خوشخط، خوشخلق، خوشدل، خوش طبع ۽ خوش نويس.

سر: سر انجام، سر بازار، سر براهه، سربستو، سر پنچ، سر پوش، سرتاج، سرجوشي، سرزد (٧)، سر زمين، سرسبز، سرفراز، سرڪش، سر گرم، سر گذشت (٨)، سر گردان (٩)، سر لو، سر در (١٠)، سر نوشت، سر ڪردو، سروپا، سروسر ۽ سراسر.

دست: دست اندازي، دستانو، دستاويز، دستخط، دسترس، دستڪاري (١١)، دستگير، دستمال (١٢)، دستياب (١٣).

هم: همجنس، همدرد، همراهه، همراز، همسر (١٤)، هم مذهب (١٥)، هموار، هموزن هم وطن، هم قوم، همدم، همسايه.

نا: نا اتفاقي، نا اميدي، نا اهل (١٦)، نا بالغ، نابود، ناپاڪ، ناپائدار، ناپسند، نا جائز، نا چاق (١٧)، ناچيز، ناحق، نا خلف (١٨)، نا احسانمند، نادان، نا درست، ناراض، ناساز، ناشائستو، ناشڪري، نا فرمان، ناڪارو، ناڪس (١٩)، ناگوار (٢٠)، نالائق، نامحرم، نامراد، نامعقول، نامعلوم، ناممڪن، ناموافق، ناواقف، ناياب، نابري.

ڪم: ڪمبخت، ڪمتر، ڪمزور، ڪمعقل، ڪمفهم، ڪمنصيب، ڪمياب.

---

(١) بيڌپو. (٢) جنهن کي سمر ساڻ نه هجي. (٣) بيعقل، نادان ۽ بي فضيلت. (٤) بيحيا. (٥) جنهن جي ڪابه واهه ڪالهه هجي. (٦) هڪڙي قسم جو گلن وارو ريشمي ڪپڙو. (٧) واردات. (٨) حقيقت. (٩) پريشان. (١٠) دز جي چولڪ جي مٿين ڪاني. (١١) هٿ جو هنر. (١٢) هٿ اگهڻ جو ڪپڙو يا ٽوال، جيئن رومال آهي؛ منهن اگهڻ جو ڪپڙو. (١٣) هٿ آيل. (١٤) هڪجهڙو. (١٥) سنئون، نه ڏنگو. (١٦) نالائق. (١٧) اڻ چڱو، بيمار. (١٨) نا صالح. (١٩) ڪمينو. (٢٠) نامناسب.

لا: (١)، لا بد (٢)، لا ابالي (٣)، لا ثاني، لا جواب (٤)، لا چار، لا حاصل، لا حول (٥)، لا دعوي، لا وارث، لا دوا، لا شريڪ، لا زوال (٦)، لا شڪ، لا علاج، لا طمع لاغرض، لا مڪان، لاولد (٧).

اشارو: مٿي جيڪي صفت آهن تن مان اسم ۽ اسمن مان صفت ٺاهي سگهجن ٿا، جي پڻ ڪم ايندا آهن.

اڻ: اڻ ٻٽ، اڻ تارو، اڻ ٺر، اڻ پڇو، اڻ پڙهيو، اڻ پهچ، اڻ ڄاتو، اڻ ڄاڻ، اڻ ڄڱو، اڻ سرتو، اڻ سونهو، اڻ ڪوڙيو، اڻ ڳس، اڻ ڳڻت، اڻ لپ، اڻ لکيو، اڻ موت، اڻ گهڙيو، اڻ موڪلايو، اڻ ميو، اڻ واقف، اڻ ورچ، اڻ هوند.

آ: اڀوڳو(٨)، اتانگهه(٩)، اپار، اجورو (١٠)، اجهاڳ، اسونهو، اڏل (١١)، اورچ، اوتڙو (١٢)، اکٽ، اگس، اگوندرو، املهه، اموٽ، اوديا (١٣)، اوجهڙ، ندورو، نڌر (١٤)، نپٽو، نڦلو، نپر (١٥)، نجويو، نهٺو، نڌٽڪو، نڪمو، نروڀو (١٦)، نروڳو، نستو، نڪار، نسنگ (١٧)، نگرو (١٨).

مها (١٩)**:** مهاپاپي، مهاپارت (٢٠)، مهاپرش (٢١)، مهاتما (٢٢)، مهاڇڻ، مهاديو، مهاراجا، مهارالي، مهاساگر (٢٣)، مهامري (٢٤).

نر: نراڌار (٢٥)، نراس (٢٦)، نراڪار (٢٧)، نرجل (٢٨)، نرچو (٢٩)، نرياد (٣٠)، نرنو (٣١)، نرگڻ (٣٢)، نروان (٣٣).

هٿ: هٿ انڪاڻ، هٿ اچڻ، هٿ اکر، هٿ ٽنگڻ، هٿ ڦاڙ (٣٤)، هٿ پڇندي هٿ پير هلائڻ (٣٥)، هٿ ڦيرڻ (٣٦)، هٿ جس (٣٧)، هٿ جوڙ (٣٨)،

---

(١) معنيٰ نه، عربي م. (٢) لاچار، ضرور. (٣) بي پرواه. (٤) جنهن جو جواب ڪونه آهي. (٥) لا حول ولا قوة چوڻ، يعني خدا کان سواءِ پناهه ڪانهي. (٦) فنا نه ٿيندڙ. (٧) بي اولاد. (٨) يعني اڻپو؛ يا نه سٺو. (٩) اولهو، تاڪهڻ کان ٻاهر. (١٠) بي جورو يا بي زور، ضعيف. (١١) اڻ ٽر. (١٢) آپتي تڙ وارو. (١٣) بيعلمي. (١٤) بي واهو، نماڻو. (١٥) بي طاقت. (١٦) نروڳو. (١٧) تندرست بي ڊپو. (١٨) بي پير، جنهن کي گُرو ڪونه هجي. (١٩) مها جي معنيٰ وڏو. (٢٠) وڏي جنگ. (٢١) خدا رسيدو ماڻهو. (٢٢) پاڪ روح وارو ماڻهو. (٢٣) وڏو سمنڊ. (٢٤) وڏو مرض. (٢٥) آڌار کان سواءِ. (٢٦) نااميد. (٢٧) بي صورت. (٢٨) پاڻي کان سواءِ. (٢٩) بيحيا. (٣٠) بيرحم. (٣١) نيرالو، صبح جي ماني نه کاڌل. (٣٢) بي گنو. (٣٣) نابودي ـ نجات. (٣٤) خرچائو. (٣٥) ڪوشش ڪرڻ. (٣٦) هٿ گهمائڻ. (٣٧) شاباس ۽ دعا. (٣٨) نياز.

هٿ جهلڻ (١)، هٿ چراند (٢)، هٿ چهو (٣)، هٿ ڏس، هٿرادو، هٿڙي هڻڻ (٤)، هٿ ڳاڏي، هٿ ناڻي، هٿ ڪيڻ (٥)، هٿ ڳنڍڻ (٦)، هٿ هڻڻ (٧)، هٿ وس يا وسيڪو، هٿو هٿ، هٿيڪو، هٿيلي (٨)، هٿين پوڻ (٩)، هٿين خالي، هٿيو (١٠)، هٿيار.

وات: وات جا پلاءِ (١١)، وات اچڻ (١٢)، وات ڦاڙو (١٣)، واترادو (١٤)، وات وڪيل، وات وجهڻ (١٥)، واتوڻو (١٦).

ٻه: ٻپهري يا ٻپهرو، ٻه جويو، ٻه دليو، ٻسرخو (١٧)، ٻسانگي (١٨)، ٻـه سرو، ٻه مٿنهو، ٻيـڙ (١٩)، ٻڦڙو، ٻيانو (٢٠)، ٻيائي، ٻيانوي وغيره.

اشارو: مٿين لفظن جي معنيٰ آسان آهي تنهنڪري هتي نـه ڏني ويئي آهي.

١٢- اڳ=معنيٰ اڳي، ظرف آهي. وار=نشاني فاعليت جي ۽ معنيٰ رکڻ جي ٿو ڏئي. دان=نشاني جاءِ جي. وند=پارسي مند، فاعليت جي معنيٰ ٿـو ڏيکاري. گر=فاعليت جي معنيٰ ٿـو ڏيکاري. اڪثر ڪاسبين سان ڪم ايندو آهي. پر=اسم يا صفت وانگي ڪم اچي، معنيٰ ٻيا. دار=رکڻ يا فاعليت جي معنيٰ ٿو ڏيکاري. وال=وارو. فاعليت جي معنيٰ ٿو ڏيکاري. پر=اسم يـا صفت ۽ ٻين جي معنيٰ ٿـو ڏيکاري. دار=رکڻ يا فاعليت جي معنيٰ، پر=ٻين جي معنيٰ ٿو ڏيکاري.

باب ٻيو

ڪلمن يا لفظن جو بيان

مٿي چيو ويو آهي، تـه ٻن يا زياده حرفن گڏڻ سان لفظ ٺـا ٺهن، جن کي نحو وارا 'ڪلمہ' ٿا سڏين ۽ آهي ڪي مفرد آهن ۽ ڪي مرڪب. اهڙا ٻه يا زياده لفظ گڏجي 'جملو' يا 'ڪلام' ٿا جوڙين. اهڙن لفظن جي مجموعي يا ڪلام جا ٻه قسم آهن: هڪڙو مرڪب مقيد، جنهن مان ڪا صفا معنيٰ سمجهڻ ۾ اچي، جيئن تہ احمد مٺو. هي فقط ٻـه لفظ آهن، پر منجهانئس صاف معنيٰ نڪري ٿـي يعني پـورو جملو يا ڪلام آهي. ۽ انهيءَ ڪري انهيءَ کي 'ڪلام تام' يعني ڪامل يا پورو ڪلام چون ٿا. جن ٻن لفظن مان اهڙي صاف معنيٰ نٿي نڪري ۽ جيئن تہ تڪو گهوڙو، انهيءَ کي 'مرڪب غير مقيد' يا 'ڪلام ناقص' يعني اڻ پورو سڏين ٿا.

---

(١) ٻس ڪرڻ. (٢) گستاخي. (٣) چوري ڪندڙ. (٤) ٺڳي ڪرڻ. (٥) واسطو ڇڏڻ. (٦) ڪم شروع ڪرڻ. (٧) افسوس ڪرڻ. (٨) گهوڙن کي ملڻ گهرجي. (٩) وڙهڻ. (١٠) ڳن. (١١) ٻٽاڪون. (١٢) وات ۾ ٻاڻي اچڻ. (١٣) ٻڪ ٻڪيو. (١٤) گهڻو ڳالهائيندڙ. (١٥) چوڻ، عرض ڪرڻ. (١٦) زباني. (١٧) ٻن سرخين يا ڪائين وارو تنبو. (١٨) دوشاخي ڪاٺي. (١٩) هڪ اـ ٻئي ڏينهن ايندڙ تپ يا ٻـه اسار گڏ وهندڙ. (٢٠) دوشاخي ڪاٺي.

هاڻي پهرين اسين مرڪب غير مقيد يعني اهڙن ٻن گڏيل لفظن يا مرڪبن جو ذڪر ڪنداسين، جن مان پوري جملي جي معني نٿي نڪري. مرڪبن جي بناوت يا مرڪبن جوڙڻ جي واٽ کي 'ترڪيب' چوندا آهن. اهڙن مرڪب لفظن مان ڪڏهن صفت جي معني ٿي نڪري، جنهن ڪري انهن کي ترڪيب 'توصيفي' چئبو آهي، ۽ ڪڏهن اضافت يا ملڪيت ۽ واسطيداريءَ جي، جنهنڪري انهيءَ کي 'ترڪيب اضافي' چئبو آهي ۽ ڪڏهن عدد يا شمار جي، جنهنڪري انهيءَ کي 'ترڪيب تعدادي' چئبو آهي؛ ۽ ڪڏهن انهن ٻن لفظن جون معنائون اهڙيون گڏجي هڪ ٿي وينديون آهن، جو هڪڙو لفظ پيو معلوم ٿيندو آهي، جنهنڪري انهيءَ کي 'مرڪب امتزاجي' چوندا آهن. انهن کان سواءِ هڪڙو قسم 'صفت مرڪب' جو آهي، جنهن ۾ ڪنهن زايد حرف ملائڻ سان اهو مرڪب لفظ صفت جي معني ٿو ڏيکاري مثال هر هڪ جا هي آهن:

'ترڪيب توصفي': (١) ڪٿي صفت ۽ اسم گڏ جيئن ته ڀلو گهوڙو، ڏاهو ماڻهو. (٢) ڪٿي اها صفت انڪار يا نفيءَ جي معني ڏيندي آهي جيئن ته بيعقل ماڻهو، نادان دوست، بي هنر ڇوڪر. (٣) ڪٿي اسم ۽ فعل گڏجي صفت جوڙيندا آهن، جيئن ته خود پسند ماڻهو، بت پرست قوم، غريب پرور حاڪم، خدا ترس، دستگير وغيره. (٤) ڪٿي انهيءَ مرڪب صفت ۾ ٻئي اسم هوندا آهن؛ ۽ مشابهت جي معني ڏيکاريندا آهن، جيئن ته سنگدل ماڻهو، پري چهره زال، گلعذار محبوب.

'ترڪيب اضافي': اضافت يا ملڪيت ۽ واسطيداري ٻه گهڻن قسمن جي ٿي ٿئي، ۽ انهيءَ ۾ هميشه حرف اضافت ڪم اچي ٿو. (١) ملڪيت ٿي ڏيکاري، جيئن ته منهنجو ڪتاب، بادشاهه جو گهوڙو. (٢) نسبت يا مائٽي ٿي ڏيکاري، جيئن ته منهنجو پيءُ، احمد جو چاچو. (٣) نالو يا نشان ٿي ڏيکاري، جيئن ته ڪراچيءَ جو شهر، سڪندر جو ڪتاب، يعني شهر جنهن جو نالو ڪراچي آهي ۽ ڪتاب جنهن جو نالو سڪندر آهي. (٤) بناوت ٿي ڏيکاري، جيئن ته سون جي منڊي، لوهه جي شيخ. (٥) ظاهري مشابهت ٿي ڏيکاري، جيئن ته علم جو درياهه، عشق جي باهه، وصل جو شربت. (٦) استاره يا جنسي ۽ ذاتي مشابهت ٿي ڏيکاري، جيئن ته سج جي اک، زمين جو فرش يا بسترو، آسمان جي ڇت. (٧) ظرف يعني مڪان يا زمان وغيره ٿي ڏيکاري، جيئن ته درياهه جو پاڻي، سياري جي سردي.

'ترڪيب تعدادي': جنهن ۾ مرڪب نفظ ٻن لفظن مان جڙيل آهن، جي ٻئي عدد يا انگ يا شمار ٿا ڏيکارين، جيئن ته ڏيوڍهه يعني ڏيڍ ۽ ويهه، اڻٽيهه يعني اٺ ۽ ٽيهه وغيره.

'ترڪيب امتزاجي': جتي ٻه لفظ ٻن معنائن وارا گڏجي هڪ ٿي، هڪڙي شيءِ ڏيکارين، ۽ انهن ٻن مان هڪڙو اسم ۽ ٻي ڪا نشاني هجي يا ٻئي اسم هجن؛

جيئن تہ شمشير يعني ترار، جا اصل هئي شم يعني ننهن ۽ شير يعني شينهن. آسمان، جو اصل هو آس يعني جانڊو ۽ مانُ يعني وانگي. رومال، شرمنده، (١) شبو جي اصل رُوِءِ مالنده شرم مانده ۽ شب بو هئا. گهڻا مشق لفظ ۽ اصطلاح هن قسم جا مرڪب آهن، ۽ انهيءَ ڪري انهن کي 'مرڪب اصطلاحي' بہ سڏيندا آهن.

'ترڪيب توصيفي يا صفت مرڪب': اهي بہ لفظ مرڪب آهن، جن مان هڪڙو اسم آهي ۽ ٻيو فاعليت يا ظرفيت جي نشانيءَ جو لفظ آهي، جيئن تہ عقلمند ماڻهو، پرهيزگار عالم، گلستان، خيمہ گاهہ (٢) وغيره. ڪي نحو وارا صفت مرڪب بہ ترڪيب توصيفيءَ ۾ داخل ڪندا آهن.

اهڙن مرڪب صفتن جي جدا جدا قسمن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا: دل آزار، دلارام، روح افزا (٣) سرافراز، خون افشان (٤) خون آلود (٥) تيرانداز، جان آفرين (٦) فتنہ انگيز، نڪتہ چين، خورد بين، خونريز، رهزن، غمزده (٧) دل سوز، عالم آشنا، دلفريب، رهنما، خوبرو، خوبصورت، پاڪدامن، شوخ طبع، نازڪبدنهون خوش رفتار، زرد رنگ، شير دل، بزدل (٨) گلرخسار، ملائڪ صفت، همدرد، همراه، هم عمر، همرنگ، ڪم آزار، ڪمبخت، ناڪس (٩) نالائق، بي نصيب، بي ايمان، بيوقوف، بيوفا، باوفا، باحيا.

مٿي ڏيکاريل مرڪب لفظن مان ڪن جي ڀاڱن جا نالا نحو جي اصطلاح ۾ علحدا علحدا رکيل آهن، خاص اهي جن ۾ ڪي حرف بہ ڪم آيل آهن. اهي اڪثر ضروري آهن تنهنڪري انهن جو مختصر بيان بہ هتي ڏجي ٿو.

(٢) ترڪيب اضافي وارن مرڪب لفظن ۾ اڪثر حرف اضافت ڪم اچي ٿو، يعني جو، سندو وغيره، جو ملڪيت يا ڪو واسطو ڏيکاري ٿو. جيئن تہ احمد جو گهوڙو ۽ محمد جو ڪتاب. هتي ڪتاب ۽ گهوڙي کي 'مضاف' چوندا آهن، يعني اهي اسم جن جي بابت اضافت يا ملڪيت ڏيکاري آهي، ۽ احمد ۽ محمد 'مضاف اليہ' آهن، يعني آهي جن جي اُها ملڪيت آهي، يا جن جو انهن سان واسطو آهي. ٻيو مثال، حال جو محرم يا ڳجهہ جو واقف. هتي محرم ۽ واقف مضاف آهن ۽ حال ۽ ڳجهہ مضاف اليہ آهن، ۽ جو حرف اضافت آهي.

---

(١) هڪڙو گل جو رات جو سرهاڻ ڏيندو آهي.

(٢) منزل گاهہ، تنبن هڻڻ جي جاءِ. (٣) روح وڌائيندڙ يا خوش ڪندڙ. (٤) رت ڇنڊيندڙ (٥) رت ڳڏيل. (٦) ساهہ خلقيندڙ يعني خدا. (٧) غمگين. (٨) ٻڪريءَ جي دل وارو، ڊڄڻو. (٩) ڪمينو.

(٢) ساڳيءَ طرح ترڪيب توصيفي وارن مرڪب لفظن ۾ صفت ڏيکارجي ٿي. اتي جنهن جي صفت ڏيکارڻ ۾ اچي، انهيءَ کي 'موصوف' سڏيندا آهن. جيئن ته چمڪندڙ سج ۽ تکو گهوڙو. اتي چمڪندڙ ۽ تکو صفت آهن ۽ سج ۽ گهوڙو موصوف آهن.

(٣) تشبيهه (١) جي حالت ۾ جي مرڪب لفظ ڪم ۾ ٿا اچن، تن ۾ چار ڳالهيون ضروري آهن. هڪڙي شيءِ جي ٻئي سان مشابهت ٿي ڪجي، ۽ ڪنهن خاص ڳالهه ۾ مشابهت ٿي ڏجي، ۽ مشابهت جا لفظ ڪم ٿا اچن. مثلاً: رستم شينهن جهڙو پهلوان ۽ چنڊ وانگي چمڪندڙ منهن. هتي رستم ۽ منهن، جن کي تشبيهه ٿي ڏجي، تن کي 'مشبه' چوندا آهن. شينهن ۽ چنڊ، جن سان مشابهت ٿي ڏجي، تن کي 'مشبه به' چوندا آهن. جهڙو ۽ وانگي، جي تشبيهه جا لفظ آهن، تن کي 'حرف تشبيهه' چوندا آهن، ۽ پهلوان مان پهلواني ۽ چمڪندڙ مان چمڪاٽ، جي مشابهت جو سبب ٿا ڏيکارين، تن کي 'وجه تشبيهه' ٿا چون.

(٤) اشاري جي حالت ۾ جيڪي لفظ اشاري لاءِ ڪم ايندا آهن، انهن کي 'حرف اشارو' چوندا آهن، جو سنڌيءَ ۾ اڪثر صفت وانگي ڪم ايندو آهي، ۽ جنهن ڏي اشارو هوندو آهي، انهيءَ کي 'مشاراليه' چوندا آهن. جيئن ته هي ڪتاب، هو ماڻهو. هتي 'هي ۽ هو' حرف اشاره آهن ۽ 'ڪتاب ۽ ماڻهو' مشاراليه. اهي ساڳيا لفظ هي ۽ هو ضمير اشارو ٿي به ڪم ايندا آهن، جن جو صرف ۾ بيان آهي.

(٥) عطف يا ميلاپ جي حالت ۾ ٻه لفظ گڏ با آهن، جي اسم يا فعل هوندا آهن، ۽ انهن جي وچ ميلاپ جو نشان يا گڏڻ وارو لفظ آڻيندا آهن: جيئن ته رستم ۽ سهراب، آيو ۽ ويو. اتي پهرئين لفظ يعني رستم ۽ آيو کي 'معطوف اليه' ۽ ٻوئين لفظ يعني سهراب ۽ ستو کي معطرف چوندا آهن، ۽ کي حرف عطف چوندا آهن.

(٦) شرط جي حالت ۾ اڪثر ٻه جملا ڪم ايندا آهن، جن ۾ هڪڙو ٻئي تي تعلق رهندو آهي: جيئن ته جيڪڏهن قاسم آيو ته مارجي ويندو. هتي 'جيڪڏهن' حرف 'شرط' آهي. قاسم جو اچڻ خود شرط آهي. مارجي وڃڻ کي 'مشروط يا جزا' چوندا آهن، يعني نتيجو.

(٧) استثنا يا ڌار ڪرڻ، ۽ نياري ڳالهه ڪڍڻ جي حالت ۾ ٻه اڪثر ٻه جملا ايندا آهن: جيئن ته سڀ ماڻهو آيا، سواءِ قاسم جي. هتي سڀ ماڻهو 'مستثنيٰ منه' سڏبا آهن. سواءِ کي 'حرف استثنا' چئبو آهي ۽ قاسم کي مستثنيٰ چئبو آهي، جو ڌار ڪيو ويو آهي.

---

(١) يعني جتي مشابهت ڪم ايندي آهي.

(٨) ظرف جي حالت ۾ ٻه لفظ، اڪثر اسم، ڪم ايندا آهن، جن مان هڪڙو ٻئي ۾ هئڻ يا پوڻ جي معنيٰ ڏيکاريندو آهي، جيئن ته ڪيسي ۾ رپيا، باغ ۾ بلبل، سال ۾ مهينا، هفتي ۾ ڏينهن. هتي ٻئي طرف ڪم اچن ٿا يعني ظرف مڪان ۾، رپيا، بلبل، مهينا ۽ ڏينهن 'مظروف' سڏيا آهن. ۾ 'حرف ظرف' سڏبو آهي، جو سنڌيءَ ۾ اڪثر 'حرف' جر آهي ۽ ڪيسو، باغ، سال ۽ هفتو خود 'ظرف' سڏبا آهن.

مٿي هن باب جي شروع ۾ لفظن جا ٻه قسم مفرد ۽ مرڪب ڏنا ويا آهن، ۽ مرڪب جا ٻه قسم مقيد غير مقيد ڄاڻايا ويا آهن. ديباچي ۾ لفظن جي ٻين ڪن قسمن ڏي به اشارو ڏنو ويو آهي. موضوع ۽ مهمل يا بامعنيٰ ۽ بي معنيٰ ۽ موضوع جا ٽي قسم: حقيقي ۽ مجازي ۽ اصطلاحي.

انهن کان سواءِ لفظن جا ٻيا به قسم آهن. هڪڙا 'موجود' ۽ ٻيا 'محذوف' موجود لفظ آهي آهن، جي جملن ۾ ظاهر طرح ڪم اچن ٿا ۽ معنيٰ ڏين ٿا. 'محذوف' آهي لفظ آهن، جي جملي يا عبارت ۾ آئجن ئي نه ٿا يا ظاهر نه ڪين آهن، ته به انهن جي لڪل معنيٰ معلوم ٿي سگهي ٿي. جيئن ته ڪتاب وغيره جي منڍ ۾ 'بسم الله الرحمٰن الرحيم' يعني "خدا گهڻي مهربان ۽ بخشيندڙ جي نالي" اتي "شروع ٿو ڪريان" لڪل آهي. يا بعضي ڪتاب جي منڍ ۾ لکندا آهن ته "سائين نالي الهيءَ جي جنهن سڀ جهان اپايو آهي." يا ڳڻن يا مٿي ۾ پهرين چوندا آهن: برڪ يا برڪت، يعني خدا جي برڪت سان شروع ٿو ڪريان. اهڙا محذوف لفظ اڪثر شعر ۾ ايندا آهن. امر جي صيغن ۾ به تون لڪل رهندو آهي. جيئن ته وڃ يعني تون وڃ، وڃو يعني اوهين وڃو.

هي مثال لفظن ۽ جملن جي حذف ٿيڻ جا آهن، پر لفظن ۾ حرفن جي حذف ٿيڻ جا مثال حرفن جي بيان ۾ ڏنا ويا آهن. جيئن ته شاه مان شه، ناگاه مان ناگه، جتي الف حذف ٿيل آهن ۽ گوهر مان گهر، خاموش مان خموش، جتي واو حذف ٿيل آهن.

صرف ۾ لفظن جا ٽي قسم مشهور آهن: اسم، فعل ۽ حرف. ۽ اسم جا ٻه قسم خاص ۽ عام به مشهور آهن. پر نحو جي ڪم لاءِ جي لفظ اسم عام آهن، تن جا ٽي قسم آهن: جامد، مصدر ۽ مشتق. جامد اهو لفظ يا اسم آهي جو نه ڪنهن ٻئي لفظ مان نڪتل هجي، ۽ نه جنهن مان ٻيو ڪو لفظ نڪري سگهي. جامد لفظ جي معنيٰ آهي ڄمي وانگي هڪ هنڌ پيل. جمادات انهيءَ ئي لفظ مان نڪتل آهي، جو حيوانات جو ضد آهي. حيوان يا ساهه وارا وڌن ٿا، هڪ ٻئي مان نڪرن ٿا پر جمادات ائين نٿا ڪن. مصدر اهو لفظ يا اسم آهي، جنهن مان ٻيا لفظ

صادر ٿين يا ڦٽي نڪرن. ۽ مشتق اهو لفظ يا اسم آهي، جو ڪنهن ٻئي لفظ مان اشتقاق جي رستي شتق ٿي يعني چيرجي ڦُٽي نڪتو هجي.

هاڻي انهن مان هر هڪ جو ذڪر ڪنداسين. جامد جا ٻه قسم آهن: هڪڙو 'معرفه' ۽ ٻيو 'نڪره' معرفه يعني سڃاتل يا مقرر ڪيل يا خاص شيءِ. اسم خاص انهيءَ هيٺ داخل آهن. نڪره يعني نه سڃاتل يا نه مقرر ڪيل نالو يا شيءِ، جا هڪجهڙن گهڻن سان لاڳو ٿي سگهي اسم عام انهيءَ هيٺ داخل آهن. مثلاً: رستم هڪڙو خاص مقرر ڪيل شخص آهي، ۽ رخش رستم جي خاص گهوڙي جو نالو آهي، ۽ تنهنڪري اهي معرفه يا سڃاتل آهن. ۽ ماڻهو ۽ گهوڙو، سڀني ماڻهن ۽ سڀني گهوڙن سان لاڳو آهي، ۽ مقرر ڪيل ناهي، تنهنڪري اهي لفظ يا اسم نڪره آهن.

'معرفه' جا وري ٻه قسم آهن: هڪڙو 'عَلَم' ۽ ٻيو 'عرف' عَلم ماڻهوءَ يا ٻيءَ شيءِ جو خاص نالو آهي، ۽ عرف انهيءَ جو لاڏ جو نالو يا ڪنيت يا لقب يا تخلص آهي، جنهن سان اڪثر هو سڏبو آهي ۽ سڃاڻبو آهي. مثلاً: 'جمشيد' اصل هڪڙي خاص ماڻهوءَ جو نالو آهي، ۽ عَلَم(١) آهي. انهيءَ جو ڇوٽو نالو 'جم' آهي جيئن ته 'جام جم' 'شمس الدين' جو 'شمسو' ۽ 'دين محمد' جو 'دينو'. ڪنيت(٢) آهي فلاڻي جو پيءُ يا فلاڻي جي ماءُ، جيئن دولي ماءُ، ڊولي پيءُ، ۽ عربيءَ ۾ 'ابوالقاسم' وغيره. لقب يا خطاب جيئن ته 'شمشير بهادر' 'نظام الدوله' وغيره ۽ تخلص شاعرن جو، جيئن ته 'سعدي'، 'حافظ'.

'جامد' ڪان پوءِ لفظ يا اسم جو ٻيو قسم آهي 'مصدر' جنهن مان ٻيا ڪي لفظ يا انهن جون صورتون نڪرن. مصدر جا ٻه قسم آهن: هڪڙو مصدر 'حقيقي يا وضعي' جا حقيقت ڪري فعل آهي ۽ جنهن جي نشاني سنڌيءَ ۾ 'ڻ' آهي. جيئن ته ڪرڻ، چوڻ. ٻيو قسم مصدر 'جعلي' جا اصل سنڌيءَ ٻوليءَ جي ناهي، مگر پارسيءَ يا عربيءَ يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي لفظ پٺيان 'ڻ' يا ڪو ٻيو فعل وجهي مصدر بنائجي ٿي، جيئن ته 'طلبڻ'، 'خوش ڪرڻ'، 'دشمن ٿيڻ'، 'طعنو هڻڻ'. ٽيو قسم مصدر 'ترڪيبي' آهي جا معنيءَ ۾ مصدر آهي مگر نشاني 'ڻ' نه اٿس، ۽ جنهن مان ڪي ٻيا صيغا نڪري نه سگهن، انهيءَ ڪي 'حاصل بالمصدر' به چوندا آهن. ۽ اگرچ معنيءَ ۾ مصدر آهي تہ به صورت ۾ اسم ذات وانگي ڏسجي ٿي. انهيءَ جون ٻه گهڻيون نشانيون آهن. جيئن ته 'ٽي' مثلاً ڪرٽي، ڊرٽي، چوٽي. ۽ پارسي نشانين وارا لفظ جي سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، جيئن ته 'ش': آزمائش، فهمائش، خواهش، 'آر': گفتار، رفتار، ديدار. 'گي': شرمندگي، زندگي، آسودگي. ٻه پارسي

---

(١) ڇوٽي يا لاڏ جي نالي کي عَلَم چوندا آهن.
(٢) ڪنيت عربن ۾ اولاد جي پٺيان نالي ڏيڻ کي چون.

امر يا ماضيون وغيره گڏيل: جيئن تہ جوش، خروش، آمدرفت، دادستد (١)، گفتگو، زدڪوب (٢). ’ه‘: خنده، گريہ، جو سنڌيءَ ۾ اڪثر ’ه‘ کي ’و‘ سان ڦيرائيندا آهن جيئن تہ خندو ۽ گريو. سنڌيءَ ۾ اهڙا لفظ اڪثر اسم ذات شمار ڪندا آهن.

مصدر کان پوءِ لفظ يا اسم جو ٽيون قسم آهي. مشتق اسم آهي آهن جي مصدرن سان نڪتل هجن، ۽ پنهنجي پوري معني رکندا هجن. انهن جون پنج صورتون آهن جي صرف ۾ ڪم اچن ٿيون. ’اسم فاعل‘، ’اسم مفعول‘، ’اسم آلہ‘، ’اسم حاليہ‘ ۽ ’اسم تصغير‘.

”اسم فاعل“ آهي ڪم ڪندڙ. اهو حقيقي بہ آهي ۽ ترڪيبي بہ آهي. حقيقي اسم فاعل جي نشاني آهي ’يندڙ‘ پڇاڙيءَ ۾، جيئن تہ ماريندڙ، ڪندڙ. پارسي نشاني ’نده‘ وارا بہ سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا آهن، جيئن تہ ڪارنده، سازنده، جوئنده، يا بنده. ترڪيبي اسم فاعل ٻين نشانين سان جڙيل آهن، جن جو اشارو حرفن ۾ آيو آهي. جيئن تہ ’آزمودگار‘، ’شيشگر‘، ’دولتمند‘، ’نامور‘، ’خوفناڪ‘، ’نگهبان‘. انهن کان سواءِ عربي صورتن جا اسم فاعل بہ سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، جيئن تہ ’جاهل‘، ’عامل‘، ’عابد‘، ’زاهد‘، ’فقير‘، ’لطيف‘، ’ممتحن‘، ’متصرف‘، ’منحصر‘ وغيره.

”اسم مفعول“ اهو اسم آهي جنهن تي ڪو ڪم ٿيو هجي ۽ انهيءَ جي نشاني آهي ويل پڇاڙيءَ ۾، جئن تہ ماريو ماريل، وڌيو وڌيل، اسم فاعل وانگي پارسي ۽ عربي صورت جا مفعول بہ سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، جيئن تہ گفتہ، فرموده، ديده، آزموده، دانستہ، اڪثر ’ه‘ بدلجي ’و‘ ٿئي ٿي، جئن تہ گفتو، فرمودو، وغيره. عربي مثال هي آهن: محبوب، مضبوط، مشهور، محڪم، وغيره.

”اسم آلہ“ ڪنهن بہ اوزار جي نالي کي چوندا آهن، ۽ هو اڪثر ٻين لفظن يا نشانين سان گڏجي ڪم ايندو آهي، ۽ اڪثر عربي صورت ۾ بہ ڪم ايندو آهي، جتي ان جي نشاني شروع ۾ ’م‘ آهي، جئن تہ ’بادگير‘ ’بادزن‘ يعني پکو. ’ميسطر‘ (٣)، ’مفتاح‘ يعني ڪُنجي، ’مقراض‘ يعني قينچي، ’مقياس الحرارت‘، يعني ٿرماميٽر، ’مضراب‘، جنهن سان ستار يا ٻيو تارن وارو ساز وڄائيندا آهن.

”اسم حاليہ“ آها فعل جي صورت آهي، جنهن ۾ فاعل نسبت ۾ معلوم ٿئي، تہ هو ڪو ڪندو رهي ۽ انهيءَ جي صورت ’مستقبل‘ جهڙي آهي، جيئن تہ هو

---

(١) ڏي وٺ، ڏيتي ليتي.

(٢) مار ڪُٽ.

(٣) رول يا پٽي جا رکي سيون سڌيون ڪڍجن.

هوا ڪاڻيندو هيڏي آيو. ۽ پارسيءَ ۾ نشاني 'ان' اٿس جيئن ته خندان، گويان، شادان، شايان.

"اسم تصغير" ڪنهن اسم جي ننڍڙائي يا ضعيفائي ٿو ڏيکاري. سنڌيءَ ۾ **اڙ** جي نشاني "ڙو ۽ ڙي" آهي جيئن ته ذرو- ذرڙو، پار- پارڙو، ڪتاب- ڪتابڙي. پارسيءَ ۾ ڪ ۽ چ نشاني اٿس، جا ڪن ٿورن سنڌي لفظن ۾ به ڪم اچي ٿي، جيئن ته "ڍولڪ" جو اصل ڍهلڪ هو يعني ننڍڙو ڍهل. ۽ باغيچو يعني "ننڍڙو باغ" خونچو يعني (١) "ننڍڙو خوان"، سنڌيءَ ۾ مونث به صغيريءَ جي معنيٰ ڏيندي آهي جيئن گهنڊ- گهنڊڙي، منجو- منجي، صندل- صندلي.

اهي مثيان جيڪي مشتق ڏنا ويا آهن، سي اسم جون صورتون آهن، مگر فعلن جون سڀ صورتون ۽ سڀ صيغا جي سڏا مصدر مان يا ڪن ٻين صورتن مان جڙن ٿا، سي سڀ مشتق آهن.

مٿين بيان مان معلوم ٿيندو ته حرفن يا اکرن مان لفظ ڪيئن ٿا جڙن، اهي ڪهڙي قسم جا ٿا ٿين، ۽ ڪهڙيون صورتون ٿا وٺن. آسانيءَ سان انهن جي رستي سمجهڻ لاءِ، ياد رکڻ گهرجي ته ڪنهن به لفظ جي اوائل واريءَ ساديءَ ۽ سليس ۾ صورت کي "اصل" ٿا چون، يعني "پاڙ" يا "بنياد"، جو عربيءَ ۾ اڪثر ٽن حرفن وارو ٿئي ٿو- جنهن کي "فعل" يعني "ف-ع-ل" چون ٿا ۽ وزن به اهو اٿس- پر سنڌيءَ ۾ لفظ ۾ به زياده حرف ٿين ٿا. انهيءَ 'اصل' يا بنيادي لفظ مان ٻيا لفظ ٿا جڙن. انهيءَ جا ٻه رستا آهن: هڪڙو ٻئي لفظ ملائڻ سان، جنهن کي "مرڪب لفظ" ٿا چون- جيئن ته 'سنگدل''، ۽ ٻيو انهيءَ ۾ ڦيرگهير ڪرڻ سان- جيئن ته 'ڪاڙهو' مان 'ڪاڙهو' يا 'ڪاڙ'، جنهن کي 'مشتق' ٿا چون. هن پوئين قسم جي لفظن جوڙڻ جا به ٻه رستا آهن: هڪڙو 'اصل' لفظ ۾ ڪجهه ڦيرگهير ڪرڻ سان، جيئن مٿي مثال ڏنو ويو، ۽ ٻيو انهن سان ڪنهن اکر يا نشانيءَ، اڳيان يا پٺيان، ملائڻ سان- جئن ته 'پالڻهار' 'املهه'. پهرئين کي "مشتق اصلي" چئبو، ۽ ٻوئين کي "مشتق اضافي". انهن مشتقن ۽ مرڪبن جا مثال مٿي اچي ويا آهن، جن مان انهن جي علحدگي بناوت معلوم ٿئي ٿي. جيڪي عربي مشتق سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، تن جي سهي ڪرڻ يا جوڙڻ ۾ اڪثر مشڪلات ٿئي ٿي، مگر جيئن عربيءَ ۾ اصل يا بنياد لاءِ ٽن حرفن واري فعل کي وزن مقرر ڪيو ويو آهي، تيئن سڀني اصلي مشتقن لاءِ به وزن مقرر ڪيل آهن، جن ۾ ڌاريل اکر انهي 'ف' 'ع' ۽ 'ل' سان اڳيان يا پٺيان يا وچ ۾ گڏجن ٿا. اهي ياد رکي چڱڻ گهرجن. مثلاً اصل لفظ جو "فعل"، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڪم' يا 'ڪم ڪرڻ'، ته 'ڪم ڪندڙ' جو وزن ٿيو 'فاعل'، (ف ۽ ع جي وچ ۾ الف وجهڻ)، ۽ 'ڪم ڪيل' جو وزن ٿيو

---

(١) پارسيءَ ۾ "خوان" چون "خولچي" کي.

'مفعول' (يعني 'م' شروع ۾ 'ف' جي اڳيان، ۽ 'و'، ع ۽ ل جي وچ ۾). مثلاً، اصل لفظ ٿيو "عرف"، جو فعل جي وزن تي آهي، ۽ معنيٰ اٿس سڃاڻڻ: انهيءَ مان 'سڃاڻندڙ' ٿيندو 'عارف' ۽ 'سڃاتل' ٿيندو 'معروف'. انهي طرح ظرف جو وزن آهي 'مَفعل' يعني م، ف، ع اڳيان ۽ "عرف" مان ٿيندو 'مَعرف' يعني 'سڃاڻڻ' جو هنڌ، ۽ اسم 'آلہ' يا اوزار جو وزن آهي، مِفعل يعني م-ف جي اڳيان ۽ 'عرف' مان ٿيندو 'مِعرف' يعني 'سڃاڻڻ جو اوزار'. ۽ "صفت تفصيل" جو وزن آهي 'آفعل' يعني آ ف جي اڳيان ۽ 'عرف' مان ٿيندو 'آعرف' يعني 'زياده سڃاڻو'. وري 'ظرف' جي جمع جو وزن آهي 'مفاعل' يعني ف جي پٺيان. الف ۽ عرف مان ٿيندو 'معارف' ۽ 'اسم آلہ' جي جمع جو وزن آهي 'مفاعيل' يعني 'ع ۽ ل جي وچ ۾ ي' ۽ 'عرف' مان ٿيندو 'معاريف'. ۽ مؤنث جو وزن ٿيندو 'فُعلَيٰ' يعني ل جي پٺيان يٰ ۽ عرف مان ٿيندو "عُرفيٰ".

انهيءَ طرح سڀني صورتن ۽ صيغن جا وزن آهن. مگر اهو مٿيون ذڪر هو 'سہ حرفي' فعلن يا لفظ جو، جن کي "ثلاثي" ٿا چون يا "ثلاثي مجرد". انهن ۾ ڪي حرف زائد پون ٿا، ته پوءِ انهن کي "ثلاثي مزيد فيہ" چون ٿا. جيئن 'اِستفعل' جتي اِست، ف جي اڳيان آيو آهي. پر ڪي 'چهار حرفي' "اصلي فعل" بہ آهن، جن کي "رباعي" ٿا چون ۽ انهن ۾ حرف زائد پوڻ ڪري "رباعي مزيد فيہ" ٿين ٿا. انهن جا بہ مٿين وانگي وزن ٺهرايل آهن. انهن جو مفصل بيان عربيءَ صرف نحو سان تعلق رکي ٿو. هتي رڳو اصول ٻڌايو ويو آهي ۽ نمونو ڏنو ويو آهي، گهڻو ڪري سڀ عربيءَ لفظ، جي سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، سي انهيءَ نموني جا آهن ۽ انهيءَ طرح نڪتا آهن.

گڏيل لفظن جي بيان ڏيندي ٻڌائڻ گهرجي تہ سنڌيءَ ڪيترائي مرڪب لفظ آهن، خاص 'فعل يا مصدرون' جن جي معنيٰ رواج ۾ لاهي، اگرچ هر هڪ گڏيل لفظ جي معنيٰ ٻي ٻي آهي. انهيءَ گڏيل معنيٰ کي "اصطلاحي معنيٰ" ٿو چئجي، ۽ اهن گڏيلن لفظن يا فقرن کي "سنڌي اصطلاح" ٿو چئجي. انهن جو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي ۽ انهي مان ڪي اهڙا مشڪل آهن، جو مادري زبان وارن کي بہ نہ ايندا هوندا. تنهنڪري چڱي مضمون نويسيءَ جي لاءِ انهن جو ڄاڻڻ بلڪل ضروري آهي. ڪي اهڙا ٿورا اصطلاح مصدرن جي صورت ۾ مختصر معنيٰ سميت هيٺ ڏجن ٿا. پڙهندڙن کي گهرجي تہ آهي جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکارين، جو اها بہ هڪڙي عمدي مشق آهي.

مثال: آپ ڏارڻ يا آپ ڦاڙڻ=ٻاڪون هڻڻ. آڻي مان وار ڪڍڻ=پورو انصاف ڪرڻ. آڻي ۾ لوڻ هجڻ=تمام ٿوري انداز ۾ هجڻ. آڪ ڪارا ڪرڻ=

سوجهرو ڪونه ڪرڻ. اک ٻجڻ=اک سان اشارو ڏيڻ. اک ڏيکارڻ=فهمايش ڪرڻ. اک لڳڻ=ننڊ اچي وڃڻ. اک نه ٻڌڻ=خيال ئي ۾ نه آڻڻ. باز اچڻ= پشيمان ٿيڻ. ٻئي پاسا ٿيڻ=تمام گهڻو ڪاوڙجڻ. ٻر ٻڌڻ=ڪوڙ ٻڌائي ٺڳڻ. ٻاڦ نه ڪڍڻ=ڳجهه ظاهر نه ڪرڻ. ٻارڻ ٻارڻ=فساد وجهائڻ. ٻهرن ڪان ٻير ڳهرڻ=ناشدني خواهش ڪرڻ. ٻيڙو مچڻ=هر طرح فائدو ٿيڻ. ٻوڙو ٻارڻ=تهمت ڪرڻ. ٻڪهي مچڻ=اوچتو گهڻو فائدو ٿيڻ. ٻن پرڻ=نقصان سهڻ ۽ چٽي ڀرڻ. پيچ ٻجڻ=فجر ٿيڻ. تڏو يا ٽڏو ڪڍائڻ=پاڙ پٽي ڪڍي ڇڏڻ. تريون پر پوڻ= غريب ۽ ضعيف ٿيڻ. تنگ چنائڻ=چٽڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. ٽورو لائق=مهرباني ڪرڻ. ٽڪ مان ور لاهڻ=سيکت ڏيڻ. ٽوٽا چبائڻ=تڪليف ڏيڻ. پاڻ مارڻ= نفس تي غالب پوڻ. پاڻي ڏيڻ=انجام پارڻ. پاڻي ولوڙڻ=اجايو ڪم ڪرڻ. پير ڪڍي بيهڻ=مطلق انڪار ڪرڻ. پلو ڏيڻ يا وٺڻ=بدلو وٺڻ يا وهنوار ۾ برابر رهڻ. ڦڪڙ ڦاڙهڻ=چغلي هڻڻ، فساد مچائڻ. جک مارڻ=اجائي بڪ ڪرڻ. چاندي ٿيڻ= گهڻو فائدو ٿيڻ. چيٽ پوڻ=چڙڻ. چنچري لاهڻ=مار ڏيڻ. چيٽا پورڻ=چونڪ ڏئي معاملو ڪرائڻ. دال ڳرڻ=پڄي سگهڻ. دل جهلڻ=همت ڪرڻ. دل ۾ ٿيڻ= ڏک ۾ ارمان ڪرڻ. دل هڻڻ=ڳتيون کائڻ. دم جهلڻ=ماٺ ڪرڻ، مان رکڻ. دم ڏيڻ=مرڻ. ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ=اصل انڪار ڪرڻ. ڏاند ڏهڻ=ڪنجوسي ڪرڻ ڏکي ٻمڻ=تڪليفون سهڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ. ڏندڻ پوڻ=بيهوش ٿيڻ. ڊپ چمڻ= گهڻو وقت سيڙجڻ. ڍوري هڻڻ=ٿلهو ٿيڻ. سوڪ ماني پچائڻ=خوب سيکت ڏيڻ. ڪپڙن مان ڪڍڻ=بيزار ڪرڻ. ڪک وجهڻ=لڪائڻ. ڪن ڏيڻ=لڪي ٻڌڻ. ڪن ڀرڻ=چغليون هڻڻ. ڪن کائڻ=گهڻي بڪ ڪري بيزار ڪرڻ. ڪنگ رڙڻ= سچ ٿيڻ. ڪؤ کائڻ=ڊڄڻ. ڳن ڏيڻ=مٺا مونا هڻڻ. گهوڙا پوڻ=ڦرجڻ. مٺا هڻڻ= ڪوشش ڪرڻ. منهن ڪوڙو ڪرڻ=رنج ڏيکارڻ. نڪ وڍيو هڻڻ=بيشرم ٿيڻ. وات ڪرڻ=بڪ ڪرڻ. وات ۾ منگ وجهڻ=چپ ڪرڻ. هام ڀرڻ=ذمو کڻڻ. هٿ پير لهڻ=وپامڻ. هٿ ڌوئڻ=نا اميد ٿيڻ. هڏ ڪڙڪڻ=رحم پوڻ.

سوال باب ٻئي جا

'مفرد' ۽ 'مرڪب' ڪلمه ۽ 'ڪلام ڪامل' ۽ 'ڪلام ناقص' ڇا کي ٿا چون؟ 'مرڪب مقيد' ۽ 'مرڪب غير مقيد' جو مطلب سمجهايو ۽ انهن جا مثال ڏيو. 'ترڪيب' ڇا کي چوندا آهن ۽ انهيءَ جا ڪهڙا قسم آهن. 'ترڪيب توصيفي'، 'اضافي' 'تعدادي' ۽ 'امتزاجي'، هر هڪ جي بناوت جون جدا جدا صورتون ٻڌايو ۽ مثال ڏيو. صفت 'مرڪب' ڇا کي ٿا چون؟ انهيءَ جا مثال ڏيو. 'مضاف' ۽ 'مضاف اليه' ڇا کي ٿا چون؟ ۽ 'موصوف' صفت ڇا کي ٿا چون؟ 'تشبيهه' ۾ ڪهڙيون ڳالهيون

۽ انهن جا نالا ڇا آهن؟ مثال ڏيو. ’مشاره‘ ۽ ’مشاراليہ‘ جو مطلب سمجهايو. ’معطوف‘ ۽ ’معطوف اليہ‘ جي معنيٰ سمجهائي مثال ڏيو. ’شرط‘ ۽ ’مشروط‘ يا ’جزا‘ ڇا کي ٿا چون؟ ’استثنا‘ ۽ ’مستثنيٰ منہ‘ جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏيو. ’ظرف‘ ۽ ’مظروف‘ ڇا کي ٿا چون؟ مثال ڏيو. ’موجود‘ ۽ ’محذوف‘ لفظن جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هر هڪ جا مثال ڏيو. ’جامد‘، ’مصدر‘ ۽ ’مشتق‘ اسمن يا لفظن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ انهن جا مثال ڏيو. ’جامد‘ جا ڪهڙا قسم آهن؟ ’معرفہ‘ ۽ ’نڪره‘ جي وچ ۾ ڪهڙو ’معرفہ‘ جا ڪهڙا قسم آهن؟ ’عَلَم‘ ۽ ’عرف‘ جا مثال ڏيو. مصدر ’وضعي‘ ۽ ’جعلي‘ ۽ ’ترڪيبيءَ‘ جا مثال ڏيو ۽ انهن جو مطلب سمجهايو. ’حاصل بالمصدر‘ ڇا کي ٿا چون؟ اسم ’مشتق‘ جون ڪهڙيون علحديون علحديون صورتون آهن؟ هر هڪ جي بناوت سنڌيءَ ۽ پارسيءَ جي دستور موجب ٻڌايو ۽ مثال ڏيو جي سنڌيءَ ۾ مستعمل آهن. اسم ’آلہ‘ ۽ اسم ’تصغير‘ ڇا کي ٿا چون؟ ’مشتق‘ فعل ڇا آهن؟ مثال ڏيو. ’اشتقاق‘ جو ڪهڙو بنياد آهي، خاص عربيءَ ۾؟ ’مشتق اصلي‘ ۽ ’مشتق اضافي‘ ڇا کي ٿا چون؟ مثال ڏيو. ’ثلاثي‘ ۽ ’رباعي‘ ۽ ’مجرد‘ ۽ ’مزيد فيہ‘ ڇا کي ٿا چون؟ مثال ڏيو. سنڌي اصطلاح ڇا کي ٿا چون؟ انهن جا ڪي مثال ڏيو.

اشارو: مٿين سوالن جا جواب مٿين باب ۾ لکيل مضمون پڙهڻ سان ڏئي ٿا سگهجن.

مشقون

(١) هيٺين مرڪب لفظن جي بناوت ۾ ڪهڙي ڪهڙي ترڪيب ڪم آئي آهي، انهيءَ جو نالو ٻڌايو ۽ انهيءَ ۾ ڇا ڏيکاريل آهي؟ ’آهڪلاني‘، ’آرام طلب‘، ’آڪاس سنهل‘، ’اڪال پنکو‘، ’اڪ چنپ‘، ’اڳواڻ‘، ’تاجپوشي‘، ’چرخشماري‘، ’دولباز‘، ’دسترس‘، ’صورت وند‘، ’ڳنڍي چور‘، ’مستيءَ جي هوا‘، ’شراب جي مستي‘، ’مينهن جو پاڻي‘، ’زماني جا رنگ‘، ’اڻڪندو‘، ’ڏرقمي‘، ’ٻہ پهري‘، ’ڏهيسر‘، ’نوانوي‘، ’هزار داستان‘ ۽ ’ڪهربا‘.

(٢) هيٺين شاهہ جي بيت وارين سٽن ۾ ٻڌايو تہ ڪهڙا لفظ ’اضافت‘ وارا آهن ۽ ڪهڙا ’تشبيهہ‘ وارا، ڪهڙا ’صفت‘ وارا ۽ ڪهڙا ’اشاري‘ وارا، ڪهڙا ’شرط‘ وارا، ڪهڙا ’ظرف‘ وارا، ڪهڙا ’عطف‘ وارا ۽ هر هڪ ۾ ضروري ڀاڱن يا لفظن جا نالا ڏيو:

”سڄڻ ماکيءَ هيٺ، ڪڙا ٿين نہ ڪڏهين“.
”ٻانهيون ۽ ٻانهون ٻکي مٿنهن پنهنجي“.
”نائي نيڻ نهار تہ تو ۾ ڏهرو دوست جو“.

"عاشق زهر پياڪ، وهُه پسيو و هسن گهٽو".
"هو چونس پوڌ، تہ جيءَ سٽائي جڳ کي".
"ڪوڏر ۽ ڪالي، آهي سر سپ ڪنهين".
"هي هي هن هڏي، همہ کي حيران ڪيو".
"آهيان عيبدار، سڪان ٿي سهاڳ کي".
"منهن ۾ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس".
"پڪن منجهہ پساهہ، قالب آهي ڪوٽ ۾".

(٣) هيٺين لفظن مان ڪهڙا 'جامد' آهن ۽ ڪهڙا 'مشتق' ۽ ڪهڙا 'مصدر'؟

قلم، ڪافور، پيٽ، ڪتو، جنبٽور، ڪتاب، رسالو، يوسف، ڍور، الڪنبو مارينڊڙ، مٽائڻ، ماتم، خوشي، وڏڻ، مرٽينگ، پٽاڪار، ترڪڻ بازي.

(٤) هيٺين لفظن مان ڪهڙا 'معرفہ' آهن ۽ ڪهڙا 'نڪره'؟

پکي، چهرو، باز، ڪتاب، دُلدل، يعقوب، گلستان، راڳ، پيروي، مُلڪ، مصر، جواهر، ڪوهنور، تارو، سج ۽ چنڊ.

(٥) هيٺين لفظن مان ڪهڙا 'علَم' آهن ۽ ڪهڙا 'عرف'؟

نورالدين جهانگير، جلال الدين اڪبر، ابوالقاسم فردوسي، شمس الدين حافظ مصلح الدين سعدي، شمس العلماءَ نذير احمد، اُم المومنين بيبي زينب، شهنشاهہ جارج پنجون قيصر هند.

(٦) هيٺين لفظن ۾ جدا جدا قسمن جون 'مصدرون' چونڊيو ۽ انهن جا نالا ڏيو:

وڍڻ، نڪرڻ، همتائڻ، شورجڻ، ضربڻ، ڪشڻ، ڳهڻ، خرچڻ، مجرا ڏيڻ، شڪجڻ، گمان ڪرڻ، نمائڻ، ڪانرپٽو، ذارڻ، ڏي وٺ، هلت چلت، آٽ ويهہ چوٽي، ڪرٽي، پرٽي، گفتگو، فتحيابي ۽ حڪم هلائڻ.

(٧) هيٺين لفظن مان سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ جيڪي بہ 'مشتق' لفظ نڪتا هجن، سي ٻڌايو ۽ چئو تہ انهن جا 'صرف' موجب ڪهڙا نالا آهن؟

ڳنهرڻ، سڪڻ، پٽڻ، ڳولڻ، ڪاٽڻ، پالڻ، پچڻ، لڄ، سِڪ، ڳنڍڻ، ڪاٽڻ، مٽڻ، ميڙڻ، وڙهڻ، ڏسڻ، ڏٽڻ.

(٨) هيٺيان 'مشتق' لفظ ڪهڙي قسم جا آهن سي ٻڌايو؟

رهاڪو باشندو، ڏند ڪوٽي، ڦورو، سوپارو، چيڊو، سنجيدو، فهميدو، ڏڪندو، مارينڊي، اينڊي، وينڊي، اورڏڙو، پولڙو، مرڏينگ، ٽريچو، ماڙيچو، هانو لٽل، ڏڪويل، ڪهڪايل، وسائل، آزمايل، ڪلتار.

(٩) هيٺيان عربي لفظ جي سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، تن ۾ اصل وارا بنيادي ڪي حرف ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙا اکر زايد سمجهن پيل آهن؟

امتحان، استفهام، معطوفي، متڪلم، استمراري اعتدال، انتظام، معمولي، مقابلو، مجموعو، مضبوط، طالب، مطلوب، متشڪي، حافظ، محفوظ، مختيار، مرحوم، مقابلو، مقاطعو، استعمال، محبوب، استعفا.

(١٠) هيٺين عربي بنيادي لفظن ۾ ڪي حرف زايد وجهي اهڙا لفظ بڻايو، جي سنڌيءَ ۾ ڪم ايندا هجن ۽ انهن جي معني ٻڌايو:

صدق، وصف، شهر، وصل، شڪ، جرم، حق، رحم، رَد، شَد، فرق، حصل، عمل، صنف، ڪتب، ڪَلف.

(١١) هيٺين لفظن بابت اوهان ڪي جيڪي سنڌي اصطلاح سمجهن سي ٻڌايو ۽ انهن جي معني ڇا آهي؟

اک، هٿ، وات، مٿو، نڪ، ڳالهه، دل، پيٽ، پير، ڪن، سڻ، منهن، ڪلهو، وت، پٽ، پالي.

(١٢) هيٺين سنڌي اصطلاحن جي معني ٻڌايو ۽ آهي جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکاريو:

ڏينهن جا تارا، ٽنبجي پوڻ، ٽوٽا ڇپائڻ، ڪَنڌ ڪرڻ، ڪنڌ تي چڙهڻ، ڪوڙ هڻڻ، لوهه ٿيڻ، لٺي ميٺي ڪرڻ، ماني ڇجي، ميٺي ڪرڻ، منچون مروڙڻ، مڪو مچڻ، ڪل ٽرڻ، دلا پرڻ، رقم توبري ۾، رندن ۾ رلڻ، پاؤ وڻڻ، پنجئي گيهه ۾.

(١٣) هيٺين لفظن جا 'ضد' لفظ ٻڌايو:

ابتو، ارهو، اصيل، اوير، اولو، سڌاتورو، سٺيلي، سٺپاتر، سپوت، ندورو.

(١٤) اهڙا ڪي سنڌي لفظ ٻڌايو جي اڪثر 'جمع' جي صورت ۾ ڪم ايندا آهن، ۽ انهن مان ڪي اصل 'جمع' آهن پر 'واحد' وانگي ڪم ايندا آهن.

(١٥) اهڙا ڪي سنڌي لفظ ڏيو جي اڪثر ڪلڏ ايندا آهن، ۽ گهٽ ۾ هڪڙو 'واحد' ۽ ٻيو 'جمع' هوندو آهي.

(١٦) اهڙا ڪي سنڌي لفظ ڏيو، جي 'آواز' مان ورتل آهن.

(١٧) اهڙا ڪي سنڌي لفظ ڏيو جي صورت ۾ 'مصدر' آهن مگر آهن پيا 'اسم' وغيره.

هيٺين لفظن جي معنائن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

صفو ۽ صفحو، ڳالهه ۽ ڳالهيون، جتي ٻه وجهن ۽ ٻه جتيءَ ۾ وجهن، سلامت ۽ سلامتي، سوچي ۽ سوچي، شوم ۽ بخيل، ساڻي ۽ مهاڻو، نقطو ۽ نڪتو.

ضميمو

ٻئي باب جي مشقن جا جواب

١- هيٺين لفظن ۾ ترڪيب اضافي ڪم آيل آهي. يعني ملڪيت يا واسطو ڏيکاريل آهي: مستيءَ جي هوا، شراب جي مستي، مينهن جو پاڻي، زماني جا رنگ، آڪاش منڊل، اڪال پنگو، آبڪلاني، چرخ شماري، تاج پوشي.

هيٺين ۾ ترڪيب 'تعدادي' ڪم آيل آهي: اڪنڊو، ٽرقمي، ٻه پهري، ڏهيسر، نوانوي، هزار داستان جو انهن ۾ ڳاڻيٽو ڏيکاريل آهي.

هيٺين ۾ ترڪيب امتزاجي يا اصطلاحي آهي: دسترس[1]، اک ڇنڀ، ڪهربا[2]. جا لاءِ جو هر هڪ مفرد لفظ جي جدا جدا معنيٰ آهي، مگر ٻنهي لفظن جي معنيٰ اصطلاحي يا خاص آهي. هٿ پهچ يعني طاقت يا پهچندي. اک ڇنڀڻ جيترو وقت يعني لحظو يا لمحو ۽ ڪک ڇڪي وٺندڙ يعني ڪهربا.

هيٺين ۾ ترڪيب 'توصيفي' يا صفت 'مرڪب' آهن، جو ٻئي لفظ اسم يا صفت آهن، يا فاعليت، 'صفت' ۽ 'ظرفيت' جي معنيٰ ٿا ڏيکارين. آرام طلب، صورت وند، ڳنڍي چوڙ، اڳواڻ، دولباز.

٢- سچڻ ماکيءَ ميٺ: هن ۾ سچڻ 'موصوف' ۽ ماکيءَ ميٺ، 'صفت' آهي. هن ۾ 'تشبيهه' به ڪم آيل ٿي سگهجي يعني ماکيءَ جهڙو.

ٻانهيون ۽ ٻايون: هي ٻئي 'معطوف' آهن جو انهن جي وچ ۾ ۽ حرف 'عطف' آيو آهي. يا پهريون 'معطوف' آهي ۽ ٻيو 'معطوف اليه'.

تو ۾ ديرو دوست جو: هن ۾ ديرو 'مظروف' آهي، ۽ تو خود 'ظرف' آهي ۽ ۾ حرف 'ظرف' آهي. ۽ ساڳئي ۾ ديرو 'مضاف' آهي، ۽ دوست 'مضاف اليه' آهي، جو حرف 'اضافت'.

عاشق زهر پياڪ، هتي عاشق 'موصوف' ۽ زهر پياڪ 'صفت' آهي.

هو چوڻس ٻوڏ: هن ۾ جي يا جيڪڏهين يا جيتوڻيڪ منجهه ۾ لڪل آهي، جو حرف شرط آهي. پهريون جملو شرط آهي ۽ ٻيو "مشروط" يا جزا يعني نتيجو.

---

١. يعني هٿ پهچ، طاقت.

٢. ٻلي ٻر جهڙي شيءِ جا ڪک ڇڪيندي آهي.

ڪوڏر ۽ ڪاني: پهريون "معطوف" ۽ ٻيو 'معطوف اليه' ۽ وچ ۾ حرف 'عطف' آهي.

هن هڏي: هتي هن حرف اشارو آهي، ۽ هڏي 'مشاراليه' آهي.

آهيان عيبدار: هتي ۾ عيبدار صفت، آءُ ڳجهو موصوف آهي.

"منهن ۾ موسيٰ جهڙو اندر ۾ ابليس".

هتي موسيٰ ۽ ابليس 'مشبه به' آهن ۽ هو ماڻهو ڳجهو 'مشبه' آهي، جهڙو حرف 'تشبيه' آهي، ۽ وجه "تشبيه" جا منهن ۽ اندر مان ٿي نڪري، يعني ظاهري ۽ باطني صورت مان، سا آهي نيڪ نيتي ۽ بدنيتي.

"پڪين منجهه پساهه ۽ قالب آهي ڪوٽ ۾".

هتي پڪا ۽ ڪوٽ ظرف آهن ۽ پساهه ۽ قالب آهن 'مظروف' ۽ منجهه ۽ ۾ آهن حرف 'ظرف'.

٣- هيٺيان لفظ 'جامد' آهن: ڪافور، پيٽ، جنبور، يوسف، ڏور، ماتم، خوشي.

هيٺيان 'مشتق' آهن: الڪنڊو، مارينڊڙ، مرٽينگ، پلڪار، ترڪڻ بازي.

هيٺيان 'مصدر' آهن: مڃائڻ، وڍڻ.

٤- هيٺيان لفظ 'نڪره' آهن: پکي، ڪتاب، راڳ، ملڪ، جواهر، تارو.

هيٺيان معرفه آهن: چهرو، باز، دلدل، يعقوب، گلستان، پيروي، مصر، ڪوهه نور، سچ، چنڊ.

٥- هيٺيان لفظ 'عَلَم' آهن: نورالدين، جلال‌الدين، شمس‌الدين، مصلح‌الدين، نذيراحمد، بيبي زينب، جارج پنجون.

هيٺيان 'عرف' آهن: جهانگير، اڪبر، ابوالقاسم، فردوسي، حافظ، سعدي، شمس‌العلماء، اُم‌المومنين، شهنشاهه ۽ قيصر هند.

هيٺيان مصدر 'وصفي' يا 'حقيقي' آهن: وڍڻ، نڪرڻ ڳهڻ.

٦- هيٺيان مصدر 'جعلي' آهن: همتائڻ، شورجڻ، ضربڻ، ڪشڻ، مجرا ڏيڻ، شڪجڻ، گمان ڪرڻ، حڪم هلائڻ.

هيٺيان 'مصدر' ترڪيبي يا 'حاصل با المصدر آهن: ڪاٺڙپڻو، گذارش، ڏي وٺ، هلت چلت، اٿ ويهه، چوٽي، ڪرٽي، پرٽي، گفتگو، فتحيابي.

٧- گهرڻ مان: گهر، گهرج، گهرنڌڙ، گهربل، گهريل، گهورو گهورو.

سِڪڻ مان: سڪنڌڙ، سيڪڙائو، سيڪائتو، سيڪارڻ، سيڪڻو، سيڪ، سڪ، سڪائي، سکي.

پلڻ مان: پلجندڙ، پولو، پيل، پلڪار، پليل، پلائڻ، پلائيندڙ، پلائيتو، پلالو، پلجڻ، پلناسو.

گهولڻ مان: گهوليندڙ، گهوليو، گهولو، گهولائو، گهولا، گهولپ، گهورڻ، گهورو.

ڪاڙهڻ مان: ڪاڙهو، ڪاڄ، ڪانو، ڪاڙهيندڙ، ڪاڙهل، ڪاڙهو، ڪاڇرو، ڪاڇو، ڪاڙهه، ڪاڙهٽي، ڪاڙهارو.

پالڻ مان: پالڻهار، پاليندڙ، پاليل، پالڪ، پالنا، پالڻو، پلجڻ.

پچڻ مان: پچ، پچا، پچندڙ، پچ پاڄ، پچا ڳاڇا، پچائو، پچائڻ، پچپچو.

لڇ مان: لڇاڙو، لڇپال، لڇي، لڇا، لڇائيتو، لڇوند، لڇهڙو.

سڪ مان: سڪندر، سڪڙائو، سڪيلڙو، سڪايل، سڪڻو، سڪائيتو.

ڳنڍڻ مان: ڳنڍ، ڳنڍيندڙ، ڳنڍي ڇوڙ، ڳانڍو، ڳنڍ سنڍ، ڳنڍائي، ڳنڍڻي، ڳنڍو، ڳنڍيري، ڳنڍير.

مٽڻ مان: مٽ سٽ، مٽا سٽا، مٽڻ، مٽيندڙ، مٽائڻ، مٽيل، مٽا، مٽ، مٽجڻ.

ميڙڻ مان: مڙئي، ميڙائو، ميڙيل، ميڙو، ميڙاڪو، ميلو، ميڙائي.

وڌڻ مان: وڌم، وڌو، وڌندڙ، وڌاڪ، وڌائڻ.

ڏسڻ مان: ڏيک، ڏيکارڻ، ڏيکاءُ، ڏسندو، ڏسجڻ، ڏسڻو واسڻو، ڏسڻ، ڏيکارو، ڏيکاري، ڏيکائيتو، ڏيکڻ، ڏيکي، ڏيکدار.

ڏيڻ مان: ڏوپ، ڏوتل، ڏيندڙ، ڏوبي، ڏوتو، ڏوبڻ، ڏيارڻ، ڏيارڻي، ڏوڻ.

۸- اسم فاعل حقيقي: باشندو، رهاڪو، ڦورو، ڏڪندو.

اسم فاعل ترڪيبي: سوڀارو، ٽريچو، ماڙيچو، ڪلتار، مرڻينگ.

اسم مفعول: چيدو، سنجيدو، فهميدو، هانو لٿل، ڏڪويل، کهڪايل، وساڻل، آزمايل.

اسم حاليه: ماريندي، ايندي، ويندي.

اسم تصغير: نوريٽڙو، پولڙو.

اسم آلہ: ڏند ڪوٽيڻي.

۹- هيٺيان ٽي حرف اصلي آهن، ٻيا سڀ زائد آهن: محن، فهم، عطف، ڪلم، مسر، عدل، نظم، عمل، قبل، جمع، ضبط، طالب، طلب، شڪ، حافظ، حفظ، خير، رحم، قبل، قطم، عمل، حب، عفو.

جنهن حرف تي شد آهي اهڙا ٻه اکر شمار ڪرڻ گهرجن.

۱۰- صدق مان: صادق، تصديق، صديق، صداقت.

وصف مان: صفت، موصوف اوصاف، توصيف.

شهر مان: اشتهار، مشتهر، شهرت، مشهور.

وصل مان: واصل، وصال، موصل، صلم، متصل.

شڪ مان: شڪي، مشڪوڪ، متشڪي، شڪجڻ ۽ لاشڪ.
جرم مان(١): مجرم ۽ جريمانو.
حق مان: مستحق، حقدار، حقوق، حقيقت ۽ حقيقي.
رجم مان(٢): ترجمو، ترجمان، مترجم ۽ رجم.
رد مان(٣): ردي، مردود ۽ ترديد.
شد مان(٤): شدت، شديد، آشد، تشديد.
فرق مان: فراق، مفارقت، فريقو، فرقو، تفريق.
عمل مان: عامل، معمول، معمولي، عملو، معاملو، استعمال، مستعمل ۽ تعميل.
صنف مان: تصنيف ۽ منصف.
ڪتب مان: ڪتاب، ڪاتب، مڪتوب، ڪتابت، ڪتاب ۽ ڪتابي.
ڪلف مان(٥): تڪليف، مڪلف، ڪُلف.

١١- اک اٿڻ، اک ڏيکارڻ، اک پچڻ، اک لڳڻ، اک ميري ڪرڻ(٦).

هٿ اکائڻ: هٿوراڙيون ڏيڻ، هٿ ہڌڻ، هٿ ٽنگڻ، هٿ پچندي، هٿ حس، هٿ جوڙڻ، هٿ ڏس، هٿ چوهو(٧)، هٿڙي ڏيڻ، هٿ ناڻي، هٿ ڳنڍڻ، هٿ هڻڻ ۽ هٿين پوڻ.

وات ڦاڙڻ: وات جا پلاهه ڪاڻڻ(٨)، واتراڊو، وات ڪرڻ، واتوڻو، واتي ويٺي، وات وجهڻ، وات وڪيل ۽ واتر

مٿو هڻڻ: مٿو ڦيڻ، مٿا مونا هڻڻ(٩)، مٿو ڪاڻڻ، مٿو کپائڻ، مٿي ميرو(١٠)، مٿا ميڙ، مٿا ڪُٽ. مٿي جو سور.

نڪ وڍڻ: نڪ وڍيو، نچڪٽو(١١)، نڪ هيري، نڪ توبهه، نڪ ڪيسي، نڪ ڪٽيو(١٢)، نڪو.

ڳالهيون ڪڻڻ: ڳالهه ڳڻڻ، ڳالهائڻ، ڳالهه ٻولهه، ڳالهيرو، ڳالهوڙو ۽ ڳالهيٺو.

دل هڻڻ: دل پچڻ، دل تي رکڻ، دل پرچڻ، دل ڪچي ٿيڻ، دل لڳڻ، دل لڳي، دل ٿيڻ، دلبر، دلبري، دل تنگ، دل جاهه، دلچسپ، دلدار، دلسوز، دلگير، دل هول، دليون بجانيون، دل پاڪ(١٣)، ٻه دلو.

پيٽ پالڻ: پيٽ رهڻ، پيٽ سان ٿيڻ، پيٽ ڪيرائڻ، پيٽارجڻ(١٤)، پيٽاچڻ(١٥)، پيٽير، پيٽارو، پيٽوڙي، پيٽي، پيٽو(١٦).

---

(١) گناهه، (٢) اچلائڻ، تير هڻڻ، (٣) موٽائڻ، (٤) سخت ٿيڻ، (٥) ڏک ڏيڻ، (٦) بد نظر ڪرڻ، (٧) چوري ڪندڙ. (٨) اجائي ٻٽاڪ هڻڻ، (٩) ڪوشش ڪرڻ، (١٠) پليد، (١١) جنهن اوزار سان حجام اک مان وار چولڻ ٻندا آهن، (١٢) بيشرم، (١٣) دعا جا سيڻي تي پڙهندا آهن، (١٤) دوا جو پيٽ ۾ اثر نه ڪرڻ، (١٥) دست ٿيڻ، (١٦) تاجي جو ضد.

پير پرڻ: پير ڪٽڻ، هٿ پير لهڻ(١)، پير پير ۾، پير ڪڍڻ، پير وجهڻ، پيراندي، پير اڏڻ، پيرڙيو، پيرن پر، پيرين پوڻ، پير موڙ، پيرين سيرين، پيرو.

ڪنّ ڪائڻ، ڪنّار ڪرڻ، ڪن پرڻ، ڪنائڻ، ڪن قاڙ، ڪن چير، ڪن قٽ، ڪن ڦوڪڻ، ڪن ڏيڻ، ڪن جهڙن ڳالهون، ڪن سڻ ۾، ڪنرس، ڪن ڪٽڻ، ڪن ڪوڻٽي، ڪن هڻڻ، ڪن سوپاري.

من موهڻ، منٺار، من گهريو، من پاوندو، من ميلي، من متيو.

منهن ٻچڙو ڪرڻ، منهن اونداهي، منهن ۾ ڪِرڻ، منهن تي پوڻ، منها پوڻ، منهن تي چڙهڻ، منهن مقابل اچڻ، منهن ڏيڻ، منهن زور، منهن ميرائي، منهن پائڻ، مهانڊو.

ڪلهو ڏيڻ، ڪلهو هڻڻ، ڪلهي ڪس، ڪلها ڪنڌ.

رت پيئڻ، رت ڏيڻ، رت وهڻ ۾ وهائڻ، رت ڪڍڻ، رت ڪيائڻ، رت ڳاڙهو، رتچاڻ، رتو رت، رت ورنو، رت اچڻ، رت ڀوڙ، رتڙي، رتو، رتي.

پٽ پرڻ، پٽ ڏيڻ، پٽيرو، پٽارڪ، پٽ پرو، پٽ ڌڻي، پٽا، پٽو، پٽ ڦوڙڻ، پٽيءَ لڳڻ، پٽيان.

پاڻي واوڙڻ، پاڻيءَ مان ڪڍڻ، پاڻياٺو، پاڻيٽ، پاڻيارو(٢)، پاڻي ڏيڻ.

١٢- ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ = سخت سزا ڏيڻ يا مار ڏيڻ. جيئن تہ جي وري اهڙي حرڪت ڪيئي تہ ڏينهن جا تارا ڏيکاريندو سئين.

ڦٻجي پوڻ = جانور جو ڪچو ٻچو ڪيرائڻ. منهنجي ٻڪري ڦٻجي پئي آهي.

ڏوڏا چٻائڻ = تڪليفون ڏيڻ. مون هن کي ڏوڏا چٻائي ڇڏيا آهن.

ڪٽ ڪرڻ، ضايع يا برباد ڪرڻ. منهنجي سڄي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏيائين.

ڪنڌ تي چڙهڻ = گستاخ ٿيڻ، بي ادبي ڪرڻ. ڪنڌ تي چڙهندو ٿو وڃين.

ڪوڏر هڻڻ = محنت ڪرڻ. تو وري ڪهڙي ڪوڏر هنئي آهي.

لوهہ ٿيڻ = چڙڻ، ڪاوڙجڻ. ايتري ڇوڻ تي هو لوهہ ٿي ويو.

لٽي مٽي ڪرڻ = گم ڪري ڇڏڻ. هن ساري ڳالهہ لٽي مٽي ڪري ڇڏي.

ماني مچي = پڇندي، وسعت. هو پنهنجي ماني مچيءَ وارو آهي.

ميٽي ڪرڻ = ڪٽڻ. هن پنهنجي ڪانئن گهر ۾ ميٽي ڪري ڇڏي.

مڇون مروٽڻ ٻٽاڪ هڻڻ، همٿ ڪرڻ. هو رڳو مڇون مروٽيو وتي، ڪم ڪوبہ ڪونہ ڪري.

---

(١) پار چڙهڻ.

(٢) پاڻي جو حق، حقابو.

مکو مڇڻ (١)=فائدو ٿيڻ. هن جو اني ٿي مکو مڇي ويو آهي.
ڪَل ٽِرڻ=ديوانو ٿيڻ. هن ڳالهه کان هن جي ڪل ٽڙي وئي آهي.
دلا ڀرڻ=ٻئي جي ٻاران ڪوشش ڪرڻ يا مدد ڏيڻ. هن پنهنجي قوم جا چڱا دلا ڀريا آهن.

رقم توڙي ۾=رقم چٽ، موڙي ضايع ٿيڻ. ماڻهو جي رقم چٽ آهي.
رندن ۾ رلڻ=ڏڪا کائڻ بي آبرو ٿيڻ. هو مون کي رندن ۾ رلائي ويو.
ڀاؤ وڃڻ=بدلو يا عيوضو وٺڻ. انهيءَ جو هن مون کان ڀاؤ وٺي ڇڏيو.
پنج ئي گهه ۾=تمام گهڻو فائدو ٿيڻ. هن جون پنج ئي گهه ۾ آهن.

١٣- سٻتو، سرهو، ڏرڙو، سوير، سولو، کڏاتورو، کپلي، کهاتر، کوٽ، سدورو.

١٤- ارباب، ارواح، اسباب، اسرار، آمراء، اشراف، اطوار، افعال، اوقات، اولاد، اولياء، ايام، ڀاتون، ٻيون، ڀاڙا، ڀيڙون، تاڙيون، نندو تارا، علما، ڪتيون، ارکان.

١٥- حق حقوق، امير آمراء، غريب غربا، ڏي وٺ، خريد فروخت، آمد رفت، داد ستد.

١٦- ٺس ڦس، ٺهه ٺهه، ڦڙ ڦڙ، ڏکڏک، ڪڙڪو، ٻڪٻڪ، سوسٽ، کڙڪو، کڙ کڙ، ڀڻون ڀڻون، ڪڪڙوڪو، ڌڙ دس، هڻونگار، سٽ ڪٽ، ميڻ ميڻ، ڀڻ ڀڻ.

١٧- وهڻ، واهڻ، ٻرڻ، ڏڪڻ، ٻٽڻ، هيرڻ، ويلڻ، هڻڻ، ٺلهڻ، پڪڻ، ٻارڻ، واڳڻ، اڳڻ، مکڻ، مڳڻ.

صفو- اصل عربي لفظ صفه يعني وهڻ يا گڏ ٿيڻ جي وڏي جاءِ. ۽ صفحو يا صفه ڪتاب جي ورق جو هڪڙو پاسو. اصل معنيٰ سنوت واري زمين يا صلح.
ڳالهه. جيڪي رواجي طرح ڳالهائجي يعني ڳالهه ٻولهه، ۽ ڳالهه=جهيڙو، تڪرار، ڳالهوڙو.

جڙتي پير ۾ وجهڻ: جڙتي پائڻ يا ڍڪڻ، پر حقيقت ڪري جڙتي پير ۾ نه پر وجهجي پر پير جڙتي ۾ تو وجهجي مگر اصطلاح غلط ڪم اچي ويو آهي. جيئن ٽوپي مٿي ۾ وجهڻ، جو عيڻ گهرجي مٿو ٽوپيءَ ۾ وجهڻ يا مٿي تي ٽوپي رکڻ. جڙتيءَ ۾ پير وجهڻ جي معنيٰ آهي ٻئي جي بجاءِ ڪم ڪرڻ يا ٻئي جهڙو ڪم ڪرڻ. جيئن هن جي جڙتيءَ ۾ ڪو به پير وجهي نه سگهندو.

---

(١) مکو جي معنيٰ فائدو.

سلامت: اصل عربي ۽ پارسيءَ ۾ اسم ذات آهي، يعني سلامتي، پر سنڌيءَ ۾ صفت جي معنيٰ سان ڪم ايندو آهي.

موچي: اهي هندو موچڪو ڪم ڪندڙ ۽ موچي اڪثر مسلمان جتي جوڙيندڙ کي چوندا آهن. جيڪو وري عمدو ٻيو چم جو ڪم ڪري تنهن کي 'سراز' چوندا آهن.

'شوم' جي اصل عربيءَ ۾ معنيٰ آهي نڀاڳو جنهن مان شامت نڪتل آهي، پر سنڌيءَ ۾ 'ڪنجوس' جي معنيٰ سان ڪم ايندو آهي، ۽ 'بخيل' ٻنهي ٻولين ۾ ڪنجوس آهي.

'ساني' ماريل مڇون سودو ڪري وڪڻندا آهن ۽ مهاڻا پاڻ مڇي مار آهن پيڙيون به هلائين.

'لطو' ٽڪو ۽ نڪتو': ڪو عمدو مختصر ڪلام جنهن جي اونهي ۽ مزي جهڙي معنيٰ هجي.

باب ڏهون

ڪلام يا جملن جو بيان

باب پهرين جي شروع ۾ ٻڌايو ويو آهي، ته ٻن يا زياده لفظن يا ڪلمن گڏجڻ مان جملو يا ڪلام ٺهندو آهي، پر جي اهو پورو هوندو آهي يعني منجهانس پوري معنيٰ نڪرندي آهي، ته انهيءَ کي 'ڪلام تام' يا 'ڪامل ڪلام' سڏيندا آهن، نه ته 'ڪلام ناقص'. مثال ڏنو ويو هو ته احمد مئو، انهن ٻن لفظن مان ساري ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي. پر امڪان آهي ته هڪڙي لفظ مان به سارو مطلب سمجهي سگهجي، ۽ اهو به پورو جملو ٿي سگهي ٿو، جيئن ته وڃ يا وڃان ٿو پر اتي ٻيو لفظ تون ۽ آءٌ لڪل آهن، تنهنڪري جملي لاءِ تمام ٿورا ته به ٻه لفظ ضروري آهن، ظاهر يا لڪل.

جملي ۾ انهن ضروري لفظن مان هڪڙو اهو هوندو، جنهن بابت ڪي چيل هوندو، ۽ ٻيو اهو جو انهيءَ پهرئين بابت چيل هوندو. يعني هڪڙو ڪير جو جواب هوندو ۽ ٻيو ڇا يا ڪيئن جو. مثلاً مٿئين جملي ۾ ڪير مئو؟ ته جواب ايندو احمد ۽ احمد ڪيئن ٿيو؟ جواب ڏيو ته مئو يا مري ويو. اتي نحو جي اصطلاح موجب پهرئين کي 'مبتدا' ٿو چئجي ۽ ٻئين کي "خبر" انهن ٻن مان اڪثر پهريون يعني "مبتدا"، 'اسم' آهي ۽ ٻيون يعني 'خبر'، 'فعل'، پر جڏهن اهي ٻئي لفظ 'اسم' هوندا آهن، تڏهن انهن مان گڏ هڪڙو ٽيون به لفظ هوندو آهي، جنهن کي 'حرف رابط'

چوندا آهن. جيئن ته احمد ’عالم‘ آهي. آتي احمد ’مبتدا‘ آهي ۽ ’عالم‘ ’خبر‘ ۽ آهي ’حرف رابط‘. عربيءَ ۾ اهڙي هنڌ ’حرف رابط‘ ڪونه هوندو آهي، فقط ٻن اسمن مان ئي جملو ٺهي سگهندو آهي، جيئن ته ’احمد‘، ’عالم‘. اهو ’حرف رابط‘ سنڌي ۾ اڪثر ’فعل‘ هئڻ جو ڪو صيغو هوندو آهي. تنهنڪري ڇٻو ته جملي ۾ ’مبتدا‘ کان سواءِ ٻيو يا ٽيو لفظ ”فعل“ هوندو، جو ”خبر“ هوندو. اهو ’رابط اثبات‘ يا ’نفي‘ ٻئي ڏيکاري ٿو يعني آهي يا ناهي. حرف ”رابط“ (آهي) اڪثر شعر ۾ نه ايندو آهي ۽ ڳجهو هوندو آهي جيئن ته:

”اصل عاشقن جو سر نه سانڍڻ ڪم“.
”وکر ڏير و ڏير، پر وهائو ويسرا“.

اهي به ضروري لفظ جملي ۾ وڌي گهڻا لفظ به ٿي سگهن ٿا، جنهنڪري جملو يا ڪلام وڌي وڏو ٿئي ٿو، پر اهي زياده لفظ ضرور يا ’مبتدا‘ سان واسطو رکندا هوندا يا ’خبر‘ سان. انهن کي انهن جي متعلق سڏيندا آهن، يعني انهن جا لڳ يا واسطيدار. ۽ اهي متعلق لفظ ’مبتدا‘ جي حالت ۾ اڪثر ’صفت‘ جي صورت ۾ هوندا آهن ۽ ’خبر‘ جي حالت ۾ ’ظرف‘ جي صورت ۾.

’مبتدا‘ اسم به ٿي سگهي ٿو، ’ضمير‘ به ٿي سگهي ٿو، ”مصدر“ يا ڪو ٻيو ”فعل“ به ٿي سگهي ٿو ۽ سارو جملو يا انهيءَ جو ڀاڱو يا فقرو به ٿي سگهي ٿو. مثلاً: ”قاسم پارسي چڱي ٿو ڳالهائي“. ”مون هي ڪتاب هڪ رپئي ڳڌو آهي.“ ”ڪائڻ آهي جيئن ۽ خدا جي عبادت ڪرڻ لاءِ.“ جيڪي فاني آهي، سو دل ٻڌڻ (۱) جو لائق نا آهي.“

’خبر‘ جڏهن فعل ’متعدي‘ هوندو آهي، تڏهن ضرور ’مفعول‘ هوندو اٿس، جو پڻ فعل جو متعلق آهي ۽ اهو مفعول به ’مبتدا‘ وانگي يا ’اسم‘ هوندو يا ’ضمير‘، يا فعل يا ڪو جملو يا فقرو. عربي ۽ پارسي ’نحو‘ ۾ ’مبتدا‘ ۽ ’خبر‘ کان سواءِ ٻيو جيڪي به هوندو آهي تنهن کي ’مفعول‘ چوندا آهن، پوءِ انهيءَ ’مفعول جا جدا جدا قسم معني جي نظر تي ڪندا آهن- جيئن ته:

’مفعول مطلق‘: (يعني سچو پچو مفعول)، جيئن ته ڏاهن هڪڙي چوٽي چٽي آهي. ’مفعول فيه‘ (يعني ظرف) جيئن ته هو پهرن مهل سانسي ڪاڏيم. ’مفعول به‘ (يعني سچو پچو مفعول) جيئن ته ڪتي ٻلي ساري. ’مفعول معه‘ (يعني ٻه مفعول ڪنهن حرف سان ڳنڍيل) جيئن ته ’عمر‘ کي پٽ سوڌو ماريم. مفعول له (يعني لاءِ يا ڪنهن ٻئي حرف جر سان آيل لفظ،) جيئن ته چوڪر کي سيکت لاءِ ماريم. مفعول

(۱) يعني الهيءَ کي پسند ڪرڻ يا الهيءَ سان محبت رکڻ مناسب ناهي.

مالم يسم فاعله (يعني جڏهن فعل هڻڻ ڪري فعل بيفاعل هجي، ۽ مفعول پاڻ فاعل ٿي ڪم اچي) جيئن ته 'گهوڙو وڪامي ويو'. پر انهيءَ نحو جي مفعول ۽ صرف جي مفعول ۾ هي تفاوت آهي، نه صرف جي مفعول کي حالت مفعولي هئڻ ڪري، مفعول ٿو سڏجي، ۽ نحو جي مفعول کي خبر جي ڇڙائيءَ ڪري مفعول ٿو چئجي. مگر سنڌيءَ ۾ بهتر ائين آهي ته ڪنهن به قسم جو مفعول، خبر جو متعلق يا الڳ شمار ڪجي.

مبتدا ۽ فاعل هڪڙي شيءِ شمار ڪرڻ نه کپي. نحو جي ترڪيب موجب جنهن شيءِ بابت ڪي چئجي ٿو، تنهن کي 'مبتدا' ٿا چون، ۽ صرف جي ترڪيب موجب جڏهن فقط اسم يا ضمير ڪنهن جملي جو 'مبتدا' ٿو ٿئي، تڏهن انهيءَ کي 'حالت فاعلي' ۾ هئڻ ڪري فاعل ٿو چئجي. جهڙيءَ طرح مٿي مفعول صرف جو ٻيو ۽ نحو جو ٻيو ڏيکاريو ويو.

لفظن جي تعداد ۽ متعلق، لفظن جي قسم ۽ مطلب يا مضمون جي نظر تي، ڪلام يا جملي جا ٻهرين ٻه قسم آهن: هڪڙو 'مفرد' ٻيو 'مرڪب'. مفرد ۾ فقط ٻه لفظ آهن، مبتدا ۽ خبر، ۽ مرڪب ۾ هرهڪ جا متعلق آهن، جنهنڪري ٻن کان زياده لفظ بلڪ زياده فقرا يا جملا آهن.

مفرد جملا وري ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا 'اسميه' ۽ ٻيا 'فعليه'. "اسميه" آهي آهن جن ۾ "مبتدا" ۽ "خبر"، ٻئي "اسم" يا "ضمير" آهن ۽ سائن حرف 'رابط' آهي جيئن ته "جارج شهنشاهه آهي" 'فعليه' جملو اهو آهي جنهن ۾ فاعل ۽ فعل هجي، ۽ جي فعل 'متعدي' هجي ته مفعول به موجود هجي، جيئن ته "قاسم ويو" ۽ "قاسم عمر کي ماريو."

ڪي وري مفرد جملي جا ٻه قسم ڪندا آهن، هڪڙو 'خبريه' ۽ ٻيو 'انشائيه' خبريه اهو آهي جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه بابت پوري خبر ڏنل ۽ صفائي ٿيل هجي، ۽ 'انشائيه' اهو آهي جنهن ۾ اهڙا گڏيل لفظ ڪم آيل هجن، جن ۾ اهڙي صفائي نه هجي ۽ شڪ هجي، مگر ڳالهائيندڙ جي خواهش معلوم ٿي ٿئي پوءِ 'خبريه' جا ٻه قسم ڪندا آهن: هڪڙو 'اسميه' ۽ ٻيو 'فعليه'. جن جا مثال مٿين فقري ۾ آيا آهن ۽ انشائيه جا گهڻائي قسم ڪندا آهن، جن ۾ امر يا نهي يا ندا يا عجب قسم يا دعا يا 'استفهام' هوندو آهي. جيئن ته "هي ڪم ڪر"، "هوڏي نه وڃ"، "اي قاسم اهو ڪم متان ڪرين!" "قاسم ڪهڙو نه چڱو ماڻهو آهي"، "قسم آهي ته مون اهو ڪم نه ڪيو آهي"، "شل تون سدائين سکيو هجين"، "تو هن کي ماريو يا نه؟"

اهو ذڪر 'مفرد' جملي جو آهي. هاڻي مرڪب جملن جا ٻه مضمون جي نظر تي گهڻائي قسم آهن جيئن ته 'شرطيه'، 'وصفيه'، 'ظرفيه'، 'معطوفيه'، 'معترضه' يا موصوله، 'معلله' يا 'سببيه' هرهڪ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

'شرطيه' آهي آهي جنهن ۾ 'شرط' هجي ۽ پڇاڙيءَ 'جزا' هجي ۽ منجهس حرف "شرط" جو ڪم آيل هجي، جيئن ته "جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين ته نقصان پهچندءِ". اتي پهريون جملو 'شرط' آهي ۽ ٻيو 'جزا'.

'وصفيه' اهو آهي جنهن ۾ مبتدا بابت ڪا صفت ڏيکاريل هجي. جيئن ته "ايران جا پڙهيل ۽ دينذار ماڻهو عالم هوندا آهن، جن کي مجتهد سڏيندا آهن".

'ظرفيه' آهو آهي جنهن ۾ ڪنهن قسم جو ظرف ڪم آيل هجي. جيئن ته "سپاهي اُن مڪان ويراهه ۾ وڃي شڪار ڪندس".

'معترضه' يا 'موصوله' آهو آهي جنهن ۾ 'ضمير موصول' ۽ 'جواب موصول' ظاهر يا لڪل ڪم آيل هجي، جئن ته "جو ماڻهو ڪالهه هتي آيو هو سو اڄ ٻيهر وري آيو." "منهنجو پٽ، خدا وڏي ڄمار ڏيئس، ٻارهن ورهين جو اڄ ٿيو آهي."

'معطوفيه' آهو آهي جنهن ۾ مبتدا يا خبر ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ هجن، ۽ اهي حرف 'عطف' يعني ۽ سان ڳنڍيل هجن. جيئن ته "احمد ۽ قاسم ۽ اسماعيل هتي آيا ۽ سبق وٺي موٽي هليا ويا."

'معلله يا سببيه' آهو آهي جنهن ۾ هڪڙو جملو ٻئي جو سبب هجي، ۽ حرف 'علت' يا 'بيان' يعني 'ته' 'يا' 'ڇاڪاڻ ته' وغيره ڪم آيل هجي، جيئن ته "ظلم نه ڪر ته خدا جي مار نه پوئي." "هو علم وارو آهي تنهنڪري جتي ڪٿي مانُ لهندو."

جملن جي مٿين تقسيم عربيءَ ۽ پارسيءَ نحو وارن موافق آهن. پر ڪي نحو وارا زيادهه آسان تقسيم ڪندا آهن، جا انگريزي تقسيم وانگي آهي، تنهنڪري اها زيادهه پسنديءَ جهڙي آهي. آها هيءَ آهي:

جملا ٽن قسمن جا آهن: 'مفرد'، مرتب' ۽ 'مرڪب'. مفرد جملو اهو آهي جنهن ۾ فقط 'مبتدا' ۽ 'خبر' هجن، جيئن ته "ٻڪري آڏامن ٿا." 'مرتب' جملو آهو آهي جنهن ۾ هڪڙو مکيه جملو هجي، ۽ ٻيا انهيءَ تي تعلق رهندڙ هجن. جيئن ته "تون روانو ٿيندين تنهن کان اڳ آءٌ توکي ڏسندس." "مون کي انتظار آهي ته منهنجو پٽ پاس ٿئي." "قاسم جو مون کي ڪالهه گڏيو، تنهن چيو ٿي ته سندس پاڻ، جو اڳين هفتي ۾ بمبئي روانو ٿيو هو، سو اڄي پهتو آهي." 'مرڪب' جملو آهو آهي، جنهن ۾ ٻه يا زيادهه 'مفرد جملا يا 'فقرا' هجن، ۽ آهي هڪٻئي تي

تعلق نہ رکندا هجن، پر ڪنهن حرف 'جملي' يا حرف 'عطف' وغيره سان ڳنڍيل هجن جيئن تہ "هو چوڪر هوشيار آهي، تنهنڪري پاس ٿيو آهي." "احمد پنڌ هليو ۽ محمد گهوڙي تي چڙهيو." "هو پڙهي چاڙهي پر لکي نہ ڄاڻي." "سپاهين کي يا جنگ ڪرڻ گهرجي يا مرڻ گهرجي."

انهيءَ تقسيم سان ڏسڻ ۾ ايندو، تہ سڀ ڏنل 'مرڪب' جملن جي قسمن مان ڪي 'مرڪب' قسم جا آهن ۽ ڪي 'مرتب' قسم جا.

هاڻي اسين 'نحو' جا ڪي قانون ڏينداسين، جن موجب جملا لکهن ٿا ۽ جن تي نحوي 'ترڪيب' ۽ 'تفريق' ٻڌل آهي.

نحو جا يا نحو جي قانونن جا ٽي قسم آهن، ۽ آهي (۱) مناسبت (۲) انتظام (۳) ترتيب ٿا ڏيکارين.

"مناسبت" جي معني آهي مبتدا ۽ خبر يا جملي جي لفظن جي جنس، عدد، حالت، زمان، وغيره جي نظر تي پاڻ ۾ موافقت.

"انتظام" آها طاقت يا اهو عمل آهي، جو هڪڙي لفظ جي ٻئي لفظ تي رهي، حالت، زمان وغيره ۾.

"ترتيب" جو مطلب آهي جملي ۾ هرڪنهن لفظ کي پنهنجي پنهنجي مناسب جاءِ تي رکڻ يا ويهارڻ.

اهي قانون هيٺ ڏجن ٿا:

۱- سنڌي جملي ۾ اڪثر پهرين 'مبتدا' ٿو اچي، پوءِ 'خبر'، يا پهرين 'فاعل' ٿو اچي پوءِ 'فعل'، ۽ جي 'فعل متعدي' آهي تہ 'مفعول' وچ ۾ ٿو اچي، يعني 'فعل' کان اڳي. هن نسبت ۾ سنسڪرت گرامر موجب، 'ڪرتري' 'ڪرمڻي' ۽ 'ڀاوي' پريوگن جو ذڪر انشاءِ تعليميءَ جي ڀاڱي ۾ ڏنل آهي، آتي ٻہ ڏسو ۽ هيٺ قانون ۳۲، ۳۳، ۳۴، ۽ ۳۵ بہ ڏسو مگر شعر ۾ آها ڀڃ ڪاٻہ ترتيب اڳ پوءِ ٿي سگهي ٿي، ۽ 'امر' يا 'نهي' يا 'ضمير متصل' جي حالت ۾ 'فاعل' يا 'مفعول' ڪجهہ رهي ٿو.

مثال: "قاسم وڃي ٿو" "مون ڪتي کي ماريو." "هوڏي نہ وڃ." "ڪراچيءَ وڃان ٿو." "چو ماريو انئيس."

۲- جملي ۾ صفت، اسم کان اڳي ايندي آهي، جنهن صورت ۾ اها صفت 'ظرف تميز' جي صورت ٿي وڃي، مگر "عشق" فعل جي حالت ۾ پڻيان بہ اچي ٿي. جيئن تہ 'چڱو ماڻهو'، 'تکو گهوڙو' 'هي ماڻهو ڏاهو آهي.' 'هو گهوڙو تکو آهي.'

٣- 'ظرف' به جملي ۾ 'فعل' کان ٿورڙي صفت کان ٿورڙي ٻئي 'ظرف' کان اڳ اچي سگهي ٿو. جيئن ته "اڄ آءٌ اسڪول ۾ ويندس"، "هُو آهستي هليو ويو"، "تمام چڱو ماڻهو"، "بلڪل ڏور ٿو هلين".

٤- حرف 'جر' اسم جي پٺيان ٿو اچي، جيئن ته "مون کان" "ڪتاب ۾"، "هن سنڌو". پر 'متصل ضميرن' جي حالت ۾ اڳيان به ٿو اچي، جيئن ته "کانئس" "سندس".

٥- حرف 'ندا' اسم جي اڳيان ٿو اچي، جيئن ته "اي يار" "اڙي ڇوڪرا".

٦- حرف 'جملو' يا حرف 'علت' يا حرف 'بيان'، جي ٻن لفظن يا ٻن جملن کي ڳنڍيندا، سي انهن جي وچ ۾ ايندا آهن. جيئن ته "احمد ۽ محمد آيو". "هو به آيو پر جلد هليو ويو"، "هن چيو ته آءٌ هتي ڪين نڪندس".

٧- جملي ۾ 'فعل' 'فاعل' سان، 'جنس' ۽ 'عدد' ۽ 'ضمير' ۾ موافقت ٿو رکي. جيئن ته "مڙس آيو"، "زال آئي"، "مڙس آيا"، "زالون آيون"، "آءٌ آيس"، "اسين آياسين"، "آءٌ آيس"، "اسين آيوسين" وغيره ڪن حالتن ۾ فعل مفعول موجب، ۽ ڪن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻنهي موجب به مٽبو آهي، جيئن هيٺ قانون ٣٢ ۽ ٣٥ ۾ ذڪر آهي.

٨- واحد فاعل لاءِ، فعل به واحد گهرجي، مگر عزت ۽ تعظيم جي فاعل کي جمع ڪري ۽ فعل به جمع ڪندا آهن، جهڙو اسم جي حالت ۾ تهڙو ضمير جي حالت ۾. جيئن ته پير صاحب جن آيا ۽ فرمايائون، سائين اوهين ڪير آهيو"؟ پاڻ فرمايائون ته ..... ساڳيءَ طرح وڏا ماڻهو پاڻ کي 'اسين' ڪري ڳالهائيندا آهن ۽ 'مصنف' به ائين ڪندا آهن.

٩- جڏهن مصدر 'فاعل' آهي تڏهن 'فعل' 'مذڪر واحد غائب' ٿو ٿئي. جيئن ته "رحم ڪرڻ چڱو آهي."

١٠- جڏهن 'فاعل' اهڙو اسم آهي، جو جماعت يا گهڻو تعداد ٿو ڏيکاري، تڏهن فعل انهن جي 'جنس ۽ عدد' موجب ٿو رهي. جيئن ته "لشڪر پهتي ويو"، "مجلس گڏ ٿي"، "ماڻهن جون جماعتون اچي گڏ ٿيون"، "سرڪار رحم واري آهي".

١١- ڪتاب جو يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو نالو 'جمع' ۾ هوندو ته به 'فعل' 'واحد' ۾ ايندو. جيئن ته "انسان جا فرض" ڪتاب، اصل هڪڙي انگريزي مصنف جو لکيل آهي."

١٢- گهڻا 'فاعل'، جي حرف 'عطف' سان ڳنڍيل آهن، تن جو 'فعل' جمع ۾ ايندو آهي. جيئن ته "احمد، محمد ۽ قاسم اڄ آيا آهن."

٣- گهڻا فاعل جن جي وچ ۾ 'حرف استثنا' يا ڌار ڪرڻ وارا حرف آيل آهن، سي فعل 'واحد' ٿا وٺن. جيئن ته احمد يا محمد غلط آهي 'نڪي احمد هوشيار آهي نڪي محمد.

١٤- گهڻن فاعلن جي حالت ۾ اڪثر 'فعل' جنس ۽ 'عدد ۽ ضمير' ۾ پوئين فاعل موجب اچي ٿو. جيئن ته 'احمد ۽ سندس دوست آيا.' 'احمد ۽ سندس مائٽياڻيون آيون'، احمد، محمد ۽ قاسم جي زال هتان لنگهي ويئي' احمد يا سندس سنگتي فسادي ماڻهو آهن.'

١٥- جڏهن گهڻن فاعلن ۾ ڪو ضمير به هوندو آهي، تڏهن فعل انهي ضمير جي 'جمع' جي صورت وٺندو آهي. جيئن ته "تون ۽ تنهنجا سنگتي ڇو آيا آهيو؟" "آءٌ ۽ منهنجا مائٽ ڪالهه هتي آيا هئاسين."

١٦- 'مضاف' ۾ 'صفت' وانگي 'مضاف اليه' جي اڳيان ايندو آهي، مگر هئڻ ۽ ٿيڻ فعل جي حالت ۾ پٺيان به ايندو آهي، جيئن ته "هي منهنجو گهوڙو آهي". "هي گهوڙو منهنجو آهي"

١٧- 'مضاف'، جنس، عدد، ۽ حالت ۾ 'مضاف اليه' وانگي ٿو رهي، جيئن ته "منهنجو گهوڙو، منهنجي گهوڙي، منهنجا گهوڙا، منهنجون گهوڙيون، منهنجي گهوڙي کي، منهنجين گهوڙين سان".

١٨- اسم يا ضمير جي صورت، حالتن موجب ڦري ٿي. جڏهن ڪو 'حرف جر' يا حرف 'اضافت' انهن سان لڳي ٿو، تڏهن آهي عام صورت ۾ رهن ٿا نه ته اصل صورت ۾. جيئن ته حالت فاعلي ۽ مفعوليءَ ۾، 'ڪتو آيو ۽ مون ڪتو ماريو' ۽ حالت جريءَ يا اضافت ۾، 'ڪتي ۾، ڪتي جو ۽ ڪتي کي'. اصل صورت ۾، "آءٌ اسين، تون، توهين، هو، ڪتو، ٻلي، ڪدو" ۽ عام صورت ۾، "مون، اسان، تو، اوهان، ڪتي، ٻليءَ، ڪدوءَ، ۽ ٻين ضميرن جا مثال اصل صورت"

هي، ڪير، جو، سو، سو ڪو؛

عام صورت: هن جمع هنن، ڪنهن جمع ڪن، جنهن جمع جن، تنهن جمع تن.

١٩- صفت، جنس عدد ۽ حالت ۾ موصوف يا لاڳو اسم وانگي ٿي ڦري، مگر جي ڪو پارسي يا عربي لفظ صفت جو هوندو ته اهو نه ڦرندو. جيئن نه ٽڪو گهوڙو، ٽڪي گهوڙي، ٽڪا گهوڙا، ٽڪيون گهوڙيون، ٽڪي گهوڙي جو تيز گهوڙو، تيز گهوڙي، تيز گهوڙا، تيز گهوڙيون، تيز گهوڙي جو.

٢٠- سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن صفت اسم وانگي به ڪم ايندي آهي، خاص جمع جي حالت ۾، جيئن ته 'چڱا چون سا ٻڌجي'، ڏاهن چيو آهي ته "سچ

'ڳالهائجي' ۽ ظرف وانگي ۾ ڪم ايندي آهي جيئن ته 'تڪو ڪپ'، ۽ 'ڪپ تڪو ٿو هلي،' "جهاز ضعيفن جو پاڻيءَ ۾ پرتو"،

"ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري"،
"اونهي ۾ اڌ ڪيو دليلن دلو"،
"ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سپرين".

٢١- ضمير، جن اسمن سان لاڳو آهن، تن موجب 'جنس' ۽ 'عدد' ۽ 'حالت' وٺن ٿا. جيئن ته 'جو ماڻهو' 'جا زال'، 'جي مڙس'، 'جي زالون'، ساڳيءَ طرح 'ڪو، ڪا ۽ ڪي'، 'هيءُ، هيءَ، هن، هنن'، 'ڪير'، ڪير، ڪنهن، ڪن'.

٢٢- موصول ۽ جواب موصول يا پيون ضميري صفتون، جواب رکن ٿيون، تن مان پهرين 'موصول' اچي ٿو پوءِ جواب؛ مگر تاڪيد يا زور ڏيڻ جي حالت ۾ جواب پهرين آڻبو آهي. جيئن ته **جو** ڪتاب مون توکي ڏنو آهي، **سو** هي آهي"، '**جڏهن** تون مون وٽ ايندين **تڏهن** هي ڪتاب توکي ڏيندس"، "هي ڪتاب **آهو** آهي **جو** مون توکي ڏنو هو"، "هي ڪتاب توکي **تڏهين** ڏيندس **جڏهن** تون مون وٽ ايندين."

٢٣- ضمير 'استفهام'، فاعل هجي يا مفعول، تہ بہ اڪثر شروع ۾ ٿو اچي، خاص تاڪيد يا زور ڏيڻ لاءِ، جيئن تہ "ڪير ٿو چوي تہ اهو ڪم مون ڪيو آهي؟ ڪنهن کي طاقت آهي تہ اهڙو ڪم ڪري؟ ڇو اهڙو ڪم ڪجي جو پوءِ پڇتائجي؟ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

٢٤- اسم مفعول صفت وانگي ڪم اچي ٿو، ۽ اسم جي اڳيان اچي ٿو ۽ جنس، عدد ۽ حالت ۾ انهن وانگي ڦري ٿي جيئن تہ رڌل ماني، ڦاٽل ڪتاب، سبيل ڪپڙا.

٢٥- اسم حاليہ، اسم استقبال ۽ ماضي معطوفي، اڪثر فعل کان اڳي ايندا آهن. جيئن تہ "هو رستي تي ڪتاب پڙهندو پئي ويو." "آءٌ اڄ ٻاهر وڃڻو آهيان." "ڪتو ماني کائي، ڏڪر وات ۾ جهلي، ڀڄي ويو."

٢٦- فعل جا زمان جملن ۾ ترتيب وارا اچڻ کهرجن، يعني وقت جي اڳي ۽ پوءِ جي نظر رکڻ گهرجي. جيئن پهرين حال، پوءِ حال مدامي ۽ مستقبل يا پهرين ماضي مطلق، پوءِ ماضي بعيد، پوءِ ماضي مدامي. مثال: "هن چيو تہ آءٌ ڪالهہ هتي آيو هوس." "هن مون کي هڪڙو ڪتاب ڏنو جو هن ڪراچي مان ورتو هو". "هو چوي ٿو تہ آءٌ هي ڪم ڪندس."

٢٧- جڏهن هڪڙو جملو ٻئي تي تعلق رکي تڏهن انهن جي فعلن جو زمان هڪ جهڙو هئڻ گهرجي. جيئن تہ 'جيڪڏهن تون محنت ڪندين تہ فائدو حاصل ڪندين.'

'جڏهن هن محنت ڪئي تڏهن ايترو فائدو حاصل ڪيائين.' 'هن مون کي اها ڳالهه ٻڌائي، جا ٻين کان ٻڌي هئائين.'

٢٨- ڪيل ڳالهه بيان ڪرڻ لاءِ آهي ساڳيا لفظ ساڳئي زمان ۾ ڪم ايندا آهن ۽ حرف بيان 'ته' انهن جي اڳيان وجهندا آهن. جيئن ته 'هن چيو ته آءٌ ائين ڪين ڪندس' 'هو چوي ٿو ته آءٌ ائين ڪين ڪندس'. اڪثر اهڙن جملن جي شروع ۽ پڇاڙيءَ ۾ " " هي نشانيون ڏيندا آهن. جيئن ته شاهه فرمايو آهي ته "جيڪي فراقان سو وصال ته ٿئي".

٢٩- انڪاري جملن ۾ حرف انڪاري فعل جي اڳيان ايندا آهن. جيئن ته 'هي ڪم نه ڪر'. 'آءٌ اهو ڪم ڪين ڪندس'.

٣٠- حرف انڪاري اڪثر سوال ۽ عجب جي حرفن سان به ڪم ايندا آهن. جيئن ته 'ڇو نه ٿو ائين ڪرين؟' 'ڪهڙو نه خراب ڪم ڪيو اٿس!'

٣١- جو اسم فعل 'معروف' جي حالت ۾ مفعول آهي، سو فعل 'مجهول' جي حالت ۾ فاعل ٿو ٿئي. جيئن ته 'ڇوڪر جهرڪي ماري'، 'جهرڪي ڇوڪر هٿان مارجي ويئي'.

٣٢- جملي ۾ جيڪڏهن فعل متعدي 'معروف' ڪم ايندو، ۽ فعل جا زمان اسم 'مفعول' مان جڙيل هوندا، ۽ 'مفعول' ۾ حرف کي نه هوندو، ته اهڙو فعل عدد ۽ جنس ۽ ضمير ۾ مفعول موجب ڦرندو، جنهن کي 'ڪرمڻي پريوگ' يا 'صورت تابع المفعول' چوندا آهن. جيئن ته 'مون گدرو کاڌو'. 'مون ماني کاڌي'. 'مون پنج گدرا کاڌا'. 'مون ٻه مانيون کاڌيون'.

٣٣- جملي ۾ جيڪڏهن 'فعل متعدي معروف' ڪم ايندو، ۽ فعل جا زمان 'اسم مفعول' مان جڙيل نه هوندا، ته اهڙو فعل، 'جنس ۽ عدد ۽ ضمير' ۾ فاعل موجب ڦرندو، جنهن کي "ڪرتري پريوگ" يا "صورت تابع الفاعل" چوندا آهن. جيئن ته 'آءٌ ماني کان ٿو'. 'آءٌ گدرو کان ٿو'. 'ڇوڪر' ماني کائي ٿو'. 'ڇوڪر ماني کائن ٿا' ۽ 'ڇوڪريون ماني کائن ٿيون'.

٣٤- جملي ۾ جيڪڏهن 'فعل لازمي' يا 'متعدي مجهول' هوندو، ته اهڙو فعل جنس ۽ عدد ۽ ضمير ۾ 'فاعل' موجب ڦرندو، يعني 'صورت تابع الفاعل' يا 'ڪرتري پريوگ' ۾ هوندو. جيئن ته 'ڪتو ڊوڙي ٿو'. 'ڪتي ڊوڙي ٿي'. 'ڪتا ڊوڙن ٿا'. 'ڪتيون ڊوڙن ٿيون'. 'ڪتو مارجي ويو'. 'ڪتي مارجي وئي'. 'ڪتا مارجي ويا'. 'ڪتيون مارجي ويئيون'.

٣٥- جملي ۾ جيڪڏهن فعل 'متعدي معروف' ڪم آيل هجي ۽ زمان 'اسم مفعول' مان جڙيل هجن، ۽ مفعول ۾ حرف 'کي' ظاهر به هجي، ته اهڙو فعل،

'جنس، عدد ۽ ضمير' ۾ نڪي فاعل موجب ۽ نڪي مفعول موجب ڦرندو. يعني 'صورت مختار' يا "ٻاوي پريوگ" ۾ رهندو. جيئن ته 'مون ڪتي کي ماريو'، 'تو ڪتي کي ماريو'، 'چوڪر ڪتي کي ماريو'. 'ڇوڪرن ڪتي کي ماريو'، 'مڙس ڪتي کي ماريو'، 'زالن ڪتي کي ماريو'.

٣٦- هيٺ فعل جي ڪنهن به زمان ۾ به فاعل ٿي سگهندا آهن، ۽ ٻئي فعل جي اڳيان ايندا آهن. جيئن ته 'احمد حڪيم آهي'. 'منهنجو پاءُ آڳبوٽ جو ڪپتان هو'.

٣٧- ٻه انڪاري لفظ يا حرف، هڪ ٻئي جو اثر وڃائي ٿا ڇڏين، ۽ انڪار جي بدران اثبات جي معنيٰ ٿا ڏين، جيئن ته 'ائين نه آهي ته هو دولتمند نه آهي، مطلب ٿيو ته هو دولتمند آهي'.

٣٨- ڪن فعلن جي حالت ۾ فاعل اڪثر ڳجهو رهندو آهي. هڪڙو 'امر حاضر' ۾ جيئن ته 'هليو وڃ'. 'وڃي سمهه'. ٻيو جمع غائب ۾، جيئن ته 'ڳالهه ڪندا آهن ته'، 'چيو اٿن ته'. ٽيون ضمير خالص ۾، جيئن ته 'وڃان ٿو'، 'ڇو ماريو اٿيئس'؟

٣٩- ڪي ڪي فعل لازمي به مفعول وٺن ٿا، پر آهن ساڳئي فعل مان نڪتل جيئن ته- 'هو چڱي چال چليو آهي'، 'چڱي ڊوڙ ڊڪيو آهي'، 'خواب پٽل پٽليو آهي' 'هو ڪافرن جو موت مئو آهي'.

٤٠- ڪي فعل 'متعدي' ٻه 'مفعول' وٺندا آهن، جن مان هڪڙو ٻئي جي حالت يا درجو ڏيکاريندو آهي. جيئن ته "احمد خان کي مختيارڪار ڪيو اٿن". 'قدرت قاسم کي شاعر بنايو'. 'ڪهڙيءَ مهربانيءَ هن کي ظالم ڪري ڇڏيو آهي!

باب چوٿون

جملن جي تفريق (يا ڇيد)

مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته حرفن مان لفظ يا ڪلما ڪيئن ٿا جڙن، ۽ لفظن مان جملا يا ڪلام ڪيئن ٿا ٺهن، ۽ جملا ڪيترن گهڙن قسمن جا ٿا ٿين. 'صرف' ۾ ڏيکارجي ٿو ته لفظ ڪهڙيون صورتون وٺن ٿا، ۽ ڪيئن ڦيرن گهرن ٿا. انهن جي جدا جدا صورت معلوم ڪرڻ ۽ هڪٻئي سان انهن جي واسطي ڏيکارڻ کي 'ترڪيب' چون ٿا. 'نحو' ۾ ڏيکارجي ٿو ته لفظن مان جملا ڪيئن ٺهن ٿا ۽ لفظ ڪهڙي ترتيب سان بيهن ٿا. انهن جي جدا جدا پورين جاين مان معلوم ڪرڻ، هڪٻئي سان انهن جي واسطي ڏيکارڻ کي 'تفريق' چون ٿا. تفريق کي "ڇيد" به سڏيندا آهن.

حقيقت ڪري ترڪيب جي لفظي معني آهي ڀاڱن مان سڄو ٺاهڻ، يا مفرد ڀاڱن کي گڏي سڄي مرڪب شيء ٺاهڻ. ۽ **تفريق** جي معني آهي سڄي کي ڀڃي يا ڪولي ڀاڱا ڪرڻ، يا 'مرڪب' مان ڦيرائي 'مفرد' ڪرڻ. پر، گرامر جي اصطلاح ۾ 'تفريق' کي 'ترڪيب' ٿا چون. اها ترڪيب ٽن قسمن جي آهي، **'سرسري ترڪيب'، 'صرفي ترڪيب'، ۽ 'نحوي ترڪيب'**. سرسري يا سليس ترڪيب آهي ڪنهن به لفظ کي سڃاڻڻ، ته اسم آهي يا فعل آهي يا حرف آهي وغيره. صرفي ترڪيب انهن کان زياده مفصل آهي، جئن ته جيڪو لفظ 'اسم' آهي ته انهن جو 'قسم، جنس، عدد ۽ حالت' ٻڌائجي. جي فعل آهي ته 'قسم، زمان، ضمير' وغيره ٻڌائجي. 'نحوي ترڪيب' ۾ وڌيڪ هي ٻڌائبو آهي ته جملو ڪهڙي قسم جو آهي، انهيءَ جي ڀاڱن يا لفظن جو هڪٻئي سان ڪهڙو واسطو آهي، ۽ انهن جي پوري جاء ڪهڙي آهي. مثلاً: 'مبتدا ڪهڙو آهي' 'خبر ڪهڙو آهي'، 'ڪهڙو قانون انهن سان لاڳو ٿو ٿئي'. وغيره.

اسان ڏٺو آهي ته هر جملي ۾ مبتدا ۽ خبر ضرور اچن ٿا. مبتدا اهو آهي جنهن بابت ڪي چيل آهي ۽ جنهن سان ڪنهن ڳالهه جي ابتدا يا شروعات ٿئي ٿي، ۽ خبر اُها حقيقت آهي جا انهيءَ بابت چئجي ٿي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته 'مبتدا' فاعل ٿو ٿئي، ۽ اهو اسم يا ضمير يا ٻيون ڪي صورتون ٿو وٺي، ۽ خبر اڪثر 'فعل' ٿو ٿئي ۽ انهيءَ سان هڪڙي نه ٻئي قسم جو 'مفعول' ٿو ٿئي، جن مان فعل متعديءَ جي حالت ۾ خاص يا سچو پڇو مفعول ٿو ٿئي، يعني جنهن تي انهيءَ ڪم جو اثر ٿو ٿئي. وري اڪثر 'مبتدا' سان لاڳو ڪي لفظ يا فقرا يا جملا اچن ٿا، جي انهن جي صفت يا ڪا ٻي چٽائي ٿا ڏيکارين، ۽ ساڳيءَ طرح 'خبر' سان لاڳو ڪي لفظ يا فقرا يا جملا اچن ٿا، جي انهيءَ ڪم جو وقت يا هنڌ يا رستو وغيره ٻڌائين ٿا. انهن لاڳو لفظن کي **'متعلق'** چون ٿا. انهن متعلق ڪري 'مبتدا' توڙي 'خبر' وڏي وڏا ٿين ٿا، ۽ جملا مفرد مان ڦري 'مرتب ۽ مرڪب' ٿين ٿا. اهڙن جملن جي تقسيم مٿي ڏني ويئي آهي، هاڻي انهن جي تفريق ڏجي ٿي.

ٻهرين نحو جي تفريق يا جملن جي ڇيد جا ڪي ٿورا قانون ڏجن ٿا، جن تي ڌيان ڏيڻ سان جملن جي تفريق آسانيءَ سان ڪري سگهبي.

مفرد جملن لاء

١– مفرد جملي ۾ اسم حاليه يا اسم مفعول يا ماضي معطوفي کي فعل شمار ڪرڻ نه گهرجي، پر 'صفت' وانگي سمجهڻ گهرجي. سڄو 'فعل' فقط هڪڙو هوندو آهي. جيئن ته "ماني کائي، گشت ڪري، بازار جو ڪم لاهيندو پوء هتي آيس". هتي 'فعل' هڪڙو 'آيس آهي' نه 'کائي، ڪري ۽ لاهيندو.

٢- امر حاضر ۾ اڪثر 'فاعل' 'تون ۽ توهين' ڳجهو رهندو آهي. آهو 'مبتدا' ڪري ڏيکارڻ گهرجي. جيئن ته وڃ، ڊوڙو، يعني 'تون وڃ'، 'توهين ڊوڙو'.

٣- جڏهن فاعل مصدر هوندو آهي، تڏهن ڪي اشاري جا لفظ، جيئن ته 'اهو، هي' وغيره به ڪم ايندا آهن، پر اهي رڳا نالي جا فاعل آهن، سچو 'فاعل' مصدر آهي. جيئن ته 'ڀڄي جند ڇڏائڻ..... اهو ورهامن جو ڪم آهي'. اتي 'اهو' جي اڳيان چئ ته يعني لڪل آهن.

"سوريءَ چڙهڻ سيج لهڻ اي عاشقن ڪم".

٤- مبتدا يا فاعل جا متعلق صفت ڪان سواءِ هيٺيان به ٿي سگهن ٿا:

(١) اسم يا ڪو ضمير ساڳيءَ شيءِ لاءِ جيئن ته ايڊورڊ 'صلح ڪندڙ' چڱو بادشاهه هو. بادشاهه 'پاڻ' جنگ ۾ حاضر هو.

(٢) اسم يا ضمير حالت 'اضافت' ۾ يعني 'مضاف اليه' جيئن ته 'احمد جو ڪتاب گم ٿي ويو'، 'منهنجو ڪوٽ ڦاٽي ويو'.

(٣) فاعل يا مفعول، جيئن ته 'وهندڙ پاڻي ڪنو نه ٿيندو آهي'. 'نڪر تي جڙيل گهر، هوادار ٿيندو آهي'.

(٤) ڏسجڻ، ٿيڻ، گذارڻ، رهڻ ۽ اهڙا ڪي ٻيا فعل لازمي هئڻ وانگي به فاعل وٺن ٿا، ۽ هڪڙي فاعل سان اڻ پورا هوندا آهن. جيئن ته 'احمد ڏاهو ٻار ٿو ڏسجي'، 'همايون بادشاه مقرر ٿيو' 'سچا فقير دنيا ۾ حقيقي بادشاهه ٿا سڏجن'.

٥- مفرد جملي جي خبر ۾ فعل ڪان سواءِ، (١) اسم يا ضمير اچي ٿو، جيئن ته 'قاسم سڪول ماستر آهي'. 'اهو آءٌ آهيان'. (٢) صفت جيئن ته 'هي مزور مست آهي'. (٣) مصدر- جيئن ته هو هنر سکڻ ٿو اچي. اتي مصدر جي پٺيان 'لاءِ' حرف جر ڳجهو به ڄمي سگهجي ٿو. (٤) اسم حاليه يا اسم استقبال يا ماضي معطوفي، جيئن ته 'ڇوڪرو ڊوڙندو آيو'. 'هو ايندڙ ملاکڙي تي وڙهڻو آهي'. 'نوڪر ڪم لائي هليو ويو'. (٥) هڪڙو فقرو يا گهڻن لفظن جو مجموعو، جيئن ته 'هن جو گهر چڱي بندوبست سان ٿو هلي'. (٦) ظرف، جيئن ته "منهنجو ٻاڻ هيتي آهي'، 'گهوڙن جو مهلو هيل هيتي ٿيندو'.

٦- جملي ۾ فعل ڪان سواءِ خبر ۾ جو مفعول ايندو آهي، سو ضرور هيٺين صورتن مان هڪڙو هوندو: (١) اسم يا ضمير، جيئن ته 'مهاڻا مڇي ڦاسائن ٿا'. 'قاسم هن کي ساري وڌو'. (٢) صفت اسم وانگي ڪم آيل، جيئن ته 'سخي ماڻهو غريب کي سنڀاليندو آهي'. (٣) مصدر، جيئن ته 'هو پڙهڻ پسند ٿو ڪري'. 'جي تون ڪسڻ سکيو ته ڪاٽيءَ پٺي نه ڪنجهه' (٤) فقرو يا جملو، جيئن ته 'هن انجام

ڪيو ته اهو ڪم ڪندس'. (۵) ٻئي جا زباني لفظ، جيئن 'هُن رڙ ڪري چيو، ته "هاڻ وڃانو ٿو"'

۷- فاعل وانگي مفعول جا متعلق به هيٺيان ٿي سگهن ٿا: (۱) صفت، جيئن ته 'شڪاري هڪڙو وڏو هرڻ ماريو'. (۲) اسم يا ضمير ساڳئي اسم لاءِ، جيئن ته 'آءٌ تنهنجي ڀاءُ قاسم کي سڃاڻان ٿو'. (۳) اسم يا ضمير حالت اضافت ۾، جيئن 'احمد قاسم جو ڪتاب وڃايو آهي'. 'هن پنهنجو گهر وڪڻي ڇڏيو'. (۴) مصدر، جيئن ته 'هن کي ماٺ ڪرڻ وڻي ٿو' (۵) اسم حاليه، يا اسم مفعول جيئن ته 'مون هن کي ويندي ڏٺو'. 'مون هن کي مئل ڏٺو'. (۶) اسم استقبال وارو فقرو، جيئن ته 'مون هن کي ٻڌايو ته کهڙو بار کڻڻو آهي'.

۸- ڪن متعدي فعلن کي ٻه مفعول ٿيندا آهن هڪڙو سڌو ۽ ٻيو ڀاسيرو. هڪڙي کي حقيقي مفعول چون، جتي ظاهر يا ڳجهو مفعول ڏيکاري، ۽ ٻئي کي جري مفعول چون جتي 'کي' حرف جر آهي. جيئن ته 'احمد پنهنجي پٽ 'کي' هڪڙو ڪتاب ڏنو'. اهڙا فعل آهن، ڏيڻ، چوڻ ۽ ڪي ٿورا ٻيا.

۹- خبر يا فعل جا متعلق، ظرف ڪان سواءِ هيٺيان ٿي سگهن ٿا: (۱) ظرف وارو فقرو، جيئن ته 'احمد ڪڏهن هيتي ڪڏهن هتي گذاريندو آهي'. (۲) حرف جر وارو فقرو، جيئن ته 'هو ٿورن ڏينهن ۾ موٽي ايندو'. (۳) مصدر يا مصدر وارو فقرو، جيئن ته 'آءٌ توکي وٺڻ ايندس'. هتي مصدر جي پٺيان لاءِ به وجهي ٿي سگهجي. 'هو ڇاپي جا ڪاغذ خريد ڪرڻ ويو آهي'. (۴) اسم حاليه، جيئن ته 'هو ڊوڙندو آيو'. (۵) مفعول، جيئن ته 'مون کي در تي بيٺل ڏٺو'. (۶) هڪڙو جملو يا فقرو، جيئن ته 'سچ ڪري ٻڌين ته آءٌ هن کي ايماندار ٿو ڄاڻان'. 'گهڙيال ڇهه وڄايا ته اسين آئي روانا ٿياسين'

مرتب جملن لاءِ

۱۰- مرتب جملي جي ٻن جملن مان جيڪو هڪ جملو آهي، سو پورو آهي ۽ ڌار به ڪم آڻي ٿو سگهجي، مگر جيڪو ٻيو جملو يا فقرو انهيءَ تي تعلق آهي، سو اڻپورو آهي ۽ ڌار ڪم اچي نه سگهندو.

۱۱- اهي تعلق رکندڙ جملا يا فقرا 'اسميه' آهن، يا 'صفتيه' آهن يا 'ظرفيه' آهن، جو اسم يا صفت يا ظرف جهڙو زور يا اثر ٿو رهين، ۽ اهي ڪڏهن فاعل ۽ ڪڏهن مفعول ۽ ڪڏهن فعل سان تعلق ٿا رکن. جيئن ته 'ڪنهن شيشو ڀڳو تنهن جي پڪ نه آهي'، 'هن چيو ته تون غلط آهين'. 'هن جو ويساهه اهو هو ته قاسم فتحياب ٿيندو'. 'جو پنهنجي ڪاوڙ ماري ٿو، سو ڏاهو ماڻهو آهي'. 'جيڪو ميوو اسان گڏ ڪيو هو، سو سڀ هو کائي ويا'. 'عمر هڪڙو ڇوڪر آهي، جنهن

ڪي تون پڙهائيندو هئين‘. ’جڏهن ماڻهو بيمار هجي، تڏهن محنت ڪرڻ نقصان ٿي رسائي‘. ’هو تڏهن راند ڪرڻ گهرندو آهي، جڏهن اسڪول بند ٿيندو آهي‘. ’جڏهن ٿي ٿو سگهيم تڏهن ٿو اچان‘.

١٢- ڪڏهن ڪڏهن هڪڙي سڪيه جملي تي، ٻه يا وڌيڪ جملا يا فقرا تعلق رکن ٿا. جيئن ته ’واڍو، جنهن کي مون اڄ پيسا ڏنا هئا، سو جڏهن وٽيس تڏهن گهر وڃي سگهي ٿو‘.

١٣- ڪڏهن ڪڏهن هڪڙو تعلق رکندڙ جملو يا فقرو ٻئي ۾ داخل ٿئي ٿو، جيئن ته ’احمد چيو ته جڏهن منهنجو ڪم پورو ٿيندو، تڏهن موٽي ايندس‘.

مرڪب جملن لاءِ

١٤- مرڪب جملي ۾ جيڪي ٻه يا وڌيڪ جملا گڏجن ٿا، سي (١) ’معطوفه‘ يا ’عطفيه‘ هوندا، يعني حرف عطف يا جملي، ’يعني ۽، ٻه، پڻ‘، سان گڏيل هوندا، يا (٢) ’ضديه‘ هوندا، يعني سندن وچ ۾ ڌار ڪرڻ وارا حرف ڪم آيل هوندا يعني ’الهيءَ هوندي به ’تڏهن به‘ ’يا، ’پر‘، (٣) يا معلله يا سببيه هوندا، يعني هڪڙو جملو ٻئي جو سبب هوندو، ’يعني‘ ’تنهنڪري‘ يا اهڙا ٻيا لفظ ڪم آيل هوندا، (٤) يا ’اختياريه‘ هوندا يعني ٻن سان هڪڙو يا ٻيو وٺڻو هوندو، ’۽، يا، نه، ته، متان، نڪي، وغيره حرف ڪم آيل هوندا. مثال هر هڪ جا (١) ’عمر پاڻي پيتو ۽ قاسم ماني کاڌي. (٢) ’هن ٻين کي نصيحت ڪئي، پر پاڻ انهيءَ تي نه هليو‘. (٣) ’ڏاڍو مينهن وٺو، تنهنڪري اسين ٻاهر نڪري نه سگهياسين.‘ (٤) ’ايمانداريءَ سان نوڪري ڏي نه ته پشيمان ٿيندين‘. ’نڪي هي ڳالهه تعميل جي لائق آهي، نڪي هو‘.

تفريق جا مثال

نحو جي تفريق لاءِ هڪڙي جدول ڪڍڻ ضرور آهي، جنهن ۾ مفرد جملن لاءِ فقط ٻه خانا س آهن. هڪڙو ’مبتدا‘ لاءِ ۽ ٻيو ’خبر‘ لاءِ. مگر جڏهن انهن سان ڪي متعلق رهن ٿا، تڏهن انهن جي لاءِ به هر هڪ سان گڏ هڪ خانو زياده وجهڻو ٿئي ٿو. تنهن ڪان سواءِ شروع ۾ جملي قسم ڏيکارڻ لاءِ هڪڙو زياده خانو وجهڻو پوي ٿو.

تفريق شروع ڪرڻ کان اڳي پهرين گهرجي، ته جملي جو ’مبتدا يا فاعل‘ ڳولي هٿ ڪجي، پوءِ اهو ظاهر هجي يا ڳجهو. پوءِ ’خبر يا فعل‘ ڳولي هٿ ڪجي. پوءِ جاچجي ته ’فعل لازمي‘ آهي يا ’متعدي‘. جي متعدي هجي ته ’مڌو مفعول‘ به ڳولي هٿ ڪجي، ۽ جيڪو ٻئي قسم جو مفعول هجي، ته اهو به نشان ڪجي. پوءِ وري ’مبتدا ۽ خبر ۽ مفعول‘، هر هڪ جا ڪي متعلق هجن ته ڌار ڪجن.

مرتب جملن ۾، ٻهرين جيڪي تعلق رکندڙ فقرا يا جملا هجن، انهي ڏار ڪجن ۽ انهن جا علحدا فعل ڳولي هٿ ڪجن. جتي ڪو فعل ڳجهو هجي، آتي آهو به جانچجي. جي اهڙا جملا تمام وڏا هجن ته انهن جي منڍ ۽ پڇاڙيءَ جو لفظ ڏجي، ۽ وچ ۾ ڪي نقطا ڏجن. وري جيڪي فقرا يا جملا فاعل لاءِ هجن سي ڌار ڪجن، 'مفعول' لاءِ ڌار ۽ 'فعل' لاءِ ڌار. جملن ۾ جي ڪي ڳنڍيندڙ جا ڌار ڪندڙ لفظ هجن، ته آهي چونڊي ڪڍجن. جتي ساڳيو 'فاعل' وري وري ڳجهو ايندڙ هجي، اتي آهو ظاهر ڪري ڏنگين ليڪن ۾ وجهجي. 'مرتب ۽ مرڪب' جملا گڏجي پوندا آهن، انهن جو به ڌيان رکجي. پوءِ جدول جي خانن ۾ اهي سڀ لفظ داخل ڪجن.

هيٺ هرهڪ قسم جي جملي جي تفريق يا چيد نموني جي لاءِ ڏجي ٿو.

(١) جملا، 'احمد آيو آهي'. 'ڪتا ڀونڪن ٿا'. 'ٻڪريون ڪٿسن ٿيون'.

قسم جملي جو	مبتدا	خبر
مفرد فعليه	احمد	آيو آهي
"	ڪتا	ڀونڪن ٿا
"	ٻڪريون	ڪسن ٿيون

(٢) جملو: 'ايران جا ماڻهو قابليت جهڙا ڪتاب لکندا آهن'.

قسم جملي جو	مبتدا		خبر		
	فاعل	متعلق	فعل	مفعول	متعلق
مفرد انشائيه	ماڻهو	ايران جا	لکندا آهن	ڪتاب	قابليت جهڙا

(٣) جملو: 'جو ماڻهو سچ ڳالهائيندو آهي، تنهن کي سڀ عقل وارا حد کان وڌيڪ چاهيندا آهن'.

قسم جملي جو	مبتدا: فاعل	مبتدا: متعلق	خبر: فعل	خبر: متعلق	خبر: مفعول	خبر: متعلق
مرتب - موصولہ (جو ۽ تنهن ضمير موصول هئڻ سبب)	ماڻهو	سڀ، عقل وارا	چاهيندا آهن	حد کان وڌيڪ	تنهن کي	"
	جو	"	ڳالهائيندو آهي	"	سچ	"

(٤) 'جيڪڏهن جهان جا بادشاهہ، اهڙي سنگدليءَ سان شيطاني ظلم ڪندا، تہ سگهوئي پنهنجا ملڪ هٿان وڃائيندا'.

قسم جملي جو	مبتدا: فاعل	مبتدا: متعلق	خبر: فعل	خبر: متعلق	خبر: مفعول	خبر: متعلق
مرتب - شرطيہ	بادشاهہ	جهان جا	ڪندا	اهڙي سنگدليءَ سان	ظلم	شيطاني
جيڪڏهن ۽ تہ حرف شرط هئڻ سبب	هو(ڳجهو)	"	وڃائيندا	سگهوئي هٿان	ملڪ	پنهنجا

(٥) 'ڏهه فقير هڪڙيءَ گودڙيءَ ۾ سمهندا آهن، ۽ ٻه بادشاهه هڪڙي ملڪ ۾ نه ماپندا آهن'.

قسم جملي جو	مبتدا: فاعل	مبتدا: متعلق	خبر: فعل	خبر: متعلق
مرڪب معطوفه	فقير	ڏهه	سمهندا آهن	هڪڙي گودڙيءَ ۾
(۽ حرف عطف	بادشاهه	ٻه	ماپندا آهن	هڪڙي ملڪ ۾
سميان)				

باب ڏهين ۽ چوڏهين جا سوال

ڪلام يا جملو ڇا کي ٿو چئجي؟ جملي ۾ ڪهڙا ۽ ڪيترا لفظ تمام ضروري آهن، ۽ انهن جا نالا ڪهڙا آهن؟ مبتدا ۽ فاعل جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ خبر ۽ فعل جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ خبر ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون اچي ٿيون وڃن؟ 'خبر' ۽ حرف رابطه جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ مبتدا ڪهڙيون ڪهڙيون صورتون وٺي ٿو سگهي؟ مفعول ڪيترن قسمن جا ٿين ٿا؟ انهن جا نالا ۽ مثال ڏيو. صرف جي فاعل ۽ نحو جي فاعل جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ صرف جي مفعول ۽ نحو جي مفعول جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ متعلق ڇا کي ٿا چون؟ مفعول ڪهڙيون صورتون وٺي ٿو سگهي؟ جملا پهرين ڪيترن ۽ ڪهڙن قسمن جا آهن، ۽ پوءِ ڪهڙن ۽ ڪيترن قسمن جا ٿا ٿين؟ هرهڪ جا مثال ڏيو. 'مفرد'، 'مرتب' ۽ 'مرڪب' جملن جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هرهڪ جا مثال ڏيو. نحو جي قانونن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن؟ هرهڪ جا ڪي مثال ڏيو. سنڌيءَ ۾ جملن جي مک لفظن جي ترتيب ڪهڙي آهي؟ صفت، ظرف، حرف جر، حرف جملو، حرف ندا، لاءِ اسم جي اڳيان ايندا آهن يا پٺيان؟ ڪي نياريون حالتون هجن، ته انهن جا مثال ڏيو. فعل ڪهڙين ڳالهين ۾ فاعل جو تابع رهي ٿو؟ ڪهڙين حالتن ۾ فعل واحد ۾ ايندو آهي، ۽ ڪهڙين ۾ جمع ۾؟ گهڻن فاعلن ۽ گهڻن مفعولن جا ڪي جملا ٺاهي ڏيکاريو. حرف عطف ۽ حرف جملي جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ حرف جملي ۽ حرف استثني جو جملي جي فعل تي ڪهڙو اثر ٿو ٿئي؟ جڏهن اسم ۽ ضمير ٻئي فاعل ۾ هوندا آهن، تڏهن فعل جو ڪهڙو حال ٿيندو آهي.

مضاف ۽ صفت جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ مضاف ڪهڙين ڳالهين ۾ مضاف اليہ جو تابع ٿو رهي؟ حالتن جي عام صورت ڪهڙي آهي؟ جدا جدا حالتن ۾ عام صورت جا مثال ڏيو. صفت ۽ موصوف ڪهڙي ترتيب ۾ ڪم اچن ٿا؟ اهڙا ڪي مثال ڏيو، جن ۾ صفت اسم وانگي ڪم آئي هجي. ضمير پنهنجن اسمن سان ڪهڙين ڳالهين ۾ موافقت رکن ٿا؟ ضميري صفتون ڪهڙيون آهن، ۽ موصول ۽ جواب موصول جي اڳيان پوءِ اچڻ جا ڪي مثال ڏيو. ضمير استفهام جي جملي ۾ ڪهڙي هنڌ جاءِ آهي. اسم مفعول صفت وانگي ڪم آئي ڏيکاريو. اسم حاليہ، اسم استقبال ۽ ماضي معطوفيءَ جي جاءِ جملي ۾ ڪهڙي آهي؟ انهن جا مثال ڏيو. فعل جي زمانن جي ڪهڙي ترتيب آهي؟ انڪاري لفظ جملي ۾ ڪٿي ايندا آهن؟ انهن جا ڪي مثال ڏيو. فعل مجهول ۾ فاعل ۽ مفعول جو ڪهڙو حال ٿئي ٿو؟ اهي ڪهڙيون حالتون آهن، جن ۾ فعل ڪڏهن فاعل ۽ ڪڏهن مفعول جو تابع ٿو رهي، ۽ ڪڏهن ڪنهن جو تابع نٿو رهي؛ انهن حالتن جا ڪهڙا نالا آهن؟ انهن جا مثال ڏيو. ڪهڙا فعل آهن جن جا ٻہ فاعل ٿيندا آهن؟ مثال ڏيو. ٻن انڪاري لفظن جو هڪبئي تي ڪهڙو اثر ٿو ٿئي؟ مثال ڏيئي ڏيکاريو. اهڙا ڪي مثال ڏيو جن ۾ فاعل ڳجها هجن. اهڙا ڪي لازمي فعل ٻہ آهن، جي مفعول وٺن ٿا؟ انهن جا مثال ڏيو. اهڙا ڪي فعل ٻڌايو جي ٻہ فاعل وٺندا هجن. ترڪيب ۽ ترتيب ۽ تفريق جي وچ ۾ فرق ٻڌايو. صرف جي ترڪيب ۽ نحو جي ترڪيب ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ مبتدا جا متعلق ڪهڙيون صورتون وٺي ٿا سگهن؟ انهن جا مثال ڏيو. ڪهڙا فعل آهن جي اڪثر ٻہ فاعل وٺن ٿا؟ مفرد جملي ۾ خبر جي جدا جدا صورتن جا مثال ڏيو. مفعول جي جدا جدا صورتن جا مثال ڏيو. مفعول جا متعلق ڪهڙيون صورتون وٺي ٿا سگهن؟ انهن جا مثال ڏيو. سنڌي ۽ ٻاهيري مفعول جا مثال ڏيو. فعل جي متعلقن جون جدا جدا صورتون ٻڌايو ۽ انهن جا مثال ڏيو. مرتب جملن ۾ جي ننڍا جملا اچن ٿا، انهن جو هڪبئي سان ڪهڙو واسطو ٿو رهي؟ انهن جي جدا جدا حالتن جا مثال ڏيو. مرڪب جملي ۾ جي ٻيا جملا اچن ٿا، تن جو هڪبئي سان ڪهڙو واسطو ٿو رهي؟ جدا جدا حالتن جا مثال ڏيو. جملن جي تفريق جا ڇيد لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ياد رکڻ جهڙيون آهن؟ ترڪيب جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن؟ ترڪيب ۽ تفريق جي وچ ۾ ڪيترو فرق آهي؟

مشقون

(١) هيٺين جملن ۾ جيڪي مبتدا ۽ خبر، ظاهر يا لڪل هجن سي ٻڌايو:

'هو ڳالهائي ٿو'. 'هن ڇيو'. 'وڃ'. 'پڙهه'. 'ٻار راند ڪن ٿا'. 'تون ڊپن ٿي'. 'ڇوڪري ڳائي ٿي'. 'مڇيون تري ويون'. 'ٻڪي آڏامي ويا آهن'. 'ٻليون ڀڄنديون'. 'ڍور چرن ٿا'. 'ڪتا ڀونڪن ٿا'. 'گهوڙا ڊوڙن ٿا'. 'آءٌ ستو آهيان'. 'هو مري ويو'. 'قاسم آيو آهي'. 'گهوڙن هڻڪيو ٿي'. 'ٻڪريون ٻڪن ٿيون'.

(٢) هيٺين مبتدائن مان ڪي خبر ملائي جملا ٺاهيو:

سج، زالون، شاگرد، تصويرون، ڪلاڪ، درزي، سپاهي، ڪڪر، ٻار، گهر، اکيون، مکيون، گڏهه، جهاز، چور، تارا، ڏيڏر، اسين، عمر، تون، هو.

(٣) هيٺين خبرن مان ڪي مبتدا ملائي جملا ٺاهيو:

ڏنگي ٿو، ڪم ٿي ڪيو، ستا پيا آهن، ٻڏي مئا، وهي ٿو، مرندو، سزا کاڌي، ڳالهائين ٿا، پڙهن ٿا، ٻڏي ويا، راند ڪندا، نچن ٿيون، ٽپن ٿا، آڏامي ويو، وڃي ستو، ڇمي پيو.

(٤) هيٺين جملن ۾ مفعول ڏيکاريو:

'مون کي جواب ڏي'. 'تو هنن کي ڏٺو؟' 'ڪتاب کڻي آءُ'. 'ڇوڪر سليٽ ڀڃي وڌي'. 'ڪتي هن کي ڏاڙهيو'. 'هنن انعام کٽيا آهن'. 'آءٌ خط ٿو لکان'. 'ڇوڪر راند ڪيڏن ٿا'. 'هن پٿر اڇلايو'. 'هي قلم گهڙي ڏي'. 'برف پاڻي ٺاري ٿي'. 'هاري زمين کيڙين ٿا'. 'تو اسان کي ڏٺو'. 'ڪتا ٻليون ٿا مارين'. 'ٻليون ڪئا ٿيون جهٽين'. 'سج روشنائي ڏئي ٿو'. 'چورن پيتي چورائي'. 'سپاهين لڙائي ڪئي'.

(٥) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي مفعول وجهو:

— وڇا. — ٻڌو. هن — کنيو. مون — لڌو. ڪاڏو — ڏئي ٿو. هنو — کمائي ٿو. رڍون — چرن ٿيون. رازا — جوڙين ٿا. مصنف — لکن ٿا. مهاڻا — هلائن ٿا. ٻگهڙ — مارين ٿا. احمد — ڳڏو. مينهون — ڏين ٿيون. ٽپالي — آندو آهي. گاڏي — کڻي آئي.

(٦) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي خبر يا فعل وجهو:

شينهن هڪڙو ماڻهو —. نانگ باغائي کي —. درزي ڪپڙا —. ڌوٻي ڪپڙا —. نوڪر ڪم —. ٻلي کير —. ٽپالي خط —. هي بار —. چور کي سزا —. مون آرسي —. خط —.

(٧) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي مبتدا يا فاعل وجهو:

— بيمار کي ڇٽايو. — پيسا چورايا. — گاهه کائن ٿا. — ٻج پوکيو آهي. — پنهنجا سبق پورا ڪيا. — ميز ٿو ٺاهي. — ڪپڙا سبي تيار ڪيا. — راند کي پسند ڪندا آهن. — ڪتاب لکندا آهن.

(٨) هيٺين جملن ۾ مبتدا جا متعلق ٻڌايو:

'ماريل بادشاهه پنهنجي قلعي ۾ دفن ٿي ويو'. 'سبق ياد ڪرڻ جو وقت آيو آهي'. 'چڱو ۽ محنتي ڇوڪر جيت ڪيت مان ٿو لهي'. 'سمنڊ جي صاف هوا تندرستي وڌائي ٿي'. 'تعليم ڏيڻ لاءِ سرڪار جي ڪوشش نهايت گهٽي آهي'. 'هوءَ پت تي ڏنگيل ترار منهنجي ڏاڏي جي هٿن جي آهي'. 'ڏاهو ڇوڪر سبق پورا ڪري پوءِ راند ڪڏڻ لڳندو'. 'فرسٽ بلوچي پلٽڻ جو بهادر سپاهي گولي لڳڻ

ڪري مري ويو'. 'گرڙ ۾ ڪنهن سال آيل مينهن هن ملڪ تي پٽي انهيءَ کي پوڙي وڌو'. 'سج ماهه جي گولي وانگر پرندو، ڇهين ٻجي نڪري ظاهر ٿيو'. 'ڪتو ڇوڪر جي ڪنڊ ڏان جهلي گهلي اٿي هليو'. 'منهنجي پاڙي جو ڪتاب چورائجي ويو.' 'محبت وارا مائٽ پنهنجي ٻارن کي پيار ڪندا آهن'. 'وليم، فتح ڪندڙ سنه ۱۰۸۷ع ۾ مري ويو'. 'زهري نانگ باغائيءَ کي ڏنگي ماري وڌو'. 'هڪڙو خوفناڪ طوفان سمنڊ تي اچي نڪتو'.

(۹) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي مبتدا جا متعلق پريو:

—ڇوڪر محنت ڪندا آهن. —گهوڙا جلد ڊوڙن ٿا. —سپاهي جنگ ۾ ڪين ڀڄندا آهن. —مسافر سمهي آرام ڪيو. سڪندر—قريب سارو جهان فتح ڪيو. راڻي وڪٽوريا—۶۴ ورهين تائين راڄ ڪيو. —ڪتن ڏگها ٿيندا آهن. —پيءُ ٻه ورهيه ٿيا جو مري ويو. —چنبا تکا ٿيندا آهن. —ڏند عاج وانگي ڪم ايندا آهن. —ڌڻ منهنجي گهر وٽان لنگهي ويو. —لهرين طوفان جي وقت ڏاڍيون خوفناڪ ٿيون ڏسجن.

(۱۰) هيٺين جملن ۾ مفعول جا متعلق ڏيکاريو:

'مون هڪڙو گجندڙ شينهن ماريو'. 'هن رازي پڪين سرن، لوهه جي ڪامن ۽ پٿر جي پيلپاون واري هڪڙي عاليشان عمارت ٺاهي'. 'آءٌ هن ڇوڪر کي سڃاڻان ٿو'. 'ڪاريگر پنهنجا اوزار تکا ٿو ڪري'. 'آءٌ ٻڍو صاحب ڪمشنر کي سڃاڻان' 'هن مرزي مرزي جهڙين آڪاڻين جو هڪڙو ڪتاب لکي تيار ڪيو آهي'. 'واڳون ڳوٺ جي وڏيري جي هڪڙي خوبصورت ڇوڪري، پاڻيءَ ۾ وهنجندي گهلي کڻي ويو'. 'جي گل منهنجي باغ ۾ ٿيندا هئا، سي ڪالهه ڪو چور پٽي کڻي ويو' 'ڪالهه مون امام غزاليءَ جا سڀ لکيل ڪتاب، هڪڙي ڪتب فروش جي دڪان تان خريد ڪيا'.

(۱۱) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي 'مفعول' جا متعلق وجهو:

ٻه ماڻهو—هيءَ ٻيڙي کڻي ويا. درياهه جي اڌل—ڳوٺ ٻوڙي وڌا. پولس چورايل مال—لڌو. هن ڪنسٽيبل—هڪڙو چور ورتو. پيءُ پٽ کي—سزا ڏني. هن واچ—ڳڌي. ڪانو کي—ڪنيڙائيون آهن. ڪوهه—ڇوڪرن کي نئو گهري. مون—وڃندو ڏٺو. منهنجي دوست ڇتون—ورتو.

(۱۲) هيٺين جملن ۾ 'خبر' جا متعلق ڏيکاريو:

'هو تکو ڊوڙيو'. 'هو اڄ صبح جو ڊوڙيو'. 'هو جهنگ ڏي ڊوڙيو'. 'هو چور پڪڙڻ لاءِ تکو ڊوڙيو'. 'اڄ صبح جو هو جهنگ ڏي چور پڪڙڻ لاءِ تکو ڊوڙيو'. 'هي ڇوڪر ڏاڍو چڱو لکي ٿو'. 'آءٌ صبح جو سوير اٿيس،

'مون هن کي باغ ۾ ڏٺو'. 'منهنجي دوست ساري دنيا جو گشت ڪيو آهي'.
'سپاهي قطار ٻڌي اٿي هليا'. 'سپهه سالار بهادريءَ سان وڙهندي مئو'. 'سمنڊ
ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا لهي ۽ چڙهي ٿو'. 'هو پنهنجي هٿن سان گاڏي هڪلي ٿو'. 'هو
ماني کائيندي اخبار پڙهي ٿو'. 'اونداهي رات جي ڪري چور ڀڄي ويو'. 'هو
بندرو ماڻهو تڪڙو تڪڙو قدم کڻي ٿو'. 'اسان جو بنگلو شهر ۾ مشهور آهي'.
'هو اڳي کان هاڻ بهتر لکي ٿو'. 'بمبئيءَ ۾ جون، جولاءِ ۽ آگسٽ مهينن ۾ گهڻو
مينهن وسندو آهي'. 'باهه ٻاهر جي دانهن ٻڌي سڀ گهر جا ڀاتي رات جي ڪپڙن ۾
نڪري آيا.

(١٣) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي 'خبر' جا متعلق ڀريو:

سهو— ڊوڙي ٿو. اُتر جو واءُ — لڳي ٿو. ٻيءَ پنهنجي ڀٽ لاءِ — رنو.
شاگردن اُستاد جي سمجهاڻي — ٻڌي. فقير هن سخي ماڻهوءَ جي — شڪرگذاري ڪئي.
آءٌ پنهنجا سبق — پڙهان ٿو. ڪڪڙ — ٻانگ ڏين ٿا. — وڻ ساوا ٿين ٿا. ڀوڻ جي
عمارت — جٽاءَ ڪري ٿي. ايماندار ماڻهو — ڪوڙ ڳالهائيندو. بيمار — ٻي جاڳيو.
منهنجو چاچو — رهي ٿو. رت بدن ۾ — ڊوڙي ٿو. ڀڄڻ جي ٻڌران سپاهي —
وڙهي مئا.

(١٤) هيٺين جملن ۾ اڻپورن فعلن جو پورائي ڪندڙ ڀاڱو ڏيکاريو:

'عمر خان ڪرڪيٽ جي راند جو ڪپتان مقرر ٿيو آهي'. 'هو منهنجو دوست
آهي'. 'هو سست ٿو ڏسجي'. 'احمد ڏاڍو چالاڪ رانديگر آهي'. 'گهوڙو بيمار ٿو
ڏسجي'. 'آءٌ ٿورن ڏينهن ۾ تندرست ٿيندس'. 'هو نئين ڪتاب هن جا آهن'. 'هو
ٿلهو ماڻهو پيسي وارو نظر اچي ٿو'. 'آءٌ سگهوئي انهيءَ ڪلب جو ميمبر ٿيندس'.
'منهنجا دوست انهيءَ مجلس ۾ حاضر هئا'. 'هو ڪانگريس جو پريزيڊنٽ چونڊيو
ويو'. 'آءٌ اهو ئي ساڳيو ماڻهو آهيان'. 'ڇوڪري ڊپ ۾ ٿڪي ٿي ويئي'. 'آءٌ هي
گهر تمام ننڍڙو ٿو سمجهان'.

(١٥) هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي مناسب لفظ وجهي فعل پورا ڪريو:

هو — سڏيو آهي. بمبئي — آهي. ڏينهن — ٿيندا وڃن. سيارو — منهنجو ڀاءُ — ڪري
پيو آهي. هن مون کي — سڏيو. هن جي بدچاليءَ سندس ڏاڏي کي — ڪيو. هو
پاڻ کي — ٿو سمجهي. جج قيديءَ کي — ڏنو. — منهنجي دلپسند راند آهي.
ميونسپالٽيءَ ۾ ميمبرن هن کي — ملڻيندا آهن. هن کي — چونڊيو. گذريل سومر
کان آءٌ — آهيان.

(١٦) هيٺين جملن جي 'تفريق' يا ڇيد ڪريو:

(الف) 'شينهن گجي ٿو'. 'بمبئي انبن جي ڪري مشهور آهي'. 'منهنجي عمر جا
ٻارنهن ورهيه لنگهي ويا آهن'. 'ٻڪي ڪرڻ گناهه آهي'. 'جنگ وارن پهلوان

ڪي انعام مليل ويا آهن'. 'آزمودي جي مڪتب ۾ گهٽائي عمدا سبق سکي تا سگهجن'. 'پاڻ جهڙن مخلوقن جي سڪ تي خوش ٿيڻ، جڻ ته انهن جي خوش نصيبي ۾ شامل ٿيڻ آهي'. 'شينهن آيو ته رڍن جو ڌڻ ڀڄي ويو'. 'هن جو گهراڻو آبروءَ وارو آهي'.

(ب) 'سلون ۽ جاوا ٻيٽ آهن'. 'فرانس ۽ انگلنڊ ٻئي ڪوسي ڪمر بند کان ٻاهر آهن'. 'بادشاهه، راڻي ۽ شهزادو، ٽيئي سلامت اچي پهتا'. 'سچائي، ايمانداري ۽ حيا عمدين نيڪين مان آهن'. هر هڪ مڙس، زال ۽ ڇوڪر صحيح سلامت بچي ويو'. 'سوداگر پنهنجي ساري مال سوڌو ولايت هليو ويو'. 'آءٌ ۽ تون سوير سنبري ويهون ته بهتر آهي'. 'تون قصوروار آهين نه هئو'.

(ج) 'تنهنجي پيتي يا تنهنجا ڪتاب سڙي ويا'. 'نڪي سپهه سالار کي نڪي سندس لشڪر کي دشمن جي اچڻ جي خبر هئي'. 'رئيس يا نوڪر گهر ۾ حاضر آهي'. 'نه چنڊ ٿو ڏسجي، نه تارا ٿا ڏسجن'. 'مون ٻڌو ته تو يا احمد وٽڻ کان انڪار ڪيو'.

(د) 'فساد هميشه انهن کي نقصان رسائي ٿو، جي فساد اٿاريندا آهن'. 'نيڪي پنهنجو انعام پاڻ آهي، ۽ بدي پنهنجي سزا پاڻ'. 'سچي عزت وڏين نيڪين رکڻ ۾ آهي'. 'تون پنهنجو سبق ٻڌائي سگهندين'؟ 'هن ساري حرڪت جو باني اهو ويٺو آهي'. 'هو چوي ٿو ته هاڻ هلو ته هلون'. 'ڪولمبس، آمريڪا جو ڳولي ڪڍندڙ، جينوئا جو ويٺل هو'. 'فردوسي، شاهنامي جو مصنف، قديم وقت ۾ رهندو هو'. 'لنڊن، دنيا جو تمام وڏو شهر، ٿيمس نديءَ جي ڪناري تي آهي'. 'شورو هڪڙي سخت ۽ ڀوري شيءِ آهي، رنگ جي پيلي آهي، ٿوري باس ۽ ٿورو سواد ٿو انس'. 'محنت ساجهه کي صاف ۽ بدن کي تندرست ٿي رکي'. 'حضرت سليمان جي عبادت گاهه جا پٿڻ اٺ هٿ ٿلها هئا'. 'بلبل سهڻي ڳائيندڙن پکين مان تمام مشهور آهي'. 'منهنجي دوست جو ذهن تمام تيز آهي، سندس خيال تمام اعليٰ آهن، ۽ سندس عقل ڪامل آهي'. 'گلاب جو گل تمام وڻندڙ شيءِ آهي، مگر چوڌاري ڪنڊن سان وڪوڙيل آهي'. 'هتي ماڻهوءَ کي ڇٺو ته هليو وڃي'.

(هه) 'بابا مون کي، هن کي ۽ تو کي مدد ڏيڻ لاءِ موڪليو آهي'. 'خبر اٿئي ته ڪالهه گهر ويندي مون ڪنهن کي ڏٺو؟'. 'قاسم کي ۽ ٻين کي ته اٺون سڃاڻان ٿو'. 'پر تون ڪير آهين؟'. 'جي ماڻهو ڏاهن ۽ نيڪن تي ٺٺوليون ڪندا آهن، سي خوفناڪ سنگتي هوندا آهن'. 'جڏهن سائيرس، ايران جو بادشاهه ننڍو هو، تڏهن ڪنهن پڇيس ته پهرين شيءِ جا تون سکئين، سا ڪهڙي هئي؟ جواب ڏنائين ته سچ ڳالهائڻ'. 'جن کي ٻين کي ڏيڻ لاءِ ڪينهي، سي بہ

ٻين جي خير گهرڻ سان، هنن کي هڪڙي قسم جي مدد ڏئي سگهون ٿا‘. ’جي آءٌ، ڊؤ هجان ته جيڪر ٻيو رستو وٺان‘. ’هو ڏاڍو سخت ماڻهو ٿو ڏسجي‘ ’گهنشامداس وڪيل جج مقرر ٿيو آهي‘. ’سزا ڏيڻ کان معافي ڏيڻ زياده لذت وارو آهي‘. ’ونئن کان ڏيڻ وڌيڪ ثواب وارو آهي.‘ ’ڪالهه اسان ٻي ٻجي ساني ناڏي، ۽ ٽيون ڏينهن ٻارهين ٻجي ڪاڏي هئاسون‘. ’جي اڪيون توکي گنهگار ڪن ته اهي ٻئي اڇلائي ڇڏ‘. ’جي آءٌ ڏوهاري نه هجان ته جيڪر بلڪل ڪين ڊڄان‘.

(و) شاهه جي رسالي مان هيٺين سٽن کي ٽڪرين نثر ۾ وجهو؛ پوءِ ٻڌايو ته هر هڪ ڪهڙي قسم جو جملو آهي، پوءِ انهن ۾ مبتدا، خبر ۽ انهن جا متعلق ڏيکاريو.

”ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، گهن وڍيندڙ هٿ ۾“.
”تو جني جي تات، تن ٻڻ آهي تنهنجي“.
”چکيو نه چوندن، هو جو ساءُ صبر جو“.
”ملڪ جي سيوين، تني ماڻڪ ميڙيا“.
”گهڙيا سي چڙهيا، اٿين انيئي“.
”هيڪ لڪئي پيو نينهن، آئي اوليس اول ۾“.
”سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪهڙا ٿين نه ڪڏهين“.
”نيڻ نمندا پس، وس ته ورن سپرين“.
”نااميدي نيچ، ته اوڏو ٿين اميد کي“.
”ڌوت توکان هڏ، پرانهو ٻڻ ڪينڪي“.
”هاري ڪر همت، ته دم ڏيئي دوست لهين“.
”مري جيئي ته ماٺين جانب جو جمال“.
”لکيو جو ندراڙ سو قلم ڪياڙيءَ نه وهي“.
”اڻ گهريو لوڪ گهٽو، جي گهُران مي نا هن“.
”لک لهي ٿي لوڏ جيجان تن جتن جي“.
”پيٽر آءٌ پلياس نه، ته سڪ سمهڻ ڇا لڳي؟“
”نيڏي پسي ٿي، هوتا آهي هيڪڙو“.
”ٻچن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي“.
”ڏور ڀانڊيون ڏسن، اگهه عجيبن جا“.
”جوڳي هئون نه جيئرا پائي جوڳ ۾ جيءُ“.
”اڏيو جو اوڏن سو شال ڊينگر ڊلو ۾ ٿئي“.
”ائين چوندي ڪير ته آءٌ ساڃاري سڄڻين“.

(۱۷) هيٺيون چوڪون درست ڪريو:

(۱) هن جا ڪم چڱي حالت ۾ نہ آهن.

'حياتيءَ جون مصيبتون بيشمار آهن، اِجها، ''گهرن جو مالڪ ٿو اچي''. 'شيطاني خوشيون جهٽ پٽ ڪن'. 'مک جون اکيون عجب جهڙا آهن'. 'اوهين ہہ اتي هئا ڪيئن؟' 'مصر جا منارا ڏن هزارن ورهين کان وڏيڪ آني بيٺل رهيو آهي'. 'تون اڄ اسڪول ۾ ، يا هئا يا نہ؟' 'پاڻون وڏن جو ادب رکڻ اسان جي ضروري فرضن مان آهن'. 'آئي وئي جي آدر ڀاءُ ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ چڱا ڪم آهن'. 'ماڻهن جي وڏي جماعت دنيا ۾ سڪ جي ٻڌڻ حيران آهن'. 'ماڻهن جو ڪوڙ جلد لهي ويا'. 'ڏهہ هزار لشڪر ولايت ڏي روانا ٿيا آهن'. 'ڪالهہ ڏهين ٻجي ڏاري مجلس اچي گڏ ٿيا'. 'سرڪار نوان حڪم جاري ڪن ٿا.' 'پارليمينٽ امير ۽ عام ماڻهن مان جڙن ٿا'.

(ب) 'ڪتاب، سليٽ ۽ تصوير منهنجا آهن'. 'ڪوڙي اميد ۽ ڪوڙو خوف ٻہ پسنديءَ جهڙا آهن'. 'تون ۽ هو نااميد ٿيو آهي'. 'آءٌ ۽ هاشم وڃڻ وارو آهي'. 'قاموس ۽ قلمي نرم ڌاتن مان آهن'. تنهنجو ڀاءُ ۽ ڀيڻ اچي ٿو يا نہ؟ ''ڏک ۽ سک دنيا ۾ گڏيا پيا آهن'. 'هو ۽ سندس زال ٻئي آيو آهي'. 'هو زال سان گڏجي آيا آهن.'

(ج) 'نڪي هي نڪي هو آني آيا'. 'نہ ڪپتان نہ خلاصي بچيو'. 'هو يا آءٌ ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ تيار آهي'. 'نہ دولت نہ تندرستي پروسي جوڳا آهن'. 'هو يا آءٌ قصوروار آهيان'.

(د) 'تون اهو شخص آهين، جنهن منهنجو ڪتاب کنيو اٿئي'. 'قاسم وڃي ٿو، سڏيان؟' تنهنجو قلم منهنجي پيتيءَ ۾ آهي، آئي ڏيان؟'

'مون توکي ۽ هن کي چيو تہ مون کي هن جي دوستيءَ جي ڪابہ پرواهہ ڪانهي'. 'آءٌ ۽ منهنجو پيءُ انگلينڊ ڏي ٿو وڃي'. 'آءٌ اهڙو ماڻهو آهيان جو اهڙيون صلاحون نہ ڏيندو آهي'. 'آءٌ انهن ماڻهن مان آهيان جو سچ چوڻ کان نہ ڊڄندا آهن'.

(هہ) 'جهاز گذريل هفتي ۾ آيو آهي.' 'آءٌ گهڻو وقت پيو ڳالهايان.' 'ڪالهہ آءٌ عجائب خاني ۾ ويو آهيان'. 'گذريل سومر جي ڏينهن آءٌ توکي ڏسڻ آيو آهيان.' 'هي ڪتاب ۱۸۹۳ع ۾ ڇپيو آهي.' 'اڄ صبح جو مون اهو ڪم پورو ڪيو آهي.' 'منهنجو ڀاءُ آيو، تنهن کان اڳي مون اهو خط لکي پورو ڪيو آهي'. 'مون هن کي چيو تہ اهو ڪم ڪرڻ غلط هو'. 'هو اهڙو بدلجي ويو هو، جو جيڪڏهن هو پنهنجو نالو نہ ٻڌائي، تہ جيڪر سڃاڻي نہ سگهانس'. 'جيڪڏهن تون نقشي ۾ نظر ڪندين تہ اهو پيٽ ڏسي سگهين ها'.

(١٨) هيٺيان ڌار ننڍا مفرد جملا ملائي وڏا مرتب يا مرڪب جملا ٺاهيو:

قاسم منهنجي گهر آيو، هاشم منهنجي گهر آيو، عمر ٿلهو ڇوڪر آهي، عثمان ٿلهو ڇوڪر نه آهي، هن کي دعوت ملي آهي، توکي دعوت ملي آهي، ڪڻڪ آمريڪا ۾ پيدا ٿئي ٿي، ڪپهه آمريڪا ۾ پيدا ٿئي ٿي، ڪڻڪ رشيا ۾ پيدا ٿئي ٿي، ڪڻڪ هندستان ۾ پيدا ٿئي ٿي، ڪپهه مصر ۾ پيدا ٿئي ٿي، سج اڀرندي کان اڀري ٿو، سج اولهندي ڏي لهي ٿو، شيشو لسو آهي، شيشو ڀورو آهي، شيشو شفاف آهي، واڍو ميزون ٺاهي ٿو، واڍو ڪرسيون ٺاهي ٿو، واڍو ٻيو سامان ٺاهي ٿو، سلون ٻيٽ ڏاڍو آباد آهي، انهيءَ ۾ چانهه پوک ٿئي ٿي، انهيءَ ۾ ڪافي پوک ٿئي ٿي. هو ٽڪل آهي، هو بکايل آهي، هو ٻڍو ماڻهو ڏسي نٿو سگهي، هو ٻڌي نٿو سگهي، نه ڊوڙ، نه ٽپ، استاد مون کي ماريو، استاد هن کي ماريو، اسان کي ٽڪڙو ٿيڻ گهرجي، چور ڀڄي ويندو، هن کي هڪدم پاڻي ڏيو، هو مري ويندو، ايمانداريءَ سان هل، نوڪريءَ مان نڪري ويندين، سبق برابر ياد ڪرڻ گهرجن، ماستر ڪاوڙيو، محنت ڪر، جد ڪان وڏيڪ محنت نه ڪر، بيمار ٿي پوندين. هو مضبوط آهي، هو ڪم ڪرڻ نٿو گهري، هن پنهنجو نه گهريو، هو بک ۾ پئي مئو، هو غريب ماڻهو تمام ضعيف هو، هو خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هو، احمد ڪيترو وقت اجايو وڃائي ٿو، هو امتحان پاس ڪيو وٺي، مون کي زڪام آهي، آءٌ گهر ويٺو رهندس، هو ڇوڪر شام جو گهر نه آيو، هن جا مائٽ بي آرام ٿيا، ڪاڏي لڪري ويٺي، آءٌ دير سان آيس، آءٌ هن تي ويساهه ٿو ڪريان، هو ايماندار آهي، هن کي انعام مليو، هو انعام جو لائق هو، آءٌ ڏاڍو ٿڪل هوس، مون سچو ڏينهن پنڌ ڪيو هو، هو ٻڌي مئو، هو تري نه ڄاڻندو هو، منهنجي ماءُ تمام ٻڍي آهي، منهنجي ماءُ اکين کان وڌي آهي، منهنجو پيءُ ٻڍو ٿيو آهي، منهنجو پيءُ پينشن وٺڻ ٿو گهري، آءٌ هشيار آهيان، هاشم زياده هشيار آهي، هو وڏو ٽپ ٿو ڏئي، آءٌ زياده وڏو ٽپ ٿو ڏيان، هي گهڙي سوڙهي آهي، هوءَ گهڙي به سوڙهي آهي، ماستر هن ڇوڪر کي گهڻو پاڻي ڏنو، ماستر مون کي به گهڻو پاڻي ڏنو، هن اها خبر ٻڌي، هو ڏاڍو خوش ٿيو، پنج ٿا لڳن، آءٌ هنڌ ڇڏي اٿان ٿو، راند پوري ٿيندي، پاڻ گهر هلنداسين، سج لٿو، هنن ڪم بند ڪيو، مون تنهنجو ياءُ ڏٺو آهي، هو ڪراچيءَ ۾ ٿو رهي، هي گهر منهنجي ڏاڏي جو آهي، آءٌ انهيءَ ۾ ڄائو هوس. چور منهنجو گهوڙو چورايو، اهو هاڻ جيل ۾ آهي. اهو ڇوڪر توکي ياد آهي؟ تو هن کي ڪراچيءَ ۾ ڏٺو هو. بابي وٽ دوربين آهي، انهن سان هو تارا ڏسندو آهي. ميل کن پنڌ تي مون هڪڙو چيتو ڏٺو، اهو نڪر تي جلد جلد چڙهندو آيو، اهو پيچرو اتي ٿي آيو جتي آءٌ بيٺو هوس. هو ايماندار آهي، هو محنتي آهي، هو ڪم لعيب آهي، هو بدن ۾ ضعيف آهي، آءٌ قاسم کي

ڏسڻ وڃس، هو انهيءَ گهٽيءَ ۾ ٿو رهي، مون کي ماڻس ڪم هو، هو گهر ڪونه هو، ڏوهه ظاهر ٿي پيو، هن جي ڏٺيءَ کيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو، هو ڏهه ورهيه سندس نوڪريءَ ۾ هو. مون کي ڪراچيءَ جي هوا نٿي وڻي، آها ڏاڍي گهميل آهي منهنجي مرضي آهي ته ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃي رهان، آءٌ گهر کان ٻاهر هوس، هو منهنجي گهر آيو، هو منهنجي بندوق آڏاري وٺڻ آيو هو، منهنجي ڀيڻ کان سواءِ ڪٿي هليو ويو. مون کي اڃا انهيءَ ڪتاب جا پنجاهه صفحا پڙهڻا آهن، امتحان تمام ويجهو اچي پيو آهي، مون کي ڏهه صفحا ته ڏهاڙي پڙهڻ گهرجن، اهو ڪتاب تڏهن پورو ڪري سگهان.

اشارو: مٿين سوالن ۽ مشقن جا جواب مٿين ٻن بابن جي مضمون پڙهڻ سان، آسانيءَ سان ڏئي سگهجن ٿا.

باب پنجون

علم نحو جو ٻين ڪن علمن سان واسطو

مٿين بابن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو، ته حرفن مان لفظ ۽ لفظن مان جملا ٿا ٺهن. حرفن جي بابت جيڪو علم آهي تنهن کي علم ’املا‘ ٿا چون. جي صورتن ۽ حالتن ڦرڻ گهرڻ کي. علم ’صرف‘ ٿا چون، ۽ لفظن مان جملن ٺهڻ ۽ انهن جي ترتيب، ترڪيب ۽ تفريق کي علم ’نحو‘ ٿا چون. جيئن حرفن ۽ لفظن جي سڃاڻپ جملن لاءِ ضروري آهي، تيئن علم املا ۽ علم صرف، علم نحو جي لاءِ ضروري آهن. ساڳيءَ طرح جملن مان وري بيان ٿا ٺهن، جن ۾ ڪيتريون صنعتون ڪم اچن ٿيون، نثر ۽ نظم ڪم اچن ٿا، اصطلاح ڪم اچن ٿا، حجت دليل آڻڻا ٿين ٿا، جي سڀ ٺهرايل قانونن موجب ٿيڻا آهن. تنهنڪري صحيح لکڻ، صحيح ڳالهائڻ، صحيح خيال ڪرڻ ۽ صحيح دليل ڪرڻ، انهيءَ سڀ ڪم کي عمدي طرح ڪرڻ لاءِ علم صرف ۽ علم نحو جو ڪيترن ٻين علمن سان واسطو ٿو رهي، جن جا اصول ڄاڻڻ ضروري آهن، نه ته مضمون نويسي، بيان نويسي، عبارت آرائي، فصاحت ۽ بلاغت، مشڪل حاصل ٿي سگهندي. اهي ٻيا علم اڪثر هي آهن: علم ’بيان‘، علم ’منطق‘، علم ’عروض‘ علم ’بديع‘، علم ’مناظره‘. انهن مان هر هڪ علم جو جدا جدا قانون ۽ اصول آهن، جي پڙهڻ ۽ معلوم ڪرڻ گهرجن. هتي انهن علمن سان علم نحو جو جيڪو واسطو رهي ٿو، سو ڏيکاريندا سين ۽ انهن جي وچ ۾ مشابهت، موافقت ۽ تفاوت پڌائيندا سون. عربي توڙي انگريزي ٻوليءَ ۾ اهو رستو ورتل آهي، تنهنڪري اسين علمن ڏي اشاري ڏيڻ کان سواءِ ’نحو‘ جو ڪتاب پورو ڪري نه سگهنداسين.

معلوم هجي ته لفظ کي لفظ تڏهن چئبو، جڏهن زبان سان ظاهر ٿيندو يا وات مان نڪرندو. جيسين اهو دل ۾ هوندو تيسين انهيءَ کي 'خيال' چئبو. خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جو هئڻ ضرور آهي. تنهنڪري صحيح ٻولي ڳالهائڻ، برابر سبب ڏيڻ ۽ بيان ڪرڻ هڪڙو ضروري علم ۽ هنر آهي. ٻوليءَ ۾ اهو فائدو آهي ته ماڻهو پنهنجو خيال ظاهر ڪري، ٻئي کي سمجهائي سگهي ٿو، ۽ انهيءَ خيال جي نتيجي کي آئيندي وري ڪم اچڻ ۽ وسرڻ کان بچائي سگهي ٿو.

گرامر يا صرف ۽ نحو جو خاص مطلب آهي، صحيح ڳالهائڻ ۽ صحيح لکڻ. 'منطق' جو خاص مطلب آهي برابر خيال ڪرڻ ۽ برابر سبب ڏيڻ. گرامر موجب خبر پوي ٿي، ته لفظن جا ڪهڙا قسم آهن، ۽ جملن ۾ هڪڙي لفظ جو ٻئي لفظ يا لفظن سان ڪهڙو واسطو آهي.

گرامر موجب لفظن جا ٽي قسم آهن: 'اسم'، 'فعل' ۽ 'حرف' ۽ منطق موجب به لفظن جا ٽي قسم آهن: 'مبتدا'، 'خبر' ۽ 'حرف' يا 'ڪلمه رابطه'. گرامر سان ۽ نحو ۾ اهي ساڳيا قسم اچن ٿا، جنهنڪري گهڻن ڳالهين ۾ نحو جي منطق سان مشابهت آهي، اهو حرف، رابطه، يا ڪلمه رابطه، يا 'اثباتي' آهي يا 'منفي' جئن ته 'هو ماڻهو ڏاهو آهي'. 'هو ماڻهو ڏاهو ناهي'.

وري منطق توڙي نحو موجب انهيءَ علم جا ٽي ڀاڱا آهن: پهريون ڪلمه يا لفظ، ٻيو ڪلام يا جملو، ٽيون دليل يا بيان. پهرئين لاءِ سمجهڻ جي سگهه گهرجي، ٻئي لاءِ انصاف ڪرڻ يا فتويٰ ڏيڻ جي سگهه، ۽ ٽئي لاءِ سبب ڏيڻ يا حجت ڪرڻ جي سگهه.

صرف نحو ڏيکاري ٿو، ته حرف ملائي لفظ ۽ لفظ ملائي جملا ڪيئن ٺاهجن، ۽ منطق ڏيکاري ٿو ته ڪلما ڪيئن جوڙجن، ۽ ڪلما ملائي دليل ڪيئن جوڙجن.

ڪلمن جا مثال: سڪندر، ماڻهو، نيڪ، جماعت، گهوڙي جو لغام وغيره.

ڪلام جا مثال: هي دنيا فاني آهي، سخيءَ جو هٿ منجهي ٿي ڪين، وغيره.

دليل جا مثال: (١) جو بادشاهه پنهنجي رعيت جو خيرخواه نه ٿيو، تنهن پنهنجي بادشاهي وڃائي. نيپولين پنهنجي رعيت جو خيرخواه نه ٿيو. تنهنڪري نيپولين پنهنجي بادشاهي وڃائي.

(٢) سڀ ماڻهو مرڻا آهن. يعقوب ماڻهو آهي، تنهنڪري يعقوب مرڻو آهي.

اثباتي ۽ منفي قسمن کان سواءِ، منطق موجب ڪلام جا ٻيا به ٻه قسم آهن: هڪڙو عام، جنهن ۾ خبر سڄي مبتدا جو اثبات يا نفي ڏيکاري، مثلاً 'سڀ ماڻهو مرڻا آهن'. 'ڪوبه ماڻهو وري جيئرو نه ٿيو آهي'. ٻيو خاص، جنهن ۾ خبر سڄي مبتدا

جو اثبات يا نفي نٿو ڏيکاري. مثلاً ’ڪي ماڻهو ٺڳ آهن‘ ’ڪي ماڻهو ڏاها نہ آهن‘.

وري نسبت موجب ڪلام جا ٽي قسم آهن: بيانيہ، شرطيہ ۽ اختلافيہ. هر هڪ جو هڪ مثال ڏجي ٿو. ’ڪي ماڻهو نيڪ آهن‘. ’جيڪڏهن سانوڻ ۾ مينهن وسندا تہ سڪار ٿيندو‘. ’واپار جي ڪم مان يا نفعو ٿيندو يا نقصان ٿيندو‘.

ڪلام ۾ جو ڪلمو: سڀ ڏيکاري ٿو، تنهن کي تقسيم ٿيل ڪلمو چئبو، ۽ جي نہ تہ انهيءَ کي تقسيم ٿيل نہ چئبو. جيئن تہ: ’سڀ ماڻهو ويا‘. ’ڪي ماڻهو ويا‘.

وري ٻن يا زياده ڪلامن مان جي ڪو ٻيو علحده ڪلام ڪڍبو، تہ انهي کي ’قياس‘ چئبو آهي. قياس جا ٻہ قسم آهن: باآزمودي ۽ بي آزمودي. مثال هر هڪ جو: (۱) سڀڪو ٻهڻ پاڻيءَ ۾ اڇلڻ سان وڃيو تر ولي، هي بہ هڪڙو ٻهڻ آهي، تنهنڪري اهو بہ پاڻيءَ ۾ اڇلڻ سان وڃي تر ولندو. (۲) لوهہ کي تائڻ باهہ ۾ وجهڻ سان تپي ڳاڙهو ٿي پوندو.

وري قياس بي آزمودي جا ٻہ قسم آهي: هڪڙو دليلي ۽ ٻيو غير دليلي. دليل ۾ ٽي مقدما ٿيندا آهن. هڪڙو ڪبير يا وڏو، ٻيو صغير يا ننڍو، ٽيون وسطي يا وچون. انهيءَ طرح وري قياس ۽ دليل جا گهڻائي قسم آهن، جن جو بيان منطق جي ڪتابن ۾ ڏنل آهي.

مٿئين ذڪر مان معلوم ٿيندو، تہ صرف، نحو ۽ منطق جو پاڻ ۾ ڪهڙو واسطو آهي، ۽ آهي ڪيئن هڪٻئي لاءِ ڪمائتا ٿي سگهن ٿا. ٽنهي ۾ ترڪيب، ترتيب ۽ تفريق جو اصول يا بنياد ساڳيو آهي. صرف ۽ نحو موجب جيڪي لفظ يا فقرا يا جملا زياده يا متلق آهن، سي يا فاعل سان يا مفعول سان لاڳو ٿا ٿين. منطق موجب سڀڪو متعلق، جو مبتدا جي ٻلي ناهي، سو خبر جو ڀاڱو شمار ۾ ٿو اچي. مثلاً: ”سڪندر دارا کي جيتيو“. هاڻي انهيءَ ۾ گهڻا متعلق وجهي هڪڙو وڏو جملو يا مختصر بيان ٿا ڪريون. ”سڪندر اعظم، فيلقوس جي پٽ، مقدونيہ جي بادشاهہ، عيسوي صديءَ کان ۳۳۰ ورهيہ اڳي، هڪڙو ننڍو لشڪر وٺي، پوريءَ طرح دارا کي جيتيو، جو ايران جو بادشاهہ هو، ۽ پنهنجي ملڪ جي حد اندر هو ۽ بيشمار لشڪر ساڻس هوس“.

اهو بيان ڪيئن ٺهيو، تنهن جو رستو سوال ۽ جواب جي رستي نمولي لاءِ هيٺ ڏجي ٿو، جو ترڪيب ۽ تفريق لاءِ بہ ڪمائتو ٿيندو، ۽ حجت دليل لاءِ بہ. متڪيہ فعل آهي جيتيو. ڪنهن جيتيو؟ سڪندر. ڪهڙو سڪندر؟ سڪندر اعظم،

آهو ڪير هو؟ مقدنيه جي بادشاهه فيلقوس جو پٽ. ڪڏهن انهيءَ کي جيتيائين؟ عيسوي سن کان ٣٣٠ ورهيه اڳي. اڌو ڳابري طرح ڪيس جيتيائين يا ڪيئن؟ نه بالڪل پوري طرح. ڪهڙي آپاءَ سان هن کي جيتيائين؟ هڪڙي ننڍي لشڪر سان. دارا ڪير هو؟ ايران جو بادشاهه هو. سڪندر دارا کي ڪهڙي هنڌ جيتيو؟ خود دارا جي ملڪ ۾. ڪهڙي حالت سندس برخلاف هئي؟ دارا سان بيشمار لشڪر هو ته به جيتي ورتائينس.

منطق موجب باقي هڪ ٻه نمونا قياسن ۽ دليلن جا ڏينداسين. ڪي قياس ڪوڙا ۽ غلط هوندا آهن، اگرچ ظاهري صحيح ۽ سچا ڏسبا آهن. انهن کي قياس ڪاذب چوندا آهن. پر سمجهه وارو انهن جي چوڪ سهي ڪري، انهيءَ کي غلط ثابت ڪندو آهي. مثلاً: حيص بيص (لفظي معني مونجهارو يا ڳُنتي) منطق جي اصطلاح موجب هڪڙو مرڪب دليل آهي، جنهن ۾ هڪڙو مقدمه شرطيه آهي ۽ ٻيو اختلافيه. جيئن ته جي الف ب آهي، ته ت ث آهي، ۽ ج د ناهي. تنهنڪري الف ب ناهي، عملي مثال هي آهي، ڪو آزمودگار وڪيل، ڪنهن نئين وڪيل کي وڪالت جي تعليم ڏئي ٿو، انهيءَ شرط سان ته ٺهرايل رقم جو اڌ هو نئون وڪيل انهيءَ کي شروع ۾ ڏيندو، ۽ باقي ٻيو اڌ جڏهن نئون وڪيل تعليم وٺي، پنهنجي منهن ڪو ڪيس وٺندو ۽ کٽندو، تڏهن ڏيندس. ورهيه ٻن کان پوءِ جڏهن نئون وڪيل تعليم وٺي رهيو، تڏهن نڪي پنهنجي منهن وڪالت ڪري، نڪي شرط موجب پنهنجي استاد کي رهيل اڌ رقم ڏئي. ٻڍي وڪيل گهڻو چيس پر هو نٽائيندو وتيو. نيٺ ٻڍي وڪيل ڪورٽ ۾ مٿس دعوا ڪئي. جڏهن ٻئي ڌريون ڪورٽ ۾ آيون، تڏهن ٻڍي وڪيل ننڍي وڪيل کي چيو، ته "هاڻي ڏس ته رهيل اڌ رقم منهنجي محنتاڻي جي ڏين ٿو يا نه. جي هن منهنجي دعوا ۾ تو ڪيس کٽيو ته به شرط موجب مون کي اڌ رقم ڏيندين، ۽ جي مون کٽيو، ته به ڪورٽ جي ڊگريءَ موجب ضرور توکي رقم ڏيڻي ٿيندي". اها هڪڙي 'حيص بيص' هئي، جنهن کي ننڍي وڪيل چالاڪي ڪري هيئن هٽايو. استاد کي چيائين ته "ائين ناهي. جي جج منهنجي فائدي ۾ فتوي ڏني، ته اوهان ڪورٽ جي فيصلي موجب پيسا وڃايا، ۽ جي جج اوهان جي فائدي ۾ فتوي ڏني ته مون پهريون مقدمون هارايو، تنهنڪري اوهان کي ڪي به ڪين ڏيندس. ٻڍو وڪيل ڏاڍو لڄي ٿيو، ۽ سنُور ٻي دعوي ڇڏي هليو ويو.

ٻه ٽي ٻيا قياس ڪاذب جا نمونا هيٺ ڏجن ٿا: (١) يورپي ماڻهو هشيار ٿيندا آهن. احمد هشيار آهي. تنهنڪري احمد يورپي آهي. (٢) پکي هوا تي آهن، هوا زمين تي آهي، تنهنڪري پکي زمين تي آهن. (٣) ڪڪڙ آني مان نڪتو آهي، آنو ڪڪڙ مان نڪتو آهي، تنهنڪري آنو آني مان نڪتو آهي. (٤) هڪڙي

شخص جي روپين جي ڳوٿري کوهه ۾ ڪيري پئي، ڪنهن ماڻهوءَ کي چيائين ته هيءَ ڳوٿري ڪڍ، پوءِ الهيءَ مان جيڪي توکي وڻي سو مون کي ڏج، باقي تون پاڻ رکج. هن اها ڳالهه قبول ڪري ڳوٿري ڪڍي. پوءِ انهيءَ مان هڪڙو رپيو مالڪ کي ڏنائين، هو ويچارو مڙي ويو ۽ وڃي مٿس دعوا ڪيائين. ڪورٽ ۾ مدعاعليه چيو، ته انجام موجب جيڪي مون کي وڻيو سو مون هن کي ڏنو. مدعي انهيءَ جي رد ۾ جج کي چيو، ته سائين هن کي وڻيا ته گهڻا رپيا، جي پاڻ وٽ رکيائين، تنهنڪري انجام موجب مون کي اهي ملڻ گهرجن.

انهيءَ طرح مشڪوڪ يا ٻن معنائن وارن لفظن تي، اهڙي قسم جا تڪرار ٿيندا آهن. جيئن ته تکو، ڪارو، ٻيڙي، تاڙي، ڪپ، ٿورو، ڪام، گهاٽو، سنگ، گهڙي، مٽ، پينگهو، ڏونڪو، ڪڪر، ڪاراڻي، ساڙهي، چغل، تؤ. وغيره. (١)

عربي علم منطق وارن موجب، سچي ۽ ڪوڙي خيال کي 'فڪر صحيح ۽ فڪر فاسد' چون ٿا، ۽ علم منطق انهيءَ کي سڃاڻڻ جو رستو ڏسيندڙ آهي: فڪر يا خيال جي معنيٰ آهي، ذهن جو توجه ڪن حقيقتن يا ڳالهين ڏي، جن کي 'مبادي يا دعوائون' چون ٿا. ذهن جي معنيٰ آهي سمجهه يا ارادي جي طاقت. اها قوت آرسيءَ وانگي آهي، جنهن ۾ سڀ معقولات ۽ محسوسات جي تصوير ظاهر ٿئي ٿي. انهن جي معلوم ڪرڻ کي علم چوندا آهن. علم ٻن قسمن جو آهي هڪڙو 'تصور' ۽ ٻيو 'تصديق'. جيسين ڪا ڳالهه فقط خيال ۾ آهي، پر ڪنهن حڪم کان خالي آهي، تيسين انهيءَ کي تصور ٿا چون. جڏهن انهيءَ ۾ حڪم شامل ٿيو، تڏهن انهيءَ کي تصديق چئبو. مثلاً: قاسم. انهيءَ مان فقط قاسم شخص جي صورت ذهن

(١) تکو = تيز هلڻ ۾ يا سواريءَ ۾، ۽ ڪبوتر تکو. ڪارو = سواد ۾ ڪارو ۽ نوڪرو. ٻيڙي = پاڻيءَ ۾ هلڻ جي، ۽ لوهه جي ٻيڙي، جا ڏوهين کي پولدي آهي. تاڙي = هٿ سان وڄائبي آهي، ڪنن تي تاڙي ايندي آهي، در جي بند ڪرڻ جي تاڙي، ڪجيءَ مان تاڙي لڪرلدي آهي، لشي واري. ڪپ = ڇري ۽ درياه جو ڪنارو. ٿورو = گهٽي جو ضد ۽ احسان. ڪام = شهتير، لڪڻ ۽ شهوت يا عشق. گهاٽو = ڇڙو جو ضد ۽ نقصان. سنگ = سنگت ۽ اَن جو سنگ. گهڙي = ننڍڙو دلو يا دلي، وقت ۽ وڄائڻ جي گهڙي. مٽ = پاڻيءَ جو مٽ ۽ برابر. پينگهو = لُڏڻ جو پينگهو. مينهن جي ٽنگ ٻڌڻ جو رسو. ڏونڪو = دهل يا لغاري وڄائڻ جو ڏونڪو ۽ ڳجيءَ جو ڏونڪو. ڪڪر = آسمان جو ڪڪر ۽ سڃ. ڪاراڻي = ڪاٺي وڍڻ جي ۽ ٻالهن جي ڪاراڻي. ساڙهي = چادر ۽ ننڍو لوڻو. چغل = چغلي هڻندڙ، ۽ حقي يا چلم جي نوڙيءَ ۾ جيڪو اگر وغيره وجهبو آهي. تؤ = سيڪ، ۽ مائي پچائڻ جو تئو.

۾ آئي، تہ اهو تصور آهي. پر جي انهيءَ سان اها ڳالهہ بہ شامل ٿي، جيئن تہ 'قاسم پڙهيل ماڻهو آهي'، تہ اها تصديق ٿي. حڪم جي لغوي معنيٰ آهي هڪڙي شيءِ جي ٻي شيءِ سان نسبت يا واسطو. مٿئين مثال ۾ هڪڙي شيءِ آهي، قاسم ۽ ٻي آهي پڙهيلائي. حڪم ٻن قسمن جو آهي 'بالايجاب' يا اثباتي ۽ 'باالسلب' يا منفي. وري 'تصور' بہ ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو 'بديهي' يا 'ضروري'، جنهن ۾ نظر يا خيال ڪرڻ. جو ضرور نہ هجي، جيئن تہ رنگ يا گرمي معلوم ڪرڻ. ٻيو 'نظري'، جنهن ۾ نظر يا خيال ضرور هجي، جيئن تہ روح يا ملائڪ يا جن وغيره بابت. ڪهڻن تصورن جي ميلاپ کي 'معرف' چون، ۽ ڪهڻن تصديقن جي ميلاپ کي حجت ۽ دليل چون. اهي ٻئي درحقيقت معنائون آهن نہ لفظ. مثلاً: انسان جي معنيٰ تہ جسم ۽ جان وارو جانور آهي، جنهن کي ماڻهو ٿا سڏين ۽ پر حيوان ناطق آهي، يعني جنهن کي عقل ۽ نطق يعني ڳالهائڻ جي طاقت آهي.

انهيءَ طرح منطقي عالم لفظن ۽ معنائن جا قسم مقرر ڪن ٿا. جيئن تہ 'مفرد'، 'مرڪب'، 'مرڪب تام' ۽ 'غير تام'. ساڳيءَ طرح معروف ۽ تصديق جا جدا جدا قسم مقرر ٿا ڪن. هرهڪ قول کي 'قضيہ' ٿا چون، جو يا سچو آهي يا ڪوڙو، جنهنڪري انهن کي 'صادق' يا ڪاذب ٿا چون. هرهڪ ۾ نحو وانگي مبتدا، خبر ۽ رابطہ آهي. پوءِ وري قضيہ جا قسم ٿا ڏين. شرطيہ، حمليہ، متصلہ ۽ هرهڪ انهن مان يا موجبہ آهي، يا سالبہ يعني اثباتي يا منفي. قضين کان لنگهي پوءِ حجت يا دليل تي ٿا اچن، جنهن مان ٽي قسم ٿا ڪن. هڪڙو قياس يعني ڪُل مان جزوَ جو حال پروڙڻ، جيئن تہ سڀ انسان حيوان آهن ۽ سڀ حيوان جسم آهن، تنهنڪري سڀ انسان جسم آهن. انهيءَ نتيجي کي استدلال ٿا چون. ٻيو استقرار، يعني جزو مان ڪل جو حال پروڙڻ ۽ ٽيون تمثيل يعني جزو مان جزو جو حال پروڙڻ.

وري قياس جا ٻہ قسم آهن اقتراني ۽ استثنائي. هڪڙي ۾ نتيجو ذڪر ڪيل آهي ۽ ٻئي ۾ نہ آهي. قياس ۾ ٻہ مقدما ڏيندا آهن ۽ ٽيون نتيجو. پهرين مقدمہ کي صغريٰ ۽ ٻئي کي ڪبريٰ چوندا آهن. هرهڪ قياس جي قسم جون جدا جدا شڪليون آهن جن جو بيان ڏيڻ هتي اجايو آهي.

منطق جي علم مان ڦٽي وري علم 'مناظره' نڪري جو بحث ڪرڻ جو علم آهي، جنهن مان ڪنهن ڳالهہ جي حقيقت ظاهر ۽ ثابت ٿي ٿئي. پر جتي فقط ٻئي ڌر کي ڪوڙو ڪرڻو هجي، جئن اڪثر وڪيل ڪوشش ڪندا آهن، حق تي يا ناحق تي، آتي انهي کي 'مجادلہ يا مغالطہ يا مڪابره چوندا آهن. انهيءَ علم ۾ جيڪي قول ڪم ايندا آهن تن جا جدا جدا نالا ۽ صفتون آهن، جئن تہ استدلال، اساره، معارضہ، دَوراڻ وغيره. جن جو ڊگهو تفصيل آهي. اسان کي فقط اهو ڏيکارڻو هو

۽ حرفن مان لفظ ۽ لفظن مان جملا ۽ جملن مان دليل ۽ دليلن مان بيان ۽ بحث پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ هرهڪ لاءِ ڌار علم ۽ قانون آهن، جن موجب آهي پوري طرح ڪم اچي سگهن ٿا. انهيءَ طرح جي مضمون جي نظر تي اڳتي هلندا وڃون ته پيا به ڪيترائي علم انهن سان ڳنڍيل رهن ٿا، جن جو بنياد گويا صرف ۽ نحو تي رکيل آهي جيئن ته علم حڪمت ۽ فلسفو ۽ طبيعيات ۽ اخلاق ۽ عقائد ۽ فقه ۽ تفسير وغيره.

هيستائين اسان علم نحو ۽ علم منطق ۽ مناظره جو واسطو بيان پئي ڪيو آهي. هاڻي مختصر طرح نحو جو علم معانيءَ سان واسطو ڏيکاريندا سين. علم معانيءَ موجب ماڻهوءَ کي مناسب حال تي اها نظر ڪري ڪلام اُچارڻو ٿو پوي ته اهو ڪلام نامناسب يا بيجا نظر نه اچي. مثلاً خوشيءَ جي حال بيان ڪندي غم جو ذڪر نه ڪري، يا ترغيب ڏيڻ وقت ڊيڄارڻ جهڙي ڳالهه نه آڻي، يا شڪ ڏيکاريندي پڪ جي ڳالهه نه آڻي وجهي، يا انڪار بيان ڪندي قبوليت جهڙو ذڪر نه ڪري. انهي ڪري علم معاني بلاغت ۾ داخل آهي ۽ 'علم معاني' ۽ 'علم بديع' فصاحت ۾ داخل آهي. بلاغت ڪلام جي معنيٰ ۽ مطلب سان تعلق ٿي رکي ۽ فصاحت ڪم آيل لفظن ۽ عبارت سان تعلق ٿي رکي.

علم معانيءَ جا به نحو وانگي قانون آهن. اسين هتي رڳو نمونو ڏينداسين ڪنهن به ڪلام جو حُسن ٻن قسمن جو آهي ـ ذاتي ۽ عرضي. ذاتي حسن موجب انهيءَ ڪلام جا لفظ 'فصاحت' وارا هئڻ گهرجن ۽ معنيٰ 'بلاغت' واري هجي. فصاحت وارن لفظن جي معنيٰ اها آهي ته آهي انهيءَ ٻوليءَ وارن جي محاوري ۽ اصطلاح موافق هجن. نڪي اهڙا جهنگلي ۽ چٽڪا هجن جي اڻ پڙهيل ڳالهائين ۽ ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪم نه اچن، نڪي اهڙا مشڪل ۽ معلق هجن جو ذري ذري انهن جي معنيٰ پروڙڻ لاءِ لغت ڳولڻي پوي. ۽ بلاغت واري معنيٰ اها آهي ته مناسب حال موافق هجي ۽ انهي جي برعڪس نه هجي. ڪلام جو عرضي حسن انهي ۾ آهي، ته انهي جي تمهيد يا شروعات چڱي وجه سان ٿيل هجي، ۽ منجهس مناسب صنعتون ڪم آيل هجن ۽ عبارت آرائي قاعدي موجب هجي. انهي لاءِ ڪلام جا عيب نمبروار ڏيکاريل آهن، جن کان گوشو ڪرڻ گهرجي. جيئن ساڳيا لفظ وري وري ڪم نه آڻجن، اصطلاح ۽ محاوري جي برخلاف لفظ ڪم نه آڻجن، اخلاق جي ڪراهت جهڙا لفظ ڪم نه آڻجن، وغيره. هرهڪ عيب جو انهي علم ۾ نالو مقرر آهي.

وري انهي علم معانيءَ موجب ڪلام ٻن قسمن جا آهن. هڪڙي کي 'خبر' چون ۽ ٻئي کي 'طلب'. خبر چئبو آهي، ڪن ٻين جي واقعن يا حقيقتن جي نقل ڪرڻ کي، پوءِ آهي سچيون به ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪوڙيون به. طلب چئبو آهي،

خود ڳالهائيندڙ يا لکندڙ جي پنهنجي راءِ يا خيال جي بيان ڪرڻ ڪري. خبر ڪي حڪم يا اسناد ٻه چون ٿا ۽ انهيءَ جا ٻه قسم آهن. 'حقيقت عقليه' ۽ 'مجاز عقليه'. هڪڙي ۾ حقيقي فاعل هوندو آهي، ۽ ٻئي ۾ مجازي فاعل. جيئن ته ڪو عالم ماڻهو چوندو، ته جهان کي خدا تعاليٰ سرسبز ۽ آباد ڪري ٿو. ۽ جاهل چوندو، ته جهان کي برسات يا بهار جي موسم سرسبز ۽ آباد ڪري ٿي. وري طلب جا ٻه ٻه قسم آهن: 'ممڪن يا ترجي' ۽ 'محال يا تمني'. ممڪن لاءِ حرف استفهام ۽ ٻيا ڪي حرف ڪم ايندا آهن. مثلاً تون دولتمند آهين، توکي غم ۽ فڪر سان ڪهڙو ڪم؟ ۽ محال ۾ دعا يا خواهش جا حرف ڪم ايندا آهن، جيئن ته 'شل تنهنجا دشمن دفع ٿين!' جواني موٽي اچي ته ڪهڙو نه چڱو!'

علم بيان جو واسطو 'نحو' سان هي آهي، ته هن علم موجب هڪڙي معنيٰ گهڻن رستن سان ۽ جدا جدا عبارتن ۾ ظاهر ڪجي، ۽ انهيءَ مان هڪڙيون ڳالهيون ٻين مان معلوم ٿي سگهن. هن علم جو مدار چئن ڳالهين تي آهي.

"تشبيه'، استعاره'، 'مجاز مرسل' ۽ 'ڪنايه ۽ تشبيه' جو ڪجهه بيان نحو ۾ آيو آهي، اها ٻن شين جي مشابهت لاءِ ڪم ايندي آهي، ۽ منجهس حرف تشبيهه، مشبه ۽ مشبه به وجه تشبيه هوندا آهن، ۽ ضرور آهي ته اهي ٻئي شيون مختلف جنس جون هجن، ۽ ڪنهن وصف يا خاصيت جي ڪري مقابلي سان ڪيون وڃن. جيئن ته محبوب جو ڳل چنڊ جهڙو چمڪندڙ آهي، يا گلاب جي گل جهڙو ڳاڙهو آهي؛ يا احمد شينهن جهڙو زورآور آهي.

'استعاره' بابت به نحو ۾ اشارو ڏنل آهي. انهيءَ ۾ ڪا خاصيت آڌاري وٺي ٻنهي شين لاءِ ڪم آڻيندا آهن، جن کي 'مستعارله' ۽ 'مستعارمنه' چوندا آهن، ۽ ٽيون وجه جامع سڏبو آهي. جيئن محبوب جي اکين کي نرگس چوندا آهن. محبوب جون اکيون نرگس جهڙيون آهن، چئبو ته اها تشبيهه ٿي. پر خود 'نرگس' آهن، چئبو ته اهو "استعارو" ٿيو. ترار کي 'وڄ' سڏڻ ۽ 'سهر' کي ڪڪر سڏڻ ۽ رت کي 'مينهن' چوڻ ۽ ڪرندڙ سسين کي 'ڳڙا چوڻ'، استعارو آهي.

'مجاز مرسل' تڏهن آهي، جڏهن ڪو لفظ غير معنيٰ جي جاءِ تي مجازي طرح ڪم اچي، جيئن ته "سج ۾ وڃي ويهه"، يعني اُس ۾. هتي سبب 'مسبب' جي بدران ڪم آيو آهي. يا تون منهنجي اک ۾ آهين. هتي اک جي معنيٰ نظر يا نگهباني. يا گلاب آس ۾ رک. هتي گلاب جي معنيٰ آهي گلاب جو شيشو. اتي ظرف مظروف' جي بدران ڪم آيو آهي. "کوها ڪاله ڪٽي، آن وڌا آنر آسري". هتي آنر جي معنيٰ آنر جو واهه.

'ڪنايه' تڏهن آهي، جڏهن ڇٽائي ڇڏي اشارو ڏجي. مثلاً 'سج کي خطاب ڪري چوڻ ته 'تنهنجي مٿان سرخ رنگ جنگي بهادر بيٺل آهي، ۽ تنهنجي هيٺان خوبصورت ڳائيندڙ زال بيٺل آهي'. پهريون اشارو آهي مريخ تاري ڏي، جنهن جو جنگ سان واسطو آهي، ۽ ڳاڙهي رنگ جو آهي، ۽ ٻيون اشارو آهي زهره تاري ڏي، جنهن کي خوبصورت زال ۽ ڳائڻ واري سمجهندا آهن. 'ڪنايه' جا گهڻائي قسم آهن: جيئن ته قريب، بعيد وغيره. پر انهن جو ذڪر ڪرڻ ڪتاب وڌائي وجهندو.

هاڻي اسين نحو جو علم 'بديع' يا بدايع سان واسطو ڏيکاريندا سين. هن علم مان ڪلام ٻن قسمن جو آهي، نثر ۽ نظم. نثر ڏن قسمن جو آهي. مرجز، مسجع ۽ عاري. پهرئين ۾ شعر وانگي وزن آهي. پر قافيو ڪونهي؛ ٻئي ۾ قافيو آهي پر وزن ڪونهي. ٽئي ۾ نڪو وزن اهي نڪو قافيو. مثال هر هڪ جا. (١) فقير جي اک هن جي روح جي مايل ٿي، ۽ هن جي دل هن جي خوء جي مايل ٿي. (٢) هن خواهش پڪي ڪئي ۽ نيت پڪي، ته خلوت جو گوشو وڃي وسائي ۽ ماڻهن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائي. (٣) هن پڪو ارادو ڪيو ته وڃي خلوت ۾ ويهي، ۽ ماڻهن کي ٺڳاري پاڻ وٽ آڻي.

نظم جا ڏهه قسم آهن: غزل، قصيدو، تشبيب، قطعو، رباعي، فرد، مثنوي، ترجيع بند، مسمط، مستزاد.

غزل ۾ پنجن بيتن کان ٻارهن تائين اچن ٿا، ۽ ڪي چون ٿا ته سترهن تائين. پهرئين بيت کي مَطلع، چون ٿا ۽ پوئين کي مقطع، جنهن ۾ شاعر جو نالو يا تخلص اچي ٿو. سڀني بيتن ۾ ساڳيو قافيو ۽ رديف رهي ٿو. مضمون ۾ تعريف ڪنهن جي هوندي آهي، شاعر جو نالو وچ ۾ يا پڇاڙيءَ کي ويجهو ڪنهن بيت ۾ ايندو آهي.

تشبيت به هڪڙي قسم جو غزل آهي. مضمون اٿس تعريف، ڪنهن جي يا جواني بابت يا باغ بهار بابت وغيره.

قطعو آهي غزل جو ٽڪر سواءِ مطلع جي.

رباعيءَ ۾ ٻه بيت يا چار مصراعون آهن. سڀ مصراعون يا پهريون ٻه ۽ چوٿين، ساڳئي قافيه ۽ رديف سان ايندڙون آهن. انهيءَ جو ٺهرايل 'بحر' هي آهي. مفعول مفاعيلن مفاع.

فرد: بيت آهي، جنهن ۾ ٻئي مصراعون ساڳئي رديف ۽ ڪافيه جون نه آهن؛ جي هجن ته آهو اڪثر بيت سڏبو آهي.

مثنوي: گهڻائي بيت، جن ۾ هرهڪ بيت جو ڌار قافيو ۽ رديف هجي، مگر بحر يا وزن سڀني بيتن جو هڪ جهڙو هجي.

ترجيع بند: وڏو شعر هڪڙي ئي بحر ۽ قافيي جو جنهن ۾ گهڻا ٽڪر هجن، هڪ جيترن بيتن جا، پنجن کان وٺي يارهن بيتن تائين. هر هڪ ٽڪر جي پڇاڙيءَ ۾ هڪڙو ٻيو بيت ڌار قافيي ۽ رديف جو هجي. جي ساڳيو بيت وري وري اچي، ته انهيءَ کي ترڪيب بند، چئبو آهي.

مسمط: ٽي يا زياده مصراعن جا ٽڪر، ساڳئي وزن جا، مگر پڇاڙيءَ واريءَ مصراع جو قافيو سڀني جو هڪ جهڙو هجي.

مستزاد: غزل يا چئن مصراعن جو ٽڪر، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪي لفظ وڌيل هجن. هنن شعر جي قسمن جا مثال پڙهندڙ اسان جي علم 'عروض' جي ڪتاب ۾ ڏسي سگهن ٿا. هتي ڏيڻ جو ضرور ڪونهي ۽ هيٺ مشق (١٠) ۾ ٻه ڏنل آهن.

وري ڪلام ۾ جي 'بدايع' يا 'صنعتون' ڪم اچن ٿيون سي ٻن قسمن جون آهن هڪڙيون 'لفظي' ٻيون 'معنوي'. پهرئين جي خوبي لفظن مان معلوم ٿي ٿئي ۽ ٻوئين جي معنيٰ مان. پهرئين جا ڪي قسم هي آهن: ١- تجنيس، (جنهن جا گهڻئي قسم آهن جيئن ته تام، ناقص، مرڪب، مڪرر، مطرف، خط) انهيءَ ۾ ٻه لفظ هڪڙي جنس جا ڪم آڻجن ٿا، جهڙيءَ طرح هڪڙو لفظ ٻن معنائن ۾ آڻجي. جيئن ته ٻيڙي پاڻيءَ ۾ هلائڻ جي، ۽ لوهه جي ٻيڙي قيدين کي وجهڻ جي. ٢- توصيع، يعني جڙاءُ ڪرڻ، جنهن ۾ ساڳئي وزن ۽ قافيي وارا لفظ ڪم آڻجن، جيئن ته مرجز ۽ مسجع نثر ۾ آندو ويو. ٣- توشيح، جتي شعر جي منڍ جي حرفن مان ڪو نالو ڪڍجي. ٤- تضمين، جنهن ۾ ڪنهن ٻئي شاعر جي مصراع يا بيت شعر ۾ آڻجي. ٥- ذوبحرين، جتي ساڳيو شعر ٻن وزنن يا بحرن ۾ پڙهي سگهجي. ٦- ذوقافيتين، جتي شعر ۾ ٻه قافيا ڪم آيا آهن. ٧- تصحيف، هڪ جهڙا لفظ جن ۾ تفاوت فقط نقطن جو هجي، جيئن ته بوسه ۽ توشه. ٨- مقلوب، جڏهن ساڳيو لفظ يا بيت ابتو سبتو پڙهڻ ۾ هڪ جهڙو هجي. انهيءَ کان سواءِ اهڙا لفظ ڪم آڻڻ گهرجن، جن ۾ سڀني حرفن جي مٿان نقطا هجن يا سڀني جي هيٺان نقطا هجن، يا سڀني تي اصل نقطا نه هجن، يا جن ۾ چپ ملن وغيره اهي سڀ لفظي صنعتون يا بدايع آهن.

معنوي صنعتن يا بدايع جا ڪي ٿورا قسم هي آهن: ١- ايهام، جتي ٻه معنائون آندل هجن، هڪڙي ويجهو لاڳو هجي ۽ ٻي پري. ٢- تجاهل العارف، جتي شاعر يا لکندڙ کي خبر هجي، پر پنهنجي بي‌خبري ظاهر ڪري. ٣- سوال و جواب، جتي پهرين سوال پڇي پوءِ پاڻهي جواب ڏجي. ٤- محتمل الضدين جتي ساڳين لفظن مان تعريف به نڪري ۽ گلا به. ٥- لف و نشر، جتي ڪي لفظ گڏ ڪم آڻجن،

پوءِ هڪ هڪ کي ڌار آڻي، انهيءَ جو ڌار بيان ڪري. ٦- ارسال المثل، جنهن ۾ ڪو پهاڪو يا ضرب المثل ڪم آڻجي. ٧- سياق الاعداد، جنهن ۾ ڪي لفظ ڪم آڻجن جي هڪ ٻئي سان گڏجي ٻڌائجن. ٨- معما، جنهن ۾ ڪو نالو ڳجهيءَ طرح ڪم آڻجي، جو ٺهرايل قانونن موجب نڪري، جيئن سنڌيءَ ۾ ڳجهارتون. ٩- لغز يا چيستان، يعني پروليون. شعر جا عيب به هن علم ۾ داخل آهن، ۽ انهن جا گهڻا قسم آهن. مثال ڏنلن صنعتن جا علم عروض ڪتاب ۾ ڏسي سگهجن.

پڇاڙيءَ ۾ اسان کي ڏيکارڻو آهي، ته نحو جو علم عروض سان ڪهڙو واسطو آهي. انهيءَ علم ۾ شعر جو بيان ۽ انهيءَ جي وزن يا بحر ۽ قافيه يا رديف جو ذڪر آهي. شعر ۾ پهرين 'اصول ۽ اركان' آهن. اصول لفظن ۾ جي حرف ڪم اچن ٿا، تن جي متحرڪ يا ساڪن هئڻ ڪري، آهي ڳرا يا هلڪا ۽ وڏا يا ننڍا ٿا ٿين. ٻن اکرن واري کي 'سبب' چون ٿا، ٽن واري کي 'وتد' ۽ چئن يا زياده اکرن واري کي 'فاصله'. هر هڪ جا ٻه قسم آهن. مثال: بر ۽ دل چمن ۽ ڪار، علما ۽ دبڙ دمس.

اركان آٺ آهن: هڪڙا "سالم" ٻيا 'غير سالم'. اهي به انهن اصولن مان جڙيل آهن، مگر انهن جا وزن هي آهن: فعولن، فاعلن، مفاعيلن، مستفعلن، مفاعلن، متفاعلن، مفعولات، فاعلاتن. انهن مان گڏجي وري بحر ٿا ٺاهين، جي جدا جدا وزنن ۽ قسمن جا آهن ۽ جدا جدا نالا اٿن. مڙئي ١٩- بحر آهن. هر هڪ بيت ۾ چار يا ڇهه يا آٺ اركان آهن، جنهن ڪري انهن کي 'مسدس' يا 'مثمن' چون ٿا. ڪي مکيه وزن يا بحر هي آهن: رجز، تقارب، هزج، رمل، مضارع، سريع، طويل، مديد وغيره. هر هڪ بحر جا پڇاڙيءَ واري رڪن جي گهٽ هئڻ ڪري، جدا جدا قسم ٿين ٿا جن کي 'زحافات' چون ٿا. ڪو به شعر پڙهي، اركانن ڪري ٺهرايلن بحرن تي آڻي ڀيٽاري ڏسو سگهجي، انهيءَ کي تقطيع چون ٿا، جيئن صرف ۽ نحو ۾ تركيب ۽ تفريق ٿيندي آهي. انهيءَ لاءِ به ڪي قانون آهن جن موجب هلڻو ٿو ٿئي.

هاڻي قافيه ۽ رديف جو ٿورو ذڪر ڪبو، جو علم عروض جو ڀاڱو آهي، اگرچ ڪي عالم انهي کي ڌار علم ڄاڻندا آهن. قافيه شعر جي پڇاڙيءَ وارو لفظ آهي ۽ رديف اهو لفظ آهي، جو انهيءَ کان پوءِ ايندو آهي ۽ اڪثر وري وري ايندو آهي. قافيه ۾ مکيه ساڪن حرف کي 'روي' چوندا آهن. انهي کان چار حرف اڳي ۽ چار حرف پوءِ قافيه ۾ داخل آهن. اڳين کي رديف، قيد، تاسيس ۽ دخيل چوندا آهن ۽ پوين کي وصل، خروج، مزيد ۽ نائره. شعر ۾ رديف ساڳيو هئڻ گهرجي. مثلاً: بيت جي پهرين مصراع جي پڇاڙيءَ ۾ هجي 'جهڳا ٿئي'، ۽ ٻيءَ ۾ هجي 'ننگا ٿئي'، ته اتي جهڳا ۽

ٽلڪا جو قافيہ آهي ۽ 'ڏُئي'، جو ٻنهي ۾ ساڳيو اچي ٿو، سو رديف آهي ۽ انهيءَ قافيہ ۾ 'گ' 'روي' آهي ۽ 'ن' جو اڳيان ٿو اچيس سو رديف آهي.

وري قافيہ جا جدا جدا قسم آهن، ۽ انهن جا جي عيب آهن، آهي سڀ ڄاڻڻ گهرجن، پر انهن جو هتي بيان ڪرڻ اجايو آهي. مثال ڪتابن مان ملي سگهندا.

مٿي جيڪي شعر جا قسم ۽ بحر ڏنا ويا آهن، سي پارسيءَ جا آهن، پر هاڻ سڀ سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا. مگر سنڌيءَ ۾ اچا ڏائين اڳوڻي زماني وارو شعر جو نمونو بہ ڪم ايندو آهي، جهڙو شاهہ جي رسالي ۾ ڪم آيل آهي. فارسي علم 'عروض' جي اصطلاح موجب بيت ڇنبو آهي، ٻن مصراعن واري شعر کي. پر سنڌي بيت ۾ ٻن کان گهڻيون مصراعون بہ اچي سگهن ٿيون، ڏهن ٻارهن تائين اڪثر ٻهاڙيءَ واري مصراع جو پويون اڌ قافيہ وارو اڳي هوندو آهي ۽ ٻهريون اڌ پوءِ. ڪڏهن ڪڏهن ٻهرينءَ مصراع ۾ بہ ائين هوندو آهي. وزن انهيءَ بيت جو خاص سنڌي آهي، پارسي بحر تي آڻڻ مشڪل آهن، ۽ انهيءَ جي تقطيع بہ پوري ڪرڻ مشڪل آهي. بعضي مصراعن ۾ تہ وڏيون وڏيون آيتون يا پارسي مصراعون وجهي، تمام ڏکيون ڪري بہ آڻيندا آهن. شاهہ ڪريم جو رسالو فقط ٻن مصراعن وارن بيتن مان جڙيل آهي، يعني پارسي بيتن وانگي، مگر انهن جو بحر ۽ وزن پنهنجو سنڌي نموني جو آهي. اهو سنڌي بيت جو نمونو قديم هندي دُهري جو نمونو آهي. ۽ تنهنڪري انهيءَ کي سنڌيءَ ۾ ڏوهيڙو چوندا آهن، ۽ ڪي لوڙائو بيت بہ ڪري چوندا آهن. ٻيو قسم شعر جو خاص سنڌي آهي، شاهہ جي وائي يا ڪافيءَ جو جو اڪثر ڳائڻ ۾ ايندو آهي انهيءَ جا بہ خاص وزن آهن ۽ ڪن قانونن موجب ٺهندو آهي. انهيءَ جا مثال بہ پڙهندڙ ڪتابن ۾ ڏسي سگهن ٿا ۽ ڪي مشقن ۾ ڏنا ويا آهن.

سوال باب ڇهين جا

علم 'املا'، علم 'صرف' ۽ علم 'نحو' جو پاڻ ۾ مقابلو ڪريو، ۽ علم نحو جو ڪهڙن ٻين علمن سان واسطو ٿيو رهي، ۽ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين ۾؟ لفظ ۽ خيال جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ صحيح خيال ڪرڻ جي علم کي ڇا چوندا آهن؟ منطق ۽ صرف نحو جو پاڻ ۾ مقابلو ڪريو. هرهڪ هيٺ لفظن جا مکيہ قسم آهن؟ نحو ۽ منطق موجب انهيءَ علم ۾ ڪهڙا مکيہ ڀاڱا آهن؟

'ڪلمي'، 'ڪلام' ۽ 'دليل' جا ڪي مثال ڏيو. اثباتي ۽ منفي ڪلام، عام ۽ خاص ڪلام ڇا کي چوندا آهن. نسبت موجب ڪلام جا ڪهڙا قسم آهن؟ تقسيم ٿيل ڪلام جو مثال ڏيو. قياس ڇا کي چون ۽ انهيءَ جا ڪهڙا قسم آهن؟ قياس با آزموده ۽ قياس بي آزموده جو مطلب سمجهايو ۽ مثال ڏيو. دليلي ۽ غيردليلي قياس ڪهڙا آهن؟ ننڍين جملن مان وڏي ۾ وڏا جملا ڪهڙي رستي ٿا ٺهن؟ قياس

ڪاذب ۽ حيص بيص جا ڪي مثال ڏيو. ڪي 'مشڪوڪ' يا 'ذو معنيٰ' لفظ ٻڌايو. فڪر 'صحيح' ۽ فڪر 'فاسد' ڇا کي ٿو چئجي. علم ڇا کي ٿو سڏجي ۽ انهيءَ جا گهڻا قسم آهن؟ اثباتي ۽ منفي حڪمن جا مثال ڏيو تصور بديهي ۽ تصور نظريه جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ مثال ڏيو. معرف ڇا کي ٿا چون ۽ حجت يا دليل ڇا کي ٿا چون؟ قضيه صادق ۽ قضيه ڪاذب ڇا آهن؟ قضيه جا ڪهڙا قسم آهن؟ استدلال ۽ استقرار ۽ تمثيل جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ قياس اقتراني ۽ قياس استثنائي جو مطلب سمجهايو. علم مناظره بابت جيڪا اوهان کي خبر هجي سا ٻڌايو. مناظره ۽ مجادله جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

علم معانيءَ ڇا ٿو سيکاري ۽ ڪيئن ڪم ٿو اچي؟ علم نحو سان انهيءَ جو ڪهڙو واسطو آهي؟ بلاغت ۽ فصاحت جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڪلام جو حسن ڪهڙين ڳالهين ۾ آهي؟ ۽ ذاتي عرضي حسن جي وچ ۾ تفاوت ٻڌايو. علم معانيءَ موجب ڪلام جا ڪهڙا قسم آهن؟ خبر ۽ طلب جي وچ ۾ فرق سمجهايو. هر هڪ جا ڪهڙا قسم آهن؟ حقيقت عقليه ۽ مجاز عقليه جا مثال ڏيو. طلب ممڪن ۽ طلب محال جا مثال ڏيو.

علم بيان جو علم نحو سان ڪهڙو واسطو آهي؟ علم بيان جو مدار ڪهڙين ڳالهين تي رکيل آهي؟ تشبيه، استعاره، مجاز مرسل ۽ ڪنايه جو مطلب سمجهايو ۽ هر هڪ جو مثال ڏيو.

علم بديع ڇا کي ٿو چئجي؟ ڪلام ڪيترن قسمن جو آهي؟ نثر جا ڪهڙا قسم آهن. مرجز، مسجع ۽ عاري نثر ڇا کي ٿا چون؟ انهن جا مثال ڏيو. نظم جا ڪيترا قسم آهن؟ هر هڪ جي سمجهاڻي ڏيو؟ غزل ۽ قصيدي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ قطعه ۽ رباعيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

قصيده ۽ مثنويءَ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ ترجيع بند ۽ ترڪيب بند ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ لفظي ۽ معنوي صنعتون ڇا کي ٿا چون؟ هرهڪ جا ڪي مکيه قسم ٻڌايو. هيٺين لفظي صنعتن جي سمجهاڻي ڏيو: تجنيس، ترصيع، توشيح، تضمين، ذو قافيتين، ذو بحرين، تصحيف ۽ مقلوب. هيٺين معنوي صنعتن جي معنيٰ سمجهايو: ايهام، تجاهل العارف، سوال و جواب، محتمل الضدين، لف و نشر، ارسال المثل، سياق الاعداد، معما ۽ لغز.

علم عروض ڇا کي ٿا چون؟ نحو سان انهيءَ جو ڪهڙو واسطو آهي؟ شعر جا اصول ڇا کي ٿا چون ۽ ارڪان ڇا کي ٿا چون؟ اصول جا ڪهڙا قسم آهن ۽ ارڪان جا ڪهڙا؟ شعر جا ڪيترا بحر آهن، انهن مان ڪن مکيه بحرن جا نالا ٻڌايو. تقطيع ڇا کي چوندا آهن؟ رديف ڇا کي ٿا چون ۽ قافيه ڇا کي؟ قافيه جا ڪهڙا حرف آهن ۽ انهن جا ڪهڙا نالا آهن؟ مثال ڏيو.

اشارو: مٿين سوالن جا جواب مٿي ڏنل مضمون مان آسانيءَ سان ڏئي سگھبا.

مشقون

(١) هيٺين جملن مان ڪهڙا خاص ڪلام آهن ۽ ڪهڙا عام؟

سڀ اوڳاريندڙ جانور حلال آهن. جي پکي چُنبي ۾ جهلي ڪا شيءِ کائيندا آهن، سي سڀ حرام آهن. پکين ۾ بلڪ حلال آهن. ڪُن ۽ چلر کان سواءِ مڇي حلال ناهي. ڪي جانور چرهيءَ جي ڪم ايندا آهن، ۽ ڪي بار کڻڻ جي. سڪندر ساري دنيا فتح ڪئي. افلاطون وڏو حڪيم هو.

(٢) هيٺين جملن ۾ ڪهڙا ڪلما تقسيم ٿيل آهن ۽ ڪهڙا اڻ تقسيم ٿيل آهن؟

سڀ اڻ پڙهيل ماڻهو بيعقل نه هوندا آهن، منجهان ڪيترا آهن جي عقل وارا آهن. سڀني جانورن کي حيواني عقل آهي. ڪي فقير دولتمند آهن. ۾ ايران جا بادشاهه مون کي شاعر سمجهن ٿا. ڪو به ظالم ماڻهو بهشت ۾ نه ويندو.

(٣) هيٺين ۾ صحيح يا غلط قياس يا دليلن ۾ ڪهڙا مقدما يا قضيا آهن، ۽ ڪهڙو نتيجو يا استدلال آهي، سڀ پڙهيل ماڻهو عقل وارا آهن، قاسم پڙهيل ماڻهو آهي، تنهنڪري اهو عقل وارو آهي. ڪُن ۾ پارو پوندو آهي ته اهو ماڻهو ٻوڙو ٿي پوندو آهي، هي ماڻهو ٻوڙو آهي، تنهنڪري هن جي ڪن ۾ پارو پيو هوندو. سڀڪو ماڻهو سک جو ڳهورو آهي، نيڪي سک آهي، تنهنڪري سڀڪو ماڻهو نيڪيءَ جو ڳهورو آهي. جنگ مان هميشه نقصان ٿو رسي، صلح جنگ جو ضد آهي، تنهنڪري صلح مان هميشه فائدو ٿو رسي. جيڪي چمڪي ٿو اهو سون ناهي، شيشو چمڪي ٿو، تنهنڪري شيشو سون ناهي.

(٤) هيٺين نتيجن ڪڍڻ لاءِ ڪي قياس يا دليل سچا يا ڪوڙا ٿاهيو؟

ڪن بيمارين ۾ حڪيم زهر کارائيندا آهن. جيڪو هاشم کي بيوقوف چوندو، اهو سچ ٿو چوي. ڪي ڪمائتيون دوائون نباتات ۾ آهن. سڀني ڪاڇن کان سواءِ انسان جي گذري ويندي.

(٥) هيٺين جملي مان ٻهرين اصلوڪو مک جملو ڏيکاري، ٻوءِ سوال جواب جي رستي ٻيا ڀاڱا يا متعلق لاڳو ڪري ڏيکاريو.

اڪبر، جنهن جو اصلوڪو نالو جلال الدين هو، ۽ جو همايون بادشاهه جو پٽ ۽ همايون جي ڀڄ جي وقت سنڌ جي هڪڙي شهر عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو، سو جڏهن دهليءَ جو شهنشاهه ٿيو، تڏهن هندن توڙي مسلمانن مان اهڙي ميلاپ جي رستي هليو، جو قريب ساري هندستان ۾ هردلعزيز بادشاهه ليکبو هو.

(٦) هيٺين نتيجن مان ڪهڙا استدلال جي رستي نڪتا آهن ۽ ڪهڙا استقرار جي رستي؟

جتي ڪٿي باهه مان دونهون نڪرندو آهي، هن ڪلهه مان دونهون ٿو نڪري، تنهنڪري انهيءَ ڪڏهن ۾ ضرور باهه هوندي. اڪ جي بناوت جي ڇڪاس مان معلوم ٿو ٿئي، ته انهيءَ ۾ ڪيترن ئي قسمن جون حڪمتون رکيل آهن، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته خدا تعاليٰ، جنهن سارو جهان ٺاهيو آهي، سو اعليٰ قسم جو ۽ لاثاني حڪمت وارو آهي. ڪروسين تيل، جو زمين مان ٿو نڪري، تنهن کي هڪدم باهه وٺيو وڃي. انهيءَ مان سمجهجي ٿو ته زمين مان نڪتان سڀني قسمن جي تيل کي هڪدم باهه لڳي ويندي آهي.

(٧) هيٺين مثالن ۾ علم معانيءَ موجب 'ممڪن طلب' ڪهڙا آهن ۽ 'محال' ڪهڙا؟

'ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، قضا قلم وهائيو'.
'اسان ۽ پرين، شل هون برابر ڏينهڙا'.
'شل ڏينهن ڏنگو نه ٿئي ڇا جي ڏنگا ڏير'.
'ايءَ ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏو ٿري'.
'ڪيڏنهن ڪريان پيس، مڙيئي مٺو ٿيو'.
'اونڌا شل آچار، ڪانڌ ڪنهين سين نه ڪري'.
'الله جنگ جين، اڄهي جن جي گهاريان'.
'سي ڪيئن ٻريس ٻس، ڪٿر جن اکين ۾'.

(٨) هيٺين مثالن ۾ علم بيان موجب ڪهڙي ڪهڙي صنعت ڪم آيل آهي، تنهن جو نالو ٻڌايو.

باهه جي پاڻي پيڻ مان نه رڳو جسم کي عذاب ٿو رسي، پر روح کي به ٿو رسي هن جو قد سرو جهڙو آهي، پر سروڻيا نه ڏڪيندو آهي، ۽ هن جو منهن چنڊ جهڙو آهي پر چنڊ ٿوبي ڪين ڏڪيندو آهي. رنڊي ڪلهه اهڙو آهي، جهڙو جهڙ ۾ اوچتو آس نڪرندي آهي. هن سخيءَ جو هٿ درياهه آهي، جنهن مان موتي پيا نڪرن يا ڪاٺ آهي جنهن مان سون رڳو پيو نڪري. هن بهادر جي ترار ويهه ماڻهو ماريا ۽ ڏهه گهوڙا. هن جو ذهن ڇڻ ته لوح محفوظ آهي، جنهن مان ڪابه ڳالهه گٽل يا وسريل ڪانه آهي. علم حياتي آهي ۽ جهل موت آهي. ماءُ ٻار کي پنهنجو رت ٿي پياري. هو گهوڙي تي چڙهيو هڪليندو نه ويو، پر سج هو جو آسمان تي پيو ڦريو. اڄ ڏينهن سوير آيربو آهي. هن پنهنجو قارورو* طبيب کي

* يعني پيشاب. علم طب ۾ اهو نالو اٿس.

ڏيکاريو، تنهن ڇيس ته توکي ذيابطيس جي بيماري آهي. منهنجي گل کي بلبل جي کا به خبر ڪانهي. هن جي همت جي دامن آسمان جو گريبان آهي.

(٩) علم 'بديع' موجب هيٺين مثالن ۾ ڪهڙي قسم جو نثر ڪم آيل آهن:

هو پنهنجي بهتري ۽ فتحيابي جي ڪري بلڪل مغرور نه ٿيو، جئن اڪثر جوان مصنف ٿيندا آهن، پر ڪتاب نويسيءَ ۾ نالو ڪڍيائين، تنهن ڪان ڪيترا ورهيه پوءِ به ڏسبو هو ته، هو پنهنجي ڏرَ جي اڳيان گهٽي پيو ٻهاريندو هو، يا پنهنجن شاگردن کي اگرن اندر ڪٽي رکڻ ۾ پيو مدد ڪندو هو.

تنهنجي محبت مون کي پڙهڻ ڇڏايو، تولاءِ مون پنهنجو وقت اجايو وڃايو، پنهنجن خيرخواهن ساڻ جهيڙو مچايو، ساري جهان کان منهن ڦيرايو، خيال پچائي پچائي خفقان پرايو، فڪر ۽ انتظار ۾ پنهنجو آرام ڦٽايو ۽ جان ۽ جسم جلايو.

آءٌ ڏاڍو شرمسار آهيان، بيشڪ گنهگار آهيان. هاڻ دوست مون کي معاف ڪر. پنهنجي دل صاف ڪر. پڪ ڄاڻج ته آءٌ گهڻو پشيمان آهيان، دليون پڇانيون معافي جو خواهان آهيان. آءٌ توسان پرچڻ لاءِ تيار آهيان، وري به تنهنجو اڳوڻو يار آهيان. جنهن بندي جو ٻئي بندي تي بدگمان آهي، احسان ناهي سو حيوان آهي، انسان ناهي.

(١٠) هيٺين مثالن ۾ ڪهڙي قسم جو شعر آيل آهي:

(الف) جي ڀائين ته تنهنجي دل ٿئي آئينو،
ڪر صاف ذهن شين کان پنهنجو سينو،
حرص ۽ اُمل ۽ ڪوڙ ۽ ڪاوڙ عيبت،
بخل ۽ حسد ۽ ريا ۽ هٺ ۽ ڪينو.

(ب) ادب گنج قارون جي کان چڱو،
حڪومت فريدون جي کان چڱو،
بزرگن گهريو ڪينڪي ملڪ مال،
آهي ملڪ ۽ مال کي نت زوال،
گهريائون انهيءَ لاءِ علم ۽ ادب،
جو نت نيڪناميءَ جو آهي سبب.

(ج) علم جنهن ۾ عمل جو ناهي نشان،
سو بدن آهي جنهن ۾ ڪانهي جان.
گڏ عمل علم جڻ ته پئي آهي،
هڪ شمع جا ٻه شعلا، ناهي گمان.

(د) ڇيو ڪالهہ طبيب ڪـي وڃي مون لاچار،
آهيان بيمار گهڻين ۾ رهان رات مڃي ٿو بيدار،
ڪر ڪو ويچار جيئن نبض ڏسي منهنجي،
اٿئي عشق جو مرض توتي ٿيو فرض تا تڙت ڪرين،
جيڪو هجي تنهنجو يـار- تنهنجو ديـدار.

(هہ) (١) جنهن جـو عـالـم ۾ هـر جـڳـ آهچاڻ؛
تـنهـنـجـو آهـي اصـل وجـود وڻاڻ.
جت سمجهي ڪوئہ منهنجو چـاڻ سڃاڻ،
آت پـريـن مـون کـي ٿـو پسائي پـاڻ،
چـو تـہ منهنجو خـدا آهـي مـون ساڻ.

(٢) آهـي مـنهنجـي سـدا خـدا تـي نـظـر،
رات هوئـي ڏينهن هوئي ڪ شـام سحر،
نـہ انـڌاري نـہ سـوجهـري ۾ خـطـر؛
ڪونهي ڪنهن پر ڏکن ڪان مون کي ڏر،
چـو تـہ منهنجو خـدا آهـي مـون ساڻ.

(ر) (١) آ مـونـي سـڄـڻ جـو اڄ بـهـار آهـہ،
صـحـرا سڄـو ڏس تـہ لالـہ زار آهـہ.
پـرپـور گـلـن سـان شـاخسار آهـي،
بـلبـل جـي انهيءَ ڪـري پڪار آهـہ.

(٢) آ مـونـي هـلـي وسـايـون خـلـوت،
۽ پـاڻ ۾ اڄ ڪريـون ڪا صـحـبـت،
چـاڻـون هـي ٻـہ چـار ڏينهـن غنيمت،
جـو عـمـر تـي ڪونـہ اعـتبـار آهـہ.

(٣) آ مـونـي ڪـريـون قـرار ڪو دم،
ڪي ڏينهن ڇـڏيـو وساري سـپ غـم،
صحبت ري سڄڻ ڪريـون نـہ پيو ڪم؛
دنـيـا سڄي خـواب ۽ خـمـار آهـہ.

(و) سنڌي يوسف ۽ زليخا جو ڪتاب ۽ سنڌي بوستان ۽ ديوان سانگي ۽ ديوان قاسم، انهن ڪتابن ۾ جيڪو شعر آهي، آهو ڪهڙي قسم جو آهي؟

(١) هيٺين مثالن ۾ ڪهڙيون لفظي ۽ معنوي صنعتون ڪم آيل آهن؟

(الف) جنگ جا نوبت نغارا ٿيا شروع،
حشر ٿيو مقتل ۾ مارو سُئو ٻه سُئو؛
آت منادي موت جي ٿي ڪُئو ٻه ڪُئو،
رَڪ جي بادل مينهن ٿي برسايو لوهُو،
ٿيا ڳڙن جئن تير ۽ وڄ جئن ترار،
شاهه ٿي نت شڪر ڪيا ٻر ڪردگار.
(ثابت علي شاهه)

(ب) جڏهن ڪربلا ۾ ڪوفين مارايا امام پيارا،
ڇيو شاهه هاڻ هلجي ويا سڀ لنگهائي وارا.
ٿي ضعف زين عابد ڇيو ماري آهه نعرا؛
"دل ميرو دزد ستم صاحبدلان خدارا."

(ج) ٻانهو صالح تون آءِ ڪريم ڪرينم،
نانو تون پنهنجو اي سليم سلينم.

(د) آءٌ گدا گهٽ ڪين سمجهان پاڻ کي سلطان کان،
هن کي تخت ۽ مون کي تختو، هن تي ڇٽ مون تي ڇٽي.
خلق هن وٽ، خلق مون وٽ، زور هٿ زاري هتي،
مون رعايت، آن رعيت، صلح مون جنگ آن کٽي.
منهنجو ڪيشتو، هن جي ڪشتي، منهنجي تاج ۽
هن جو تاج،
هن جي لٽ ۽ منهنجي لتڙ، هن جو پٽو منهنجي پٽي.

(هه) هنجن جو مينهن ۽ آهن جا شعلا،
ڪريان ڪئن پاڻي هيڏي، باهه هوڏي.

(و) ناهي بقا زماني ۾ اقبال کي ادا،
اقبال کي جي آبتو ڪرين ٿئي ٿو لابقا.

(ز) صراحيءَ کي هڪ رات هيئن شمع چيو؛
تہ محفل جو مينگار آهين تون دوست،
سرفراز ٿي ڇو پيالي اڳيان،
ڪري سجدا پنهنجي ڪسائين ٿو پوست.
صراحيءَ چيس ڇو پڇو ڪين ٿئي،
'تواضع ز گردن فرازن نڪوست'.

(ح) ٿي سبق توکي ڏيان ٿو ياد رک،
لفظ ٿي آهن، لهن پر سي ٿا لک.

هڪ اميد آهي ۽ ٻيو ايمان يار،
ٽيون محبت آهي، هي ٽيئي تون ڌار.
رک ٽئي هي دل تي ٻوءِ لهندين ضرور،
ڏي مصيبت ۾ ۽ اونداهيءَ ۾ نور.

مشق (١٢)

١٠- نمبر ۾ جيڪي شعر ڏنل آهن تن مان هرهڪ جو بحر ۽ وزن ڏيو، ۽ انهيءَ جو نالو ٻڌايو ۽ پهرين مصراع جي تقطيع ڪريو؟

مشق (١٣)

١٠- نمبر ۾ ڏنلن شعرن مان هرهڪ ۾ ڏيکاريو ته رديف ڪهڙو آهي، ۽ قافيہ ڪهڙو آهي، ۽ قافيہ جا ڪهڙا حرف موجود آهن، ۽ انهن جا ڪهڙا نالا آهن؟

(١٤) هيٺين سنڌي ذومعني لفظن جون سڀ معنائون ڏيو.

اٽي، قلم، ڪرڙي، ڪڙو، ڪلو، ڪنڊي، سڪر، چاڪ، تار، تر، وار، ٻت، ڪل، ٻچاڙي، ڦوٽو، ڪاٺ، ور، آچار، آرسي، استري، ٻيڙو، پيندي، ڏونرو، ڏيڏي، جيڙي، مٽري، ناس، (١).

(١٥) هيٺيان سنڌي شعر ڪهڙي قسم جا آهن، ۽ انهن جي ڪهڙي خاصيت آهي، ۽ منجهن ڪا صنعت ڪم آيل هجي ته ٻڌايو.

---

(١) اِٽي = ڳڌهہ جي اِٽي، ڳيلي جنهن کي ڏڪر هٺي راند کبي آهي. قلم = لکڻ جو، لکيو يا قسمت، گلاب يا ٻئي وڻ جا قلم. ڪرڙي = انڊڙو ڪرڙ ۽ ڇيچي. ڪڙو = مٺي جو ضد، در جو ڪڙو. ڪلو = ڪاٺ جو ڪلو، جنگ. ڪنڊي = ميڻهن وربلن مگن واري، سپڻ جو اوزار. سکر = شريف چڱو ماڻهو، تندرست، شهر جو نالو. چاڪ = ڪاڏيءَ جو چاڪ، ٻهراڻ جو چاڪ. تار = تند وچاڻڻ جي، تار برقي يا پيغام تار جي رستي آيل. ٻاٽيءَ تار. تر = ٻت تي لڪرلدو آهي، آن، جنهن مان تيل لڪرلدو آهي. وار مٿي جو وار، ڏينهن. ٻت = شربت جي ٻت، ويساهہ. ڪل = خبر، الجڻ. ٻچاڙي = گهوڙي جي ٻچاڙي، ٻچائي. ڦوٽو = الاچي، ٻاٽيءَ جو ڦوٽو، ڪاٺ = لڪڙي، قيد يا ٻند. ور = مٽڻ جو ور، وڪڙ. آچار = ڪاٺڻ جو، انصاف. آرسي = سمت، آئنو. استري = زال، لوهہ جي استري ڌوٻين جي. ٻيڙو = ٻيڻ يا ٻهراڻ جو ٻيڙو ۽ پان جو ٻيڙو. پيندي = ڪانئوري ۽ منهن جي ڍڪڻ جو ڪيڙو. ڏولڙو = ڪرڙ جو ميوو، ٻالهن جو ڏولڙو. ڏيڏي = در جي ڏيڏي، ڪنن ۾ وجهڻ جو زيور. جيڙي = جهرڪي، ڪاوڙي. مٽري = بيمار، ذات جا مري، ماڻهومري وبو. ناس = نڪ ۾ ڏيڻ جي، سنگهڻ، چٽ ٿيڻ.

(الف) ويا سورَ سري، هنج نه رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪاٺيرن جو.

(ب) ايءُ ڪڇائي منجهه تو جو پاڻيو ڪڇ،
جيڪي سندو سڄڻين سو سڀوئي سچ.

(ج) اوڳي چڏهيٺي چو ارٽ اولاٽي،
جي جسو وڃهه تنهيسين واٽي،
توبهه توبهه ڪيو تند تاٽي،
لينجهه پري ڪڍ چني چاٽي.
هر دم حق جي تند تنوار، چرڪو چوري ڪت ڪاتار.
آٽي ڪا ٻاتي آڏيءَ ڪت، ڀيرج ڀيرم رويد رت،
ووءَ ٿي مَ ويڳاٽي وت، پورهيو پورهيت اي ٻهت،
ڪرته سدا تون هوئين قرار، چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(هہ) جا هڙ اندر جيءَ، سا هڙ ڏني ساهه کي،
ساهڙ چيڙي نه ساهه جي، ساهڙ ساهڙ ريءَ،
ساهڙ ميڙ سميع، ته ساهڙ چيڙي ساهه جي.

(و) ”ڪتهڙن واريون تڙن تي گهٽي ٿي.“
”ما لڪ لهي ٿي لڪ جا تو ايندي ان سين.“
”جي پند پاريائون ته سکها ٿي سکها ٿيا.“
”رڳون ٿيو رباب، وڃن وڃل سڪنهين.“
”محبت جي ميدان ۾ پيا لال لڇن.“
”عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن کي پوي.“
”اندر آئينو ڪري پرين کي پسيج.“
”صوفي صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو.“

(ز) هيٺيون بيت ڪهڙن ٻن بحرن ۾ پڙهي ٿو سگهجي، ۽ انهيءَ کي چا ٿا چون؟

”نيڪ بخت آهي انهيءَ جهڙو ڪٿي،
جو غريبن کي سدائين ٿو ڪٿهري.“

(١٦) هيٺيان لفظ، جن جي صورت ساڳي آهي، مگر زبر زير جو تفاوت آهي، تن جي جدا جدا معنيٰ ٻڌايو ۽ چئو ته انهن کي ڪهڙي صنعت چئي سگهبو:

سِهر - سَهر - سُهر. لٺو - لِٺو - لُٺو. وَرهيه - وُرهه ڪِن - ڪَن - ڪُن.
ڪَلو - ڪِلو - ڪُلن. ڪَنهي - ڪِنهي - ڪُنهي. ڪَشتي - ڪِشتي.

اشارو: مٿين سوالن ۽ مشقن جا جواب، مٿين باب جي مضمون پڙهڻ کان پوءِ آسانيءَ سان ڏئي سگهبا.

سنڌي وياڪرڻ

(ڀاڱو ڏيون)

ديباچو

علم جي تحصيل لاءِ هيٺين علمن جو ڄاڻڻ ضرور آهي: علم صرف، علم نحو، علم بديع، علم عروض، علم قوافي، علم بيان، علم منطق، علم معاني ۽ علم مناظره. انهن مان صرف ته عام آهي ۽ مڪتبن، مدرسن ۽ اسڪولن ۾ شاگردن کي سيکاريو آهي. جنهن کي انگريزيءَ ۾ 'گرامر' ۽ هنديءَ ۾ 'وياڪرڻ' سڏيندا آهن. علم نحو به مختصر طرح صرف سان گڏ سيکاريو آهي، مگر نحو جي لاءِ ڌار مفصل ڪتاب اڳي ڪونه هو، جو مون لکيو آهي ۽ انهيءَ جي پوئين باب ۾ انهن ٻين سڀني علمن جو مختصر بيان ڏنو اٿم، جو نحو جو انهن سان واسطو هو. منطق جو ڪتاب به سنڌيءَ ۾ منهنجي پاران جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ علم بديع جو مفصل بيان آهي، جنهن ۾ نثر ۽ نظم جا قسم صنايع لفظي ۽ معنوي آندل آهن ۽ علم عروض ۽ علم قوافيءَ جو بيان مفصل طرح ڏنو ويو آهي. انهن علمن تي ڪو خلاصو ڪتاب اڳي سنڌي ۾ ڪونه هو. مون ڪوشش ڪري فارسي ڪتابن مان ضروري مضمون ڪڍي هتي گڏ ڪيا آهن ۽ سڀ مثال پنهنجا جوڙي يا پنهنجن ڪتابن مان ڪڍي ڏنا آهن. جيڪي مثال ٻين ڪتابن مان ملي سگهيا آهن سي به ڏنا ويا آهن. اميد آهي ته سنڌي پڙهندڙن کي گهڻو فائدو ٿيندو.

معلوم هجي ته مٿين علمن کي ڪي قديم استاد علم بديع سڏيندا آهن، جنهن جي واقفيت مان فصاحت ۽ بلاغت حاصل ٿيندي آهي. فصاحت لفظن سان تعلق ٿي رکي ۽ بلاغت معنيٰ سان. فصاحت ۽ بلاغت مان ڪلام يا عبارت جو حسن ظاهر ٿئي ٿو ۽ انهيءَ لاءِ مٿين علمن جو ڄاڻڻ ضروري آهي.

-قليچ بيگ

مئي ١٩٢٠ع،
حيدرآباد

مـنـڍ

گرامر يا صرف نحو جو هنر ۽ علم، ان جي حقيقت، قدامت ۽ ان جا اصول

آهو علم، جنهن کي انگريزيءَ ۾ 'گرامر'، عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ 'صرف نحو'، سنسڪرت ۾ 'وياڪرڻ'، ۽ هنديءَ ۾ 'بيا ڪرڻ' ٿا چون، سو ڪنهن به ٻوليءَ جي صحيح ۽ پوريءَ طرح ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو هنر آهي. انهيءَ مان سمجهڻ گهرجي ته ٻولي اڳيئي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، گرامر يا صرف نحو انهيءَ تان ۽ انهيءَ کان پوءِ ٿو ٺهي، جنهن ۾ انهيءَ ٻوليءَ جي صحيح ڳالهائڻ يا لکڻ جا قاعدا ۽ قانون ڏنل ۾ ٿا اچن، جي آزمودي، استعمال، رواج، دستور ۽ اصطلاح تي ٻڌل آهن ۽ ٻوليءَ جي مدعا آهي دل جا خيال زبان سان ظاهر ڪري ٻڌائڻ. لفظ ڪيئن به ڳالهائجن يا اڳي پوءِ ڪجن، پر جي ڳالهائيندڙ جو مطلب سمجهيو ويو ته آهو بس آهي ۽ ٻوليءَ جي مدعا پوري ٿي. جيڪي انهيءَ طرح ڳالهائجي ٿو، سو گرامر جي قاعدي موجب برابر آهي يا غلط آهي، سو منحصر آهي سمجهائڻ جي رستي تي يعني انهيءَ هنڌ جي ماڻهن جي ڳالهائڻ جي عام رواج يا دستور موجب، جنهن کي اصطلاح ٿو چئجي. جيڪي انهيءَ رواج يا دستور جي برخلاف آهي، سو گرامر جي به برخلاف آهي. تنهنڪري گرامر جدا جدا زمانن يا وقتن تي جدا جدا صورت ٿو وٺي ۽ ڦري ٿو. جيئن ڪن لفظن جا آچار يا انهن جون معنائون وقت بوقت بدلجن ٿيون. جيڪو اصطلاح هڪڙي زماني ۾ صحيح هوندو، يعني رواج ۾ هوندو، سو ٻئي زماني ۾ نه هوندو. يعني جدا جدا زمانن يا ملڪن جو گرامر به علحدو ٿو ٿئي ۽ هڪڙي ٻوليءَ جو گرامر زور ڪري ٻيءَ ۾ ٺنبڻ بلڪل خراب بي معنيٰ آهي.

ٻولي لفظن سان جڙيل آهي ۽ لفظ پورو خيال پيدا ٿا ڪن. آهي خيال يعني آهو مطلب، انهن لفظن جي دستوري يا رواجي معنيٰ يعني اصطلاح تي منحصر آهي، ۽ جملن جي ڳالهائڻ ۾ جي لفظ ڪم اچن ٿا، تن جو پاڻ ۾ ڪهڙو واسطو آهي، يا انهن جي هڪ ٻئي سان ڪهڙي نسبت آهي ۽ انهن مان ڪهڙو مطلب ٿو نڪري، سو گرامر مان معلوم ٿو ٿئي.

آهو ته ٿيو ڪنهن خاص ٻوليءَ جي صحيح ڳالهائڻ جو هنر، پر گرامر جو خاص علم به آهي جنهن جا اصول عام لاڳو آهن. انهيءَ موجب ٻولي فقط خيال

ظاهر ڪرڻ لاءِ آهي. انهيءَ جي سونهن ۽ خوبيءَ لاءِ ٺهرايلن قانونن سان ڪوبه واسطو ڪونهي. انهن جو فقط لفظن ۽ خيالن جي نسبت، موافقت ۽ ترتيب سان واسطو آهي: انهي ڪي اهو جاچڻو آهي ته ڪهڙيون ڳالهيون ٻوليءَ لاءِ ضروري آهن، ۽ ڪهڙيون غير ضروري يا اتفاقي آهن. اهو علم هڪڙو خاص مقرر ڪيل پيمانو يا نمونو آهي، جنهن سان جدا جدا ٻوليون مقابلو ڪري، پرکي، انهن جا عيب ۽ ثواب معلوم ڪري ٿا سگهجن. اهڙي علم کان سواءِ ڪوبه ماڻهو پنهنجي مادري زبان کان سواءِ، ٻي ٻولي پوريءَ طرح سکي، ۽ ان جي حقيقت معلوم ڪري نه سگهندو. تنهنڪري قديم وقت ۾ اهو هڪڙو وڏو ۽ ڪمائتو علم شمار ڪيل هو، جو ڪن خاص عالمن ۽ فيلسوفن کي حاصل هو. قديم مصر ۽ يونان ۾ اهو علم پهرين شروع ٿيو ۽ انهن تان ٻين ملڪن ۽ ٻولين ۾ انهن جو رواج پيو. مصر ۽ يونان وارن به پهرين پنهنجي ٻولين جي جدا جدا صورتن ۽ جدا جدا ڀاڱن جي رواجي اصطلاحن معلوم ڪرڻ، ۽ مقابلي ڪرڻ، ۽ انهن جي اسمن ۽ فعلن جي ڦيرين گهيرين جاچڻ سان گرامر جو علم قائم ڪيو. ٻين ٻولين جي حالت ۽ حقيقت معلوم ڪرڻ جو تڏهن ڪوبه خيال ڪونه هو. اهو خيال گهڻو پوءِ پيدا ٿيو آهي ۽ قديمي نه آهي. تواريخن مان خبر پوي ٿي ته جن ڏينهن ۾ روم جو شهنشاهه "پامپي" هو، تڏهن 'ڊايونيسيس ٿرئڪس'، نالي هڪڙي يونانيءَ پهرين پهرين گرامر ڏاهي، يوناني زبان جي تعليم روم ۾ اچي ڏني؛ جتان پوءِ ٻين ملڪن ۾ انهيءَ جو رواج پيو، ۽ خاص اصطلاحون، لفظ، نالا ۽ رستا، جي قديم عالمن جا لکيل هئا، سي ظاهر ٿيا ۽ ٻولين ۾ ڪم اچڻ لڳا. اهو علم گهڻن ورهين کان پوءِ 'روم' مان نڪري، ڇهين عيسوي صديءَ ۾، 'قسطنطنيه' ۾ آيو، ۽ اتان ٻين هنڌن تي ويو، ۽ اهو ٿي ساڳيو، هاڻوڪي زماني تائين هليو اچي. اگرچه وقت بوقت منجهس ڪي سڌارا به پئي ٿيا آهن.

انهيءَ گرامر يا صرف نحو جي علم مان ڪنهن خاص ٻوليءَ جي حقيقت ۽ ماهيت معلوم ٿي سگهي ٿي، ۽ خبر پوي ٿي ته ڪهڙين ڪهڙين ٻين ٻولين جا لفظ ڪهڙين ڪهڙين صورتن ۾ انهن منجهه داخل ٿيا آهن ۽ انهن، آنهيءَ ٻوليءَ جي اصلي بناوت ۽ ترڪيب تي ڪو اثر ڪيو آهي يا نه، يا ڪيترقدر اثر ڪيو آهي؟ هڪڙو وڏو مغربي عالم، گرامر کي ٻوليءَ جو رت ۽ ساهه ٿو سڏي. اهو ڪن ٻولين ۾ صاف ۽ پاڪ ۽ اصلي حالت ۾ آهي ۽ ڪن ۾ بگڙيل، ڪريل ۽ گاڏڙ صورت ۾ آهي. انهيءَ تي انهيءَ ٻوليءَ جي شرافت، قدامت ۽ پاڪائيءَ جو درجو منحصر ٿو رهي.

حقيقت ڪري، گرامر يا صرف نحو جي معنيٰ آهي ڦيرا يا گردان، جهڙا 'اسمن' جا، تهڙا 'فعلن' جا. عربيءَ ۾ "صرف" لفظ جي معنيٰ ئي "ڦيرائڻ" آهي. اسم جي ڦيري جي معنيٰ آهي انهيءَ جو عدد، جنس ۽ حالت موجب جدا جدا صورتون، يا ٻين لفظن سان گڏجڻ جو شڪليون. ساڳيءَ طرح، فعل جي ڦيري يا گردان جي

معنيٰ آهي، انهيءَ جون ضميرن ۽ زمانن موجب جدا جدا صورتون. آهي صورتون، اوائل ۾ سنڌي زبان ۾ هڪجهڙيون ۽ باقاعدي هونديون هيون. پوءِ بدلجي بيقاعدي ۽ علحديون ٿي لڳيون آهن. عالمن جي راءِ آهي ته اها ڦيرگهير، ٻارن جي ٻوليءَ ۽ اصطلاح تي نه هلڻ ڪري ٿي پئي آهي، ۽ وري به انهن جي ٻوليءَ تي هلڻ ڪري، ڇو ته سکندي ڇالاءِ جو ٻار هميشه هڪڙو لفظ ٻڌي، ياد ڪري، ٻيا لفظ به انهيءَ نموني تي چوندا. بي قاعدي يا نيارو مثال ڪو به خيال ۾ نه ايندن.

گرامر يا صرف نحو جي عالمن، انهيءَ علم جو مضمون هيٺين ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، جن موجب، انهيءَ جي تعليم ڏيڻ ۾ ايندي آهي. اها تقسيم، قديمي عالمن جي رواج موجب آهي: پهريون-ڀاڱو اکرن کي ملائي، لفظ بنائڻ، جنهن کي عربيءَ ۾ ”علم املا“ چوندا آهن ۽ تهجي يا هيجي ڪرڻ به انهيءَ ۾ اچي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري، الف-بي جي اکرن کي ”حرف تهجي“ سڏيندا آهن، يعني ”آئيويٽا“ ۽ ”لاڪنا“. ٻيو، هڪڙن لفظن مان ٻيا ڪڍڻ ۽ اٿين ڪرڻ ۾ جيڪا صورت يا معنيٰ ۾ ڦيرگهير ٿئي، سا ڏيکارڻ. انهيءَ کي عربيءَ ۾ ”علم اشتقاق“ چوندا آهن. ٽيون، لفظن مان جملن جو ٺهڻ ۽ آنهن جو هڪٻئي سان واسطو، ۽ آنهن جي ترتيب ۽ ترڪيب، جنهن کي ”علم نحو“ چوندا آهن. چوٿون، لفظن ۽ انهن جي مجموعن جو ”وزن“ ۽ آنهن مان ”شعر“ ٺاهڻ، جنهن کي ”علم عروض“ چوندا آهن.

گرامر جي انهن قديم اصولن موجب، ڪابه ٻولي لفظن مان جڙي ٿي، ۽ لفظ، فقط اچار يا آواز آهن، جن مان ڪو خيال پيدا ٿئي ٿو، يا انهن جو پاڻ ۾ واسطو معلوم ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري لفظ يا ته ذاتي شيون هوندا، يا صفتون هوندا، يا تعريفون ۽ وصفون هوندا، يا ميلاپ ۽ ڳنڍڻ هوندا. پهرئين قسم جا لفظ، آهي شيون ڏيکارين ٿا جي هستيءَ ۾ آهن، يا اٿين خيال ۾ اچي سگهن ته پاڻ بذات خود موجود آهن، نه ڪن ٻين جي مدد يا خاصيت جي ڪري. آهي اسم آهن يا انهن جا عيوضي ضمير، جي رڳو انهيءَ مطلب لاءِ ٺهرايائون ته جنس، عدد ۽ حالت جهڙيون ڦرندڙ ۽ اتفاقي صورتون ظاهر ڪري سگهجن. ٻئي قسم جا لفظ آهي شيون ٿا ڏيکارين جي بذات خود، هستيءَ ۾ ناهن، پر ٻين شين جون صفتون ٿا ڏيکارين، ۽ انهيءَ رستي معلوم ٿئي ٿو ته آهي آهن. اهڙا لفظ، فعل يا فعل جهڙا اسم، يا صفتون يا ظرف آهن. جيڪي صفتون فعل ظاهر ٿيون ڪن، سي يا ته چرندڙ آهن يا اڻ چرندڙ. ۽ چرڻ جو واسطو وري وقت، مدت، جاءِ ۽ پنڌ سان ٿو لڳي، تنهنڪري فعل کي زمانن جي ڦيرگهير جو ضرور ٿيو. وري جيڪي فعل گهٽ يا وڌ، زور يا يقين، يا شڪ ڏيکارين ٿا، تن جي نظر تي جدا جدا صيغن يا حالتن جو ضرور ٿيو: جيئن ته 'آءٌ لکان ٿو'، 'آءٌ لکي سگهان ٿو'، ۽ 'تون لک' وغيره وري ڪم ڪندڙ، يعني فاعل، جنهن

تي ڪم ٿئي يعني مفعول، تن جي نظر تي فعل جو معروف ۽ مجهول هئڻ به ضرور ٿيو. فعل جهڙا اسم يا ڪردنت آهي لفظ آهن، جي وقت سان گڏيل يا ٻيءَ طرح جون صفتون ٿا ڏيکارين: جيئن ته لکڻ، لکندڙ، لکندو يا لکيو، يعني اسم مصدر ۽ اسم فاعل، اسم حاليه ۽ 'اسم مفعول'. صفتون وري شين جون آهي ذاتي خاصيتون ٿيون ڏيکارين، جي منجهن موجود آهن، ۽ جن جو چرڻ يا نه چرڻ سان واسطو ڪونهي: جيئن ته چڱو، ٻڍڙو، ڪوسو ۽ ٿڌو. انهن صفتن جا انهن خاصيتن جي گهٽي ۽ ٿوري هئڻ ڪري ۽ پاڻ ۾ مقابلي هئڻ ڪري درجا پيدا ٿين ٿا، جنهنڪري هڪڙو ٻئي کان وڌيڪ يا گهٽ، يا سڀ کان وڌ گهٽ آهي، ۽ انهيءَ طرح تفصيل ۽ 'مبالغو' ظاهر ٿئي ٿو. 'ظرف' وري صفتن جون صفتون آهن ۽ فعلن ۽ ڪردنتن ۽ صفتن وانگي ٻين شين جون خاصيتون به ٿا ڏيکارين. اهي ظرف ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا فقط فعلن سان لاڳو آهن، ۽ ٻيا فعلن، ڪردنتن ۽ صفتن، سڀني سان لاڳو آهن.

ٽئي قسم جا لفظ آهي جي ساڳئي قسم جي شين مان ڪنهن خاص هڪ يا زياده شين کي ٻين کان ڌار ڪري، انهن جي تعريف يا وصف ٻڌائن: جيئن ته هي خاص ماڻهو يا جانور، يا ڪو به ماڻهو يا جانور.

چوٿين قسم جا آهي لفظ آهن جي هڪڙن لفظن کي ٻين لفظن سان ملائين يا ڳنڍين ٿا، نه فقط لفظن کي، پر جملن کي به، ۽ انهن جي معنائن کي به ڳنڍين ٿا يا ڌار ڪن ٿا: اهي آهن حرف جملو، ۽ حرف جر.

انهن کان سواءِ پنجين، قسم جا آهي لفظ آهن، جي ڪنهن قاعدي تي ٻڌل نه آهن ۽ نه خيال ظاهر ڪن ٿا، فقط اوچتا آواز آهن، جي ماڻهن جي واتان نڪرن ٿا، انهن کي حرف 'ندا' چون ٿا.

اهي آهن قديم عالمن جي تقسيم موجب گرامر يا صرف نحو جي علم جا ڀاڱا ۽ اهو آهي انهن جي مضمون جو مجمل تفصيل. پر پوئين عالمن انهيءَ علم جا ڀاڱا هن طرح ڪيا آهن: (١) علم املا جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي، (٢) علم اشتقاق، (٣) علم صرف، (٤) علم عروض، (٥) علم قافيه ۽ (٦) علم بديع يعني صفتون.

انهن ڇاٿايل ڀاڱن موجب اسين هر هڪ ڀاڱن جو مفصل بيان ڏينداسين.

باب ٻيو

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ان جي بناوت

اها ڳالهه قبول ڪيل آهي ته ڪنهن ٻوليءَ جي واقفيت انهيءَ ٻوليءَ جي ڪتابي علم، يعني لٽريچر جاڻڻ جي ڪُنجي آهي. تنهن ڪري ڪنهن ٻوليءَ جي ڪتابي علم جي معلوم ڪرڻ لاءِ آها ٻولي سکڻ ضروري آهي. هر ڪنهن ملڪ ۾ آتي جي اوائل وارن ماڻهن جي ٻولي سادي ۽ جهنگلي هئي، جا پوءِ درجي بدرجي پئي سُڌري آهي. اهو سڌارو گهڻن رستن ۽ آپائن سان ٿيو آهي. انهن سان مکيه آهي انهيءَ قوم يا انهيءَ ملڪ جي ماڻهن جو ٻين قومن يا ملڪن جي ماڻهن سان واهپو يا واسطيداري؛ جنهنڪري هڪڙي ملڪ يا ٻوليءَ جو زباني يا علمي اسباب ٻيءَ ۾ شامل ٿي وڃي ٿو، يا انهن کان اڌارو وٺڻ ۾ اچي ٿو- جي هڪڙو ملڪ سڌريل آهي ته ٻيا آسپاس وارا، ٻلڪ پرانهان ملڪ به انهيءَ جا شاگرد يا قرضي بنجي، انهيءَ مان گهڻي قدر سڌارو حاصل ڪن ٿا. جيئن قديم قومن مان رومن ۽ يوناني ماڻهو سڌريل هئا ۽ انهن کان يورپ جي سڀني قومن پنهنجون پنهنجون ٻوليون سڌاريون. ساڳيءَ طرح، ايشيا ۾ عربي ٻوليءَ ايران، ترڪستان ۽ ٻين ڪن ملڪن جي ٻولين کي سڌاريو- يوناني، لئٽن ۽ سنسڪرت قديمي ٻوليون، جي هاڻ مئل ٻوليون ٿيون سڏجن، تن هن زماني ۾ گهڻين ٻولين کي جياري وڌو آهي. جيئن جدا جدا ملڪن ۽ قومن جي آمدرفت ۽ ڏيتي-ليتي زياده پئي ٿي آهي، تيئن انهن جون ٻوليون نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح وٺنديون، وڌنديون ۽ سڌرنديون ويون آهن. اهو سڌارو پاڻهي ڪين ٿيو آهي، پر ڳالهائڻ وارن ڪيو آهي. انهيءَ مان خيال ۾ اچي سگهي ٿو ته دنيا جي سڀني ٻولين جو پاڻ ۾ ڪو عام يڪو اتحاد يا واسطو آهي، ۽ اهي هڪبئي مان لڪتل آهن، يا هڪڙي اصلوڪي ٿُڙ جون ٽاريون آهن. ٻوليءَ جي چڱائي ۽ عمدگي انهيءَ سڌاري تي منحصر ٿي رهي، پوءِ ڀلي انهن جي ڳالهائڻ وارا ٿورا ئي هجن.

مٿي جيڪو چيو ويو آهي، تنهن مان ظاهر آهي ته ڪنهن ملڪ جو ڪتابي علم آتان جي رهاڪن جي ٻوليءَ تي تعلق رکي ٿو، ۽ ٻولي وري آتي جي ماڻهن يا ڳالهائيندڙن تي تعلق ٿي رکي، ماڻهن جي حالتن ۽ خيالن جو عڪس سنڌن ٻوليءَ

ٿي ٿو پوي، جهڙو زباني ٻوليءَ تي، تهڙو ڪتابي ٻوليءَ تي. گرامر يا صرف نحو، جو صحيح لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو هنر آهي، تنهن جو بنياد پڻ ماڻهن جي ٻوليءَ تي رکيل آهي، ۽ اهو سڌريل ٻه ٿي سگهي ٿو ۽ جهنگلي ٻه- جهڙي انهن ماڻهن جي حالت هوندي. ٻولي گرامر تي تعلق نٿي رکي، پر گرامر جو ٻوليءَ تي تعلق ٿو رهي ۽ انهيءَ مان ئي ٿو ٺهي. تنهن ڪري جي، ڪا ٻولي سڌرندي ته انهيءَ جو علم يا انهيءَ جي ڪتابي علميت ٻه سڌري ٿي- جيئن علميت ٻوليءَ تي منحصر آهي، تيئن ٻولي وري ڳالهائيندڙن تي منحصر آهي. ماڻهن جي قومي، اخلاقي ۽ ملڪي ترقي آسانيءَ سان سندن ٻوليءَ مان معلوم ٿي سگهي ٿي. مثلاً، ڪنهن به وڏي شهر ۾ شريفن، تعليم يافتن ۽ سگهڙن ماڻهن جي ٻولي ٻي، ۽ اڻ پڙهيلن ۽ گهٽ درجي وارن ماڻهن جي ٻولي ٻي آهي. هڪڙي مذهب وارن ماڻهن جي ٻولي، ٻئي مذهب وارن ماڻهن جي ٻوليءَ کان ٻيءَ طرح جي آهي. گهڻن شهرن ۾ مردن جي ٻولي زالن جي ٻوليءَ کان ٻيءَ طرح جي آهي. انهيءَ طرح، ڌار ڌار ماڻهن جو اثر قومن ۽ فرقن تي ٿو رهي. هڪڙي وڏي ٻوليءَ جون جدا جدا ڦريون يا شاخون ٿيون ٿين، جن جي ڳالهائڻ جي طرز ۽ اصطلاح هڪڙي ئي ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ علحدي آهي.

وري جيڪي ماڻهو زباني ۽ ڪتابي ٻوليءَ تي اثر ٿا ڪن، تن مان ڪنهن خاص ملڪ جي پاسي وارن ملڪن، ۽ سير ۽ سياحت ڪندڙن، ڪاهه ۽ فتح ڪندڙن جو اثر، ملڪ جي ٻوليءَ تي گهڻو ٿو ٿئي، خصوصاً فتح ڪندڙن ۽ حاڪمن جو. عربي پهاڪو آهي ته "الناسُ علي دينِ ملوڪهم" يعني ماڻهو اڪثر پنهنجي بادشاهه جي دين ۽ رسم جي پيروي ڪندا آهن. انهيءَ ۾ رسم، رواج، پوشاڪ، اُٿ-ويهه جا قاعدا ۽ ملڪي رايا، سڀ اچي وڃن ٿا. حقيقت ڪري ڪنهن قوم جي ٻولي ٿرماميٽر يا بئراميٽر وانگي هڪڙو اوزار آهي، جنهن مان گرمي ۽ هوا جي حالت جي بدران ماڻهن جي حالت ۽ سڌاري جو درجو يا انداز معلوم ٿئي ٿو. هڪڙي انگريز عالم جو چوڻ آهي ته "ڪنهن قوم جي ڪتابي علم مان انهيءَ قوم جي حياتيءَ جو سمورو احوال معلوم ٿي سگهي ٿو. تاريخ جي ڪتابن مان فقط ڪنهن قوم جا وڏا وڏا ڪم ۽ ڪارناما معلوم ٿين ٿا، پر ڪتابي علم مان انهن جي اخلاقي حالت، دل جا ميل، خواهشون ۽ انهن جي عقلي، دماغي، ذهني حالت ۽ باطني چالاڪيءَ جي پوري پوري خبر ٿي پوي. اسين ڪنهن ماڻهوءَ جي فقط ظاهري هلت چلت ڏسي، هن جي چال ۽ اخلاقن جو تخمينو ڪري سگهون ٿا، پر هن جي اندر جي حالت جي، ۽ جيڪي خيال هن جي دل ۾ پيا هلن، تن جي اسان کي ڪابه خبر ڪانه ٿي پوي. پر اهڙي خبر اسان جي ماڻهن جي ڳالهايل ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن مان پئجي سگهي ٿي."

مٿي جيڪي عام ٻولين جي نسبت ۾ چيو ويو آهي، سو سنڌي ٻوليءَ سان ٻـ لاڳو آهي، جو انهيءَ ۾ ٻـ ڪيترن قومن ۽ مذهبن جا مخفي ۽ ظاهري نشان موجود آهن. انهيءَ سان قديم وقت کان وٺي هن وقت تائين، سنڌ جي تاريخ معلوم ٿي سگهي ٿي ۽ صاف طرح خبر پوي ٿي ته ڪهڙيون ڪهڙيون قومون هڪٻئي پٺيان سنڌ تي ڪاهي آيون، ۽ ڇو؟ هڪڙيءَ زبان جا ساڳئي پرڳڻي ۾ گهڻا قسم ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا. مسلمانن جي سنڌي ٻولي، هندن جي سنڌي ٻوليءَ کان ٻي طرح جي آهي بلڪ هندن مان ٻـ ڪي اڪثر هندي ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ ڪي هاڻوڪي عربي ۽ فارسي آميز سنڌي ٻولي - ڪوهستان يا ڪاڇي جي ماڻهن جي ٻولي، توڙي سرحد، سنڌ يا بلوچي ڀاڱن جي ٻولي، ريگستان جي ٻوليءَ کان علحدي آهي. سنڌ جي اتر واري ڀاڱي جي اترادي ٻولي، ان کان مٿي يعني آبي جي ٻوليءَ کان ٻيءَ طرح جي آهي ۽ ان کان هيٺ ڏکڻ واري ڀاڱي يعني لاڙ جي ٻوليءَ کان ٻيءَ طرح جي، وچ واري ڀاڱي يا وچولي جي، يعني حيدرآباد جي آسپاس واري ڀاڱي جي ٻولي مرڪزي ٻي آهي، جا سڀني کان سڌريل شمار ٿيل آهي ۽ جنهن ۾ تعليمي ڪتاب پڻ لکيا ويا آهن. انهيءَ کان سواءِ سنڌ ۾ سرائڪي ٻولي ٻـ ڳالهائجي ٿي، جنهن ۾ سنڌي پنجابي سان گڏيل آهي، ٿريلي ٻولي ٻـ ڳالهائجي ٿي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي مارواڙي يا ڪڇي يا گجراتيءَ سان گڏيل آهي، ۽ جنهن کي راجستاني ٻولي ٿا چون. بلوچڪي ۽ براهڪي ٻولي ٻـ ڳالهائڻ ۾ ٿي اچي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي فارسي ۽ پشتو ۽ بلوچيءَ سان گڏيل آهي. سن ١٩٠١ع واري آدمشماريءَ موجب سنڌ جي رهاڪن جو سمورو تعداد (٣٢١٠٩١٠) ٻٽيهه لک ۽ ڏهه يارهن هزار وڌيڪ هو. انهن مان (٢٧٣٤٣٥٦) يعني ٻه ڀاڱي ٽي کان وڌيڪ سنڌي ڳالهائڻ وارا هئا، (١٠٢٨٩٧) بلوچڪي ڳالهائڻ وارا، (٩٠٢٠٠) گجراتي، (٣٠٩٧٦) پنجابي، (٤٧٧٤) هندي، (١١٣٦٦) مرهٽي ۽ (١٥٢٤٧٩) راجستاني.

ٻولين جي شجري موجب، سنڌي ٻولي آرين جي قديم ۽ شريف ٻوليءَ جي ڪٽنب مان آهي، جنهن مان نڪتل ٻولين ڳالهائڻ وارا اڪثر جهان جي تاريخ ۾ ماڻهن جا مهندار ۽ سڌاري جا باني ٿي گذريا آهن. انهي ٻوليءَ جي ايشيائي ٽڙ يا ڏار مان جن ٻن نڪتل ٻولين جو واسطو سنڌي ٻوليءَ سان رهيو آهي، سي آهن هندي ۽ ايراني. هندي ٻولين يا شاخن مان سڀني جي سردار سنسڪرت آهي. انهيءَ جون قديم ۽ اوائل واري حالت جون ٻوليون: پراڪرت ۽ پالي ٻوليون هيون. انهن مان پراڪرت، پنهنجن شاخن سميت، اتر هندستان جي ٻولين جي ماءُ آهي، ۽ پالي وري ڏکڻ هندستان جي ٻولين جي پيدا ڪندڙ آهي.

انهيءَ شجري جي نظر تي، سنڌي ٻولي پراڪرت جي ڌيءَ آهي ۽ سنسڪرت جي ڏوهٽي آهي. انهيءَ کي ڪٿي هڪڙي خيالي زال سمجهو: اها ٻهرين هڪڙي

مسلمان عرب سان پرڻي، ۽ انهي جي مرڻ کان پوءِ، اها هڪڙي گڏيل ذات واري مسلمان سان پرڻي، جنهن ۾ تاتاري، مغل، افغان ۽ هلو چڪورت يا نسل گڏيل هو. انهيءَ کان پوءِ، وري هڪڙي ڪرسچن انگريز کي هٿ آئي. اها زال "سنڌ" يا "سنڌي" ٻولي هئي. انهيءَ جي پهرين شادي سن ٧١٢ع ۾ ٿي، جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي، ٻي شادي ١٠٢٦ع ۾ ٿي، جڏهن محمود غزنويءَ سنڌ فتح ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ پٺاڻ، مغل ۽ ٻين خاندانن جا مسلمان بادشاهه آيا؛ ٽي شادي سن ١٨٤٣ع ۾ ٿي جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي. هر هڪ مڙس مان ان کي اولاد ٿيو، جي سڀ صلح ۾ گڏ پيا گذارين، پر افسوس آهي ته ٿورن ڏينهن کان ڪن سببن ڪري، انهن جي وچ ۾ انبٽت ۽ مخالفت پيدا ٿي آهي، ۽ ڪن خيرخواهن جي ڪوشش آهي ته انهن جي وچ ۾ وري پرچاءُ ڪن ۽ اتفاق پيدا ڪن، جيئن اڳي هوندو هو.

هاڻي ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌي اصل هندڪي زبان آهي، تنهنڪري منجهس بيشمار لفظ آهن جي پراڪرت جي معرفت سنسڪرت مان ورتل آهن، جن مان گهڻا صورت بدلائي ڪم اچن ٿا. انهيءَ هوندي به ڪي لفظ نج سنڌ جا واسي آهن، خصوصاً: ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ، ڱ ۽ ڻ حرفن وارا، پاڻي، ڌهر، ڌهرسن، ۽ پيا اهڙا ناﻻ يا لفظ تاريخ ۾ ملن ٿا ۽ ڪي پيا به آهن، جيئن ته ڄڱنگ، ڏنگ، ڍينگ، ڏنگ ۽ ٻڪڙي وغيره. انهن اصل هندي ۽ نج سنڌي لفظن کان سواءِ، باقي پيا عربي، فارسي، ترڪي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ آهن. حساب ڪيو اٿن ته سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جا اصل ٻارهن هزار لفظ آهن، ساڍا ٽي هزار نج سنڌي لفظ آهن، اوترا هزار عربي لفظ آهن، ۽ پيا به هزار فارسي وغيره آهن. پر سنڌيءَ جي نسبت ۾ ايتري تعريف ڪرڻ لازم آهي ته پنهنجي ماءُ ۽ ناني ڏاڏهن سچي، ايماندار ۽ وفادار رهي آهي، جو انهن جون گهڻيون اصلوڪيون صورتون سنڌس ٻين ڀينرن کان منجهس گهڻيون ۽ زياده صحيح موجود آهن. مثلاً فعل ۽ ظرف، سي البت عربي يا فارسي نموني تي ڍليل آهن، باقي ٻيون سڀ صرف نحو جون صورتون سنسڪرت ۽ پراڪرت وياڪرڻ سان موافقت رکن ٿيون، ۽ منجهس ايترا سنسڪرت ۽ پراڪرت جا لفظ اصلوڪي يا بدليل صورت ۾ موجود آهن، جو انهن مان ڪتل ٻين ٻولين ۾ نه آهن، جيئن ته مرهٽي، گجراتي، پنجابي، بنگالي، هندي وغيره.

سنڌي ٻوليءَ تي اهو نالو "سنڌ" ملڪ تان پيو آهي ۽ انهيءَ تي اهو نالو "سنڌو" لفظ تان پيو آهي، جو سنسڪرت ۾ "وڏي نديءَ" کي چون. اهو نالو سنڌ جي درياءَ جو آهي، جنهن کي اڳي "مهراڻ" سڏيندا هئا. سنڌ جي تاريخ موجب جدا جدا وقتن تي، سنڌي ٻوليءَ جا عناصر يا جزا منجهس پئي داخل ٿيا آهن. عيسوي ستين صديءَ تائين، سنڌ آرين قومن جي راڄ هيٺ رهي، يعني ٻڌ ڌرم وارن ۽

برهمڻ حاڪمن جي حڪم هيٺ. تنهن کان پوءِ آرين جي ٻدران سيمينڪ قومن جي هٿ هيٺ رهي، يعني ايرانين ۽ يونانين جي هٿ هيٺ. ڏهين عيسوي صديءَ کان وٺي منگول يا مغل آيا، جي اوڻيهين صديءَ جي وچ تائين آتي رهيا. انهن کان پوءِ انگريز ماڻهو آيا، جن جو راڄ اڄ تائين هليو هلي. انهن سڀني علحدن ٻولين جا نشان سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن ۽ انهن جا ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح اصلوڪي يا بدليل صورت ۾ اڃان تائين ڪم پيا اچن ۽ ٻوليءَ ۾ ڳنڍجي هڪ ٿي ويا آهن. منجهس اهڙن عجيب غريب مفرد ۽ مرڪب لفظن جا مثال پيا آهن، جن مان انهن جي اصل نسل جي توڙي ٻئي تاريخي احوال جي خبر پئجي سگهي ٿي. هيٺ جدا جدا ٻولين مان نڪتل ڪي ٿورا لفظ نموني لاءِ ڏجن ٿا:

١. سنسڪرت مان پراڪرت جي معرفت: وڇون (ورشچڪ)، جيپ (جواهه)، ڪوڏر (ڪدال)، گڏهه (گردڀ)، ڏيرو (دربل)، سَپُ (سرپ)، ٻاڦ (واشپ)، جنم (جنم)، وسڻ (ورشڻ)، ۽ پيهڻ (پيشڻ) وغيره.

٢. عربيءَ مان: ٻاڪري (بقال)، ٻجاجي (بزاز)، ٻصر (بصل)، ٿوم (ثوم ۽ فوم)، ٻوڪ (بوق)، ٻدڪ (بطيخ)، اڳ (عرق)، ٻوراڪ (بالغ)، زائفان (ضعيفه)، دٻلو (طبلہ)، سِٽ (سطر)، سنبل خار (سم الفار)، مسيت (مسجد)، جناخون (جناغ)، ڪاسائي (قصاب)، ڪارب (قالب)، ڪواز (قواعد)، ڳرز (غرض)، ڪاشو (غاشيه)، مسخرو (مسخره)، مترڪو (مطرق)، نٽ (نطع)، ۽ ڪلف يا ڪرف (قفل) وغيره.

٣. فارسيءَ مان: اسپنگر (اسپغول)، پنبو (پنبه)، پهراڻ (پيرين)، پليت (پليد)، جنڊ (جفت)، جٽود (زود)، ڪنڊ (قند)، چنبو (پنجه)، جليبي (زلابيه)، خاشکلي (خاصخيلي) دادي نه استادي (نه داده نه ستانده)، ڏڏ (دد)، ڍولڪ (دهلک)، ساري (شالي)، سڳڻ (شگون)، شيخ (سيخ)، سوف (سيب)، سرگس (سرگشت)، ڪاڳر (ڪاغذ)، ڪاڻ (ڪان)، ڪارڪ (خارڪ)، گجر (گزر)، ملم (مرهم)، ۽ همام دستو (هاون دسته) وغيره.

٤. ترڪيءَ مان: اوطاق (اوتاغ)، ٻورچي (باورچي)، چلمچي (چلابچي)، ڪينچي (قينچي)، آزبڪيون (اوزبک)، چغو (چوغه يا چوغا)، ڪاشڪ (قاشق)، ڪنولي (قلي)، تڪمون (دوگمه)، ڪارو (قار)، خچر (قاجر)، قاترچي (يعني خچرن جو سنڀاليندڙ)، طباچي، مشعلچي، چقمق ۽ قنداق (بندوق) جو وغيره.

٥. هنديءَ مان: ٻوڙو (بهرا)، ڏڪاڻ (ترکان)، سونهڙ (ستار)، واڱڻ (بينگن)، ڏونڪو (ڏنکا)، ڏاڳو (تاگا)، چڱو (چنگا)، جافر (جاءِ ڦل)، پتاشو (پتاشه)، سئور (سور)، ۽ پيا، جي سنسڪرت مان نڪتل آهن.

٦. بلوچيءَ مان: ٻاگهيو (ٻاگهه)، وڳ (ٻَڪ)، اٽالو (ٽالہ)، پورهيو (ڦوريہ)، ڄانگهو (ڄانگو)، چيچہ (چوچ)، ڏاھہ (داھہ)، ڳڏي (ڳدي يعني وڇين آڳر)، مڙي (مڏي)، لغور (لغور)، دوھہ (دروھہ)، ۽ ڊوم (دونبہ يعني لنگهو يا ڳائڻو) وغيره.

٧. پشتو يا افغانيءَ مان: ڊوڊو (ڊوڊئي)، ڏاڙو (داڙا)، جهڳڙو (جڳڙا)، دڙڪو (دڙڪا)، چيرا (چرھہ)، ڳهل (غلا يعني چور)، ڳدڙ (ڳيدڙ) ڳيدي، جَنبُو يا جانڊو (جرنده) هَشيار (اٺهار)، هاٺي (آتي)، ڏوپ (ڏسپ)، ۽ ڳنڌي (غَنڌي) وغيره.

٨. انگريزيءَ مان: ٻاٽلي (ٻاٽل)، الماڙي (الماٽرا)، پلٽڻ (پٽالين)، مالڪيٽ (مارڪيٽ)، درجن (ڊزن)، پتلون (پٽلون)، گدام (گوڊائون)، ڪارتوس (ڪرٽرج)، پٽريل (پٽلر)، اسپتال (هاسپيٽل)، پادري (فادر)، سنتري (سينٽينل)، ڊريس (ڊريس)، رپوٽ (رپورٽ)، ڏامر (ڊامر)، سڪول، ڪاليج، ۽ سوجر (سولجر) وغيره.

انهن کان سواءِ، سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ٻيا لفظ آهن، جي آواز يا شڪل ۾ ٻين گهڻين ٻولين سان مشابهہ ۽ موافق آهن، ۽ آهي سڀ هڪڙي وڏي آرين اصل يا 'ٿڙ' مان نڪتل آهن، جيئن تہ

سنڌي	سنسڪرت	هندي	عربي يا فارسي	انگريزي
اٺ	اسٽ	اٺ	هشت	ايٽ
آفير	آڦين	افيم	افيون او پيم	(يوناني اوفون)
آمري يا ڳدامري	امليڪا	امليِ	تمرهندي	ٽامرنڊس
ذات	جات	ذات	ذات	ڪاسٽ
ڏند	دَنت	دانت	دندان ٽوٿ	(لٽن ڊينٽس)
جوڳ	يگم	جگم	يوڪيدن	يوڪ
سؤ	شَت	سؤ	صد	سينٽ
ڪپور	ڪرپور	ڪپور	ڪافور	ڪئمفر
ناڻءَ	نام	نام	نام	نيم (لٽن فامين)
ڳلو	گَل	گلا	گلو	گليٽ

ٻيا بہ ڪيترائي گهڻن زبانن جا مقابلي ۽ مشابهت وارا عجيب غريب لفظ آهن، پر زياده مثال ڏيڻ ضرور ناهي، جن مان ٻولين جي اصل جي جاچ ڪندڙن عالمن کي گهڻي خوشي حاصل ٿي ٿئي.

اهي آهي سنڌي ٻوليءَ ۽ الهيءَ جا عناصر يا جزا، جي هاڻي ڳالهائڻ ۾ ٿا اچن، ۽ اهو ٿيو زباني علم. هاڻي اسين ڪتابي علم جو ذڪر ڪنداسين. سنڌيءَ ۾ ڪتاب تمام ٿورا لکيل آهن، تنهنڪري ڪتابي علم تمام ٿورو ۽ ضعيف آهي. ڪتابي

علم جي معني آهي اها ٻولي جا لکڻ پڙهڻ ۾ ڪم ٿي اچي. سنڌيءَ ۾ اڳي شروعات ۾ کھڙي قسم جا اکر لکبا هئا. تنهن جي خبر بلڪل پئي نٿي سگهي. گھڻو ڪري هاٽوڪيءَ ڳڙمکيءَ جهڙا اکر لکبا هئا، جي سنسڪرت حرفن سان مشابهه آهن ۽ جن مان هاٽوڪا "هندو سنڌي" يا ٻيا اکر جي واڻيا لکندا آهن، تڪتل ٿا ڏسجن. پر عربن جي فتح کان پوءِ، عربي حرف ڪم اچڻ لڳا، جو عربي لفظ به ان ۾ گھڙي پيا هئا. انهيءَ ڪري اڄ سوڌو انهيءَ کي عربي سنڌي سڏيندا آهن، هندڪن اکرن کي 'هندو-سنڌي' ٿا سڏين، سنڌ ۾ جڏهن عربي ۽ فارسي ٻوليون آخوند ۽ مُلا سيکارڻ لڳا، تڏهن سنڌي ماڻهو به انهن اکرن ۾ لکڻ لڳا، جيڪي اکر يا آواز سنڌي ۾ خاص هئا، سي عربي ۽ فارسي اکرن تي ٽِڪن يا ٻين نشانن ڏيڻ سان، يا ٻين اکرن جي ملائڻ سان لکڻ لڳا. جيئن اڙدوءَ ۾ ڪن ٻين زبانن به ڪيو. اهڙو حال ٽالپرن جي راڄ تائين هليو. سنڌ ١٨٤٣ع ۾ انگريزن فتح ڪئي. ۽ ١٨٥٣ع ۾، سنڌ جي ڪمشنر صاحب مسٽر فريئر، جو پوءِ سر بارٽل فريئر ٿيو ۽ جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ 'فريئر هال' ٺهيل آهي، تنهن جي وقت ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس حڪم جاري ڪيو ته سنڌي الف-بي جا اکر عربي فارسي نموني جا ٿين، ۽ انهن ۾ لکپڙهه ڪجي، ڪتاب لکجن ۽ اسڪولن ۾ تعليم ڏجي، ۽ جيڪي عملدار ملڪي کاتن ۾ نوڪر آهن، سي زباني ۽ رواجي سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن. انهيءَ کان اڳ ترجمان رکي گڏيل سنڌي-فارسي اکرن ۾ سرڪاري دفتر رکڻ ۾ ايندو هو. سگھو ئي تعليم کاتو مقرر ٿيو ۽ اسڪول جاري ٿيا. سال ١٨٩٥ع ڌاري انگريزي دور ۾، ديسي مڪتبن کي پئسن يا انعام جي مدد ڏيئي، تعليم کاتي ۾ داخل ڪيائون. ۽ خلاصا ڊپوٽي ۽ نائب ڊپوٽي مُلن جي مڪتبن جي نظرداريءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا. انگريز سرڪار انهن تي وڏي رقم سال بسال خرچ ڪندي هئي.

انگريز سرڪار جي حڪومت جي شروعات ۾، ليٿو گراف يا پٿر تي ڇاپيل ڪتاب يا ڪاغذ ڪم اچڻ لڳا. پوءِ ٽائپ يا لوهي اکر به ٺهيا. ڊاڪٽر ٽرمپ، جرمن عالم، پهريون ئي شخص هو، جنهن "شاهه جو رسالو" جرمنيءَ ۾ وڃي انگريز سرڪار جي خرچ تي ٽائيپ ۾ ڇپايو. پوءِ ته گھڻائي خانگي ڇاپخانا پيدا ٿيا، ڪي سرڪاري، ڪي خانگي. پهريائين سنڌي ڪتاب جي ماڻهن ڇاپيا سي هئا ديني ڪتاب، اڳوڻي سنڌي ٻولي ۽ فارسي آميز اکرن ۾ هئا، ۽ گھڻو ڪري سنڌ جي ڪن عالمن ۽ بزرگن جا هئا، خصوصاً ٺٽي ۽ لاڙ جي پاسي جا. انهن مان ڪي مشهور ماڻهو هي هئا: سيد صفائي بکر وارو، سيد معصوم شاهه بکر وارو (جنهن جو منارو مشهور آهي)، قاضي محمود علامه ٺٽي وارو (جو مرزا ترخان جي زماني ۾ هو.)

مخدوم ابوالخير (جو مشهور ڪتاب ”فتاويٰ عالمگيري“ جي تصنيف ۾ شامل آهي،) شيخ عبدالواسع صوفي، مخدوم ابوالحسن ٺٽي وارو، ميان محمد محسن شاعر ٺٽي وارو مير علي شير ”قانع“ ٺٽي وارو (جو ”ڪتاب تحفة الڪرام“ جو مصنف آهي)، ميان عبدالرحيم گرهوڙ وارو، شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻيا. اهي سڀ سنڌ جا مشهور عالم ٿي گذريا آهن، جن عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر ديني ۽ تاريخي ڪتاب لکيا آهن. جهڙا نثر ۾ تهڙا نظم ۾. جيڪو سنڌي شعر هو، سو بيتن يا ڏوهيڙن جي صورت ۾، يا لوڙائو بيتن جي صورت ۾، مضمون اڪثر ديني هو. اهڙي نمولي ”نورنامه“ ۽ ”ابوالحسن جي سنڌي“ ۽ ٻيا ڪي ڪتاب ڇاپيا ويا، جي پڙهڻ ۾ ايندا هئا. گهڻو پوءِ، شاهه ڪريم، ۽ شاهه ڀٽائي جا رسالا ڇپيا، ۽ ڪم اچڻ لڳا. انهن جو مضمون نه رڳو ديني هو پر تصوف بابت به هو، يعني حقيقي عشق بابت هو. اهي ماڻهو سنڌي شعر جا استاد شمار ۾ آيا، ۽ ٻيا به انهيءَ نموني تي شعر چوڻ لڳا.

جيئن ٻين ملڪن ۽ قومن ۾ ٿيو آهي، تيئن سنڌ ۾ ڪتابي علم پهرين شعر يا نظم سان شروع ٿيو، ۽ نثر گهڻو پوءِ ظاهر ٿيو، اهو شعر به پهرين هميشه جهنگلي نموني جو پٺي ڇيو آهي: اهو لکڻ لاءِ نه هو، پر ياد ڪرڻ، پڙهي ٻڌائڻ يا ڳائڻ جي لاءِ، جيئن ڀَٽَ ۽ مڱڻهار ڪندا آهن. مثال لاءِ انگريزي شعر وٺو، جنهن ۾ پهريون شاعر سندين چوڻ ۾ ٿو اچي، جو ستين عيسوي صديءَ ۾ رهندو هو: انهيءَ جي شعر جو مضمون ’انجيل‘ بابت ۽ انهيءَ وقت جي جنگين بابت هو. پوءِ چوڏهين صديءَ ۾ چاسر آيو. جڏهن انگريزي شعر تي فرانس ۽ اٽليءَ جي شعر جو اثر ٿيڻ لڳو هو، ۽ عشق جو مضمون شعر ۾ داخل ٿيو. راڻي ايلزبيٿ جي وقت ۾ يعني سورهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ايڊمنڊ سپينسر آيو، جنهن چاسر جي پيروي ڪئي، پوءِ شيڪسپيئر آيو ۽ ناٽڪ ۽ قصا رواج ۾ آيا. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ ملٽن ۽ گريءَ ۽ ورڊسورٿ آيا. پڇاڙيءَ ۾ ٽينيسن جهڙا شاعر آيا جن جو شعر ڪامل چوڻ ۾ ٿو اچي. انهيءَ طرح ڪتابي علم، جنهن کي انگريزيءَ ۾ لٽريچر چون ٿا، سو پريندي شعر سان شروع ٿيو ۽ اهو شعر به جهنگلي هو، پوءِ قصا آيا، ناٽڪ آيا ۽ بعد ۾ عمدو، اخلاقي ۽ خيالي شعر آيو.

ساڳيءَ طرح، سنڌي ڪتابي علم به شعر سان شروع ٿيو، ۽ سنڌي شعر به پريندي ڏوهيڙن يا بيتن وارو هو، جهڙو هندي ڀاشا ۾ عام هو، جيئن گرونانڪ صاحب يا تلسيداس ۽ سورداس جو شعر آهي. پوءِ ڪبير صاحب ۽ شيخ فريد آيا، جي تيرهين صديءَ ۾ هئا. انهن جي شعر ۾ ٿورا گهڻا فارسي ۽ عربي لفظ لين ٿا. انهيءَ ڀاشا مان شاهجهان مغل بادشاهه جي راڄ ۾ عربي ۽ فارسي وغيره لفظن جي گڏجڻ سان اردو ٻولي پيدا ٿي. ۽ انهيءَ ڀاشا جا ڏوهيڙا سنڌي جي اوائلي شعر

جو نمونو ٿيا. شاهه ڪريم جا بيت انهن ڏوهيڙن جهڙا آهن، ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۾ گهڻا ٻن مصراعن وارا بيت ڏنا ۽ گهٽ ۾ زياده مصراعون آندائين ۽ ڳائڻ لاءِ وايون وڌايائين. انهيءَ وقت ڌاري، انهيءَ جهنگلي شعر ۾، يعني لوڙائو بيتن ۾ جنگين جو احوال، عشقي قصا، معجزا ۽ مداحون لکجڻ لڳيون. انهيءَ وقت جي سنڌي شاعرن جا نالا مٿي ڏنا ويا آهن. اهو قديمي جهنگلي سنڌي شعر، سترهين صديءَ جي شروع تائين هليو. پوءِ وري ساڳئي قسم جي شعر ۾ هڪڙي قافيه واريون گهڻيون مصراعون ڪم اچڻ لڳيون، جيئن ڪتاب "بيان العارفين" ۾ آهي، جو مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي جو جوڙيل آهي، ۽ شاهه عبدالڪريم بابت آهي. ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ شاهه ڀٽائي آيو، جنهن تصوف جو مضمون عشقي قصن جي پوشاڪ ۾ آندو، ۽ ٿورين ٿورين مصراعن جا بيت، جدا جدا سرن ۾ آندائين ۽ سُرَ سُرَ جي پڇاڙيءَ ۾ وايون آندائين. شاهه صاحب جي نموني تي گهڻن ماڻهن شعر چيو، خصوصاً 'سچل فقير' درازن وارو، جو ٽالپرن جي راڄ ۾ رهندو هو. سچل فقير سرائڪي ٻوليءَ ۾ به شعر لکيو ۽ فارسيءَ ۾ به. هن جي پيروي ڪندڙن مان سندس مريد، ٻالڪا ۽ ٻيا انهيءَ وقت جا شاعر هئا، جيئن ته يوسف فقير، روحل فقير ۽ مراد فقير. انهن پوين شاعرن جي اها خاصيت هئي ته سندن بيت هندي ڀاشا وارن سلوڪن جي صورت ۾ هئا، جي هندن ماڻهن کي پسند ايندا هئا. تنهنڪري گهڻا هندو ماڻهو سندن مريد ٿيڻ لڳا. انهيءَ وقت ڌاري ڪي هندو شاعر به ظاهر ٿيا، جن هندڪي اصطلاح ۾ صوفيانو شعر بيتن جي صورت ۾ چيو؛ جيئن 'لعلو ڀڳت' ۽ 'سامي' مهنگهراج، يا سندس ٻالڪي پائي چيئن راءِ جا سلوڪ.

انهيءَ قسم جو جهونو سنڌي شعر عيسوي اوڻهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين هليو. پوءِ مير ڪرم علي خان ٽالپر جي راڄ ۾ مير صاحبن جي ايران جي بادشاهه سان دوستي قائم ٿي، جنهنڪري گهڻا ايراني شاعر ۽ ٻيا قابل ماڻهو سنڌ ۾ اچڻ لڳا، ۽ فارسي ۽ عربي ٻوليءَ تازي رونق ورتي. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾، خصوصاً سنڌي شعر ۾، نه فقط گهڻا فارسي لفظ ۽ اصطلاح داخل ٿيا، پر فارسي شعر جا وزن يعني بحر ۽ قافيا به ڪم اچڻ لڳا. انهيءَ شعر جو باني ثابت علي شاهه هو، جنهن مرثيا، قصيدا، منقبت ۽ ٻيا شعر فارسي شعر جي نموني تي چيا. انهيءَ وقت کان وٺي انهيءَ قسم جو شعر رواج ۾ اچڻ لڳو، ۽ گهڻا شاعر انهيءَ جي پيروي ڪرڻ لڳا. انگريز سرڪار جي حڪومت جي شروع ۾ خليفي گل محمد، پراڻا هالن واري ته سڄو ديوان غزلن جو فارسي بحرن ۾، سنڌي الف-بي جي حرفن تي لکيو ۽ شاهه جي رسالي وانگر ڪوشش ڪري، نج سنڌي لفظ ڪم آندا اٿس. انهيءَ کان پوءِ، ٻين ڪن به اهڙا سنڌي ديوان لکيا آهن، جيئن ته "ديوان قاسم"، "ديوان فاضل"، "ديوان سانگي"، "ديوان بلبل" ۽ "ديوان قليچ" وغيره.

انهيءَ ساري عرصي ۾ شعر يا نظم لکڻ ۾ پئي آيو، پر نثر جو ڪنهن کي خيال ئي ڪونه ٿي آيو جڏهن انگريز سرڪار جي حڪومت ۾ تعليم کاتو جاري ٿيو، تڏهن مس ڪي ڪتاب سنڌي نثر ۾ لکيا ويا- گهڻا اڪثر فارسي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جا ترجما ٿيا. اهڙن جهونن سنڌي ڪتابن لکڻ وارا منشي ڪاهنداس، جنهن ”تاريخ معصومي“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ منشي ننديرام، ديوان اڌارام ٿانورداس ۽ ديوان پريتداس ۽ ڪي ٻياء ان بعد، ديوان ڪوڙومل چندنمل هو، اهي انگريزي ڄاڻندڙ به هئا ۽ تعليم کاتي سان واسطو به هون. مسلمان انهن ڏينهن ۾ اڃا انگريزي ٻوليءَ کان ڇڄندڙ هئا، ۽ اسڪولن ۾ ٿي نٿي پڙهيا. انهن هندو صاحبن اسڪول جي ڪم لاءِ ڪي سنڌي ڪتاب جدا جدا مضمونن تي لکيا، جن جا ڪي نالا هي آهن: ”باب نامو“ ”سيڪائتو نروار“، ”سنساري نروار“، ”آڪاسي نروار“، ”قدرتي نروار“، ”ليکي جي پيڙهه“، ”ايسپ جون آکاڻيون“، ”ٻنهي زميندار جي ڳالهه“، ميان محمد جو ”صرف نحو يا گرامر“، ”سوکڙي“ ۽ ڪي ٿورا ٻيا. سکهوڻي پوءِ درجيوار سنڌي ڪتاب ظاهر ٿيا ۽ ٻين علمي مضمونن تي به انگريزي مان ڪتاب ترجمو ٿيا، جيئن ”علم طبعي“، ”علم طبقات الارض“، ”اقليدس“، ”علم هيئت“، ”علم ڪيميا يا ڪيمسٽري“، ۽ ”علم دستور المعاش“ وغيره انهيءَ کان سواءِ قصا، ناٽڪ ۽ ٻين مضمونن جا ڪتاب به نڪتا، جيئن ته ”الف ليلي“ ”فسانهء عجائب“، ”حاتم طائي“، بلڪ قرآن جا به سنڌي ۾ ترجما ٿيا.

سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري ۾ ڪن يوروپي صاحبن به گهڻي مدد ڏني، جيئن ته ’اسٽئڪ‘ صاحب هڪڙو گرامر ۽ هڪڙي ڊڪشنري يا لغت جو ڪتاب لکيو، پر انهيءَ ۾ گرمکي يا شاستري اکرن ۾ سنڌي لکيائين. ٽرمپ صاحب جرمن، به هڪڙو گرامر لکيو ۽ شاهه صاحب جو رسالو ڇاپايو. شرٽ صاحب پادري به ڪن ٻين ديسي صاحبن جي مدد سان سنڌي انگريزي ڊڪشنري لکي. گولڊ سمٿ صاحب ”سسئي پنهون“ جو قصو انگريزي شعر ۾ وڌو، ۽ هارٽ ڊويز صاحب وري سنڌي ڪافيون انگريزي شعر ۾ وڌيون. انهن ڏينهن ۾ اخبار ٻه ڪانه هئي، پهرين فارسي اخبار ”مفرح القلوب“ جاري ٿي ۽ پوءِ ”سنڌ سڌار“ سرڪاري تعليم کاتي جاري ڪئي. پيون سنڌي اخبارون جاري ٿينديون ويون، جي هفتيوار نڪرنديون هيون. هاڻي ته گهڻيون ئي روزانيون سنڌي اخبارون به آهن ۽ ڪي ماهيانه رسالا به نڪتا آهن، جي اڪثر تعليم جي ڪم لاءِ يا اسڪولن ۽ ڪاليجن سان واسطو رکن ٿا.

زناني تعليم، جا اڳي ٻڌڻ ۾ نه ايندي هئي، سا به پوءِ جاري ٿي ۽ زنانا اسڪول جاري ٿيا. ماستريائڻين جي تعليم لاءِ ڪاليج به پيو، ۽ نظر ڪرڻ لاءِ انسپيڪٽريس به مقرر ٿي.

انھيءَ طرح، ھاڻي سنڌي ٻولي، زباني توڙي ڪتابي طرح چڱي ترقي ڪئي آھي، مگر اڳوڻي ۽ ھاڻوڪي طرز جي وچ ۾ البت فرق معلوم ٿو ٿئي. سنڌ جي رھاڪن مان گھڻن ھندو صاحب تعليم يافته ٿيا، سرڪاري نوڪرين ۾ داخل ٿيا ۽ تعليم کاتي ۾ گھڙي، ڪتاب لکڻ لڳا. پر اڳي انھيءَ جي عبارت رواجي سنڌيءَ جي ھئي، جنھن ۾ عربي فارسي لفظ، ۽ اصطلاح ڪم ايندا ھئا، ۽ انھيءَ عبارت ۾ سڀئين ھندو صاحبن جا ڪتاب لکيل آھن. انھن تي مسلمانن جو اعتراض ڪونه ھوندو ھو، پر ھاڻي ٿورن ورھين کان انھن ھندو صاحبن سنسڪرت ڏي گھڻو ميل رکيو آھي ۽ اھي اھڙا لفظ، اصطلاح ۽ مضمون ڪم آڻين ٿا، جنھنڪري مسلمانن جي ٻارن کي پڙھڻ ۾ حرڪت پيدا ٿي ٿئي ۽ سنڌن مائٽن اھڙي عبارت ۽ مضمون وارن ڪتابن جي پڙھائڻ تي اعتراض اٿاريا. انھيءَ جو نتيجو اھو ٿيو تہ سرڪار ھڪڙي گڏيل ڪميٽي، ھندو ۽ مسلمان صاحبن جي مقرر ڪئي تہ انھن اعتراضن تي ويچار ڪري اھڙا اعتراض جھڙا لفظ، جملا ۽ سبق ڪڍي، بدلائي ٻيا ڪري، جنھنڪري مسلمان شاگرد چاھ سان اھي ڪتاب پڙھن ۽ سڪولن ۾ داخل ٿين. اھو ڪم ھڪ ٻہ دفعو اڳي بہ ٿي چڪو آھي ۽ ھاڻي بہ تازو ٿيو آھي. اميد آھي تہ اھي اعتراض ڪم ٿي ويندا. تنھن کان سواءِ، خالص مسلماني مڪتبن، مدرسن ۽ اسلامي درجي وارن ڪتابن توڙي ديني ڪتابن ۽ قرآن شريف پڙھائڻ جي بہ اجازت ڏني وئي آھي، جيئن مٿي مُلن جي مڪتبن جو ذڪر ڪندي حقيقت ڏني وئي آھي. تنھنڪري ھينئر حالت بھتر ٿيندي وڃي ٿي ۽ ٻنھي طرفن کي زياده فائدي پھچڻ جو گھڻو امڪان آھي.

پڇاڙيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي ۽ ھاڻوڪي طرز ۽ عبارت جو نمونو لکڻ ضرور آھي تہ انھن جي وچ ۾ فرق معلوم ٿئي. ھيٺ اسين گھڻن نظم ۽ نثر جا مثال ٿورن سٽن ۾ ڏينداسين، جن جا مٿي اشارا ڏنا اٿون. پڙھندڙ اھي ڪتاب پاڻ پڙھي مصنف ٿيندا.

١. آمير خسرو دھلويءَ جا دھرا: جنھن ۾ سنسڪرت يا ھندي لفظ آھن. سنڌ ۾ دوائي سان:

”مرد مَنَش، زن ھيءَ استري،
قحط ڪال، وبا ھئي مري.
ٻيا برادر، آري ڀائي،
بنشين مادر، ٻيٺِ ري مائي.
آتش آڳ، آب ھَئي پاني،
خاڪ ڌُول جو باؤ آڙاني.
مولوي صاحب سَرن پناھ،
گدا ڀکاري خسرو شاھ.“

٢. ڪبير صاحب جا دهرا، جنهن ۾ عربي فارسي لفظ آهن.

”ديـن گنوايـو دُني سي دُني نہ آيـو سـاٿ،
پيـر ڪُهاڙي مـاريـو، گافِل اپـنـي هـاٿ.

”ڪبير“ سرير سراءِ هَئي، ڪيون سوئي سُک چين،
ڪوچ نگارا سانس ڪا، بـاجت هَي دن رَين.“

٣. گرو نانڪ صاحب جو دهرو:

”ساس ماس سب جيئو تمهارا، لوهي کهرا پيارا،
”نانڪ“ شاعراهو ڪَهت هئي سچي پـروردگارا.“
وارن جائون ان ايڪ بار،
تو سدا سلامت جي نرنڪار.

٤. بابا تلسيداس جو دهرو:

”مـايـا“ ڪو مـايـا ملـي، ڪر ڪر لمبي هاٿ،
”تلسيداس“ گريب ڪو، ڪوئي نہ پوچي بات.“

٥. شاهہ عبدالڪريم جو دهرو:

”هنيون ڏجي حبيب کي، لڳـ ڪـڏجـن لوڪ،
ڪَنڌُ يـون ۽ ڪروتـون، اي پـڻ سـڳـر ٿـوڪ.
مُٺِ پـيـڙيـائـي پـلـي، آپـڻـيـن تـہ واهہ،
جہ ڀڏر وڏيئہ ڳالهڙي، تـہ ڇـڏي وڃي ساهہ.“

٦. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دهرو:

”بيت نـہ ڀانئجہ مـائـهـنـا، هي آيتون آهـيـن،
وڃئون اوُن لائين، پـريـان سـنـدي پـار ڏي.“

گهڻن مصراعن وارا بيت:

”اڻ چـونـدن ڪيم چؤ، چونـدن چـيـو وسـار،
الـٽـي پَـهـر ادب سـيـن، پـر اهـائـي پـار،
پـايـو مـٿـهن مٿونـن ۾، غـربـت سـاڻ گـذار،
مـفـتـي منجهہ وهـار، تـہ قاضي ڪانيارو نـہ ٿين.“

٧. مخدوم عبدالصمد جو شعر "بيان العارفين" مان:

"هائي هنيان پوءِ ڏو سو ڪري بيانا،
تہ جڏهن رسالو فارسي آهي ڪندس تماما،
تڏهن سُور نہ رهندو مخفي طالبن ڪنا،
سڀ پچاروُن پير پڻ جون قول ۽ فعلا،
پرناهہ ڪنهن ڪي ياد ڪي منجها عامنيا."

٨. مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ مان دهرا:

"هاڻ سڻ سچان تون هيئي جي ڪنن،
تہ صحيح پڇبو سڀڪو ڪارڻ پاڻ ڪمن،
پر پڇ پهرين قيام ڏينهن، وحدت ڏٺيان پوءِ،
تيندي صحيح صلوات جي، شڪ مَ پائي ڪوءِ."

٩. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مداح مان:

"آهيان ڏڏ، غمن گڏ، سچا سڏ سڻين تون،
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين مون.
لنگهيا لڪ، لٿا شڪ، هلي حق گڏياسون،
۽ في الحال، منجهہ وصال، اچي محب ملياسون."

١٠. جمن چارڻ جي مداح مان:

"فرزند تون حسنين جو، سائل آهي تنهن تلقين جو،
درگهہ مٿي دن رين جو، اوجر مڱان عينين جو،
دارو ٿئي دارين جو، يا پير پيران بادشاهہ."

١١. سچل فقير جو سرائڪي ڏوهيڙو:

"خيال بزرگي ڏهون نہ ميرا نامنگان مخدومي،
ناوت پير مشائخ ٿيو سي، ناوت قانوُ نجومي،
دعوت دي داڙي نہ سکيو مي، ناوت علم رسومي،
ناوت هندي، سنڌي، شامي، ناوت زنگي، رومي،
"سچو" ڪٿ نهين ڪوئي پيدا هوندا وچ معدومي."

سنڌي ڏوهيڙو يا بيت:

الهه لڳ آڏام، تون سوني محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرينءَ کي، ساڄيءَ جا پيغام،
ڪري قدمن تي پئي، سئو لک ڏيج سلام،
آهي اوهان ري پرين، هت مڙئي ماتام،
اچڻ جو انجام، ڪر سگهو طرف "سچوءَ" جي.

(سچل فقير جي ڪافي ۽ شاهه صاحب جي وائي جي مثال يا نموني وٺڻ جي ضرور ڪونه ٿو ڏسجي. سنڌن رسالن مان ڏسي ٿا سگهجن)

١٢. روحل فقير جو سنڌي بيت:

"ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين آبتا پير،
هڪ هندو، ٻيو مسلمان، ٿيون وچ وڌائون وير،
اندر اونده نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
"روحل" راهه پرين جو، جان کهڙي ڏٺو سين کهيڙ،
ته رب مڙيوئي هڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبته الله ۾."

سنڌس ٻائي مان سلوڪ:

"جل پيتر ايڪ اگن جلت هئي اجواڙا بن ڏيوي،
امبرت ڌارا مين پڙت هئي ڪو چن ورلا پيوي."

١٣. ثابت علي شاهه جي مرثين مان هڪڙو بند:

"بيدرد ڪون مرّ پيچ، غم درد دل يتيم،
درد دل يتيم کي جائي دل ڏونيم،
عرش عظيم ۾ پيو نت غلغلو عظيم،
عابد يتيم و بيڪس و بيمار کي غنيم،
بابس ۽ پائرن کي ڪَهي قيدي ڪري عيال،
تيا شام ڏي روانا وٺي مصطفيٰ جو آل."

١٤. خليفي گل محمد جي غزل مان بيت:

"سور ٿيو سينگار جن جو ڏک تني جو آهي ڏيج،
ورهه ووءِ ووءِ ٿيو ور وهڻ، هاءِ هئي هئي آهي هيج،
مرض محبت جو انداز ۾ ڪهه ڪندو تن کي طبيب،
درد ٿيو دارو دلا، پڪيون ڦڪيون آزار ايج."

١٥. ديوان ڪوڙي مل جي ”پڪي پهه“ مان نثر جي عبارت:

”بي علم ماڻهو علم واري ماڻهوءَ کي معمولي ڪمن ڪارن ۾ به ڪجهه مدد ڏيئي نٿو سگهي. هو هن جي منصوبن ۽ رٿن ۽ هن جي پنيرائي ڪري ڪين سگهندو، باقي البت جيئن ڪو هن کي هدايت يا هٿ ڏس ڪندو ويندو، تئين وانگر ڪجهه پيو ڪندو.... اسان جيڪا چترائي ۽ تيزفهمي حاصل ڪئي آهي، سا سڀ علم جي وسيلي سان، جيئن ته جيڪر ڪو شخص ڪنهن جو روزينو مقرر ڪري ته هڪ ٻن ڏينهن تائين ان جو احسان ياد ڪري ۽ ڪيترن ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ اهو احسان ان جي دل مان ميٽجي ٿو ۽ هو ڏهاڙي جي روزيني کي پنهنجو حق ڪري ٿو ڄاڻي. انهيءَ ۾، پڙهيل آدمي پنهنجي راءِ، تدبير ۽ قياس کي پنهنجي اصلي طبيعت سان لاڳو ڪري ٿو ۽ جو پيو ماڻهو سندس طبيعت موافق گفتگو ڪري نٿو سگهي، تنهن کان پچان ٿي لڳيس.“

١٦- ديوان ڪيول جي ”سوکڙيءَ“ مان: ”نٽرت ڪم بزرگن جو آهي ۽

هٺ ڪم شيطان جو آهي. هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي ته نٽرت وارو ماڻهو خدا کي وڻي، دولتمندن کي وڻي مگر شيطان کي ئي وڻي، ۽ هٺيلو ماڻهو خدا کي نه وڻي، درويشن کي نه وڻي، دولتمندن کي نه وڻي، شيطان کي وڻي. هڪ سياڻي چيو آهي ته ’ان کي رحمت آهي جو نياز ڪري، پر نه آڻ سرنديءَ سان‘. هڪڙي حڪيم جو لطيفو آهي ته ’اچا ڄانور‘ کهڻو کيهه مصالح وجهي، پلاءُ رڌي، منجهس لوڻ نه وجهجي، ته پلاءُ ڦڪو ٿي پوي ۽ جي گهرج کان واڌو لوڻ وجهجي ته کارو.“ تنهن وانگي جنهن ماڻهوءَ کي دولت ۽ سونهن هوئي ۽ نٽرت نه هوئي، سوا لوڻي پلاءُ وانگي ڦڪو ۽ جي هٺيلو هوئي، ته لوڻ واري پلاءُ وانگي کارو يعني بيسوادي.

مٿيان ٻه نثر جا نمونا اوائل وارن سڀني سنڌي ڪتابن مطابق آهن، جي مسلمان خوشيءَ سان ۽ اعتراض کان سواءِ پڙهندا هئا ۽ هاڻي به مسلمان مصنف اهڙي ئي سنڌي عبارت لکن ٿا. مگر هندڪي سنڌي عبارت، جا سنسڪرت لفظن واري آهي ۽ جنهن تي مسلمان اعتراض وٺن ٿا، تنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

١٧- ماهوار رسالي ”سرسوتيءَ“ مان: ”وويڪ ۽ ويچارني ٻهر يان ساڌن آهن.

منشن جي سڌاري لاءِ جي ماڻهو ياڻني ته پنهنجي ڪيب جڳيءَ پٽر پوري ڪريان، ته وويڪ ۽ ويچار هلائي، جيستائين ڪنهن هاڃيءَ جو پورو پڇتاءُ نه ڪري، تيستائين سک ٿي نه سهي. سن کي سچو سک به تڏهن اپندو ۽ حياتي سڦلي به تڏهن ٿيندي. اڳتي لاءِ ساڳاهي هلجي ۽ ايشور کان پرارٿنا ۽ اراڌنا دواران پٽل ٿئي،

دل کي ڪومل ۽ صفا ڪري. ايشور جي ڀڳتي جهڙو ٻيو ڦل ڪونهي. انهيءَ جي ساڌنا جهڙي ٻي ڪنهن جي ساڌنا ڪارگر نه آهي."

١٨- ساميءَ جي سلوڪن جي ديباچي مان: "ننڍيءَ اوستا ۾ هن ڪوِيءَ جي چت جو لاڙو ڌرم جي پاسي گهڻو هو. انهي ڪري هو وديا اڀياس ڪرڻ ۽ ساڌ سنگت جو رس چکڻ لڳو، پر پنهنجي گروءَ جي سنگت ڪندي هن کي ويراڳ اچي ويو، تنهنڪري پنهنجي استريءَ سميت امرتسر هليو ويو. گروءَ کي ٻه سنڌس سنگت مان گيان پراپت ٿيو هو. جڏهن هن سرير ڇڏيو، تڏهن هن جي ڏاڍي ورڌ اوستا هئي- هن جي جيءَ کي اگيان ڀلايو آهي، جو هين آست سنسار کي ست ڄاڻي ويٺو آهي ۽ ڪام، ڪروڌ، آدڪ پنجن ويرين جي وَل ڇَل ۾ ڦاسي، ڀائيءَ ۾ ڪَم ٿي ويو آهي. سو ساڌ سنگت جي ڪري اوديا جو پڙدو دُور ٿيو ته ڀوءَ ڀائيءَ جو خيال پاڻهي مٽجي ويندو ۽ ايشور ۽ جيءَ جو، اگيان ڪري ڀيد پيو آهي، سو نڪري ويندو. جهڙي طرح جوت جوت ۾ يا بوند درياهَ ۾ ملي لئي ٿي وڃي، تيئن لئي ٿي ويندو.

تعليمي ڪتابن مان يا هندو اخبارن مان نمونا ڏيڻ جو ضرور ڪونه ٿو ڏسجي.

١٩- ديوان ننديرام جي ترجمي ڪيل "معصومي" مان (ڇپيل ١٨٦١ع ۾) آنديءَ وقت جي صورتخطيءَ ۾:

"انهيءَ نياڳي پٽ 'يعني حجاج بن يوسف' ماءُ جا ٿڃ نه ڌاتا. ايتري ۾ ڏيٺت ڊيچ جي صورت پڌرو ٿي هيٺي لڳي وانگر هي بلو ڪيو جو ٻهر ياڻءَ هڪڙي ڇيلي کي کهي ۽ رت انهيءَ جو حجاج جي لڳن ۾ مهٽيائون ۽ ٻئي ڏينهن هڪڙي ٻڪري کي انڌير مان نڪمي ماڻهوءَ جي هٿ کان ڪهارائي، انهيءَ جي رت ۾ حجاج کي ويهاريائون ۽ ٽي ڏينهن سپ کي پچايائون، تنهن کان پوءِ آن کير پيتو ۽ حجاج پنهنجي تنڍپڻ ۾ انڌير ۽ لچائي جي سِک رکي سدائين چوندو هو ته ڪا وڏ کهڻ ڌاران منهنجي اڳيان موچاري نه آهي ۽ ويهه سهس هڪڙو سؤ ماڻهن سنڌس هٿ کان ڪٺا آهن ۽ هٺن جي جنگين جي ڪٺلن جو سماءُ ڏٽيءَ کان ڌاران ڪونه ٿو ڄاڻي ۽ ڪجاوي جي چڙهڻ جي ٻڌر ۽ مؤمن ۽ زالن کي هڪڙي نيل ۾ وجهي رکڻ جي ريت، ۽ ري چت جو ڙڻ ٻاندين جي گهر جي چال، حجاج کان نڪتل آهي. جڏهن پاڻ مئو تڏهن ٻاندي سنڌس گهر ۾ ڏيهه سهس مؤمن جا ويهه سهس زالن جا ٻاندي هئا."

باب ٽيون

سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان واسطو

فصل پهريون

جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ مان معلوم ٿيو هوندو، تيئن سنڌي سنسڪرت جي ڌيءَ يا ڏوهٽي آهي ۽ جيڪي ٻيون ديسي ٻوليون سنسڪرت کان نڪتل آهن، تن سڀني مان هيءَ زياده صاف آهي ۽ غير کان آزاد آهي. جيتوڻيڪ ٻين ٻولين جا لفظ گهڻائي منجهس گڏيا آهن، تڏهن به سنڌس ذاتي بناوت صاف رهندي آئي آهي، ۽ ٻين ٻولين وانگي انهيءَ ۾ غير گڏيل ڪونهي. مرهٽي، گجراتي، پنجابي، بنگالي ۽ هندي، انهن سڀني ۾ قديم پراڪرت جا ايترا نشان موجود نه آهن، جيترا سنڌيءَ ۾ آهن. مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ٻين ٻولين جي گرامر کان وڌيڪ پڪو، مضبوط ۽ اصلوڪي مادري ٻوليءَ کي ويجهو آهي. اگرچ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائڻ ۾ ٿي اچي، سا هڪجهڙي ناهي؛ انهن ۾ لفظن، اصطلاحن ۽ ڳالهائڻ جي ڍول وغيره ۾ گهڻو تفاوت آهي. انهن جي ٻڌڻ سان هڪدم ڄاڻي سگهجي ٿو ته ڳالهائيندڙ لاڙ جو آهي يا وچولي جو آهي، سري جو آهي، يا وري ٿر يا ڪاڇي جو آهي، ته به ٻوليءَ جي ذاتي بناوت بگڙيل ناهي. انهيءَ هوندي به وچولي ڀاڱي جي زبان، يعني حيدرآباد جي آسپاس وارن هنڌن جي ٻولي سڌريل نمونو سمجهڻ گهرجي، ۽ انهيءَ ڇڪاس مان ٻوليءَ جي بناوت وغيره جي پوري پرک ٿي سگهي ٿي.

فصل ٻيو

حرف علت ۽ اعراب بابت

لر: هاڻي اسين ڏيکاريندا سين ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اصلي پراڪرت ٻوليءَ جي بنسبت ڪهڙي ۽ ڪيتري ڦير گهير ٿي آهي، جنهنڪري اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي بناوت ۽ اشتقاق جي گهڻي خبر پوندي. پهرين ته سنسڪرت يا پراڪرت وارا اعراب يعني حرف علت ۽ حرڪتون يعني ان جا نشان گهڻو ڪري سڀ موجود آهن.

هڪڙو خاص اعراب "لر" آهي، جو سنڌيءَ ۾ صاف صورت ۾ نه آيو آهي، پر بدلجي آيو آهي. لفظ جي منڍ ۾ اهو بدلجي "ر" ٿو ٿئي، جيئن خود پراڪرت ۾ به ائين ٿيو آهي. جيئن ته سنسڪرت "لرڪش"، پراڪرت ۾ "رڇ" ٿيو ۽ سنڌيءَ ۾ به "رڇُ" ٿيو. ڪڏهن وري اهو بدلجي زبر "َ" ٿو ٿئي، جيئن ته سنسڪرت "ورشچڪ"، پراڪرت ۾ "وڇُئو" ۽ سنڌيءَ ۾ "وڇون" ٿيو. سنسڪرت "درش"، پراڪرت ۾ "دکن"، هنديءَ ۾ "ديکنا" ۽ سنڌيءَ ۾ "ڏسڻ" ٿيو. سنسڪرت "ڪرت"، پراڪرت "ڪد"، سنڌيءَ ۾ "ڪيو" ٿيو، جو سرائڪي يا پنجابيءَ ۾ "ڪيتو" آهي. ڪڏهن وري اهو بدلجي "ُ" پيش ٿو ٿئي، جيئن ته سنڌيءَ ۾ "ٻُڍو" (يا وڏو)، پراڪرت "وڙڊ"، سنسڪرت ۾ "ورڊ". سنڌي "مئو"، پراڪرت "مرو" ۽ "مئو" ۽ سنسڪرت "مرت" (فارسي - مرو).

اهڙا ٻيا به گهڻائي مثال ڏيئي ٿا سگهجن، جن ۾ اهو خاص حرف علت يا نشان "لر" بدلجي "رِ" يا "اِر" يا "آر" يا ٻي صورت وٺي آيو آهي. جيئن ته "مرڻ"، پراڪرت "مر"، سنسڪرت "مر". ڀرڻ، پراڪرت "ڀر"، سنسڪرت "ڀر". ڊرڻ پراڪرت "ڊر"، سنسڪرت "ڊر". سرڻ، پراڪرت "سر"، سنسڪرت "سر". مرڏنگ، پراڪرت "مُرنگو، سنسڪرت "مردنگ". هينيون، پراڪرت "هنيؤ يا هنئين"، سنسڪرت "هرديم"، هردو يعني دل به سنڌيءَ ۾ ڪم ايندو آهي.

ڪن ٿورين حالتن ۾ اهو ساڳيو اعراب بدلجي "ت" يا "ڊ" ٿو ٿئي، جيئن ته ڄاٽو (يعني ناٺي يا ڌيءَ جو مڙس)، پراڪرت "ڄامائتو"، سنسڪرت "جاما ترڪ" ۽ فارسي "داماد". ماٽيجو يا ماٽيتو، پراڪرت "مائتو"، سنسڪرت "ماترڪ".

<u>آي ۽ آو.</u> سنڌيءَ ۾ جيڪي ٻئا اعراب "آي" "آو" آهن ۽ جن جو آواز اڪثر "آئي" ۽ "آئو" هوندو آهي ۽ ڪي "آ اِ" ۽ "آ اُ"، جهڙو آواز ڪڍندا آهن، خاص هندو ماڻهو، سي آواز سنسڪرت ۾ آهن، جيئن عربيءَ ۾ به آهن، پر پراڪرت ۾ ناهن يا ڪمياب آهن، مگر سنڌيءَ ۾ اچن ٿا. عربي ۽ فارسيءَ اصل وارا لفظ ته ساڳي صورت ۾ ڪم اچن ٿا، جيئن ته سير، خير، پيدا، قول، عورت، دور. مگر جيڪي نج سنڌي لفظ اهڙي آواز وارا آهن، جيئن ته سين، چور، سي مسلمانن کان سواءِ ٻيا اڪثر سئين ۽ چئور جهڙو آواز ڪڍندا آهن. ڪي "آو" کي "او" ۽ "آو" به ڪندا آهن، جيئن ته قوم کي، قوم يا قوم. اهڙا ساڳيا لفظ جي سنسڪرت مان آيا آهن، سي اڪثر بدلجي "اي" يا "اِي" ۽ "او" يا "آو" ٿيا آهن، جيئن هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو: ڪي "اوڪي" ڪي "آوڪي" به ڪڍهن چون، "او" ۽ "آو" جيئن ته قوم کي "قوم يا قوم."

(١) اي جا مثال - سنسڪرت "وَيرن"، پراڪرت "وِيرن" ۽ سنڌي "وير". سنسڪرت "سينڌو لوڻ"، پراڪرت "سنڌو لوڻ"، سنڌي "سينڌو لوڻ". سنسڪرت "ويدي"، پراڪرت "ويج"، سنڌي "ويج". سنسڪرت "نينن"، پراڪرت "ٺٺڻ"، سنڌي "نيڻ" (يعني اکيون). سنسڪرت "ڏيري"، پراڪرت "ڏير"، سنڌي "ڏيرج ۽ ڏير".

(٢) او جا مثال - سنڌي "جو" سنسڪرت "يَوَ"، سنڌي "سَو" پراڪرت "سئه". سنسڪرت "گور" سنڌي گورو (يعني اڇو). سنسڪرت "يَو و نَم"، پراڪرت "جو وڻ"، سنڌي "جوين". سنسڪرت "شوري"، پراڪرت "سورڻ"، سنڌي "سورهيائي".

آ ۽ اِ: هنن ٻن اعرابن يا آچارن ۾ اڪثر سنڌي پراڪرت کان وڌيڪ سنسڪرت واري اصلي صورت قائم رکي آهي. ڪڏهن "آ" کي بدلائي "اِ" ڪيو ويو آهي ۽ ڪڏهن "آ"، ساڳيءَ طرح، "آ" کي "اِ" ۽ ڪڏهن "اي" ۽ "آ" ڪيو ويو آهي، جيئن هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو:

سنڌي پڪو، سنسڪرت "پڪ"، پر پراڪرت "پڪ". "آڳر يا آڳار"، سنسڪرت "آڳار"، پراڪرت "اِنگالو". سپنو، سنسڪرت "سو پن"، پر پراڪرت "سپڻ". ول، سنسڪرت "ولي" پر پراڪرت "ول". ڪما يعني صبر ۽ تحمل، پراڪرت "ڪما"، سنسڪرت "ڪشما". جيئن تيئن، پراڪرت "جئه تئه"، جت تت، پراڪرت- "يت تت". ڪٿ، پراڪرت "ڪت"، سنسڪرت "ڪت". ايئن پراڪرت "ايئه".

ٻيراڳي، پراڪرت "بيرگ"، سنسڪرت "ٻيراڳي" مارڪ يعني رستو، پراڪرت مک، سنسڪرت "مارگ". جاٽ يا جاٽا، پراڪرت "جتا"، سنسڪرت "ياتا" واڳهه، پراڪرت "وگگهه"، سنسڪرت "ويا گهر". ڪوڏر يا ڪوڏار، سنسڪرت "ڪردال". جڏهن تڏهن ڪڏهن، سنسڪرت "يدا، تدا، ڪدا".

وائي، پراڪرت "وائا"، سنسڪرت "واتوآ". ڏر يعني اصل، پراڪرت "ڏرا"، سنسڪرت "ڏر". راڻ، پراڪرت "راڻا"، سنسڪرت "راجا".

پيءُ، پراڪرت "پئا"، سنسڪرت "پتا". ڀاءُ، پراڪرت "ڀائا"، سنسڪرت "ڀراتا". ماءُ، پراڪرت "ماتا"، سنسڪرت "ماتا"، سنسڪرت "پنتا".

پٿر يعني بسترو، پراڪرت "پتئر"، سنسڪرت "پرستار"، هندي "بستر". پٿر يعني پهڻ، پراڪرت "پتر"، هندي "پٿر"، سنسڪرت "پرستر". ميا يعني رحم سنسڪرت "مايا". ڏيوڪ، پراڪرت "ديئل"، سنسڪرت "ديوالي".

اي ۽ اِي: سنڌي جو آواز "اِ" پراڪرت جي "اِي" جي برابر آهي، جيئن ته سنڌي نڏو، پراڪرت "ڻِڏ"، سنسڪرت "نِردا". چِينهن يعني نشاني، پراڪرت "چِينڌ يا چِنڌ، سنسڪرت چِنهن.

ڪِي، پراڪرت "ڪِي"، سنسڪرت "ڪِم". شِينهن، پراڪرت "سِيهه"، سنسڪرت "سِنهه". جِيڀ، پراڪرت "جِيها" سنسڪرت "جِوها". ٽِيرٿ پراڪرت "تِتٿ"، سنسڪرت "تِيرٿ". ناري يا نار، پراڪرت "ناري"، سنسڪرت ناري.

ڪيهڙو، اِهڙو، پراڪرت "ڪيرس، اِيرس".

آ ۽ آو: هي آواز ٻه گهڻن حالتن ۾ اصل جهڙا قائم رهيا آهن، مگر ڪن ۾ پراڪرت وارا ساڳيا ڦير گهير ڪيل آهن. مثال-

پُرس يعني ماڻهو، پراڪرت "پُرسو" سنسڪرت "پُرش". مُڪڙي، پراڪرت "مُڪُلن" سنسڪرت "مُڪُلن".

ڳرو، پراڪرت "ڳرءَ" سنسڪرت "ڳُرُ". ڏٻل يعني ضعيف ڏٻرو، پراڪرت "دبَل"، سنسڪرت "دربل".

موتي، پراڪرت "موت"، سنسڪرت "متڪ". پوٿي، پراڪرت "پوٿئو"، سنسڪرت "پستڪ". نورو، پراڪرت "ڻيڙن"، سنسڪرت "نوپر". اکري پراڪرت "اوکلن"، سنسڪرت "اُلڪل". پٺ، فارسي "پشت"، پراڪرت "پوٺ"، سنسڪرت "پشت".

اي ۽ او: سنڌي هيڪ، پراڪرت "ايڪ". پريم يعني پيار، پراڪرت "پيم". جوڀن، پراڪرت "جوون". جوڳي، پراڪرت "جوڳ"، سنسڪرت "يوگي".

لهر يا لهار، پراڪرت "لوهڪار"، سنسڪرت "لوهڪار". پيچ يا پيچ، سنسڪرت "پيي". کيمُ يعني خير عافيت، سنسڪرت، "ڪشيم". نينهن پراڪرت "نيهو"، سنسڪرت "سنيهه". مينهن، پراڪرت "ميهو"، سنسڪرت "سنيهه". مينهن، پراڪرت "ميهو"، سنسڪرت "ميگهه"، فارسي "ميغ". ڪم، پراڪرت "ڪمو".

متفرقه: انهن کان سواءِ، ڪڏهن ڪڏهن حرف علت يا اعراب اصلوڪي جاءِ تان نڪري وڃن ٿا، يا وڏن مان گهٽائي ننڍا ڪجن ٿا، يا جتي ناهن اتي وجهجن ٿا يا گڏجن ٿا، جيئن هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو:

سنڌي ڏيارو، سنسڪرت "ديوالي". سيارو، پراڪرت "سيارو"، سنسڪرت "شتڪال". ڪنهر، سنسڪرت "ڪنيڪار". پکال يا پخال، سنسڪرت "پيرڪل".

رڻ، سنسڪرت ”ارڻ“. ڏيءُ، پراڪرت ”ڏڏ“. ٻاپـي، پراڪرت ”پ“، سنسڪرت ”آپ“.

چوٽون، پراڪرت ”چٺتٺ“، سنسڪرت ”چترٿ“. سور، پراڪرت ”سور“، سنسڪرت ”سيور“. لوڻ، پراڪرت ”لوڻ“، سنسڪرت ”لوڻ“. سون، سنسڪرت ”مورڻ“.

ساراهه، پراڪرت ”سلاها“، سنسڪرت ”شلاڏا“. سلوڪ، پراڪرت ”سيلوءُ“، سنسڪرت ”شلوڪ“.

استري، پراڪرت ”اِتّي“، سنسڪرت ”ستري“. ورهـه، پراڪرت ”ورسو“، سنسڪرت ”رش“. ملڻ، پراڪرت ”ميلاڻ“، سنسڪرت ”مـِيل“.

سپنو، پراڪرت ”سبڻ“، سنسڪرت ”سوپن“. سمرڻ يعني ياد ڪرڻ، پراڪرت ”سڦمر“، سنسڪرت ”سمر“.

سيڻ، پراڪرت ”سٺيهہ“، سنسڪرت ”سنيهہ“. نهن، پراڪرت ”سوٺهہ“، سنسڪرت ”سنشا“. سڳهڻ، پراڪرت ”سڪٺوم“، سنسڪرت ”سڪوم“. ماس يا ماهه، سنسڪرت ”مانس“.

فصل ڇهون

مفرد حرف، صحيح بابت

س ۽ ش، ن ۽ ڻ، ج ۽ گ منجهه: سنسڪرت وارا ”س ۽ ش“، ”ن ۽ ڻ“، ”ج ۽ گ“ جي پراڪرت مفرد حرف ڪري ڪم نه آندا آهن، سي سنڌيءَ آندا آهن. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا: سنڌي شبد يا سبد، سنسڪرت شبد. سريرُ، سنسڪرت شرير. شڪر يعني جعفو، سنسڪرت شڪر. شينهن، سنسڪرت سينهه. شاهه يا سائو، سنسڪرت ساڌ.

ڪشڻ، سنسڪرت، ڪرش، هندي ڪسنا. ڪشن يا ڪيشنو، سنسڪرت ڪرشڻ.

سڱڻ، پراڪرت سڱٺام، سنسڪرت شرٺوم. ڦاسي يا ڦاهي، سنسڪرت پاش. ديس، سنسڪرت ديش. ڏهه، فارسي ده، پراڪرت دهه، سنسڪرت دش، هندي دس. وليس، سنسڪرت وليش.

ڪڇٽي، هندي ڪچڙي، سنسڪرت ڪرشري ۽ ڇنڇر، سنسڪرت شنشچر، ڇهه، پراڪرت ڇا، سنسڪرت شٽ.

آڱٺ يا انگٺ، هندي آنگٺ، سنسڪرت آنگشٺ. منگڻ، هندي مانگنا، سنسڪرت مارگڻ. مڃڻ، هندي ماننا، سنسڪرت مان.

ڪ، ک، گ ۽ گھه منجهه: وچ ۾ آيل "ڪ" اڪثر نڪري وڃي ٿو، جيئن ته سنسڪرت شتڪال پراڪرت سٽارو، سنڌي سيارو. سنڌي ڪڇو، پراڪرت ڪڇ، سنسڪرت ڪڇ ۽ فارسي ڪوز. گهر، پراڪرت گهر، سنسڪرت گرهه.

ت، ٿ، د ۽ ڌ منجهه: ٽامو، پراڪرت تانب، سنسڪرت تامر، هندي تانبا. ٽي، پراڪرت تيرهه، سنسڪرت ترڻ، هندي تين. ٿاڻ، پراڪرت ٿاڻ، سنسڪرت سٿان، فارسي ستان. ڏولي، پراڪرت ڊولا، سنسڪرت دولا. ڏڏو، پراڪرت ڊڏو، سنسڪرت دڏو. ڏيڻ، پراڪرت ديمر، سنسڪرت دا، هندي دينا، فارسي دادن. ڏسڻ، پراڪرت ڏڪ، سنسڪرت دش. ڊاک، هندي داک، سنسڪرت ڊراکشا، جتو، سنسڪرت يو، جس، سنسڪرت يش. لٺ، پراڪرت لاٺ، سنسڪرت يشٽ.

متفرقه اکر وچ ۾: سئي، پراڪرت سوئي سنسڪرت سوچي. ڪيو، پراڪرت ڪيدو، سنسڪرت ڪرت، سرائڪي ڪيتا. راڻو، پراڪرت رائا، سنسڪرت راجا، جوماسو، سنسڪرت چترماس. سرو، پراڪرت سردو، سنسڪرت شرد، فارسي سرد، پيءُ، پراڪرت پيا، سنسڪرت پتا. ساگر يعني سمنڊ يا سائر، پراڪرت سائرو، سنسڪرت ساگر. نگر، پراڪرت ٽئرو، سنسڪرت نگر. وڃڻ، پراڪرت وڃڻ، سنسڪرت وچن. پيڻ، هندي بهن، پراڪرت بهڻي، سنسڪرت ڀگني. ڀڳت، سنسڪرت ڀڪت. سگهت يا سگهڻ، پراڪرت شڪت. ڪڏ، پراڪرت گڙ، سنسڪرت گرت. ڪڏي، سنسڪرت ڪٽي. ٻڙ، سنسڪرت وٽ. ٽوڙڻ، سنسڪرت توڙن، هندي توڙنا. پڙهڻ، سنسڪرت پٺ. ٻڙهي يعني تخت، سنسڪرت پيٺي. لڙهڻ، سنسڪرت لٺٺ. جڙڻ، سنسڪرت جڏ. پيڙڻ، سنسڪرت پيڊ. جڙ، سنسڪرت جڊ. موڙهه يعني موڳو، سنسڪرت موڍ. ڪانڊ، سنسڪرت ڪشانت. وٽ، سنسڪرت ورت. رُت پراڪرت رُت، سنسڪرت لرت. ٻه يا ٻي، سنسڪرت آپ. رجپوت، سنسڪرت راجپت. تاءُ، هندي تاپ يا تاو، سنسڪرت تاپ. تلاءُ، پراڪرت تلائن، سنسڪرت تڙاگ. ڏاڙهون، پراڪرت ڊالم، سنسڪرت دادم. پيلو ۽ پيٽ، سنسڪرت پيٽ. ٻارهن، پراڪرت اي آرهه، هندي گيارهه. ٻارهن، پراڪرت وارهه. تيرهن، پراڪرت تيرهه. چوڏهن، پراڪرت چئدهه.

هه سان گڏ آچار يا اکر وچ ۾: سنهن، پراڪرت سهن، سنسڪرت سمڪت. ميينهن، پراڪرت ميهو، سنسڪرت ميگهه، فارسي ميغ. سهي يعني ساٿي يا دوست، پراڪرت سهي، سنسڪرت مک. ڪنهن يعني جوڻ، پراڪرت ڪهه، سنسڪرت ڪٽ، جنهن مان ڪٽا. لهن، پراڪرت لهه، سنسڪرت لپ، جنهن مان ليپ. سائو، پراڪرت ساهه، سنسڪرت ساڌ. سک، پراڪرت سکن. سگهڙ، سنسڪرت سگهٽ. اڇا يعني خواهش، سنسڪرت اڇيا. اڇو، سنسڪرت اڇڇ. ڪنڍي يا ڪنٺي، سنسڪرت ڪنٺي. ڊونيڻ، سنسڪرت ڊونيڻ. سڦل، سنسڪرت سڦل. سنڍ، سنسڪرت سنٺي، هندي سونٺ. گهنڊ، پراڪرت گهنٽ، سنسڪرت گرنٿ. سڻو، هندي سوت، سنسڪرت سٽ يا شڏ. پنڌ، سنسڪرت پنٿا. ڀليو، پراڪرت وڍي. موڙهه، پراڪرت موڍ، سنسڪرت مگڌ. مد يعني شراب، سنسڪرت مڌ.

نون غني وارا آچار يا اکر: ٿڻ، هندي ٿن، سنسڪرت ستن. ليم يا نم، سنسڪرت نمب، هندي نيم ۽ ليم. ميڻ يعني مک يا ميڇالو، سنسڪرت مڇا. پڻو ۽ پڇڻ، سنسڪرت پورڻ. پوٺي يعني نيڪ پراڪرت پڻون، سنسڪرت پونٽي. سائين، سنسڪرت سوامي.

ي ۽ و: واءُ، پراڪرت وائو، سنسڪرت وائي. نيڻ، پراڪرت ڻيڻ، سنسڪرت نين. سيج، پراڪرت سيجا، سنسڪرت شيّا. پيچ، سنسڪرت پيچ. جيءُ، پراڪرت جيئڻ، سنسڪرت جيوَ. پوَن، سنسڪرت پون، پراڪرت پئڻ. ڏينهن، پراڪرت ڏيهو، سنسڪرت دِوَس. اوسار يا اوسر، پراڪرت ۽ سنسڪرت اوَسار. اوتار، سنسڪرت اوَتار. ڇانوَ، پراڪرت ڇاها، سنسڪرت ڇايا.

ر، ل، س ۽ هه: سيئار يعني گدڙ، فارسي شغال، هندي سيال، سنسڪرت شرگال. ڏيرو، سنسڪرت دُربل. ساراهه، پراڪرت سلاها، سنسڪرت شلاگا. پڇڻ، سنسڪرت پورڻ. ديس يا ڏيهه، سنسڪرت ديش. ماس يا ماهه، سنسڪرت مانس. هنجهه يا هنس، سنسڪرت هنس. هنجَ يعني اک جو لڙڪ، سنسڪرت آنش، پراڪرت آنس. سرهو، سنسڪرت سهرش. سائو يا ساهڻو، سنسڪرت ساڌ يا ساڌو.

فصل ٽيون

مرڪب ۽ ٻٽا حرف صحيح

ڪ، گ ۽ ٻيا: سنڌي آڳ، پراڪرت آڳي، سنسڪرت آگنِ، هندي آگ. پٽ، هندي پيٺ، سنسڪرت پت. سَروَگ يعني سڀ ڏسنڌڙ، پراڪرت سَروَج، سنسڪرت سَروُڄ. سگھڻ، پراڪرت سڪڻو، سنسڪرت شڪنوم، هندي سڪنا. مٿو، پراڪرت متو، سنسڪرت ستن. اُپنو يعني پيدا ٿيو، پراڪرت آپن، سنسڪرت آتپن. پَٽ، پراڪرت پَٽ، سنسڪرت پتڪ، هندي پات. لڏو، پراڪرت لَڏ، سنسڪرت لبڌ. ڪُبو، پراڪرت ڪُجو، سنسڪرت ڪبج. شبد، پراڪرت سبد، سنسڪرت شبد. مُڪتو يعني ڇٽل ۽ آزاد، پراڪرت مُتَ، سنسڪرت مڪت. پڳت، سنسڪرت پڪت. سڳتِ يا سگهت، سنسڪرت سڪت. هندي سڪت.

نون غني وارا: آنت، سنسڪرت آنتَ. ماس، سنسڪرت مانس. گاڏو يا گاڏي، هندي گاڙو، سنسڪرت گانتري. جنم، سنسڪرت جنم. آڳ، پراڪرت آگ، سنسڪرت آگن. لڳو، پراڪرت لگ، سنسڪرت لگن. پڳو، سنسڪرت پڳن. رتن يعني جواهر، سنسڪرت رتن. سڄاڻ، پراڪرت سڄ، سنسڪرت سڄھ. سُپنو، سنسڪرت سوَپن. لنگو يا نانگو، پراڪرت نگو، سنسڪرت نگن. سڃين، سنسڪرت سنجها. راڻي، پراڪرت راڻا، سنسڪرت راجهي. پاڻ، هندي آپ، پراڪرت آپاڻ، سنسڪرت آتما. آن. سنسڪرت آرڻ. چؤماسو، سنسڪرت چتر ماسو. پورو، سنسڪرت پُورڻ. چُورو، سنسڪرت چورڻ. انب، هندي آم، پراڪرت آمب. ٽامو، هندي تانبا، پراڪرت تَمب، سنسڪرت تامر. نم، سنسڪرت نِمب. ملڻ، پراڪرت مِلاڻ، سنسڪرت ميل، هندي مِلنا.

ي، ر، ل ۽ و: جوڳ، پراڪرت جوگ، سنسڪرت يوگي، هندي جوگ. واگھ، سنسڪرت ويا گهر. وِس، سنسڪرت وِشي، هندي بِس. واڪ، سنسڪرت واڪي. ٽڪوري، پراڪرت ٽڪورن، سنسڪرت ٽڪوري. ڏِرِ ۽ ڏيرج، پراڪرت ڏيرن، سنسڪرت ڏيرَين. آريا عار، هندي آرج، سنسڪرت آري. سُورج، پراڪرت سوري يا سَجي، سنسڪرت سوري. آچرج، راڪرت آچريہ، سنسڪرت آشري. نيت، پراڪرت نت، سنسڪرت نيتي. آڏت يعني سچ. سنسڪرت آدِتي. مَٿهان، پراڪرت مِچيا، سنسڪرت مِٿيا. وچا، پراڪرت ٻِجا، سنسڪرت وِديا. آڄ، سنسڪرت آجي، هندي آج. ڪاڄ، سنسڪرت ڪاديَن. مَنجهہ، پراڪرت مَجهو، سنسڪرت مدي. ٻَجهڻ، سنسڪرت بَدي. واجهو، سنسڪرت آپاداي. هچا، سنسڪرت هتيا. گجهو، پراڪرت گجهائو. سنسڪرت گهئيڪ. ڪلهہ يا ڪالهہ، پراڪرت ڪل، هندي ڪل، سنسڪرت ڪليَن. مُلهہ، هنسڪرت موليَ. پلنگ، سنسڪرت پريڪ. پلاڻ، پراڪرت پلاڻ، سنسڪرت پرياڻ.

اڳڻ، پراڪرت اڳو، سنسڪرت آگر. ڳجري، سنسڪرت گرجري. گجڻ، سنسڪرت گرجن، هندي گرجنا. ڪم، پراڪرت ڪمو، هندي ڪام، سنسڪرت ڪرمن. مُڻڊي، سنسڪرت مردن. سَپ، سنسڪرت سرپ. سيکهو، سنسڪرت شيرکهہ. چَڪي، سنسڪرت چرڪ. نِپاڳ، سنسڪرت نيرڀاڳ. چرچو، سنسڪرت چرچا. ٻرين، سنسڪرت پرڀي. ٻرپ، سنسڪرت پرو. گرب يا گيرب يعني هٺ، سنسڪرت گروَ. شڪر يعني چمڻ، سنسڪرت شڪر. سرڳڻ، سنسڪرت سورڳ. ڏرم، پراڪرت ڏم، سنسڪرت ڏرم. پرڀات، سنسڪرت پرڀات. پرتاب يعني جلوو، سنسڪرت پرتاپ. پرت يا پتو يعني ورق، سنسڪرت پٽ. ڏکهو، پراڪرت دڳکهہ، سنسڪرت درگهہ. ڪرتِ، سنسڪرت ڪرت. ڏڪ، سنسڪرت ترڪ. واڳهہ، سنسڪرت ويا گهر. رات، سنسڪرت رات، پراڪرت رَتي. ٻاڪ، سنسڪرت ٻراتا. پٽ، پراڪرت پت، سنسڪرت پتر. ميٽ، پراڪرت ميت، سنسڪرت ميتر. چنڊ، پراڪرت چند، سنسڪرت چندر. کيٽ، سنسڪرت ڪشيت. منڊ، سنسڪرت منتر. ڏسي، سنسڪرت ترَ ڏي. ڏاڍ، سنسڪرت درد. ڏاڍ، سنسڪرت تراڻ. ڪتڻ، سنسڪرت ڪرتن. ڪتر يعني ڪينچي، سنسڪرت ڪرتري. وٽ، سنسڪرت وَرتڪا ڪنڌ، پراڪرت ڳڙو، سنسڪرت گرت. آڙڏنگ، سنسڪرت آرڏاگ. ارٿ، سنسڪرت ارٿ. تيرٿ، سنسڪرت تيرت. مورت، سنسڪرت مورت. ڪيرت، سنسڪرت ڪيرت. سڀ، سنسڪرت سروَ، هندي سب. پورب، سنسڪرت پُوروَ. سڱو يعني ٻڏو، پراڪرت سڱدو، سنسڪرت شرُتَہ. سسر، سنسڪرت شورش. سراڌ، هندي شراڌ، سنسڪرت شراڌ. آسڻون يعني هنجون، سنسڪرت آشرُ، پراڪرت آنس. سهس، پراڪرت سهس، وسڻ، سنسڪرت ورش، هندي برسنا. پاسو، هندي پاس، سنسڪرت پارش. سيسي، سنسڪرت شيرش، هندي سيس. درسن، سنسڪرت درشن. سرهو، سنسڪرت سهرش.

ٻڪر يعني ٻاجهي، پراڪرت وَڪل، سنسڪرت ولڪل. اڱڪ، پراڪرت آڪا، سنسڪرت آلڪا.

سرڳ، سنسڪرت سورگ. دُئار يعني دروازو، پراڪرت دُئارو، سنسڪرت دوار. ساڌ ۽ سواد يعني سواد ۽ لذت، سنسڪرت سواد. جلڻ، سنسڪرت جولَن. سهرو، سنسڪرت شوشر. سس، سنسڪرت شورش. ٻسو، سنسڪرت بس. ٻڪو، پراڪرت ٻڪَ، سنسڪرت ٻڪ. سَتُ، پراڪرت ست، سنسڪرت ستوَ. پرميسر، پراڪرت پرميسر، سنسڪرت پرميشور.

س ۽ ش مرڪب: آچرج، پراڪرت آچچرِ ع، سنسڪرت آشرَي. ڇنڇر، هندي سنيچر، سنسڪرت سنيڪشر. وڇون، پراڪرت ٻڇڇئو، سنسڪرت وِرڪشڪ. ٻچتاءُ، سنسڪرت ٻڪشاتاب. رسو، پراڪرت راسِ، سنسڪرت رَشيمَ. ڏڪار،

سنسڪرت دُشڪالَ. نِڪامُ، سنسڪرت نِشڪَرمَ. سُڪو، سنسڪرت شُشڪ، هندي ۽ پراڪرت سوڪا، فارسي خشڪ. ڏڌو، پراڪرت ڊڌ، سنسڪرت دِشٽَ. ڳرٽ، پراڪرت ڳرٽ، سنسڪرت گوشٽ. نِٺر، پراڪرت نِٺُر، سنسڪرت نِشٺُر. مِٺو، سنسڪرت مِشٽَ. ڪوڙهه، سنسڪرت ڪُشٽ. ٻاڦ، پراڪرت وَڦو، سنسڪرت واڦ، هندي ڀاڦ. نِپُٽو، سنسڪرت نِڦُٽَ. سِڪ، سنسڪرت شِشيَ. ڪَنڌُ، پراڪرت ڪنڌو، سنسڪرت سَڪَندَ. ٿڻ، سنسڪرت سَتَنَ. ٿيو، سنسڪرت سِٿَتَ. ٿنڀ، پراڪرت ڪمبو، سنسڪرت سَتَمڀ. وَٿُ، سنسڪرت وَستُ. هٿ، پراڪرت هٿو، سنسڪرت هَستَ، هندي هاٿ. ٿاڻو، سنسڪرت سٿانَ. وَچ، پراڪرت وَڇڇو، سنسڪرت وَتسَ. آستت يعني تعريف سنسڪرت سَتُتِ. اِستري، سنسڪرت ستري. ٿُڻُ، سنسڪرت سَتُتَ. ٿُڙتي، سنسڪرت سَٿُورتِ. وسپت، سنسڪرت ورَهسپَتِ. پارس، سنسڪرت سپَرش. سنانَ، سنسڪرت سنانَ. سنيهو، سنسڪرت سنيهه. نينهن، سنسڪرت سنيهه، هندي نيهه، پراڪرت ڻيهو، نُنهن پراڪرت ڻوڻهه، سنسڪرت سنُڪَا. وسامڻ، سنسڪرت وِسرمه. سُمرڻ، سنسڪرت سمرَ. اسين ۽ توهين، پراڪرت آسمي ۽ تُمهي. اکِ، سنسڪرت آڪش. کير، سنسڪرت ڪشير، فارسي شير. کارو، سنسڪرت ڪشارَ. کيت، سنسڪرت ڪشيتَ. کِما، سنسڪرت ڪشما. کِيڻَن، سنسڪرت ڪشيڻ. رکڻ، سنسڪرت رَڪشَڻ. کاند، سنسڪرت ڪشانتِ. رڇ، سنسڪرت لرڪش. ڇٽري، سنسڪرت ڪشتري. ڇِڻ، سنسڪرت ڪشَڻ. لڇڻ يا لکڻ، سنسڪرت لڪشڻ. لڇمي، پراڪرت لڇچي، سنسڪرت لڪشمي. تکو، پراڪرت تِڪهه، سنسڪرت تيڪشڻ.

هه وارا اکر: ٻاهه، پراڪرت وَڏهي، سنسڪرت وَرهي. چِينهن يعني نشان، سنسڪرت چِرهه، پراڪرت چِنگهه. ٻانڀڻ، پراڪرت وَمهڻ، سنسڪرت ٻراهمڻ. ڳجهو، پراڪرت گُجهائو، سنسڪرت گهُيڪ. ڄڀ، پراڪرت جِڀا، سنسڪرت جِهوا.

ڙ يا ڻ مرڪب حرف صحيح: مرهٽي، سنسڪرت مهاراشٽر. اڳيون، سنسڪرت اگريَ. پاسو، پراڪرت پاس، سنسڪرت پارشوَ. سنجهو يا سانجهي، پراڪرت سنجها، سنسڪرت سنڌِيَ. مڇُ يا مڇي، پراڪرت مڇچو، سنسڪرت متسيَ. رات، پراڪرت رتي، سنسڪرت رات ڪر، پراڪرت ڪمو، هندي ڪام. جلڻ، سنسڪرت جوَلن. ساهه، سنسڪرت شواسَ. سالو، پراڪرت سالو، سنسڪرت شيال. ڊاک، هندي داک، سنسڪرت دراڪشا.

فصل چوٿون

سنڌي ٻوليءَ جو عربي ۽ فارسيءَ سان واسطو

جيتوڻيڪ سنڌي ٻولي سنسڪرت ۽ پراڪرت مان آيل آهي تڏهن به عربن جي فتح کان پوءِ منجهس بيشمار عربي لفظ گڏيا، ۽ پوءِ فارسي لفظ به شامل ٿيا. جيئن ته ان جي تاريخ مان معلوم ٿيو هوندو. ٻهرين ته سنڌي ٻوليءَ عربي ”الف-بي“ جا اکر ڪم آندا، جنهنڪري اها ’عربي-سنڌي‘ سڏجڻ ۾ آئي ۽ اڃا تائين ان جي صورتخطي عربي آهي. پيو ته گهڻا رواجي لفظ جنسي صحيح ۽ اصلوڪي صورت ۾ ڪم اچن ٿا، ۽ ان ۾ اهڙا ملي ويا آهن جو عربي ۽ فارسي ڄاڻو واري کان سواءِ ڪنهن کي به خبر نه پوندي ته هي ڪي نج سنڌي لفظ ناهن. ٽيون ته سنڌي صرف نحو جو نمونو شروع کان وٺي عربي نموني تي ٺهيل اچا ڪم پيو اچي، فقط هاڻي انگريزي صرف نحو موجب ٿوري گهڻي ڦيرگهير ٿي آهي، ۽ گرامر جا اصطلاحي لفظ، سڀ عربي ڪم ٿا اچن، فقط هاڻي ڪي سنسڪرت صورتون به داخل ٿيون آهن، جيئن ته ڪرونت ۽ پريوگ. چوٿون ته گهڻن علمن جا اصطلاح به عربي ٻوليءَ جا ڪم ٿا اچن، فقط هاڻي ٿورن ڏينهن کان ڪي سنسڪرت مان ۽ ڪي انگريزيءَ مان به انهيءَ ۾ داخل ٿيا آهن. پنجون سنڌي شعر ۾ گهڻن ورهين کان فارسي بحر ۽ وزن ۽ قافيه، عربي عروض جي قاعدن تي ڪم ٿا اچن.

صرف نحو ۾، عربي ۽ فارسيءَ جو جيترو قدر سنڌيءَ ۾ دخل آهي، اهو هيٺ هن ڪتاب مان معلوم ٿيندو. ڊڪشنري يا لغت جي وسيلي معلوم ٿي سگهي ته ڪهڙا لفظ عربي ۽ فارسي آهن. هيٺ نموني لاءِ ڪي لفظ ڏجن ٿا، جي صحيح سالم صورت ۾ ڪم اچن ٿا، ۽ گهڻا لفظ ڪريل يا بدليل صورت ۾ ڪم اچن ٿا. سڀڪنهن ٻوليءَ ۾ اهو دستور آهي ته ٻيءَ ٻوليءَ جا لفظ وٺي، انهن جا ڪي حرف يا آچار بدلائي ڪم آڻين ٿا، جيئن ته ”ک“ کي ”ڪ“ ڪري سنڌيءَ ۾ ڪم آندائون، ”ب“ کي ”ٻ“، ”ج“ کي ”ڄ“، ”غ“ کي ”گ“ وغيره. سنسڪرت مان آيل لفظن ۾ به اهو رستو ورتل آهي، تيئن عربي ۽ فارسي ۽ انگريزي ۽ ٻين ٻولين مان به. جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ بناوت جي بيان ڪندي ڪي مثال ڏنا ويا آهن. انهن حرفن جي ڦيرين گهيرين يا بدلجڻ لاءِ ڪي خاص قانون آهن، جن جو بيان علم نحو ۾ ڪبو، هتي فقط ڪي مثال ڏجن ٿا:

ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌيءَ ۾ نه فقط عربي لفظ ظاهري صورت ۾، پر ڪي عربي حرف به ڦيرائي، ۽ ٻيا سنڌي حرف وجهي ڪم آندا ويا آهن پر ڪن ۾ ته ان جي باطني صورت يا معني ڦيرائي ڇڏي ويئي آهي. مثلاً: گهڻا جمع لفظ،

واحد وانگي ڪم اچن ٿا، جي حقيقت ڪري غلط سمجهڻ گهرجن، جيئن ته اوليا، ملائڪ، حضور، اسباب، احوال، افواهه. ڪن ۾ اصل عربي لفظ وارو ڪونج عربي حرف ڪريل ۽ بدليل صورت ۾ به ڪم پيو اچي، جنهن سان هڪدم خبر پئجي سگهي ٿي ته اهو لفظ عربي بنياد جو آهي، پر ڪن ۾ اهو اصول ڪم ۾ نٿو اچي ۽ اهو اکر بدلائي پيو لکڻ ۾ اچي ٿو، جو غلط سمجهڻ گهرجي. مثلاً، سنڌيءَ ۾ قاصائي لفظ صاد سان ٿا لکن، چالاءِ جو اصل لفظ "قصاب" آهي، ۽ بصر ٿا لکن، جو اصل لفظ "بصل" آهي، صابڻ ٿا لکن، جو اصل لفظ "صابون" آهي. پر عربي لفظ "قفل" کي ڪلف يا ڪرف ڪري ٿا لکن، نه ڪلف. ۽ "محل" کي مهل ڪري ٿا لکن، "قينچيءَ" کي ڪينچي ڪري ٿا لکن، ۽ "چاقوءَ" کي چاڪو ٿا لکن. پر انهن لکڻ غلط آهن.

وري ڪهڙا عربي فارسي لفظ آهن جن جي اصل معنيٰ ٻي آهي، پر سنڌيءَ ۾ ٻي معنيٰ سان ڪم ٿا اچن، جيئن ته "زال" کي سنڌيءَ ۾، ڪابه زال ماڻهو چئبو آهي، پر فارسيءَ ۾ زال جي معنيٰ فقط ڪراڙي يا ٻڍي زال. "انجام" سنڌيءَ ۾ چون وعدي يا وچن کي، پر فارسيءَ ۾ چون پڇاڙيءَ کي. "سواد" سنڌيءَ ۾ چون لذت کي، پر عربيءَ ۾ سواد چون ڏنڌ يا ڪاراڻ کي، جيئن ڪو شهر پري کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. "ارمان" سنڌيءَ ۾ چون افسوس يا ڏک کي، پر اصل معنيٰ اٿس پشيماني يا دل جي خواهش. "حرڪت" سنڌيءَ ۾ آهي نقصان يا خرابيءَ جهڙو ڪم، ۽ عربيءَ ۾ آهي فقط چُرڻ. "تڪرار" سنڌيءَ ۾ چون معاملي يا جهيڙي جهڳڙي کي، ۽ اصل معنيٰ اٿس ڪو ڪم ٻه-ٽي ڀيرا وري وري ڪرڻ. "هلاڪ" سنڌيءَ ۾ چون تڪليف ڏيڻ يا بيزار ڪرڻ کي، ۽ اصل معنيٰ اٿس موت ۽ مارڻ. "خراب" سنڌيءَ ۾ چون بڇڙي کي، پر اصل معنيٰ اٿس ويران يا سڃيو، جيئن خانه خراب. "باهه" اصل فارسيءَ ۾ شهوت کي چون، جيئن قوت باهه، ۽ سنڌيءَ ۾ آگ کي. "سخن" اصل فارسيءَ ۾ ڪابه ڳالهه، سنڌيءَ ۾ قول يا انجام آهي. قول به سخن وانگي ڪم اچي ٿو.

وري جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته ڪي جمع اسم واحد وانگي ڪم اچن ٿا، تيئن ڪي اسم صفت وانگي ڪم اچن ٿا ۽ ڪي صفتون اسمن وانگي ڪم اچن ٿيون. مثلاً "حيات" عربيءَ ۾ آهي حياتي، ۽ سنڌيءَ ۾ آهي جيئرو، جيئن ته هن جو پيءُ اڃا حيات آهي. "عجب" سنڌيءَ ۾ اسم وانگي به ڪم اچي، جيئن اصل عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهي، جيئن ته مون کي عجب ٿو لڳي، پر صفت وانگي به ڪم اچي ٿو، جيئن ته خدا جا عجب رنگ آهن، هن جي عجب چالي آهي. "فنا" عربيءَ ۾ چون نيستي يا نابوديءَ کي، ۽ صفت اٿس فاني، پر سنڌيءَ ۾ فنا کي به فانيءَ وانگر صفت ڪري ڪم آڻين ٿا، جيئن ته هن مون کي فنا ڪري ڇڏيو آهي.

وري ڪي لفظ اصل بنيادي معنيٰ موجب ٻي شيءِ ۽ ٻي شيءِ تي ڏيکارين، پر رواجي معنيٰ موجب ٻي شيءِ ڏيکارڻ لڳا آهن، جنهن کي اصطلاحي معنيٰ ٿا چون ۽ آهي خود فارسي ۽ عربيءَ ۾ به اصطلاحي معنيٰ سان ڪم اچن ٿا. مثلاً: ”اجل“ لفظ جي عربيءَ ۾ اصل معنيٰ آهي ڪڏهن يا مقرر وقت، پر رواجي معنيٰ موجب موت آهي. ”قاعده“ اصل معنيٰ موجب چون پيٺ جي بنياد کي ۽ رواجي معنيٰ موجب قانون کي چون. ”غصو“ چون ڪاوڙ کي، پر اصل معنيٰ موجب آهي نڙيءَ جو گهنجڻ، جيئن ڪاوڙ وقت ماڻهوءَ کي ٿيندو آهي. ”جدول“ اصل چون نهر يا ڪسيءَ کي، پر رواجيءَ معنيٰ موجب نقشي يا ليڪن ڪڍڻ کي چون. ”غرض“ اصل معنيٰ موجب چون مطلب ۽ دعا کي، ۽ سنڌيءَ ۾ رواجي معنيٰ اٿس پرواهه، جيئن ته مون کي هن جي غرض ڪانهي. ”حجام“ اصل معنيٰ موجب سينڊ چوڙڻ وارا يا وڍ ڪٽ ڪرڻ وارو آهي ۽ رواجي معنيٰ مٿي ڪوڙڻ وارو.

هاڻي هيٺ ٻهرين ڪي عربي فارسي لفظ ڏجن ٿا، جي جنسي صحيح صورت ۾ سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا، ۽ پوءِ آهي ڏبا جي حرف بدلائي يا صورت بدلائي آيا آهن:

(١) عقل، هوش، جان، عشق، آب، مضبوط، سخت، نرم، گرم، سرد، بند، راهه، موت، حياتي، فصل، جنس، آبادي، ويران، دستور، رواج، نيڪ، بد، غم، خوشي، شادي، رنج، زياده، اصل، نسل، واسطو، مطلب، معنيٰ، لفظ، قول، اقرار، املاڪ، مِلڪ، مالڪ، لذت، شوق، وبا، وفا، بلا، مصيبت، مضمون، فڪر، ذڪر، شڪر، قسمت، نصيب، مڪر، فريب، دغا، دوست، دشمن، دوا، دعا، علاج، شربت، زرد، درد، دولت، صاحب، صحبت، محبت، فرصت، وقت، عجب، طرح، قسم، فائدو، قاعدو، قربان، فرمان، حڪم، حاڪم، ڪتاب، قلم، ڪاغذ، اشتهار، اطلاع.

(٢) تارازي (ترازو)، تسبي (تسبيح)، شيخ (سيخ)، ٻچو (بچه)، چنبو (پنجه)، چمُ (چرم)، درواڻ (دربان)، ليمڪ (نمڪ)، نير (نيل)، هڪ (يڪ)، رڱ (رنگ)، ملم (مرهم)، همام دستو (هاون دسته)، ارگ (عرق)، گرز (غرض)، ايرازو (اراده)، تادي (تعدي)، سايو (سعي)، تلاءُ (تالاب)، ٽڪُ (دوڪ)، ٿوٿيو (توتيا)، پليتو (فتيله)، پيدل (پياده)، ڦاروا (فالسه)، جرجلو (زلزله)، جود (زود)، چمڪدوز (چڪندوز)، چلمچي (چلابچي)، جمو (جمع)، چپي (سبد)، خرخسو (خرخشه)، خونچو يا خومچو (خوانچه)، دهلو (طبله)، دنبورو (طنبور)، دوفان (طوفان)، دم (درم)، ريب (فريب)، سلهه (سل)، شم (شمع)، تباخ (طبق)، ڪاربُ (قالب يا ڪالبد)، گاجي (غازي)، ڪنگو (ڪنگ)، گليلو (غلوله)، لاچار (ناچار)، مادي (ماده)، مسالو (مصالح)، مسيت (مسجد)، پليت (پليد).

باب چوٿون

سنڌي ٻاب ۽ حرف علت ۽ حرف صحيح ۽ اعراب

فصل پهريون

سنڌي ٻاب

ٻاب ٻـا الف - بي، جنهن کي عربي ۽ فارسيءَ ۾ حروف تهجي ۽ هنديءَ ۾ آئيوٽا چون ٿا، سا سنڌي ٻوليءَ جي 'عربي سنڌي' صورت ۾ هاڻي هن طرح ٺهرايل آهي:

نالو	اکر	منڍ	وچ	پڇاڙي
الف	ا	ا	ـا	ـا
بي	ب	بـ	ـبـ	ـب
ٻي	ٻ	ٻـ	ـٻـ	ـٻ
ڀي	ڀ	ڀـ	ـڀـ	ـڀ
تي	ت	تـ	ـتـ	ـت
ٿي	ٿ	ٿـ	ـٿـ	ـٿ
ٽي	ٽ	ٽـ	ـٽـ	ـٽ
ٺي	ٺ	ٺـ	ـٺـ	ـٺ
ثي	ث	ثـ	ـثـ	ـث
پي	پ	پـ	ـپـ	ـپ

ڦي	ڦ	ڦـ	ـڦـ	ـڦ
جيم	ج	جـ	ـجـ	ـج
ڄي	ڄ	ڄـ	ـڄـ	ـڄ
جهي	جه	جهـ	ـجهـ	ـجه
ڃي	ڃ	ڃـ	ـڃـ	ـڃ
چي	چ	چـ	ـچـ	ـچ
ڇي	ڇ	ڇـ	ـڇـ	ـڇ
حي	ح	حـ	ـحـ	ـح
خي	خ	خـ	ـخـ	ـخ
دال	د	د	ـد	ـد
ڏال	ڏ	ڏ	ـڏ	ـڏ
ڌي	ڌ	ڌ	ـڌ	ـڌ
ڊي	ڊ	ڊ	ـڊ	ـڊ
ڍي	ڍ	ڍ	ـڍ	ـڍ
ذال	ذ	ذ	ـذ	ـذ
ري	ر	ر	ـر	ـر
ڙ	ڙ	ڙ	ـڙ	ـڙ
زي	ز	ز	ـز	ـز
سين	س	سـ	ـسـ	ـس
شين	ش	شـ	ـشـ	ـش
صاد	ص	صـ	ـصـ	ـص

ضاد	ض	ضـ	ـضـ	ـض
طوءِ	ط	طـ	ـطـ	ـط
ظوءِ	ظ	ظـ	ـظـ	ـظ
عين	ع	عـ	ـعـ	ـع
غين	غ	غـ	ـغـ	ـغ
في	ف	فـ	ـفـ	ـف
قاف	ق	قـ	ـقـ	ـق
ڪاف	ڪ	ڪـ	ـڪـ	ـڪ
کي	ک	کـ	ـکـ	ـک
گاف	گ	گـ	ـگـ	ـگ
ڳي	ڳ	ڳـ	ـڳـ	ـڳ
گهي	گھ	گھـ	ـگھـ	ـگھ
ڱي	ڱ	ڱـ	ـڱـ	ـڱ
لام	ل	لـ	ـلـ	ـل
ميم	م يا م	مـ	ـمـ	ـم يا ـم
نون	ن	نـ	ـنـ	ـن
ڻي	ڻ	ڻـ	ـڻـ	ـڻ
واو	و	و	ـو	ـو
هي	ه	هـ	ـهـ	ـه
يي	ي	يـ	ـيـ	ـي

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ مان معلوم ٿيو هوندو تہ هي الف-ب عربي ٻوليءَ جي الف-ب تان ٺهيل آهي. جيڪي اکر يا آواز عربي ۽ فارسيءَ ۾ نہ هئا، سي نقطن وڌائڻ سان يا هيٺ مٿي ڪرڻ سان ٺاهيا ويا آهن، مگر هڪدم معلوم ڪري ٿو سگهجي تہ اهي ڪنهن اصول تي ٺهرايا نہ ويا آهن، رڳو ڏکي تي وقت ٽپائڻ لاءِ ٺهرايا ويا آهن. سنسڪرت ۾، يا سنسڪرت مان نڪتل ٻولين ۾ وات مان نڪرڻ وارين جاين وارا اکر يا آواز سڀ گڏ ڏنل آهن، جيئن نڙيءَ وارا گڏ، تارونءَ وارا گڏ، ڏندن وارا گڏ، چپن وارا گڏ ۽ زبان وارا يا زبان جي پاسي وارا گڏ. تنهن کان سواءِ جن اکرن ۾ 'هي' جو آواز يا 'نون' جو آواز گڏيل يا لڪل ٿو رهي، سي بہ الهن اصل اکرن سان گڏ ڏنا ويا آهن، جيئن تہ:

	خاص عربي
نڙيءَ وارا: ڪ ک ک گھ ڳ ھ	ح خ ع غ ق ء
تارونءَ وارا: چ ڇ ج جھ ڄ ڃ ش ي	... .
زبان يا ان جي پاسي وارا: ٽ ٺ ڊ ڏ ڻ ڙ ڙھ ڌ	ص ض ط ظ
ڏندن وارا: ت ٿ د ڌ ن ر س ل	ث ز ذ
چپن وارا: پ ڦ ب ڀ م ٻ و	ف

اردو ٻولي، جا پڻ سنڌيءَ وانگي اصل هندي هئي ۽ سنسڪرت جي ڌيءَ هئي ۽ پراڪرت مان نڪتل هئي، تنهن ۾ بہ عربي صورتخطي ڪم آيل آهي، مگر انهيءَ ۾ وري بہ ڪو اصول ڪم آيل آهي. جن اکرن ۾ 'هي' جو آواز لڪل آهي، تنهن جي پٺيان 'ھ' جو اکر لکندا آهن، ۽ جنهن ۾ 'نون' جو آواز لڪل آهي، تنهن جي اڳيان 'ن' لکندا آهن، پر سنڌي الف-بي ۾ ڪن اکرن ۾ 'ھ' وڌي اٿن، ڪن ۾ 'نہ'، ۽ 'نون' ڪنهن ۾ بہ ڪم آيل نہ آهي. تنهن ڪري چئبو تہ ٺهرايل الف-بي عيبدار آهي. مثلاً سنڌي اکرن مان هيٺيان 'هي' سان گڏيل آهن، جي لکڻ بہ 'هي' سان گهرجن، يا تہ وري هرهڪ لاءِ ڌار صورت ٺهرائڻ کپندي هئي. 'هي' سان گڏ لکيل اکر فقط هي آهن: 'گھ'، 'جھ'. انهن وانگي 'ڀ'، 'ٻھ' هئڻ گهرجي، 'ٿ'، 'ٺھ' هئڻ گهرجي، 'ٿ'، 'ٿھ'، 'ڦ'، 'پھ'، 'ڇ'، 'چھ'، 'ڌ'، 'دھ'، 'ڍ'، 'ڊھ' ۽ 'ک'، 'ڪھ'. جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن، جن ۾ 'هي' آواز سان گڏيل اکر آهن، جي 'هي' سان لکڻ ۾ ٿا اچن، تڏهن الف-بي ۾ اهين ڪرڻ گهربو هو. جيئن تہ 'ڪالھ'، 'ڳالھ'، 'ملھ' وغيره. جن ۾ لام سان گڏ 'هي' جو آواز آهي 'مڙھ'، 'ڪڙھ'، 'وڙھڻ' وغيره، جن ۾ 'ڙي' سان گڏ 'ھ' جو آواز ٿو اچي. سنهون، آونهون، پالهون وغيره،

جن ۾ نون سان گڏ 'هي' جو آواز ٿو اچي. ساڳيءَ طرح نون سان گڏيل آواز وارا اکر نون سان لکڻ گهربا هئا، جيئن ته 'ڃ'، 'نجھ' ۽ 'ڱ'، 'نگ' چالاءِ جو جنهن ۾ ٻئي اکر ۾ 'نون' جو آواز اچي ٿو ته اهو نون سان لکڻ ۾ ٿو اچي، جيئن ته 'پنج' ۾ 'ٻي' سان گڏ نون جو آواز ٿو نڪري، 'ڪنڊ' ۾ ڪاف سان گڏ، وغيره. سنسڪرت ۾ آن مان نڪتل ٻين ٻولين ۾ انهيءَ اکر تي فقط نقطو ڏيندا آهن. عربيءَ ۾ انهيءَ آواز ڪڍڻ لاءِ 'تنوين' ڦهرايل آهن، يعني ٻه زبرون (ً)، ٻه زيرون (ٍ) يا ٻه پيش (ٌ). انهن ٽن قسمن جي اکرن ۾ يعني 'ه' ۽ 'ن' آواز سان گڏيل اکرن ۾ هڪڙو مونجهارو آهي، ته ڪيئن خبر پوي ته اهو آواز لڪل آهي يا ظاهر. انهيءَ ۾ اڙدوءَ لاءِ چڱو دستور آهي، ته لڪل آواز واري لفظ ۾ عربي 'ه' لکندا آهن ۽ ظاهر آواز واري ۾ فارسي، جيئن ته 'سکهڻ' ۽ 'ڳهڻ'. سکهڻ ۾ ڪاف سان 'هي' جو آواز لڪل آهي، يعني س، کھ، ڻ، پر ڳهڻ ۾ ظاهر آهي، يعني ڳ، ه، ڻ، تنهنڪري اهو 'ڳهڻ' لکندا. ساڳيءَ طرح جتي نون جو آواز لڪل آهي، اتي نون ۾ نقطو نه ڏيندا آهن ۽ جتي آواز ظاهر آهي، اتي نقطو ڏيندا آهن- خاص پڇاڙيءَ ۾، جيئن ته ڪانءُ ۽ ڪان. پهرئين ۾ نون ظاهر آهي ۽ ٻوئين ۾ لڪل، جيئن ڪانگ جي ٻولي 'ڪان ڪان' آهي. عربيءَ ۾ جزم يا سڪون انهيءَ لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

جيئن عربي-سنڌي لکڻ ۾ عربي صورتخطي ڪم آندي ويئي آهي، تيئن پهريائين فارسي ٻوليءَ ۾ به ائين ڪيو ويو آهي. جيڪي اکر يا آواز ٻنهي ٻولين ۾ عام هئا، سي ڇڏي، باقي جيڪي نج عربي اکر هئا سي انهن ئي اکرن وارن لفظن ۾ ڪم آندائون، جو سنڌيءَ وانگي فارسيءَ ۾ به تمام گهڻا عربي لفظ ورتا هئا. اهي نج عربي اکر هي آٺ آهن- ث، ح، ص، ض، ط، ظ، ع ۽ ق. باقي جيڪي نج فارسيءَ اکر هئا ۽ جي عربيءَ ۾ نه هئا، سي وري فارسيءَ وارن پنهنجا بنايا، جيئن سنڌيءَ ۾ به ڪيو ائون. اهي نج 'فارسي اکر چار آهن- پ، چ، ژ ۽ گ، جن کي 'فارسي ب' ۽ 'فارسي جيم' ۽ 'فارسي زي' ۽ 'فارسي ڪاف' چوندا آهن. انهيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا عام اکر ڇڏي، باقي جيڪي نج سنڌي اکر آهن، سي هي ست آهن- ڄ، ڃ، ٻ، ڏ، ڻ، ڳ، ۽ ڱ. هاڻي انهن مان ڄ اگرچ مفرد يا ڇڙو آواز شمار ۾ ٿو اچي ته به حقيقت ۾ مرڪب آهي، يعني ٻن جيمن جي برابر آهي، جيئن عربيءَ ۾ ٻن هڪجهڙن اکرن لکڻ جي بدران هڪڙي تي شد يا تشديد جو نشان ڏيندا آهن، يا ان جو آواز 'دي' جهڙو آهي. اهڙن سنڌي لفظن جي اصل يا اشتقاق مان به ائين ئي ثابت ٿو ٿئي. مثلاً سنڌي 'اَڄ' پراڪرت 'اَڄ' مان نڪتل آهي، جو وري سنسڪرت 'اَديَ' مان نڪتل آهي. سنڌي 'وڄا'، پراڪرت 'وِڄا' ۽ سنسڪرت 'وديا'. سنڌي 'ويڄ'، پراڪرت 'ويڄ'، سنسڪرت 'ويديَ'. گهڻن

لفظن ۾ اصل ٻوليءَ وارو ج سنڌيءَ ۾ بدلجي ڄ ٿو ٿئي، جيئن ته هندي جٽ يا جاٽ، سنڌي ڄٽ؛ راج ۽ راڄ، لاج–لڄ.

ساڳيءَ طرح 'ڃ' جو آواز 'نيي' جھڙو آهي، ۽ 'نج' جي برابر آهي، جيئن مڃي نون جي آواز وارن اکرن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

'ٻ' به 'ڄ' وانگي ٻن ٻيڻن ٻا ب' جي برابر آهي، ۽ اصل يا اشتقاق ڪري به اٿين آهي، جيئن ته سنڌي ٻه، سنسڪرت ٻه. سنڌي ڏٻل يا ڏٻرو، پراڪرت دٻلَ، سنسڪرت دُربلَ.

ساڳيءَ طرح 'ڏ' ٻن دالن يا دّ جي برابر آهي جيئن ته سنڌي وڏو، پراڪرت وڏّ، سنسڪرت ورد سنڌي چوڏهون، پراڪرت چودو. سنڌي ڏولي، سنسڪرت دولا، پراڪرت ڊولا.

ساڳيءَ طرح 'ڻ' به ٻن نونن يا نّ جي برابر آهي. جيئن ته وڻ، سنسڪرت ونّ. ٿڻ، هندي ٿنّ، سنسڪرت سُتَن. اهو اکر سنڌي 'ڙ' کي گهڻو ويجهو ۽ اڪثر انهيءَ مان بدليو آهي، خاص 'هي' جي آواز مان ڳنڍ، جيئن ماڻهوءَ کي ڪي ماڻهو ۽ ڪي "ماڙهو" چوندا آهن. حقيقت ڪري ڙ ۽ ڙھ، به د ۽ ڊ مان پيدا ٿيل آهن، جيئن سنڌن اصل ثابت ٿو ڪري. مثلاً، 'ڳڙ' سنسڪرت 'ڳُڌ' آهي. ڳڙهه يعني ڪوٽ يا قلعو، اصل هنديءَ ۾ 'ڳڍ' آهي.

ڳ به ٻن ڪافن جي برابر آهي، يعني گّ، جيئن ته سنڌي آڳ، پراڪرت آگّ، سنسڪرت آرگ لڳو، پراڪرت لگّ، سنسڪرت لرگ. ڀڳو، پراڪرت ڀگّ، سنسڪرت ڀرگ. ڳوٺ، پراڪرت گوٺ، سنسڪرت گوشٺ.

ڱ جي نسبت ۾ مٿي ذڪاريو ويو آهي ته نگ جي برابر آهي، ۽ اصل موجب به اٿين آهي، جيئن ته آڱ اصل انگ، رڱ اصل رنگ، مڱڻ اصل منگڻ، لڱ اصل لنگ وغيره.

انهن کان سواءِ، جيڪي ٻه اکر 'ٽ' ۽ 'ڊ' توڙي 'ٺ' ۽ 'ڍ' سنڌي آهن ۽ ٻين ڪن ديسي ٻولين ۾ اچن ٿا مي به آواز توڙي اصل جي نظر تي 'تر' ۽ 'در' جي برابر آهن، جيئن ته– سنڌي پُٽ، پراڪرت پُتّ، سنسڪرت پُتر. سنڌي ڊاک سنسڪرت دراکش. سنڌي ڏاڍ، سنسڪرت ترڍ. سنڌي ڏڍ، هندي داد، سنسڪرت درد.

ساڳيءَ طرح سنڌي 'ک' به سنسڪرت 'ڪش' مان نڪتل آهي، جنهن مان ڇ ۽ شين جو آواز به نڪرندو آهي، جيئن ته پرک پر ڪشا مان.

جيڪي خاص عربي اکر سنڌي الف–بي ۾ ورتا ويا آهن، تن جي نسبت ۾ هيترو چوڻ ضروري آهي ته جيتوڻيڪ بيشمار عربي لفظ سنڌيءَ ۾ آيل آهن ۽ لکجن به اصلوڪي صورت ۾ ٿا، ته به گهڻن ماڻهن کي، جي عربي ۽ فارسي پڙهيل ناهن،

يا جي مسلمان نہ آهن، سي ڳالهائڻ ۾ توڙي لکڻ ۾ چُڪون ڪندا آهن، يعني ق ۽ ڪ ۾، يا س، ص ۽ ث ۾، يا ز، ض، ظ ۾، يا ع، ء، ا ۾، يا ح ۽ ه ۾ فرق ڪونہ ڪندا آهن، ۽ لاچار ٿي آهي بدلائي پنهنجا سنڌي آواز ڪڍندا آهن، يا اصلي چڏي ڏيندا آهن، بلڪ شعر جي قافيي ۾ انهيءَ طرح ڪم آڻيندا آهن. مثلاً سعيو ائين لکندا آهن جو چڻ تہ ساڀو آهي. طعام چڻ تہ طام آهي، جُمعو چڻ تہ جُمو آهي، نعل تہ نال آهي. ڪي باغ کي باگ چون، ڪي سيخ کي شيخ چون، ڪي ذڪر کي ڦڪر ڪن. پر هن بابت مفصل بيان نحو ۾ ايندو، جتي اکرن بدلجڻ جو بيان ڏنو ويندو.

عربي الف-بي جي ذڪر ڪندي هيترو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ خود اهي عربي حرف يا اکر اصل عبراني ٻوليءَ مان ورتل آهن، ۽ انهن جي صورت بہ انهن تان ورتل آهي، ۽ انهن جي ترتيب آها آهي جا ابجد وارن لفظن ۾ ڏنل آهي، جن مان هر هڪ جو مثلهہ انگن ۾ ٺهرايل آهي اهي اکر هي آهن - 'ابجد'، 'هوز'، 'حطي' 'ڪلمن'، 'سعفص' ۽ قرشت'. اهي مڙيئي ٻاويهہ اکر آهن، ۽ عربن وٽ وڌيڪ هي ڇهہ اکر هئا، جي عبرانيءَ ۾ نہ هئا، ۽ جي پوءِ پنهنجي الف-بي ۾ وجهي اٺاويهہ اکر ڪيائون - ث، خ، ذ، ض، ظ، غ ۽ ابجد جي پڇاڙيءَ ۾ 'ثخذ'، ضظغ'، ٻہ لفظ ڪڏي ۽ انهن جو ملهہ عددن ۾ ڏيئي، هڪ هزار پورو ڪيائون. عبراني اکر ٽالا ۽ مثلهہ هيٺ ڏجن ٿا:

انهن ٻاويهن اکرن ۾ عربن پنهنجا خاص اکر ملائي، هيٺيان مثلهہ انهن تي رکيا:

ث=٥٠٠، خ=٦٠٠، ذ=٧٠٠، ض=٨٠٠، ظ=٩٠٠ ۽ غ=١٠٠٠ ڪن انهيءَ ڪان سواءِ هڪڙو اکر وڌايو جنهن جو نالو 'آمزه' رکيائون ۽ شڪل 'ء' ڏنائونس، جو پوءِ غلط استعمال سان 'همزه' سڏجڻ ۾ آيو، ۽ الف يا عين جهڙو آواز ڏنائونس. ڪن وري لام الف گڏيل 'لا' هيئن لکي، انهن ۾ گڏي، ٽيهہ اکر پورا ڪيائون، جنهن کي اڃا تائين فارسيءَ ۾ سِي حرفي سڏيندا آهن.

الف-بي جي حرفن جا گهڻائي قسم آهن، جن جو بيان علم نحو ۾ ڏنو ويندو، جيئن تہ نقطن وارن حرفن کي 'منقوط' يا 'معجم'، ۽ خالي حرفن کي 'غير منقوط' يا 'مهمل'، ۽ الف-بي جي اکرن مان ڪن 'مسروري' آهن، ڪي 'ملفوظي' ۽ ڪي 'مڪتوبي' وغيره. انهن سڀني جو بيان علم نحو ۾ ايندو، اگرچہ ڪن صرف نحو وارن اهو صرف ۾ الف-بي جي بيان ۾ آندو آهي.

ا	ܐ	الف	١	ل	ܠ	لامد	٣٠
ب	ܒ	بيته	٢	م	ܡ	ميم	٤٠
ج	ܓ	كمل	٣	ن	ܢ	نون	٥٠
د	ܕ	دالد	٤	س	ܣ	سامخ	٦٠
ه	ܗ	هي	٥	ع	ܥ	عين	٧٠
و	ܘ	واو	٦	ف	ܦ	في	٨٠
ز	ܙ	زاين	٧	ص	ܨ	صيدي	٩٠
ح	ܚ	حيته	٨	ق	ܩ	قوف	١٠٠
ط	ܛ	طيته	٩	ر	ܪ	ريش	٢٠٠
ي	ܝ	يود	١٠	ش	ܫ	شين	٣٠٠
ك	ܟ	كاف	١١	ت	ܬ	تاو	٤٠٠

فصل ڇهون

حرف علت، حرف صحيح ۽ اعراب

عربي زبان موجب ٽي اکر آهن، جن کي حرف علت چوندا آهن، يعني بيمار اکر، ڇالاءِ جو آهي ٻين جي مدد سان ڪم ايندا آهن، ۽ انهن کان سواءِ ٻين اکرن کي حرف "صحيح" يعني سگها يا چڱا ڀلا اکر چوندا آهن. اهي ٽي آهن: ا، و ۽ ي. اهي ساڳيا ٽي اکر لفظن جي منڍ ۾ ۽ ڪڏهن وچ ۾، حرف صحيح ٿي به ڪم ايندا آهن. هرهڪ حرف صحيح کي ڪو "حرف علت" کپرجي، تڏهن ڪم ايندو ۽ منجهانئس ڪو آواز نڪرندو. تنهنڪري انهن ٽن حرفن کي گهرا يا وڏا حرف علت جا شمار ڪيائون، ۽ انهن مان وري ٽي ننڍا علت جا نشان ڪڍيائون: آلف مان "زبر"، واو مان "پيش" ۽ بي مان "زير"؛ ۽ انهن ۾ ڀيرين علت جي حرفن جا اڌ-اڌ آواز مقرر ڪيائون. انهيءَ ڪري هڪ الف ٻن زبرن جي برابر ٿيو، واو ٻن پيشن جي، ۽ بي ٻن زيرن جي. انهن ننڍين علت جي نشانن کي ٽي "حرڪتون" سڏيائون، يعني انهن جي وسيلي حرف چُرُي پُرِي سگهيا. زبر کي "فتح" يا "نصب" جو نالو ڏنائون، ۽ اکر جي مٿان هي نشان (ـَ) ڏنائون، جو فارسيءَ ۾ زبر جي معني به مٿي آهي ۽ پيش کي "ضم" يا "رفع" جو نالو ڏنائون ۽ اکر جي اڳيان يا مٿان ڏنائون ۽ هي نشان (ـُ) مقرر ڪيائون، ۽ فارسيءَ ۾ پيش جي معنيٰ اڳيان. زير کي "ڪسره" يا "جر" سڏيائون ۽ هي نشان (ـِ) مقرر ڪري اکر جي هيٺان ڏنائون، ۽ فارسيءَ زير جي معني به هيٺ آهي. جنهن اکر تي ڪابه حرڪت ڪانه آيل هوندي، تنهن تي 'جزم' يا 'سڪون' جو هي نشان (ـْ) ڏيئي، 'ساڪن' يعني بيٺل يا اڻ چرندڙ سڏيائون. جيئن ته سَرْد.

انهن کان سواءِ هيٺيان اعراب به ڪم آندا ويا- 'شد' يا 'تشديد' (ـّ). انهيءَ اکر تي، جنهن تي زور ڏيڻ ۾ ٿو اچي ۽ جو ٻٽو حرف شمار ٿو ٿئي، ۽ جو ته شد جي معنيٰ به اهائي آهي- جيئن ته ربّ. ۽ مد" جو نشان (آ) الف تي ڏيئي، انهيءَ کي ٻن الفن جي برابر ڪيائون؛ جو 'مد" جي معنيٰ آهي ڊگهو ڪڍڻ- جيئن ته آواز. وري جنهن اکر تي 'اعراب' اچڻ وقت نون جو آواز ٿي نڪتو، تنهن تي 'تنوين' جو نشان يعني ٻه زبرون (ـً)، ٻه زيرون (ـٍ) ۽ ٻه پيش (ـٌ) ڏنائون؛ جيئن ته اتفاقاً، جيئن جو آواز اتفاقن يا اتفاقون آهي، خصوصاً، جنهن جو آواز خصوصن يا خصوصون آهي.

مٿي جيڪي ٽي حرف علت ڏنا ويا آهن، تن مان ڊگهن آوازن ڪڍڻ لاءِ جيڪو اکر ڪنهن لفظ ۾ انهن کان اڳي اچي ٿو، تنهن کي 'زبر'، 'زير' يا 'پيش' ڏيئي عربن اهو مطلب حاصل ڪيو ٿي. الف کي ڊگهي ڪرڻ لاءِ مد" ڏيئي، ٻٽو

الف ڪيائون، جيئن مٿي چيو ويو آهي ۽ ڪنهن به حرف صحيح کي زبر ڏيئي انهيءَ سان الف گڏي، ڊگهو آواز ڪڍيائون، جيئن تہ 'با'، 'ڪا' ۽ 'لا' ۽ زير ڏيئي انهيءَ سان 'ي' گڏي ڊگهو آواز ڪيائون، جيئن تہ بي، ڪي، لي ۽ پيش ڏيئي انهيءَ سان 'واو' گڏي ڊگهو آواز ڪڍيائون، جيئن تہ بُو، ڪُو ۽ لُو. فارسيءَ وارن وري انهن حرف علت وارن آوازن کي 'معروف' سڏي، جيڪي آواز عربن ۾ نہ هئا ۽ وٽن هئا، سي حرڪتن مٿائن سان ڪم آنداٺون، يعني واو توڙي بي سان زير وارا حرف صحيح گڏي ڪم آنداٺون، ۽ انهن کي 'واو مجهول' ۽ 'يي مجهول' سڏيائون، جيئن تہ شور، مور، شير ۽ ڪير. پر حقيقت ڪري ايراني اهو 'واو مجهول' ۽ 'يي مجهول' ڳالهائڻ ۾ ڪم نہ آڻيندا آهن، هو هميشه انهيءَ جي بدران 'معروف' آواز ڪم آڻيندا آهن. انهن کان سواءِ عرب ٻنهي حرڪتن ۽ واو ۽ يي سان ڪم آڻي لکيا، جيئن تہ دور ۽ غور، جي چئڻ تہ دَئور ۽ غَئور لکيل آهن، ۽ خير ۽ سير، جي چئڻ تہ خَئير ۽ سَئير لکيل آهن. انهن ۾ و ۽ ي ساڪن آهن.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، تيئن سنڌي اعراب هي آهن: ـَ، آ، اِ، اي، اُ، اوُ، اي، او، آي، آو، جي نون غُني سان بہ اچي سگهن ٿا، جيئن تہ آن يا آءَ، اَن، اِن يا ءِ، اِين، اُن يا ءُ، آون، اين، اون، اين ۽ آون.

اهي سڀ اعراب سنسڪرت ۽ پراڪرت وارا آهن، جي سنڌيءَ ۾ بہ ڪم اچن ٿا، سواءِ ڪنهن ٿوري تفاوت جي. سنڌيءَ جي ٻين وڏي خاصيت هيءَ آهي تہ گهڻو ڪري سڀڪنهن سنڌي لفظ جو پڇاڙيءَ وارو حرف صحيح چُرندڙ يا حرڪت وارو هوندو، پر فارسيءَ ۾ اڪثر پڇاڙيءَ وارو حرف ساڪن ٿو رهي ۽ سنسڪرت ۾ بہ گهڻا لفظ ساڪن پڇاڙيءَ وارا آهن. اها خاصيت سنڌي ٻوليءَ جي تمام چڱي آهي، جا عربيءَ ۾ بہ آهي.

باب پنجون

فصل پهريون

سنڌيءَ ۾ حرفن يا اکرن مان لفظ يا هڪڙن لفظن مان

ٻيا لفظ ڪيئن ٿا جڙن

جدا جدا پڇاڙين وارا لفظ: سنڌيءَ ۾ جيڪي به لفظ آهن، تن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت هوندو يا حرف علت جو ڪو نشان هوندو، جنهن کي "حرڪت" چون ٿا ۽ جو ڪنهن حرف صحيح تي ايندو. يعني سنڌيءَ جي هرهڪ لفظ جي پڇاڙي هيٺين اعرابن مان هڪ نه ٻئي ۾ ضرور هوندي: آ، اَ، اِ، اي، اُ، اُو، آو، او، اي، آي. (نون غني جو آواز به انهن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو.)

هيٺ هرهڪ جا مثال ڏجن ٿا، جنهن مان معلوم ٿيندو ته هرهڪ پڇاڙيءَ وارا لفظ ڪهڙي قسم جا لفظ آهن ۽ ڪهڙي اصل جا آهن:

آ: هن پڇاڙيءَ وارا لفظ اڪثر آهي آهن، جي سنسڪرت يا پراڪرت ۾ "آ" ۽ "آ" پڇاڙيءَ وارا آهن، ۽ جن جا مثال مٿين باب ۾ اچي ويا آهن. جيئن ته ڇپَ، نٿنهن، ڏيءَ، جال، جام، ڏُر، ٻاڦ. جي اسم فعلن مان نڪتل آهن، سي به آ پڇاڙيءَ وارا آهن، جيئن ته پرکڻ مان پرک، ڳنڍڻ مان ڳنڍ، مارڻ مان مار. جي اسم صفت مذڪر "اُ" پڇاڙيءَ وارا آهن، تن جي مونث به "آ" پڇاڙيءَ واري آهي، جيئن ته سڄاڻُ، آڻ ڄاڻَ، آڻ ڄاڻَ، ٻاجهوڪڙُ، ٻاجهوڪڙَ، سڦيُ، سڦيَ. ڪي ساڳين لفظن جي پڇاڙي، جا "اِ" ۾ آهي، سا "آ" ۾ به ٿئي ٿي، جيئن ته نارَ، نارِ، هريڙَ، هريڙِ، چريٽَ، چريٽِ. گهڻا لفظ جي عربي ۽ فارسيءَ مان ورتل آهن، تن کي اها پڇاڙي ڏيئي مونث ڪري ڪم ٿا آڻين، جيئن ته ملڪ، زمينَ، حدَ، عزتَ، برڪتَ، قبرَ، خبرَ. اڪثر آ پڇاڙيءَ وارن سنڌي مذڪر اسمن جو جمع به آ ۾ ٿئي ٿو، جيئن ته ڪتابُ، ڪتابَ، ڳڌهُ، ڳڌهَ.

آ: هن پڇاڙيءَ وارا لفظ به اڪثر آهي آهن جي سنسڪرت يا پراڪرت ۾ به آ ٿا رکن، جيئن ته هڇا، ڪِيما، چِنتا، اڪثر آهي مونث آهن، سواءِ ڪن ٿورن جي، جيئن ته راجا، آتما، داتا. عربي ۽ فارسي وارا انهيءَ پڇاڙيءَ وارا لفظ به ساڳيءَ حالت ۾ ورتل آهن، جي پڻ مونث آهن، جيئن ته حيا، وفا، بلا، سواءِ ڪن ٿورن جي، جيئن ته آشنا، رهنما، قطب نما، دانا بينا.

اِ: هن پڇاڙيءَ وارا آهي لفظ آهن، جي سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ ا يا اِي پڇاڙيءَ وارا آهن، جيئن ته ٻُڌِ، مَتِ، نارِ، وِسپَتِ، ڪيهرِ، ۽ مونث رهن ٿا. آ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن ۽ صفتن جا مونث لفظ به اِ پڇاڙيءَ وارا ٿين ٿا، جيئن ته گڏهُ ـ گڏهِ، سڌرُ ـ سڌرِ، پريتُ ـ پريتِ. ڪٿي وري ساڳي پڇاڙيءَ وارا مذڪر اسم سنسڪرت ۽ پراڪرت اصل وارا، سنڌيءَ ۾ مونث ڪري آندا اٿن، جيئن ته آڳِ، ديهِ، ڪوڙِ. ڪن عربي ۽ فارسي لفظن جي پڇاڙي ا يا ءِ ۾ ڪري مذڪر يا مونث شمار ڪندا آهن، جيئن ته خداءِ، سيٺِ، خواجه خضرِ، خوشِ، بدِ، رنجِ، اهي اڪثر اسم ۽ صفت آهن.

اِي: سنڌيءَ ۾ جيڪي مذڪر 'اِي' پڇاڙيءَ وارا آهن، سي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي اِ، اِن، ۽ ي يا اِي پڇاڙيءَ وارن لفظن سان موافق آهن، جيئن ته ڏرمي، سوامي، هاٿي، هاري، اولي، ٽيڪري، ڀريون، آياڳي، هندي، سنڌي، ڪوي، هري. عربي ۽ فارسيءَ مان ورتل لفظ انهيءَ پڇاڙيءَ وارا به اصل سان موافق آهن، جيئن ته خوشي، دوستي، نيڪي، بدي، جي اڪثر مونث آهن ۽ 'ياءِ' نسبت وارا يا ٻيا صفت وانگي ڪم ايندا آهن، جيئن ته چيني، رومي، عربي، زخمي، حرفتي، راضي، هادي، قاضي، ڪي نج سنڌي اِي پڇاڙيءَ وارا مذڪر به آهن، جيئن ته باندي، مانجهي، ٻيلي، ياڪي، هاٿي، ماري.

جيڪي مونث لفظ اِي پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت ۽ پراڪرت مان آيل آهن، سي سنڌيءَ ۾ ساڳي پڇاڙي رکن ٿا ۽ مونث رکن ٿا، جيئن ته ندي، ستي، راڻي. ڪٿي آ ۽ ا پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ اِي ٿيا آهن، جيئن ته واڻي، ڌي، ماکي، ڪولي، چوري.

آ: هن پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ اڪثر مذڪر آهن ۽ سنسڪرت آ يا اَ ۽ پراڪرت او پڇاڙي وارن لفظن تان ورتل آهن، جيئن ته نر، گهر، ڪر، سچيت، آنل، مد، واءُ. ڪي اصل آ يا تا پڇاڙيءَ وارا به اَ ۾ آيا آهن، جيئن ته ٻيءُ، ڀاءُ، ماءُ، پتار، ڀين.

ڪي ٿورا مونث آهن، جي اصل سنسڪرت ۾ به اَ پڇاڙيءَ وارا آهن، جيئن ته وٿ، سس، ڏچ.

عربي ۽ فارسي لفظ گهڻا آهن، جن کي پڇاڙيءَ ۾ پيش ڏيئي مذڪر ڪري ڪم آندو اٿن، جيئن ته ڪتابُ، قلمُ، ڪاغذُ، درُ.

اُ: پڇاڙيءَ وارا سنڌي لفظ (اسم توڙي صفتون) اڪثر اَ پڇاڙيءَ وارن سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن مان نڪتل آهن ۽ اڪثر مذڪر آهن. ڪي ٿورا مونث آهن. مثال ــ سانُ، ڏٿو، تارُون، ڀتُون، جُون، تارُو، رهاڪُو، ڪانُو، مانهُو، ڏاڙهُون، ڪڇُون، وڇُون.

عربي ۽ فارسيءَ مان آيل لفظ اُو پڇاڙيءَ وارا اصل مان موافق آهن ۽ ڪن ۾ 'همزو يا نون' پڇاڙيءَ ۾ آندا آهن، جيئن ته آبرو، خوشبو، بوءِ، روءِ، دارون، زردالو، جي مذڪر به آهن ۽ مونث به.

اوُ: پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ سڀ مذڪر آهن. اصل پراڪرت جي او پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ ڪڏهن او ۾ ۽ ڪڏهن اُ ۾ پڇاڙي ڪن ٿا. مثال ــ ترو يا ترُ، گهلو يا گهلُ، لُڙڪو يا لُڙڪُ، چورو يا چورُ، مٽو يا مٽُ. عام اسم يا صفت او پڇاڙيءَ وارا ته بيشمار آهن ــ گهوڙو، سونارو، چڱو، ڀڙو، ڪارو، ميٺو، ڦڪو، چٽڪو، سکهارو، رسيلو، گهاٽو، واڍو، تارو.

عربي ۽ فارسي لفظ 'هه' پڇاڙيءَ وارا اڪثر 'او' ۾ پڇاڙي ڪندا آهن، جيئن ته دروازه ــ دروازو، جامه ــ جامو، نامه ــ نامو، ستاره ــ ستارو.

اَوُ: هي اعرابون سنسڪرت ۽ پراڪرت مان آيل لفظن ۾ ٿوريون آهن، جيئن اڳئين باب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ ضمير حاضر جمع وارن فعلن جي زمانن ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن ته ٿيو، ڪندو، ويندو. عربي ۽ فارسيءَ مان آيل لفظ انهيءَ پڇاڙيءَ واري اصل مان موافق آهن، جيئن ته جَوَ. سنڌي لفظ به ڪي انهيءَ پڇاڙيءَ وارا آهن، جي اڪثر مذڪر آهن، جيئن ته پَوَ، سَوَ، ڏَوَ.

اِي: هن پڇاڙيءَ وارا سنڌي لفظ به اڪثر فعل جي زمان مضارع جي ضمير واحد غائب واري صورت ۾ ڪم اچن ٿا، جيئن ته ڪري، هلي. ڪي ظرف به انهيءَ پڇاڙيءَ وارا آهن، جيئن ته هري هري، ڀري ۽ ڪي حرف به اهڙيءَ پڇاڙيءَ وارا آهن، جيئن ته ڪي، تي، ري. فارسي اصل وارا لفظ ساڳي صورت ۾ اچن ٿا، جيئن ته بي، بلي.

اَيِ: هن پڇاڙي وارا لفظ به اڳئين ٻن پڇاڙين وانگي ڏارين ٻولين جا ورتل آهن ۽ ساڳيءَ صورت ۾ آندا ويا آهن، جيئن ته هَيِ، مَيِ، قَيِ، رَيِ، شَيِ، نَيِ، جَيِ، ڪَيِ. انهن خاص اعرابن بابت اڳئين باب جي شروع ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

فصل ڇهون

ھڪڙن لفظن مان ٻيا لفظ

حاصل بالمصدر يا اسم ذات: جيڪي سنسڪرت ۽ پراڪرت اصل وارا آھن، سي ٻن طرحن سان ٺا جڙن: ھڪڙا سڌا فعلن جي بنياد مان ٺا نڪرن، ۽ ٻيا آھي جي ڇڙن اسمن مان ڪن پڇاڙين يا نشانن گڏڻ سان ٺا جڙن. فعلن جو بنياد ڇنجي ٿو، مصدر جي نشاني "ڻ" ڪڍي ڇڏڻ سان جيڪي بچي، تنھن کي. اھو فعل جو بنياد انھيءَ فعل جو مول يا جوھر آھي، جو جڙيل لفظ ۾ ظاھر ٿو ٿئي ۽ ساڳي فعل واري معنيٰ ٿو ڏئي. تنھنڪري انھن کي "حاصل بالمصدر" چوندا آھن، جو اسم وانگي ڪم اچي ٿو ۽ فعل جي معنيٰ ٿو ڏئي. انھيءَ کي "اسم ذات" ۾ چئي ٿو سگھجي. اھڙا اسم ذات جي مصدرن مان جڙن ٿا، سي ٻہ جدا جدا پڇاڙين وارا ٿين ٿا ۽ اصلوڪن سنسڪرت ۽ پراڪرت جي لفظن وارين پڇاڙين جھڙا يا انھن کان ڦريل رھن ٿا. مثلاً 'آ' پڇاڙيءَ وارا سنڌي "حاصل بالمصدر" يا 'اسم ذات' سنسڪرت يا پراڪرت جي "آ" پڇاڙيءَ وارن لفظن تان ورتل آھن، جيئن تہ سنسڪرت ۾ "پڇو" مان "پوڇا" آھي، تيئن سنڌيءَ ۾ "پڇڻ" مان "پوڇا" آھي. مگر ڪھڙين حالتن ۾ "آ" "ا" ٿو ٿئي، جيئن تہ "جاڳڻ" مان "جاڳ"، "سکڻ" مان "سکيا"، "پڙھڻ" مان "پڙھ". ڪڏھن "ا" ٿو ٿئي، جيئن تہ "وڙھڻ" مان "ويڙھ"، "کٽڻ" مان "کٽ"، "کھڻ" مان "کھڻ". ڪڏھن "ا" ۾ ٿو ٿئي، خاص جڏھن اصل سنسڪرت وارن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" آھي، جيئن تہ "لھڻ" مان 'لاھ'، "پرڻ" مان "پور"، "ڦيرڻ" مان "ڦير". ڪڏھن "او" بہ، جيئن تہ "کٽڻ" مان "کاٽو"، "چڙھڻ" مان "چاڙھو"، "جھيڙڻ" مان "جھيڙو"، "ڪپڻ" مان "ڪاپو" ڪڏھن "اي" بہ، جيئن تہ "چڙھڻ" مان "چاڙھي"، "لھڻ" مان "لاھي"، "ڏيکارڻ" مان "ڏيکاري".

ڪڏھن خود مصدر پنھنجي اصلي صورت ۾ "اسم ذات" ٿي ڪم ايندي آھي، جيئن تہ اچڻ وڃڻ، مرڻ جيئڻ، ڏيڻ وٺڻ، جيئن ڇنجي تہ اچ وڃ، موت ۽ حياتي، ڏي وٺ، ڪڏھن فعل جي بنياد جي بدران خود مصدر جي پڇاڙيءَ او ۽ اي لڳائي ڪم آڻيندا آھن، خاص انھن لفظن ۾ جن ۾ سنسڪرت واري پڇاڙي آئي آھي، جيئن تہ ڏيٺو وٺو، مڱڻو، ڀرڻو، ۽ چوڻي، ڪرڻي، ڀرڻي، ڪٽائي جارائي، ڏٺارڻي.

ڪڏهن فعل جي بنياد جي پڇاڙيءَ ۾ ’ت‘ وجهندا آهن، جيئن ته ڪپڻ مان ڪپت، اڇڻ وڇڻ مان آوت جاوت، وڻڻ مان وڻت، هلڻ مان هلت. ڪڏهن ’آٽ‘ يا آٽ‘ وجهندا آهن، جيئن کهيڙڻ مان کهيڙٽ، وڃائڻ مان واڇٽ، ڳاهڻ مان ڳاهٽ، چمڪڻ مان چمڪاٽ، ڀڻڪڻ مان ڀڻڪاٽ، ڪڙڪڻ مان ڪڙڪاٽ. ڪڏهن ’ڪو‘ گڏڻ مان، جيئن ته ڀڃڻ مان ڀڃڪو، سڃڻ مان سڃڪو، چڃڻ مان چڃڪو، چمڪڻ مان چمڪو، ڪڙڪڻ مان ڪڙڪو، ڀڻڪڻ مان ڀڻڪو.

<u>اسم فاعل ترڪيبي:</u> جن سنسڪرت لفظن يا اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ’آڪ‘ آهي، آهي اڪثر اسم فاعل ترڪيبي آهن، يعني ڪم يا ڌنڌي ڪندڙن مان آهن ۽ انهن جي حالت ۾ سنڌيءَ ۾ ’ڪ‘ مٽائي ’او‘ ٿا ڪن، جيئن ته وڍڻ مان واڍو، کهڙڻ مان کهورو، ڏيڻ مان ڏوهو، ڳائڻ مان ڳائڻو. جن اهڙن سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ آڪ آهي، تن ۾ ’آو‘ ٿا گڏين، جيئن وڙهڻ مان ويڙهو، تارڻ مان تارو، وڍڻ مان واڍو، ڦورڻ مان ڦورو، کهڻڻ مان کهوسو، سهڻ مان سهڻو.

ڪڏهن پڇاڙيءَ ۾ آڪ، ’آڪو يا آڪو‘ ڪم آڻيندا آهن، جيئن ته رهڻ مان رهاڪو، ورچائڻ مان ورچائو، پيئڻ مان پياڪ، وڪامڻ مان وڪائو، هيرڻ مان هيراڪ، جهيڙڻ مان جهيڙاڪ.

ڪٿي وري سنسڪرت جي ’آر‘ پڇاڙيءَ وارا لفظ ’آرو‘ ۾ ايندا آهن، جيئن ته پوڄڻ مان پوڄارو. ڪٿي آر اصل وارو به ڪم آڻين ٿا، جيئن پنڻ مان پينار.

ڪٿي ’ٽو‘ وجهندا آهن، خاص انهن لفظن ۾، جن ۾ اصل سنسڪرت واري پڇاڙي آن آهي ۽ اڪثر صفت جي معنيٰ به نڪرندي آهي، جيئن ته پنڻ مان پينٽو، پڙهڻ مان پڙهٽو، چيرڪڻ مان چيرڪٽو، مرڪڻ مان مرڪٽو، کلڻ مان کلٽو.

سنسڪرت ۾ ’آت‘ پڇاڙيءَ وارا لفظ ’آندو‘ پڇاڙيءَ سان ٿا اچن، جيئن لکڻ مان لکندو، ڏسڻ مان ڏسندو، جي گرامر ۾ اسم حاليه شمار ڪيل آهن. ۽ ’تويَ‘ پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت لفظ ’ابو‘ پڇاڙيءَ سان ٿا اچن، جيئن پوسائڻ مان پوسائبو، جهلڻ مان جهلبو، جي گرامر ۾ فعل مجهول جو مستقبل زمان آهن.

سنسڪرت ۾ ’تَ‘ پڇاڙيءَ وارا لفظ، سنڌيءَ ۾ ’او يا يو‘ پڇاڙيءَ سان اچن ٿا ۽ گرامر ۾ اسم مفعول جي صورت ٿا وٺن، جيئن پسڻ مان پسيو، جهلڻ مان جهليو، ڏسڻ مان ڏٺو، موٽڻ مان موٽيو.

<u>اسمن مان اسم، پڇاڙين ملائڻ مان:</u> سڀ فعل جي بنياد مان جڙندڙ لفظ ڏنا ويا آهن. هاڻي ٻئي قسم جا لفظ ڏبا، جي ٻين جڙن اسمن مان ڪن نشانين يا پڇاڙين گڏڻ مان ٿا جڙن.

اڪثر اسم ذات، اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آئي وجهڻ سان ٺهيا آهن؛ اهي ٺهيل ته سنسڪرت پڇاڙي ٻن سان موافق آهي، جيئن ته چور مان چوري، منڊو مان منڊائي، چڱو مان چڱائي، ڀلو مان ڀلائي، گهٽ مان گهٽتائي.

جتي سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ مَن ۽ پراڪرت ۾ آڻ آهي، انهن لاءِ سنڌيءَ ۾ به آڻ اچي ٿو، جيئن اچو-اڇاڻ، ويڪرو-ويڪراڻ، ڪڙو-ڪڙاڻ، مٺو-مٺاڻ.

اهڙا اسم ذات جدا جدا پڇاڙيءَ وارن اعرابن جا، اصل کان ڦري گهري اچن ٿا. اهڙا ڪي متفرقه مثال ڏجن ٿا: وَٽُ، واهپَ يا واهپو، ساٿپو، ننڍپڻ، رَناپڻ، ٻڍاپڻ، پنڊ ٽپڻو.

ڪار پڇاڙيءَ وارا اسم، اصل سنسڪرت يا پراڪرت مان آيل ڪار يا ڪارو پڇاڙيءَ سان سنڌيءَ ۾ به اچن ٿا، جيئن ته ونڪار، ٿڌڪار، ٽڻڪار، لڇڪارو، وسڪارو.

اسمن مان صفتون: سنسڪرت ۾ اِڪَ، اِي يا آن پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ آهي بدلائي اِي ٿا ڪن، جيئن مٿي اِي اعراب جي بيان ۾ چيل آهي ۽ اڪثر نسبت ٿا ڏيکارين، جيئن هندي، سنڌي، لاڙي يا لاڙائي، اوٺي، بباڪري، ڏيکري، داڻهي، روڳي، مالهي. ڪن حالتن ۾ آئي ٿا آڻين، جيئن باغائي، جهيڙائي.

آڪ پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت اسم سنڌيءَ ۾ آو پڇاڙيءَ سان ٿا اچن ۽ مَيَ پڇاڙيءَ وارا اصل لفظ اون پڇاڙيءَ سان ٿا اچن، جيئن ته چاپرو، يا ڊرُو، ڊرمائنُو، شرمائنُو، هَيڊائون، لوهائون، شيشائون.

آ پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت او پڇاڙيءَ سان سنڌيءَ ۾ اچن ٿا، جيئن ته آٽ-اوٽو، ڳئون-ڳائو، ميهن-ماهيو، وڇُ-وڇو يا وڇون، پروچ-پاروچو، سکهه-سکهو، ونگ-ونگو.

آل پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ بدلجي آر يا آر پڇاڙيءَ سان ٿا اچن، جيئن ته مينهن-ميهار يا ميهر، چوني-چوٽير يا چونيار، ڏَنُ-ڏنار.

ڪٿي ساڳيو آل يا آلو به اچي ٿو، جيئن ته جهڙُ-جهڙالو، کهڙي-کهڙيال يا کهڙيالو، ڏيو-ڏيالُ، جَو-جَوال، ساري-ساريال.

اِر ۽ اِل پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت لفظ ايلو يا ايرو پڇاڙيءَ سان اچن ٿا، جيئن ته ٽوهلو يا ٽاريلو، ڇميلو، ڇانويلو، ڪانڌيرو.

جتي اصل سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "ر" آهي آتي "ار" ۽ جتي "سَت" آهي، آتي فقط "ت" اچي ٿو، جيئن ته ٻيئرُ، جهاتيرَ، جهپرُ، پورهيتُ، ڏيئياتُ.

ساڳيءَ طرح اِتَ پڇاڙي ڦري ايتو ۽ آئتو ٿئي ٿو، جيئن ٻَڌيتو، ڀائيتو، مائيتو، جوئيتو، وارائتو، واڻائتو، سجهائتو، ڪمائتو.

ر پڇاڙي وارا سنسڪرت لفظ آڙ، آل ۽ ڙيو پڇاڙيءَ ۾ به بدليا آهن، جيئن ته ڪاڀڙ، ساڃڙ، لڪڏڙ، وِڀَلُ، ڏِنل، وَسوڙل، ڀِرڙيو، سڏڙيو، پَرمتڙيو، کهورڙيو.

جن سنسڪرت لفظن ۾ پڇاڙيءَ ۾ ڪ يا ڪ آهي، اُنهن لاءِ سنڌيءَ ۾ اهو بدلائي ڪو، چو يا اوڪو ڪيو اٿن، جيئن ته واڻڪو، هارڪو، واپارڪو، کهونيچو، پاڙيچو، ويڙهيچو، ڏينهوڪو، راتوڪو، ڪالهوڪو، پروڪو، هاڻوڪو، هيلوڪو.

اِن پڇاڙيءَ وارن سنسڪرت لفظن جي اِها پڇاڙي بدلائي اٽو يا آوٽو ڪري سنڌيءَ ۾ ڪم ٿا آڻين، جيئن ته لُڇاٽو، ميراٽو، ڏياٽو، ڀاڀاٽو، چانداٽو، واوٽو، ڪالهوٽو، آڳوٽو، هيڪوٽو، ٻنجوٽو، ڏهوٽو.

آئِنَ پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت لفظ آئي ۾، ۽ ايِن وارا ايٺو ۾، ۽ آٽ وارا آلو ۾، ۽ ش وارا آسو ۾ ايندا آهن. جيئن ته آرياڻي، آڏواڻي، ٻاگاڻي، سگهيٺو، وسيٺو، وهيٺو، پاٽيالو، ڇپرالو، وارياسو.

ڪار پڇاڙيءَ وارا سنسڪرت لفظ وري به ڪار يا ڪرَ، هار يا هارو پڇاڙي ٿا وٺن، ۽ وَن پڇاڙيءَ وارا وان، ۽ وَل پڇاڙيءَ وارا وارو يا يو ٿا وٺن، جيئن ته آپائڻهار، سرجڻهار، لکڻهار، جهيڙاڪر يا جهيڙاڪار، دياوان، سيلوان، سکهتيوان گهروارو، پيڙيءَ وارو، وڃ وارو، ڀاڳيو، جويو.

اسم صغير: صغيري يا ننڍائي ڏيکارڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه-ٽي رستا آهن: ٻهرين ته مونث جي صورت به صغيري ٿي ڏيکاري، جيئن ته ڪاٺ ۽ ڪاٺي. ٻيو ته صغيريءَ لاءِ ڪي نشان يا پڇاڙيون ڪم ٿيون اچن، جيئن ته مذڪر توڙي مؤنث ۾، جيئن ڪ پڇاڙي. اوٽَ يا اوٽو. مثال: چام - چاموٽ، ڏيو -، ڏياٽي، ٻاهه - ٻاهوٽي. اهي نشان سنسڪرت جي ر ۽ ڪ نشاني جي برابر آهن. ڪ واري نشاني فارسيءَ ۾ به اچي ٿي، جيئن مرد - مردڪ، چشم - چشمڪ. پر سنڌيءَ ۾ نٿي اچي، مگر 'ر' کي ڦيرائي 'ڙو، ڙو يا ڙي، ٿا ڪن. ڍڳهو - ڍڳهيرو، ڳهٺو - ڳهٺيرو، ڳهاڻو - ڳهاڻيرو پنڌ - پنڌڙو، ڏرو - ڏرڙو ۽ ڏرڙي، جنڊ - جنڊڙو ۽ جنڊڙي، هينير - هينڙو، ٻولو - ٻولڙو، ٽورو - ٽورڙ ۽ ٽوريرڙو، ڏيءَ - ڏيئڙي، آڪ - آڪڙي، ڳالهه - ڳالهڙي، وڄ - وڄڙي، منڊي - منڊيڙو، وڇون - وڇونڙو، ٻانهو - ٻانهڙو، ڳولو - ڳولڙو.

عربيءَ ۾ صغيري ڏيکارڻ لاءِ ٻچاڙيءَ واري حرف جي اڳيان "آي" آڻيندا آهن، ۽ اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ به ڪم اچن ٿا، جيئن ته طفل مان طُفيل، حسن مان حُسَين.

مجمل بيان: مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن جا ڏور يا انهن جا مجمل ۽ مختصر مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم مان اسم فاعل جوڙڻ جا ۽ مثال: (١) واپاري، پيري، ويري، پساري، داڻهي، (٢) ميهار، ڳنوار، ٻڪرار، ڏنار، ٻتيار، (٣) ڳوٺ وارو، گهر وارو، هوند وارو، عقل وارو، (٤) لاڙائي، باغائي، چوپائي، (٥) حلوائي، معاملائي، ساڪرائي، ۽ پکيڙائي، ۽ (٦) ناچڻو، وڙهڻو، گهومڻو، ۽ ميڙو.

فعل مان اسم فاعل: (١) ڏيڻ وارو، وٺڻ وارو وغيره، (٢) ڏيڻات، نيڻات، وٺيات، (٣) ليکڻهارو، هلڻ هارو، جوڙڻ هارو، (٤) اپائڻهار، ڏاتار، مڱڻهار، (٥) ڪائڻو، رهاڪڻو پينڻو، ۽ (٦) پيچارو، واڍو.

فعل مان اسم ذات ۽ ٻيا: (١) ڏَسُ، ڊِڄُ، ڦَٽُ، ڳنڍُ، ڏَرُ، سَڪُ، ميڙُ، ڪوسُ، (٢) سيڪَ، لوڏَ، هوڏَ، ڪيلَ، ڊوڙَ، گهورَ، ڪيرَ، پوڪَ، چيرَ، (٣) نچڪو، ٻٽڪو، سٽڪو، ڪٽڪو، ٽپڪو، جهٽڪو، لٽڪو، چلڪو، (٤) چاڙهو، ڪاڙهو، گهوٽو، سرٽو، پرٽو، (٥) گهومِ، لوچِ، پوڏِ، سوڪِ، وڙهِ، (٦) ٽيٽي، ڪرٽي، پرٽي، جوٽي، گهوٽي، (٧) وڙهيي، ڦيرِي، ريڙهيي، ميڙِي، چونڊِي، (٨) هلت، چلت، لکت، کپت، آوت، جاوت، نيوڙت.

اسم مان صفت: (١) سگهارو، لچارو، ڪاڏارو، ڪارارو، تورارو، (٢) اميراڻو، مائٽاڻو، راڄاڻو، فقيراڻو، ٻاراڻو، گهراڻو، مڙساڻو، غريباڻو، ناناڻو، ماماڻو، اباڻو، (٣) مردانو، زنانو، شاهانو، (٤) خوفناڪو، ساڪائتو، ڪارائتو، ڪمائتو، ٻلائتو، رڀائتو، ڪرمائتو، ماڻائتو، (٥) واڻڪو، راتوڪو، پروڪو، چانڊوڪو، چٽڪو، (٦) وارهاسو، پاڻياٺو، تاريلو، ٻاڙيچو، (٧) چاهرو، شرمائو، ٻاڪرو، (٨) ڀڳيتو، ڀاڳيو، ڳاٺو، ماهيو، تاريجو، (٩) آڇايو، ٻڪايو، مائيٽو، ڪُوڙو، سچو، سينڌو، ۽ (١٠) پورهيت، ڪاٻرو، ڏَندرُ، گدارو، انهيءَ ڪان سواءِ، هتي ڏنل اسم فاعل به صفت وانگي ڪم اچن ٿا.

فصل ٽيون

مرڪب لفظ يا اسم

هاڻي آهي لفظ ڏيڻ ۾ ايندا، جي ڪن نشانن اڳيان ملائڻ سان ٻين لفظن مان جڙن ٿا.

انڪاري حرفن سان: پهرين انڪاري حرف آ، اڻ، نا، نر، نه ۽ مَ، لفظن جي اڳيان اچڻ سان مرڪب لفظ جڙن ٿا. اهي اڪثر صفتن ۽ اسم مفعول سان لڳائبا آهن. مثال- اچيتُ، اچيتائي، اڻ ٽيٺو، اڻ ويساهو، ناڪارو، ناچڱو، ناچڱائي، نڪمو، نڪمو، مَچلُ يا مَچلو، نِروني، نِراس، نِڌڪو ۽ نِپٽو. سنسڪرت انڪاري نشان 'دُر' به ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي. جيئن دُشڪال مان ڏُڪار.

ٻيا اهڙا حرف سنسڪرت جا آهن، 'رِت ۽ رِڻ'، جن کي ڦيرائي 'ري' ڪيو اٿن، جو فارسي بي جهڙو آهي. ۽ سنسڪرت حرف 'و' کي 'آو' ڪيو اٿن. مثال- ري چيو، بي چيو، ري ڪمو، بي لڄو، بي سکهو، آوگڻ ۽ آوَٽڙ.

انهن جو ضد جو نشان، جو سنسڪرت ۾ آهي سَهه يعني سان، اهو سنڌيءَ ۾ سُ يا سَ ڪيو اٿن ۽ انهيءَ جو ضد ڪُ آهي، جيئن ته سَڦلو، سَپوجهو، سُپٽيو، ڪُپٽيو، سُڪار، ڏُڪار، ڪَنياءُ.

ٻئي اسم، صفت يا عدد سان: ڪي مرڪب لفظ ڪنهن اسم، صفت يا عدد سان ملائڻ سان ٿا جڙن، جيئن ته گهر ڌڻي، راڄ ڌڻي، ڳوٺ ڌڻي، مٽي ڪاڻو، آتر واهه، شهر نيڪالي، پاڻ ڀرو، وَڏَ ڊڄيو، هَٿ ڦاڙ، وَٽُ پڇ، چڱو ڀلو، مَٽ سَٽ، ڦير گهير، گهٽ وڌ، جهٽڙي ڦٽڙي، ٻَڪ شَڪ، ڏُوڙ ڏَنو، ڪُوڙ ڪٿو، پاڻيءَ ڀرو، جانور چَرو، ڳنڍي چوڙ، ڪوڻا مار، چيڙي مار.

ڪٿي وري ٻن لفظن جي وچ ۾ واو اچي ٿو، جيئن ته راتو ڏينهن، هندو هند، راتو رات، ويرا وير.

ڪن لفظن ۾ وڏائي يا گهٽائي ڏيکارڻ لاءِ مَهه يا وڏ يا پَرَ حرف گڏيندا آهن، جيئن ته مهاڄڻ، مهاراڄ، مهاراڻي، مهاڪال، مهاسري، وڏ ڪاڻو، وڏ ڀڳو، گهٽ گهٽڙو، مَٽ گهٽڙو، پَرلوڪ، پَرمارٿ.

جيئن صغيري ڏيکارڻ لاءِ پڇاڙيءَ ۾ 'ڪ' يا منڍ ۾ 'ڪهه' ڪم آڻيندا آهن، تيئن وڏائي ڏيکارڻ لاءِ منڍ ۾ 'مهه' آڻيندا آهن، جيئن ڪهتر- مهتر. سنڌيءَ ۾ يا هندستانيءَ ۾ مهتر چوڻ پنگيءَ کي، پر حقيقت ڪري معنيٰ آهي ڪهتر- مهستي، مهمان.

عدد سان گڏيل مثال هي آهن- ٽپهري، چوماسو، ٻارهن ماسي، پنج ڪلياڻ.

ٻيا متفرقه مثال هي آهن- ٿورَ ويرهو، ٻيٽو، چوڏَرو.

سنڌيءَ ۾ گهڻائي مرڪب لفظ آهن، جي عربي ۽ فارسي لفظن مان جڙيل آهن. ڪي منڍ جي نشانن گڏڻ سان، ڪي پڇاڙيءَ جي نشانن گڏڻ سان، ڪي ٻن علحدن لفظن گڏڻ سان، جن مان ڪي اسم آهن، ڪي صفت آهن، ڪي فعل آهن. پر انهن جو مفصل بيان علم لحو ۾ ڏنو ويندو، جتي حرفن جي، لفظن جي ۽ جملن جي علحدن علحدن قسمن جو ذڪر ڪيو ويندو. هتي مثال ۽ نموني لاءِ اهڙا ڪي لفظ ڏجن ٿا: باوفا، بي وفا، باهنر، بي هنر، آمدرفت، خريد فروخت، روبرو، غمگين، شرمندو، پرهيزگار، هندستان، سنگدل، غريب پرور، قلمدان، عالمگير، فتنه انگيز، همعصر، نااميد، ڪم فهم، شاعراڻو، شاهاڻو، تماشه گاهه، تماشه بين، خيرخواهه، دلبر ۽ دلدار وغيره.

پاڱو ٻيو

علم صرف

باب پهريون

ڳالهائڻ جا لفظ

پهرئين ڀاڱي ۾ حرفن جو ۽ حرفن مان لفظن جڙڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ڀاڱي ۾ لفظن جو ۽ لفظن مان جملن جڙڻ جو ذڪر ڏنو وڃي ٿو. عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب جيڪي به لفظ ڳالهائجن ٿا، سي ٽن قسمن جا آهن: اسم، فعل ۽ حرف.

اڳوڻي تقسيم:

اسم: آهو لفظ آهي، جو بذات خود معنيٰ رکي ٿو ۽ ڪنهن به وقت سان، انهيءَ جو ڪوبه واسطو ڪونهي، جيئن ته احمد، گهوڙو، زمين، آسمان، گهر وغيره.

فعل: آهو لفظ آهي، جو پڻ بذات خود مڪمل معنيٰ رکي ٿو، مگر انهيءَ جو وقت سان واسطو رهي ٿو، جيئن ته چيائين، چوي ٿو، چوندو.

حرف: آهو لفظ آهي، جو بذات خود ڪابه معنيٰ نٿو رکي ۽ نه انهيءَ جو وقت سان ڪو واسطو آهي، جيئن ته ۾، تي، ڪان ۽ کي.

وري اسم ڇهن قسمن جا آهن: اسم خاص، اسم عام، اسم ضمير، اسم صفت، اسم ظرف ۽ اسم عدد.

اسم خاص: ڪنهن خاص يا مقرر ماڻهوءَ يا شيءِ جي نالي کي ٿا چون، جيئن ته احمد، ڪراچي، رخش وغيره.

اسم عام: ڪنهن عام يا اڻ مقرر ڪيل ماڻهوءَ يا شيءِ جي نالي کي ٿا چون، جيئن ته ماڻهو، گهوڙو، اٽ، گهر وغيره.

اسم ضمير: اسم جو عيوضي آهي، جنهن جي ڪري انهيءَ شيءِ جو نالو وري وري وٺڻو نٿو پئي، جيئن ته آءٌ، تون، هُو، اسين، اوهين وغيره.

اسم صفت: ڪنهن اسم جي خاصيت، صفت، قسم يا انداز ٿو ڏيکاري، جيئن تہ چڱو، بڇڙو، ڏاهو، بيعقل وغيره.

اسم ظرف: ڪو هنڌ يا وقت ٿو ڏيکاري، جيئن تہ اڄ، سڀاڻي، هيٺ، مٿي.

اسم عدد: ڳاڻيٽي جا لفظ ٿو ڏيکاري، جيئن تہ هڪ، ٻہ، ٽي، ڏهہ، سؤ، هزار، پهريون، ٻيو، ٽيون وغيره.

هاڻوڪي تقسيم:

پر هاڻوڪي رواج موجب ۽ انگريزي گرامر جي نموني ڳالهائڻ جا لفظ مڙيئي اٺ آهن، يعني جيڪي ڳالهائبو، سو ضرور انهن اٺن مان هڪڙو هوندو، اسم، فعل، ضمير، صفت، ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا.

اسم: اهو لفظ آهي جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ يا ٻئي ساهواري يا بيجان شيءِ يا هنڌ يا ڪم يا خاصيت جي نالي ڪي ٿا چون، جيئن تہ احمد، چوڪر، گهوڙو، حيدرآباد، وڻ، قلم، آچاڻ، بهادري، پڙهڻ، لکڻ وغيره.

فعل: آهو لفظ آهي، جنهن مان ڪنهن ڪم جي ڪرڻ، يا ٿي ٿيڻ يا هجڻ جي معنيٰ نڪري، جيئن تہ پڙهي ٿو، لکندو آهي، هُو ڦٽيو، ماريو وغيره.

ضمير: اهو لفظ آهي، جو ڪنهن اسم جي بدران ڪم اچي ۽ جنهنڪري آهو اسم وري ورڪم اڻو اچي، جيئن تہ آءٌ، تون، هُو، پاڻ، ڪير، ڪو وغيره.

صفت: اهو لفظ آهي، جو اسم يا ضمير سان گڏ اچي ٿو ۽ انهيءَ جي ڪا خاصيت يا انهيءَ جو قسم يا انداز ڏيکاري ٿو، جيئن تہ چڱو، بڇڙو، هوشيار، موڳو، چار، پنج، گهڻو، ٿورو، ويجهو، پري، ڪارو، ڳاڙهو وغيره.

ظرف: آهو لفظ آهي، جو فعل يا صفت يا ٻئي ظرف سان گڏ اچي ٿو، ۽ وقت يا هنڌ يا دستور يا انداز يا انڪار ٿو ڏيکاري، جيئن تہ هيٺ، مٿي، اڄ، ڪالهہ، ڏاڍيان، آهستو، گهڻو، ٿورو، نہ، ڪين، تمام، بلڪل، هرو ڀرو، ضرور وغيره.

حرف جر: اهو لفظ آهي، جو ٻن لفظن يا ٻن جملن يا انهن جي ڀاڱن کي ڳنڍي ٿو، يا ڌار ڪري ٿو، جيئن تہ ۽، يا، پر، تہ، مگر، جيتوڻيڪ، بہ، پڻ وغيره.

حرف ندا: اُهو لفظ آهي، جو ڪنهن به ٻئي لفظ سان واسطو ڪونه ٿو رکي، الڳ اچي ٿو ۽ عجب يا افسوس يا ڏک يا خوشي يا ڪا ٻي دل جي حالت ڏيکاري يا سڏ ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو، جيئن ته واه، هاءِ، واءِ، هَي هَي، شال، مار، اي، اڙي، او وغيره.

مٿي لفظن جي ٻن قسمن جي تقسيم مان معلوم ٿيندو ته عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ضمير، صفت ۽ ظرف اسم هيٺ اچي وڃن ٿا، ۽ حرف جر، جملو ۽ ندا، حرف هيٺ اچي وڃن ٿا، تنهنڪري عربي ۽ فارسي ۽ واري تقسيم اُصول موجب پوري آهي. هاڻي اسين هرهڪ جو مفصل بيان ڏينداسين.

هرهڪ جي تقسيم ۽ تفصيل عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ڏينداسين ۽ هاڻوڪي تقسيم موجب جيڪو فرق هوندو سو به ڏيکاريندا وينداسين.

باب ٻيو

اسم جو بيان

فصل پهريون

اسم جا قسم

اسم جا قسم مجمل طرح مٿي ڏنا ويا آهن، مفصل طرح هرهڪ جو بيان هيٺ ڏيون ٿا:

اڳوڻي تقسيم

اسم خاص جا قسم: اسم خاص چئن قسمن جو آهي: (١) علمي، يعني جنهن نالي سان ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا شيءِ جو علم معلوم ٿئي، اهو سڃاڻپ سگهي، جيئن ته احمد، عثمر، حيدرآباد، ڪراچي وغيره. (٢) عرفي، يعني جو خود انهيءَ ماڻهو يا شيءِ جو نالو نه هجي، پر اهڙو ڪو ٻيو نالو يا نشان هجي، جنهن سان هو معروف ۽ مشهور هجي، جيئن ته احمد جو پيءُ، ڍولڻ ماءُ، ابو حنيفه، امام اعظم. (٣) خطابي، يعني جو ڪنهن ماڻهوءَ جو خطاب يا لقب هجي، جيئن ته سر جنگ بهادر، خان زمان، نظام دکن. (٤) تخلصي، جو ڪنهن شاعر يا مصنف جو تخلص يا ڏهرايل مختصر نالو هجي، جيئن ته سعدي، حافظ، جامي، فردوسي.

اسم عام جا قسم: اسم عام جا ڇهه قسم آهن: (١) اسم ذات، آها شيءِ جنهن جو اسم آهي، پر جنهن کي جسم ڪونهي، جيئن ته رحم، ڪاوڙ، حرص، نيڪي، بدي وغيره. (٢) اسم صفات، آهو اسم آهي، جنهن کي جسم به آهي ۽ ساهه به هي ۽ ٻيون ڪي خاصيتون يا صفتون به منجهس موجود آهن، جيئن ته گهوڙو، هاٿي، گڏهه، ماڻهو، پکي، مڇي، ڪينئون، مڙس، زال وغيره. (٣) اسم جنس، اهو اسم آهي، جو جسم رکي ٿو، پر جان نٿو رکي ۽ نه مرضيءَ پٺيان چُري يا هلي سگهي ٿو، جيئن ته ڪتاب، قلم، مس، ڪاڳر، باهه، پاڻي وغيره. (٤) اسم جمع يا جماعت، گهڻن کي هڪڙو ڪري ڏيکاري ٿو، جيئن ته لشڪر، فوج، جماعت، انجمن، ڌڻ. (٥) اسم مصدر، جنهن مان ڪنهن فعل جي معنيٰ نڪري، يعني ڪنهن ڪم جي

ڪرڻ جي، جيئن ته اچڻ وڃڻ، اچ وڃ، آمدرفت، خواهش، رفتار، گفتار وغيره.
(٦) اسم مشتق، جو اسم ڪنهن مصدر مان يا فعل مان نڪتل يا جڙيل هجي، جيئن ته لکندڙ، پڙهندڙ، ماريل، خدمتگار، نگهبان، غريب نواز وغيره. انهن سڀني جو مفصل بيان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ايندو.

هاڻوڪي تقسيم

هاڻوڪي تقسيم موجب اسم ٻهرين ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا ذاتي ۽ ٻيا صفاتي. ذاتي اسم اُهي آهن، جي ڪنهن شيءِ جي ذاتي يا باطني حالت يا خاصيت يا ڪم ڏيکارين ٿا، ۽ ظاهري حواسن سان معلوم ٿي نٿا سگهن ۽ صفاتي اسم اُهي آهن، جي ظاهري طرح حواسن سان معلوم ڪري سگهن ٿا. ذاتي اسمن کي "اسم ذات" چوندا آهن، جيئن ته اُچاڻ، ساراڻ، ڪَتراڻ، سختي، نرمي، سچائي، ڪوڙائي، سٽپ، سياڻپ، چالاڪي، ناچ، نيپاج، ويچار، خوف، رحم، علميت، قابليت وغيره.

صفاتي اسم ٻن قسمن جا آهن، خاص يا عام. اسم خاص، ڪنهن ماڻهوءَ يا ٻئي ساهواري يا هنڌ يا شيءِ جي خاص مقرر ڪيل نالي کي ٿا چون، جيئن ته احمد حيدرآباد، ڪراچي، ڪوهنور، رخش، دُلدل، ذوالفقار، بُراق.

اسم عام هڪڙي قسم جي شين جي عام لاڳو نالي کي چوندا آهن، جيئن ته ماڻهو، گهوڙو، ترار، هيرو، شهر وغيره.

فصل ٻيو

اسم جون جنسون

اسم جا قسم آهن، جنسون آهن، عدد آهن ۽ انهيءَ جون حالتون آهن. هن فصل ۾ اسم جون جنسون ڏجن ٿيون:

جنس جون ٻچاڙيون: سنڌيءَ ۾ اسم جون ٻه جنسون آهن، مذڪر ۽ مونث. مذڪر نَر جي معنيٰ ٿا ڏيکارين، ۽ مونث ماديءَ جي. جنسون فقط ساهوارن سان لڳيون لڳن، پر بيجان شين سان ٻه. ڪن ٻولين ۾ بيجان جي جنس ڦار آهي، جيئن انگريزيءَ ۾ ۽ ڪن ۾ جنس جو تفاوت آهي ئي ڪونه، جيئن فارسيءَ ۾ نَر ۽ مادي ڏيکارڻ لاءِ، ساهوارن جي اسمن جي اڳيان نَر يا ماده جو لفظ وجهندا آهن. سنڌيءَ ۾ عربي ٻولي وارين ٻه جنسون اچن ٿيون. عربي توڙي فارسيءَ ۾ مونث ٻن قسمن جا ٿين ٿا: هڪڙي حقيقي ۽ ٻي غير حقيقي. حقيقي مونث سچي پچي لَنر

ساهواري جي مادي آهي، جيئن تہ مڙس ۽ زال، ٻاڪ ۽ ٻين، ڏاند ۽ ڳئون، گڏهُہ ۽ گڏهہِ. غير حقيقي بہ ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا لفظي، جي پڇاڙيءَ جي نظر تي يا ڪن مقرر ڪيل قاعدن موجب، مذڪر مان مونث ٺاهي سگهجن ٿا، جيئن تہ والد- والده، ملڪ- ملڪہ، اعلي- عليا ۽ سنڌيءَ ۾، مثال گڏهُہ- گڏهہِ، گهوڙو- گهوڙي. ٻيا سماعي، جي رواج يا استعمال ۾ مذڪر يا مونث ٺهرايا ويا آهن؛ جيئن عربيءَ ۾ چنڊ مذڪر آهي ۽ سج مونث، يا ڪي شهر مونث آهن، جيئن مصر، مدينہ وغيره. عربيءَ ۾ اسم جماعت هميشہ مونث آهي. انگريزيءَ ۾ بہ ائين آهي، جو شهر ۽ نديون وغيره مونث آهن. حقيقي ۽ غير حقيقي ڪي قياسي ۽ غير قياسي بہ ٿيندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جنسون نہ فقط اسمن سان ٿيون لڳن، پر انهن تي اثر ٿيون ڏيکارين، پر ضميرن، صفتن، ظرفن، فعلن ۽ حرفن تي بہ. تنهنڪري ٻين ٻولين کان سنڌيءَ ۾ زياده مشڪلات پيدا ٿيون ڪن، خاص ٻين ملڪن جي ماڻهن لاءِ، جي سنڌي سکڻ گهرن ٿا. جنسن جو سڃاڻپ اسمن جي پڇاڙين تي منحصر آهي ۽ انهن جو بہ سنسڪرت يا پراڪرت ٻولين سان واسطو رهي ٿو. ڌارين ۽ ٻارن لاءِ جنس معلوم ڪرڻ جو سولو رستو آهي ڪا صفت لڳائي ڏسڻ، جي صفت مذڪر صورت ۾ ايندي تہ اهو اسم مذڪر آهي، جي مؤنث تہ مؤنث. ساهوارن جي جنس سڃاڻڻ تہ آسان آهي، پر جي نر آهن، سي مذڪر آهن ۽ جي ماديون آهن، سي مونث آهن. انهن کان سواءِ ٻين اسمن مان جن جي پڇاڙيءَ ۾ "او" آهي، سي هميشہ مذڪر آهن، ۽ جن جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" آهي سي هميشہ مونث آهن؛ جيئن تہ، گهوڙو، ڪٽولو، اٺو، ڦٽونو ۽ ٻلا، هڇا، پڇيا، سٽيا. مگر "ا" پڇاڙيءَ وارا ڪي ٿورا مذڪر بہ آهن، جيئن تہ راجا، ديوتا، آتما، لالا، ماليخوليا، ڪرتا، مُلا يا مُلان.

انهن کان سواءِ ٻين پڇاڙين وارا ڪي مذڪر آهن، ۽ ڪي مونث. ياد رکڻ گهرجي تہ سڀڪنهن پڇاڙيءَ ۾ نُئون غني جو آواز بہ شمار ۾ اچي ٿو، ۽ ساڳئي قاعدي هيٺ اچي ٿو.

"اَ"، "اِ" ۽ "اِي" پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري مونث آهن؛ جيئن تہ ڪِمتَ، ڪِلَ، ڪَلَ، مُڪَ، نِڪَ، دِلِ، ڇِتِ، مَتِ، راتِ، ٻاتِ، ٻيٽي، سُٽي، ٻُنڌري، کهٽي، مُوري.

"اِ" پڇاڙيءَ وارا ڪي مذڪر بہ آهن، جيئن تہ راءِ، سيٺِ، قيصرِ، حضرِ، ڪيهرِ.

"اي" پڇاڙيءَ وارا بہ ڪي مذڪر آهن؛ جيئن تہ موتي، هاٿي، پکي، ڀاڪي ۽ سُورج مُکي (اگرچ ڀاڪي مونث بہ ٿيندو آهي).

”آ“، ”او“ يا ”اَون“ پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري مذڪر آهن، پر
ٿورا مونث بہ آهن، جيئن تہ سڄ، ڄنڊ، ٽنب، سٽ، سون، ڪدو، ماڪهو،
لڏون، چمون، وڇون، تنبڙو. مونث جا مثال هي آهن: وٽ، ڪٽ، ٽڪ،
ٽنڊ، ڪس، ٿيج، ڳر، وڻ، وٽ، نيم، آبرو، جڳون، لٽون، پڻون، ڇٽون،
رٿون رون، وهلو (يعني نٺهڻ)، آه، ڳنڍون.

سنسڪرت مان نڪتل: مٿين مذڪر ۽ مونث وارن مثالن مان ڪي ٿورا آهن
جي سنسڪرت ۽ پراڪرت اصل وارن لفظن جي جنس جي برخلاف آهن، ٻا تہ پيا
اڪثر موافق آهن. مخالف جنس جا مثال هي آهن: ٽيج سنڌيءَ ۾ مونث آهي، ۽
سنسڪرت ۾ تيَن مذڪر آهي. چمڙ سنڌيءَ ۾ مونث آهي، ۽ سنسڪرت ۾ چراي
مذڪر آهي. ڏات سنڌيءَ ۾ مونث آهي، ۽ سنسڪرت ۾ مذڪر. ڏڏ سنڌيءَ
۾ مونث آهي، ۽ سنسڪرت ۾ دَدرُ مذڪر آهي. سنگند سنڌيءَ ۾ مونث آهي،
۽ سنسڪرت ۾ مذڪر. سينڌ ۽ هينڌ بہ سنسڪرت ۾ مذڪر آهن، ۽ پيا هيٺيان
سنڌي مونث اسم بہ مذڪر آهن: ڪارِ، ڪنڌ، ڳر، نيم، وِس يا وهُ، وِهَہ
يا وِڪُ، هيڪ، لٺون.

وري ڪيترائي سنڌي لفظ آهن جي اُردو يا هندي ۾ مخالف جنس جا آهن،
جيئن تہ هيٺيان سنڌي مونث اسم، اردوءَ ۾ مذڪر آهن: دِل، اخبار، دعوا،
دربار، معني، ماجرا، مُدعا، بازار، تار، لعل، ملڪ، ذهن وغيره.

۽ هيٺيان سنڌي مذڪر اسم، اُردوءَ ۾ مونث آهن: ڪتاب، تپ، اجل،
اولاد، احتياج، اطلاع، جلد، عقل، شرم، صبح، موت، موسم، غزل، خير،
قدر وغيره.

جنس جوڙڻ جا رستا: مٿي پهرئين ڀاڱي جي باب پنجين ۾ لفظن جي پڇاڙين
جي ذڪر ڪندي جنس جو ذڪر بہ آيو آهي. وڌيڪ هتي ٿو ڏجي. (١) ”او“
پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن مان مونث جوڙڻ لاءِ ”او“ بدلائي ”اي“ ٿو ڪجي،
جيئن تہ گهوڙو-گهوڙي، سونارو-سوناري، گولو-گولي، ٻانهو-ٻانهي، ڇوڪرو-
ڇوڪري (ڇوڪر بہ ٿيندو آهي). پر ڪڏهن وري ”اڻ“ يا ”اڻي“ بہ ٿيندو
آهي، جيئن تہ سونارو-سونارڻ، يا سوناريائي، ماڙيچو-ماڙيچڻ يا ماڙيچاڻي، لنڪهو-
لنڪهياڻي، جهڙو-جهڙياڻي، مڪلو-ملياڻي. (٢) ”آ“ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن مان
مونث جوڙڻ لاءِ ”آ“ بدلائي ”ا“ ٿو ڪجي ۽ ڪڏهن ”اي“، ”اڻ“ ۽ ”آڻي“ يا
”ڻي“ بہ ٿئي ٿو، جيئن تہ ڪڏهڻ-ڪڏهڻ، اٺ-اٺ، ٻڪر-ٻڪري، ڇوڪر-
ڇوڪري (۽ ڇوڪر بہ). ڪنير-ڪنيرڻ يا ڪنيارڻ ۽ ڪنير بہ. جٽ-
جٽ يا جٽي، يا جٽڻ، جٽياڻي. ٻروچ-ٻروچاڻي، فقير-فقيرياڻي، جت-جتڻ،

شينهڻ – شينهڻ، ميسر – مسرياڻي، مهتر – مهترياڻي، پٽ – پٽڙي، ڀانيڻ – ڀانيڻ يا ڀانيياڻي؛ (٣) ”او“ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن مان مونث ساڳي صورت ۾ ٺهندا آهن، پر ڪڏهن ”اڻ“ يا ”اڻي“ ”آڻي“ ۾ بدلجي ويندو آهي، جيئن ته رهاڪو – رهاڪڻ يا رهاڪڻ، هيندو – هندڻ يا هندواڻي؛ (٤) ”ا“ ۽ ”اِي“ پڇاڙي وارن مذڪر اسمن مان ”او“ ڦيرائي ”اڻ“ يا ”آڻي“ ڪرڻ سان مونث ٺاهيندا آهن، جيئن ته سيٺ يا سيٺڻ يا سيٺياڻي، ڪوري – ڪورياڻي، ڌوبي – ڌوٻڻ يا ڌوٻياڻي، هاٿي – هاٿڻ يا هاٿياڻي، جوڳي – جوڳڻ يا جوڳياڻي، پساري – پسارڻ يا پسارياڻي، سائي – سائياڻي، نيروڻي – نيروڻڻ يا نيروڻياڻي، ۽ (٥) جيڪي مذڪر ۽ مونث اسم بيقاعدي آهن يا اصطلاحي طرح ٺهرايل آهن، سي هيٺ ڏجن ٿا، جيئن ته پيءُ – ماءُ، پٽ – ڌيءُ، ڀاءُ – ڀيڻ، راجا – راڻي، مڙس – زال، ڏاند – ڳئون، سانُ – مينهن، ڏاگهو – ڏاچي، مور – ڍيل، ابو – آما، گهوٽ – ڪنوار، سهرو – سس، نرُ – مادي، گهوٽ – رڍ، ميان – بيبي، ڪونهو – وڇ، پتا – ماتا.

اهڙا ڪي بيقاعدي مذڪر اسم آهن، جي مونث مان ٺهيل ٿا ڏسجن، جيئن ته ماسيءَ مان ماسڙ، پڦيءَ مان پڦڙ ۽ رن مان رنڙ.

ڪي اسم مونث آهن ته به مذڪر ٿي ڪم ايندا آهن، جيئن ته ٻاز، باشو، شڪرو، لغڙ ۽ جهڳڙ، چيڪ، ڪونج، سرڻ، مينا، مونث آهن، پر مذڪر تي ڪي به اٿين چون.

فصل ٽيون

اسم جا عدد

عدد: اسم جا ٻه عدد آهن، هڪڙو واحد ۽ ٻيو جمع. واحد يعني هڪڙو، ۽ جمع معني گهڻا، جيئن ته گهوڙو – گهوڙا، آٽ – آٽ. عربيءَ ۾ ٽي عدد آهن: واحد، تثنيه ۽ جمع. تثنيه ٻن ڪي چون ۽ جمع ٻنائي جا تمام گهڻا وزن ۽ نمولا آهن؛ ۽ فارسيءَ ۾ ساهه وارن جي لاءِ پڇاڙيءَ ۾ وڃهڻ لاءِ جدا نشان آهي ۽ بي جان لاءِ جدا. سنڌيءَ ۾ عدد ملائڻ سان ٻه واحد يا جمع جي خبر پئجي ٿي سگهي. واحد سان هيڪ عدد ٿو اچي، پر جمع سان هڪ کان وڌيڪ ڪوبه عدد لڳائجي ٿو، جيئن ته هڪ يا هڪڙو گهوڙو، ٻه گهوڙا، چار گهوڙا، سؤ گهوڙا. پر جي گهڻا گڏ جماعت وانگي ڪم ايندا ته پوءِ اهي واحد اسم وانگي ڪم ايندا، جيئن ته هڪ ڌاڪو، ٻه ڌاڪا، ٽي سؤ، چار هزار.

جمع جوڙڻ جا رستا: (۱) جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اَ“ آهي، تن جي جمع جوڙڻ لاءِ ”اَ“ مٽائي ”اُون“ ٿو ڪجي، جيئن ته زالَ–زالون، ڪَٽَ–ڪَٽُون، رڍَ–رڍُون، پانهنَ–پانهُون.

(۲) جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”آ“ آهي، تن جو جمع به ”آ“ مٽائي ”آئون“ ڪرڻ سان ٿو ٺهي، جيئن ته: بلا–بلائون، هَٽا–هَٽائون، ڀڄوچا–ڀڄوچائون. پر انهيءَ پڇاڙيءَ وارا جيڪي مذڪر اسم آهن، سي جمع ۾ به ساڳيا ٿا رهن، جيئن ته: راجا–راجا، لالا–لالا (اگرچ ڪڏهن ڪڏهن راجائون ۽ لالائون به چوندا آهن)، پتا–پتا، ڪرتا–ڪرتا.

(۳) جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اِ“ آهي، تن جو جمع ”اِ“ مٽائي ”يُون“ يا ”ئون“ ڪرڻ سان ٿو جڙي، جيئن ته: چيٽِ–چيٽيون، ڳالهِ–ڳالهيون، اکِ–اکيون، راتِ–راتيون، مينهن–مينهون، جوءِ–جوئون (۽ جوئر ۽ جوئرون به). پر مذڪر اسم ”اِ“ پڇاڙي وارا ساڳيا ٿا رهن، جيئن ته سيٺِ–سيٺِ يا سيٺيون.

(۴) جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اِي“ آهي، تن جو جمع ”اِي“ ڪڍي ”يون“ يا ”اون“ گڏڻ سان ٿو جوڙجي، جيئن ته: گهوڙي–گهوڙيون، ٻڪري–ٻڪريون، ڀيڻي–ڀيڻيون، کهٽي–کهٽيون، نهاڻين–نهاڻيون. پر ساڳي پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جو جمع ساڳيو واحد جهڙو ٿو رهي، جيئن ته: ڌوٻي–ڌوٻي، هاٿي–هاٿي، پاڻي–پاڻي، ٻيلي–ٻيلي، پرين–پرين.

(۵) جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اُ“ آهي، تن جي جمع ڪرڻ لاءِ ”اُ“ مٽائي ”اُون“ ٿا ڪن، جيئن ته وٿُ–وٿُون، ٽڪُ–ٽڪُون.

پر انهيءَ پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جي جمع ڪرڻ لاءِ ”اُ“ مٽائي ”اَ“ ٿا ڪن، جيئن ته انبُ–انبَ، ڳالهُ–ڳالهَ، آٽُ–آٽَ، ڀٽُ–ڀٽَ. پر ڪي مونث اسم جمع ۾ ”اون“ به ۽ ”ئر“ به وٺن ٿا، جيئن ته ماءُ–مائون ۽ مائر، ڀيڻ–ڀيڻون ۽ ڀيڻر، نُنهن–نُنهُون ۽ نُنهر، ڌيءُ–ڌيون ۽ ڌيئر. ڪي مذڪر به ”ئر“ پڇاڙيءَ وارا آهن، جيئن ته پيءُ–پيءُ ۽ پيئر.

(۶) جن مذڪر يا مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اَو“ يا ”اُون“ آهي، تن جو جمع به ساڳيو واحد جهڙو ٿو رهي، جيئن ته وڇون–وڇون، ڳئون–ڳئون، ماڻهو–ماڻهو، مروُن–مروُن، ڪدو–ڪدو، وهٽو–وهٽو.

(٧) جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "او" آهي، تن جو جمع "او" بدران "آ" ڪرڻ سان ٿو ٿئي، جيئن ته گهوڙو - گهوڙا، گولو - گولا، ڀلو - ڀلا، واڍو - واڍا.

ياد رکڻ گهرجي ته اهي ساڳيا قاعدا نه فقط اسمن سان پر صفتن سان به لڳن ٿا. جو صفتون به اسمن وانگي جنس ۽ عدد ۾ ڦرن ٿيون، جيئن ته چڱو - چڱي، چڱو - چڱا، چڱي - چڱيون، هڪڙو - هڪڙي، هڪڙو - هڪڙا، هڪڙي - هڪڙيون.

ڪي متفرقه اسم هميشه جمع جي صورت ۾ رهندا آهن ۽ واحد نه ٿيندا آهن، جيئن ته جناخون، الوليون، ڪرتوتَ، ڇتا، لاٽون، ڇيهه، ڇيهڻون، پيڻون، ڇيهوريون، ڪامڻ، آڏيرَ. ڪي وري واحد ۾ صفت جي معنيٰ ٿا ڏين ۽ جمع ۾ اسم جي، جيئن ته اباڻو - اباڻا، ناناڻو - ناناڻا، ڏاڏاڻو - ڏاڏاڻا، گهوٽيتو - گهوٽيتا، ڪنڌاريتو - ڪنڌاريتا، ساهرو - ساهرا، پيڪو - پيڪا.

سنڌيءَ ۾ گهڻا عربي جمع آهن جي ڪم ايندا آهن، جيئن ته علماءَ، اوليا، انبيا، اوقات. گهڻا عربي جمع سنڌيءَ ۾ واحد وانگي ڪم ايندا آهن، جيئن ته ملائڪ، حور، اولياءَ، انبيا، اسباب، احوالُ.

جيئن جنسن جي نسبت ۾ چيو ويو هو، تيئن عددن جي نسبت ۾ به معلوم هجي ته سنڌي جمع جون پڇاڙيون سنسڪرت ۽ پراڪرت وارين پڇاڙين سان ڪٿي موافق آهن، ڪٿي مخالف، ۽ ڪٿي ڦريل. مثلاً، سنڌيءَ ۾ پاءُ - پائر، پيءُ - پيئر، پراڪرت ۾ به پائرا ۽ پيرا آهن. سنڌيءَ ۾ 'آ' پڇاڙي پراڪرت واري 'او' جي برابر آهي، يا انهيءَ سان نڪتل آهي. واءُ - واءَ پراڪرت ۾ وائُون آهي. مرهٽي ۽ گجراتي اڪثر پراڪرت سان موافق آهن. جوڙو جو جمع جوڙونو، ٻهڻو جو جمع ٻهڻونو. هنديءَ ۾ 'اين' ۽ 'يان' نشانيون ڪم اچن ٿيون، جيئن ته عورت - عورتين، چوڙي - چوڙيان، جي سنڌيءَ جي 'ئون' ۽ 'يون' سان موافق آهن.

فصل چوٿون

اسم جون حالتون

فاعل ۽ مفعول: ڪنهن به جملي ۾ اسم جو جيڪو لاڳاپو ٻين لفظن سان آهي، تنهن جي علحدي صورت يا ڦيرگهير کي حالت ٿا چون. جملي ۾ هڪڙو اسم ۽ هڪڙو فعل ضرور هوندو، تڏهن ڪو مطلب سمجهه ۾ ايندو. فعل آهي ڪم

جو ڪرڻ يا هجڻ، جيئن مٿي چيو ويو آهي. اسم، جو ڪنهن جملي ۾ اچي ٿو، سو يا انهيءَ ڪم جو ڪندڙ هوندو، يعني انهيءَ فعل جو فاعل هوندو، يا انهيءَ تي اهو ڪم ٿيو هوندو، يعني انهي فعل جو مفعول هوندو، جيئن احمد وڃي ٿو. هتي 'احمد وڃي ٿو' فعل جو ڪندڙ يا فاعل آهي. احمد عُمر کي ماري ٿو، هتي 'احمد ماري ٿو' فعل جو فاعل آهي، پر اهو مارڻ جو ڪم عمر تي ٿئي ٿو، تنهنڪري عمر مفعول آهي. هن بابت مفصل بيان فعل جي باب ۾ ۽ علم نحو ۾ بہ ايندو مگر هتي فقط فاعل ۽ مفعول لفظ سمجهائڻا هئا، جو حالتن بيان ڪرڻ ۾ انهيءَ جو ضرور هو.

حالتون: هاڻي اسم جون پنج حالتون آهن، جي ضمير سان بہ لاڳو آهن، ڇالاءِ جو ضمير اسم جي بجاءِ ايندو آهي، جيئن مٿي چيو ويو آهي. (١) حالت فاعلي، جا جملي ۾ فعل جي فاعل جي حالت آهي. (٢) حالت مفعولي، جا جملي ۾ فعل جي مفعول جي حالت آهي، جيئن مٿي ڏنل مثال مان ظاهر آهي. (٣) حالت جري، جا جملي ۾ انهيءَ اسم جي حالت آهي، جنهن جي پٺيان ڪو حرف جر اچي ٿو، ۽ جو انهيءَ جو ٻئي ڪنهن لفظ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو، جيئن تہ احمد ڪرسيءَ تي ويٺو. هتي اسم 'ڪرسيءَ' جي پٺيان 'تي' حرف جر آيو آهي، جو احمد ۽ ڪرسيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. (٤) حالت اضافت، جا جملي ۾ انهيءَ اسم جي حالت آهي، جنهن جي پٺيان، حرف 'جو' اچي ٿو ۽ جو انهيءَ جي ٻئي ڪنهن لفظ سان نسبت يا ڪنهن ٻئي لفظ جي ملڪيت ڏيکاري ٿو، جيئن تہ هي احمد جو ڪتاب آهي. هتي اسم احمد جي پٺيان حرف 'جو' آيو آهي ۽ آهو احمد ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ٿو ڏيکاري، يعني تہ اهو ڪتاب احمد جي ملڪيت آهي. انهيءَ ڪري ڪتاب کي "مضاف" ٿا چون. ۽ احمد کي "مضاف اليہ" ۽ "جو" کي "حرف اضافت" ٿا چون. 'جو' حرف جي بدران سندو، يا وارو يا اهڙو ڪو لفظ بہ اچي سگهي ٿو، جيئن حالت جري ۾ 'تي' کان سواءِ ٻيو ڪو بہ حرف جر اچي سگهي ٿو. اڪثر ڀهراڙيءَ ۾ يا شعر ۾ يا ڳالهائڻ ۾ "جي" جي بدران سندو ايندو آهي، جيئن تہ ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٿڪي سندا سوٽ، هيرئي سندي هير ننگ ڀڳي نہ رهي، آءٌ تہ پرين جو نہ جوڙ، پرين مٿي سندو موڙ. (٥) حالت ندا، جا انهيءَ اسم جي حالت آهي، جنهن کي سڏ ڪجي ٿو، مطلب جنهن سان ظاهر يا اڪل حرف ندا جو اچي ٿو، اي، اڙي، يا وغيره — جيئن تہ اي احمد، يا خدا، عُمر اوري آءُ، يعني اي عمر.

ڦيرو: ڪنهن اسم يا ضمير کي انهن سڀني حالتن ۾ واحد توڙي جمع، مذڪر توڙي مونث جي صورتن ۾ ڦيرائي آڻڻ کي ڦيرو چوندا آهن. ڦيري ۾ اسم جي

اصلي صورت حالت فاعليءَ ۾ قائم ٿي رهي، پر حالت مفعولي، جري ۽ اضافت، ٽنهي ۾ ڦريل صورت ساڳي ٿي رهي، فقط جدا جدا حرف جر ڪم ٿا اچن، تنهنڪري انهن کي عام صورت سڏي ٿو سگهجي. حالت ندا ۾ به "آي" حرف ندا سان ٻي ڦريل صورت به اچي ٿي.

ڦيري ۾ اسم جي پڇاڙيءَ واري اکر جي حرڪت آ يا آ، اِي، آ يا آو ۽ او ٿئي ٿي ۽ اهي حرڪتون ڦيري ۾ جنس ۽ عدد ۾ بدلجن ٿيون.

مثال ڦيرن جا

	واحد	جمع
(١)		
حالت فاعلي	زالَ	زالون
عام صورت	زالَ کي، جو، کان	زالن کي، جو کان
حالت ندا	اي زال	اي زالون
(٢)		
حالت فاعلي	بلا	بلائون
عام صورت	بلا کي، جو، کان	بلائن کي، جو، کان
حالت ندا	اي بلا	اي بلائون
(٣)		
حالت فاعلي	سِرَڻ	سرڻيون
عام صورت	سرڻ کي، جو، کان	سرڻين کي، جو، کان
حالت ندا	اي سرڻ	اي سرڻيون
(٤)		
حالت فاعلي	ٻلي	ٻليئون
عام صورت	ٻليءَ کي، جو، کان	ٻليئن کي، جو، کان
حالت ندا	اي ٻلي	اي ٻليئون
(٥)		
حالت فاعلي	وٿُ	وٿون
عام صورت	وٿُ کي، جو، کان	وٿن کي، جو، کان
حالت ندا	اي وٿُ	اي وٿون

	واحد	جمع
(٦)		
حالت فاعلي	ماڻهو	ماڻهو
عام صورت	ماڻهوءَ کي، جو، کان	ماڻهن کي، جو، کان
حالت ندا	اي ماڻهو	اي ماڻهو
(٧)		
حالت فاعلي	گهوڙو	گهوڙا
عام صورت	گهوڙي کي، جو، کان	گهوڙن کي، جو، کان
حالت ندا	اي گهوڙا	اي گهوڙؤ
(٨)		
حالت فاعلي	هاٿي	هاٿي
عام صورت	هاٿيءَ کي، جو، کان	هاٿين کي، جو، کان
حالت ندا	اي هاٿي	اي هاٿيؤ
(٩)		
حالت فاعلي	مڇرُ	مڇرَ
عام صورت	مڇرَ کي، جو، کان	مڇرن کي، جو، کان
حرف ندا	اي مڇرَ	اي مڇرؤ
(١٠)		
حالت فاعلي	راجا	راجا
عام صورت	راجا کي، جو، کان	راجائن کي، جو، کان
حرف ندا	اي راجا	اي راجائو

حالتن جا نشان: حالتن ۾ جهڪي حرف ڪم اچن ٿا، سي ڪڏهن نه به ايندا آهن، خصوصاً حالت مفعوليءَ ۾ مفعول جي پٺيان اڪثر 'کي' ڳجهو رهندو آهي، جيئن ته ڪُتي هڪڙو ٻلو ماريو. اهو حرف 'کي' سنسڪرت ۾ ڪرتي آهي، جنهن کي بگيڙي 'کي' ڪيو اٿن ۽ جو هنديءَ ۾ 'ڪو' ٿيو آهي. ڪرتي کي ڀهرين ڪيتي ۽ ڪيت ڪيائون، ۽ پوءِ ڪو ۽ پوءِ کهه ۽ پوءِ کي. سرائڪي ٻوليءَ ۾ 'ڪتي' ڪم ايندو آهي ۽ معني، لاءِ يا واسطي اٿس. حالت اضافت ۾ 'جو' حرف اضافت ٿو اچي، سو سنسڪرت ۾ 'سي' آهي ۽ پراڪرت ۾ 'مي' اهو

حرف اضافت سنسڪرت جي صفت جي نشان 'ڪ' مان ورتل آهي، جو هنديءَ ۽ مرهٽيءَ ۾ "ڪا" ٿيو آهي. حقيقت ڪري اهو حرف اضافت جو، صفت آهي ۽ نه حرف، ۽ ٻين صفتن وانگي جنس ۽ عدد وٺي ٿو، جيئن ته ڪُتي جو پُڇ، ڪُتي جي ٽنگ، ڪُتن جا پُڇ، ڪُتن جون ٽنگون. "جو" جي بدران شعر ۾ "سندو" ڪم ايندو آهي، جو ٻئي "جو" وانگي ڦرندو آهي. اهو سنسڪرت سَنتَ يا سَن مان آهي. حالت جريءَ ۾ جو حرف جر "کان" ايندو آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن فقط "آن" پڇاڙي ٿي به ڪم ايندو آهي، جيئن ته گهران، يعني گهر کان يا مان جمع ۾ گهرنيان. ڌران، زبانان، ميرٽان ٻيا به مثال آهن. ڪڏهن کان جي بدران کَٿون ڪم ايندو آهي ۽ انهيءَ جي بدران وري "آون" نشان پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندو آهي. ڪڏهن وري ڪَنا ڪم آڻيندا آهن. حالت ندا ۾ ڪڏهن "اي" يا "اڙي" سان گڏ اسم جي پڇاڙيان "آ" به ايندو آهي، جيئن ته اي ڪنا، اي منگتا، ڪيچيا، سيٺيا، ماڻهئا، فقط اي ۽ آ پڇاڙيءَ وارن اسمن ۾ حالت فاعلي واري صورت قائم رهي ٿي.

مٿين اسمن جي ڦيرن مان معلوم ٿيندو ته آ، آ ۽ ا پڇاڙيءَ اسمن جي ڦيري ۾ عام صورت واحد ۾ حالت فاعليءَ جهڙي ٿي رهي، فقط جمع ۾، فاعليءَ ۾ "ئون" ۽ مفعوليءَ ۾ "ئن" يا "ئين" ٿو ٿئي. "اِي" پڇاڙيءَ وارن اسمن ۾ عام صورت واحد ۾ "ايءَ" ۽ جمع ۾ "يُن" ٿو ٿئي. "آ" پڇاڙيءَ وارن مونث اسمن ۾ عام صورت واحد ۾ حالت فاعلي جهڙي آهي، فقط جمع ۾ "آن" ٿي ٿئي، ۽ مذڪر اسمن ۾ عام صورت "آ" مان بدلجي "آ" ٿي ٿئي. "او" يا "آون" پڇاڙيءَ وارن اسمن ۾ عام صورت واحد ۾ "اوءَ" يا "آونءَ"، ۽ جمع ۾ "آن" ٿي ٿئي. "او" پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن ۾ عام صورت واحد ۾ "او" بدلجي "اي" ٿي ٿئي، ۽ جمع ۾ "آن".

باب ٻيون

اسم ضمير جو بيان

ضمير ستن قسمن جا آهن: (١) ضمير خالص، (٢) ضمير اشارو، (٣) ضمير مشترڪ، (٤) ضمير استفهام، (٥) ضمير موصول، (٦) ضمير جواب موصول ۽ (٧) ضمير مبهم.

فصل پهريون

ضمير خالص

ضمير خالص ٽي آهن: متڪلم، حاضر ۽ غائب. متڪلم يعني ڳالهائيندڙ، حاضر يا مخاطب، جنهن سان ڪي ڳالهائجي، ۽ غائب جنهن جي بابت ڪي ڳالهائجي. اهي ٽيئي نج ضمير آهن ۽ فقط انسان سان لاڳو آهن، تنهنڪري انهن کي ضمير خالص ٿا چون. آهي مٿين ٽن قسمن جي ماڻهن جي بدران ڪم ايندا آهن ۽ اسمن وانگي، جنس، عدد ۽ حالت وٺندا آهن، ۽ ڦرندا آهن.

ضمير متڪلم جو ڦيرو:

	واحد	جمع
حالت فاعلي	آءٌ يا مان	اسين
حالت مفعولي	مون کي يا مان کي	اسان کي
حالت اضافت	منهنجو	اسان جو
حالت جري	مون کان يا مان کان	اسان کان

ضمير حاضر جو ڦيرو

	واحد	جمع
حالت فاعلي	تون	توهين يا اوهين
حالت مفعولي	توکي	توهان کي يا اوهان کي
حالت اضافت	تنهنجو	توهان جو يا اوهان جو
حالت جري	توکان	توهان کان يا اوهان کان

ضمير غائب جو ڦيرو

	واحد	جمع
حالت فاعلي	هُو (مونث هُوءَ)	هُو يا هو
حالت مفعولي	هُن کي	هُنن کي
حالت اضافت	هن جو	هنن جو
حالت جري	هُن کان	هنن کان

انهن جو اصل: ضمير خالص اصل سنسڪرت ۽ پراڪرت مان گهڻي قدر موافق آهن، ۽ انهن تان ورتل آهن. سنڌي آءٌ، سنسڪرت ۽ پراڪرت آهَن يا آ هئَن مان آهي، جو پهرين ڦري هئَون ٿيو ۽ پوءِ آهُون ٿيو. سنسڪرت ۾ حالت معفولي "مان" آهي، جو پوءِ مين ٿيو، جيئن هنديءَ ۾ آهي ۽ هم جمع ۾. انهي مان سنڌي مُون ۽ مان ٿيو. اضافت ۾ مَون ڦري منهنجو ٿو ٿئي، سو پراڪرت ۾ مَهه آهي ۽ سنسڪرت ۾ مَم. آن جو جمع اسين، سنسڪرت آسمُ مان ۽ پراڪرت آمهي مان نڪتل آهي، جو هندي ۾ هَم آهي. عام صورت 'اسان کي' سنسڪرت آسماکَن مان آهي ۽ پراڪرت آمهاڻَ آهي.

ساڳيءَ طرح تُون سنسڪرت تُونَ ۽ پراڪرت تُم تان ورتل آهي. عام صورت تو پراڪرت ۾ تَئِ آهي، ۽ اضافت تُمهن، پراڪرت تُنهَن آهي جمع توهين پراڪرت تُمَهي ۽ توهان پراڪرت ۾ تُمَهاڻ. هندي تُو، تُم، تُهين، ۽ تمهارا آهي. فارسيءَ ۾ تو يا ت ۽ شما آهي، پراڪرت ۾ عام صورت تُهه ۽ سُجهه آهي ۽ هنديءَ ۾ به تجهي کم اچي ٿو. ساڳيءَ طرح غائب جو هو، سنسڪرت جي اشاري هَه يا اهي مان ورتل ٿو ڏسجي، ۽ ضمير غائب ضمير اشاري ويجهي يا ڏور کي نزديڪ آهي، جيئن هيٺ معلوم ٿيندو.

ضمير منفصل ۽ متصل: جڏهن ضمير ڌار ڪم ايندا آهن، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، تڏهن انهن کي ضمير منفصل چوندا آهن، پر اهي ساڳيا ضمير ٻين اسمن، فعلن يا حرفن سان گڏ به ايندا آهن ۽ انهي وقت ڪهڙيجي ننڍا نشان ٿي پوندا آهن، ۽ پڇاڙيءَ جي نشانن وانگي ڪم ٿا اچن. آهي هي آهن: متڪلم واحد لاءِ مِ ۽ جمع لاءِ ون ۽ سون ۽ ونُ آهي، حاضر ۾ واحد لاءِ ۽ جمع لاءِ وَ ۽ غائب ۾ واحد لاءِ سِ ۽ آئين، ۽ جمع لاءِ نِ يا آئون. مثال: (اسم سان گڏ). پُٽمِ يعني منهنجو پٽُ، پُٽئين، يعني تنهنجو پٽُ، پُٽسِ يعني هن جو پٽُ، جمع متڪلم اڪثر ڪم نہ ايندو آهي پُٽوَ يعني اوهان جا پٽ، پٽنِ يعني هنن جا پٽَ. (حرف سان) سندسُ يعني هُن سندو يا هن جو. وٽيمِ يعني مون وٽ، وٽيهن يعني تو وٽ ڪانئس يعني هن کان. (فعل سان) آيسِ يعني آءٌ آيس، آياسين يعني اسين آياسين، آئين يعني تون آئين، آيو يعني اوهين آيو. ڪيمِ يعني مون ڪيو، ڪيوسين يعني اسان ڪيو، ڪيئي يعني تو ڪيو، ڪيوَ يعني اوهان ڪيو. ڪيائين يعني هُن ڪيو، ڪيائون يعني هن ڪيو.

ڪڏهن ٻہ ٻي ضمير گڏجي به ايندا آهن، جيئن تہ ماريومانس يعني مون هن کي ماريو. ماريئينِ يعني تو هنن کي ماريو وغيره.

اصل بنياد جي لحاظ تي ضمير متصل جي نشانن مان متڪلم وارو مِ پراڪرت جي مي جهڙو آهي. ۽ فارسيءَ ۾ بہ م آهي. حاضر لاءِ سنسڪرت ۾ "تي" آهي جو فارسيءَ ۾ ت آهي، ۽ غائب ۾ پراڪرت لاءِ سي، ۽ سنسڪرت ۾ آسي آهي جو فارسيءَ ۾ ش آهي. جمع ۾ متڪلم لاءِ پراڪرت ۾ امهو آهي، جو هنديءَ ۾ ۽ فارسيءَ ۾ ما آهي حاضر لاءِ جمع ۾، سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ وو آهي جو هنديءَ ۾ وي آهي، ۽ غائب لاءِ جمع ۾ پراڪرت ۾ ايهن آهي يا ٿاڻ.

فصل ٻيو

ضمير اشارو، ضمير مشترڪ ۽ استفهام

ضمير اشارو اهو آهي، جو ڪنهن اسم ڏي اشارو ٿو ڪري. پوءِ جي اهو اسم ويجهو آهي تہ انهن کي ضمير اشارو قريب ٿا چون، ۽ جي پري آهي تہ انهن کي ضمير اشارو بعيد ٿا چون، يعني اشارو ويجهو ۽ اشارو ڏور.

ڀرٽين جو مثال آهي: هيءَ، مونث هيءَ، جمع ٻنهي جو هي ۽ ٻئي جو، هو مونث هوءَ، جمع ٻنهي جو هُو، جيئن ته هي منهنجو پٽ آهي، هُو تنهنجو گهوڙو آهي، هي منهنجا گهوڙا آهن، هو تنهنجي گهوڙي آهي.

ضمير خالص موجب ضمير اشاري جو ٻه جنسن عددن، ۽ حالتن ۾ ڦيرو ٿئي ٿو. عام صورت واري حالت ۾ واحد ۽ جمع لاءِ هي، هِنَ ۽ هِنن ٿئي ٿو ۽ هُو، هُن ۽ هُنَن.

زياده زور يا تاڪيد ڏيکارڻ لاءِ اِهو، مونث اِها ۽ جمع اِهي ڪم اچن ٿا. ۽ آهو، مونث آها ۽ جمع آهي ۽ حالتن ۾ عام صورت واحد ۾ انهي ۽ جمع ۾ انهن ٿئي ٿو. اِجهو آجهو ٻه اشاري وانگي ڪم ايندا آهن ۽ ساڳيءَ طرح ڦرندا آهن.

اصل بنياد جي نظر تي هي پراڪرت ۾ آئَن آهي، ۽ عام صورت آسيَ اٿس جنهن مان هندي آس نڪتو آهي. اهو سنسڪرت ۾ هَہ يا اِهَہ آهي. اِجهو سنسڪرت ۾ سَن آهي. هَو يا آو پراڪرت ۾ هي آهي.

اِهو ۽ اِجهو وانگي، هيترو ۽ هوترو، هيڏو ۽ هوڏو، ههڙو ۽ هُهڙو ٻه اشارا آهن، جي قد يا انداز يا شڪل ٻڌائين ٿا، ۽ اڪثر ضميري صفت شمار ڪيا ويندا آهن.

ضمير مشترڪ آهو ضمير آهي، جو جملي ۾ فاعل جي بدران ڪم اچي ٿو، ۽ انهيءَ جي جند جي نسبت ۾ ڪي ڏيکاري ٿو، ۽ انهيءَ مان شريڪ رهي ٿو، جيئن ته مُون پنهنجي پُٽ کي ولايت موڪليو آهي. هِتي پنهنجي ضمير مشترڪ آهي ۽ مُون مان شريڪ آهي ۽ انهيءَ جي بدران ٿو اچي. تنهنڪري پاڻ يا خود ضمير مشترڪ جا لفظي نشان آهن. خود فارسي لفظ آهي، سو ڦرندو ڪونه، مگر پاڻ مذڪر مونث ۾ هڪجهڙو آهي، ۽ واحد جمع ۾ ٻه هڪ جهڙو آهي، مگر حالت اضافت ۾ پنهنجو ۽ پنهنجن ٿو ٿئي. ڪي پاڻ جي بدران پِنڊ ٻه چوندا آهن، خصوصاً لاڙ ۽ ڪڇ ۾. لفظ پاڻ سنسڪرت آتما مان نڪتل آهي ۽ پراڪرت ۾ آپا ٿو ٿئي، جنهن مان هنديءَ ۾ آپ ٿيو آهي، ۽ اضافت آپنا، جو پراڪرت ۾ آپڻاڻ آهي. تنهنڪري پاڻ جي معنيٰ ٻه سنسڪرت جي آتما جهڙي آهي، يعني رُوح يا جيئن فارسيءَ ۾ چوندا آهن ته بذات خود. پِنڊ لفظ جي معنيٰ آهي جِسم يا بدن، ۽ اضافت ۾ آهو 'پنڊ جو' ٿو ٿئي.

ضمير استفهام آهو ضمير آهي، جو سوال پڇڻ يا پڇا ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو. اهڙا پڇا يا سوال جا لفظ سنڌيءَ ۾ ڪير، ڪهڙو ۽ ڇا آهن. لاڙ ۾ ڪيهو ۽

ڪڇاڙو به چوندا آهن. ڪير ماڻهوءَ سان لڳندو آهي ۽ ڇا بي جان شيءِ سان، ۽ ڪهڙو ٻنهي سان، جيئن ته هو ڪهڙو ماڻهو آهي، هيءَ ڪهڙي شيءِ آهي، هُو ڪير آهي، هي ڇا آهي؟ تون ڪُڇاڙي لاءِ آيو آهين؟ ڪهڙو ۽ ڪڇاڙو، مونث ۾ ڪهڙي ۽ ڪُڇاڙي ٿو ٿئي ۽ جمع ۾ ڪهڙا ۽ ڪڇاڙا ٿو ٿئي ۽ ساڳيءَ طرح واحد لاءِ ڪڇاڙي ۽ جمع ڪڇاڙن ٿو ٿئي.

ڪيرُ مذڪر آهي ۽ سندس مونث ڪيرِ آهي ۽ عام صورت واحد لاءِ ڪنهن ۽ جمع لاءِ ڪن آهي.

ڇا مذڪر ۽ مونث، واحد ۽ جمع ۽ سڀني حالتن ۾ هڪجهڙو ٿو رهي. مثال: ڪير اندر آيو؟ ڪنهن سان ٿو ڳالهائين؟ تو کي ڇا کپي؟ اوهان سان ڪهڙي هيءَ ڪم ڪيو؟

ڇو به سوال جو لفظ آهي، پر معنيٰ اٿس ڇالاءِ. ڪيڏي ۽ ڪيڏانهن به سوال جا لفظ آهن، ۽ معنيٰ اٿن ڪهڙي پاسي ڏي يا ڏانهن. ڪي ڪاڏي به چوندا آهن. ڇو جي بدران لاڙ ۾ ڪوهه به چوندا آهن. ڪيئن به سوال جو لفظ آهي، يعني ڪهڙي طرح ۽ ڪٿ يا ڪٿي به، يعني ڪهڙي هنڌ. ڪيترو يعني ڪهڙو انداز. هيتري، هيڏي وغيره وانگي، هي به ضميري صفت وانگي شمار ڪيا آهن.

اصل بنياد جي نظر تي ڪير سنسڪرت ۾ ڪِيَشَ آهي ۽ پراڪرت ۾ ڪيرِسَ. پر عام صورت ڪنهن ۽ ڪن، سنسڪرت جي ڪَنَ ۽ ڪَسِيَ مان آهي، جي پراڪرت ۾ ڪَسَ يا ڪَهَه ٿا ٿين. هنديءَ ۾ ڪَون آهي ۽ عام صورت ڪِس ۽ ڪِن آهي. ڇا سنسڪرت ۾ ڪِم آهي. ڪيترو سنسڪرت ۾ ڪِيَتَ ۽ پراڪرت ۾ ڪِيَ آهي.

فصل ڏهون

ضمير موصول، جواب موصول ۽ مبهم

ضمير موصول اهو ضمير آهي، جو ڪنهن اسم جي بدران جملي ۾ اچي ٿو، ۽ انهيءَ کي ڪنهن ٻئي جملي سان ڳنڍي ٿو، يا ٻنهي جو وصل ڪري ٿو. وصل جي معنيٰ ڳنڍڻ يا ملائڻ آهي.

ضمير جواب موصول اهو ضمير آهي، جو ضمير موصول جي جواب ۾ آهي ۽ جنهن ٻئي جملي سان ضمير موصول کي ڳنڍي ٿو، تنهن ۾ هن جي بدران اچي ٿو. ضمير موصول ”جو“ آهي ۽ ان جو جواب ”سو“ آهي، جو، ضمير جواب موصول به

آهي. مثال: جو ڪتاب مون توکي ڏنو هو، سو مون اڄ احمد وٽ ڏٺو. هي آهو گهوڙو آهي، "جو" مون احمد ڪان ورتو هو.

جو ۽ سو، مونث ۾ جا ۽ سا ٿين ٿا ۽ انهن جو جمع جي ۽ سي آهي ۽ حالتن ۾ انهن جي عام صورت واحد لاءِ مذڪر توڙي مونث ۾ جنهن ۽ تنهن آهي، ۽ جمع ۾ جن ۽ تن. ڪڏهن ڪڏهن جو جي بدران جيڪو، ۽ جا جي بدران جيڪا ايندو آهي، ۽ انهن جي عام صورت واحد ۾ جنهن ڪنهن آهي، ۽ جمع ۾ جن ڪن. ڪڏهن ڪڏهن جو جي بدران جيڪو، ڪوبه ڪم ايندو آهي، ۽ آهو زياده زوردار ۽ گهڻن سان لاڳو ٿو ٿئي ۽ ڪڏهن پوئين 'ڪو' جي پويان 'بہ' وجهندا آهن، جيئن تہ جيڪو بہ. اهڙي هنڌ هر ضمير مبهم جهڙو ٿيو پوي ۽ برابر ٿئي ٿو ڪو، جو، ڪا، جا، ڪنهن، جنهن جي.

اصل بنياد جي نظر تي، جو سنسڪرت ۾ يو ۽ پراڪرت ۾ جو آهي ۽ ان جي عام صورت پراڪرت ۾ يَسَ آهي. جا جَهَہ جي برابر آهي. هنديءَ ۾ جو ۽ جيس ۽ جمع ۾ جين. پراڪرت ۾ جمع جي عام صورت جاڻ آهي، ۽ سنسڪرت ۾ ياس.

ساڳيءَ سنسڪرت طرح سو سنسڪرت ۾ سَن ۽ پراڪرت ۾ سو آهي، ۽ عام صورت تنهن، سنسڪرت ۾ تَسيَ ۽ پراڪرت ۾ تَس آهي. جمع ۾ تن، سنسڪرت توڙي پراڪرت ۾ تي آهي ۽ عام صورت پراڪرت ۾ جاڻ جي جواب ۾ تاڻ آهي.

ضمير مبهم آهو ضمير آهي، جو شڪ وجهي ۽ پَڪَ ڏئي نہ سگهي تہ آهو ڪهڙي اسم جي بدران ٿو اچي. آهو آهي ڪو، جنهن جو مونث آهي ڪا ۽ عام صورت واحد ۾ ڪنهن ۽ جمع ۾ ڪن آهي. مثال: ڪنهن تہ ضرور هن کي ماريو هوندو، ڪا زال هتي آيل ٿي ڏسجي، ڪن جي راءِ آهي تہ ائين ڪرڻ بيقاعدي آهي.

ڪڏهن ڪو جي بدران ڪوئي بہ ايندو آهي، ڪي بہ ڪم ايندو آهي، ۽ شيءِ سان لاڳو ٿيندو آهي، جيئن تہ ڪي تہ مون کي ڏي. جيڪو ۽ جيڪي بہ مبهم وانگي ڪم اچن ٿا، جيئن مٿي چيو ويو آهي. ڪو جي عام صورت ڪنهن شڪل ۾، ضمير استفهام ڪير جي عام صورت ڪنهن جهڙي آهي. سنسڪرت ۾ بہ ڪيڏَپ ضمير استفهام جهڙو آهي، واحد ۾ توڙي جمع ۾ توڙي عام صورت ۾.

باب چوٿون

اسم صفت جو بيان

مٿي ڏيکاريو ويو آهي تہ اسم صفت ڪنهن اسم جي خاصيت يا صفت يا قسم يا انداز ٿو ڏيکاري، ۽ انهيءَ سان ٺهي ٿو لڳي. اسم وانگي صفت بہ جنس، عدد ۽ حالت ۾ ڦري ٿي، ۽ انهيءَ وانگي جدا جدا پڇاڙيون اٿس. جيئن تہ: چڱو مڙس، چڱي زال، چڱا مڙسَ، چڱيون زالون، چڱن مڙس کي، چڱين زالن کي، چڱن مڙسن کي، چڱين زالن کي. پڇاڙين جي ڦيرگهير بہ صفتن ۾ بلڪل اسمن جي پڇاڙين جي ڦيرگهير جهڙي آهي. مثلاً: اُو پڇاڙيءَ وارا مذڪر اسم واحد ۽ جمع ۾، توڙي مذڪر ۽ مونث ۾ هڪجهڙا آهن، جيئن تہ ڪدوُ. تيئن صفت ۾ بہ آهي، جيئن تہ لاڏوُ اٺُ، لاڏوُ اٺَ، لاڏوُ اٺِ، لاڏوُ اٺيُون. مگر اها ڦيرگهير فقط نج سنڌي لفظن سان لاڳو آهي، جيڪي عربي يا فارسيءَ مان آيل صفتن جا لفظ آهن، سي ڪين ٿا ڦرن، اهي هميشه هڪجهڙا آهن، جيئن تہ: غريب ڇوڪرُ، غريب ڇوڪري، غريب ڇوڪرَ، غريب ڇوڪريُون، غريب ڇوڪر کي، غريب ڇوڪرن کي. ٻيا مثال اهڙن صفتن جا آهن: نيڪ، بد، خوش، درست، پشيمان ۽ هلاڪ وغيره. اهڙن صفتن کي ڇڏي اچ سنڌي صفتن جي نسبت ۾ معلوم ٿيندو تہ جي پڇاڙيءَ ۾ اُ، آ، اِ، اي، اَ، اُو آهن، سي جنس ۽ عدد ۽ حالت ۾ نٿيون ڦرن، ليڪن او پڇاڙيءَ واري صفت هرطرح اسم وانگي ڦري ٿي. او کان سواءِ ٻين پڇاڙين وارين صفتن جا مثال هي آهن: ڌارَ، داتا، سُچيتِ، ڏُکيي، نيچُ، سَهڻو.

صفت جا درجا: صفت جا ٽي درجا آهن: صفت خالص، صفت تفضيل، ۽ صفت مبالغہ.

صفت خالص، اها صفت آهي، جنهن جو ٻئي ڪنهن سان مقابلو ڪرڻ ۾ نٿو اچي، جيئن مٿي مثال ڏنا ويا آهن.

صفت تفضيل: اهو درجو آهي، جنهن ۾ فقط هڪڙي ٻئي سان مقابلو ٿو ٿئي، ۽ انهيءَ ٻئي جي پٺيان حرف جر کان يا ڪنا، يا مان يا مون، يا منجهان ڪم اچي ٿو، جيئن تہ هي ماڻهو هُن کان چڱو آهي، هُن ٻن مان هي چڱو آهي. فارسيءَ ۾ تفضيل جي نشاني تر آهي، ۽ ڪڏهن اهڙيون فارسي صفتون بہ ڪم اينديون آهن،

جيئن ته هي هُن کان بهتر آهي. بهتر ۾ انهيءَ وانگي ڪم اچي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن عربي تفضيل ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن ته اعليٰ، ادنيٰ ۽ افضل.

صفت مبالغه: اهو درجو آهي جنهن ۾ هڪڙي کان وڌيڪ اسمن سان مقابلو ڪرڻ ۾ ٿو اچي، جيئن ته هي ڇوڪر سڀني کان چڱو آهي، سڀني سان هي ڇوڪر هشيار آهي. ڪڏهن ڪڏهن لفظ گهڻو يا زور مبالغه لاءِ ڪم ايندو، جيئن تفضيل لاءِ واڌُ ويا زياده ڪم آڻيندا آهن. مثلاً، هي هشياريءَ ۾ هُن کان واڌو آهي، هيئن ۾ احمد زياده هشيار آهي، احمد گهڻو هشيار آهي، هي زور مناسب ڳالهه آهي. ساڳيءَ طرح واڌو يا گهٽي جي بدران گهٽ يا ٿورو ۾ مقابلي لاءِ ڪم اچي سگهي ٿو. فارسي مبالغه، جنهن جي نشاني ترجي بدران ترين آهي، سو سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪم نٿو اچي، جيئن ته بهترين ۽ بدترين.

متفرقه صورتون: صفتون اسمن سان گڏ اچڻ ڪري اسمن وانگي ڦرن ٿيون، جيئن مٿي ڇيو ويو آهي. مگر ڪڏهن ڪڏهن صفتون ڏار ۾ اينديون آهن ۽ اسمن جي بجاءِ ڪم اينديون آهن. انهيءَ وقت ته بلڪل اسمن وانگي ڦرنديون آهن. جيئن ته ڏاهن جو چوڻ آهي ته هميشه سچ ڳالهائجي، چڱن سان چڱايون هرڪو ئي ڪري، پر مٺن سان ڪو ٿورو ڪندو. ساڳيءَ طرح، فارسي صفتون جي اسمن سان گڏ ٿيون ڦرن، سي ۾ ڏار ڪم اچڻ ڪري ڦرن ٿيون، جيئن ته غريبن تي ڪهل ڪرڻ گهرجي، داناڻن کي نادانن کان زياده عزت ملڻ گهرجي.

ڪي صفتون ضميرن وانگي ڪم اينديون آهن، ۽ ڪي ته مبهم ٿينديون آهن، يعني ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي صفت نه ڏيکارينديون آهن، پرشڪ ڏيکارينديون آهن جيئن ته فلاڻو، پراڻو، ڏاريون، ساڳيو، سڀ، سمورو، مڙئي، ٿورو، پيو وغيره.

ڪڏهن عدد ۾ صفتن وانگي ڪم ايندا آهن، جيئن ته ۾ ماڻهو، پنج گهوڙا، ڏهه ڪتاب، ٻهريون ڇوڪر، چوٿون گهوڙو.

سنسڪرت ۾ فارسيءَ وانگي مقابلي جي درجن لاءِ صفتي نشانيون يا حرف ڪم ايندا آهن، پر سنڌيءَ ۾ آهي اصل ڪم نه ايندا آهن.

باب پنجون

اسم ظرف جو بيان

مٿي ڏيکاريو ويو آهي، تہ ظرف اهو لفظ آهي، جو فعل يا صفت يا ٻئي ظرف سان ٿو لڳي، ۽ وقت يا هنڌ يا دستور يا اندار يا انڪار ٿو ڏيکاري.

جڏهن ظرف وقت ٿو ڏيکاري، تڏهن انهيءَ کي ظرف زمان ٿا چون، جيئن تہ اڄ، سڀاڻي، هاڻي، پوءِ، هميشه ۽ جڏهن هنڌ ٿو ڏيکاري، تڏهن انهيءَ کي ظرف مڪان ٿا چون، جيئن تہ هيٺي، هُتي، هيٺ، مٿي، اندر، ٻاهر، اڳيان، پٺيان. ۽ جڏهن اهو دستور، يا انداز ڏيکاري ٿو، تڏهن انهيءَ کي ظرف تميز ٿا چون، جيئن تہ آهستي، ٺهه پٺه، هرُو پرُو، ڏاڍو، جهٽ، جيئن، ٿيئن، هيئن. جڏهن ناڪار ٿو ڏيکاري، تڏهن انهيءَ کي ظرف انڪاري يا نفي چوندا آهن، جيئن تہ نہ، متان، ڪين، مَ.

ظرف زمان ۽ مڪان ۽ تميز اڪثر فعل سان لڳندا آهن، پر تميز صفت ۽ ظرف سان بہ ايندو آهي، جيئن تہ ڏاڍو چڱو، نهايت قابل.

سنڌيءَ ۾ ظرف اسمن ۽ صفتن ۽ ضميرن ۽ فعلن مان جڙندا آهن. هيٺيان ظرف اسمن مان نڪتل آهن- ڏهاڙي، تاريڪ يعني تاريخ، روز، تمام، حڪمان، دليان يا دليون. اڳيان، پٺيان. صفتن مان هي نڪتل آهن- ڏاڍيان، چڱو يا چڱي طرح، ڏيري ڏيري. فعلن مان هي آهن- وري، موٽي، ڄاڻي ٻجهي، ڄاڻي واڻي. ڪي ظرف ٻن لفظن مان مرڪب آهن، جيئن تہ هيستائين، اڄ تائين، اڄ سڀاڻي، جڏهن تڏهن، جڏهانڪر، تڏهالڪران، ڪڏهانڪر، مهيني مهيني، روز روز، پيري پيري، هري هري. ڪي پاڙهي ڦهيل آهن، جيئن تہ متَس، مسون، يا متَس متَس، نيٺ آپڻاڪ، جائي، اڃا، سدا، اوچتو، هورياڻ، اچانڪ، امالڪ، ٻيڻيهه، ٻمِيءَ، جيڪس، ڪٿر، نيت، نيچ، هيڪاري، بَس، چڱ.

ڪڏهن صفت بہ ظرف وانگي ڪم اچي ٿي؛ جيئن تہ هو چٽو يا صاف ٿو ڳالهائي، هي ڪتاب سو کهو رکُ، هُتو سئون ٿو هلي.

ڪي ظرف عربي ۽ فارسي لفظ آهن، ۽ ساڳيءَ صورت ۾ ڪم ايندا آهن، جيئن تہ البتہ، بلڪل، شايد، مفت، اتفاقاً، مثلاً، ايضاً، ارادتاً.

باب ڇهون

اسم عدد جو بيان

اسم عدد ڳاڻيٽي جي لفظن کي چوندا آهن. آهي ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا شماري، جي ڳڻپ جي ڪم ايندا آهن، جيئن ته هڪ، ٻه، ٽي، چار وغيره ۽ ٻيا قطاري، جي ڳڻپ ۾ هرهڪ جي جاءِ ڏيکارين ٿا، جيئن ته پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون.

جيتوڻيڪ عدد اسم ۾ شمار ڪيا ويا آهن، جيئن صفت به شمار ڪيل آهي، تڏهن به اهي صفت وانگي ڪم ڏين ٿا، جي شمار يا انداز يا جاءِ ڏيکارين ٿا، جيئن ته ٻه ماڻهو، پنج ماڻهو، پهريون ڇوڪر، ڏهون ڇوڪر.

شماري عددن ۾ ڏهن کان مٿي وارن ڏهاڪن ۾، نَون ڏيکارڻ لاءِ اوڻ ڪم ايندو آهي، جيئن ته اوڻيهه يا اوڻٽيهه، اوڻيهه، اوڻيتاليهه ۽ پوءِ ڏهاڪي جو پهريون اکر به ڦري ٿو، جيئن ته ويهه کي ايهه، چاليهه کي تاليهه، پنجاهه کي ونجاهه، سٺ کي هٺ، ستر کي هتر، هڪ کي هڪڙو يا هيڪ يا هڪڙو به چوندا آهن، ۽ ڪي آنءُ مَنهِن يا ٻين ڪاڏي جي شين ڳڻپ ۽ شمار ڪرڻ ۾ برڪت وجهڻ لاءِ هڪڙي جي بدران، يا ٻهرئين جي بدران، بَرڪت چوندا آهن. ڇهن کي ڇه ۽ ڪي ڇهه چوندا آهن. ٻارهن کي ڪي ڪارنهن يا اڪارنهن به چوندا آهن، جيئن هنديءَ ۾ گياره چوندا آهن. آوڻيهه ۽ ايڪيهه کي آوڻويهه ۽ ايڪويهه به چوندا آهن.

سؤ کان مٿي ڳڻپ لاءِ هڪ سؤ هڪ، هڪ سؤ ٻه، هڪ سؤ ٽي، انهيءَ طرح ڳڻيندا آهن، ۽ ڪي ايڪو سؤ يا ايڪوترو سؤ، ٻڙو سؤ يا ٻڙوترو سؤ؛ ٽڙو سؤ يا ٽڙوترو سؤ، چوڙو سؤ يا چوڙوترو سؤ، پنجو سؤ يا پنجوترو سؤ وغيره چوندا آهن. ٻن سون کان مٿي وري ايڪا ٻه سؤ، ٻڙا ٻه سؤ، ٽڙا ٻه سؤ وغيره. هزار کي سهس به چون. سؤ هزارن کي لک چون، سؤ لکن کي ڪروڙ چون ۽ ڪروڙ کي ڪوڙ به چوندا آهن. سؤ ڪروڙن کي ارب چون، سؤ اربن کي ڪَرب، سؤ ڪربن کي نيل، ۽ سؤ نيلن کي پدم. ڏهن کي گڏ جملو ڪري، ڏهو يا دهو چون. ويهن کي جملو ڪري ڪوڙي چون. ٻارهن کي انگريزي نالو ڏئي درجن چون، ۽ سؤ ورهين کي صدي چون، جو فارسي صد مان آهي.

صفت وانگي ٻنهي قسمن جا عدد: جنس، عدد ۽ حالت وٺندا آهن، جيئن ته هڪڙو، مونث هڪڙي، عام صورت واحد لاءِ هڪڙي، جمع لاءِ هڪڙن. ٻين ۾ جنس ۽ عدد جو تفاوت ڪونهي، مگر عام صورت ٻن، ٽن، ڇئن وغيره ٿئي ٿي، جيئن ته ڇئن ماڻهن کي، پنجن کي، ڏهن کي.

زور ڏيکارڻ لاءِ يا سڀني کي گڏي ڏيکارڻ لاءِ عدد جي پٺيان 'ئي' وجهندا آهن، جيئن تہ چارئي، پنجئي، ڏهئي وغيره. ۽ عام صورت ۾ ٻنهي، ٽنهي، چئني، ڏهني وغيره ٿيندا آهن. ٻئي اسم سان صفت وانگي ڪم اچڻ مهل جنس ۾ عددن جي صورت قائم رهندي آهي، جيئن تہ چار ڳئون، چار گهوڙا، ست زالون، ست مڱڙس يا ٻين روپيي، ٽين ٻئسي، ڇئن آني وغيره.

سؤ کان مٿي مجمل طرح گهڻن ڏيکارڻ لاءِ 'ائين' گڏيندا آهن، جيئن تہ سوين ماڻهو، هزارين گهوڙا، لکين آدمي، سهسين جانور.

انگن ڏيکارڻ لاءِ مجمل طرح ايڪو، ٻيڪو، ٽيڪو، چوڪو، پنجڪو، ڇڪو، ستو، اٺو، نائو، ڏهو، ويهو، ٽيهو وغيره. ڏهي کي ڏهاڪو بہ چوندا آهن. سؤ کي سيڪڙو بہ چوندا آهن.

انڪل يا تخمينن ڏيکارڻ لاءِ ڏهاڪو، ويهارو، ٽيهارو، چاليهارو، پنجاهي، سائيڪو ڪم آڻيندا آهن، ۽ ڪڏهن انهن جي پٺيان ڪن بہ آڻيندا آهن ۽ ڪڏهن چونڪڙي، پنجڙي، ڇڪڙي وغيره بہ چوندا آهن.

هڪڙي کان گهٽ جي لاءِ اڌ، چوٿو يا چوٿ يا چوٿائي، پاءُ، ٽيهائي، سوائي، ڏيڍ، ساڍ ڪم ايندا آهن، جي اسمن وانگي ڳالهائبا آهن. ۽ اڌ يا آڌو، پئولو، مُنو، سَوا يا سَوايو، اڍائي، صفت وانگي ڪم ايندا آهن.

ساڳيءَ شيءِ جي گهڻن ڀيرن اچڻ يا گهڻين شين ڏيکارڻ لاءِ هيڪر يا هيڪار، ٻيهر يا ٻيهار، ٽيهر يا ٽهار وغيره ۽ هيڪوڻ، ٻيڻ، ٽيڻ يا هيڪوڻو. ٻيٹو، ٽيٹو، چوٿو، پنجوٿو، ڏهوٿو وغيره چوندا آهن.

عدد قطاريءَ جي ڏيکارڻ لاءِ پهرئين کان پوءِ عدد شماريءَ جي پٺيان او يا اون آڻيندا آهن، جيئن تہ ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون، ڏهون، ويهون وغيره. انهن جو مونث آهي پهرين، ٻي، ٽين، چوٿين، پنجين، ڏهين، ويهين وغيره.

عددن جو اصل: سنڌي ڳالهائي جا لفظ، يا عدد شماري توڙي قطاري، سڀ پراڪرت جي معرفت سنسڪرت مان ورتل آهن. هڪُ سنسڪرت ايڪ ۽ پراڪرت ايڪ مان نڪتل آهي. هندي بہ ايڪ آهي. ٻہ سنسڪرت ۾ دوِ ۽ پراڪرت ۾ دو. هندي ۾ دو آهي ۽ فارسيءَ ۾ دُو، جنهن جي آواز دُ آهي. سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جو دوَ بدلجي ٻو ٿيو آهي، جو پوءِ ٻہ ٿيو. سرائڪي يا پنجابي ٻوليءَ ۾ ڏون چوندا آهن، جو پراڪرت جي دوڻ سان آيل آهي. ٽي، سنسڪرت ترِ مان آهي، پراڪرت ۾ تيرڻ آهي، جنهن مان هندي تين نڪتو آهي. چار، فارسي چهار، سنسڪرت چتُر ۽ پراڪرت چهار مان آيو آهي. پنج، سنسڪرت پنچون، پراڪرت پنچ مان آهي. فارسي پنج ۽ هندي پانچ آهي. ڇہ، سنسڪرت شش ۽ پراڪرت ڇہ آهي، فارسي شش ۽ هندي ڇي. ست، سنسڪرت سپتن، پراڪرت ستَ، هندي سات،

پنجابي ستَ. اٺ، سنسڪرت آشٽن، پراڪرت آٺٽَ، فارسي هشت، هندي آٺ. نَو، سنسڪرت نوَن، پراڪرت ڻَوَ، فارسي نُه، هندي نَو. ڏهه، سنسڪرت دَشَن، پراڪرت دَسَ، هندي دَس، فارسي دَه. يارهن، پراڪرت ايڳارهَ، سنسڪرت ايڪادَشَن. ٻارهن، پراڪرت وارَهَ، سنسڪرت دوادَشَن. تيرهن، پراڪرت تيرَهَ، سنسڪرت ترِيودَشَن. چوڏهن، پراڪرت چَئُدَهَ، سنسڪرت چتُردَشَن، هندي چودهان. پندرهن، پراڪرت پَنَرهَ، سنسڪرت پنچ دشين. سورهن پراڪرت سولَهَ، سنسڪرت شودَشَن، هندي سولهه. سترهن، پراڪرت سَتَرهَ، سنسڪرت سپتدَشَن. ارڙهن، پراڪرت اَٺرهَ، سنسڪرت آشٽادَشن، هندي اٺارهه. اوڻيهه، سنسڪرت اُنوِنشَت يعني ويهن کان هڪ گهٽ، هندي اُنيس. ويهه، سنسڪرت وِنشَتِ، پراڪرت وِسَئِ، فارسي بيست. ٽيهه، پراڪرت تِيسَا، سنسڪرت ترِنشَتِ. انهيءَ کان پوءِ سنسڪرت وارو شَتِ ڦري پراڪرت ۾ سد ٿو ٿئي. چاليهه، سنسڪرت چتوارنشَت، پراڪرت چتّارسا. پنجاهه، سنسڪرت پنچاشتِ، پراڪرت پنڃاسا. سٺ، سنسڪرت شَشٽِ. ستر، سنسڪرت سپتَتِ. اسي، سنسڪرت اَشيتِ. نوي، سنسڪرت نوَتِ. سؤ، سنسڪرت شَتَ، پراڪرت سَئَ، فارسي صد.

ايڪو ترو سؤ ۾ ترو سنسڪرت اتر مان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مٿي، يعني سؤ کان هڪڙو مٿي سَهسَ، سنسڪرت سَهَسرَ، پراڪرت سَهَسِ. هزار فارسيءَ مان آهي. لک، سنسڪرت لَڪش، هندي لاک. ڪروڙ يا ڪوڙ، سنسڪرت ڪوٽِ. ارب، سنسڪرت آربُدَ. کرب، سنسڪرت کربَ. نيل، سنسڪرت نيل. پدم سنسڪرت پدمَ.

ٻهرين، سنسڪرت پرَٿَمَ، پراڪرت پَڍَمَ. ٻيو ۽ ٻيجو، پراڪرت ٻيئَ، سنسڪرت وِدَئَ، پراڪرت ڏئيجِ. ٽيون، پراڪرت تِئَ. چوٿون، پراڪرت چَئُٿَ. تنهن کان پوءِ عدد جي پڇاڙي ۾ سنسڪرت واري پڇاڙي "تَمَ" ڦيرائي "اون" ڪري سنڌيءَ ۾ ڪم آندي اٿن، جا فارسيءَ ۾ "اُم" ٿي ٿئي، جيئن ته چهارم، پنجم. هندي ۽ مرهٽيءَ ۾ "وان" ٿي ٿئي، جيئن ته پانچوان، ۽ گجراتيءَ ۾ "مو"، جيئن ته پانچمو. سنڌي ۾ جو لفظ "ڪَنُ" ڪم ٿو اچي، جيئن ته ڏهاڪو ڪن، ويهارو ڪن، سو به سنسڪرت "ڪَنٽڪَ" مان آهي. هيڪار، ٻيهار وغيره ۾ جو "آر" ٿو اچي ۽ "وار" يا "وارو" جي معنيٰ ٿو ڏئي، سو به سنسڪرت ۾ وار آهه، جو فارسيءَ ۽ هنديءَ ۾ "بار" يا "باره" آهي، جيئن يڪ بار، دو بار يا دوباره، سه باره. چوٿ يا چوٿائي، سنسڪرت ۾ چَتر ٿانش آهي، ۽ ٽيهائي، ترِتيانشَ، پاءُ، سنسڪرت پادَ آهي. پوڻو، سنسڪرت پادونَ آهي. اڌ، سنسڪرت آرڌ آهي. سوا ۽ سوائي ۽ سوايو، سنسڪرت سَپادَ آهي. ساڍ ۽ ساڍا، سنسڪرت سارڌَ آهي. ڏيڍ، سنسڪرت ترِ آرڌ آهي، يعني ٽي اڌ آڍائي، سنسڪرت آرڌ دوِيَ يعني ٻه ۽ اڌ.

باب ستون

فعل جو بيان

فصل پهريون

فعل جا قسم

مٿي چيل آهي ته فعل اهو لفظ آهي، جنهن مان ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا ٻئي ماڻهو يا شيءِ تي ٿيڻ يا هئڻ جي معنيٰ نڪري. مٿي اِئين به چيل آهي ته: اهڙي ڪنهن ڪم ڪندڙ کي فاعل ٿا چون ۽ جنهن تي ڪو ڪم ٿئي تنهن کي مفعول ٿا چون. هاڻي جو ڪم ڪنهن ٻئي تي لڳو نه ٿئي تنهن کي 'فعل لازمي' چون ٿا. لازمي لفظ جي معنيٰ آهي، چنبڙيل يعني جو ڪم فقط فاعل يا ڪم ڪندڙ سان چنبڙيل ٿو رهي ۽ لنگهي ڪنهن ٻئي تائين اثر نٿو ڪري، جيئن ته احمد هلي ٿو، ٻڪي آڏامن ٿا، هي ڇوڪر روئي ٿو ۽ اتي هلڻ، اڏامڻ، روئڻ فعل لازمي آهن. پر جڏهن اهو ڪم ڪنهن ٻئي تي ٿئي ٿو انهيءَ جو اثر ڪنهن ٻئي تائين وڃي ٿو، جنهن کي مفعول ٿا چون، تڏهن انهيءَ کي 'متعدي' چون ٿا، جو متعدي لفظ جي معنيٰ آهي لنگهي ٻئي تائين ويندڙ، پر جڏهن فعل ڪو ڪم نه ڏيکاري، فقط ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءِ جو هئڻ يا ٿيڻ ڏيکاري، تڏهن اهو اگرچ مٿين معنيٰ موجب لازمي آهي، جو رڳو فاعل سان چنبڙيل ٿو رهي، تڏهن به سواءِ ڪنهن ٻئي فعل جي گڏجڻ سان انهيءَ مان پوري معنيٰ نٿي نڪري. گهڻو ڪري انهيءَ جا ڀاڱا ٻين فعلن سان گڏ ايندا آهن ۽ وقت يا ٻين ڳالهين ڏيکارڻ ۾ مدد ڪندا آهن. تنهنڪري اهڙن فعلن کي "معاون" چون ٿا. معاون لفظ جي معنيٰ آهي مدد ڪندڙ. مثلاً آهي، هو، ٿيو فعل معاون آهن — هو ماڻهو آهي، هي ڇوڪر هو، هي ڳالهه ٿي. انهن جملن مان پاڻهي صاف معنيٰ نٿي نڪري، جيسين ڪو ٻيو لفظ انهن ۾ فعل سان گڏ ڪم ايندو، جيئن ته هو ماڻهو حڪيم آهي. هي ڇوڪر هشيار هو، هيءَ ڳالهه سچي ٿي، آءٌ لکندو آهيان، هو ويو هو، ڪم پيو ٿئي. انهن جملن جي فعلن ۾ آهيان، هو، ٿئي، هئڻ يا ٿيڻ فعل جا ڀاڱا آهن جي ٻين فعلن سان گڏ اچي، معنيٰ ڏيڻ يا سمجهائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

مٿين بيان مان معلوم ٿيو ته فعل ٽن قسمن جا آهن: فعل لازمي، فعل متعدي، ۽ فعل معاون. هي به معلوم ٿيو ته ھڪڙي معنيٰ سان فعل معاون به لازميءَ جو ھڪڙو قسم آهي. فعل متعديءَ جو ٻيو به ھڪڙو قسم آهي، جنهن کي "متعدي بالواسطه" ٿا چون يعني جو ڪنهن ٻئي جي واسطي يا وسيلي سان يا انهن جي هٿان اثر ٻئي تائين پهچائي ٿو، جيئن ته ٻادشاهه قيديءَ کي مارايو يا ڪُهايو. يعني پاڻ نه مارايائين يا ڪُهائين جو فعل ٿئي ها، پر ڪنهن ٻئي هٿان مارايائين يا ڪهارايائين، تنهنڪري اهو فعل متعدي بالواسطه ٿيو. انهي فعل جي مصدر ۾ نشاني آهي آئڻ يا آرائڻ.

فاعل ۽ مفعول جي نظر تي فعل متعدي معروف به ٿي سگهي ٿو ۽ مجهول به، جن جي معنيٰ آهي سڃاتل ۽ اڻ سڃاتل. مثلاً، احمد محمد کي ماريو. اتي مارڻ فعل جو فاعل سڃاتل آهي ۽ معلوم آهي ته احمد آهي. ٻر محمد مارجي ويو. اتي خبر نٿي پوي ته محمد جو ماريندڙ ڪير آهي، تنهنڪري پهريون فعل "متعدي معروف" آهي ۽ ٻيو "مجهول". مجهول جي نشاني مصدر ۾ 'جڻ' آهي، جا فعل جي امر جي پڇاڙي آنجڻ ٿي، جيئن ته مارڻ، مار، مارجڻ، مارائجڻ.

فصل ٻيو

اسم مصدر ۽ امر

مٿي اسم جي وصف ۾ ذڪاريو ويو آهي، ته اهو ڪنهن ڪم جو به نالو آهي، جيئن پڙهڻ، لکڻ، ۽ اسم جي قسمن ۾ ذڪاريو ويو آهي، ته ڪم ذڪارڻ واري اسم کي "اسم مصدر" چون ٿا. انهي جي نشاني آهي 'اڻ'. مثلاً، پڙهڻ چڱو ڪم آهي. انهيءَ جملي ۾ 'پڙهڻ'، آهي فعل جو فاعل آهي، ۽ اسم وانگي ڪم آيو آهي. هتي چوڪر ترڻ سکيو آهي. اتي ترڻ مصدر آهي ۽ سکيو آهي فعل جو مفعول آهي ۽ اسم وانگي ڪم آيو آهي. انهيءَ ڪري مصدر فعل لازميءَ جي به ٿئي ٿي ۽ متعديءَ جي به. متعدي مصدر مفعول ٻه وٺي سگهي ٿي، جيئن ته بابو هوا کائڻ ويو آهي، اتي کائڻ مصدر فعل متعديءَ جي آهي ۽ انهيءَ جو مفعول آهي هوا.

مصدر لفظ جي عربيءَ ۾ معنيٰ آهي نڪرڻ يا ظاهر ٿيڻ جي جاءِ يا شيءِ. سو هن ڪري جو انهيءَ مان فعلن جون علحدُيون صورتون نڪرن ٿيون، جيئن هيٺ ڀائيي معلوم ٿيندو. مصدر جي پڇاڙي، جا "اڻ" آهي، تنهن ۾ "ڻ" جي مٿان

پيشُ آهي، تنهنڪري اسم جي قانون موجب اهو مذڪر اسم آهي، ۽ مذڪر وانگي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڦري گهري ٻه ائين ٿو، جيئن ته سچ ڳالهائڻُ چڱو آهي، سچ ڳالهائڻ مان فائدو آهي، جتي عام صورت ۾ ”ڻ“ تي زبر ٿي اچي.

انهيءَ مصدر جي نشاني ”ڻ“ ڪڍڻ سان اَمرُ ٿو پيدا ٿئي. امر جي معني آهي حُڪمُ. مثلا، اچڻ مان اچُ، وڃڻ مان وڃُ، ڪرڻ مان ڪر ۽ مارڻ مان مارِ. اَمر جي پڇاڙيءَ واري اکر تي يا مصدر جي نشانيءَ جي اڳئين اکر تي جيڪا جدا جدا حرڪت ٿي اچي، انهيءَ جا ڪي قانون مُقرر آهن.

فعل لازمي جي مصدر جي نشاني ”اَڻ“ آهي يعني ڻ جي اڳئين اکر جي مٿان زبر آهي، ۽ انهيءَ جي اَمر جي پڇاڙي ”اُ“ ٿي ٿئي، جيئن ته هَلَڻُ - هَلُ، وَرَڻُ - وَرُ، ٻَڌَڻُ - ٻُڌُ، نَوَڻ - نِءُ، اچڻ - اچُ، ۽ وڃڻ - وڃ.

فعل متعدي جي مصدر جي پڇاڙي ”اَڻُ“ به آهي ۽ ”اِڻ“ به آهي ۽ انهيءَ مان جو امر نڪري ٿو، تنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ا ٿو اچي، جيئن ته جهَلَڻ - جهَلِ، ڦُرَڻُ - ڦُرِ، ڳالهائڻُ - ڳالهاءِ، ڌوئڻُ - ڌوءِ، پيئَڻُ - پيءُ. پر ڪڏهن مصدر جي نشانيءَ جي اڳيان ”او“ اچي ڪري، اَمرُ فقط ”ڻ“ ڪڍڻ سان ٿو جڙي، جيئن ته ڌوئڻ - ڌو، رُئڻ - رو. ۽ ڪن جي امر جي پڇاڙي آ به ٿي اچي، جيئن ته ٻَڌڻ - ٻَڌُ، لکڻ - لکُ، چُمڻ - چُمُ، ڏِسڻ - ڏِسُ، سِبڻ - سِبُ، ڪڍڻ - ڪڍُ وغيره.

فعل متعدي بالواسطه جي مصدر ۾ فقط ”ڻ“ ڪڍي ٿي ڇڏجي، جيئن ته مارائڻ - ماراءِ، کهائڻ - کهاءِ، کهارائڻ - کُهاراءِ. حقيقت ڪري متعديءَ مان متعدي بالواسطه جي ٺهڻ جو رستو آهي متعدي جي امر جي پٺيان يا مصدر جي ڻ جي بدران آئڻ يا آرائڻ وجهڻ، جيئن ته مارڻ - مار - مارائڻ، ڪائڻ - ڪارائڻ - ڪارارائڻ، ڦيرڻ - ڦيرائڻ - ڦيرارائڻ، مٽڻ - موائڻ - سوارائڻ. ڪي لازميءَ مان متعدي فعل به ٺين ٿا، پر اهي بيقاعدي آهن، جيئن ته ٻرڻ مان ٻارڻ، پڙهڻ مان پاڙهڻ ۽ پڙهائڻ، وسرڻ مان وسارڻ، ڦرڻ مان ڦيرڻ ۽ ڦيرائڻ، ٻُڏڻ مان ٻوڙڻ، مُڙڻ مان موڙڻ، سِرڻ مان سورڻ، هرڻ مان هيرڻ ۽ هيرائڻ، ڏيڻ مان ڏيارڻ، پئڻ مان پيارڻ، ڏُڻڻ مان ڏُڏارڻ، وڃڻ مان وڃائڻ.

ڪڏهن فعل لازمي ۽ فعل متعدي ساڳي معني ڏيکارڻ وارا جدا جدا صورتون وٺن ٿا، جن ته لازميءَ مان متعدي فعل بيقاعدي طرح جڙي ٿو - مثلاً آجهامڻ - آجهائڻ، آڏامڻ - آڏائڻ، ٻَجهڻ - ٻَڌڻ، ڦاٽڻ - ڦاڙڻ، ڇڄڻ - ڇڃڻ، ڇيجڻ - ڇڃڻ، ڏُهڻ - ڏُهڻ، ڪامڻ - ڪائڻ، وسامڻ - وسائڻ.

مٿي جنهن امر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سو ضمير حاضر واحد کي حڪم ڏين لاءِ آهي، پر جمع جي لاءِ يا گهڻن ماڻهن کي حڪم ڏين لاءِ واحد جي پڇاڙيءَ ۾ 'او' ڪڍبو آهي، جيئن تہ اچ-اچو، وڃ-وڃو، ڏي-ڏيو، جهل-جهليو، پڙهه-پڙهو.

وقت جي نظر تي هن امر کي امر حالي چوندا آهن، پر ٻي بہ صورت امر جي آهي، جنهن مان تاڪيد يا ايندڙ وقت يا دير سان ڪم ڪرڻ جو حڪم معلوم ٿو ٿئي ۽ اها آهي اِج يا ايج ڪڍڻ سان، جيئن تہ آڇيج، وِڃيج، ڪج يا اچيج، وڃيج، ڪريج ۽ جمع اچجو، وڃجو ۽ اچيجا، وڃيجا، ڪريجا، يعني هڪدم يا هينئر جو هينئر نہ، پر پوئيرو، يا ٻئي وقت، يا ياد ڪري تاڪيد سان ائين ڪج. ڪڏهن فعل جي پڇاڙيءَ ۾ واحد حاضر واري 'آئين' ڪم آڻيندا آهن، جيئن تہ اچجئين يا اچجانءِ، وڃجئين يا وڃجانءِ. اهڙي امر کي 'امر استقبالي' يا 'امر مدامي' يا 'دير وارو امر' چئي ٿو سگهجي.

جو حڪم جهلڻ يا منع ڪرڻ جي لاءِ هوندو آهي، تنهن کي نهي چوندا آهن. انهيءَ لاءِ امر جي اڳيان 'نہ' يا 'م' وجهندا آهن، جيئن تہ نہ ڪر، مَ وڃ يا مضارع جي اڳيان متان وجهجي ٿو، جيئن تہ متان وڃين، متان ڪرين. اهي انڪاري لفظ، ظرف انڪاري بہ آهن، جيئن مٿي چيو ويو آهي.

فصل ڏيهون

اسم مشتق

جيئن تہ مصدر اسم آهي، پر معني فعل جي ٿو ڏئي ۽ منجهانئس ٻيا فعل ٿا نڪرن، تيئن 'اسم مشتق' بہ اهڙن ڪن اسمن کي چئبو آهي، جي مصدر مان نڪرن ٿا يا جڙن ٿا. اهي آهن: اسم فاعل، اسم مفعول ۽ اسم حاليہ.

اسم فاعل: اسم فاعل ڪم ڪندڙ کي چون ٿا، جيئن مٿي بہ آيو آهي. اهو بہ مصدر مان نڪري ٿو ۽ امر جي پڇيان 'اندڙ' يا 'ايندڙ' ڪڍڻ سان ٺهي ٿو. امر جي پڇاڙي 'آ' آهي تہ 'اندڙ' ۽ جي 'اِ' آهي تہ 'ايندڙ' ڪڍين ٿا، جيئن تہ ليکڻ-ليک-ليکندڙ، هلڻ-هل-هلندڙ، مارڻ-مار-ماريندڙ، کولڻ-کول-کوليندڙ. ڪي بيقاعدي بہ آهن، جيئن تہ وڃڻ-وڃ-ويندڙ، اچڻ-اچ-ايندڙ.

ڏسڻ ۾ ايندو ته اسم فاعل معنيٰ ۾ صفت وانگي به ڪم اچي ٿو، جيئن ته هتي جي هوا وڻندڙ آهي، ڪِرندڙ تارا ڪڏهن ڪڏهن زمين تان اپندا آهن ۽ هٿَ ڪنڊ پچندڙ آهي. سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا به لفظ يا لفظن جا پاڳا يا نشان آهن، جي پين اسمن يا صفتن يا فعلن ڪڏڻ سان جڙن ٿا ۽ صفت جي معنيٰ ڏين ٿا ۽ اسم فاعل جهڙا آهن، جيئن ته آپاڻ مان آپاڻهار، هلڻ سان هلڻهار، ڏاتار، مارڻ وارو وغيره. اهڙن اسمن کي 'اسم فاعل ترڪيبي' چوندا آهن ۽ انهن جو ذڪر مٿي پنجين باب جي ٻئي فصل ۾ آيو آهي. اهڙي قسم جا ٻيا به لفظ آهن، جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'ٽو' آهي، ياڄجي مصدر جي پٺيان 'و' ڪڏڻ سان جڙن ٿا، ۽ صفت جي به ۽ فعل جي به معنيٰ ڏين ٿا، جيئن ته چرڪٽو، مرڪٽو، ۽ ڪٿي آئيندي جي ارادي جي معنيٰ ٿي نڪري، جيئن مون کي سڀاڻي ڪراچيءَ وڃڻو آهي، تو کي هيءُ ڪم ڪرڻو آهي يا نه؟ ڪي ماڻهو هن کي "اسم استقبال" ٿا سڏين. صفت وانگي اهڙا اسم جنس ۽ عدد ۾ ڦرن به ٿا، جيئن ته کِلندڙُ ماڻهو، کِلندڙ زال، کِلندڙ مڙسَ، کِلندڙيون زالئون. هُو وڃڻو آهي، هوءَ وڃڻي آهي، هُو وڃڻا آهن، هُو وڃڻيون آهن.

اهڙي ساڳئي قسم جا لفظ، جي مصدر مان نڪتل آهن ۽ اسم جي فعل جي معنيٰ ٿا ڏيکارين، تن کي "حاصل بالمصدر" به چوندا آهن، ۽ انهيءَ جون جدا جدا صورتون ۽ پڇاڙيون ٿيون ٿين، جيئن ته ڪرڻ – ڪرٽي، پرڻُ – پرٽي، گهمڻ – گهوم وغيره. جي اسم ذات ٿي شمار ۾ ٿا اچن ۽ انهن جو ذڪر به پنجين باب جي ٻئي فصل ۾ آيو آهي.

اسم مفعول: مٿي چيو ويو آهي ته جنهن اسم تي فعل متعدي جو ڪمُ يا اثر ٿو ٿئي، تنهن کي مفعول ٿا چون. اهو به اسم آهي جو فاعل وانگي فعل مان نڪتل آهي، ۽ امر جي پٺيان "آل" يا "يَل" ۽ "او" يا "يو" وجهڻ سان جڙي ٿو، جيئن ته مارڻ – مار – ماريل يا ماريو، لکڻ – لکُ – لکيلُ يا لکيو، نيڻ – نيِ – نيل يا نيو. گهڻا اسم مفعول امر وانگي بيقاعدي جڙيل به آهن، جيئن ته اپائڻ – اپائل يا آپاميل يا آپاٽو، پڄڻ ۽ پچڻ مان پڪل ۽ پڪو، ٻيهڻ مان بيٺل ۽ بيٺو، پرچڻ مان پرتل ۽ پرتو، پيڻ مان پيتل ۽ پيتو، ڏاهڻ مان ڏاٺل ۽ ڏاٺو وغيره.

اسم مفعول به فاعل وانگي صفت ٿي به اسم سان ڪم ايندو آهي، جيئن ته پڪل سپاهي جنگ ڪرڻ جو لائق ناهي، مٺو ماڻهو جيتري سان ڪيئن برابر ٿي سگهندو، سٺو مٺي جي آچار آهي، ۽ لکيو ٽرڻ جو ناهي.

اسم حاليه: اسم حاليه به انهن اسمن سان هڪڙو آهي، جي مصدر مان نڪرن ٿا، ۽ آهو فعل جي به ۽ صفت جي به معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. آهو ڏيکاري ٿو ته

هڪڙي ڪم هلندي يا جاري رهندي پيو ڪم ٿئي ٿو. آهو ہہ امر جي پٺيان ”آندو“ يا ”ايندو“ وجهڻ سان ٺهي ٿو. گهڻا باقاعدي جڙن ٿا ۽ ٿورا بيقاعدي ٿا جڙن. مثال: آءٌ سياڻي تو وٽان ٿيندو ويندس. هُو ماڻهو ڪتاب پڙهندي سنڌي سکهي ٿو. لکڻ – لک – لکندو، گهمڻ – گهمُ – گهمندو، مارڻُ – مار – ماريندو، اچڻ – اچُ – ايندو، وڃڻ – وڃُ – ويندو، ۽ ڪرڻ – ڪر – ڪندو.

جيئن اسم حاليہ ۾ هڪڙي ڪم ڪندي ٻئي ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ٿي نڪري ۽ اڪثر آهي ڪم هلندڙ يا ايندڙ وقت سان، يعني حال ۽ مستقبل سان لاڳو ٿيندا آهن، تيئن گذريل وقت يا ماضي، ٻن ڪمن جي ٿيڻ واري هڪڙي فعل جي صورت آهي، جنهن کي ”فعل معطوفي“ ٿا چون، يعني موڙيل يا ڳنڍيل ڪم، جيئن تہ هُو ماني کائي سيڌي آيو، هُو هيءُ ملڪ فتح ڪري پٺتي موٽيو، هوءَ منهن ڍڪيو هليو ٿي وئي. پر جڏهن اهڙا فعل اڪثر گذريل وقت سان ٿا لڳن، تڏهن انهن کي زمان ماضي جي هڪڙي صورت شمار ڪجي ٿي، ۽ انهن کي ”ماضي معطوفي“ ڪري سڏيندا آهن. انهيءَ جو بيان ماضين ۾ ايندو.

اهڙا مشتق اسم، جي اسم ٿي فعل يا صفت جو ڪم ڏين ٿا، يا فعل ٿي اسم ۽ صفت جو ڪم ڏين ٿا، تن کي سنسڪرت ۾ ڪردنت چون ٿا. ”اسم حاليہ“ کي ’ورتما ڪردنت‘ ٿا چون، ’اسم مفعول‘ کي ’ڀوت ڪردنت‘ ۽ ’اسم فاعل ترڪيبي‘ يا ’اسم استقبال‘ کي ’ڀوشيہ ڪردنت‘، ۽ فعل يا ’ماضي معطوفيءَ‘ کي ’پُورڻ ڪردنت‘.

باب اٺون

فصل پهريون — زمانن جا قسم

فعل جا زمان

زمان لفظ جي معنيٰ آهي وقت، ۽ فعل جا زمان ڏيکارين ٿا ته ڪوهه فعل ڪهڙو وقت ٿو ڏيکاري، يعني ڪوبه ڪم ڪڏهن ٿيو يا ٿئي ٿو يا ٿيڻو آهي، يعني گذريل وقت ۾، يا هلندڙ وقت ۾، يا ايندڙ وقت ۾. انهيءَ ڪري فعل جا ٽي زمان آهن: هڪڙو "زمان حال"، ٻيو "زمان ماضي" ۽ ٽيون "زمان مستقبل".
زمان حال هلندڙ وقت ٿو ڏيکاري، جيئن ته آءٌ خط لکان ٿو، ڇوڪر گهر وڃي ٿو.
زمان ماضي گذريل وقت ٿو ڏيکاري، جيئن ته مون خط لکيو، ڇوڪرو گهر ويو.
زمان مستقبل ايندڙ وقت ٿو ڏيکاري، جيئن ته آءٌ خط لکندس، ڇوڪر گهر ويندو.

زمان حال جا قسم: وري زمان حال جا ٽي قسم آهن: هڪڙو "زمان حال مطلق"، ٻيو "زمان حال مدامي" ۽ ٽيون "زمان حال متشڪي". زمان حال مطلق يا خاص، فقط هلندڙ وقت ٿو ڏيکاري، يعني اهو ڪم هينئر پيو ٿئي، يا ٿيو هلي، جيئن آءٌ خط لکان ٿو، ڇوڪر گهر وڃي ٿو، يعني آءٌ هينئر لکان ٿو ۽ هو هينئر وڃي ٿو. "حال مدامي" گذريل ۽ هلندڙ وقت گڏي ٿو ڏيکاري، يعني ته ڪو ڪم گذرئي وقت کان وٺي جاري ٿيو آهي ۽ اڃا هلندو اچي ۽ پيو ٿئي، يا هميشه ٿيندو آهي، جيئن ته هيءُ ڇوڪر مڪتب ۾ پڙهندو آهي، يعني گذريل وقت کان وٺي پڙهندو اچي ۽ پڙهي پيو. ڪي انهيءَ کي "حال استمراري" به چون ٿا، ۽ جو ڪم هميشه پيو ٿيندو آهي، تنهن کي "حال مدامي" چون ٿا. "حال متشڪي" به هلندڙ وقت ٿو ڏيکاري، مگر پڪ نه هوندي آهي ته اهو ڪم هلي ٿو يا نه. يعني شڪ ڏيکاريندو آهي، جيئن ته ڇوڪر مڪتب ۾ پڙهندو هوندو.

زمان ماضي جا قسم: زمان ماضي گذريل وقت ڏيکاري ٿو. مگر گذريل وقت به هلندڙ وقت کان يا گهڻو پري ۽ اڳي ٿو ٿئي يا ويجهو ٿو ٿئي، يا گهڻي وقت کان ڪو ڪم ٿي بس ٿيو، يا ڪجهه تائين پئي ٿيو. انهيءَ نظر تي "زمان ماضي" جا ڇهه قسم آهن: "ماضي مطلق"، "ماضي قريب"، "ماضي بعيد"، "ماضي استمراري"، "ماضي مدامي"، "ماضي متشڪي"، ۽ "ماضي شرطيه".

”ماضي مطلق يا خاص“ ماضي فقط مبهم گذريل وقت ۾ ڪم پورو ٿيل ڏيکاري ٿو، پر اها خبر نٿو ڏئي تہ ڪو ڪم تازو ٿيو يا گهڻو اڳي پورو ٿي چڪو، جيئن تہ هو پڙهيو، يا هُو ويو.

”ماضي قريب“ ڏيکاري ٿو تہ اهو ڪم تازو يا ويجهڙائيءَ ۾ ٿيو آهي، جيئن تہ هُو پڙهيو آهي، يا هو ويو آهي. قريب لفظ جي معنيٰ بہ ويجهو آهي.

”ماضي بعيد“ ڏيکاري ٿو تہ اهو ڪم ڪجھ وقت اڳي ٿي چڪو هو، جو بعيد لفظ جي معنيٰ آهي پَري، جيئن تہ هو پڙهيو هو، هو ويو هو.

”ماضي استمراري“ ڏيکاري ٿو تہ اهو ڪم گذريل وقت ۾ جاري هو ۽ پئي هليو، جيئن تہ هُن پڙهيو ٿي، هُو پئي ويو.

”ماضي مدامي“ ڏيکاري ٿو تہ اهو ڪم گذريل وقت ۾ هميشه جاري هو، ۽ پيو ٿيندو هو، جيئن تہ هو پڙهندو هو، هو ويندو هو. مدامي لفظ جي معنيٰ آهي هميشه ٿيندڙ.

”ماضي متشڪي“ ڏيکاري ٿو تہ اهو ڪم گذريل وقت ۾ ٿيو يا نہ، تنهن جي پڪ ناهي، شڪ آهي. ۽ متشڪي لفظ جي معنيٰ بہ آهي شڪ وارو، جيئن تہ هُو پڙهيو هوندو، هو ويو هوندو.

”ماضي شرطيہ“ ڏيکاري ٿو تہ اهو ڪم گذريل وقت ۾ ڪنهن شرط پوري ٿيڻ تي ٿئي ها، جو شرطيہ جي معنيٰ شرط وارو، جيئن تہ هو پڙهي ها، هو وڃي ها.

عربي صرف نحو موجب 'ماضي معطوفي' بہ ماضين ۾ آڻيندا آهن، جو ڏيکاري ٿو تہ گذريل وقت ۾ ڪنهن ماڻهوءَ هڪڙو ڪم ڪري پوءِ ٻيو ڪم ڪيو، يعني اهو ماضي ٻن گذريل ڪمن کي ڳنڍي ٿو، جو معطوفي لفظ جي معنيٰ آهي ڳنڍيل يا موڙيل، جيئن تہ هُو پڙهي هوڏي ويو، آءٌ هن جو ڪم لاهي گهر آيس.

انهيءَ کان سواءِ 'ماضي مُتَمَنِّي' ۽ 'ماضي امڪاني' بہ ماضين ۾ داخل ڪيا اٿن. ماضي متمني خواهش ٿو ڏيکاري جو گذريل وقت سان لاڳو آهي. آهو صورت ۾ شرطيہ جهڙو آهي، مگر لفظ 'چڱو' ڪڍيندا آهن، جيئن تہ هي ڪم ٿئي ها تہ چڱو هو. مگر انهيءَ ڪم جو ٿيڻ ڪنهن شرط تي منحصر نہ آهي، جيئن ماضي شرطيہ ۾ آهي. ۽ 'ماضي امڪاني' ڏيکاري ٿو تہ انهي ڪم جي ٿيڻ جو امڪان هو ۽ ٿيي ٿي سگهيو، ۽ تنهنڪري لفظ سگهڻ جو انهيءَ ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن تہ هُو پڙهي ٿي سگهيو، هُو وڃي ٿي سگهيو، ٻي طرح انهن جي صورت ماضي استمراري جهڙي آهي. پر اهو سگهڻ ڪنهن بہ ٻئي زمان سان لڳي ٿو سگهي.

زمان مستقبل جا قسم: زمان مستقبل ايندڙ وقت کي ڏيکاري، پر ڇو ته ڪم ايندڙ وقت ۾ هڪ دفعي ٿيڻو آهي يا گهڻي وقت تائين پيو ٿيندو، تنهن لاءِ زمان مستقبل جا ٻه قسم آهن: هڪڙو 'مستقبل مطلق' يا خاص ۽ ٻيو 'مستقبل استمراري'. مستقبل خاص فقط آئيندو وقت مجمل طرح ٿو ڏيکاري، جيئن ته هُو پڙهندو، هو ويندو، پر "مستقبل استمراري" اهو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪجهه تائين جاري رهندو يا هلندو، جيئن ته هُو پيو پڙهندو.

زمان مضارع: مٿي ٽي زمان ڏنا ويا آهن - حال يعني هلندڙ وقت، ماضي يعني گذريل وقت، ۽ مستقبل يعني ايندڙ وقت. پر ٻيو هڪڙو زمان آهي جو حال به ٿو ڏيکاري ۽ مستقبل به. يعني ڪم جو ڪرڻو آهي سو هلندڙ وقت سان به لاڳو ٿي سگهي ٿو، ۽ ايندڙ وقت سان. ٻنهي سان شامل آهي. انهي کي 'زمان مضارع' چون ٿا، جو مضارع لفظ جي معنيٰ آهي، ٻن جو پاڻ ۾ ڀائيوار ٿي رهڻ، جيئن ته آءٌ وڃان، ڇوڪر پڙهي، دل ٿي چوي ته هي ڪم ڪريان. انهيءَ مان ڪم جو ڪرڻ هلندڙ وقت حال ۾ به سمجهي ٿو سگهجي، ۽ ايندڙ وقت يعني مستقبل ۾ به، ٻئي انهيءَ ۾ شامل آهن.

حال يا ماضي استمراري يا مدامي يا معطوفي وانگي مضارع به مدامي يا معطوفي ٿي سگهي ٿو، جيئن ته هُو پڙهندو اچي، آءٌ هي ڪم ڪندو وڃان.

فصل ٻيو

زمانن جوڙڻ جا رستا

مٿي چيو ويو آهي ته فعل جي پهرين صورت آهي مصدر، جا هڪڙيءَ ڪاڻ وانگي آهي، جنهن مان جدا جدا فعل جون صورتون نڪرن ٿيون، ۽ هي به ڏيکاريو ويو آهي، ته مصدر جي نشاني "ڻ" ڪڍڻ سان، ڪن حرڪتن ڦيرائڻ سان امر ٿو جڙي، جيئن ته لکڻ - لِکُ، وڃڻ - وڃُ، مارڻ - مار، امر جي پٺيان "او" يا "يو" گڏڻ سان اسم مفعول ٿو ٺهي، جيئن ته مارڻ - مار - ماريو، لکڻ - لِکُ - لکيو. اها مفعول جي صورت بلڪل ماضي مطلق جهڙي آهي امر جي پٺيان "اندو" يا "ايندو" گڏڻ سان اسم حاليه ٿو جڙي، جيئن ته پڙهه - پڙهندو، مار - ماريندو، جو مستقبل واحد غائب جهڙو آهي. هاڻي ڏسڻ ۾ ايندو ته فعل جا جيڪي ٽي زمان آهن ۽ جن جو مٿين فعل ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، سي سڀ پهرين امر مان ٿا نڪرن-

هن طرح ته ٻهرين امر مان مضارع ٺهي جڙي. انهيءَ لاءِ جي امر جي پڇاڙيءَ ۾ "ءُ" آهي ته "آن" ۽ جي "اِ" آهي ته "يان" ٿو گڏجي. اها مذڪر واحد متڪلم جي صورت آهي، پر ٻين ضميرن ۽ عددن ۽ جنسن ۾ جدا جدا نشانيون يا پڇاڙيون آهن، جي هيٺ فعل جي ڦيرن مان معلوم ٿينديون. مضارع جا مثال - پڙهڻ مان امر پڙهه، ۽ پڙهه مان مضارع پڙهان. مارڻ مان امر مار ۽ مار مان مضارع ماريان.

مضارع مان وري هيٺيان زمان نڪرن يا جڙن ٿا: (١) زمان حال مضارع جي اڳيان يا پٺيان 'ٿو' گڏڻ سان، جيئن ته پڙهان - پڙهان ٿو، يا ٿو پڙهان، مار - ماريان ٿو، يا ٿو ماريان. ۽ پيو وجهڻ سان حال استمراري ٿو ٿئي، جيئن ته پڙهان پيو، پيو ماريان. (٢) مضارع جي پٺيان 'ها' وجهڻ سان، ماضي شرطيه ٿو ٿئي، جيئن ته پڙهان ها، وڃي ها، مارين ها.

اسم حاليه مان وري هيٺيان زمان ٿا جڙن: (١) مستقبل، جو واحد غائب ۾ بلڪل اسم حاليه جهڙو آهي، ٻين ضميرن ۽ جنسن ۽ عددن ۾ نشان يا پڇاڙيون ڦرن ٿيون، جي هيٺ ڦيرن مان معلوم ٿينديون. مثال پڙهندو، ماريندو. (٢) انهيءَ ۾ 'پيو' گڏڻ سان مستقبل استمراري ٿو ٿئي، جيئن ته پڙهندو پيو، پيو ماريندو. (٣) انهيءَ ۾ 'آهي' گڏڻ سان حال مدامي ٿو ٿئي، جيئن ته پڙهندو آهي، ماريندو آهي. (٤) ماضي مدامي، 'هو' گڏڻ سان، جيئن ته پڙهندو هو، ماريندو هو. (٥) حال متشڪي 'هوندو' گڏڻ سان، جيئن ته پڙهندو هوندو، ماريندو هوندو.

اسم مفعول مان جي زمان نڪرن ٿا، سي هي آهن: (١) ماضي مطلق ته اسم مفعول جهڙو آهي، جيئن ته پڙهيو، ماريو. (٢) ماضي قريب "آهي" گڏڻ سان ٿو جڙي، جيئن ته پڙهيو آهي، ماريو آهي. (٣) ماضي بعيد "هو" گڏڻ سان، جيئن ته پڙهيو هو، ماريو هو. (٤) ماضي متشڪي "هوندو" گڏڻ سان، جيئن ته پڙهيو هوندو، ماريو هوندو. (٥) ماضي استمراري اڳيان يا پٺيان "پي" يا "ٿي" گڏڻ سان، جيئن ته پڙهيو ٿي يا پڙهيو پي، ماريو ٿي يا ماريو پي، يا ٿي ماريو، يا پي پڙهيو.

مٿيان نشان يا مثال، ضمير واحد، غائب مذڪر جا آهن، ٻين ضميرن، جنسن ۽ عددن جي ڦيرگهير جي خبر هيٺ فعل جي ڦيرن مان پوندي. معلوم هجي ته مٿي جيڪي نشان آهن ۽ "هو" ۽ "هوندو" زمانن ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿا، سي "هئڻ" فعل جو زمان حال ۽ زمان ماضي ۽ زمان مستقبل، مذڪر، واحد يا غائب جي صيغي جا آهن، جي زمانن ٺاهڻ ۾ ٻين فعلن کي مدد ڪن ٿا تنهنڪري هئڻ فعل کي فعل معاون چوندا آهن، جيئن مٿي بہ چيو ويو آهي. هيٺ فعل معاون جي ڦيري سان، انهن ٽنهي زمانن جا ٻيا صيغا، يعني ضميرن، جنسن ۽ عددن جي ڦيرگهير جي خبر انهن فعلن جي ڦيري مان پوندي.

فصل ڏيون

زمانن جا گردان يا ڦيرا

(١) فعل معاون جو گردان ـ مصدر هئڻ

زمان حال (مذڪر ۽ مؤنث)

	واحد	جمع
ضمير متڪلم	آءٌ آهيان	اسين آهيون
ضمير حاضر	تُون آهين	توهين آهيو
ضمير غائب	هُو آهي	هُو آهن

زمان ماضي مطلق

مذڪر

متڪلم	آءٌ هوس	اسين هئاسين
حاضر	تون هئين	توهين هئو
غائب	هُو هو	هُو هئا

مونث

متڪلم	آءٌ هيس	اسين هيونسين
حاضر	تون هئينءَ	توهين هيون
غائب	هوءَ هئي	هُو هيون

زمان مستقبل

مذڪر

متڪلم	آءٌ هوندس	اسين هونداسين
حاضر	تون هُوندين	توهين هوندؤ
غائب	هُو هُوندو	هُو هوندا

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ هوندي‌س	اسين هونديونسين
حاضر	تون هوندينءَ	توهين هونديون
غائب	هوءَ هوندي	هُو هونديون

زمان مضارع
مذڪر ۽ مونث لاءِ

متڪلم	آءٌ آهيان يا هجان	اسين هئون يا هجون
حاضر	تون هوئين يا هجين	توهين هوئو يا هجو
غائب	هو هوءِ يا هجي	هو هوئن يا هجن

(٢) فعل متعدي جو گردان – مصدر لکڻ
زمان مضارع
مذڪر ۽ مونث لاءِ

متڪلم	آءٌ لکان	اسين لکون
حاضر	تون لکين	توهين لکو
غائب	هو لکي	هو لکن

زمان حال
مذڪر

متڪلم	آءٌ لکان ٿو	اسين لکون ٿا
حاضر	تون لکين ٿو	توهين لکو ٿا
غائب	هو لکي ٿو	هو لکن ٿا

مونث

متڪلم	آءٌ لکان ٿي	اسين لکون ٿيون
حاضر	تون لکين ٿي	توهين لکو ٿيون
غائب	هوءَ لکي ٿي	هو لکن ٿيون

زمان حال استمراريءَ ۾، "ٿو" جي بدران "پيو" ۽ "پيا" ۽ "ٿي" جي بدران "پئي" ۽ "پيون" وجهو.

زمان ماضي شرطيه ۾، مذڪر ۽ مونث لاءِ مضارع جي پٺيان "ها" وجهو.

زمان مستقبل

مذڪر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لڪندس	اسين لڪنداسين
حاضر	تون لڪندين	توهين لڪندؤ
غائب	هو لڪندو	هو لڪندا

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لڪنديس	اسين لڪنديونسين
حاضر	تون لڪندينءَ	توهين لڪنديون
غائب	هوءَ لڪندي	هو لڪنديون

مستقبل استمراريءَ لاءِ مذڪر واسطي "پيو" ۽ "پيا" وجهو ۽ مونث واسطي "پئي" ۽ "پيون".

زمان حال مدامي

مذڪر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لڪندو آهيان	اسين لڪندا آهيون
حاضر	تون لڪندو آهين	توهين لڪندا آهيو
غائب	هو لڪندو آهي	هو لڪندا آهن

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لڪندي آهيان	اسين لڪنديون آهيون
حاضر	تون لڪندي آهين	توهين لڪنديون آهيو
غائب	هوءَ لڪندي آهي	هو لڪنديون آهن

زمان ماضي مدامي

مذڪر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لکندو هوس	اسين لکندا هئاسين
حاضر	تون لکندو هوئين	توهين لکندا هِئَوَ
غائب	هو لکندو هو	هو لکندا هئا

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لکندي هُيَس	اسين لکنديون هيونسين
حاضر	تون لکندي هئينءَ	توهين لکنديون هيون
غائب	هوءَ لکندي هئي	هَوَ لکنديون هيون

زمان حال متشڪي

مذڪر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لکندو هوندس	اسين لکندا هونداسين
حاضر	تون لکندو هوندين	توهين لکندا هوندؤ
غائب	هو لکندو هوندو	هو لکندا هوندا

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ لکندي هونديس	اسين لکنديون هونديونسين
حاضر	تون لکندي هوندينءَ	توهين لکنديون هونديون
غائب	هوءَ لکندي هوندي	هو لکنديون هونديون

(٣) فعل لازميءَ جو گردان ـ مصدر ٽڪڻ

مذکر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪيُس	اسين ٽڪياسين
حاضر	تون ٽڪئين	توهين ٽڪيؤ
غائب	هو ٽڪيو	هو ٽڪيا

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪيس	اسين ٽڪيونسون
حاضر	تون ٽڪئينءَ	توهين ٽڪيون
غائب	هوءَ ٽڪي	هُو ٽڪيون

زمان ماضي قريب

مذکر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪيو آهيان	اسين ٽڪيا آهيون
حاضر	تون ٽڪيو آهين	توهين ٽڪيا آهيو
غائب	هو ٽڪيو آهي	هو ٽڪيا آهن

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪي آهيان	اسين ٽڪيون آهيون
حاضر	تون ٽڪي آهين	اوهين ٽڪيون آهيو
غائب	هوءَ ٽڪي آهي	هُو ٽڪيون آهن

زمان ماضي بعيد

مذکر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪيو هوس	اسين ٽڪيا هئاسين
حاضر	تون ٽڪيو هوئين	توهين ٽڪيا هئو
غائب	هو ٽڪيو هو	هو ٽڪيا هئا

مونث

	جمع	واحد
متڪلم	آءٌ ٽڪي هيس	اسين ٽڪيون هيونسين
حاضر	تون ٽڪي هوئينءَ	توهين ٽڪيون هيون
غائب	هو ٽڪي هئي	هو ٽڪيون هيون

زمان ماضي متشڪي

مذڪر

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪيو هوندس	اسين ٽڪيا هونداسين
حاضر	تون ٽڪيو هوندين	توهين ٽڪيا هوندؤ
غائب	هو ٽڪيو هوندو	هو ٽڪيا هوندا

مونث

	واحد	جمع
متڪلم	آءٌ ٽڪي هونديس	اسين ٽڪيون هونديونسين
حاضر	تون ٽڪي هوندينءَ	توهين ٽڪيون هونديون
غائب	هوءَ ٽڪي هوندي	هو ٽڪيون هونديون

فعل متعديءَ ۾ ماضيءَ جي سڀني زمانن ۾ واحد توڙي جمع ۾ صورت ساڳي آهي، جيئن مون لکيو، اسان لکيو، تو لکيو آهي، توهان لکيو آهي، هن لکيو هوندو ۽ هنن لکيو هوندو.

اشارو- حقيقت ڪري عربيءَ ۾ صَرفُ چوندا آهن. اسم يا فعل جي گردانن يا ڦيرن کي، يعني سڀني صورتن يا حالتن، يا صيغن ۾ آڻي ڏيکارڻ. پوءِ هرهڪ صورت جي هڪ نموني يا مثال ڏئي وڃڻ کي صَرفُ صغير يعني ننڍو صرف يا ڦيرو چوندا آهن، ۽ هرهڪ زمان يا صورت کي جنسن، عددن ۽ ضميرن ۾ مفصل طرح آڻڻ کي صَرف ڪبير يعني وڏو صَرف يا ڦيرو چوندا آهن. هن فصل ۾ مٿي جيڪي ڦيرا ڏنا ويا آهن، تن کي صرف ڪبير ٿو چئجي. صَرف صغير جو مثال هي آهي: پڙهڻ مصدر مان، آمر پڙهه، مضارع پڙهان، حال پڙهان ٿو، حال مدامي پڙهندو آهيان، حال متشڪي پڙهندو هوس، مستقبل يا اسم حاليه پڙهندو، اسم فاعل پڙهندڙ،

اسم مفعول يا ماضي مطلق پڙهيو، ماضي قريب پڙهيو آهيان، ماضي بعيد پڙهيو هوس، ماضي استمراري پڙهيس ٿي، ماضي متشڪي پڙهيو هوندس ۽ ماضي معطوفي پڙهي.

فعل متعدي بالواسطه ۽ فعل مجهول جا گردان به مٿينءَ طرح ٿيندا.

فصل چوٿون

فعلن جا ڪي ٻيا خاص قسم

مٿي چيو ويو آهي ته فعل متعدي معروف به ٿيندو آهي ۽ مجهول به، جيئن ته مارڻ ۽ مارجڻ. جنهن ۾ "جڻ" مجهول جي نشاني آهي. پر ڪن حالتن ۾ فعل لازمي به مجهول جهڙي صورت وٺي ٿو، جنهنڪري انهيءَ جو ڪو خاص فاعل ڪونهي. عام طرح ڪوبه فاعل ٿي سگهي ٿو، جيئن ته سياري ۾ ڏڪجي ٿو، ڊوڙڻ سان ٿڪجي ٿو، يعني ماڻهو ڏڪي ٿو، ماڻهو ٿڪجي ٿو. اهڙن فعلن کي بي فاعل فعل چون ٿا. سنسڪرت ۾ انهن جو نالو "اڪرترڪ" آهي. اهڙن فعلن جا اڪثر ماضي وارا يا اسم مفعول مان جڙيل زمان ڪين ٿا ٿين، ٻيا ٿين ٿا. حال جو مثال مٿي آيل آهي ۽ مستقبل جو هيءُ آهي: ڊوڙبو ته ٿڪبو نه، ڪرندو، هوڏي ڪڏهن هلبو. مضارع جو: اهڙو ڪم ڇو ڪجي، جو پشيمان ٿجي. حال استمراري: پيو ڊوڙبو، پيو ڊوڙجي. حال مدامي: ڊوڙبو آهي. حال متشڪي: ڊوڙبو هوندو. ماضي شرطيه: ڊوڙجي ها.

عربي صرف نحو موجب فعل مثبت به آهن ۽ منفي به آهن، يعني هڪڙا اثبات ٿا ڏيکارين يا اهنڪار ٿا ڪن، ۽ ٻيا نفي ٿا ڏيکارين يا انڪار ٿا ڪن. يعني جن ۾ "نه" ڪم نه ٿو اچي، جيئن ته هُو وڃي ٿو، هُو نٿو وڃي. جيئن امر يا حڪم جي منع يا "نه" ڪرڻ جي حڪم کي نهي چوندا آهن، جيئن نه ڪر، مَ ڪر. پر مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته اهي نهڪار جا لفظ ظرف وانگي شمار ڪجن ٿا.

وري فعل مفرد به ٿين ٿا ۽ مرڪب به، يعني ڇڙها ۽ گڏيل. گڏيل يا مرڪب فعل ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا ٻن فعلن مان، جيئن ته هلندو رهيو، ويو هليو، لڪي لڳو، ڪري سگهيو، وڃي پيو، لوڙهي ڇڏيائين، مري ويو. ٻيا اسمن ۽ فعل مان ٿا جڙن، ۽ فعل متعديءَ جي حالت ۾ اڪثر آهي اسم انهن جا مفعول آهن، جيئن ته نيپ ڏيڻ = نپڻ، جهٽ هڻڻ = جهٽڻ، دل لائڻ، دل هڻڻ، نظر ڪرڻ، زور آزمائڻ. ڪي اهڙا فعل رکيو ڪنهن ٻئي اسم جي پٺيان مصدر جي نشاني وجهي فعل بنبا آهن، پوءِ آهي اسم نج سنڌي هجن يا فارسي، جيئن ته ڏک مان ڏکوئڻ ۽ ڏکوئجڻ، ايذاءَ مان ايذائڻ ۽ ايذائجڻ، ٺهور مان ٺهورڻ ۽ ٺهورجڻ ۽ ٺهورائڻ. رنج مان رنجائڻ.

فصل پنجون

فعلن جون ڪي خاص صورتون

صُدور يا طرز: عربي صرف نحو موجب فعلن جون ڪي خاص صورتون يا حالتون آهن، جن کي صُدور يا طرز چوندا آهن ۽ انهن مان فعلن جي حالت جملن ۾ ظاهر ٿئي ٿي. انگريزيءَ ۾ به اهڙيون صورتون ڪم اينديون آهن، جن کي ”مُوڊ“ چوندا آهن. آهي صُدور يا صورتون پنج آهن- (١) صورت بياني، جا فعل جي رواجي صورت آهي ۽ ڪنهن ڳالهه جو بيان آهي، جيئن ته هُن ڪتاب لکيو، هو آيو. (٢) صورت مصدري، جنهن ۾ فعل مصدر جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن ته سچ ڳالهائڻ چڱي عادت آهي. (٣) صورت آمري، جنهن ۾ ڪي ڪرڻ لاءِ چئجي يا حڪم ڏجي، يا منت ڪجي، جيئن ته پڙهُ علم پڙهه. (٤) صورت اختياري يا امڪاني، جنهن ۾ ڪم ڪندڙ کو ڪم ڪري سگهي يا آنهيءَ جي ڪرڻ جو هن کي اختيار هجي، جيئن ته هو هي ڪم ڪري ٿو سگهي. (٥) صورت شرطي، جنهن ۾ ڪو شرط هجي يا ڪو ڪم ڪنهن شرط تي منحصر هجي، جيئن ته جي هيئن ٿيو ته پوءِ اهو ڪم ٿيندو.

پر هنن صورتن جو واسطو جملن سان ٿو رهي، تنهنڪري انهن جو بيان نحو ۾ ايندو. صرف ۾ هنن جو ذڪر اڳيئي اچي ويو آهي، جيئن ته مصدر ۽ آمر، ۽ ماضي شرطيه ۽ ماضي امڪاني بابت جيڪي چيل آهي سو پڙهي ڏسجي.

نسبتون يا پريوگ: مٿي چيو ويو آهي ته جملن ۾ سڀڪنهن فعل جو فاعل هوندو، ۽ جي فعل متعدي هوندو ته مفعول به هوندس، هاڻي فاعل ۽ مفعول جي هڪٻئي سان يا انهن جي فعل سان جملي ۾ جيڪا نسبت ٿي رهي، تنهن کي مناسب ٿا چون. اهي نسبتون گهڻن قسمن جون ٿيون ٿين، پر جڏهن ته اهي جملن سان واسطو ٿيون رکن، تڏهن عربي صرف نحو ۾ داخل آهن. پر جڏهن رواج موجب آهي صرف ۾ به پڙهائيندا آهن، تڏهن هتي انهن جو ٿورو بيان ڏجي ٿو. انهيءَ مناسبت کي سنسڪرت ۾ ”پريوگ“ چون ٿا. اهڙيون نسبتون يا پريوگ ٽي آهن- (١) جڏهن ڪو فعل، ضمير، جنس ۽ عدد ۾ فاعل موجب ڦرندو آهي، تڏهن انهيءَ کي نسبت فاعلي يا ڪرتري پريوگ چوندا آهن، جيئن ته ڇوڪرُ ڊوڙي ٿو، ڇوڪر ڊوڙن ٿا، ڇوڪري ڊوڙي ٿي، ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون، آءٌ ڊوڙان ٿو، اسين ڊوڙون ٿا هُو مارجي ٿو، هُو مارجن ٿا، هُوءَ مارجي ٿي وغيره. اهو پريوگ فقط فعل لازمي ۽ فعل متعدي مجهول سان لاڳو ٿو ٿئي. (٢) جڏهن ڪو فعل ضمير، جنس ۽ عدد ۾ مفعول موجب ڦرندو آهي، تڏهن انهيءَ کي نسبت مفعولي يا ڪرمڻي

پريوگ ٿيندا آهن. اهو پريوگ خاص فعل متعدي معروف سان لڳندو آهي، نه لازمي ۽ مجهول سان ۽ مفعول مان جڙيل زمانن ۾، نه ٻين ۾، جيئن ته ڇوڪر ڪتاب لکيو، ڇوڪريءَ ڪتاب لکيو، ڇوڪر ڪتابڙي لکي، ڇوڪرن ڪتابڙي لکي، ڇوڪر ڪتاب لکيا، ڇوڪرن ڪتابڙيون لکيون. مون ڪتاب لکيو ۽ اوهان ڪتابڙيون لکيون.

پر مفعول کان سواءِ، ٻيءَ طرح جڙيل زمانن ۾، يعني مضارع ۽ اسم حاليه مان جڙيل زمانن ۾ فعل متعدي معروف ۾ فعل فاعل موجب ٿو ڦري نه مفعول موجب جيئن مٿي ڄيو ويو آهي ته ڇوڪرُ ڪتاب لکي ٿو، ڇوڪري ڪتابُ لکي ٿي، ڇوڪرَ ڪتابُ لکندا، ڇوڪريون ڪتابُ لکنديون وغيره- جو ڪرتري پريوگ ٿيو، نه ڪرمڻي. (٣) جڏهن فعل نڪي فاعل موجب ڦري، نڪي مفعول موجب تنهن ڪي نسبت علحدي يا "ڀاوي پريوگ" ٿا چون، ۽ اهو اڪثر فعل متعدي معروف سان مفعول مان جڙيلن زمانن ۾ لاڳو آهي. جڏهن جملي ۾ مفعول جي پٺيان "کي" ظاهر اچي ٿو، جيئن ته شڪاريءَ هرڻ کي ماريو، شڪارين هرڻ کي ماريو، مون هرڻيءَ کي ماريو، اسان هرڻين کي ماريو، مڙس هرڻ کي ماريو، زال هرڻ کي ماريو، ۽ زالن هرڻ کي ماريو.

فصل ڇهون

فعل جي زمانن جو سنسڪرت مان اصل

فعل متعدي بالواسطه ۾ "آئـو" يا آرائو" جو نشان، سنسڪرت ۾ "آءِ" يا "آوي" آهي. آرائو ۾ "ر" سنسڪرت جي "ل" مان بگڙيل آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن سنسڪرت ۾ به وڌائيندا آهن.

فعل مجهول ۾ "جن" جو نشان سنسڪرت جي "ي" مان آهي، جو بدلجي پهرين "اي" ٿيو ۽ پوءِ "اج". سنڌيءَ وانگي ٻين ٻولين ۾ مجهول لاءِ ڪو به نشان ڪونهي. ٻيا فعل وجهي اها معني ڪڍن ٿا، جيئن ته هُو مارجي ويو، هنديءَ ۾ وه مارا گيا. آءٌ مارجان ٿو، مين مارا جاتا هُون.

امر جي پٺيان جو "اج" نشان اچي ٿو، جيئن ته ڪج يا ڪجئين، سو پراڪرت جي "اج" مان آيل آهي. هنديءَ ۾ "ايو" آهي، جيئن ته ڪريو، جائيو يا جائيي. امر جي پڇاڙي، جا پراڪرت ۾ "ا" آهي، سا سنڌيءَ ۾ "اُ" يا "اِ" ٿي ٿئي.

اسم مفعول جو نشان "يو" سنسڪرت جي "تُوا" ۽ "يا" مان آهي، جو پراڪرت ۾ "تُون" يا "اُون" يا پڇاڙيءَ "اِ" مان آهي.

مضارع جو نشان غائب جمع جو "آن" سنسڪرت جي "آتِ" ۽ "آنتِ" مان آهي، ۽ فارسيءَ ۾ "اند" آهي. ۽ متڪلم جو نشان "آن"، سنسڪرت "آمِ" ۽ پراڪرت "آمو" مان آهي، جو فارسيءَ ۾ "اَم" ۽ جمع ۾ "ايم" آهي.

ماضين جو پڇاڙيون يا نشان ٻہ سنسڪرت ۽ پراڪرت تان ورتل آهن، جيئن تہ متڪلم واحد جو نشان "آس"، سنسڪرت جي "آسمِ" ۽ پراڪرت جي "آمهيہ" مان آهي ۽ جمع ۾ سنسڪرت جو "سُماهہ" ۽ پراڪرت "آمهو" بدلائي "سين" ۽ "سُون" ڪيو ويو. ۽ حاضر ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جو "آسِ" نشان سنڌيءَ ۾ "آهہ" يا "ئِي" ڪيو ويو.

مستقبل جو نشان سنڌيءَ ۾ ٻيءَ طرح سان ٺهيو آهي، سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ڪابہ موافقت نٿو رکي.

زمان حال جو نشان "تو"، سنسڪرت "سَنتَ" مان آهي، جنهن جي معني آهي ٻيهي. آءٌ ڏسان ٿو = آءٌ ٻيهي ڏسان ٿو.

فعل مان معاون جو امر "هو" جو هئڻ مان آهي، سو سنسڪرت "ڀُو" مان آهي، جو پراڪرت ۾ "آڇِيِءِ" ۽ فارسيءَ ۾ "بُو" آهي، جنهن جي ٻي صورت "باش" آهي.

باب نائون

حرف جو بيان

حرف سنڌيءَ ۾ ٽن قسمن جا آهن- حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا، هرهڪ جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.

فصل پهريون

حرف جر

مٿي ڇهرئين باب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حرف جر اهو لفظ آهي، جو اسم يا ضمير ضمير سان گڏ اچي ٿو ۽ انهيءَ جو ڪنهن ٻئي اسم يا ضمير سان واسطو يا نسبت ڏيکاري ٿو.

جر لفظ جي معني آهي ڇڪڻ، ۽ اهو لفظ هڪڙي اسم يا ضمير کي ڇڪي ٻئي سان وجهي ٿو لڳائي. سنڌيءَ ۾ اهو اسم يا ضمير جي پٺيان ايندو پر شعر ۾ ڪڏهن اڳي به ايندو آهي، جيئن ته ۾ تي، کي، ڪان، هيٺ ۽ مان. حقيقت ڪري سنڌيءَ ۾ حرف جر گهڻو ڪري اصل ظرف آهن، يعني اسم يا صفتون آهن، جي ظرف وانگي ڪم آيون آهن ۽ انهيءَ ڪري حرف ”جي“ سان ملائي ويندا آهن، جيئن ته منهنجي لاءِ، سواءِ هن جي. گهڻا حرف جر سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ورتل آهن، جيئن ته پَرِ-سنسڪرت پَرِ، تائين-سنسڪرت سٿاني، تي-آتَ، جيئن-يَٿا، ري-لرتي، سارُو-سارَس ۽ پراڪرات ساردو، سان-سَمِ، سڌو يا سٿين-سائيرم، ڪيئن-ڪرڻَ، ڪي-ڪرتي، منجهه يا ۾-مَڌيي، لاڪون-لاڪَ، وَٽِ-وَدِ، ڪري-ڪرتي، وکهي-وِکهنَ.

انهن ڪان سواءِ هي به حرف جر آهن- سندو، توڻي، تان، سان، ڏانهن، ڏَنهون، ڪنا، ڪَر، ونان، ٻنان، ٻڪر، ۽ لاءِ.

جيڪي حرف جر ”جي“ وٺن ٿا سي هي آهن- لاءِ، اٻتڙ، آڏو اڳي، اڳيان، الدر، اندران، اوڏو، اوڏڙو، ڏاران، ڏاري، ٻاهران، ٻاهر، بدر، بدران، پاران، پٺاندر، پٺيان، پَرپٺ، پڇاڙا، پوءِ، چوڌاري، چؤگرد، سامهون، سانگي، عوض، ڪارڻ، لڳ، مٿي، مٿان، منجهارا، وانگر، مهندان، وانگي يا وانگيان، وچ، وکهي، ويجهو، هيٺ، هيٺان، پاسي، جان؟.

کهڻا حرف جر فارسي ۽ عربي زبان مان ورتل آهن، ۽ آهي اسمن جي اڳيان يا پٺيان ڪم ايندا آهن. آهي هي آهن: به، با، بي، سواءِ، واسطي، موجب، مقابل، مثال، عيوض، روبرو، خاطر، سير، بغير، بلڪل، بالفعل، باقاعده، بيقاعده وغيره.

ڪي سنڌي حرف جر "جو" جي بدران "کان" به ولندا آهن، ۽ ڪي "مان" به، جيئن ته مون کان سواءِ، هن کان پوءِ، هٿن کان اڳي، هن کان ڌار. ڪي حرف جر اسمن سان گڏ صفت وانگي جنس ۽ عدد ۾ به ڦرندا آهن، جيئن ته منهنجو ڪتاب، منهنجي ڪتابڙي، منهنجا ڪتاب، مون سندو، مون سندي، مون سندا، سڱوڏو ۽ سامهون، ويجهو، آڏو، اوڏڙو. اهي سڀ اهڙي قسم جا آهن. کهڻا حرف جر ضمير متصل سان گڏ ايندا آهن، جيئن ته سندمِ، سندس، کانئس، کانئن، منجهس، مٿانس، ڪٽس، آتين، کيس، لاڪس وغيره. کان ۽ مان حرف جي بدران ڪڏهن فقط "ان" اسم جي پٺيان آئيندا آهن، جيئن ته گهران، دران، يعني گهر کان، در مان. مثال حرف جر شعرن ۾ هيٺ ضميمي ۾ ڏبا.

ڪڏهن حرف جر لِڪل رهندا آهن، خاص شعر ۾، جيئن ته:

محب منهنجي هنج ڪسي وچ ۾ مگٿا.
چارڻ چنگ ڪلهي ڪري هليو هٿائين.
شاهس تنهن ستار جنهن ڪولي ڏنم ڪپڙا.
هڪ سير ڏني سهسين سر بچن.

فصل ٻيو

حرف جملو

مٿي ٻهرئين باب ۾ حرف جملي لاءِ چيو ويو آهي ته اهو هڪڙو لفظ آهي، جو ٻين ٻن لفظن يا جملن، يا انهن جي ڀاڱن کي ڳنڍي ٿو، يا ڌار ڪري ٿو. حقيقت ڪري جملي لفظ جي معني آهي ڳنڍڻ يا گڏڻ، تنهنڪري ڌار ڪرڻ وارا لفظ جملي جا حرف سڏڻ نه گهرجن. انهن کي فارسي ۽ عربيءَ ۾ "حرف استثنا" چون ٿا. پر جڏهن سنڌيءَ ۾ سواءِ هنن ٻن جي ٻيا حرف ڪينهن، تڏهن لاچار انهي کي اهو نالو ٿو ڏجي، يا ڪڏهن حرف جر به چئي ٿو سگهجي. پر ڪنهن به طرح انهن ٻنهي قسمن جا لفظ ٻن لفظن يا جملن جو واسطو ڏيکارين ٿا. ڌار ڪرڻ وارا لفظ هي آهن: يا، مگر، پر ۽ ڳنڍڻ وارا آهن: ۽، تہ، ٻئي، ٻہ، تہ ٻہ، تڏهن بہ، جيتوڻي، جي، توڻي يا توڙي، نہ تہ، انڌلندو، انڌلو، هٿان، چالاءِ تہ، هن ڪري جو،

سو، ڪو تہ، جيلانهن، متان، مچ يا مچن، جيڪر، جيڪس، جيڪڏهن، ڪي (جيئن تہ ڇاڪي يعني ڇا لاءِ). ڪي فارسي يا عربي حرف جملا بہ ڪم ايندا آهن، جيئن تہ: مگر، بغير، ليڪن، بلڪ، الاّ، اگرچہ، چہ، ڪنجا، تا، حتيٰ. فارسي ۽ عربيءَ ۾ گهڻا لفظ آهن، جن جا نالا جدا جدا آهن، پر سنڌيءَ ۾ آهي سڀ حرف جملا شمار آهن، جيئن هيٺ معلوم ٿيندو:

حرف جملي جا مثال شعرن ۾ هيٺ ضميمي ۾ ڏبا.

فصل ٽيون

حرف ندا

حرف ندا جي وصف مٿي هيءَ ڏنل آهي: آهو لفظ، جو الڳ اچي ٿو ۽ عجب يا افسوس، يا ڏک يا خوشي، يا ڪا بي دل جي حالت ڏيکاري ٿو، يا سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. ندا لفظ جي معني عربيءَ ۾ سڏ آهي، تنهنڪري فقط سڏ ڪرڻ وارا لفظ سچا پچا حرف ندا آهن، جيئن تہ: اي، اڙي، او، ۽ عربي ۽ فارسيءَ ۾ آي، يا آيا. پيا جيڪي سنڌي لفظ حرف ندا هيٺ اچن ٿا، تن لاءِ عربي ۽ فارسيءَ ۾ جدا نالا آهن، آهي هي آهن: هاءِ هيءَ، هئي هئي، شال يا ٿل، مار، واه، ڀلي، ڪهوڙا، هائو، ها، آنهن نہ، ڀلا، جيءَ، سَرُ، ورُ، ٻوڏ، ڦوٽ، ڇيت، عَشِق يا عاشق، شابس يا شاباس، الو الو، مانَ يا مَنُ، الهم توهار، ڦِٽِ، ٿُو، ڇِيِ، هَيٺِ، آها، پِرپِر، ووءِ، هوءِ، نجاڻا، انهيءَ جي تہ، ڀل يا ڀلي.

گهڻا حرف ندا عربي، فارسي آهن، جيئن تہ: هاءِ، واءِ يا آي، آيا، هيهات، حيف، بلي، خير، والله اعلم، شاباس، انشاءالله، بسم الله، الحمدلله، سبحان الله، عجب، خبردار، واويلا، ويل. حرف ندا لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسم جي پڇاڙي الف بہ آڻيندا آهن، جيئن فارسيءَ ۾ آهي. مثلاً: خدايا، ڪنجا، وچيجا.

حرف ندا جا مثال شعرن ۾ هيٺ ضميمي ۾ ڏبا.

فصل چوٿون

حرفن بابت وڌيڪ احوال

جيئن مٿي اشارو ڏنو ويو، تيئن سنڌيءَ ۾ فقط مٿيان ٽي حرف آهن: حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا ۽ انهن مان بہ گهڻا ظرف يا صفت يا اسم وانگي ڪم ايندا آهن ۽ حقيقت ڪري هو آهن بہ آهي، جي حرف وانگي شمار ڪجن ٿا. پر انهن

مان گهڻا آهن، جن لاءِ عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ٻيا نالا ڏنل آهن، جي انهن جي ڏيکاريل معنيٰ موجب آهن. هنن جو ذڪر علم نحو سان تعلق ٿو رکي ۽ آتي ڪيو ويندو. هتي فقط مثال لاءِ ڪي ڏجن ٿا. جيئن مٿي چيو ويو ته سواءِ، ڌارا، مگر وغيره، جي حرف جر آهن، تن کي عربيءَ ۾ ”حرف استثنا“ ٿا چون. هاءِ، واءِ وغيره کي ”حرف افسوس“ ٿا چون، واه، شاباس وغيره کي ”حرف تعجب يا حرف تحسين“، جي، جيڪڏهن، اگر وغيره کي ”حرف شرط“، جو، سندو کي ”حرف اضافت“، ۽ کي ”حرف عطف“، ته ”حرف علت“، ڇا، ڇو، کي ”حرف استفهام“، نه، مَ کي ”حرف انڪاري يا حرف نفي“، جيئن، وانگي، مثل وغيره کي ”حرف تشبيهه“، شال يا شل، مر، ڀلي کي ”حرف تمنا“ ڇاڪاڻ ته، سو، ڪونه وغيره کي ”حرف تعطيل“ ۽ خبردار، چيت وغيره کي ”حرف تنبيه“.

اهڙيءَ طرح ڪيترائي ٻيا لفظ آهن، جي دل جي جدا جدا حالت يا جدا جدا معنيٰ ٿا ڏيکارين، جن جا جدا جدا نالا آهن، ۽ جن جو ذڪر نحو ۾ ايندو.

باب ڏهون

گرامر يا صرف نحو بابت ڪي ٻيون متفرقه ڳالهيون

فصل پهريون

ٻيهڪ جون نشانيون

سنڌيءَ ۾ اڳي ٻيهڪ جون نشانيون اصل ڪين هونديون هيون، پر عربيءَ جي نموني تي فقط جملي جي پوري ٿيڻ تي ○ يا + جي نشاني ڪم آڻيندا هئا. ٿورن ڏينهن کان انگريزي گرامر ۽ لکيل ٻوليءَ جي نموني تي ڪي نشان ٺهرايا اٿن.

عربيءَ ۾، خصوصاً قرآن ۾ اهڙا گهڻا نشان ڪم اچن ٿا، جن کي 'علامات القرآن' چون ٿا. انهن مان مکيه هي آهن — ○ يا هم، جا جملي يا آيت جي پوري ٿيڻ تي اچي ٿي ۽ انهيءَ کي 'وقف' سڏين ٿا. انهيءَ جا ٻه قسم آهن: ٿوري ٻيهڪ لاءِ ط ڪم آڻيندا آهن، ۽ جتي ٻيهڻ اختياري آهي اتي ج ڪم ۾ آڻيندا آهن، يعني ٻيهڻ جائز آهي. لا نشاني تڏهن ڪم آڻيندا آهن، جڏهن انهيءَ هنڌ اصل نه ٻيهجي، متان معنيٰ غلط يا گناهه جهڙي ٿئي، جو عربيءَ ۾ لا لفظ جي معنيٰ آهي نه. ڪٿي صه نشان ڏيندا آهن ته ڳنڍي پڙهجي، جا نشاني وصل سان لڳل آهي. انهيءَ طرح گهڻائي ٻيا نشان آهن.

سنڌيءَ ۾ جي هاڻي انگريزي نموني تي نشان ٺهرايا ويا آهن سي هي آهن:
(.) هيءَ نشاني جملي جي پوري ٿيڻ تي ڏيندا آهن، جيئن انگريزيءَ ۾ به آهي، ۽ انهيءَ کي 'پورو دم' چوندا آهن، جتي جملي جي وچ ۾ ٿورو ٻيهڻو پوندو آهي، ته متان گڏي پڙهڻ سان معنيٰ ۾ مونجهارو ٿئي يا غلط عبارت پڙهجي وڃي، اتي (،) هيءَ نشاني ڏيندا آهن، جا شڪل ۾ انگريزي نشان جي اُبتڙ آهي، جا (,) هيئن آهي ۽ اهو انهيءَ لاءِ ڪيو ويو ته متان اهو نشان واو اکر شمار ۾ اچي. انهيءَ کي 'ٿورو دم'، يا ساهي چوندا آهن. جڏهن گڏيل جملن ۾، ننڍا جملا هوندا آهن يا انهن جا ڌار معنيٰ وارا ڀاڱا هوندا آهن، تڏهن انهن لاءِ هي نشان (؛) ڪم آڻيندا آهن، جو انگريزي نشان (;) تان ورتل آهي، انهيءَ کي 'اڌ دم' سڏيندا آهن. جڏهن جملي پوري ٿيڻ تي ڪي وڌيڪ چوڻو هوندو آهي يا زياده

بيان يا چٽائي لاءِ ڪي مثال ڏيڻا ٿيندا آهن، تڏهن هي نشان ڏيندا آهن (:) يا (:-) يا (-) جو پڻ انگريزيءَ موافق آهي. انهي ڪي فقط (ڊَمُ) سڏين ٿا جيئن پوري دم ۽ اڌ دم کان فرق معلوم ٿئي. سوال جي نشاني جا جملي جي پڇاڙي ۾ ايندي آهي، سا هي آهي (؟) جا شڪل ۾ انگريزي نشان (?) جي ابتڙ آهي. عجب يا سڏ واري جملي جي پڄاڻان، يعني جنهن ۾ ڪو حرف ندا ڪم آيل هوندو آهي، انهي لاءِ (!) هي نشان ڪم آڻيندا آهن، جو پڻ انگريزيءَ موجب آهي. زياده تعجب ڏيکارڻ لاءِ اهڙا ٻه يا زياده نشان ٻه ڏيندا آهن، جيئن ته (!!!) جيڪي وات جا لفظ جنسي ڏيڻا ٿيندا آهن، تن جي پهرئين لفظ جي مٿان مٿين ۾ هي نشاني (”) ڏيندا آهن، ۽ پڇاڙيءَ ۾ پوئين لفظ جي پڄاڻان (“) هي نشاني ڏيندا آهن، اهي ٻه انگريزي نموني موجب آهن انهن کي ”واڪ جا نشان“ چوندا آهن. ڪڏهن وري جملي جي وچ ۾ ڪو ڏار نڪر، ڪا معني يا ٻي ڳالهه پوئين لفظ بابت ڌار ٻڌائي هوندي آهي ته اها ٻن ڏنگين ليڪن ۾ ڏيندا آهن، هن طرح ( ).

معلوم هجي ته هي نشان لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ نهايت ضروري آهن، انهن جي نه هئڻ ڪري پوري معني سمجهه ۾ نه ايندي، بلڪ غلط معني به نڪري سگهي ٿي، خصوصاً ”پوري دم“ ۽ ”اڌ دم“ ۽ ”ٿوري دم“ جي تمام گهڻي سنڀال ڪرڻ گهرجي، ۽ ضروري لکڻ گهرجن. شعر ۾ ته انهن نشانن جو هئڻ بلڪل ضروري آهي، پر نثر ۾ به ضروري آهن. انهي بابت هي ٿوريون فهمائشيون وڌيڪ ڏجن ٿيون: (١) جملي ۾ جڏهن گهڻا لفظ ساڳئي قسم جا گڏ اچن، تڏهن هڪ هڪ پٺيان ٿوري دم جو نشان ڏجي، جيئن ته ڪُتو، ٻلو ۽ ٻيا چوپيرا جانور. بابر، همايون، اڪبر ۽ ٻيا مُغل بادشاهه. همايون، اڪبر جو پيءُ، ڏاڪڻ تان ڪرڻ ڪري مري ويو. (٢) جتي موصول ۽ جواب موصول ڪم اچن ٿا اتي به ٿورو دم ضروري آهي، جيئن ته ڪتاب، جو مون توکي ڏنو هو، سو تو وڃائي ڇڏيو. (٣) جتي وڏي جملي ۾ ننڍا جملا يا ڀاڱا هجن، يا ساڳئي فاعل جا گهڻا فعل هجن يا ماضي معطوفي ڪم آيل هجي، اتي به ٿورو دم ڏيڻ گهرجي، جيئن ته آءٌ هن جي ملاقات ڪري، بازار مان گهربل شيون وٺي، گهر پهچائي، پوءِ سٽيشن تي ويس. (٤) موصول ۽ جواب موصول وانگي جي ٻيا لفظ ڪم اچن ٿا، جيئن ته جڏهن تڏهن، جيڪڏهن، ته، جيستائين، تيستائين، ڇاڪاڻ، تنهنڪري وغيره، يا جڏهن، سواءِ يا اهڙو ڪو حرف جر اچي جو ڪي لفظ ڳنڍي نه پر ڌار ڪري، ته آهو به ٿوري بيهڪ يا دم جو نشان ڏيڻي پوءِ لکجي، جيئن ته جڏهن هو آيو، تڏهن آءٌ ويٺس. سڀ ماڻهو مون وٽ آيا، سواءِ هن جي. (٥) جڏهن ڪو حرف ندا جملي ۾ ڪم اچي ته اتي به انهي جي پٺيان ٿورو دم ڏجي، جيئن ته افسوس، هي ڪهڙو نه واقعو ٿي پيو. (٦) تمام وڏن جملن ۾ ننڍا جملا، جي ڌار بيهي سگهن، پر سڀ

پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن، اتي ٿوري دم جي بدران اڌ دم جو نشان ڏجي، جيئن ته فلاڻو ماڻهو چالاڪ آهي، پر حد کان وڌيڪ سخي آهي، ٻر حد کان گهٽ.

فصل ٽيون

مرڪب لفظ

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن، جي ٻن يا وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪي ساڳيا ٻه ٻيرا ٿا اچن، ڪي هڪجهڙا ۽ موافق آهن ۽ ڪي مخالف آهن، ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافيي يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪا معني ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن، ڪن ۾ جدا جدا فعل جا موافق يا مخالف زمان ڪم آيل آهن، ڪي اسم ۽ فعل گڏ، ڪي اسم ۽ صفت گڏ، ڪي عربي ۽ فارسي ۽ سنڌي گڏ، اهڙن لفظن بابت مٿي ٻه اشارو ڏنل آهي (ڏسو باب پنجون- فصل ٽيون). ۽ انهن جو گهڻو واسطو علم نحو سان آهي، اتي انهن جو ذڪر ڪبو، هتي فقط ڪي مثال ڏجن ٿا:

(١) ناچگو، نيردٽي، نيپٽو، ليڏٽڪو، بي لڄو، ڪنهاڪ، ڪمينو، آوتڙ، سڦلو، سپوجهو، اڀوجهو، آمٿلهو، کهٽکهٽرو، پاڻ پترو، منڪا ميلو، پرلوڪ، پرمارٿ، پنجسالو، رت ورنو، ٿور ويرمو، پرمتڙيو، لاثاني، بلاشڪ ۽ بلاناغي.

(٢) پاپل، دم دم، دمبدم، سراسر يا سربسر، ويرا وير، ماراماري، مٿي ماٿي، سينڌ مٿرمو، چگو ڀلو، ستٽ ستٽ، کهٽ وڌ، جهڙي ڦڙي، ليکو چوکو، ڏي وٺ، ڪينو چينو، جٽٽ ڦٽ، اچ وڃ، خريد فروخت، آمدرفت، ڏيتي ليتي، چيڙچاڙ، ڦيرڦار، ڪپڙو لٽو، نوڪر چاڪر، جن ڀوت، هاچل، شڪ شبهو، ڏوڙ ڇائي، ڦترمار، ظاهر ظهور، ڪيل لٽولي، عهد قرار، نيست نابود، امن امان، رسم راهه، خوف خطرو، خواري خرابي، پارڇا، شڪل شباهت، واس ڏوپ، هٺل بکيڙو، دڙڪو داب، تازو توانو، ذرو پرزو، گوڙ گڙٻڙ، عجيب غريب، خير سلامتي، صحيح سلامت، خوش خورم، ڪم ڪار، مال متاع، ڏک سور، صلاح مصلحت، نالو ناموس، چرچو گهٻو، ڦرلٽ.

(٣) ٻڪ شڪ، پٽسو پنجڙ، چلم ڏلم، چوکر ٻاکر، کهتر تڙ، فلاڻو ٽيرو، سچ مچ، ٻاچي ٻتي، ترڙي ترڪاري، لڇ لاٻڙ، چور چڪار، ٻن ٻونو، ڪڪ ٻڪ، ڪٽولو ٻٽولو، ڏنو مٽو، دوا درمل، تيوڻ ترو، اوکهه سوکهه، غير ڏير، ڏڙ ڏبڙ، نٽي نيمٽي، ٽنٽون ٽوڻ، جهڙي ڦڙي، طعنو تنڪو، ماڻهو چيٽو،

سنڌو سيڙهو، چيٽي چهاڻي، خطُ پٽُ، ڀاڙو ڀنبو، گاهه ڀٽو، وهڪ وانو، تماڪ تڙو، ڳالهه ٻولهه، لنگهو لورو، ڏڦڙ ڏس، گڙ ٻڙ، دلاسو دڙو، شيءِ شڪل، ڪارگند.

ڪي فعل به بي معني ڪم ايندا آهن، جيئن ته ڏس وائس، ڇڙڻ ڦڙڻ، ڦيرڻ گهيرڻ، پڙهڻ ڪڙهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ.

فصل ٽيون

اصطلاحي فعلن جون مصدرون

ڪي اصطلاحي مصدرون هيٺ ڏجن ٿيون، جن جي معني خاص مقرر آهي. اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيشمار آهن:

(١) اک جو اٿڻ، اک جو نه ڇنڊڻ، اک پچڻ، اک يا نظر هڻڻ، اک وجهڻ، اک جو ڦرڻ، اک ڦرڙائڻ، اک ڏيکارڻ، اک ڪيڻ، اکڇنپ ۾ ڪي ڪرڻ، اک پائڻ، اک ڪولڻ، اک لڳڻ، اک کٽڻ، اک ميري ٿيڻ، اک ۾ رکڻ، اک وچڙائڻ، اک هيٺ ڪرڻ، اک ٻوٽڻ، اک جاءِ ڪرڻ، اک جو ڏئو هڻڻ، اک جو رتُ ڇڏڻ، اک ڦاڙڻ، اک ذرا ڏيڻ.

(٢) پير جهلڻ، پير ڏيڻ، پير جمڻ، پير وجهڻ يا پائڻ، پير تي ڪهاڙو هڻڻ، پير تي پٿورو رهڻ، پير تيرڪڻ، پير ٽپڻ، پير پيٽڻ، پير ڊگهيرڻ، پير کٽڻ، پير ڪٽڻ، پير موڙڻ، پير سان لاهي مٿنهن ۾ هڻڻ، پير ڪيڻ، پير سدوا ٿيڻ، پير رکڻ جي جاءِ نه لهڻ.

(٣) مٿنهن ٻوڻ، مٿنهن تي ٻوڻ، مٿنهن تڪڻ، مٿنهن پچڻ، مٿنهن پيت سان لڳڻ، مٿنهن اونداهي هڻڻ، مٿنهن پنهنجي ۾ موچڙو ٻه پنهنجو هڻڻ، مٿنهن تي چڙهڻ، مٿنهن ڏسڻ، مٿنهن ڏي نهارڻ، مٿنهن ڏيکارڻ، مٿنهن ڏيڻ، مٿنهن ڪرڻ، مٿنهن ڪوڙو ڪرڻ، مٿنهن ڪنڊرو ڪرڻ، مٿنهن اڇو ڪرڻ، مٿنهن تي هٿ گهمائڻ، مٿنهن تي لينگهو ڪيڻ، مٿنهن ڪارو ڪرڻ، مٿنهن ڪٽي وڃڻ، مٿنهن لڪڻ، مٿنهن مٺي ڪرڻ، مٿنهن جو لهڻ، مٿنهن جو ٻنو ڇڏي وڃڻ، مٿنهن مٿو پٽڻ، مٿنهن مٽڻ، مٿنهن موڙڻ، مٿنهان ٻوڻ، مٿنهن ۾ هڻڻ.

انهيءَ طرح بيشمار اصطلاحي مصدرون آهن، جن جي خاص معني آهي ۽ ٻولي چڱي طرح ڄاڻڻ کان سواءِ انهن جو سمجهڻ به نهايت مشڪل آهي.

فصل چوٿون

ترڪيب

جملي ۾ جيڪي لفظ اچن ٿا تن سان هر هڪ ڪهڙي قسم جو آهي ۽ انهيءَ جو ناتو ڇا آهي؟ ۽ انهيءَ سان جيڪي ڳالهيون لاڳو اهن، تن جي صورت ڏيکارڻ ۽ جملي ۾ جنهن ڀڃي لفظ سان انهيءَ جو واسطو آهي سو ڏيکارڻ، انهيءَ کي صرف ۾ ترڪيب چوندا آهن. مثلاً، اسم جي نسبت سندس قسم، سندس جنس، سندس عدد، ۽ سندس حالت ڏيکارڻ. فعل جي نسبت ۾ سندس زمان، سندس فاعل يا مفعول ۽ انهن جو ضمير، جنس ۽ عدد ڏيکارڻ. ۽ حرف جي نسبت انهيءَ جو قسم ۽ ڇا سان لاڳو ٿو ٿئي، يا ڇا ڏو ڏيکاري، سو ڏيکارڻ. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) مون هي ڪپڙو ڀمرمل جي ڇاپ تان ڳڌو.

مون — ضمير متڪلم، جنس مذڪر يا مونث، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل ڳڌو جو.

هي — اسم اشارو ويجهو، لڳي ٿو ڪپڙي سان.

ڪپڙو — اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت مفعولي، مفعول فعل ڳڌو جو.

ڀمرمل — اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت اضافت، ملڪيت ڏيکاري ٿو ڇاپ جي.

جي — حرف جر يا حرف اضافت، لڳي ٿو ڀمرمل سان (يا مضاف اليہ، جنهن جو مضاف آهي ڇاپ).

ڇاپ — اسم عام، جنس مونث، عدد واحد، حالت جري، سببان تان حرف جر جي.

تان — حرف جر، لڳي ٿو ڇاپ سان.

ڳڌو — فعل متعدي، معروف بيقاعدي، پريوڳ ڪرمڻي، زمان ماضي مطلق، جنس مذڪر، عدد واحد ضمير متڪلم، سندس فاعل آهي مون ۽ مفعول آهي ڪپڙو.

(٢) اڄ عيد جو ڏينهن آهي.

اڄ — ظرف زمان.

عيد — اسم عام، جنس مونث، عدد واحد، حالت اضافت، مضاف اليہ، جنهن جو مضاف آهي ڏينهن.

جو — حرف جر يا حرف اضافت لڳي ٿو عيد سان.

ڏينهن — اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل آهي جو.

آهي — فعل لازمي اڻپورو، بيقاعدي، ڪرتري پريوگ، زمان حال، جنس مذڪر، عدد واحد، ضمير غائب، سندس فاعل آهي ڏينهن.

عام اشارو: ياد ڪرڻ گهرجي ته جدا جدا ڳالهائڻ جي لفظن جي ترڪيب ۾ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

اسم- اسم عام يا خاص يا ڪو ٻيو، جنس مذڪر يا مونث، عدد واحد يا جمع، حالت فاعلي يا ٻي فاعل فعل فلاڻي جو، اضافت ۾ مضاف آهي ته سندس مضاف اليه ڪهڙو، جري ۾ سببان ڪنهن حرف جر جي، جو ڏيکارجي.

ضمير جي ترڪيب به اسم وانگي قسم، جنس، عدد، حالت.

صفت- درجو، سندس موصوف ڪهڙو آهي، يا لڳي ٿو فلاڻي اسم سان. (ضميري صفت به هن ۾ آئي).

فعل- فعل جو قسم معروف يا مجهول باقاعدي يا بيقاعدي، پورو يا اڻپورو، پريوگ، زمان، جنس.

عدد، ضمير (فاعل وارا)- سندس فاعل ۽ متعدي جي حالت ۾ مفعول فلاڻو.

ظرف- ظرف جو قسم، ڪهڙي فعل سان ٿو لڳي، يا ظرف تميز لڳي ٿو فلاڻي صفت سان.

حرف- حرف جر لڳي ٿو فلاڻي اسم سان. حرف جملو ڳنڍي ٿو يا ڌار ڪري ٿو فلاڻن اسمن کي. حرف ندا لڳي ٿو فلاڻي اسم سان، يا عجب وغيره ڏيکاري ٿو.

ضميمہ الف

جدا جدا بابن مان سوال ۽ ڪتابي مثال مشقن لاءِ

پهريون ڀاڱو

باب پهريون

گرامر کي عربيءَ ۾ ڇا ٿا چون ۽ سنسڪرت ۾ ڇا؟ گرامر جي وصف ٻڌايو. گرامر جي علم ۽ گرامر جي هنر ۾ فرق ڏيکاريو. ٻوليءَ جي مدعا ڪهڙي آهي؟ گرامر جي حقيقت ڪهڙي آهي ۽ ان جا اصول ڪهڙا آهن؟ گرامر جي تقسيم ڪهڙي آهي؟ ٻوليءَ ۾ لفظ ڪهڙن ڪهڙن قسمن جا ٿا ٿين؟

باب ٻيو

سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ٻڌايو؟ ٻولي ڪهڙن رستن سان وڌي ۽ سڌري تي؟ زباني ۽ ڪتابي علم جو ڪهڙو فرق آهي ۽ هرهڪ تي ڇا جو اثر ٿو ٿئي؟ سنڌي ٻوليءَ جا عناصر يا جُزا ڪهڙا آهن ۽ آهي ڪيئن ۽ ڪڏهن منجهس داخل ٿيا؟ سنڌي ٻوليءَ جو شجرو ٻُڌايو؟ سنڌي ۾ جي ٻيون ٻوليون گڏيل آهن، تن جا ڪي لفظ مثال طور ڏيو. سنڌ ۾ ڪتابي علم ڪڏهن ۽ ڪيئن پيو؟ شعر يا نظم ۽ نثر ڪيئن پيا ۽ اڳي ڪهڙي نموني جا هئا، ۽ پوءِ ڪهڙي نموني جا ٿيا، ٻنهي جو مقابلو ڪريو ۽ مثال ڏيو.

باب ٽيون

سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت سان ڪهڙو واسطو آهي؟ سنسڪرت مان جيڪي ٻيون ٻوليون نڪتل آهن، تن سان سنڌيءَ جو مقابلو ڪريو. سنڌيءَ جي حرف علت ۽ اعرابن جو سنسڪرت ۽ پراڪرت جي اعرابن سان مقابلو ڪريو، ۽ هرهڪ جا ڪي مثال ڏيو؟ صحيح حرفن وارن لفظن جا ڪي مثال ڏيو، جي سنسڪرت مان نڪتل هجن. هه سان گڏيل ۽ ن سان گڏيل آوازن وارن لفظن جا ڪي مثال ڏيو.

جي سنسڪرت ۽ پراڪرت مان نڪتل هجن. سنڌي مرڪب يا ٻين لفظن جا ڪي مثال ڏيو، جي سنسڪرت ۽ پراڪرت مان نڪتل هجن. انهن مان ٻ، ه، ۽ ن سان گڏيل لفظن جا مثال ڏيو.

باب چوٿون

سنڌي حرف تهجي ڪيترا ۽ ڪهڙا آهن؟ عربي الف-بي ۽ سنڌي الف-بي اکرن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ۽ انهن مان ڪهڙا نج سنڌي اکر آهن ۽ ڪهڙا نج فارسي ۽ ڪهڙا عربي. انهن مان نڙيءَ مان نڪرڻ وارا ڪهڙا آهن، تارونءَ وارا ڪهڙا، زبان جي پاسي وارا ڪهڙا، ڏندن وارا ڪهڙا، ۽ چپن وارا ڪهڙا؟ آڙدوءَ جي حرفن ۽ سنڌيءَ جي حرفن جو مقابلو ڪريو، ۽ انهن جو تفاوت ڏيکاريو. سنڌي الف-بي جا جدا جدا اکر سنسڪرت ۽ پراڪرت جي ڪهڙن اکرن سان موافق آهن يا انهن مان نڪتل آهن. عربي، فارسي لفظ، جي سنڌيءَ ۾ آيل آهن، سي ڪهڙي صورت ۾ آيل آهن ۽ انهن جا اکر ڪيئن ڦرن ٿا؟ عربي الف-بي جي اکرن جو عبراني اکرن سان مقابلو ڪريو، انهن اکرن جو انگن ۾ ڪهڙو مُلهه آهي؟ سنڌي اکرن مان ڪهڙا حرف علت آهن ۽ ڪهڙا حرف صحيح؟ اعرابن جو حرف علتن سان ڪهڙو واسطو آهي؟ سنڌي اعرابن ۽ سنسڪرت اعرابن جو پاڻ ۾ ڪيترقدر واسطو آهي؟

باب پنجون

سنڌيءَ ۾ لفظن جون ڪهڙيون ڀاڙيون آهن؟ انهن جو سنسڪرت ۽ پراڪرت وارن لفظن جي ڀاڙين سان مقابلو ڪريو. سنسڪرت ۽ پراڪرت مان نڪتل لفظ ڪهڙن رستن سان ٿا جڙن، هرهڪ جا ڪي مثال ڏيو. حاصل بالمصدر ۽ اسم ذات ڪيئن ٿا ٺهن؟ اسم فاعل ترڪيبي ڇا کي ٿا چون، انهن جا ڪي مثال ڏيو. هڪڙن اسمن مان ٻيا اسم ڪيئن ٿا جڙن، مثال ڏيو. اسمن مان صفتون ڪيئن ٿيون جڙن، انهيءَ جا مثال ڏيو. اسم صغير سنڌيءَ ۾ ڪيئن ٿا جڙن، مثال ڏيو. مرڪب لفظ ڇا کي ٿا چون، ڪي مثال ڏيو، جي انڪاري حرفن گڏڻ سان جڙيا هجن. اهڙا مثال ڏيو، جن ۾ ڪي سنسڪرت نشان ملايل هجن. اهڙا ڪي مثال ڏيو، جي ٻئي اسم يا صفت ملائڻ سان جڙيا هجن. عدد سان گڏيل ڪي مرڪب لفظ ٻڌايو. اهڙا ڪي لفظ ٻڌايو، جي عربي ۽ فارسي لفظن ملائڻ سان جڙيا هجن.

ڀاڱي ڀهرئين جون مشقون ۽ مثال

(١) هيٺين عبارت ۾ ڏيکاريو ته ڪهڙا لفظ سنسڪرت يا پراڪرت مان نڪتل آهن ۽ ڪهڙا عربي ۽ فارسيءَ مان، ۽ انهن جا اصل ڪهڙا اهن، ۽ انهن لفظن مان ڪهڙا ٻيا سنڌي لفظ نڪتل آهن ۽ جيڪي سنسڪرت اصل جا آهين، تن جا رواجي عربي فارسي مقابل ڇئو:

اهي حالتون ڏسي، هُن جي دل لوڏو کاڌو ۽ دنيا، جا سمجهيائين ٿي ته هيڏي رلج ۽ مصيبت جو گهر آهي، تنهن تان دل کڻي ٿيس. هڪ لڳا وري هڪ ساڌو ڏٺائين، جو بلڪل غريب ۽ مسڪين ڏسڻ ۾ ٿي آيو، ۽ وڏي اوستا جي ڪري، جيتوڻيڪ سرير نربل هوس ته به سندس منهن مان سانت ۽ سرهائي پئي بکي، معلوم ٿيس ته هن ساڌوءَ دنيا جا حرص هَٽوَئِس، لڳ لاڳاپا ڦٽا ڪيا آهن ۽ اندر جي جوت پاتي ائس، جنهنڪري هن جو مَنُ سانت ۾ آهي. هينئر هن کي خيال آيو ته اهڙو رستو ڳولهي ڪڍجي، جنهن مان دنيا جو ڏک دور ٿئي، ۽ سچو ۽ دائمي سُک حاصل ٿئي.

(٢) هيٺين عبارت ۾ جيڪي اسم ۽ فعل آهن، تن مان اسم ذات ۽ صفت بنايو ۽ مثال ڏيو ۽ جيڪي اسم ذات ۽ صفت آهن، تن مان ٻيا اسم ۽ فعل بنايو.

(٣) هيٺين سنڌي لفظن جو اصل يا بنياد ڳوليو ۽ ڇئو ته اهي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا آهن:

آڏرنگ، اوڳارڻ، ٻارهن، انڌولت، آڱوٺو، ٻڏاهو، وڇاٿو، وار، وڃائڻ، ولوڙڻ، ٻروسو، ٻؤنر، ٽِڪ، واڳڻ، وهاڻو، واپار، پالڻ، نيچ، پاڙيسري، تاچي، ٽامو، ٽيهٺ، ترار، ڌَور، ساهيلي، سيڏو، ڪنڀڻ، ڪُنڀيڙو، ڪپاهه، ڪڏهن، ڪوڏر، ڪُهاڙو، گورو. مُڇ، ڦوهارو، جيڏاور، ٿؤنر، پيدل، پڙڄ، پينڪي، جاڦران، چنبو، چَهبڪ، چَهڪ، داٿو، دَنبورو، دَرمل، داٿو، همام دستو، دبلو، روچي، صابڻ، شرنائي، شيشدر ۽ ڪاشيڪ.

(٤) هيٺين مصدرن مان اسم ذات ٺاهيو:

مرڻ، گهنجڻ يا گهٽڻ، لهڻ، ٻڌڻ، ڏيکارڻ، هڻڻ، گهٽڻ، سرڻ، چوڻ، وڃڻ، ڪپڻ، وٺڻ، ڏيڻ، ڇڏڻ، وڃڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌڪڻ.

(٥) هيٺين مصدرن مان اسم فاعل، ترڪيبي ٺاهيو:

پيڻ، پڙهڻ، رهڻ، سهڻ، پيڻ، لڳڻ، ڦرڻ ۽ ڏيڻ.

(٦) هيٺين اسمن مان صفت ٺاهيو:

ڌرم، شرم، ڇپر، چاڻيو، وچ، مينهن، ميرو، ٻڪر، لڪر، هٽ، ڇانوَ، ڏيو، ڇوڪري، ڄڃ، جهاتي، جهٽپ، ٻري، وارو، سنڌ، پير، واڻيو، هاري، کهوٽ، هاٿي، چنڊ، ڌيءُ، وس، ڇپر، ٻاٽي، ٻاڪ ۽ ڏند.

(٧) هيٺين اسمن مان اسم صغير ٺاهيو:

ٻاهه، چام، کهٽ، هڏيون، ٻولڻو، ڳالهه، منڊي، در، مڇ، ٽُلهو ۽ هٽ.

(٨) هيٺين اسمن ۾ انڪاري حرف يا نشان وجهي، صفتون ٺاهيو:

ڪم، ڪٽ، چارو، ڪَڻُ، حق، چڱو، ٻاڪ، ڏيا، ڌرم، پَت ۽ هٽ.

(٩) هيٺين لفظن مان ابجد جي حساب موجب سال ڳڻايو:

خوشدل مرحوم، زوال خورشيد، اد خُلي جنّتي، گل محمد خان ناطق مڪران، قلندر شهباز سيوهاڻي جي وفات: 'رحمت'، مخدوم نوح هالائيءَ جي وفات: 'فيض حق'، مير بجار خان جي وفات: 'حاجي شهيد خنجر'، ماتم مومن خان، شاعر شيرين.

(١٠) هيٺين مرڪب فعلن مان اصطلاح موجب ڪهڙي خاصيت ٿي نڪري:

ماري وجهڻ، وٺي ڇڏڻ، ڇني ڏيڻ، پيو رهڻ، ڪاٺي وڃڻ، ڪاٺي رهڻ، ڪرڻ لڳڻ، ڪٿلي پوڻ ۽ وٺي وڃڻ.

(١١) هيٺين شعر جي مصراعن ۾ مرڪب فعل ۽ ان جي خاصيت ڏيکاريو:

سڱونهن جي صلاح وٺ ته وڃي لنگهي وڃين.
لڙيو پئون لطيف ڪي ڳوڙها مٿي ڳل.
ساڻداري سمنڊ جي نهوڙي نيا.
آئي پاڻ اڙاءِ، ڪٺي ڪوري وچ ۾.
وڪر سو وِهاءِ، جو هٿي پراڻو نه ٿئي.
اوڄاڳو اکين کي جاڳي نه ڏيئي.
چارڻ چنگ ڪلهي ڪري رسي رهيو رات.
پڙهيو پڙهيجاءِ، سبق انهيءَ سڱور جو.
سوئي سو حرف، پڙهيو تو پڙهان.
وڃڻون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج.

پاڱو ٻيو - سوال

باب پهريون

(١) عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ڳالهائڻ جا لفظ ڪيترا ۽ ڪهڙا آهن؟ هرهڪ جي وصف چئو ۽ مثال ڏيو.

(٢) اسم جا ڪهڙا قسم آهن؟ هرهڪ جي وصف ۽ ان جا مثال ڏيو. ڳالهائڻ جي لفظن جي انگريزي گرامر موجب ڪهڙي تقسيم آهي؟ حرف جا ڪهڙا قسم آهن، تن جا مثال ڏيو. اسم خاص جا ڪهڙا قسم آهن؟ هرهڪ جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏيو. اسم عام جا ڪهڙا قسم آهن؟ هرهڪ جي وصف ٻڌايو، ۽ مثال ڏيو. هاڻوڪي تقسيم موجب اسم ڪهڙن قسمن جا آهن؟ آهي مثالن سان سمجهايو. اسم کي قسم ڪان سواءِ ٻيو ڇا ٿو لڳي؟ سنڌيءَ ۾ اسم جون ڪهڙيون جنسون آهن. حقيقي، غير حقيقي، لفظي ۽ سماعي جنسن جي معنيٰ سمجهايو ۽ مثال ڏيو.

(٣) اسمن جون جنسون انهن جي جدا جدا پڇاڙين تي ڪيئن منحصر رهن ٿيون؟ هرهڪ جي پڇاڙيءَ جي جنس ٻڌايو ۽ مثال ڏيو. سنڌي جنسن جي پڇاڙين جو سنسڪرت ۽ پراڪرت جي جنس جي پڇاڙين سان مقابلو ڪريو. جنسن جٽڻ جا رستا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙا آهن؟ هرهڪ جا مثال ڏيو. بيقاعدي مذڪر ۽ مونث اسمن جا ڪي مثال ڏيو. ڪهڙا مذڪر اسم مونث مان ٺهن ٿا.

(٤) اسم جا ڪيترا عدد آهن ۽ ڪهڙا؟ هرهڪ جا مثال ڏيو. سنڌيءَ ۾ واحد مان جمع جوڙڻ جا ڪهڙا رستا آهن، هرهڪ جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏيو. ڪهڙي ڳالهه ۾ اسم ٻه صفت جهڙا آهن. ڪهڙا اسم هميشه جمع جي صورت ۾ آهن. سنڌيءَ ۾ عددن جون پڇاڙيون سنسڪرت ۽ پراڪرت سان ڪيترقدر موافق آهن.

(٥) فاعل ۽ مفعول جو اسم جي حالت سان ڪهڙو واسطو آهي؟ اسم جون ڪيتريون حالتون آهن ۽ ڪهڙيون؟ انهن جي سڃاڻپ جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟ اسم جو ڦيرو ڇا کي ٿا چون؟ هيٺين اسمن جا ڦيرا ٻڌايو:

ڪهوڙي، مٽس، لانڊون، هاٿي، قلم، راجا.

(٦) ضمير ڪيترن قسمن جا آهن؟ هرهڪ جي وصف چئو. ضمير خالص ڪهڙا آهن؟ هرهڪ جو ڦيرو ٻڌايو. ضميرن جو اصل سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ڪيئن

نڪتو آهي. ضمير مفصل ۽ متصل ڇا کي ٿا چون؟ هرهڪ جا ننهي ضميرن ۾ مثال ڏيو: اسمن سان جدا، حرفن سان جدا ۽ فعلن مان جدا. اهڙا ڪي ضمير متصل جا مثال ڏيو، جن ۾ ٻي ضمير هجن.

(۷) ضمير اشارو ڪهڙن قسمن جو آهي؟ هرهڪ جا مثال ڏيو. ضمير اشاري سان جنس، عدد ۽ حالت لڳائي ڏيکاريو. ضمير اشاري جو سنسڪرت سان ڪيتريقدر واسطو آهي؟ ضميري صفت ڇا کي ٿو چئجي؟ ضمير مشترڪ جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏيو. ضمير استفهام جا مثال ڏيو، ۽ انهيءَ جو ڦيرو ڪري ڏيکاريو. ضمير استفهام جو سنسڪرت سان ڪيتريقدر واسطو آهي.

(۸) ضمير موصول ۽ جواب موصول ڇا کي ٿا چون؟ انهن جا مثال ڏيو، ۽ ڦيرو ڏيکاريو. ضمير مبهم جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏيو. انهن ننهي ضميرن جو سنسڪرت سان ڪيتريقدر واسطو آهي؟

(۹) اسم صفت ڇا کي ٿا چون ۽ انهيءَ جي اسم سان ڪهڙي مشابهت آهي. صفت جا ڪيترا درجا آهن؟ مثال ڏيو. اهڙا مثال ڏيو جن ۾ صفتون اسمن وانگي ڪم آيون هجن ۽ ٻيا اهڙا، جن ۾ آهي ضميرن وانگي ڪم آيون هجن. اهڙا ڪي مثال ڏيو، جن ۾ عدد به صفت وانگي ڪم اچن.

(۱۰) اسم ظرف جي وصف ٻڌايو ۽ آهي ڪهڙن قسمن جا آهن. هرهڪ جا مثال ڏيو. سنڌيءَ ۾ ظرف ڇا مان جڙندا آهن؟ اهڙا مثال ڏيو، جن ۾ صفت به ظرف وانگي ڪم آئي هجي. عربي ۽ فارسي مان آيل ظرفن جا ڪي مثال ڏيو.

(۱۱) اسم عدد ڇا کي ٿا چون، آهي ڪهڙن قسمن جا آهن؟ مثال ڏيو. انهن جي اسم صفت سان ڪهڙي مشابهت آهي؟ هڪڙي ڪان ڪهڻ حصن ڏيکارڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪهڙا لفظ ڪم ٿا اچن؟ عددن جو اصل سنسڪرت مان ڪيئن ٿو نڪري، انهيءَ جو مفصل بيان ڪريو.

(۱۲) فعل جا ڪيترا قسم آهن، هرهڪ جو نالو ۽ وصف ۽ مثال ڏيو. فعل معروف ۽ فعل مجهول جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي، مثال ڏيو. آهي ڪهڙي قسم جا لفظ آهن، جي اسم جو به ڪم ڏين ٿا ۽ فعل جو به ڪم ڏين ٿا؟ مصدر جي وصف ۽ معنيٰ ڏيو. مصدر مان پهرين صورت ڪهڙي نڪري ٿي ۽ ڪيئن ٿي نڪري. امر حاضر ڪيئن ٿو جڙي؟ فعل متعدي بالواسطه ڪيئن ٿو جڙي؟ اهڙا مثال ڏيو، جن ۾ فعل لازميءَ مان متعدي ٿو ٿهي. امر حاضر جون جدا جدا صورتون ۽ انهن جا مثال ڏيو. امر ۽ نهي جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي، ۽ نهي ۽ نفي ۾ ڪيترو تفاوت آهي. اسم مشتق ڇا کي ٿا چون؟ ڪهڙا اسم فعل جي معنيٰ وارا آنهيءَ مان نڪرن ٿا. اسم فاعل جي جڙڻ جا ڪهڙا رستا آهن، مثال ڏيو. اسم استقبال ڇا کي

ٿا چون؟ اسم مفعول ڪهڙن رستن مان ٺهي ٿو جڙي؟ اسم فاعل ۽ اسم مفعول صفت وانگي ڪم آڻي ڏيکاريو. اسم حاليه ڪيئن ٿو جڙي ۽ ڇا ٿو ڏيکاري؟ مثال ڏيو. اسم حاليه ۾ ڪهڙا زمان شامل ٿي سگهن ٿا؟ فعل يا ماضي معطوفي ۾ ڪهڙا زمان شامل ٿي سگهن ٿا؟ اسم مشتق کي سنسڪرت ۾ ڪهڙي نالي سان ٿا سڏين؟

(١٣) فعل جا زمان ڇا کي ٿا چون، ۽ اهي ڪيترا آهن؟ انهن جا نالا ۽ مثال ڏيو. زمان حال جا ڪيترا قسم آهن ۽ اهي ڪهڙا آهن، مثال ڏيو. زمان ماضيءَ جا ڪيترا قسم آهن؟ سڀني جا نالا ۽ مثال ڏيو. ماضي متمني ۽ ماضي امڪاني جا مثال ڏيو. زمان مستقبل جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن، مثال ڏيو. زمان مضارع ۾ ڪهڙا زمان شامل آهن، مثال ڏيو. مضارع مدامي يا معطوفيءَ جا ڪي مثال ڏيو. امر حاضر ۽ مضارع ڪيئن ٿا جڙن؟ مضارع مان ڪهڙا زمان ٿا جڙن، مثال ڏيو. اسم حاليه مان ڪهڙا زمان ٿا جڙن، مثال ڏيو. اسم مفعول مان ڪهڙا زمان ٿا جڙن؟ مثال ڏيو. فعل جو گردان ڇا آهي؟ فعل معاون جي زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جا گردان ڏيو. مصدر لکڻ، جيئڻ پڙهڻ ۽ پاڙهڻ ۽ مارجڻ جا علحده زمان لکي وٺو ۽ پوءِ هرهڪ جو گردان ڏيو. صرف جي اصلوڪي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ فعل معروف ۽ مجهول ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ معروف مان مجهول ڪيئن ٿو جڙي؟ مُثبت ۽ منفي فعل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ مفرد ۽ مرڪب فعل جا مثال ڏيو. فعلن جا صُدور يا طرز ڪيترا آهن ۽ ڪهڙا آهن، مثال ڏيو. فعلن جا ڪيترا پريوگ آهن، انهن جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏيو. سنڌي ۾ فعل جي زمانن جو ڪيتريقدر سنسڪرت ۽ پراڪرت مان واسطو آهي؟

(١٤) حرف جر جي وصف ۽ مثال ڏيو. ڪهڙن حرف جرن مان حرف 'جي' ڪم ٿو اچي، مثال ڏيئي ٻڌايو. فارسيءَ مان آيلن ڪن حرف جرن جا مثال ڏيو. حرف جر اسمن ۽ ضميرن سان ڪٺ ڪم آڻي ڏيکاريو. حرف جملي جي وصف ۽ مثال ڏيو، ۽ جدا جدا قسمن جا حرف جملا ٻڌايو. عربي ۽ فارسيءَ مان آيل ڪي حرف جملا ٻڌايو. عربي ۽ فارسيءَ مان آيل ڪي حرف جملا ٻڌايو. حرف ندا جي وصف ۽ مثال ڏيو. عربي ۽ فارسيءَ مان آيل ڪي حرف ندا جا مثال ڏيو ۽ انهن کان سواءِ عربي ۽ فارسي صرف نحو جا ڪهڙا حرف ڪم اچن ٿا؟ انهن جا ڪي مثال ڏيو.

(١٥) سنڌيءَ ۾ ٻيهڪ جون نشانيون ڪهڙيون آهن، ۽ اهي ڪهڙي هنڌ ڪم ٿيون اچن. عربيءَ ۾ ٻيهڪ جون ڪهڙيون نشانيون آهن.

(١٦) سنڌيءَ ۾ مرڪب يا ٻٽا يا گڏيل لفظ ڪهڙن قسمن جا آهن، هرهڪ جا ڪي مثال ڏيو. هيٺين اصطلاحي فعلن جون معنائون ڏيو:

ٻير ٽهڻ، مُنهن ڪوڙو ڪرڻ، مُنهن پوڻ، اک ميري ڪرڻ

ڀاڱو ٻيو

مثال ۽ مشقون

(١) پنجن ماڻهن جا نالا ٻڌايو. پنجن جانورن جا نالا ٻڌايو. پنجن پکين جا نالا ٻڌايو. پنجن وڻن جا نالا ٻڌايو. پنج مائٽيءَ وارا نالا ٻڌايو. پنجن زالن جا نالا ٻڌايو. پنجن ڪاسبين جا نالا ٻڌايو. پنجن شهرن جا نالا ڏيو. پنجن واهن جا نالا ڏيو.

هيٺين جملن ۾ اسم ڪهڙا آهن، فعل ڪهڙا آهن ۽ حرف ڪهڙا آهن: ڪتي کي ڏسي ٻلو اٿي ڀڳو. آهو وچي پاڻيءَ ۾ پيو. مون هن کي وڻي رسيءَ سان ٻڌو.

هيٺين جملن ۾ خاصيتن جا نالا ڏيو: ڪپهه اڇي آهي. هي نوڪر ايماندار آهي. سستيءَ جو نتيجو خراب آهي. سچ جي ڳالهائڻ کي شفق سڏيندا آهن. ساونڻ ۾ ساوڪ گهڻي ٿيندي آهي.

هيٺين جملن ۾ ڪمن جا نالا ٻڌايو: هن ڇوڪر کي راند ڪرڻ سان ڏاڍي دل آهي. گهڻي کائڻ ڪري پيٽ ۾ سور ٿيندو آهي. ترڻ سکيو ته ٻڏڻ کان بچيو. پڙهڻ لکڻ جو شوق ٻارن لاءِ چڱو آهي. ڊوڙڻ ٽپڻ ٻارن لاءِ چڱي ورزش آهي.

هيٺين اسمن سان ڪي اهڙا فعل لڳايو، جن سان خبر پوي ته انهن اسمن تي ڪو ڪم ٿيو آهي: هرڻ، ڪرسيون، ٻاهه، مهرباني، ڪير.

هيٺين اسمن سان ڪي اهڙا فعل لڳايو جن سان خبر پوي ته هنن ڪو ڪم ڪيو آهي: لوهار، ٻڪري، چور، چتون، نانگ.

هيٺين اسمن سان ڪي اهڙا فعل وجهو، جن سان هنن جي معني نڪري: رڍون، خبر، سچائي، احمد، ڇوڪر.

هيٺين جملن ۾ اسمن جي بدران ضمير ڪم آڻيو: ماستر صفر کي گهٽوئي ماريو، پر صفر حرڪت کان نه رهيو. هڪڙو ماڻهو طالب نالي هو، طالب ڏاڍو هوشيار هو، طالب کي چڱي نوڪري ملي وئي. هڪڙو شينهن شينهن جي شڪار ڳولڻ لاءِ جهنگ ۾ ويو ۽ هڪڙو هرڻ ڏسي هرڻ کي جهٽ هٽي ماري کاڌائين.

هيٺين جملن ۾ ضمير چونڊيو: جو ماڻهو هتان لنگهيو ٿي سو منهنجو سوٽ هو، اهو منهنجي پيءُ وٽ ويو ۽ انهيءَ کي چيائين ته آءٌ تنهنجي پٽ کان پنج رپيا لهڻان.

هيٺين جملن ۾ صفتون ۽ ضمير ۽ ظرف ڏيکاريو: هُو چڱو ماڻهو آهي، آهستي ڳالهائيندو آهي. آءٌ هُن کي گهڻو مانُ ڏيندو آهيان، جو نيڪ ماڻهو سڀڪنهن کي وڻندا آهن. سڀاڻي آءٌ اهو توکي ڏيکاريندس. توکي به اهو ضرور وڻندو. ڇوڪر هڪدم راند تي هليا ويا. هينئر وقت ڪونه اٿم، سڀاڻي آءٌ توکي سبق چڱيءَ طرح پڙهائيندس. هن ماڻهوءَ ۾ تمام ٿورو عقل آهي. هُو پورو پڙهيل ناهي. اهڙو ٽڪڙو هلڻ چڱو ناهي.

هيٺين جملن ۾ حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا ڏيکاريو: اي ادا، آءٌ ۽ احمد تو وٽ باغ ۾ اچون ها، پر ٻئي پاسي ڏي وڃڻو پيو، نه ته جيڪر اچون ها.

(٢) هيٺين اسمن ۽ صفتن ۽ فعلن مان اسم ذات ٺاهيو: زميندار، ٺڳ، دوست، طبيب، بادشاهه، لسو، سهانگو، ڪٺور، ڪارو، چيڙائڻ، تڙڻ، وڙهڻ.

هيٺين مذڪر ۽ مونث اسمن سان ڪا صفت لڳائي ڏيکاريو: ڪاغذ، وقت، ڏينهن، ڪتو، لڪڻ، دري، ايمانداري، انب، ڊاڪ، ٻڪي، بسترو.

هيٺين اسمن جون جنسون ٻڌايو: ڪُل، مَٽ، ڪيلا، ڏيا، ٻيٽي، ٻالي، ڪير، سڦٽ، ٽنڪ، ڪَٽ، ڪَس ڳَر، لڏون، ميڻو، چاڪڻون.

هيٺين مصراعن ۾ جنس جو لاڳاپو اسمن ۽ فعلن ۽ صفتن جي نسبت ڏيکاريو:

آڏَرِ نيڏرِ آيري آسڻونهي آهيان،
مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نه مات.
هوندا سي حيات، جيئڻان اڳي جي جيئا،
پسو لج لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪکن.
جي پسي منهن ميهار، ته سڪيائي سچي ٿئي.
سنڌي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

هيٺين مذڪر اسمن جا مونث ۽ مونث اسمن جا مذڪر ٻڌايو: خرچائو، رهاڪو، يتم، ڦورو، ڳاهڻ، چٽي، ٻانهي.

اهڙا اسم ٻڌايو جي مذڪر آهن پر مونث ٿي ڪم اچن، ۽ مونث آهن ته مذڪر ٿي ڪم اچن.

(٣) اهڙا ڪي اسم ٻڌايو جي اصل جمع آهن، پر واحد ٿي ڪم ايندا آهن، ۽ ٻيا جي اصل واحد آهن، پر جمع ٿي ڪم ايندا آهن؟

هيٺين اسمن مان جي واحد آهن، تن جا جمع ڄڻو ۽ جي جمع آهن تن جا واحد ڄڻو: نوڪرياڻي، ڄيڀ، ڇڪون، آٻڏا، سيڻيون، ٻيرون، وهڙو، ٻلاءِ ٻيلي، پٽڪ، ٽيڪون، نڪهر، پيٽ، ڇيهون، لانئون، ليڪ، ڏيو، وڇون، چوٽا، نهائين.

(٤) هيٺين جملن ۾ اسمن جون جدا جدا حالتون ٻڌايو: ڇوڪر ڏاڍو ڪوڙ ٿا ڪن. هن سال اَن مهانگو ٿي ويو آهي. ٻورچيءَ ماني رڌي آهي. ڪُڪڙ ڏهاڙي آنو لاهي، ايڪيهه ڏينهن انهن تي آرو ڪندي آهي. درزيءَ منهنجا ڪپڙا سڀ تيار ڪيا آهن. مون هُنَ کي ڪتاب ڏنو. منهنجو ڌيءَ ۾ هڪڙو ڪم آهي. هن ڇاڏيءَ ۾ ڪتو ڏڌ آهي. توکي تپ گهٽ ٿيو آهي. هن ڇوڪر کي ڪُتي ڏاڙهي وڌو. تو وارو ڪتاب مون ڪاٿ ويو هليو، ڳالهين سنڌيون ڳالهيون، ڏَڪي سنڌا موٽ. هيءَ هيري جي مُنڊي ڪنهن جي آهي. الاهي خير ڪجانءِ. ڪَنهر ڏٺي ڪيڏي ويو آهي. پيريان سنڌي پار جي ميڙني ميڙاني. مُحِب منهنجي هنج، ڪسي وچ مَ سڪتاه متان وِ هو ماڙهئا ننگر جي آڌار. مرڏان موران، ٻڪٽان وائي ٻي ۾ پٽل. ميڙيا ڏَٺي نه مارئي محلين مارڏان ڏار. ٻر چن شال ٻهنوار، ڍوليا ماڙُو سونُ‌سين. ٻهچانج ٻنهونءَ کي هيءَ پيادي پانڌي. ڪُلهنيان ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي. حال منهنجو هوڙو پسو تا پرياهه. ڪما 'الا حاسيه' هاڻ ٻچانج هيءَ. رائين وري روءِ گوندر لڳا ڳولئين. سرتيون ساهه سندوم ٿيو حوالي هوت جي. ڪاڪيان وچ مَ ڪڏهين رالا تو نه رهاءِ. آيل آن نه وسهان هنجون جي هارين. متيون مونئي سنڌيون ڪاڪيون ڪين ڏيوم.

هيٺين جملن ۾ جيڪي ضمير هجن تن جا نالا ڏيو: پنهنجي وڏئي جو نڪو ويچ نه طبيب. تنهنجو ڇا ٿو وڃي جو ٻين جي ڪمن ۾ هٿ ٿو وجهين. هي ڇوڪر آهو آهي، جنهن بابت مون تو سان ذڪر ڪيو هو. جيڪي پاڻ کي مدد ڪندا آهن، تن کي خدا به مدد ڪندو آهي. ڪي ماڻهو اهڙا ٿيندا آهن، جو جنهن وٽ وڃن، تنهن وٽ ٻين جي گلا ڪن.

هيٺين مصراعن ۾ ضمير ڏيکاريو ۽ انهن جا نالا ۽ انهن جا عدد، جنسون ۽ حالتون ٻڌايو:

مٿونهان ٿي اکي هوند کهڙو سپ کهڙا ڪٿي،
سَتَئُر ساهيڙين جا طعنا تو هي لاءِ.
تو هي سَندو ميهڻو ٻَلي ڪري لَڏوم،
طاقت توهان ڏار، ساريان ڪانه سرير ۾.
ڇين ڇڏهنديس ڪيڪي دوست اوهان جو در،
ٻُڌرڻ پنهونءَ ٻڌت ۾ ايءَ سعادت سنڌيام.
هتڏ هن نه هولدو هنان پوءِ عالم ۾،
عاشق عبداللطيف چئي انهي پَتهه پيا.
اجهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪکوريا ڪاهڙي،
هٿوءَ جا پاڻ پير ۾ تنهن جٽيءَ نا جيهي.

آن در سيئي اکيا، جن وڃايو وجود،
هي چنڊ آءُ ڏي جو هٿ ڀَسي پرينءَ کي.
ويندا سي ايمان سين ڪلمو جنين وات،
ڪَتيم جيئين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.
سو هِي، سو هُو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهُ، سو ويري، سو واهرو.
جڏهن سَتيئون جي ڀِتر ڀير ڏکيا ڪري،
تڏهن تنين کي، سات سٽيئي ڇڏيو.
ڪيرُ آهين، ڪٿان هلئين ڪُنجاڙو ناليءَ،
ڪير هُنا، ڪيڏانهن ويا، ڪهڙي هُئا ذات.
سڏ ڙيا سري جون ڪوهه پڇارون ڪن،
ڪنجاڙي کي تو، ڪيو هيئن پنهنجو حال؟
ڪم نه ايندئي ڪو ٻيو، پنهنجي ٻوڪيءَ ريءَ،
ڪيئي ڪيئي ماڙهئين پيئي ڪَل ڪائي.
ڪو ڪو وڻ ڪلال جو پيتي سو پيون،
ڪا جا ڳالهه ڳري پيچل پڏائي سون.
پاڻهئي سڄائي پاڻ، پاڻ ڪَر پاڻ لهي،
پنهنجو آهين پاڻ، آڏو عجيبن کي.
پَر پَيچ پندُ پانهنجو منجهس مُنهن پايو،
عمر سڀ عبث وقت وڃايم پانهنجا.
مائين جو سوڳند، ساجن سَپنيان چڱو.
مانوڻ ڳهڙي سڪا، هيءَ سَرهي سياري.
اچان ويل سِڪنهين وڃان واجهائي،
جيئڻ ناهي جڳ ۾ ڏينهن ٿڙيئي ڏُون.
جاٻَڪ تو مڻاءِ ميلڪَ ميڙئي گهوريان.

مٿين مصراعن ۾ ضمير متصل ڏيکاريو ۽ آهي ضمير مفصل ۾ لکو.

هيٺين جملن ۾ ضمير متصل مفصل ضميرن ۾ ڏيکاريو: ٻڌو اٿئي يا نه. ڪالهه ڏٺم. ڇا چيو اٿئين جو ماريئم ٿوه ڪالهه شهر ۾ ڏٺو هوماس.

هيٺين مصراعن ۾ ضمير متصل ڏيکاري سمجهايو:

جهول نه جهلي سهٽي سا تَرسَپ منڌياس،
جنهين اهڙي چائي عاجزان سا مرڪي ماس.

پسين جي پياس، تہ ڪي عشق آٿيئين.
جتي نظر نات جي آتي اوتارانِ،
اهي آهي ڄاڻانِ. لڪا ڀٽن لوڪ ۾.
ڏٺم ڪرمَ ڌار، ٻاڙو تن پرينَ ڪان.
چوڏهين ماهہ چنڊ جيئن پڙ ۾ پاڳڙياس.
جيڪا چارانِ سا منجهہ ڳُونڍر ڳنڍري.
سوئي سائيهہ منهنجو، ساجنَ جيت سندوم.
راڄُ ڀرتو رب ڪي سڏوترا! سندوءِ.
جنت سندين جئوءِ، فائقَ هليا فردوس ڏي.
ايڪ قصر، درلڪ، سهسين ڪٽيس ڳڙ ڪيوڻ.
جان جان سائٽي ساهہ تان تان پارج پنهونءَ سان.
سو سيوئي حالُ منجهائن معلوم ٿئي.

(٦) هيٺين مصراعن ۾ صفتون ڏيکاريو انهن جا درجا ڇئو:

مٺائيان مٺو گهٽو ڪڙو ناهي ڪلام.
سوَ سيسيان اڳرو سندو دوسان دم.
ساهہ رڪتئون اوڏڙو، واحد جو وصال.
دوس مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.
جي پانئين پرينءَ مڙان تہ ڏوهيان ڳڻم پانءَ.

هيٺين مصراعن مان اسم، ضمير ۽ عدد ڏيکاريو، ۽ جيڪي صفت والي ڪم آيل هجن سي ڏيکاريو:

وسارج مَ ويڻ، جيوين بہ نہ ڏينهڙا.
ڏهن ويرين وچ ۾، آيو آهي انسان.
ڀريون ويري واهہ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ جا پير.
سوين آهن سنسار ۾، پيا پڻ داتا دَل.
جي هئني هوت هزار، تہ بہ پارج ڪومَ پنهونءَ سان.
ايڪ قصر، درلڪ، سهسين ڪٽس ڳڙ ڪيون.
پلنگ، ڀتراٽيون، ٻالڪيون، نوَ لک ناٿي ليلَ.
هڪڙا ڀائر، ٻيا ڀائٽيا، ٿيان جاني يار.
ڪارهين ڏينهن ڪرم، ورهيو ويراڳين جو.
سهسين شڪرانا، ڪوڙين ڀال ڪريم جا.

هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي صفتون لڳايو:

هي ڪپ ڏاڍو ــــ آهي. هي نيري رنگ جو ــــ آهي. پوڙهي ماڻهوءَ جي ڏاڙهي ــــ ٿيندي آهي. ڏنگي رستي کان ــــ رستو چڱو آهي. ماکي ــــ ٿي ٿئي پر ڪيئين ــــ ٿي ٿئي. اٺ گهوڙي کان قد ۾ ــــ آهي.

(٧) هيٺين جملن ۾ ظرف ڳولي ڪڍو، ۽ ٻڌايو ته اهي ڪهڙن قسمن جا آهن، ڇا ڇا ڏيکارين ۽ ڇا سان لاڳو ٿين ٿا:

تمام گهڻو خرچ به نه ڪجي ۽ ڏاڍو ڪنجوس به نه ٿجي، وچون رستو وٺڻ نهايت عمدو ڪم آهي. هرو ڀرو ڪنهن کي صلاح ڏيڻ ضرور ناهي، مگر جي ڪو پڇي ته صاف چئي ڏجي. هر سال کان هيل وڌيڪ مينهن پيو آهي.

جو مٿيهين مومل جي پوئي، مونکي تنهين مس ٿئي.
جيڪس ويس وري آءٌ سنان معشوقن.
پاڻو هيندني ٻڌرا ڪلن ڪٺهار.
مينڻ ساجهر لڏيو، تون هاري! نهارين اڄ.
لايو لام الف سين خوب لکن خطَ.
جي پند پاريائون ته سگهائي سڳها ٿيا.
لڱڪون لڳن ڪوسيون ڏاڍا تپن ڏينهن.
چوڏاري چڙا، ٻُرن ٻيلاٽن جا.
اکيون اکين سامهيون، ڏينهن سجو ٿي رات.
مون ڪي نه مونٿاه آءٌ اگهاڻين آهيان.
اندر آديسين کي ڏُريانشي ڏٺي.
مهند ٿيندو مصطفيٰ، پڇيءَ لوڪ لڏ پندو.
پيڙا ٻري ويٺي اڄ سان عجب جي.
ڪالهوڪر ڪاڏي ويو سندو جوڳين جوش.
آتان اوٺي آئيو، خبر ايءَ ڪري.
جتن سان جاڪون سرتيون مون سڱ ٿيو،
ڪري ڪوهيارو ويو تن چني تاڪون،
آءٌ ٻڻ ٽڏهانڪون، اڌ ڏکوئي آهيان.
ڏک نه سارين ڏيل ۾، واهيراويهر وهسن.

(٨) هيٺين فعلن سان فعلَ مجهول ۽ متعدي بالواسطه ٺاهيو:

ڪٽڻ، لکڻ، ٻچائڻ، ڏيڻ، وڃائڻ، ٻڌڻ، ڏسڻ، پالڻ، ٺارڻ، ڳالهائڻ، چائڻ ۽ وٺڻ.

هيٺين جملن ۾ فعل مجهول ڦيرائي معروف ڪري ڪم آڻيو، ۽ معروف ڦيرائي مجهول ڪري ڪم آڻيو:

انگريزن جي جنگ ۾ ٻه هزار جرمن مارجي ويا. خوشيءَ کان سڙڪن تي جهنڊيون کوڙجي ويون ۽ مٺايون ورهائجي ويون. بازيگر پنج گولا اڇلايا ۽ آهي وري جهٽيائين. جيل ۾ نوان قيدي بند ڪيا اٿن. هو ماڻهو ڏاڍو هوشيار ليکجي ٿو.

هيٺين مصدرن مان امر ۽ ماضي ٺاهيو:

ٻچڻ، اچڻ، لهڻ، کائڻ، چمڻ، ڦاڙڻ، ڏوڙڻ، ليٽڻ، ڪڙهڻ، ڏسڻ، ڳنهڻ، ڳهڻ، ڀڄڻ ۽ کسڻ.

هيٺين جملن ۾ ٻڌايو ته فعل ڪهڙي قسم جا آهن ۽ زمان ڪهڙا آهن:

پيلا ٻڌاءِ، ته ڪيئن توکي ڏيو ٿئي. توکي جيڪا شيءِ کپي سا تون ڪڍج، پر پنهنجي پاڻ کي ڍڪ. هاڻي وڃي درياهءَ ۾ وهنجو. احمد شهر گهمندو ڦرندو گهر آيو. شرم جو ماريو هو اهڙو ڪنڌ جهڙي پيت. ڏوتل ڪپڙا گپ ۾ ڪيري پيا. لکيو لوح قلم جو هرڪو ٿو لوڙي. آءٌ سياڻي ڪراچيءَ وڃڻو آهيان. انهن ڇهن رپيا ڦٽا ڪري، گهوڙو موٽي گهر وٺي آيو. ماڪوڙيون اچيو ڪنڌ کايو چٽ ڪريو وڃن ٿيون. ڪم ڪندڙ نوڪر پنهنجي ڏٽيءَ کي هميشه وٺندو آهي. جي ٻاهر ڀڄيو ته سچ چوندو سانس. نمازي ماڻهو هميشه سج ابرڻي کان اڳ اٿندا آهن. هو ڇوڪر محنت گهٽي پيو ڪري پر تڏهن به جي هنُو انعام نه ڪندو ته منڊ مِن ڪهڙو ڏوهه ڇٻو. انهي مندر ۾ رات ڏينهن ڏيو پيو ٻرندو هو. جڏهن سج چنڊ تي پاڇو پوي، تڏهن ڪارائجن. هڪڙو ڍڳو جهنگ ۾ پئي چريو. چار ڏينهن وهنجڻ ڇڏيو اٿئي، ته تنهنجي ٻت مان ٻاس پيئي اچي.

هيٺين مصراعن ۾ مرڪب فعلن جا مفرد شعر ڏيکاريو ۽ ساڻن جيڪي ضمير متصل ڪم آيا آهن، سي سمجهايو:

سونهن جي صلاح وٺ ته وير لنگهي وڃين.
لڙيو پون لطيف کي ڳوڙها مٺي ڳل.
سانداري سمنڊ جي نهوڙي نيا.
آئي پاڻ اڙاءِ، ڪٺي ڪوري وچ ۾.
وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي.
اوجاڳيا اکين کي جاتم نه ڏيئي.
چارڻ چنگ ڪلهي ڪري رمي رهيو رات.
تنهن سين ڪري پريتڙي نڀائي نبي.
پڙهيو پڙهيجاءِ، سبق انهي سوُر جو.
سوئي سو حرف، پڙهيوئي ٿو پڙهان.
ويندو رهندو ورجي منجهان مصر شام،
وڃون وسڻ آئيون، مارنگ چڙهيو سيج،
جي پورو ٿئيم پساهڙو، ته به نجو مڙهه ملير ڏي.

جي هٿنئين هو تن لک، ته ٻه ٻاڙج ڪوم ٻنهونءَ سان،
سرتين ساڻ سمن آهيس اٿي مينهڙي.
ڳجهي اٿم ڳالهڙي، اوري آهه تان اوريان،
جي اٿي سڌ پسڻ جي ته ڪن م پير پري.
ايءَ سٺيندي ڳالهڙي، چريو ٿينڙس چيتُ،
اديون عبداللطيف چئي، سيڻ لهندم سار.
حقيو هيج هشيار، ڪيون ڪيونديئي اوچتي،
تازي ڏيوس تڪڙو جوهر پائي زين.
ٻانهن ٿي ٻڌونئيون، ته ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

(٩) هيٺين جملن ۾ حرف ڳولي ڪڍو ۽ ٻڌايو ته اهيءَ جو نالو ڪهڙو آهي:
شل چڱا ماڻهو سدائين خوش رهن. مار هي طوفان ڪٿان آيو. هو چوي ٿو ته منهنجو نالو فقيرو آهي. اڙي ڇوڪرا! تو هي ڪهڙو نه خراب ڪم ڪيو آهي. هن کوهه ۾ پاڻيءَ تمام اونهو آهي. پاڻيءَ جي مٿان ڪا شيءِ پئي تري. هاءِ گهوڙا مي ڇا ٿي پيو. حرف ضرور يا جر يا جملو يا ندا هوندو. واه، جو چڱو مڙس ٿو ڏسجين. جيتوڻيڪ هو پيئي پائر آهن، ته به انهن کان بهتر ماڻهو ڪونهي. مون وٽ مهمان آيا آهن.

هيٺين جملن ۾ خالي جاين تي مناسب حرف ڪم آڻيو:
جي سبق ياد نه ڪندين ــ مار کائيندين. دولت چڱي آهي ــ علم انهيءَ کان بهتر آهي. ٻنهي مان هڪڙو ميوو کڻ، انب ــ صوف. جيتوڻيڪ مون سمجهايس ــ هو نه رهيو. گهوڙو، گڏهه ــ تڪو ٿو هلي.

هيٺين مصراعن مان حرف ڪڍو ۽ انهن جا نالا ڇٺو ۽ ڏيکاريو ته ڇا سان ٿا لڳن:

ڪيڙيون ڪنٿهار جيئن وڄون آتر واءُ،
ڪرهو منهن سلير ڏي رُني آپي چوءُ.
پاڻ پڇن ميوا، ري واهپ ري واڙ،
ور پنهونءَ سين پتلڪ، ڪٿهي ٻارهن ماهه پين سان.
ساڙيءَ لڳم ميهڻو سڀ جماندر سيڻن،
ڳنهي آيس ڳالهڙي، ڳجهي تو ڳري.
سٿوري پانيان سيج، ڏيکن ٻاجهون دوس جي،
سودي بکر سرتيون هڏ نه ساهت سري.
پرــ گهران پاسو ڪري، پيچ پريان کي پاڻ،
سوئي توئي ساڻ، جنهن لاءِ جفائون ڪرين.
لوچين چو نه لطيف چئي، هاري! لاءِ هوتن،

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات.
وڃي منهن ڪيهو، وڃان وطن ساهمون،
جي مران تا مانُ لهان، جي موٽان تہ ڪرَميهہ.
توڙي چڪنِ چاڪ، تہ ٻہ آهَ نہ سلنِ عام کي.
دل ۾ ڏجي هَڪ کي توڙي سو سِڪن،
سا مجلس ٿي مٽ، جي حاصل هوئي هزار جو.
توڙي ڪنڌي ڪن نہ تہ ساٿن وڃن سير ۾،
ايءُ دوسن جو دستور، جيڻ چيئان چين ڪينڪي.
تيلان ڏٺيءِ ڏُٺا، جيلان ويا وحدت ڳلہ جي،
ٻانهي ويهہ مَ پلنگ تي ڪڇيءَ سير ڳانو.
جن کي عشق الله جو، مر پيا سي مرڪن،
تُنڌي مٿانهين ڪُٺاءِ، ٻوڏ چوٽي جيءُ چوُ.
ڪنڌيءَ اچي سپرين سانَ ٻر ٻر ڪن،
حيف منهنجي حال کي جان اُچي آءٌ بيڪار.
ووءِ ووءِ ڪندي وتُ، متان ووءِ وسارئين،
هَي هَي ڪيو هٿڙا ڪاميو ڪنيائين،
هيهات هيهات، ”لِماتو عدون“ سُڄي ٿي اوطاق.

(١٠) هيٺين جملن ۾ ٻيهڪ جون نشانيون ڏيو:

خدا تعاليٰ اسان کي اکيون ڏسڻ لاءِ ڪن ٻڌڻ لاءِ وات ڪائڻ لاءِ ڏنو آهي هي ڪهڙو نہ چڱو ڪتاب آهي. اهڙو تو ڪڏهن ڏٺو شل خدا سلامت رکئي هي ڏڪي جو ٻير آهي يا مينهن جو ڳئونءَ جو ٻچو ٻري وينڊو آهي تہ ڳئون ٻئي رنڀندي آهي هو دليا ۾ ضرور سکيو گذاريندو ڇا لاءِ جو هو چڱيءَ نيت وارو آهي. ڪفايت يا صرفي جو مطلب آهي پورو پنو خرچ ڪرڻ، انهيءَ حد کان زياده خرچ ڪرڻ واري کي اسراف وارو يا گهڻ-خرچو يا هٿ-ڦاڙ چوندا آهن ۽ انهيءَ کان گهٽ خرچ ڪرڻ واري کي ڪنجوس يا ڇمڇوس يا بخيل چوندا آهن.

(١١) هيٺين سنڌي اصطلاحن جي معنيٰ ڏيو:

هو آپ ۾ ترارين تو هٿي. اڄ مسلمان سرڪاري نوڪرين ۾ اٽين آهن، جيئن اٽي ۾ لوڻ. هو رات ڏينهن اڇو الله ڳاڙهو رسول ڪيو ويٺا آهن. تون پڙهي ڪهڙا اک ڪارا ڪندين. هڪڙي اک ڪلنديئي ٻي رُئنديئي، ٻانهي منهنجو ڪم ڪندين. هو اٺڪهڙيو ڪاٺ آهي. تون ڪهڙي باغ جي مُوري آهين. هو هالي ٻہ-ٻہ هٿ مٿي تو آڏامي. هن سڀ پئسا پتنگ ٻڌو ڪري ڇڏيا. تون تو مون کي هٿليون پڙهائين. ائين ڪرڻ تہ رڳو پير سان لاهي منهن ۾ هڻڻ آهي. هن جا چوڏهن ئي طبق روشن ٿي ويا. هو ڪلهي تي هٿ ۽ دهل تي ڏونڪو هنيو

ڀڳو آهي. هو آسمان مان تارا ٽو لاهي. هن جو ڏينگو ئي ڏيري آهي. هن جي ڇوڪري وچي شينهن ڪلهي چڙهي. تون مون کي ڪپڙن مان ڇو ٿو ڪڍين. ڪٿي گهٽ ڪاسو ٿي پيو. تون ڇو ڪوپ ڪڍي ويٺو آهين. مير ۾ ڇو ٿو ڳالهائين.

(٢) هيٺين جملن جي ترڪيب ڪريو:

تو هن کي مزي مزي جون ڳالهيون ٻڌائي خوش ڪيو. هو گهران جو نڪتو، سو سڌو ويو پنهنجي دوست جي گهر. اينڌڙ مهيني ۾ هو پرڻجا آهن. هو آهستي آهستي ويو رڙهندو.

سڪ انئين نہ سڌ، جيئن لڪيو لياڪا پائيين،
ايءَ پڻ ڪوڙي سڌ، جيئن ڪليو ڪاڀو سهين.
هر هر هٿوڙائي، وڃن در دوستن جي،
لائيندڙ ئي لطيف چئي، سوران سرهائي،
ڳجهو ڳالهائي، پرت وڻجي پاڻ ۾.

(٣) هيٺيان غلط لفظ صحيح ڪريو، جي اڪثر هندو اخبارن ۽ پين عام رواجي ڪتابن مان ڪڍيا ويا آهن:

بارو، ڳڙڪائڻ، تاري وڃائڻ، پوڙهيو، پرلاءِ، پڙدو، وڙ ۾ وجهڻ، اي ورو ماٺهو، ٿقڙ، پرنجڻ، پهمار، لير پي، مضبوط، وسوت، ايضنا، وصيعت، استيفا، مظمون، صفيد، موسوم، نزارا، تمنا، غلاضت، جڙيت، نقط چيني، ڪسرت، حيبت، خطنو، طوطاري، ضابطو، لذيذ، مرامت، شوقت، جافر، موردين، محضوض، طرقي، صحي، سادر، سعيد (سيد)، مسق، عبدالواحب، غلام رزا، قرف، آج، مصتفا، اصد علي، ملڪلموت، محمد شفي، خوشامند، حاشر، طعبعلي، عبدل رحمان، حميت، عبدل مجهد، حرامن، خير آفيت، ظلفقار علي، فاعدو ۽ قائدو.

(١٤) هيٺين لفظن جا ضد ڄڻو:

ريت، سپت، سائٽو، سترڙ، شادي، سگهو، سکيو، تارو، سٺائو، اشراف، شريف، چڱست، تڪڙو، لچاڙو، ٻندرو، آلو، پراڻو، سهاڳڻ، سياڳو، ڏور، سرهو، آباد، پريشان، سدا تورو، بي چيو، ننگائتو، ناراض، رنج، سهنجو، سرلو، سڪڻو، سجاڳ، سپوت، وڙائتو، ڪمهلو، اڄاڻ، بيوفا، بي حيا، بي ادب، نيڪنامي، نيڪي، پلو، تندرست، ڪچو، سونهو، لڌر ۽ ولهو.

(١٥) هيٺين لفظن جي اصلي معني ڪهڙي آهي ۽ پوءِ ڦيري اصطلاح ۽ رواج ۾ ڪهڙي ٿي آهي:

انجام، اوزار، سلامت، حور، هلاڪ، رنج، خاڪ، پٽڪو، تابع، سواد، حيات، برابر، اولياءُ، هشيار، اشراف، غصو، طبيعت، مقام، شمعدان، فنا، ياد، اسباب، قياس، تڪرار، پوشيدو، خراب، خرابي، البت، نفر، حرف، اوسان، سبب، خفو، غريب، حضور، حيف، جناب، خذمت، فرش، مشق، گستاخ، معصوم، تعلق ۽ ڪوٺي.

سنڌي وياڪرڻ

(ڀاڱو چوٿون)

ديباچو

هيٺين درجن ۾ پڙهائڻ لاءِ سنڌي گرامر، يعني صرف نحو يا وياڪرڻ اڳيئي لکيل آهي، پر اسڪولن جي مٿين درجن لاءِ، توڙي ڪاليجن جي شاگردن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ زياده اڀياس ڪرڻ لاءِ وڏو گرامر ڪونه هو ۽ انهيءَ جي گهٽتائي گهرج هئي. تنهن کان سواءِ، هيٺين درجن واري گرامر ۾ فقط صرف آهي، پر نحو ۽ اشتقاق فقط نالي جو آهي. گرامر جي ٻين مٿانهن ۽ مشڪل ڀاڱن جو ته اصل ذڪرئي ڪونهي. تنهنڪري ڪن دوستن جي چوڻ تي، مون هي وڏو گرامر يا صرف نحو جو ڪتاب لکيو آهي. هن ڪتاب جي پڙهڻ لاءِ سمجهڻ گهرجي ته پڙهندڙن ننڍو گرامر اڳيئي پڙهيو آهي، تنهنڪري ٻارن کي سمجهائڻ لاءِ ڀيرين مثال ڏيئي، پوءِ گرامر جي وصفن ۽ قاعدن جو ٻڌائڻ جو رستو ڇڏي ڏنو ويو آهي.

هيءَ ڪتاب ٽن ننڍن ڪتابن ۾ ورهايو ويو آهي: پهرئين ڪتاب ۾ علم املا، يعني حرفن جو علم ۽ اشتقاق يعني لفظن جي بنياد جو علم ۽ علم صرف يعني لفظن جي تقسيم ۽ ڦيرڦار جو علم ڏنو ويو آهي. ٻئي ڪتاب ۾ علم نحو، يعني جملن جو علم ڏنو ويو آهي؛ ۽ ٽئي ڪتاب ۾ علم عروض ۽ علم قافيي، يعني شعر جي وزن ۽ قافيي جو بيان، پنهنجن ٺاهيلن مثالن سميت ڏنو ويو آهي ۽ علم بديع يعني لفظن ۽ معنوي صنعتون، جي عبارت آرائيءَ ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۾ ڪم اچن ٿيون، تن جو بيان پنهنجن ٺاهيلن مثالن سميت ڏنو ويو آهي.

جڏهن سنڌي ٻولي اصلي سنسڪرت ۽ پراڪرت مان نڪتل آهي ۽ عربي ۽ فارسي لفظ منجهس گهڻا آهن، تڏهن انهيءَ جو سمورو تاريخي احوال ۽ انهن ٻولين سان واسطو، علم صرف ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ۽ علم صرف جي ترتيب، عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب، ۽ هاڻوڪي انگريزي رواجي دستور موجب ڏنو ويو آهي، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هرهڪ باب جي مضمون بابت سوال وڌا ويا آهن، ۽ مشقون ۽ مثال به ڏنا ويا آهن. اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي زياده تعليم ۽ تحصيل لاءِ هيءَ ڪتاب گهڻو ڪمائتو ٿيندو.

قليچ بيگ

فيبروري، ١٩٢١ع
حيدرآباد

باب پهريون

علم بديع جي بيان ۾

”علم بديع“ يا ”علم بدايع“ اهو علم آهي، جنهن جي قانون تي هلڻ ڪري ماڻهو فصيح ۽ بليغ ٿي سگهي ٿو ۽ هن کي ڪلام جون سڀ ترڪيبون ۽ صنعتون معلوم ٿيون ٿين، جنهنڪري هو سهڻو، پڪو ۽ عمدو ڪلام، عمدن لفظن ۽ عمديءَ عبارت ۾، ڳالهائي ۽ لکي سگهي ٿو.

ڪلام کي ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪيو اٿن: هڪڙو نثر، ۽ ٻيو نظم. نثر واري ڪلام کي ’منثور‘ چوندا آهن، ۽ نظم واري کي ’منظوم‘. نظم اهو آهي، جنهن کي ’شعر‘ به سڏيندا آهن: ’نثر‘ لفظ جي معنيٰ آهي پکيڙڻ، ۽ ’نظم‘ جي معنيٰ آهي پوئڻ – جيئن موتي ٻهرين پکڙيل هوندا آهن ۽ ڌاڳي ۾ پوئبا آهن. لفظن کي موتين سان مشابهه ڪيو اٿن. نظم يا شعر کي موزون ڪلام چوندا آهن، يعني وزن وارو، ۽ نثر کي ناموزون.

فصل پهريون

نثر جي بيان ۾

نثر جا ٽي قسم آهن: هڪڙو ”مرجز“، ٻيو ”مسجع“، ۽ ٽيون ”عاري“.

(١) **مرجز**، يعني رجز يا وزن وارو نثر اهو آهي، جنهن ۾ فقرا فقرا ڪم آيل هجن. انهن مان ٻه فقرا جي ڪڏ اچن ته، سي موافق ۽ مقابل ۽ هم وزن هجن، مگر هم قافيي نه هجن. مرجز نثر ۽ نظم يا شعر ۾ اهو تفاوت آهي ته شعر ۾ وزن ۽ قافيو ٻئي آهن، مگر نثر ۾ وزن آهي پر قافيو ڪونهي. مثال: سواءِ ذڪر قادر ڪارساز جي وقت وڃائڻ، ۽ سواءِ شغل خالق ڪردگار جي حياتي گذارڻ، لسورو نقصان آهي.

(٢) **مسجع**، يعني سجع وارو. ’سجع‘ چون ڪبوتر يا قمريءَ جي ٻوليءَ کي. اصطلاحي معنيٰ موجب مسجع نثر اهو آهي، جنهن جي فقرن جي پڇاڙيءَ جا لفظ هڪجهڙا هجن، يعني جنهن کي قافيو هجي، پر وزن جو ضرور ڪونهي. انهيءَ کي ’مقفيٰ‘ به چون، يعني قافيه‌دار.

سجع جا وري ٽي قسم آهن.

ھڪڙو "سجع متوازي"، جنھن ۾ قافيي جي لفظن جو شمار ھڪجيترو ھجي، ۽ پڇاڙيءَ جا اکر ھڪجھڙا ھجن- جيئن 'مھجور' ۽ 'مجبور'. انھن ٻنھي لفظن ۾ پنج پنج اکر آھن، ۽ ٻنھي جي پڇاڙيءَ ۾ 'ر' جو اکر آھي. مثال: آءٌ پنھنجي دوست کان مھجور آھيان، ۽ انھيءَ جي فراق تي مجبور آھيان.

ٻيو "سجع مطرف"، جنھن ۾ ٻنھي لفظن جو پڇاڙيءَ وارو اکر ھڪڙو ئي ھجي، مگر اکرن جو تعداد مختلف يا گھٽ وڌ ھجي. جيئن: شخص باوقار ۽ نيڪ اطوار.

ٽيون "سجع متوازن"، جنھن ۾ ٻنھي لفظن جو وزن بہ ھڪجھڙو نہ ھجي، علحده ھجي- جيئن لفظ 'فقير' ۽ 'جليس'.

جي اھڙا ٻہ ٻہ لفظ ھرھڪ فقري ۾ ڪم آڻجن، جن مان ھڪڙي فقري جو پھريون لفظ ٻئي فقري جي ٻئي لفظ سان، ھم وزن ۽ ھم قافيہ ھجي، تہ انھيءَ نثر کي 'مرصع'، يعني موتين سان جڙيل، چوندا آھن. مثال: ھو عجيب حقائق ۾ گويا آھي ۽ غريب دقائق ۾ جويا آھي.

(٣) عاري، يعني اگھاڙو، اھو نثر آھي، جنھن جا فقرا نہ مرجز ھجن نہ مسجع- يعني جن ۾ نہ وزن ھجي، نہ قافيو- جو رواجي عبارت جو نثر ٿيو.

مٿيان نثر جا قسم 'لفظي' آھن، يعني لفظن جي نظر تي؛ مگر معنيٰ جي نظر تي، يعني 'معنوي' قسم جا ٻہ نثر آھن: ھڪڙو 'سليس'، ٻيو 'دقيق'. سليس يعني آسان اھو نثر آھي، جنھن جي معنيٰ سھوليت سان سمجھ ۾ اچي ۽ دقيق اھو آھي، جنھن جي معنيٰ آسانيءَ سان سمجھ ۾ نہ اچي، تڪليف سان معلوم ٿئي.

انھن مان وري ھرھڪ جا ٻہ قسم آھن: ھڪڙو 'سادو' ٻيو 'رنگين'. ساديءَ عبارت وارو نثر اھو آھي، جنھن ۾ مضمون يا مطلب ڪنھن بہ صنعت يا تشبيھات يا مناسبات کان سواءِ ادا ڪيو وڃي ۽ رنگين عبارت وارو نثر اھو آھي جنھن ۾ مناسب لفظ ڪم اچن. مثلاً، جي بھار جو ذڪر ھجي، تہ شروع کان وٺي پڇاڙيءَ تائين انھيءَ سان لاڳو لفظ يا مناسبات ڪم اچن، يا جي عام جو بيان ھجي، تہ انھيءَ سان لاڳو يا مناسب لفظ ڪم اچن.

مشق لاءِ نثر جي قسمن جا مثال

ھو نابڪار چاڻي ٻجھي ھن جو طلبگار ٿيو ۽ زر ۽ زور سان ھن کي ھٿ آڻڻ ۾ ڪامگار ٿيو، پر سکھو ٿي پوءِ اچي منجھانئس بيزار ٿيو، ۽ آخر ھن کي ناحق ماري وجھڻ جو گنھگار ٿيو. منھنجو ھڪڙو سنگتي رازدار آھي، جنھن جو قالو نثار آھي، اھو انڪار بلڪل باطل آھي، جو ماڻھن کي قتل ڪري ٿو، سو قاتل آھي. مون پنھنجي دل ھن کي ڏئي ڇڏي آھي ۽ ھاڻ اسان کي شادي ڪرڻ

جي اميد وڏي آهي. جي منهنجي ڳالهه نه مڃيندين، ته ضرور پاڻ کي نقصان پهچائيندين - يا دل افروز جي ٻانهن، يا پنهنجي موت جي ڏاڻهن!

*　　*　　*　　*

بادشاهه: اي وزير، نيڪ تدبير، ملڪ جو ڪهڙو حال آهي؟ منهنجي رعيت ظلم ۽ ڏک کان فارغ البال آهي، يا سندن دل تي ڪو فڪر ۽ ملال آهي؟

وزير: حضور جي اقبال سان ۽ غلام جي سنڀال سان، ملڪ سڄو آباد آهي ۽ رعيت ساري دلشاد آهي، ننڍي وڏي جي دل غم ۽ فڪر کان آزاد آهي.

ظريف: وزير کي ته رڳي خوشامد آهي، نه ته ملڪ ڏنگي فساد فسان برباد آهي. سرڪار جي عمر دراز هوئي، ۽ بخت سدائين ساز هوئي: هن تخت شهر ۾ ڏاڍو فساد آهي، وزيرن ۽ اميرن ۾ بغض ۽ عناد آهي، نه داد آهي، نه فرياد آهي! جيڪو وزير صاحب جو ارشاد آهي، سو نسورو غلط ۽ بي بنياد آهي.

*　　*　　*　　*

گلنار: واه صاحب، واه! هيتري بيحيائي ۽ بيشرمي، اهڙي گستاخي ۽ گرمي! ماڻهو پري بيهي ڳالهائي، ڪين زور ڪري ڀاڪر پائي!

گلزار: اي حور، اهو منهنجو قصور! جي مون توکي ڀاڪر پاتو، ته ڪهڙو لقب لاتو؟ ڪٿي تون مون کان آهو ويو وڃ ۽ ڀاڪر پاءِ، ته تنهنجي دل ٺري ٻرجاءِ.

گلنار: واه، تمام هشيار آهين، ڏاڍو خبردار آهين!

گلزار: پياري، منهنجو گناهه معاف ڪر، پنهنجو سينو صاف ڪر. آءٌ بيوس ۽ توائي آهيان، دل و جان سان تو تان فدائي آهيان.

گلنار: تون فدائي ناهين، ڪو ديوانو يا سودائي آهين.

گلزار: سچ، تو منهنجو مرض برابر سڃاتو آهي، ۽ آهو مرض مون کي توئي لاتو آهي. انهيءَ منهنجو سودا جو علاج به تون ڪر، پنهنجي بيمار تي شفا جا هٿ ته تون ڌر.

گلنار: نه آءٌ ڊاڪٽرياڻي آهيان، نه بيمارن جي مون وٽ سنڀال آهي. جي انهيءَ ديوانگيءَ جي دوا ٿي گهرجئي، ته اجها چرين جي اسپتال آهي.

نثر مقفي جو مثال

آخوند لطف الله جي "گل خندان" مان

جنهن جي مٿي تي ترار ڇمڪو ڏنو، اُن جي سيرانديءَ قضا ويهي رنو. ٻهر ڪن ۾ نوح جي طوفان جو پاڻي رت مان مچي ويو، دشمن جو لشڪر ڀڄي ويو، ۽ شهپال جو سر ڪٽجي ويو. لاشن جو ڍير لڳو، باقي لشڪر آڏو ڀڳو. جو ڀڳو سو ڇٽو، جو رهيو سو ڪُٺو. پوءِ ته غازي صف مان ڇٽي پيا، ۽ اُلٽ تي ڦُلٽي پيا. جيڪي مارياؤن ۽ ڦٽيائون، تيڪي ساڙيائون ۽ لٽيائون..."

"... سڀني چيو ته شاهزادا، ڪاڻ پيش ڪان انڪار ڪرڻ لائق آهي، ماڻهوءَ جي ڪاڏي تي زندگاني آهي، جي حياتي باقي ته سڀ آساني آهي، نااميدي ڪم شيطاني آهي."

عاري يا رواجي نثر جي نسبت ۾ معلوم هجي ته ميرن جي صاحبيءَ ۽ انگريز سرڪار جي حڪومت جي شروعات ۾ جڏهن نثر جا ڪتاب لکجڻ لڳا، تڏهن نثر اهڙي ٻوليءَ ۾ لکيو هو، جو هندن توڙي مسلمانن وٽ هڪجهڙو هو؛ بلڪ جيڪي ڪتاب هندو لکندا هئا، سي به اهڙا هوندا هئا جو مسلمانن کي انهن جي پڙهڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونه هوندو هو.

ٿورن ورهين کان هندو ماڻهو گهڻا سنسڪرت جا لفظ ڪم آڻڻ لڳا آهن، جنهنڪري مسلمانن کي انهن جي پڙهڻ ۾ گهڻي مشڪلات ٿئي ٿي. تعليمي ڪتاب جي هندن جا لکيل هئا، تن کي وري سڌارڻ جي لاءِ وقت بوقت ڪميٽيون مقرر ٿيون آهن.

انهن جدا جدا نثرن جا نمونا مقابلي لاءِ هيٺ ڏجن ٿا.

١. "تاريخ معصومي" مان، لکيل ننديرام جو (سن ١٨٦١ع).

"هن ڳالهه ۾ شبهو نه آهي ته جاني بيگ، ٺٽي ۾ ويهي، مونئي ڦري. خانخانان چيو ته جيڪڏهن ڪوٽ ۾ ٿيو پونداسين، ته هڪڙو هيءُ ته ڏڳا چڱا ماڻهو مارجي ويندا، ٻيو هيءُ ته هنن جا ٻار ٻچا اُڃون جي هٿ ۾ پوندا ۽ اها هنن جي اڻاڃائي ٿيندي. اسين پرچاءُ ڪريون ٿا ۽ پاڻ وانگي پنجهزاري بادشاهه جي پيلهپ ۾ ڀيچائي ڏينداسون ۽ سچ انهن جي ڏاهپ سهي (صحيح) هئي، ۽ جاني بيگ جي وڪيلن اچي ٻول ڪيو ۽ ماڻهو سيوهڻ ڏي موڪليائون ته ڪوٽ کي ڦورو ڏيئن ۽ پاڻ ٺٽي ڏانهن سنبريو ۽ خانخانان، پاڻيءَ جي چاڙهي جا ڏينهن سن جي ڳوٺ ۾ گذاري، سياري جي آرنڀ ۾ ٺٽي ڏانهن سنبريو."

٢. ديوان ڪيولرام جي ”سوکڙي“ مان.

”نئڙت ڪم بزرگن جو آهي، ۽ هٺ ڪم شيطان جو آهي. نئڙت وڏي فائدي وارو ڪم آهي ۽ هٺ وڏي ڇيڙي وارو ۽ پڻ هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي ته نئڙت وارو ماڻهو خدا کي وڻي، دولتمند کي وڻي، مگر شيطان کي نه وڻي ۽ هٺيلو ماڻهو خدا کي نه وڻي، درويشن کي نه وڻي، دولتمندن کي نه وڻي، پر شيطان کي وڻي. هڪ سياڻي چيو آهي ته آن کي رحمت آهي، جو نياز ڪري، پر نه آڻ سرنديءَ سان. هڪڙي حڪيم جو لطيفو آهي ته اڇا ڇانور، گهڻو گيهه مصالحو وجهي، پلاءُ رڌي، منجهس لوڻ نه وجهي، ته پلاءُ ڦڪو ٿي پوي، ۽ جي گهرج کان واڌو لوڻ وجهي، ته کارو. تنهن وانگي، جنهن ماڻهوءَ کي دولت ۽ سونهن هوئي ۽ نئڙت نه هوئي، سو الوڻي پلاءُ وانگي ڦڪو، ۽ جي هٺيلو هوئي ته لوڻ واري پلاءُ وانگي کارو يعني بيسوادي.“

٣. ديوان ڪوڙيمل جي ”پکو پهه“ مان.

”بيعلم ماڻهو، علم واري ماڻهوءَ کي، معمولي ڪمن ڏاران ٻي ڪجهه مدد ڏيئي ٿو سگهي. هو هن جي منصوبن ۽ رٿن ۾ هن جي ڀائيواري ڪري ڪين سگهندو، باقي البت جيئن ڪو هن کي هدايت يا ڪو هٿ-ڏس ڪندو ويندو، تنهن والگر ڪجهه پيو ڪندو. هو گهڻو ڪري اها ڳالهه به وساري ٿا ڇڏين ته اسان جيڪا چترائي ۽ تيزفهمي حاصل ڪئي آهي، سا سڀ علم جي وسيلي سان- جيئن ته جيڪر ڪو شخص ڪنهن جو روزينو مقرر ڪري ته هڪ-ٻن ڏينهن تائين ان جو احسان ياد ڪري ۽ ڪيترن ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ اهو احسان ان جي دل مان ميٽجي ٿو وڃي، ۽ هو ڏهاڙيءَ جي روزينې کي پنهنجو حق ڪري ٿو ڄاڻي. انهيءَ پر، پڙهيل آدمي پنهنجي راءِ، تدبير ۽ قياس کي پنهنجي اصلي طبيعت سان لاڳو ڪري ٿو.“

٤. ساڳيو مصنف، ديوان ڪوڙومل، ڪڇ ورهيه پوءِ هن طرح جي عبارت سان لکڻ لڳو:

سنديءَ اوستا ۾ هن ڪويءَ جي چيت جو لاڙو ڌرم جي پاسي گهڻو هو، انهيءَ ڪري هو وديا-ابياس ڪرڻ ۽ ساڌ-سنگت جو رس چکڻ لڳو. پر پنهنجي گروءَ جي سنگت ڪندي هن کي ويراڳ اچي ويو، تنهنڪري پنهنجي استريءَ سميت انبرتسر هليو ويو. گروءَ کي به سنڌس سنگت مان

گيان پراپت ٿيو هو. جڏهن هن سر ير چڙهيو، تڏهن هن جي ڏاڍي ورڻ اوستا هئي. مندس چالائي کي پنجئيھ ورهيه ڪن ٿيندا.“

٥. ديوان کانچند جي ”سرسوتي“ مان.

”وويڪ ۽ ويچار- ٻئي پهريان ساڌن آهن، منشن جي سڌاري لاءِ. جي ماڻهو پاڻئي تہ پنهنجي ڪيپ چڱيءَ پر پوري ڪريان، تہ وويڪ ۽ ويچار هلائي. ڪنهن جي هاڃي ڪري، تہ خيال ڪري تہ مون ڇا ڪيو ۽ جيستائين انهيءَ هاڃي جو پورو پڇتاءُ نہ ڪري تيستائين سک نہ سمهي؛ سچو من جو سک تڏهن ٿيندو، حياتي سڦلي تڏهن ٿيندي. اُنٿي لاءِ سانگاهي هلجي، ۽ ايشور ڪان، پرارٿنا ۽ آراڌنا دوارا، ٻَلُ وٺي، دل کي ڪومل ۽ صفا ڪري.“

فصل ٻيو

(تشبيهات ۽ مناسبات)

اڪثر فارسي ڪتابن ۾ هيٺين قسمن جا تشبيهات ۽ مناسبات ڪم ايندا آهن. جي نثر توڙي نظم ۾ عام آهن. جڏهن تہ هاڻوڪو سنڌي نثر ۽ نظم فارسي نثر ۽ نظم جي نموني تي ۽ انهن ساڳين قاعدن تي ٻڌل آهي، تڏهن تشبيهات ۽ مناسبات چالُ ڪري رنگين مضمون سمجهڻ ۾ يا لکڻ ۾ گهڻي مدد ملندي.

تشبيهات

تشبيه قد جيِ. سرو، صنوبر، شمشاد، سرو آزاد، سر و سهي، سر و ناز، طوبيٰ، شاخِ طوبيٰ، شاخِ گل، قامت جا قيامت، نخل يا کجي، تير.

تشبيه وارن جيِ. رات، اڌ رات، ڪاري يا اونداهي رات، ظلمات، هندو، مشڪ، عنبر، دام، دار يا سُوري، شام، ڪڪر.

تشبيه زلفن جيِ. سنبل، ريحان، ڪمند، زنجير، نانگ، سُوري، مشڪ، شام، رات، عمر دراز، حبش، ڇهڪ، وچون، عنبر، رسو، لام، ميم، نون، چوگان، صليب، ڪارو ڪڪر، ڪنڊي، دام، هندو، ڪافر، خطا، ختن، تاتار، چين ۽ ڪاڪل.

تشبيه منهن جيِ. چنڊ، سج، شمع، چراغ يا ڏيئو، ڪعبو، مصحف، گل، شعلو، مشعل، طور، طور جو تجلو، لالہ، ارغوان، صبح، باغ، گلشن، گلزار، چمن، بهشت ۽ باغِ ارم.

تشبيه خال يا تِر جي. هندو، شيدِي ٻچا، مشڪدانو، داڻا، هرمرو، نقطو، وليون، حجر اسود ۽ سونف جو ٻج.

تشبيه پيشانيءَ جي. آئينو يا آرسي، چانديءَ جي پٽي، لوح محفوظ، چنڊ، هلال، ٻدر، سج، زهره، مشتري ۽ سهيل.

تشبيه چيلهه جي. وارُ، ميم، نقطو، ۽ ڪي ڪين.

تشبيه ڀرن جي. هلال يا نئون چنڊ، محراب، ڪمان، انڊلٺ، ترار، ذوالفقار، خنجر، ڪمند جو حلقو، طاق، ڪُنجي، عيد جو چنڊ ۽ نون.

تشبيه اکين جي. بادام، نرگس، تُرڪ، هندو، زهره، بابل، هاروت، سامري، ساحر يا جادوگر، جام، پيالو، ڪٽورو، هرڻ، غزال، صاد، عين ۽ بيمار.

تشبيه پنبڻين جي. خنجر، تيغ، ترار، ڀالو يا نيزو، تير، ڪنڊو، سئي، باز جو چنبو، ڪانُ ڦر، ڏنگ، نيش ۽ نشتر.

تشبيه نڪ جي. الف، غنچو يا مکڙي-گل جي، يا ياسمين جي.

تشبيه چپن جي. گل يا پن، آب حيات، خرما يا کجور، پستا، ڪوثر، مسيحا، ماکي، مصري، قند، نبات، لعل، ياقوت، عقيق، مرجان، باهه، ڏاڙهو، شفق ۽ سهيل.

تشبيه خط يا ڪاڏيءَ جي ريهه جي. بنفشو، هندو، ريحان، زمرد، خطِ ريحان، خطِ غبار، ساوڪ، ماڪوڙيون، چنڊ جو هالو، زنگبار، حبش، عنبر، مشڪ، مشڪين جدول ۽ عنبرين يا زنگاري جدول.

تشبيه وات جي. غنچو يا مکڙي، پستا، مُندي، جوهر، فرد، نقطهء موهوم، صفر يا ٻُڙي، عدم، سپ، قطرو، موتين جي دٻلي، مرجان جي دٻلي، ياقوت جي دٻلي، ميم، ماڪوڙيءَ جي اک، مصريءَ جو ڪُوزو، نمڪدان.

تشبيه ڏندن جي. موتي، گوهر، دُر، ڳهڻا، الماس يا هيرا، تارا، ڏاڙهونءَ جا داڻا، ڪتيون، موتين جي سَر يا ڳنڍ ۽ ياسمين يا نسترن جي مُکڙي.

تشبيه کل يا مرڪڻ جي. وڄ، صبحِ نمڪين، اڌ ڦڙيل مکڙي ۽ چمڪاٽ.

تشبيه ڪاڏيءَ جي. صوف، شفتالو، چانديءَ جي گلي، اهي، بهشت جو صوف، سمرقندي صوف، زنخ جو کڏوهه، 'ه' جو حلقو، غبغب، پاڻيءَ جو ڪُن ۽ طوق.

تشبيه ٻانهن ۽ هٿ جي. چاندي، مرجان جو چنبو، شفق ۽ 'الله' جو لفظ.

تشبيه نڪَّهن جيي. نئون چنڊ يا هلال.

تشبيه سخا جيي. دريا، سمنڊ، ڪڪر، مينهن، چشمو ۽ آب حيات.

تشبيه خوش خلقيءَ جيي. خوشبوءِ، مشڪ، ڪافور، هير، بهار جو واءُ ۽ عطر.

تشبيه ڪاوڙ جيي. وڄ، باهه، دوزخ، جهولو، افعي، قيامت، خزان جو واءُ ۽ طوفان.

مناسبات

حسن جا مناسبات. بيوفائي، خودبيني، خودنمائي، ناز، غمزو، انداز، خونريزي، سنگدلي، چالاڪي، خوبي، جلوو، محبوبي، شوخ چشمي، وعدي خلافي، زود رنجي، تلخ گوئي، تندخوئي، شوخي، ڪارگند، دلبري، دلربائي، بي مهري، خونخواري، دل آزاري، جانفزائي، ستمگاري، جفاڪاري، فتنه انگيزي، فريب، ٺڳي، بهانا جوئي وغيره.

عشق جا مناسبات. آه، فرياد، دانهن، بيخوابي، بيتابي، زاري نيزاري، ضعف، اڻ سگهائي، جان نثاري، جانفشاني، خودسري، آوارگي، خانه بدوشي، جنون، بيخودي، مستي، روح راڙو، اڪيلائي، بي اختياري، دل جو تپڻ، ديوانگي، بيگانگي، بيچارگي، سرگشتگي، پريشاني ۽ حيراني.

فقر جا مناسبات. صبر، توڪل، تحمل، همت، مراقبو، مشاهدو، مجاهدو، معاملو، محاسبو، مجادلو، عبادت، ارادت، قناعت، رياضت، خاڪساري، پرهيزگاري، ترڪ دنيا، بيپرواهي، شريعت، طريقت، حقيقت، گوشي نشيني، خلوت، معرفت، تجريد، تفريد، دم، قدم، فڪر، ذڪر، محنت، مشقت، عصمت، حق پرستي، خداشناسي، سچائي، رضا، تسليم، علم اليقين، عين اليقين، حق اليقين وغيره.

حڪومت جا مناسبات. وڏائي، جاه و جلال، دولت، اقبال، حشمت، سخاوت، عدالت، شجاعت، شفقت، مهرباني، عزم و جزم، شان و شوڪت، فتح و نصرت، رعيت پروري، رعايت، ڪرم گستري، فيض رساني، بردباري، تجمل، لشڪرڪشي، ملڪداري، سرفرازي، وغيره.

علم جا مناسبات. ڪتاب، ورق، صفحو، شيرازو، نوشت خواند، قلم، ڪاڪ، ڪاغذ، لوح يا تختي، نسخو، جلد، خط، ادب، اخلاق، منطق، حڪمت، معقول،

منقول، اسرار، رموز، اصطلاح، صرف نحو، تاريخ، سير، قصص، تفسير، حديث، ڪلام، مباحثو، مناظرو، قواعد، تذڪرو، اصول، فقه، فرائض، نثر، نظم، بيان، معاني، هندسه، اقليدس، جبر مقابله وغيره.

باغ ۽ بهار جا مناسبات. وڻ، ميوا، باد صبا، هير، گل، مکڙي، گلاب، نرگس، ياسمين، بنفشو، سرو، شمشاد، قمري، بلبل، چهچهو، ڪُوڪُو، وهندڙ پاڻي، ساڪ، حوض، نهر، لالو، چمن، سبزه، خوشبو، پستا، ترنج، ليمو، ٻج، ٽڪڙو، ساوڪ، نباتات، ڪڪو، مينهن، گوڙ، وڄ، واءُ، قطرو، ڦڙو، ڪڻ، وهڪرو وغيره.

انهيءَ طرح، ٻين مضمونن بابت علحدا علحدا مناسبات آهن.

فصل ٽيون

نظم جي بيان ۾

نظم جا ڏهه قسم آهن: **قصيدو، غزل، تشبيب، مثنوي، رباعي، قطعو، فرد، ترجيع بند، مسمط، ۽ مستزاد.**

(١) قصيدو. لفظي معني قصد ڪرڻ، يا مغز غليظ ۽ اصطلاحي معني موجب ڪي جيترا موزون بيت، جن مان پهرئين بيت جون ٻئي مصراعون هم قافيه هجن، ۽ ٻين بيتن جي فقط پوئينءَ مصراع ۾ ساڳيو قافيو هجي. قصيدي ۾ تمام ٿورا ته ٻه ٻارهن کان مٿي بيت هجن، ۽ گهٽي کان گهٽا سو-سوا بيت هجن. اڪثر، شروع ۾ شاعر تمهيد يا ديباچي وانگي مضمون آڻي، ۽ پوءِ جنهن جي تعريف ڪرڻي هجي انهيءَ جو نالو ۽ صفتون آڻي يا ٻيو مضمون آڻي، ۽ پڇاڙيءَ ۾ انهيءَ جي حق ۾ دعا گهري. قصيدي جو مضمون علحدو علحدو ٿي سگهي ٿو- خدا جي تعريف، حضرت جن جي نعت يا منقبت، ڪنهن بادشاهه يا امير جي تعريف، يا ڪنهن جي هجوَ يا شڪايت، يا نصيحت يا ڪو ٻيو مضمون. قصيدو، مضمون جي نظر تي، مدحيه يا هجويه يا دعائيه يا عشقيه يا بهاريه يا فخريه يا حاليه وغيره سڏبو آهي. شاعر جو نالو يا تخلص ضرور ناهي ته پڇاڙيءَ واري بيت ۾ هجي پر ڪٿي به وچ ۾ اچي، پڇاڙيءَ کان اڳي. قديم مشهور شاعرن جا قصيدا مشهور آهن، انهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. پوين شاعرن جي پيروي، قصيدي ۾ ضروري ناهي. مثال طور ڪجهه قصيدا ڏجن ٿا.

قصيدو، پردي جي تعريف ۾

عقل تي پردو پيو تن جي، جي چاڙن ڪين ٿا،
جي رهن پردي جي پردي ۾ لڪل ٿا فائدا.

زال جي لءِ آهي پردو هڪ وڏي نعمت عجيب،
ٿي سلامت ۽ بچيل سا، آن ۾، ڪان ظلم ۽ جفا.

جيسين پردي ۾ رهي، با پرده سڏجي، پاڪ پڻ،
نڪتي پردي مان جڏهن، بيپرده ٿسي ۽ بيحيا.

نازڪ آهي اصل ڪان بيشڪ بدن ۾ نازنين،
پر زياده نازڪ آهي عزت آن جي آن ڪنا.

مانَ سان موتي رهيو پردي ۾ سالم سپ اندر،
نڪتو باهر، ٿڦنگ ٿيس، بازر ۾ ڪاڏائين ڏڪا.

لعل ۽ هيرو سڄو سارو هو پنهنجيءَ ڪاڻ ۾،
نڪتا ٻئي باهر جڏهن، چلجي ۽ پرزا ٿسي پيا.

خاڪ جي پردي ۾ جيسري ٿي رهي هڪ هنڌ باهه،
جڏهن لٿس پردو، آڏامي ٿي فنا وئي منجهه هوا.

وات جي پردي ۾ آهي زيب زينت ڏند ڪي،
نڪتو باهر، ويو آڇلجي، جيئن آڇلجن پيا هڏا.

مانُ منبر جو ڏسو مسجد آندر محراب وٽ،
نه ته پهر آهي سرون سو، پيا ٿڪرَ تختي سندا.

قدر وارو ٿو رهي کهڙو نه، گلشن ۾ گلاب،
ويو پهر، تڏهن آب نڪتس باهه تي ٿيو فنا.

دٻليءَ ۽ صندوق ۾ پيا قيمتي دُر ۽ گَنهر،
پيا پهر پتر ۽ لڪر، ڳڻتي نه ڪنهن کي تن جي ڪا.

عورت آهي 'زال'، آن جي معنيٰ آوکهڙ آهي پڻ،
هر طرح عورت جو ستر ۽ پردو واجب دائما.

گوشه گيري ۽ قناعت زال جي تهذيب آهي،
ساڳي ايءَ تهذيب ۽ عادت رکن ٿا اوليا.

ڪم ٻُري ڪان پوءِ توبه مرد جي ٿئي ٿي قبول،
زال جي عزت وئي جا، موٽي توبه سان نه سا.

زال پردي ۾ ڀچيل آهي ٻهر جي حرص کان،
پڻ ڀچيل ايذا کان بدڪارن جي آهي بيشڪا.

بند جائن ڪين پردو ٻيبيون پرده نشين،
بلڪ ٿي بيپردگي تن لاءِ تڪليف ۽ بلا.

گهر اندر موجود تن کي هڪڙو عالم پنهنجو آهه،
جيئن رهن راڻيون ٿيون پنهنجي ملڪ ۾ فرمانروا.

سڀڪنهن جو سک رهي دل جي خوشيءَ تي منحصر،
۽ خوشي دل جي رهي ٿي منحصر عادت مٿا.

زال جي عادت جي ٿي گهر ۾ گذارڻ جي پڪي،
رهندي خوش پردي ۾، ٻاهر رنج نت رهندي آها.

زال ڪمزور ۽ ضعيف الخلقت آهي اصل کان،
ٻاهريون پورهيو ۽ محنت ان جي لءِ ٿيو نساروا.

آن کي پيدا ڪيو خدا گهر تڙ سندي ڪم ڪار لاءِ،
نسل جاري ڪن، ٻچن سي ٻار پالي ڪن وڏا،

پردي جو ٿيو ذڪر پڻ توريت ۽ انجيل ۾،
بُرقعو واجب هو ڪليسا ۾ اصل پردي ٻجا.

پردو آهي هر طرح اسلام ۾ واجب ضرور،
حڪم قرآن ۽ حديثن ۾ انهيءَ لءِ ڪيترا.

زالون مستورات ٿيون جي مومنات ۽ محصنات،
تن کي جنت جي بشارت پڻ ڏني آهي خدا.

پردي جي نوري گهڻي هئي رسم هر مذهب ۾ اڳ،
پارسي، هندو ۽ چيني ۽ جاپاني ۽ ٻيا.

هن زماني ۾ اچي رولو پيو هر قوم ۾،
سڀ خيال ۽ فعل ۾ آزادگي گهولڻ لڳا.

پر جي ڏسندو، فطرتي قانون ٿيو پردو اصل،
چاهي فطرت، خود خدا پردي اندر گهاري سدا.

ستر، پردو، پوش، نت قدرت کي پڻ آهي پسند،
ماءُ جو ٿيو پيٽ پردو ٻار جي لءِ، اي ادا.

ٿيو اکين جو نُور قدرت سان ستن پردن اندر.
ڪَنَ جا پردا شل نه ڦاٽن، نه ٽر، نه تن جي ڪا دوا.

مغز ۽ ڇاتيءَ جي پيا صندوق ۾ دل ۽ دماغ،
سڀ رئيس اعضا خدا پردن اندر ڪيا جسم جا.

ٻلهڙ ۽ پرَ ٿيو ستر پردو، لءِ پکيءَ جانور،
ٻج ۽ گل ۽ ڦر، نباتي، پردي ۾ ٿيا جا بجا.

پڻ جماداتي جواهر، نيلم ۽ هيرو ۽ لعل،
موتي پڻ مهراڻ جا پردي جي اندر سڀ لڪا.

ڏس وري اربع عناصر سڀ ٿيا پردي ۾ اڪل،
بھہ ۾ ٿي باھہ، پاڻي منجهہ مٽيءَ ۽ منجهہ هوا.

قيمتي گنج ۽ خزانا سڀ لڪا پردي اندر،
غيب سڀ پردي اندر ٿيو، ڇا حياتي موت ڇيا.

لفظ ۾ معني، ۽ معني ۾ رهي مطلب لڪل،
شمع پڻ فانوس جي پردي ۾، پردي ۾ هُما.

هر طرف پردو ۽ ستر آهي نظر ۾ ۽ حجاب،
هوئي نہ ماڻهن ۾ ۽ زالن ۾، تہ پوءِ وا حسوتا.

حق جو نائب ماڻهو ٿيو، اشرف سو مخلوقات ۾،
ٿيو جي بيپردي، تہ آدم شرمندو ٿيو ۽ حوا.

هر طرح دنيا ۾ رک پردي جي حد قائم، ”قليچ“،
اعتدال افضل، ۽ بد افراط ۽ تفريط ٿيا.

قصيدو عشقيہ ”ديوان فاضل“ مان

سڻ، سڄڻ ڪي ڏج سنياري سربسر ساڻي سلام،
ور وسيلا واڳ واري سربسر ساڻي سلام.

ريءَ ڏسڻ راتيون ڏکن ۾ ٿي گذاريان ڏينهڙا،
محب، مهجوري ٿي ماري، سربسر ساڻي سلام.

ننڊ نيڻن کان وئي، آرام تن کي ڪيو ترڪ،
ٿي گهنگر گولي گذاري، سربسر ساڻي سلام.

يار تنهنجي يادگري روز شب ٿي روح کي،
ٿي ڪٿهي صد بار ماري، سربسر ساڻي سلام.

هوت هيئيءَ سان ڪرڻ هيڏي نہ گهر بي هئي اوهان،
دل ليسان دلبر ڌتاري، سربسر سائي سلام.

وقت جنهن ۾ بيو وڇوڙو، ويو وڃي واڳون وصال،
نت نمائي ٿي نهاري، سربسر سائي سلام.

محب! مون مسڪين ڪي ويٽرين وسيلا هت چڙي،
ورہ ۾ ورنهہ وہساري، سربسر سائي سلام.

ملڪ ۾ مشهور ٿي هئي هوت هيڏي حرص سان،
نهنن چاڙهي نسئي لظاري، سربسر سائي سلام.

دربدر ديدار لاءِ دلڙي نمائي ٿي رهي،
پرت سان پلپل پڪاري، سربسر سائي سلام.

ست مقابل محب تنهنجي مور ڪونهي ملڪ ۾،
ڪا گهڙي جنهن ساڻ گهاري، سربسر سائي سلام.

جا هتي حيران هئي پر ٿي سڪي ساري سدا،
ڪيئن وئين سا ور وساري، سربسر سائي سلام.

ڏر وسارڻ ناهي لازم، جا پتجهي پانهي وئي،
ٿئي پلڊر پورهيت پڌاري، سربسر سائي سلام.

خط لکي جي وقت نيئن رت نمائيءَ جي رنو،
چئي، منجون هيڪار هاري، سربسر سائي سلام.

دل جدائيءَ ۾ جيارا سفت جا ميري ٿئي،
سا اچي ڪر تون آجاري، سربسر سائي سلام.

جو ويو هٿ سان هلي هت هو حبيبن جو وصال،
شال سو ڏاتر ڏياري، سربسر سائي سلام.

دربدر دمدم نهاري ۽ ڪري ٿي 'هوت هوت'،
ان طرح طالب تنواري، سربسر سائي سلام.

ٿي ڪٿيي قربان سا قالوا بلي جي قول سان،
منجهہ الستي ڏس اشاري، سربسر سائي سلام.

ٿي سڪي ساري سدائين گهل گرائيءَ لاءِ گهري،
تنهن سندو ٿپ ـ لار لاري، سربسر سائي سلام.

عيب ڏيڪ ان جا، اچي احوال پلڊ اتفاق سان،
جان ہئي پانهي پهاري، سربسر سائي سلام.

عرض آڳي ڪـي ڪري هر هر ڪنيو هٿڙا ٻڌي،
آڻ پرڏيهيءَ پيـاري، سربسر سـائـي سـلام.

مرتبي آهنجي نـہ مـاپـن سوڪڙيون تحفا سيئي،
جي ڏيان ڪي آڻ قطاري، سربسر سائي سـلام.

چا ڏيان، ڏوريان نهاريان، چا ڏيان محبوب ڏي،
پرينءَ سان جو قول پاري، سربسر سائي سـلام.

ڀر ٿڪم ڪو قدر تن مان، ڪج ڪرم سين سو قبول،
پـال پـايـان تـي پـلاري، سربسر سائي سلام.

مرڪي آهـن جـي اسان سؤ سـلام آن ڏي ڏنا،
سي لکيم هن خط ڪناري، سربسر سائي سـلام.

فڪر "فاضل شاهہ" تسان لاهين لياقت لطف سان،
ڪر صفا سيد سنواري، سربسر سـائـي سـلام.

قصيدو هجويہ، "ديوان فاضل" مان

(جنهن ۾ وقت جي شاعرن جا نالا آهن.)

سـڌائـي سـخـن جـي خيانت صفائي،
سخن گـو سيائڻ ڪـُـڌائـي ڪـَجائي.

انـدر شعر جي مرد مضبوط 'محڪم'،
الـهـيءَ ڪـي عيان تـي الائي مٿائي.

تشابه نـہ تـن وٽ سندي سخن آهـت،
سخن تـي جنهين صاف همت هـلائـي.

مٿي دين 'محڪم'، سنگت ساڻ سالم،
الهن ڪـي نـہ آهـي عداوت اٿـائـي.

هـون ٻـن اهـي مـيـٽ مردود مفسد،
ٻـٽـن جـي رڪـي پلهه پـر پـر پيائي.

فضيلت سـوا ڪير 'فـاضـل' ٿئي ٿـو،
ادا عـاريـت عـلـم جـي سـچ اجائي.

ء 'خورشيد' خو آدمي ڪو ٿئي هڏ،
نہ 'علوي' صفت اي لهي سـج سمائي.

نڪي طفلؔ ري 'لطف' لهندو لياقت،
تڪبر ڪري ترت 'تائب' توائي.

ونڌن جي نہ رنگين ڪلمو ڪلامي،
آهي جا سچائڻ ڪچائي ڦڪائي.

مصنف سڌيادار 'محمود' منصب،
سندن حق باطل انهن سڌ سچيائي.

پڇي لسٽ لڌيءَ مان اٿي ٿين شاعر،
سنڌي شاعرن سٽ سچائن نہ مائي.

ڪري عقل الصاف مربوط محڪم،
بنان برهم جي پاڙ پختي اڻائي.

جڏهن ياد ڪئي يار ياري قديمي،
محبت تڏهن ڏوم دل تي مچائي.

لهي ڪير ڪل ڪوڙ غافل انهيءَ تي،
اسان يار سان آهي جا آشنائي.

قديمي قرابت ڪيم قرب اصلي،
نئي سر نئون، جلد ورتي جدائي.

'ميان محڪم الدين' مشفق مڪرم،
اوهان ختم آهي صداقت سچائي.

اٿم يار 'آلحق' اخلاص آن ڏي،
نہ رهي رعايت نہ راسخ رمائي.

'اذا وعد' وارو پڙهي قول پاڻهي،
وفا ڪر وري يار وعدي وفائي.

منجهان دين "فاضل" مزو ماڻ محڪم،
اٿئي صدق ري سڀ بلاشڪ برائي.

(٢) غزل. لفظي معني موجب، 'زالن جو ذڪر ڪرڻ' ۽ اصطلاحي معني موجب اهو شعر، جنهن ۾ پنجن کان وٺي ٻارهن تائين بيت هجن، جي قصيدي والگي هجن - يعني هموزن ۽ هم قافيه -، ۽ پڇاڙيءَ واري بيت ۾ شاعر جو نالو يا تخلص اچي ٿو. غزل ۾ مضمون اڪثر عشق ۽ حسن، وصال ۽ فراق جو هوندو آهي، ڪڏهن تصوف ۽ ٻين ڳالهين تي بہ ٿي سگهي ٿو. مهڙ جي بيت کي 'مطلع'، انهيءَ کان ٻئي کي 'حسن مطلع'، ۽ پڇاڙيءَ جي بيت کي 'مطلم' چئجي. غزل ۾ جيڪو

عمدو بيت هوندو آهي، تنهن کي ‘شاهه بيت’ چوندا آهن. الف-بي وار غزلن جي ڪتاب کي ‘ديوان’ چوندا آهن. فارسي ۾ ڪيترا مشهور ديوان آهن، سنڌيءَ ۾ ٿورن ورهين کان غزل لکجڻ ۾ اچن ٿا، ۽ ديوان به لکيل آهن، مثال لاءِ هڪ غزل ڏجي ٿو.

*

رنج سان ويو رسي دلدار، خدا خير ڪري!
درد ۾ دل ٿي گرفتار، خدا خير ڪري!

دلبريءَ سان ته ڏنئين ڪونه دلاسو دل کي،
ويو غمن ۾ گڏي غمخوار، خدا خير ڪري!

لک ڪيم آزيون ايازيون نه مڃيئين منت ڪا،
ڪيئين اصل وصل کان انڪار، خدا خير ڪري!

جنهن کي سمجهيم ٿي سڄڻ، هاءِ، ٿيو بدخواهه،
دوست ٿيو دشمن، خونخوار، خدا خير ڪري!

ڏوهه ڪنهن کي ڏجي ناحق، آهي قسمت جو قصور،
ٿيو دلارام دل آزار، خدا خير ڪري!

دور دنيا جو عجب آيو، ٿي محبت معدوم،
شور شر نڪري ٿيو نروار، خدا خير ڪري!

بيڪسيءَ ڪئون آهي حيران پريشان ”قليچ“،
سڀ ويس چارا، ٿئو لاچار، خدا خير ڪري!

*

(”ديوان گل“ مان)

آهي ننڊ نڌوري ۽ آرس اٻاڳ،
سهڻو سور سارو، اٿي يار جاڳ.

چوري تند طنبور جي ڪر طالب،
ريجهي راڳ ڏيندو، لنگها! توکي لاڳ.

جنهن کي سڪ ڪيو سيني ۾ سوز سل،
صدا تنهنجي سرٽيو، روئڻ تنهن جو راڳ.

وڇوڙي جي دل ۾ لڳي جنهن ڇري،
وره ۾ وصل جي وهو ڏي وهاڳ.

ٻوي ٻوءِ ڪامڻ ٻچڻ جي ٻهر،
توٽي ڪو ٻچي ٿو اندر دل ۾ داڳ.
جاڳي جو سڻو، دل ڏيئي رب کي،
ٻلي سو سهي، "گل" سڻون جنهن سياڳ.

*

("ديوان فاضل" مان)

منجهه اندر تي آڳ آئي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ،
جوش ۾ ٿي جان ڦاٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

درد ۾ دل دردمندن جي جلي، منجهه جوش جند،
چر وڏي چيري چراڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

هانوَ هڏ چم ساڻ اڳرا، سڀ سجهايا مغز ماهه،
عشق جي آتش آساڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

دمبدم، غم ۽ الم جي ساهه تي هر صبح شام،
باهه ٻرڪن کي ٻساڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

فڪر، "فاضل شاهه"، اندر ٿا آيان آگ گهاءَ،
ڏڙ ڏرياٿون قلب ڪاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

*

("ديوان سانگيءَ" مان)

اسين عقل کان آهيون عاري، عزيزو!
اسان کي پرت آهي پياري، عزيزو!

زياده آهي قيمتي ڪيميا کان،
اسان جي اها خاڪساري، عزيزو!

اسان جهڙا مسڪين جنهن ڪيا مقرب،
ڏسو عشق جي بردباري عزيزو!

رهيا دهر ۾ فند، فتنا ۽ بازي،
وڃان ڳالهه وٺي وره واري، عزيزو!

اسان ٻاڻ ڪنهن سان نه ڪئي ڪا مروت،
اسان سان ڪندو ڪير ياري، عزيزو!

سياهيءَ مان وارن ۾ آئي سفيدي،
۽ گذري وئي گلعذاري، عزيزو!

عجب هو آهو پنهنجي جوانيءَ جو عالم،
نه هئي جنهن ۾ ڪا انتظاري، عزيزو!

تون ”عبدالحسين“ جو تہ الحمدلله،
پرين سان اسان پرت پاري، عزيزو!

*

(”ديوان بلبل“ مان)

سهڻا! ضرور توکي سينگار جو نه آهي،
ري زلف، دام دل لئہ بيءَ تار جو نه آهي.

جي قتل لاءِ ڪنهن جي تون ٿو ڪشين ڪمر کي،
ابرو اٿئي، تہ مانگو تلوار جو نه آهي.

اٽڪايون اکڙيون آن ۾، پر جي ڪو محض مقصد،
مژگن جي مورچي کي پيڪار جو نه آهي.

هن نازنين جي قد سان همسر نه سروَ ٿيندو،
جو ڪاٺ آلکهڙيو ڪنهن ڪمڪار جو نه آهي.

”بلبل“ تون هاڻ بس ڪر باريڪ بات هن کان،
اڄ قدر ڪوئي ڪنهن وٽ اشعار جو نه آهي.

*

(”ديوان قاسم“ مان)

دنيا سان مَ رک ياري ڪڏهن،
جو ڪنهن ساڻ آن پت نه پاري ڪڏهن.

ٿئين غرق جي غم سندي بحر ۾،
ڪنديئہ ڪين هوءَ غمگساري ڪڏهن.

طلب آن سندي محض تاوان آهہ،
مَ ڪر لاءِ تنهن تات تاري ڪڏهن.

دنيا ڪوڙ، جا ڪوڙ سان گڏ ٿئي،
نہ ڪنهن عارفن ري وساري ڪڏهن.

ڪري غير جي ترڪ ”قاسم“ طلب،
ڪجي ڪاڻ طاعت تياري ڪڏهن.

(٣) تشبيب. لفظي معنيٰ موجب، 'شباب يا جوانيءَ جو ذڪر'؛ اصطلاحي معنيٰ موجب قصيدي جي مهڙ جا بيت، جي تمهيد وانگر ايندا آهن، ۽ جن ۾ مضمون جون صفتون مجمل طرح آڻيون آهن. انهيءَ کان سواءِ ٻين مضمونن تي به تشبيب هوندا آهن. غزل ۽ تشبيب ۾ ٿورو تفاوت آهي. مثلاً:

جنهن کي عشق جو تير ڪاري لڳي،
جيئن تنهن کي هن جڳ ۾ ڀاري لڳي.

نه ايندو ڪڏهن تنهن جي دل کي قرار،
جنهن کي يار جانيءَ سان يا ري لڳي.

محبت سرڻ تائين سو ڪيئن ڇڏي،
جنهن کي عشق جي بيقراري لڳي.

محبّن کي نت آرزو وصل جي،
ملاقات پيارن جي پياري لڳي.

ڪلي جي ڪڏهن تن سان گهالهائي يار،
رقيبن جي دل ۾ ڪٽاري لڳي.

(٤) مثنوي. "تثنيه" مان نڪتو آهي - يعني 'جوڙو' يا 'ٻه'. اهو شعر، جو هڪڙي وزن تي ٺهيو ٿئي، ۽ هرهڪ بيت جون ٻه مصراعون هم قافيي آهن؛ قصيدي يا غزل وانگي، سڀني بيتن جو هڪڙو عام قافيو ناهي. مثنويءَ کي 'مزدوج' به چوندا آهن. فارسيءَ ۾ وڏن وڏن شاعرن جو مثنويون آهن. سنڌيءَ ۾ به ٿوريون آهن، جيئن 'بوستان' ۽ 'زليخا' جا ترجما. هيٺ مثال لاءِ اسين مشهور 'مثنوي مولوي جلال الدين روميءَ' جو ڪو ڀاڱو ترجمو ڪري ڏيون ٿا.

ٿئن جڏهن درياهه ۾ ٻئي، بحر ٿئي
سڄ اڱيان ڪڪري به سج جهڙي ٿي ٿئي.

جڏهن ٻوي داڻو ٻنيءَ ۾، ٿئي ٻني،
آدمي ٻنجي، اصل جا هئي مني.

ماني جڏهن ڪاچي ٿي ماڻهوءَ ۾ ٻئي،
هئي مقتل اڳ، پوءِ وهي جيئري ٿئي.

باهه جڏهن ميڻ ۽ ڪاٺي ٿي ڇڙور،
سنجي ڪارنهن سان ٿئي ان ۾ نو نور.

پسجي جڏهن پهڻ سرهڻو ٿـو ٿئي،
تـڏهـن اکين ۾ روشنائي ٿـو ڪري.

تيئن پـلـو سو مـرد، جو پاڻئون وهـو،
۽ مـري جيئري سـان سو شـامـل ٿيو.

واهه سو جيئرو، جو مڙدي سان وهـي،
ڏئـي حياتي پنهنجي، مڙدو ٿي پـوي.

روح تنهنجو جـڻ هـڪي پچري ۾ آهـه،
قيد مان تنهن ڪي ڇڻڻ جـي رمز لاهه.

روح جـي آهـن ڇـڏـڻ پچري منجهان،
انـبـيـا ۽ اولـيـا ٿـيـا اصـل ڪان.

سي ڇڻڻ جـو تـوکي رستو ايءَ ڏسين،
جـي مـريـن بيمار ٿـي، ڇڻندين يقين.

خلق ۾ جـي هوندين هت مشهور تـون،
بـنـد ۾ هوندين سـدا رنـجـور تـون.

پڌ تـه هـڪڙي ڳالهه آءٌ توکي چـوان،
حق ڏسـي معلوم تـوکـي ان منجهان.

*

(مثال، ”بوستان“ مـان: مصنف سيد پناهه علي شاهه ۽ ميان غلام محمد).

پڌو مون تـه ڪنهن هـڪڙي بادشاهه،
ڏنـو وقت سڪرات جـي ٿـي پساهه.

تـنهين بـادشهه کـي نـه اولاد هـو،
نـه پيو تخت جـي ڪاڻ آمـاد هـو.

ڏنائين گـدا هيڪڙي کـي تـاج تخت،
گـداگـر ٿـيـو سو خـداونـد بخت.

گـداگـر جـڏهـن بـادشاهـي ڏٺـي،
لـڳـي پـوه تنهن کـي فقيري مٺـي.

رکيائـيـن وڏو بـادشـاهـي دمـاغ،
ڊرپو ڊونڌ جي ڪاڻ ظاهر سو زاغ.

جڙهي فـوج سان، فـوجداري ڪري،
رعـيـت تـي مـحصـول پـاري ڌري،

ٿيو زور سان ظلم ۽ زور سخت،
ڪري ظلم سان زور آباد تخت،

ڪري جنگين سان جنگي خيال،
نہ سگهين محتاج جي ڪا سنڀال.

ڏٺو هو جنهين قوم زاري ظلم،
اٿاريو تنهين جنگ جهيڙو خلم،

ڪيائون تنهين سان جهيڙو جدال،
ٿيو جنگ ۾ مرد مسڪين حال.

مثل مينهن جي ٿي وٺا تيز تير،
ڪري جنگ ٿيو عاجزيءَ ۾ فقير،

ٺڪائين ڪنهين نيڪ ڏي آدمي،
وڃي پٺو ڪري نيڪ جي خادمي:

مگنڪي ورتو هن دشمن زور سخت،
دعا سان، توفيق ڏي نيڪ بخت.

*

(مثال، ”سڪندر نامه“ مان: مصنف غلام مرتضيٰ شاهہ ”مرتضائي“).

بهار آيو، ٿيو باغ سرسبز، واہ!
ڏسي گل کي بلبل مٺي بادشاهہ.

وڇايون اُٿن هيٺ فيروزي فرش
ٿي قمري ڪري سَرْوَ جي شاخ عرش.

ميوَن جا مزا واہ، هردم مٺا!
گل آندي جهڪ مهڪ ڦڙيا موتيا.

چنبيليءَ جو چهرو سونهريءَ جي لهر،
ڪري بيٺي قصدون سا رابيل قهر!

نمايان نسرين، پيو نسترن،
ڪنڌهار مکڙيون ٿيون ٽهڪ ڪلن.

وٽن کي مليا ويس ساوا وڳا،
ولين جا وڃي ڦنگ چوٽون لڳا.

عجب عشق پيچن سندا پيچ تاب،
ڪلهہ جعفري، چهرہ آفتاب.

ڏسو موڙ ميندن جا شب ٻڌو شميم،
۽ ٻاٻونه، زنبق جو رتبو عظيم.

كيان كهڙي سوسن صفت صد زبان؟
جوان جنهن ۾ هيءَ باغ وارو بيان.

*

(مثال، ”گل خندان“ مان: مصنف آخوند لطف الله).

اڏر قاصد چتونا وڃ يار ڏي ڀَري،
وڇوڙين ڏي مكو توکي وڇوڙيَن،

وڇوڙو جو پيو، پارڻ پيوسين،
جلن ۽ جوش ۾ كهارڻ پيوسين.

سدا توکي تو جاني! ماهه ساري،
الله شل وصل جو كو واءُ واري.

جهازون آءُ ڇڏيي جنهن دم ٿيس ڏار،
پئي نڪلڪيس مٿي تختي تنهن وار.

كنيم هك ديوَ تختي تان اڏائي،
منكي قابو ركيائين قيد پائي.

مٺن سان گڏ نہ جهرن سان جوڙو،
الا، كهوريو وري اهڙو وڇوڙو!

وري طوطو وڇوڙيل رب واريو،
جنهن کي رات ڏينهن ٿي ماهه ساريو.

مكو تنهنجي وڇوڙي جا اندر سور،
جدائيءَ ۾ آجو پلپل پون پور.

چتون! قاصد مڪليوسين لاءِ خبر چار،
مكو تنهنجي ملي كا خير اخبار.

٥. رباعي. ربع مان نكتل آهي، يعني چار. هن شعر ۾ فقط چار مصراعون آهن يا ٻہ بيت آهن، جن مان ٽن مصراع كان سواءِ پيون سڀ هم قافيي آهن؛ يعني چارئي، قافيہ دار هونديون آهن. مگر رباعي جو وزن خاص مقرر آهي بحر هزج. آهو اكثر هيءُ آهي؛ ”لاحول ولا قوت الا بالله“ يعني ”مفعول مفاعيل مفاعيل فعل“. انهيءَ مان ڦريل گهريل ٻيا ٻہ وزن آهن، جي علم عروض ۾ آهن. رباعيءَ کي

"دوبيتي" ۽ "چهار مصراعي" به چوندا آهن، "ترانه" به سڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن رباعيءَ ۾ شاعر، تخلص به آڻيندو آهي. مضمون علحدا علحدا ڪم ايندا آهن فارسيءَ ۾ گهڻن شاعرن جون رباعيون آهن: جيئن ته رباعيات عمر خيام، رباعيات جلال الدين رومي وغيره. سنڌيءَ ۾ عمر خيام جون رباعيون ۽ ٻين شاعرن جون رباعيون سون ترجمو ڪيون آهن، جي ڊار ڪتاب "موتين جي ڏيليءَ" ۾الي سان ڇپيل آهن. انهن مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

١- جو پاڻي حياتيءَ جو ادا! تو ٻولي،
سو خضر جي پيروي سدا تو ٻولي؛
ڇاڻين ٿو ته ڪير آهي شيطان رجيم؟
انسان کان پاهر، جو خدا ٿو ٻولي!

٢- هيءَ عمر، جنهن ۾ تون رهين ٿو بيتاب،
پاڻيءَ تي آهي نقش يا آهي آو حباب؛
دنيا آهي خــواب، ۽ حياتي آن ۾،
گويا آهي خواب، جو ڏسين ٿو منجهه خواب!

٣- ڏينهن رات ادا! تون جو خدا پيو ڳولين،
اندر تي ڇو پاڻ کان جدا پيو ڳولين؟
حق تو سان پيو ڳالهائي سدا ۽ پيو چوي:
آءُ تو سان لڳو وتان تون ڇا پيو ڳولين؟

٤- محتاجي عجيب، بڇڙي فقيري پيري،
بيشڪ آهي وڏين ۾ صغيري پيري؛
ڏاڏي کان پڇيم: خراب پيري يا موت؟
آن ڏانهن ڪري چيو ته پيري پيري!

٥- ڪر ڏيان، مجاز سان حقيقت تون نه مٽ،
معراج جو وٺ مثال، چؤ و ڏ نه گهٽ؛
مثلاً ٿا چون ته ويو نبي عرش مٿي،
صوفي ٿا چون ته عرش آيو آن وٽ.

٦. قطعه. قطعه سان نڪتل آهي، يعني وڍيل يا ٽڪر. اهو شعر، جنهن جا بيت هم وزن ۽ هم قافيي آهن، انهيءَ ۾ غزل جهترا بيت يا انهيءَ کان گهٽ ٿي سگهن ٿا، مگر پهريون بيت يا مطلع ڪونه هوندو اٿس، يعني غزل جي مطلع وڍڻ

مان قطعو ٺهندو آهي. هن ۾ به بعضي تخلص اچيندا آهن. فارسي ڪتاب 'مقطعات' جا گهڻا آهن، خصوصاً اُن زمين جاء سنڌيءَ ۾ فارسي ڪتابن جا قطعا ترجمو ڪري، ڪتاب "چندن هار" ۾ ڇاپايا اٿم ۽ ڪي ٻين ڪتابن ۾. مثال:

١- ٻه ڏينهن عمر جا جيڪي بچيا اٿئي باقي،
وڃي جي گوشي قناعت جي ۾ مقام ڪرين.
ڏٺا وٺين ٻه، ۽ پوءِ ڪين آتي زمين نڪر،
۽ مير هڪڙي جو، ٻئي جو وزير نام ڪرين.
رکي حلال جي ماني اچئي جي اُن ۾ هٿ،
۽ پاسو دل جي خوشيءَ سان ڪنا حرام ڪرين.
"قليچ" ان ڪان ٿئي ته بهتر ڪنهن ٻئي جي اڳيان،
رکين تون سيني تي هٿ ۽ جهڪي سلام ڪرين.

٢- چگو زمين، زماني جو ڏسان مثل هڪ وار،
بساط جاڻ تون شطرنج جي وڇايل يار!
اڇا ۽ ڪارا ٿيا ماڻهو، جو رات ڏينهن جو رنگ،
اهي ٿيا راند جا مُهرا، وڏهن پيادا، سوار.
اچي ٿيا گهوڙا ۽ هاٿي ۽ آٺ اتي موجود،
نه سگهه وزير کي آهي، نه بادشاهه کي قرار.
سين جو رخ ٿيو طمع ۾، ڏين ٿا شاهه کي شهه،
۽ ڪشت سان ڪرڻ مات، ٿي مڙن کي ٻچار.
قدم قدم هلي پيادا، وڃي سوار ٿين،
سنوان هلن ٿا سنوان، ۽ ڏنگا ڏنگيءَ رفتار.
تو گهرجي صبر، تحمل، ڌيان، اڳ گهٽي،
سنوت، سچائي، هنر، عقل، هوش ۽ اختيار.
ڪرين عمل جي الهن تي، انهيءَ ٿي عرصي ۾،
ته ڪنهن "قليچ" فتح، نه ته بازي هار.

*

(قطعو، "گل خندان" مان)

عشق رهبر ٿيو جڏهن، آرام و راحت وڃي ڇڏي،
عشق جي آزار مون کي گوندرن ۾ ويو گڏي.
وات وڃڻ ٻئي وندر ۾ ڪاڻ جانب منجهه جبل،
ڏور ڏونگر ڏاڪڙا ڏورڻ پيا مون جيءَ جڏي.
(ايضاً)

کو سٽي سورهيه اچي ميدان ۾،
کو اچي هشيار هن ميخاني ۾!
ٿي ڇيو مستن عيان منجهه وجد ۽ حال،
آهي اسرارِ نهان پيماني ۾.
بيغرض بلڪل اهو باطل تون ڄاڻ،
جو رهي ٿو عشق جي خمخاني ۾.

(٧) فرد. يعني ڇڙهو يا مجرد ـ اهو ٻن مصراعن وارو شعر، جنهن ۾ هڪڙي مصراع ۾ قافيي جو ضرور ڪونهي، پر ٻئي قافيه دار به ٿي سگهن ٿيون، جنهن صورت ۾ اُهن کي بيت چئجي ٿو. فارسي ۾ مفردات جا ڍار ڪتاب اڪثر ٿورا آهن. سنڌيءَ ۾ اسان فارسي ڪتابن تان مفردات گڏ ڪري، ڪتاب "املهه مائڪ" ۾ ڇپايا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ٿي قناعت جنهن کي، تنهن جي هٿ ۾ مٽي سون ٿي،
نفس جو پارو جو ماري، ڪيمياگر آهي سو.

....

مرد ڪامل ٿي جڏهن، پنهنجي وطن کي ٿو ڇڏي،
ٿو ٻچي ميوو جڏهن، ڏاريءَ کان پنهنجي ٿي جدا.

....

آدم کي سجدو هين نه ڪيو، حق کي هٿن ته ڪيو،
شيطانُ، ٻي نماز کان بهتر هزار بار.

....

لاهي صندل مٿي جو سور ضرور،
پر لهن ان جو ٿيو مٿي جو سور.

....

جيسين هستي نه تنهنجي ٿيندي گُم،
ڇانئندين ڪين ڇاهي 'هو معڪم'.

....

'شاهه' آهي، جو تنهنجو ٿيو دربان،
ميزبان آهي تنهنجو ٿيو مهمان.

(مثال، "ديوان فاضل" مان)

'سچو' رهه نه ڪر ڪوڙ ڪنهن سان ڪڏهن،
ڪتر ڪوڙ، سَنهو آهي ايمان جي.

....

ڪيئو ڪوڙ جتن، سي نياڳيا نڪار،
نيٺيا نيٺ ناقص اندر انسڌ نار.

......

لاريب رمز وارن، رونشو روا نہ آهي،
ري حب هوت هن کي هرگز هوا نہ آهي.

....

(مثال، "گل خندان" مان)

مون مسافر مان مورڙن دل لڳائڻ نہ روا،
اڄ هتي منزل، سڀاڻي ماڳ ٻئي، منهنجو مڪان.

....

جي طبيب آهين تہ منهنجي زخم جو ڪر ڪو علاج،
ورنہ ڇا کي اي مسيحا! معجزي جو دم هڻين؟

......

دم سچائيءَ جو نباهي ڪو سچو سالم ٻڌان،
اڄ سچارا سال صحبت، نوہ ويا لائق لڏي.

....

(مثال، "ديوان قاسم" مان؛

اڄ آهي دوست ڏاران، دل دردمند منهنجي،
سچ ٿيا چوڻ سياڻا تہ بناء درد واري.

....

مون سنڌي دل درد ۾ دلگير درماندي ڏسي،
مان دلاسي، دلگهرئي دلدار دلداري ڪئي.

(٨) ترجيع بند. ترجيع جي معني آهي موٽائڻ. اصطلاح موجب، هيءُ اهو شعر آهي، جنهن ۾ ٻهرين غزل وانگي ڪي هم وزن ۽ هم قافيي بيت آئي، پوءِ هڪڙو بيت، خاص ساڳئي وزن ۾، مگر عليحدي قافيي وارو اچي. انهيءَ کي "بند" سڏيندا آهن. انهيءَ طرح وري ٻيو بند هجي. اهڙا گهڻائي بند ٿي سگهن ٿا. پوءِ جي هرهڪ بند جي پڇاڙيءَ وارو خاص بيت ساڳيو وري وري اچي، تہ انهيءَ کي 'ترجيع بند' چئبو ۽ جي اهو خاص بند، ٻيو نئون نئون هوندو تہ انهيءَ کي 'ترڪيب بند' چئبو. هرهڪ بند ۾ پنجن کان گهٽ بيت نہ هئڻ گهرجن، ۽ ٻارهن کان مٿي نہ. فارسيءَ ۾، ترجيع بندن جا اهڙا ڪتاب گهڻا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪونهي. ترڪيب بند جو هڪڙو مثال اسين پنهنجو ڏيون ٿا:

دوستو! آغاز خلقت جو جي وسهو ٿا اوهين،
آهي هيءَ سنسار هڪ اسباب جو عالم يقين.

هيڏي ڪڪڪ هوڏي جبل، هيڏي ذرو ۽ هوڏي سج،
سڀ ڪي وٺي اسباب جي نوڙي وڪوڙي ور هٿين؛

هونئن ته جي رب چاهي ٿا سببن جو ڦيرائي اثر،
پر نه آن قادر جي عادت آهي اهڙي سو رهين.

ٿي ٿو جڏهن تڏهين، سمنڊن سان آتي ٿو جڏهن بخار،
جڏهن پوي بارش، تڏهن گلزار ٿي روئي زمين.

جاري ايءَ قانون ٿيو آپ تائين، ڌرتيءَ ڪان وٺي،
وات ايءَ آهي الهيءَ مختار مالڪ ڪي وٺين.

ان طرح، جي ٿا نظر ڪن قدرتي قانون تي،
پيشنگوئي ڪن ٿا سي، شڪ نهن ۾ ڦڻ آئين ڪين.

روشنائي ڏينهن جي ٿا سي جڏهن ويندي ڏسن،
شڪ شبهي ڪان سوا ٿا رات تڏهن ايندي ڏسن.

قدرتي قانون ان پٽر آهي جڏهن جوڙيو خدا،
تڏهن ضرورت نيث سڀ اسباب جي ايندي بجا.

هاڻ ڏسڻو آهي ٿا آن قوم جو ڇا ٿيندو حال؟
سڙڪ شاهيءَ ڪي ڇڏي جنهن پيچرو ورتو جدا.

پيون سڀئي قومون هلن ٿيون وقت سان في الحال پيٺ،
هيءَ ٿي پٺي ڪري، مٿن پنهنجي پونين جي پچا.

پيا سڀئي ترندا وڃن ٿا وهڪ تي درياهه جي،
هي، درياهه اٿي وهائڻ لاءِ پيا مارن مٿا.

پيا ٿا ڏيکارين پنهنجا پنهنجا جوهر ذاتي سڀ،
هي، ڏيکار يندا وتن جوهر وڏن جا جابجا.

پيا ٿين مفلس ته ڪن روزيءَ جي ڳولا هر طرف،
هي ٿين مفلس ته قسمت جي وتن ڪندا گلا.

زندگي جنهن قوم جي دنيا ۾ گذري اهڙي ريت،
رهندي ڀوءِ سا قوم دنيا ۾ ڪڏهين ڪهڙي ريت؟

(انهيءَ طرح پيا به گهڻا بند آهن. اهي ڀيريان ۽ بند به مختصر طرح لکيا ويا آهن.)

(ترجيع بند، "ديوان فاضل" مان)

الهه جي اکيان التظاري ڪجي،
تياري طلب تات تاري ڪجي.

شب و روز درگاهه ۾ ڏاڍي جي،
چڏي زور اظهار زاري ڪجي.

ڪڍي غير غفلت ڪٿي قلب مان.
سماچار سڀ سگرت ساري ڪجي.

هم خلق سان هوئجي خوش خليق،
نه اغيار سان يارا ياري ڪجي.

رکي فڪر "فاضل"، پلي پيت ڏي،
هلي حق تي هوشياري ڪجي.

ڪڍي غير جو غرض من مان مگر،
مٿي وات وحدت، ڪٿي پڌ ڪمر.

وڃي وڙجي وات وحدت وصال،
محبت سوا ڪر نه ڪائي مقال.

رهج عشق وارن سندي ملڪ ۾،
ڏسين عشق سان تون عجب آل جال.

ملڻ لاءِ تون محب محبوب جي،
ٿرعا قرب جا وجهه ۾ في‌الحال قال.

مٿي ديد ديدار دلبر سندي،
ڪجي ڪوڏ قربان ڪل محض مال.

مڃجهوڻ فيض هڪ فرد "فاضل" ولي،
چگي رکه چتائي چگي چست چال.

ڪڍي غير جو غرض من مان مگر،
مٿي وات وحدت ڪٿي پڌ ڪمر.

٩- مسمط - تسمط مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي موتي ڌاڳي ۾ پوئڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب، هڪڙي مصراع تي پيون ڪجھ جيتريون مصراعون هم وزن ۽ هم قافيه ڪڏ آڻڻ. پوءِ جي اهڙيون ٽي مصراعون هونديون ته انهيءَ کي "مثلث" چئبو ۽ جي چار هونديون ته "مربع" چئبو ۽ جي پنج هونديون ته

"مخمّس"، جي ڇهه ته "مسدّس"، جي ست ته "مسبّع"، جي اٺ ته "مثمّن"، جي نئو ته "متسّع"، جي ڏهه ته "معشّر" فارسيءَ ۾ گهڻائي مسمّط آهن، مگر سنڌيءَ ۾ اڪثر مسدّس ڏنا ويا آهن، سي به خاص ڪري ثابت علي شاهه جا، جي منقبت يا مرثيا آهن. مثال لاءِ اسين پنهنجا ڪي مسمّط ڏيون ٿا:

"مربّع"

آ موني سڄڻ! جو اڄ بهار آهه،
صحرا سڄو ڏس ته لالہ زار آهه،
پر پور گلن سان شاخسار آهه،
بلبل جي انهي ڪري پڪار آهه.

آ موني هلي وسايون خلوت،
۽ پاڻ اڄ ڪريون ڪا صحبت،
ڇاڻون هي به ڇار ڏينهن غنيمت،
جو عمر تي ڪونہ اعتبار آهه.

آ موني، ڪريون قرار ڪو دم،
ڪي ڏينهن ڇڏيون وساري سڀ غم،
صحبت ري سڄڻ! ڪريون نہ پيو ڪم،
دنيا رڳو خواب ۽ خمار آهه.

"مخمّس"

جي ابن‌الوقت آهن، تن جي لاءِ آزار ٿيو پردو،
نہ جن کي لنگ ۽ ناموس، تن لاءِ عار ٿيو پردو،
تماشائي جي ميڙن جا، تني تي بار ٿيو پردو،
جتي شرم ۽ حيا ڪونهي، اتي بيڪار ٿيو پردو،
اڪين ۾ تن انڌن جي جن چين لاءِ خار ٿيو پردو.

لکين خوبيون ۽ نيڪيون پاڻ ۾ پردو لڪائي ٿو،
هزارين فائدا ديني ۽ دنيائي رسائي ٿو،
گناهن کان گهڻن قسمن جي مردن کي هٽائي ٿو،
بداندېشن ۽ بدڪارن کان زالن کي بچائي ٿو،
شرارت، شيطنت ٽارڻ جو ذمہ دار ٿيو پردو.

(”مخمّس“، ديوان فاضل مان)

سجان پرت پيغام منٺار ڏي،
سندو سڪ سدا شوق سردار ڏي،
دلارام دلبند دلدار ڏي،
سين جي سڄڻ سونهن سينگار ڏي،
آجهي يار آرام آڌار ڏي.

رئان روح ۾ لاءِ تو رات ڏينهن،
وسايانءِ اکين سان مٺا محب مينهن،
ڪري گوڙ آيو سنڌي سوز شينهن،
نباهيان ڪنهين نوع تو ساڻ نينهن،
سنڌي آن سيکهي تون سماچار ڏي.

محبت اسان سين مٺا! ڇو مٽي؟
وڃي قرب ويرن وهو تو وٽي،
لنگهيل لطف لالن لکيئا لٽي،
سندو پرت پاسو سو سانول پٽي،
بلا ڇو سنجين باز بيمار ڏي؟

(”مربّع“ جو مثال، ثابت علي شاهہ جي مرثين مان)

آهي ڏاڍو ڏينهن قيامت جو ڪتابن ڪئي خبر،
خلق سڀ عرصات تي اٿندي ڪري هُلُ ۽ حشر،
ني ڪفن ڪنهن کي، نہ ڪنهن کي سترجامو سربسر،
پنهنجي پنهنجي حال هئي هئي هوندو حيران هر ڪدام.

هڪ طرف دوزخ تپي ڏيندو ڏوهارين کي عذاب،
پاهہ جي زنجير ظالم بند هوندا بيحساب،
ڪئو ڪندي ڪافر ڪندا! ”ياليتني ڪنت تراب“،
يا رسول الله! (ص)، اي جڳ آجها عالم امام!

جنهن ڪنهين هن جڳ ۾ ڪئي نامحرمن جي منهن نظر،
آت اکيون نرگس جيئن نڪري سرڪئون ايندس منجهہ سقر،
جڀ جڀي هوندي مگر جيئن جنهن گلا ۾ ڪيا گذر،
نار جي لانگن جا هوندا لاٽ حورن منهن لغام.

(مسدّس جو مثال، ثابت علي شاه جي مرثين مان)

آخران نانـي بـہ سيني لائي پنهنجو دلربا،
منهن چمي چيو ٿي اي منهنجا روزه دارِ ڪبريا،
عمر ننڍپڻ ۾ ابا روزا معافي ڪيا خدا،
جڏهن خدا توکي وڏو ڪيو تڏهن رکج روزا ابا.
توکئون الحق ٿي ادا سڀ حق تعاليٰ جو هي دين،
هاڻ هي تڪليف توتي ناهي بابا فرض عين.

("مسدس ابوجهي" مان. مصنف مولوي الهہ بخش)

سڀوجي وڏا وقت پنهنجا پنهنجا وڃايا،
انهيءَ خير ۾ پير پنهنجا ڄمايا،
وڏي هوش سان ڪارخانا هلايا،
وڏي عقل سان ٺاهہ ڏاڍا ٺهايا.
سڀئي مشڪلاتون ويون حل ٿينديون،
۽ آسانگيون پير پنهنجا پرينديون.

"مسدس"

ڪچري گڏيل مٽيءَ ۾ جي زر هوئي تہ هٿ ڪجي،
اشراف ڏيہ غريب جي گهر هوئي تہ هٿ ڪجي،
آبِ حيات زهر ۾ گر هوئي تہ هٿ ڪجي،
ڪنهن بيوقوف ۾ بہ هنر هوئي تہ هٿ ڪجي،
ادنيٰ مان نقص پهچي ڪو اعليٰ جي شان کي،
دونهين مان داغ ڪين لڳي آسمان کي.
عورت هجي نہ جڳ ۾ تہ بدحال هوئي مرد،
ري جسم جان، مالڪ ري ملڪ آهي فرد،
ريءَ حسن رنگ عشق جو آهي زدو ۽ زرد،
جيئن سج جي ٿو بنان رهي سارو جهان سرد،
عورت جي مرد ڪي نہ هجي ها نوشت ۾،
آدم بہ بيقرار هجي ها بهشت ۾.

(ڪهڙا مرثيا مسدس آهن ۽ ڪي مربع بہ، ۽ ڪهڙا منقبت مخمس آهن.)

۱- مستزاد: جڏهن شعر جي هر هڪ مصرع يا بيت کان پوءِ ٻه-ڏي لفظ زياده آڻجن، پوءِ اهو فقرو مصراع وارو قافيو رکندو هجي يا نه. قديم شاعر فقط رباعي کي مستزاد ڪندا هئا، پر پوئيان شاعر غزل ۾ مستزاد چوندا آهن. مثالن لاءِ پنهنجن مستزادن مان ڪي نمونا ڏيون ٿا:

۱- چيو ڪالهه طبيب کي وڃي مون لاچار-
آهيان بيمار.
ڳڻتين ۾ رهان رات سڄي ٿو بيدار-
ڪر ڪو ويچار.
ڇيڙين نبض ڏسي منهنجي، 'اٿئي عشق جو مرض-
توتي ٿيو فرض،
تا تـرت ڪرين، جيڪو هجي تنهنجو يار،
تنهن جو ديدار.'

۲- شرف آدم جي ۾، ڪل خلق کي انڪار نه آهه-
حق جي ٿي آن تي عطا،
آن کي ڪي آن کان هي انڪار سزاوار نه آهه-
سڀ چئون آن تي ثناء
جيڪي جي گهه خواهه هنر ان ۾ خدا ڪيا موجود-
ڇا ڪريان تن جو بيان،
اي پريون مون ۾ هڏهن طاقت گفتار نه آهه-
ڪيئن ڪريان وصف ڀلا.

(غزل، مستزاد ۽ موشح، 'ديوان فاضل' مان)

حسن هر هر هوت جو حورون ڪري حيران هٿي-
سربسر سينگار سان.
پرينءَ جي پيرن ڀڳوان پامال ٿيون پريون پٽي-
جوت جي جنسار سان.
آهه احسن يار جو آواز عمدو سان اداءَ-
شهد کان شيرين تر،
ترت طوطيءَ کان تمامي گوءِ ني گوهر ڪٽي-
گفتگو گفتار سان.

جوت جانب جي ڪيو جنسار جرهر جو جهڪو -
مانُ مرواريد جو،

چَٽُ چچي پٽ تي پيو چِمڪو سنُٽي چنُوهون چٽي -
ديدپي ديدار سان.

بخت تن بيدار ايشڪ هوت جن جي هنج ۾ -
ٻاڪ پاڳارو پنهل،

سي وتن سرها سدائين ڏار دولت جا ڏٺي -
وڏ وڏي واپار سان.

چنگ چوري چست چاهون برهه جي بيمار کي -
صحت ڏي ساجن سڏي،

واه! ويچاري وسيلي ويچ جي وائي وٺي -
تندرستي تار سان.

لال لب لالن سندا، لاَلا لطافت لاڏلا -
سرخ ۽ سوُڏا سنوان،

طالبن تن مان تلذذ ترت نيو توڙون ٽٽي -
عشق جي آذار سان.

حرف جي هر بيت جو پهريون پڙهين "فاضل" فقير -
طور تون توشيح جي،

هوت ڪان حاصل ڪرين تا قرب جي ڪامل ڪٿي -
نام جي لروار سان.

باب ٻيو

علم عروض جي بيان ۾

فصل پهريون

عروض ۽ شعر بابت

مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته ڪلام موزون به ٿئي ۽ ناموزون به، يعني نثر به آهي ۽ نظم به. موزون جي معنيٰ وزن وارو، يعني تورپل. تنهن ڪلام يا ڪلمن، يعني لفظن تورڻ لاءِ ڪو ميزان يعني ساهمي گهرجي. اها ساهمي آهي علم عروض، جنهن ۾ ڏنلن قاعدن جي پرک تي معلوم ڪري سگهجي، ته ڪهڙو ڪلام موزون آهي، ڪهڙو ناموزون. عروض جو نالو انهيءَ علم تي هن ڪري پيو، جو عروض عربيءَ ۾ چوندا آهن، تنبوءَ جي سرخ کي. جهنگلي عرب نن‍ڍڙن تنبن ۾ رهندا آهن. هڪڙي ڪاٺي سرخ وانگي کوڙي، انهيءَ تي ڪلن جو ڍڪ ڏيئي گهر جوڙيندا آهن، جنهن کي بيت چوندا آهن. جڏهن تنبوءَ کي سرخ، رسا ۽ ڪلا درڪار آهن، تڏهن هن علم جا اصطلاحي لفظ به عروض (سرخ) سبب (رسو)، وتد (ڪلو) ۽ فاصله (وچوٽي) بنايا ويا آهن، جن جي معنيٰ هيٺ سمجهائبي. ڪن جو چوڻ آهي ته عروض "مڪه معظمه" جي نالن مان هڪڙو آهي، ۽ هن علم جو باني 'خليل ابن احمد بصري يا ساماني' آهي، جنهن مڪي ۾ انهيءَ علم جا قاعدا وڌا، ۽ تبرڪ جي ڪري اهو نالو هن علم کي ڏنائين.

شعر لفظ جي عربيءَ ۾ اصل معنيٰ آهي ڄاڻڻ يا سمجهڻ. اصطلاح موجب شعر انهيءَ ڪلام کي چئجي جو وزن ۽ قافيو رکندو هجي، ۽ جنهن جا لفظ برابر ۽ مناسب هجن، ۽ جي شعر چوندڙ ڪنهن خاص ارادي ۽ قصد سان چوي. چون ٿا ته پهريون شعر جو چوڻ ۾ آيو، سو حضرت آدم سرياني ٻوليءَ ۾ چيو ۽ پنهنجي پٽ هابيل جي مارجڻ جي ماتم ۾ مرثيي وانگي چيائين. قاسم بن سلام بغداديءَ جو چوڻ آهي، ته پهريون عربي شعر يعرب بن قحطان چيو جو سام بن نوح جي اولاد مان هو، ۽ جو عربي ٻوليءَ جو بنياد وجهندڙ هو. فارسي ٻوليءَ ۾ پهريون شعر عجم جي مشهور بادشاهه بهرام گور چيو، جنهن کي شڪار ڪندي گهڻي خوشيءَ کان هيٺيون بيت اوچتو وات مان نڪري ويو.

بيت

آءٌ آهيان فيل آهيو مست، آهيو شير يله،
نانءُ جنهن جو آهي بهرام، لقب بوجله.

ڪن جو چوڻ آهي ته پهريون فارسي شعر حڪيم پهلوان ابوحفص سعدي جيو ۽ اهو هي هو:

بيت

ڪيئن هرڻ هي ڀڄي تو برپٽ تي،
ڪيئن وڃي تو تڪو بہ هٿ نہ رکي.

انهيءَ حڪيم کان پوءِ سن ٤٠٠ هجريءَ ۾ فارسي شعر جو رواج پيو، جڏهن عنصري، عسجدي ۽ فرخي پهريان پهريان مشهور شاعر ٿيا. انهيءَ کان پوءِ، سن ٥٠٠ هه ۾ خاقاني، رودڪي، فلڪي ۽ ٻيا شاعر ٿيا. اهي قديم شعر جا استاد هئا ۽ ٻيا پويان سڀ شاعر انهن جي پيروي ڪرڻ لڳا. سنڌي شعر ۾ بہ پهريان مشهور شاعر شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٿيا، جن جو ڪلام سنڌي بيتن ۾ آهي، ۽ غزلن جي بجاءِ وايون يا ڪافيون ڪم آيون. ٽالپرن جي راڄ ۾ ثابت علي شاهہ پهرين فارسي وزن، بحرن ۽ قافين تي شعر چيو، ۽ انهيءَ کان پوءِ فارسي شاعرن جي نموني تي ثابت علي شاهہ جي پيروي ڪري، ٻيا بہ شعر چوڻ لڳا. عربي ۽ فارسي شعر ۽ سنڌي شعر جي تاريخ بابت مون ڌار ڪتاب لکيا آهن، اهي پڙهڻ گهرجن. هتي مختصر طرح بيان ڏجي ٿو.

تواريخن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سڀڪنهن ملڪ يا قوم جي شروعات جي تصنيف اڪثر شعر ۾ آهي، اهو پهرين جهنگلي ۽ زباني ٻٽي ٿيو آهي ۽ پوءِ سڌرندو ويو آهي. اڪثر انهيءَ اوائلي شعر جو مضمون بهادري يا جنگ جو بيان يا عشقي قصا يا مذهبي احوال آهي. سنڌ ۾ بہ ائين ئي ٿيو، نثر کان اڳي پهرين نظم شروع ٿيو يعني شعر، پر سنڌي ٻوليءَ جي بناوت جو اثر شعر تي بہ پوندو ويو. سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڌيءُ آهي، تنهنڪري منجهس سنسڪرت جا اصل لفظ گهڻا آهن. جڏهن مسلمانن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن پهرين عربي لفظ ۽ پوءِ فارسي لفظ منجهس پوڻ لڳا. پهرين سنڌي شعر هندي ڀاشا جي دوهرن جهڙو هو، ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ هندستان ۾ عام هو ۽ اهو تيرهين صديءَ تائين هليو. پوءِ هندستان ۾ ڀاشا يا هندي بدلجي اردو ٿي. انهيءَ وقت ڌاري سنڌي بہ بدلجي ٻي صورت وٺڻ لڳي. اهڙيءَ طرح، جيڪو سنڌي شعر پهرين چوڻ ۾ آيو، سو ٻين ملڪن جي شعر وانگي جنگين ۽ قصن

ٻڌت هو، ۽ اڪثر اڻ پڙهيل ماڻهن جو چيل هو ۽ اهو ٻيت يا چارڻ يا مڱڻهار چوندا هئا، ۽ ڳائي ٻڌندا وتندا هئا. راءِ ڏياچ، سسئي پنهون، عمر مارئي، هير رانجهو، سهڻي ميهار، مومل راڻو، ڏوڏو چنيسر، ليلان چنيسر ۽ ٻيا قصا انهيءَ قسم جا آهن. ساڳئي انهيءَ وقت ۾ مداحون، معجزا ۽ مولود به چوڻ ۾ ايندا هئا. پهرين سنڌيءَ ۾ ٻاشا يا هنديءَ وانگي دوهرا يا ڏوهڙا هئا، يعني ٻه مصراعون ساڳيءَ طرز ۽ قافيي تي. ابوالحسن جي سنڌي، مخدوم ضياءالدين جي سنڌي، مخدوم ابراهيم جي سنڌي، عبدالرحيم گرهوڙ واري جي سنڌي، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي سنڌي، شاهه عنايت صوفيءَ جي سنڌي، انهن سڀني قديم بزرگن جو ڪلام انهيءَ قسم جو شعر آهي، ۽ مضمون اڪثر مذهبي آهن. ٻيا جي قصا آهن ته تصوف يا مذهبي صورت ۾. مثال لاءِ ٻه-چار دوهرا يا بيت ابوالحسن جي سنڌيءَ مان ڏجن ٿا:

بيت

جيئرن ڪي جان ڏئي، مئن ڪي مرهي،
ايڏا احسان رب ري پيو ڪير ڪري.

ات آپايا پاتشاهه عالم گهڻا الڪ،
ڪي هلن، ڪي مرن، ڪن ڏنائين پڪ.

هاڻ سڻ سڄاڻ تون هيئي جي ڪنن،
ته صحي پڄبو سڀڪو ڪارڻ ٻاڻ ڪمن.

(شاهه ڪريم جي سنڌيءَ جو مثال هي آهي:)

بيت

هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ ڳڌجن لوڪ،
ڪنڌيون ۽ ڪروتون، ايءُ پڻ سگهر ٿوڪ.

مٿڻ پيڙيائين پلي، جي آڇين ته واءُ،
جم پڌر وڌيئي ڳالهڙي، ته چڏي وجي ساءُ.

....

اهو سنڌي شعر سترهين عيسوي صديءَ تائين هليو، پوءِ ٻن مصراعن جي بدران گهڻيون مصراعون ساڳئي وقت ۾، ساڳئي قافيي تي چوڻ ۾ آيون. مثال لاءِ مخدوم عبدالصمد جي ڪتاب "بيان العارفين" مان نڪر ڏجي ٿو.

بيت

هالي هنيان پوءِ تو سو ڪري بيانا،
۽ تو فرمائي آن رسالي ۾ ڪري اعلاما:
تہ جڏهن وسالو فارسي آءِ ڪندس تماما،
تڏهن مور نہ رهندو مخفي طالبن ڪنا.

ڪڏهن وري بند بند جي پڇاڙيءَ ساڳي مصراع وري وري آئيندا هئا، جيئن جمن چارڻ جي مداح جو هي بند:

بند

”جمن“ چوي جاهل آهيان،
ڪيرتن ڪنهو ڪاهل آهيان،
تو در سندو سائل آهيان؛
يا پهر پيران بادشاهہ.

(ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مداح جو بند:)

بند

آهيان ڏڏ، غمن ڳڏ، سچا! سڏ سٿين تون،
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ، ڏئين مون،
پلا چام، هن غلام، سندو سوال سٿين تون.
سرفراز ڪي اداس، آهي آس، اوهان ڏهون،
رہ راس، بند خلاص، خوبي خاص، ڏئين مون!
پلا چام، هن غلام، سندو سوال سٿين تون.

اهو آهي نج سنڌي شعر جو اوائلي نمونو، جو عيسوي تيرهين صديءَ تائين هليو. ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام ظاهر ٿيو، سو مٿين دوهرن يا بيتن جي نموني جو هو، توري گهڻي ڦيرگهير سان، ۽ منجهس ڳائڻ لاءِ وايون وڌيون ويون، جي پوءِ ڦري ڪافيون ٿيون. شاهہ جي بيتن ۽ واين جي مثالن ڏيڻ جو ضرور ڪونهي، سندس رسالي ۾ موجود آهن. ڪافين بابت هيٺ بہ ذڪر ڪبو.

انهيءَ نج سنڌي، اوائلي ۽ سڌريل شعر جو استاد شاهہ صاحب شمار ٿيل آهي. انهيءَ وقت، توڙي پوءِ جا پيا شاعر سندس پيروي ڪرڻ لڳا، ۽ اڄا تائين بہ انهيءَ

نموني جو شعر چوڻ ۾ اچي ٿو. اگرچ ٿورو سچل فقير درازن واري انهيءَ جي پيروي ڪندي، سرائڪي ٻوليءَ جا بيت به آڻي وڌا ۽ واين جي بدران ڪافيون وڌائين، ۽ سندس شاگرد به ائين ڪندا آيا، جهڙن ته يوسف فقير ڪوڪر، گهرام جتوئي، عثمان چاڪي ۽ خير محمد جسڪاڻي. يوسف فقير ٽوڙي روحل ۽ مراد فقير ڪنڊڙيءَ وارن ته سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ کان سواءِ هندي ڀاشا ۾ ڪلام، ڀڄن جي صورت ۾ به چيو آهي، جنهنڪري گهڻا هندو سندن مريد ٿيا. روحل فقير جي اهڙي ڏوهڙي جو نمونو هي آهي:

بيت

جل ٻيتر اڪ آگن جلت هئي، اجواڙا بن ڏيوي،
انيرت ڌارا امين پڙت هي، ڪوجن ورلا پيوي.

پريم پياس لڳي آرانتر، اور ڪڇو نهين ڀاوي،
ديهڙي ٻيتر الک ٻراجي، جو ڪوجي سو پاوي.

سنڌي بيتن ۾ ڪن هندو شاعرن به چڱو ڪلام چيو آهي، جيئن ته لعلو ڀڳت جو ڪامسين ڪامروپ وارو قصو ۽ سامي ميگهراج يا سندس ٻالڪي، ڀائي چئن راءِ شڪارپوريءَ جا سلوڪ.

اهو اڳوڻو نج سنڌي شعر جو عرصو ڪلهوڙن جي صاحبي ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ جي اڌ تائين هليو، يعني ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين. پوءِ ايران سان زياده آمدرفت هئڻ ڪري ۽ فارسي زبان زور وٺڻ ڪري، فارسي شعر جو نمونو شروع ٿيو ۽ قصيدا ۽ غزل ۽ مسدس وغيره رواج ۾ اچڻ لڳا. سنڌي شعر فارسي بحرن ۽ وزنن تي چوڻ ۾ آيو. انهيءَ وقت ڌاري سيد ثابت علي شاهه اهڙي شعر جو بنياد وڌو، مرثيا، منقبت ۽ ٻيو گهڻو شعر چيائين، جن جا مثال مٿي نظم جي باب ۾ ڏنا ويا آهن. ساڳئي وقت ۾ عشقيه يا مداحيه يا هجويه غزل ۽ قصيدا به شروع ٿيا، ۽ سنڌي الف-بي جي حرفن جي رديف ۽ قافين تي ديوان به لکجڻ لڳا. اهڙو پهرين ديوان خليفي گل محمد هالائيءَ جو آهي، جنهن کي "ديوان گل" چون ۽ جنهن ۾ اگرچ بحر فارسي آهن، ته به نج سنڌي لفظ گهڻا ڪم آيل آهن. انهيءَ جي غزلن جو نمونو مٿي غزل جي بيان ۾ ڏنل آهي. ٻين سنڌي ديوانن جا نمونا به اتي ڏنل آهن، جو انهيءَ کان پوءِ ڪيترن ئي لکيا، جيئن ته "ديوان قاسم" "ديوان فاضل"، "ديوان بلبل" ۽ "ديوان سانگي" وغيره. ثابت علي شاهه جي ڪلام مان مثال به مٿي مسدس هيئت ڏنا ويا آهن، ڇالاءِ جو مرثيا اڪثر مسدس يا مربع آهن.

ڻاهتعلي شاهه جي تتبع تي ٻه گهڻن مرثيا چيا آهن. جيئن ته آخوند عالم ۽ ڪن ٻين پر هزهائينس مير حسن علي خان ٽالپر تمام گهڻا ۽ چڱا مرثيا چيا آهن. هاڻي اڪثر سنڌي شعر جدا جدا مضمونن تي فارسي بحرن ۾ چوڻ ۾ ٿو اچي، ۽ انهيءَ ۾ ڪي فارسي لفظي ۽ معنوي صفتون ۽ ڪم آڻي سگهجن ٿيون، جن جو بيان هيٺ ايندو. ليڪن هڪڙي صنعت سنڌي شعر جي لاءِ خاص آهي، جا فارسيءَ ۾ ڪم نٿي اچي، پر انگريزيءَ ۾ اچي ٿي، جنهن کي الليٽريشن چون ٿا. يعني اڪثر ٻه يا وڌيڪ اهڙا لفظ گڏ اچن ٿا، جن جي پهرين حرفن جو آواز ساڳيو آهي. شاهه جي رسالي ۾ ته اهو عام آهي پر اڪثر غزلن ۽ ٻئي قسم جي شعر ۾ به اهڙا لفظ اڪثر ڪم ايندا آهن، ۽ گهڻو وڻندا آهن. مثال هي آهن: (ٻنهنجا)

'ڏي 'صبا سعيو' ڪري آڻي 'سنيهو' يار جو،
'من موهن' منڻار دلبر، 'دل' گهرڻي 'دلدار' جو.

عمر ساري 'هجر' جي 'هاچي' ڪيو مون کي هلاڪ،
يا الاهي ڪو 'دلاسو دوست' جي 'ديدار' جو.

("ديوان فاضل" مان)

'ساز سچ ثابت سدا'، منجهه 'آديس آهي الپ'،
'حب' جي 'حقي هوا' منجهه آديس آهي الپ.

("رسالي" مان)

'ويهه' م 'وساري'، 'پچا' ڪرم 'پنڌ' جي،
'نرمل نهاري'، 'هلنديئن' تان 'هٿ' ڪيو.
'ڏسڻ ڏونگرين'، جو 'تن' کي 'تسلائي'،
'مار م' مون مائي'، ته 'روئي هوت رهائيان'.

فصل ٻيو

شعر جا اصول، ارڪان، زحاف ۽ بحر

١. آصول: 'شعر جا اصول' جن مان شعر جا ارڪان جڙندا آهن، سي ٽي آهن: سبب، وتد ۽ فاصله. سبب ٻن قسمن جا آهن، هڪڙو سبب خفيف، ٻيو سبب ثقيل يعني هڪڙو هلڪو ٻيو ڳرو. 'سبب خفيف'، اهو ٻن حرفن وارو ڪلمو يا لفظ آهي، جنهن جو پهريون حرف متحرڪ ۽ ٻيو ساڪن آهي، جيئن ته گل مل. "سبب ثقيل"، اهو ٻن حرفن وارو لفظ آهي، جنهن جا ٻئي اکر متحرڪ آهن، جيئن ته

گل-زرد ۽ مل-سرخ، جتي گل ۽ مل، سبب ثقيل آهن. سنڌي مثال، ڪُل، ڪِپ.
وري وتد به ٻن قسمن جا آهن: هڪڙو وتد مقرون يا مجموع، ۽ ٻيو وتد مفروق يعني هڪڙو ڌار ٿيل، ٻيو گڏيل. "وتد مقرون" يا "مجموع" اهو ٽن حرفن وارو ڪلمو يا لفظ آهي، جنهن جا پهريان ٻه حرف متحرڪ آهن، ۽ ٽيون ساڪن؛ جيئن ته وفا-جفا. وتد مفروق اهو سه حرفو لفظ آهي، جنهن جو پهريون ۽ پويون اکر ٻئي متحرڪ آهن ۽ وچون ساڪن آهي. جيئن ته باب-تاب.

ساڳيءَ طرح فاصله جا ٻه قسم آهن: هڪڙو فاصله صغريٰ ۽ ٻيو فاصله ڪبريٰ، يعني هڪڙو ننڍو ۽ ٻيو وڏو. "فاصله صغريٰ" اهو چئن حرفن وارو لفظ آهي، جنهن جا پهريان ٽي حرف متحرڪ آهن، ۽ چوٿون ساڪن آهي؛ جيئن ته سحري-ادبي. ۽ "فاصله ڪبريٰ" اهو پنجن حرفن وارو لفظ آهي، جنهن جا پهريان چار حرف متحرڪ آهن، ۽ پنجون ساڪن آهي، جيئن ته متحرڪ-متڱهرو.

٣. ارڪان: شعر جا ارڪان يا ٿنڀ، جن تي شعر جا بحر بيهندا آهن، سي مڙئي اٺ آهن. جي مٿين اصولن مان مرڪب ٿيل يا جڙيل آهن. آهي اٺ ارڪان هي آهن: فعولن، فاعلن، مفاعيلن، مستفعلن، مفاعلتن، متفاعلن، فاعلاتن ۽ مفعولات. انهن ارڪانن جي حرڪتن مان معلوم ٿيندو ته ڪهڙن قسمن جا سبب ۽ وتد هرهڪ ۾ ڪم آيل آهن: مثلاً فعولن مان فعو وتد مقرون آهي، ۽ لن سبب خفيف آهي. ساڳيءَ طرح فاعلن ان جي برخلاف آهي، يعني پهرين فا، سبب خفيف آهي، ۽ پوءِ علن وتد مقرون آهي. يادگيريءَ جي لاءِ اسين متحرڪ اکر جي نشاني '٠' هيءَ مقرر ڪنداسين.

متحرڪ ۽ ساڪن گڏيل حرفن جي '-' هيءَ نشاني مقرر ڪنداسين ته فعولن جون نشانيون هي ٿينديون: '٠--' ۽ فاعلن جون هي: '-٠-'. اهڙيءَ طرح ٻين ارڪانن جون نشانيون به لکي سگهبيون. اهي نشانيون شعر جي تقطيع ۾ هيٺ ڪم اينديون.

بيت جي پهرينءَ مصرع جي پڇاڙين رڪن کي عروض چوندا آهن ۽ ٻي مصرع جي پڇاڙين رڪن کي 'ابتدا'، پهرين ۽ ٻي مصرع جي پوئين رڪن کي 'ضرب'، ۽ وچ وارن رڪنن کي 'حشو' سڏيندا آهن.

جيئن اصولن مان ارڪان ٺهن، تيئن وري ارڪانن مان شعر جا بحر ٺهن. شعر جا بحر مڙيئي اوڻيهه آهن. انهن مان زياده رواج ۾ ٻارهن ٺا اچن. انهن مان ڇهه بحر 'رجز'، 'رمل'، 'ڪامل'، 'متدارڪ'، 'متقارب' ۽ 'هزج' اهڙا آهن، جن ۾ هڪڙو ئي رڪن گهٽ وڌ ڪم اچي ٿو؛ ٻيا پنج بحر 'خفيف'، 'سريع'، 'مجتث'، 'مضارع' ۽ 'منسرح' اهڙا آهن، جي ٻن رڪنن جي وري ڪم آڻڻ مان جڙن ٿا. انهن کان سواءِ باقي اٺ، جي گهٽ رواج ۾ اچن ٿا، سي هي آهن: 'طويل'، 'مديد'، 'بسيط'، 'وافر'، 'مقتضب'، 'جديد'، 'قريب' ۽ 'مشاڪل'. انهن بحرن مان پنج يعني

طويل، مديد، بسيط، وافر ۽ ڪامل خاص عرب شاعر ڪم آڻيندا آهن ۽ فارسيءَ ۾ گهڻو ڪم نہ ايندا آهن. ۽ باقي ٽي يعني جديد، قريب ۽ مشاڪل خاص فارسي شاعر ڪم آڻيندا آهن، ۽ عرب اڪثر ڪم نہ آڻيندا آهن. باقي ٻارهن بحر عرب ۽ عجم جا شاعر ڪم آڻيندا آهن.

٣. زحافات: ڪن بحرن ۾ هرهڪ بيت ۾ چار ارڪار ٿيندا آهن، جنهنڪري انهن کي 'مربع' چوندا آهن. ۽ ڪن ۾ ڇهہ ارڪان هوندا آهن، جنهنڪري انهن کي 'مسدس' چوندا آهن، ۽ ڪن ۾ اٺ، جنهنڪري انهن کي 'مثمن' چوندا آهن. جتي ساڳيو رڪن سڄو سارو سواءِ گهٽ وڌ جي ڪم ايندو آهي، انهيءَ کي 'سالم' سڏيندا آهن، ۽ جيڪي گهٽ وڌ ٿيندا آهن ۽ اڌورا رهندا آهن، تن کي 'غير سالم' يا 'مزاحف' يعني زحاف وارا چوندا آهن. اهي ارڪانن جا زحاف مڙئي پنجٽيهہ آهن، جن مان پاڻيهہ تہ خاص عربيءَ ۾ ڪم ايندا آهن ۽ باقي ٽيرهن فارسيءَ ۾ ڪم ايندا آهن. اهي ڪن حرفن ڪيڻ سان ۽ ڪن حرفن گڏڻ سان جڙندا آهن. مگر انهن مان گهڻا عرب توڙي عجم جا شاعر ڪم آڻيندا آهن. اهي زحافات ۽ انهن جا نالا هي آهن:

فعولن مان عولن، جنهن جي بدران فعلن، جو 'اثلم' سڏبو آهي.

مفاعيلن مان مفا، جنهن جي بدران فعل، جو 'مجبوب' سڏبو آهي.

مفاعيلن مان فاعيلن، جنهن جي بدران مفعولن، جو 'آخرم' سڏبو آهي.

مفعولات مان مفعولا، جنهن جي بدران بہ مفعولن، جو 'مڪشوف' سڏبو آهي.

مستفعلن مان مستفعلان، جو 'مذال' سڏبو آهي.

فاعلاتن مان فاعلاتان، جو 'مسبغ' سڏبو آهي.

فاعلن مان فا، جنهن جي بدران فع، جو 'اخذ' سڏبو آهي.

فعولن مان فعو، جنهن جي بدران فعل جو 'محذوف' سڏبو آهي.

فاعلن مان فعلن، جو 'مخبون' سڏبو آهي.

مستفعلن مان مستعلن، جنهن جي بدران مفتعلن، جو 'مطوي' سڏبو آهي.

مفاعيلن مان مفاعيل، جو "مقصور' سڏبو آهي.

فاعلن مان فاعل، جنهن جي بدران فعلن، جو 'مقطوع' سڏبو آهي.

فعولن مان فعول، جو 'مقبوض' سڏبو آهي.

مفاعيلن مان مفاعيل، جو 'مڪفوف' سڏبو آهي.

مفعولات مان مفعولات، جو 'موقوف' سڏبو آهي.

ڪن بحرن ۾ هڪ کان وڌيڪ زحاف ڪم ايندا آهن، ته انهن کي ٻن زحافن وارا نالا گڏي ڏيندا آهن، جيئن ته مخبون مقطوع ۽ پر ڪن جي حالتن ۾ ٻن جي بدران هڪڙو نالو اٿن، جيئن ته آخرم ۽ مڪفوف وارن گڏيلن رڪنن کي 'اخرب'. آخرم ۽ مقبوض وارن کي 'اشتر'. مخبون ۽ مڪفوف وارن کي 'مشڪول'. موقوف ۽ مڪفوف وارن کي 'مڪسوف'. محذوف ۽ مقصور وارن کي 'اهتم'.

فصل ٽيون

شعر جي بحرن جي تقطيع بابت

تقطيع لفظ جي معنيٰ آهي وڍي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ آهي، شعر جي ٽڪرن کي ارڪانن جي وزن تي آڻي بيهارڻ، يعني متحرڪ اکر سان مقابل متحرڪ ۽ ساڪن اکر سان مقابل ساڪن بيهاري وڃن، جنهنڪري خبر پوي ته شعر ٺڪري پورو بيٺو آهي.

تقطيع جا ڪي ضروري قاعدا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) وزن ڪرڻ ۾ حرڪتن ۽ سڪون جي شمار ۾ پوريءَ جاءِ تي اچڻ جي گهٽتي رکڻ کپي، نه حرفن جي. مثلاً: بلبل، طوطي، صندل-سڀ هڪ وزن جا لفظ آهن، جن جو ماڻ آهي فعلن ۽ نشان آهي '--'.

(٢) اچار يا وات مان نڪتل آواز تي نظر رکڻ کپي، نه لکيل حرفن تي. مثلاً: وڃان، ڪان، هتان ۾ نون غنه يا ساڪن جو ڇڙو آواز نڪو ٿئي، سو شمار ۾ نه ايندو، ڇو ته وڃا، ڪا ۽ هتا لکين آهن. لفظ خواب، خود، خويش ۾ واو جو آواز ڪونه ٿو ٿئي، سو شمار ۾ ايندو، ڇو نه خاب، خد ۽ شيش آهن.

(٣) الف مد واري ۾ الف شمار ۾ ايندو ۽ حرف شد وارو ٻه ٻه حرف شمار ۾ ايندو، جيئن ته آخر، آدم، محرم، محبت = اٰاخر، اٰادم، محررم، محببت.

(٤) فارسي واري ٻي اضافت جي، جا اڪثر ڳجهي ٿي رهي، سا لکڻ ۾ ايندي، جيئن ته راهِ خدا = راهي خدا.

(٥) ڪو به حرف علت يا صحيح جنهن جو آواز چٽو اُهه نڪرندو، سو شمار ۾ نه ايندو. خصوصاً جڏهن ٻه حرف صحيح ساڪن گڏ ايندا، تڏهن پوئين جو آواز شمار ۾ نه ايندو، جيئن ته گوشت = گوش، پوست = پوس، راست = راس، جان و دل = جان دل، علي الحساب = علل حساب، غيرازتو = غيرزتو، بالمقطع = بل مقطع.

هيٺ، ڪي ڏنلن بحرن جا وزن ۽ انهن جا مثال ڏجن ٿا:

نالو بحر جو	وزن جو بحر	مثال
١- رجز مثمن سالم	مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن	ڏس راند ۾ شطرنج جي پيادو وڃي ٿو ٿي وزير، هن عشق جي شطرنج ۾ پيادو وڃي ٿو شاهه ٿي.
نشان	--⏑-، --⏑-، --⏑-، --⏑-	
" مطوي مخبون	مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن	ياد ڪري اچ يار کي ڦاڙيان لڱا ۾ سر پٽيان، دست بڪار، دل بيار، ان تي عمل ٿو اچ ڪريان،
نشان	-⏑⏑-، ⏑-⏑-، -⏑⏑-، ⏑-⏑-	
٢- رمل مثمن مقصور	فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات	دل جي دانا ٿي ته پوءِ هر ڳالهه ۾ اسرار آهه، اک جي بينا ٿي ته پوءِ يوسف به سنجهه بازار آهه. "
نشان	-⏑--، -⏑--، -⏑--، -⏑-	
" محذوف	فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن	
نشان	-⏑--، -⏑--، -⏑--، -⏑-	
" مشڪول	فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن	ٿيو نصيب جنهن جو اوندو، سو غني به آهي مفلس، جو رهي پيالو ڦوٽي جو مٽي درياهه اوندو.
نشان	⏑⏑-⏑، -⏑--، ⏑⏑-⏑، -⏑--	
" مخبون مقصور	فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات	عشق جي جنگ جا شاهد ٿيا محمود اياز، ان لڙائيءَ ۾ ٿي شاهه تي غالب ٿو غلام.
نشان	-⏑--، ⏑⏑--، ⏑⏑--، ⏑⏑-	
" " محذوف	فعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن	ري مشقت ٿي هلي ڪين فلڪ جي جانڊو، دل ٿي پيسي اٿو، جيسين نه ملندي ماني.
" مسدس مقصور	فاعلاتن فاعلاتن فاعلات	علم جنهن کان، هردو جڳ روشن ٿي ٿي،
" " محذوف	فاعلاتن فاعلاتن فاعلن	ڏس ته سو رهبر ٿي، رهزن به ٿي.
مخبون مقصور	فاعلاتن فعلاتن فعلات	شاد بندو ٿي، جو ٿي آزاد،
" " محذوف	فاعلاتن فعلاتن فعلن	تنهنجو بندو ٿيان، ته ٿيان اچ شاد.
٣- ڪامل مثمن سالم	متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن	ڪريان شڪر منهنجي ٿي عيد اڄ، جو سڄڻ سان منهنجو وصال آهه، ويا غم الم، ٿي نهال دل، سا خوشيءَ کان اڄ خوشحال آهه.
متدارڪ مثمن سالم	فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن	عدل دنيا ۾ آهه ظلم ڪونهي ڪٿي، جهڙي ڪرڻي هتي، تهڙي ڀرڻي هتي.

„ „ اثلم	فعلن فعلن فعلن فعلن	ڀورهيي ڏانهن جو رکندو لاڙو، سک جو ڏسندو نيٺ ڏهاڙو.
متقارب مثمن سالم	فعولن فعولن فعولن فعولن	مزو عشق جو ڪجهه اهي ني تا چاڻن، جي نت موت کي اڻ حياتي تا چاڻن.
„ مقصور „ محذوف	فعولن فعولن فعولن فعولن فعولن فعولن فعولن فعل	ڏکوئج نه دل ڪنهن جي ٻر هوئي ٻچر، جو هر دل منجهان آهي داور ڏي در.
„ اثلم	فعلن فعولن فعلن فعولن	ڪنهن کي نه گهرجي هت ڪا وڏائي، هر حال ۾ سا آهي اجائي.
„ مقبوض اثلم	فعول فعلن فعول فعلن فعل فعولن فعل فعولن	مٺڙين تو سارڻ کان منهنجي چو تون، ڏڇين تو چو خوڻ منهنجي کان تون. سو ڪير آهي هتي، ٻجي جو، گناهه مون کان، گواهه تو کان.
٦- هزج مثمن سالم	مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن	رکان دل جي صفائي تو ڪليسا هوئي يا بتخانو، ڪريان منهن جنهن طرف زاهد اچيو اوڏانهن حرم ڪري
„ اخرب مڪفوف محذوف	مفعول مفاعيل مفاعيل مفعولن	نالو تو سدا شعر سخن سان رهي باقي، بهتر نه خلف آهي چڱو شعر کان ڪو ٻيو.
„ „ مقصور „ مثمن اخرب „ „ مقبوض	مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيل مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن	وارن جي وئي ڪارلهن هشيار ٿيڻ گهرجي، ٿيو صبح اچي روشن، بيدار ٿيڻ گهرجي. ٿي غم کان نڪري دل ٻيهر، مگر نه ڪتو دل مان غم، نه راحت آئي روح کي، تو تن سان نڪري دم ۾ دم.
„ „ اشتر	فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن	وقت چو وڃائين تو، ملهه نه ان جو چاڻين تو، عمر کي بقا ناهي، موجون ڪيئن تون مائين تو.
*„ اخرف مقبوض مڪفوف	مفعول مفاعلن مفاعيل فعول مفعول مفاعلن مفاعيل فعل يا فع يا فاع	جي ڀانئين ته دلبر رهي راضي تو مان، تيئن چؤ تون ٻ ڪر حڪم ڪيئي جيئن واتان.

* هي بحر خاص رباعيءَ جو بحر آهي ۽ انهيءَ جا مڙني ٢٤ وزن آهن، جن ۾ پهاڙيءَ جو رڪن مڪي وانگر قري ٿو ۽ ٻيو ۽ ٽيون رڪن ٻهرينءَ صورت ۾ مفاعلن يا مفاعيلن يا مفاعيل يا مفعولن ٿي ٿو، ۽ ٻيءَ صورت ۾ فاعلن يا مفاعيل يا مفعول يا مفاعيلن ٿي ٿوه رباعيءَ جي ڪابه مصراع انهن مان ڪهڙي به وزن ۾ آڻڻ جائز آهي.

" اخرم اشتر مکفوف		
هزج مسدس مقصور	مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل	وجهين توڙي ڪيڏي تون ساهه پيشڪ،
" محذوف	مفاعيلن مفاعيلن فعولن	سلائڪ جو ٿيو وچ ۾ بهانو.
"" اخرب مقبوض	مفعول مفاعلن فعولن	جي ماڻ رکين تو پياري پنهنجي،
محذوف	مفعول مفاعلن مفاعيلن	ڏي گار نه ٻئي کي، ماڻ تي تون.
" " " مقصور		
" " اخرم	مفعولن مفعولن فاع	وعدا سڀ پنهنجا تون پار،
		عادت سڀ تون عمدي ڌار.
٧- خفيف مسدس	فاعلاتن مفاعلن فعلات	وقت پيري، شباب جون ڳالهيون،
مخبون مقصور	فاعلاتن مفاعلن فعلن	اهڙيون، جهڙيون ڪ خواب جون ڳالهيون.
محذوف		
٨- سريع مسدس	مفتعلن مفتعلن فاعلات	عقل جنهين کي، سو تونگر ٿيو،
مطوي موقوف	مفتعلن مفتعلن فاعلن	زر ڏٺي جنهن ناڻهُ ڳڏو، خر ٿيو.
" " مکشوف		
٩- مجتث مثمن	مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن	سواءِ مڪر جي دنيا ۾ ٻي ڪهاڻي ناهه،
مخبون محذوف	مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات	سا جاءِ ڪهڙي، جتي ڳاهه هيٺ پاڻي ناهه.
" " مقصور		
١٠- مضارع مثمن	مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن	زاهد وسائي مسجد ۽ برهمڻ مڙهي،
اخرب مکشوف	مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات	پانهو انهي جو آهيان، جو دل ۾ گڙهي.
محذوف		
" " " مقصور		
" اخرب	مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن	ڪهڙي نه حال ۾ ڪين بيعقل کي ملي مان،
		آتو ڪرين جي سڀتو 'نادان' آهي نادان.
١١- منسرح مثمن	مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن	حسن جتي تون ڏسين، پاڻ فدا ڪر ڪٿي،
مطوي مکشوف	مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلات	اک ڏسين جي، سرمو ٿئي، زلف ڏسين، ٿي ڦٿي.
" " موقوف		
" محذوف	مفتعلن فاعلات مفتعلن فاع	عمر نه گهرجي، جي هجي بخت نه بيدار،
		بخت نه گهرجي، جي موافق نه هجي يار.
١٢- وافر سالم	مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن	

باقي ٻيا بحر اڪثر فارسيءَ ۾ ڪم ۾ ايندا آهن، تنهنڪري اهي ڇڏي ٿا ڏيون.

تقطيع ڪرڻ جو نمونو ۽ مثال هيٺ ڏجي ٿو، جنهن مان معلوم ٿي سگهي ٿو ته ڪو شعر وزن ۾ پورو ۽ منجهس سڀ ارڪان برابر آهن.

مثال

آب حيوان جي ڇڏي جنهن طمع، سوئي خضر آهي،
نفس جي ظلمات مان جو نڪتو، اسڪندر آهي.

تقطيع: آب حيوان (فاعلاتن)، جي ڇڏي جنهن (فاعلاتن)، طمع سوئي (فاعلاتن)، خضر آهي (فاعلاتن).

نفس جي ظل (فاعلاتن)، مات مان جو (فاعلاتن)، نڪتو اسڪن (فاعلاتن)، در اهو فاعلاتن).

نشان: آب حيوان	جي ڇڏي جنهن
--•-	--•-
طمع سوئي	خضر آهي
--•-	--•-

فصل چوٿون

سنڌي شعر جي وزن بابت

هاڻوڪو سنڌي شعر فارسي بحرن تي ٿو ٺهي، ۽ غزل، قصيدا وغيره انهن مان موجود آهن. انهيءَ جي تقطيع به فارسي شعر وانگي ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪي قانون علم عروض ۽ قافيي جا فارسيءَ وارا آهن، ۽ جن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، سي سڀ انهيءَ سان لاڳو آهن. مگر اصلوڪو نج سنڌي شعر، ٻئي قسم جو آهي، ۽ انهيءَ ڪان سواءِ قافيي جون ٻيون ڳالهيون لاڳو ٿي ڪين سگهنديون، اگرچ زور ڪري انهن جي لاءِ ڪو به وزن مقرر ڪري سگهبو. اصلوڪي سنڌي شعر جو پهريون نمونو ته هندي دوهرن يا ڏوهڙن جو آهي، جو فارسي بيت وانگي ٻن-ٻن مصرعن مان ٿو ٺهي، ۽ جن جو پڇاڙيءَ جو لفظ هم قافيي آهي. اهڙو شعر شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ۽ ٻين ڪن شاعرن جو آهي ۽ هاڻي به اهو شعر ڪڏهن چوڻ ۾ ايندو آهي. انهيءَ نموني جا ڪي بيت هيٺ مثال لاءِ ڏجن ٿا:

بيت

کشميري هڪ جوان پڻ هو آيو گهوٽ وڻان،
شعر عجب جنهن تي چيا، ڏاڍي سوز منجهان.

شعر سندس پڻ هو مٺو، پيو مٺو وڃيو تي ساز،
ڳايئين تي پڻ چنگ تي، مٺو سندس آواز.

ويهي سو پردي پٺيان، هو ڪٿندو آڪاٿيون،
منهن موچارو هو سندس، ۽ اکيون نماڻيون.

وڻندي شهزاديءَ کي هئي انهيءَ جي ٻولي،
آيس آرام آن مان، چڻ مايس تي لولي.

تنهن کان پوءِ وري ٻن کان وڌيڪ مصراعن وارا هم قافيي بيت چوڻ ۾ آيا، جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ آهن. انهيءَ جو به وزن اڪثر اهوئي ساڳيو آهي. انهيءَ نموني جا ڪي بيت به هيٺ ڏجن ٿا:

بيت

جت زوراور ذات، ساري ويا مسڪين کي،
آڏائي ويا اوچتو، آريءَ کي اڌ رات،
ننڊ ۾ ننڊوريءَ کي ساري ڪيائون مات،
ووءِ ووءِ وائي وات، هوت وڃايئين هنج مان.

هوت وڃايئين هنج مان، رلي ڦري روهه،
ڀڄائي ڀنهونءَ وٽ، سائين تنهنجو توهه،
ڪيچو آءٌ ڪوليان ڪيچ ڏٺين کي ڪوهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، امر الاهي آئيو.

جيئن فارسي بيتن مان هي بيت موافق هئا، تيئن فارسي غزلن سان وري وايون ۽ ڪافيون موافق هيون، جي پڻ وزن ۾ گهڻو ڪري بيتن جهڙيون هيون ۽ غزل وانگر شاعر جو نالو به پڇاڙيءَ ۾ ايندو هو.

غزلن وانگي اهي به ڳائڻ ۾ اينديون هيون. آهي اڃا به چوڻ ۾ ڳائڻ ۾ اينديون آهن.

آنهن کان سواءِ به انهيءَ قسم جو نج سنڌي شعر، مداحن، لولين، اوسرڻ ۽ ٻارن جي راندين جو ٿيندو آهي، جنهن کي حقيقت ڪري شعر چئي نٿو سگهجي، مگر وزن انهيءَ جو به گهڻو ڪري اهڙو ئي آهي.

هاڻي انهيءَ مثنوي شعر جو وزن فارسي ارڪان ۾ هيئن ٿي سگهي ٿو:
مستفعلن فاعلن مستفعلن فاع
يا وري، مفتعلن متفاعلن مفتعلن مفعول
يا وري، مفاعلين فاعلن مفاعيلن فاع
يا وري، مفعولن متفاعلن مفعولن مفعول.

معلوم ٿئي ٿو ته اوائل جي سنڌي شعر ۾، قديم شاعرن، جيئن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين، بيت جي ڪن مصراع ۾، ڪا قرآن جي آيت يا ڪا حديث آندي آهي، جنهنڪري اها مصراع ٻين مصراعن کان گهڻو وڏي ٿي وڃي ٿي، ۽ اها لاچاريءَ جي حالت آهي. ٻيءَ طرح اهڙي ڊگهائي ۽ ڇوٽائي روا رکي نٿي سگهجي. اهڙي قديم شعر جون ٻيون به ڪي خاصيتون آهن، جي اسان شاهه صاحب جي احوال ۾ سنڌي شعر جي بيان ڪندي ڏنيون آهن. اهڙي ڊگهي مصراع واري بيت جو هڪڙو مثال هتي ڏجي ٿو. ٻيون قديم شعر جون ڪي خاصيتون، جي هاڻي شمار ۾ عيب آهن، سي هيٺ ٽئين باب جي ٽئين فصل ۾ ڏنيون.

بيت

ڪونهي قادر کو ٻيو انهيءَ جو ٻاڪ،
"قل لن يصيبنا الا ما كتب الله لنا هو مولانا"، ايءَ معذرت ماڪ،
سيوني سياڪ، ماروئي مساوي ڪيو.

ڪافيون يا وايون به نج سنڌي شعر آهي، جيئن سنڌي دوهرو ٻن مصراعن واري فارسي بيت يا فرد جي مقابل آهي، تيئن سنڌي لوڙائو بيت قطعي جي مقابل آهي، ۽ ڪافي يا وائي غزل جي مقابل آهي. ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ مثنوي جي موافق شعر آهي، ۽ رسالي ۾ ڪاپائتي جي ترجيع بند جي موافق آهي. گهڻا سنڌي غزل آهن، جي ڪافين وانگي هڪڙي ئي ٿلهه سر ۾ ڳائي سگهجن ٿا. ڪافي جي لاءِ ڪو خاص بحر مقرر ناهي، اڪثر ڪافيون ٽيهرين ٽن قسمن جون آهن: هڪڙيون ٻڪيون، ٻيون ڏيڍيون ۽ ٽيهرڪ ۾ ڪڏهن هڪ تڪ هوندي آهي، ڪڏهن ٻه ۽ ڪڏهن ٽي به. ٽيهرين مصراع، ٿل يا ورالي وانگي وري وري، هرهڪ مصراع پٺيان ڳائي آهي. هر قسم جا مثال سچل فقير جي رسالي مان ملي سگهندا ۽ واين جا مثال شاهه جي رسالي مان.

باب ڏهون

قافيي جي بيان ۾

فصل پهريون

قافيي ۽ رديف بابت

جهڙيءَ طرح شعر جو وزن علم عروض تي تعلق ٿو رکي، تهڙيءَ طرح شعر جي ٻيهڪ علم قافيي تي تعلق ٿي رکي. انهيءَ ڪري شاعرن کي هنن ٻنهي علمن جو ڄاڻڻ ضروري آهي. ’قافيہ‘ لفظ ’قفا‘ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ عربيءَ ۾ آهي، پٺيان هلڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب ’قافيہ‘ اهو لفظ آهي، جو شعر جي پڇاڙيءَ ۾ اچي ۽ جنهن جي پٺيان ٻن شعرن جون پڇاڙيون لڳن. ڪي پڇاڙيءَ واري ساري لفظ کي ’قافيہ‘ چوندا آهن ۽ ڪي فقط پڇاڙيءَ واري حرف کي، جو وري وري اچي. قافيي جي لاءِ ٻه شرط ضروري آهن: هڪڙو اهو ته قافيي وارو لفظ صورت ۾ يا معنيٰ ۾ مختلف ۽ علحدو هجي، ساڳيو نه هجي، يا جي ٻنهي جي صورت هڪڙي هجي ته معنيٰ ضرور ٻي هجيس، مثلاً ڀاڻ، پاڻ، ساڻ، ڪاڻ ۽ ماڻ. اهي سڀ لفظ قافيو ٿي سگهن ٿا، مگر جي لفظ ’ڀاڻ‘ ٻن معنائن سان وري وري آيو ته حرڪت ڪانهي- هڪڙو ڀاڻ ٻنيءَ جو ۽ ٻي ڀاڻ مٽي جي ڦيري يا مغروري. ٻيو اهو ته، اهو لفظ مستقل ۽ قائم نه هجي، پر جي هوندو ته انهيءَ کي قافيو نه چئبو پر ’رديف‘ چئبو. مثلاً هڪڙي مصراع جي پڇاڙيءَ ۾ آهي ’ڀاڻ آيو‘، ۽ ٻيءَ ۾ آهي ’ساڻ آيو‘، ته ’آيو‘ لفظ جو وري آيو سو قافيو ناهي، رديف آهي ۽ ”ڀاڻ“ قافيي وارو لفظ آهي.

’رديف‘ لفظ جي معنيٰ عربيءَ ۾ آهي وهٽ تي پٺيان ويٺل سوار. اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو لفظ جو قافيي جي پٺيان ٿو اچي. جنهن شعر ۾ فقط قافيو آهي، رديف ڪونهي، انهيءَ کي ’مقفي‘ ٿا چون ۽ جنهن ۾ رديف به آهي انهيءَ کي ’مردف‘ ٿا چون.

قافيي جا حرف: قافيي جا مڙني نَوَ اکر ٿا ٿين، پر رواج ۾ اڪثر ست ايندا آهن. قافيي جو پويون اکر، جو ضرور وري اچي ٿو، تنهن کي 'روي' ٿا چون. جي روي کان چار حرف اڳي ايندا آهن، انهن جا نالا ترتيبوار هي آهن: 'ردف'، 'قيد'، 'تاسيس' ۽ 'دخيل'، ۽ جي روي کان چار حرف پوءِ ايندا آهن، تن جا نالا ترتيبوار هي آهن: 'وصل'، 'خروج' 'مزيد' ۽ 'نائره'. روي کان اڳيون اکر جي حرف علت ساڪن هوندو، يعني الف يا و يا ي ساڪن هوندو ته انهيءَ کي 'ردف' چئبو، جيئن ته ايمان عثمان ۽ حيران ۾ ن روي آهي، ۽ انهيءَ کان اڳيون الف ساڪن ردف آهي. پر جي حرف علت کان سواءِ ٻيو ڪو حرف صحيح آيو ته انهيءَ کي "قيد" چئبو، جيئن ته درد- سرد ۾ د روي آهي ۽ ر قيد آهي. وري روي کان اڳي ساڪن الف ۽ روي جي وچ ۾ جيڪو حرف ايندو، تنهن کي 'دخيل' چئبو ۽ انهيءَ ساڪن الف کي "تاسيس" چئبو، مثلاً باور، داور ۽ خاور ۾ ر روي آهي، و دخيل آهي، الف تاسيس آهي.

ساڳيءَ طرح روي کان پوءِ يا ان جي پٺيان جيڪي چار حرف ايندا، تن مان پهرئين کي 'وصل'، ٻئي کي 'خروج'، ٽئين کي 'مزيد' ۽ چوٿين کي 'نائره': مثلاً لڏي ويوس، چڙي ويوس، ڪڏي ويوس. انهن ۾ چڙي واري ي آهي روي، ۽ انهيءَ کان اڳيون اکر ڙ آهي قيد، ۽ انهيءَ کان پويون پهريون اکر و آهي، وصل ي آهي خروج، و آهي مزيد ۽ س آهي نائره.

مٿين حرفن مان جيڪو ردف جو اکر روي سان گڏ اچي، انهيءَ کي 'ردف اصلي' چوندا آهن. ۽ روي ۽ ردف اصلي جي وچ ۾ ڪو حرف ساڪن هوندو آهي يعني دخيل، تنهن کي 'ردف زائد' چوندا آهن جيئن ته دوست ۽ پوست ۾ ت روي ۽ س ردف زائد آهي، ۽ ردف اصلي آهي. اهو ردف قافيي جي لاءِ ضروري آهي. جي نه آيو ته قافيو غلط آهي- مثلا دوست سان راست قافيو ٿي نه سگهندو، ڇا لاءِ جو ردف اصلي مختلف آهي، دوست سان ڪوفت قافيو ٿي سگهندو، ڇا لاءِ جو ردف زائد مختلف آهي. ساڳيءَ طرح تير سان ڪير هم قافيي ٿي سگهندو، اگرچ ساڳيو اکر ٻنهي ۾ آهي، مگر انهن جي حرڪت ڦري آهي.

ساڳيءَ طرح يعني ردف وانگي قيد وارو حرف مختلف آڻڻ به ناجائز آهي- مثلاً تخت جو قافيو بخت يا طشت ٿي نٿو سگهي ۽ دخيل واري حرف جو موافق هئڻ ضروري ناهي، جيئن ته ساحل جو قافيو ڪامل يا مائل ٿي سگهي ٿو. مگر وصل ۽ خروج جو قافيي ۾ ٻيهر وري اچڻ ضروري آهي. رديف مختلف ٿي ڪين سگهندو، سواءِ خاص طرح شعر ۾ اطلاع ڏيڻ جي.

قافيي جا اعراب يا حرڪتون: قافيي ۾ ڇهه اعراب يا حرڪتون تعلق ٿيون رکن: رويءَ کان اڳ واري ٻيهرئين اکر جي حرڪت کي 'توجيه' چوندا آهن، ۽ انهيءَ جو موافق يا هڪجهڙو هئڻ ضروري آهي: مثلاً دلبر ۽ صابر هم قافيي نه ٿيندا. ردف ۽ قيد کان اڳ واري حرف جي حرڪت کي 'حذو' چوندا آهن، انهيءَ جو به مختلف ٿيڻ روا ناهي. مثلاً هيند ۽ بند هم قافيي ٿي نه سگهندا تاسيس واري ساڪن حرف علت جي مٿان آيل زبر کي 'رس' چوندا آهن، ۽ دخيل واري حرف تي آيل حرڪت کي 'اشباع' چوندا آهن: روي ۽ وصل گڏ ايندا ته انهن جي اڳيان آيل حرڪت کي 'مجري' چوندا آهن. انهيءَ جو اختلاف درست ناهي، اگرچ ڪي روا رکن ٿا، جيئن آهستہ ۽ دستہ. وصل خروج گڏ، توڙي خروج ۽ مزيد گڏ ايندا، تہ انهن جي مٿان آيل حرڪت کي 'نفاذ' چوندا آهن، ۽ اهو به سدائين هڪجهڙو هئڻ گهرجي.

قافيي جا قسم: قافيو ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو 'مقيد' ۽ ٻيو 'مطلق'. مقيد اهو آهي جنهن ۾ رويءَ وارو حرف ساڪن ڪيل نه هجي، پر جي وصل وارو حرف ساڪن ڪيل هوندو تہ انهيءَ کي 'مطلق' چئبو. وري جي 'مقيد قافيي' ۾ قافيي جي حرفن مان ڪو بہ ٻيو حرف نہ هوندو، تہ انهيءَ کي 'مقيد مجرد' چوندا، جيئن تہ سرور، دلبر، ۽ جي اهڙو ڪو ٻيو حرف هوندو، تہ ان جي انهيءَ حرف سان نسبت ڪندا، جيئن تہ ردف سان مقيد، يا قيد سان مقيد ۽ ساڳيءَ طرح جي روي مطلق سان وصل جو حرف گڏ هوندو، جيئن تہ سروري، دلبري، تہ انهيءَ کي 'مطلق مجرد' چئبو ۽ جي قافيي جي حرفن مان بہ ڪو هوندو، تہ انهيءَ جي ان حرف سان نسبت ڪندا، جيئن تہ قيد سان مطلق يا ردف سان، يا خروج سان، يا نائره سان.

ٻيءَ طرح سان بہ قافيي جا ٻہ قسم آهن: هڪڙو 'اصلي' ٻيو 'مصنوعي يا بناوتي'. "اصلي" اهو آهي جو لفظ پاڻ قافيي هئڻ جو لائق هجي ۽ مفرد معنيٰ وارو هجي. "مصنوعي" اهو آهي جو مرڪب هجي يا ٻن سان گڏيل. مثلاً مان، ران. شان سان ڪالہ اچي ٿو جو هو ٻيريان اصلي لفظ آهن ۽ ٻوٿين ۾ ٻي لفظ وجهڻ سان قافيو ٿو لهي.

حرڪتن ۽ سڪون جي نظر تي قافيو چئن قسمن جو آهي: پهريون 'مترادف'، جڏهن قافيي ۾ ٻہ ساڪن حرف گڏ اچن، جيئن تہ يار ۽ گار، ٻيو 'متواتر'، جڏهن هڪڙو متحرڪ حرف ٻيو ساڪن هجي، جيئن تہ گردن، پرتن، ٽيون 'متدارڪ'، جڏهن ٻنهي لفظن ۾ رويءَ کان اڳ، متحرڪ ۽ ساڪن حرف ٻہ ڀيرا ترتيبوار اچن، جيئن تہ بصر، بتر، ۽ چوٿون 'متراڪب'، جڏهن رويءَ کان اڳ ٽي حرف اچن، جيئن تہ سحري، بحري.

فصل ٻيو

قافيي جا عيب

قافيي جا چار عيب آهن، جن کان پاسو ڪرڻ گهرجي: هڪڙي جو نالو 'اقوا' آهي، يعني بي سمرو ٿيڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب جڏهن روي يا قيد کان مٿي يا اڳي واري حرڪت مختلف ٿئي. مثلاً دَر سان دُر قافيو ٿئي، يا مَست سان مُست. ٻئي جو نالو 'اڪفا' آهي، يعني ڏنگو ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب جڏهن روي جو حرف اهڙي حرف سان بدلجي، جو وات سان ساڳي جاءِ تان نڪرندو هجي. مثلاً هڪڙي ۾ قاف ۽ ٻئي ۾ ڪاف يا گاف، جيئن شڪ سان سڱ. ٽئين جو نالو 'استاد' آهي، جڏهن ردف جو حرف مختلف هجي. مثلاً زمان سان زمين، مڪان سان مڪين. ۽ چوٿين جو نالو 'ايطا' آهي، يعني پائمال ڪرڻ. اصطلاحي جي معنيٰ موجب جڏهن قافيو وري وري اچي. انهيءَ جا ٻه قسم آهن: هڪڙو 'جلي' ۽ ٻيو 'خفي'، يعني هڪڙو ظاهر ٻيو ڳجهو. جلي تڏهن آهي جڏهن روي هڪڙو اهڙو حرف ڪجي، جو اصل هئڻ جو لائق نه هجي، ٻئي حرف سان گڏ اچڻ جهڙو هجي، جيئن مصدر جي نشاني يا مضارع هجي. مثلاً مارڻ سان گڏڻ، ڪٽڻ سان ڪاٽڻ، بهتر سان بتره. 'خفي' تڏهن آهي، جڏهن قافيي جو وري وري اچڻ ظاهر نه هجي. جيئن ته آب سان گلاب ۽ شراب. اهو قافيو عيبدار آهي مگر روا رکيو ويو آهي، بشرطيڪ قطع يا غزل ۾ ستن بيتن کان پوءِ ايندو، ۽ قصيدي ۾ چوڏهن بيتن کان پوءِ.

فصل ٽيون

شعر جا عيب

شعر ۾ ڪيترا عيب ٿيندا آهن، جن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اهي هي آهن:

پهريون عيب 'مناقضه' يعني بيت جي ٻنهي مصراعن جي معنيٰ يا مضمون ۾ چڱائي ۽ گهٽتائي جو اختلاف، يعني جڏهن هڪڙي مصراع ٻيءَ جي برخلاف هجي يا گهٽ وڌ ۽ موافق هجي. مثلاً شيخ سعدي هڪڙي گهوڙي جي تکائيءَ جي تعريف ڪندي چيو آهي ته:

بيت

تکو جيئن ٿي نئي ڊوڙي اڀرپٽ مٿي،
مٿيءَ جان هنيان واءُ رهجي پوي.

هاڻي پهرين مصراع ۾ گهوڙي کي انهيءَ نئي سان مشابه ڪيو اٿس، جا برپٽ تي ڊوڙندي وڃي. ۽ ٻيءَ مصراع ۾ وري انهيءَ کي واءُ سان مشابه ڪيو اٿس.

ٻيو عيب 'تقديم' ۽ 'تاخير'، يعني اڳي-پوءِ ڪرڻ. هي عيب لفظي به ٿي سگهي ٿو ۽ معنوي به. لفظيءَ جو مثال هي آهي، جو نظاميءَ جو چيل آهي:

بيت

هنيئين تير اهڙو ڇڪي ٻيگ زهه،
جو هن جو بدن پيو ڇڇي ۽ زره.

هتي پهرين زره آڻڻ گهربي هئي ۽ پوءِ بدن، ڇالاءِ جو تير پهرين زره مان لنگهي ٿو ۽ پوءِ بدن مان. اهڙيءَ طرح بعضي ضمير، اسم ۽ فعل به اڳي-پوءِ آڻيندا آهن. معنوي تقديم ۽ تاخير جو مثال اهو آهي، ته بيت جي ٻن مصراعن جو مضمون هڪٻئي ۾ سمائجي نه اچي، يا اڳي پوءِ هجي، جيئن بيدل جي هن بيت ۾ آهي:

بيت

ٻڌور اک منهه ڪان ٻن جهانن جي،
جي هجي در لنگهڻ جو هن گهر ۾.

هتي پهرين مصراع ۾ ٻن جهانن ڏي نهارڻ جو ذڪر آهي، نه هڪڙي گهر مان وچون در لنگهي ٻئي گهر ۾ وڃڻ جو، جيئن ٻي مصراع ۾ آهي. پوئين مصراع جي مضمون جو اشارو يا نشان پهرينءَ ۾ بلڪل ڪونهي.

ٽيون عيب آهي ڪلام 'تعقيد'، يعني لفظن ۾ ڪو خلل هجڻ، جنهنڪري شاعر يا ڳالهائيندڙ جو مطلب پوريءَ طرح سمجهڻ ۾ نه اچي. هي عيب به مٿين عيب وانگي لفظي ۽ معنوي ٻئي ٿي ٿو سگهي. لفظن جو مثال شيخ علي "حزين" جو هيءُ هڪڙو بيت آهي:

بيت

رو ڪنهن جي باغ جي جو آهي، هي پاڇو ڏکهو،
ورهيه ٿيا ان حرص ۾، ٿوڪيان ٿو ڏنيڙائيون اها.

ورهيه ٿيا ان حرص ۾، تمام خراب ٿو لڳي. جوي ها ته سندس محبت ۾ يا سندس چانوَ ۾. معنوي تعقيد جو مثال جاميءَ جو هي بيت آهي.

وڃو ساڳيو نه پهرين ٻن ڏڻن مان،
ٿو ڏسجين روز چنڊ جان برج هڪ مان.

چنڊ هر روز هڪ ئي برج مان نٿو نڪري.

چوٿون عيب 'تضمين' آهي. هن جا به ٻه قسم آهن: هڪڙي 'تضمين' اها، جنهن ۾ ٻئي ڪنهن شاعر جو شعر پنهنجي شعر ۾ آڻجي، ۽ انهيءَ جو ٻيو وقت

اطلاع ڏجي. هيءَ هڪڙي صنعت شمار ڪيل ۽ انهيءَ جو ذڪر ضايع ۾ ڏنل آهي ۽ مثال به اتي ڏنل آهن. ٻيو قسم 'تضمين' جو اهو آهي جنهن ۾ هڪڙي بيت جي معني ٻئي بيت جي معنيٰ سان واسطو رکندي هجي ۽ انهيءَ جي پڙهڻ ڏاران برابر سمجهه ۾ نه اچي سگهي. انهيءَ کي 'قطع بند' به چوندا آهن. انهيءَ جو مثال هي ٻه بيت آهن:

بيت

اژدها جنهن هنڌ رهي، سو هنڌ سدا ويران هوءِ،
اژدها هئي بادشه جي، ٿي عجب ٻئي قسم جي.
ملڪ جنهن ۾ سا ٿئي پيدا، هجي آباد سو،
الله جو پاڇو آهي نعمت، ان جي هستي مهر ٿي.

پنجون عيب 'توارد' آهي، جڏهن ڪنهن ٻئي شاعر جي شعر جو مضمون يا خيال يا لفظ، جنسي ٻيو شاعر پنهنجي شعر ۾ آڻي، تضمين جي رستي نه، پر اتفاق سان آڻي وجهي، ۽ اهڙو شڪ پوي ته 'سرقه' يا شعر جي چوري آهي. مثلاً امير خسرو دهلويءَ جو هي بيت آهي:

بيت

تنهنجي صفت بنده نواز زندگي،
ات ٿي خدائي ۽ هتي بندگي.

۽ جاميءَ چيو آهي ته:

بيت

ٿئي بن ڪمن مان ٿي فرخندگي،
خداوندي آت ٿي ۽ هت بندگي.

ساڳيءَ طرح وري جاميءَ چيو آهي ته:

بيت

ڪبي ٻاسي مان پيدا آهي ٿي زال،
سنوت ڏسبي ڪبي مان ڪانءِ في الحال.

۽ نظاميءَ چيو آهي ته:

بيت

ٿي پيدا زال جڏهن ٻاسي ڪبي مان،
سنئين ڪنهن پر نه هلندي سا ڪنهين سان.

ڇهون عيب ”عدول“ آهي، جڏهن ڪو شاعر زور ڪري وزن يا قافيي جي پورائيءَ لاءِ لفظ جي اصلي صورت ڦيرائي، متحرڪ کي ساڪن يا ساڪن کي متحرڪ يا متحرڪ کي مشدد، يا ٻيءَ طرح گهٽ وڌ ڪري ٿو. اهو عيب قديم استادن جو روا رکي سگهجي ٿو، مگر هاڻوڪن شاعرن جي حالت ۾ روا رکي نٿو سگهجي، سواءِ لاچاريءَ جي حالت ۾. جي ڳالهيون فارسيءَ ۾ عيب آهن، سي سنڌيءَ شعر ۾ روا رکي سگهجن ٿيون، جو سنڌيءَ ۾ فارسي لفظن جا آچار ڦريل آهن. مثلاً اصلي عربي يا فارسي لفظ قبْر، جبْر، ۽ صبْر آهي ۽ سنڌي شعر ۾ قبر، جبر ۽ صبر آڻي سگهجي ٿو. يا تنور کي تنوّر. ڪٿي کي ڪٿّو ڪري آڻي ٿو سگهجي، يا قافيي جي لاءِ بيان کي بيانا ۽ فراق کي فراقا ڪري ٿو سگهجي، جيئن اڪثر ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ آهي. ساڳيءَ طرح سڪندر کي اسڪندر.

هن عيب جا گهڻائي قسم ٿي سگهن ٿا. هڪڙي قسم کي 'وصل' چون ٿا، جڏهن ڪنهن لفظ ۾ هڪڙو حرف زياده ڪجي ۽ انهيءَ حرف جي معنيٰ شمار ۾ نه آڻجي، رڳو وزن جي لاءِ آڻجي، جيئن ٻ، ته، ڪ. يا جيئن مٿي سڪندر کي اسڪندر ۽ رستم کي روستم. ٻيو قسم قطع آهي، جڏهن ڪنهن لفظ جو ڪو حرف وزن جي لاءِ ڪڍي ڇڏجي، جيئن ڪبوتر جي بدران ڪوتر.

ٽيون قسم آهي 'تخفيف'، يعني هلڪو ڪرڻ. جيئن اصل شد وارو لفظ سواءِ شد جي آڻڻ، جنهن جو مٿي اشارو ڏنو ويو آهي – تنور کي تنوّر. انهيءَ جو ضد وري چوٿون قسم 'تشديد' آهي، جڏهن وزن جي لاءِ زور ڪري شد ڏجي، جيئن ته زر کي زرّ، ڪٿي کي ڪٿّو. پنجون قسم آهي 'قصور'، جڏهن الف مد واري جي بدران سواءِ مد جي آڻجي، جيئن ته آزاد جي بدران ازاد، آرام جي بدران آرام. ڇهون قسم 'اسڪان'، جڏهن متحرڪ اکر کي ساڪن ڪري ڪم آڻجي. جيئن بهتْر کي بهتر يا سفر کي سفْر. ستون قسم 'تحريڪ'، جڏهن ساڪن حرف کي متحرڪ ڪجي، جيئن صبر کي صبْر، ستْر کي ستر.

فصل چوٿون

سنڌي شعر جا ڪي مشهور عيب

هاڻي اسين شعر جا ڪي عيب هتي ڏينداسين، جي هن زماني ۾ عام آهن، ڇالاءِ جو هاڻوڪن شعر چوندڙن کي گهڻي فارسي ۽ عربي نٿي اچي، ۽ علم عروض ۽ قافيي جي قاعدن ۽ قانونن جي پوري خبر ناهي. اگرچ انهن عيبن مان ڪي اوائلي

سنڌي شاعرن به ڪيا آهن، مگر هاڻي جڏهن فارسي بحرن، وزن ۽ قانونن تي شعر چوڻ ۾ ٿو اچي، تڏهن اهي عيب غلطيون آهن جي نه ڪرڻ گهرجن. ڪي اهڙا عيب آهن جي سنڌيءَ ۾ روا رکي سگهجن ٿا، ڇا لاءِ جو زباني شعر اڪثر آواز تي منحصر رهي ٿو، ۽ اهو آواز صحيح صورتخطيءَ ۾ ٻيءَ طرح ٿو لکي سگهجي. تنهنڪري بهتر آهي ته اهي لفظ آواز ۾ ۽ اچار ۾ به صحيح هئڻ گهرجن ۽ صورتخطيءَ ۾ به؛ مگر لاچاريءَ جي حالت ۾ روا به رکي سگهجي ٿو.

مثلاً (١) قافيي ۾ ت پڇاڙيءَ وارا لفظ ط سان مقابل آڻن، ز وارا ض ۽ ذ سان، ج ث وارا ص سان وغيره. (٢) نون ڪڙيءَ سٽ ۾، ته ڻ ٻي سٽ ۾. (٣) نعرو آواز ۾ نارو سمجهي آڻن. سعيو، سايو ڇاڻي آڻن. ۽ قافيي ۾ لايو، ڪايو وغيره آڻن. طعنو، تانو ڇاڻي، ڪانو، آنو سان هم قافيي ڪري آڻن. لعل کي لال سمجهي مال، حال، چال سان هم قافيي ڪري آڻن. (٤) ل کي لهه سان، ڙ کي ڙهه سان وغيره. (٥) ر کي ڙ سان قافيي ۾ آڻن. (٦) پڇاڙيءَ ۾ زور ڪري الف وجهن قافيي لاءِ، جيئن ته طبيعتاً ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ اهو عام آهي. (٧) ع کي هه سان قافيي ۾ آڻن، جيئن ته لاهه ۽ آهه (٨) ز کي ج سان هم قافيي ڪري آڻن. (٩) آڻن ۽ لاهڻ هم قافيي ڪري آڻن. (١٠) قافيي واري حرف جي اڳئين اکر جي زير ۽ زبر هڪجهڙي نه رکن، جيئن ٺُرڪي سان ڪَرڪي آڻن، غلط آهي. ڪُرڪي آڻڻ گهرجي. ٺُهي سان ڪُهي گهرجي، نه ڪَهي. (١١) اڪثر رباعي ڪنهن به چئن مصراعن واري قطعي کي چوندا آهن، پر اُهين غلط آهي، جيئن رباعي جي بيان ۾ چيو ويو آهي.

مٿيان عيب سنڌ جي قديم شاعرن جي شعر ۾ به لڀن ٿا، مگر هاڻي اسين اهي ڪم آڻي نٿا سگهون. مثال لاءِ هتي ڪي شعر آڻينداسين.

شاهه جي رسالي مان

بيت

چنڊ لکيئي 'منڊ'، سنجهيئي شيخ ٿين،
ڪر اونڌائي 'الڏ'، ته ملان محبوبن کي.

(هتي منڊ ۽ الڏ، هم قافيو آندا اٿس.)

*

عاشق چوُ مَ ان کي، مَتڪي چوُ "معشوق"،
سمجهه سو "سلوڪ"، جو ناقصائي نگيو.

*

ڪاتي جا قرب جي، سا هڏ چيري 'چم'،
عاشقن پنهنجو 'انگ'، الله ڪارڻ وڍيو.
(هتي چم، انگ يا اگ، هم قافيي آندو اٿس، جو هيئنر بلڪل غلط ۽ ناروا آهن.)

*

ترس طبيبن جو، چڏڻ ڪي ڏيءِ نه 'ياد'،
جو ويڄن جي 'وات'، دارو تنهن درس ڪيا.
(هتي ياد ۽ وات، ڪن نسخن ۾ وساند، هم قافيي آيل آهن.)

*

سر جو سڄيو سڄڻين، ٻنگان ڀري 'ٻاڻ'،
ويو وجودان نڪري، ڪڙڪو ڪري 'ڪان'،
ٽيا جي 'نيشان'، ته پرين سين ٻورا ٿيا،
(هتي ن ۽ ڻ گڏ آيل آهن.)

جڦسي ۾ جبار جو خفي خيمو 'ڪوڙ'،
جلي تون زبان سين، چارئي پهر 'چور'،
ٻيا در وڃي م 'وڙ'، ايءَ اصل اتائين سهجي.

انهيءَ ڪان سواءِ هيٺيان لفظ ٻه رسالي مان ڪڍيا ويا آهن جي قافيي ۾ گڏ آيا آهن، پر هاڻي آئي نٿا سگهجن.

صباح، لاءِ، آءِ. صلاح، راهه. صراط، وات، سات. ساهه، نگاهه. جهاز، نواز، هاج. اوطاق، فراق، چاڪ، ساڪ، ماهه. جهنگ، لنگهه. ابليس، خبيث. الله، صلاح، ارواح، ساهه. آحد، سڏ. سعيو، هلايو، آيو. ٻڌ، سڌ، مڏ. سڪ، عشق. جوڙ، ٻوڙ، سوڙهه. ماڪ، تاق، چاڪ. آهه، مباح. باقي، خاڪي. آزي، بازي، راضي. آهه، لڪاءِ. وات، تات، ساعت. رت، گرت، شرط. اماڙو، وارو. عبث، مس.

"ديوان گل" مان

آهي سڀ تي 'حڪم' تنهنجو نافذ.
(هتي حُڪْمَ جي بدران حُڪُمُ آيو آهي.)
سوئي ڪري 'خلق' ۾ توئي سلام حاصل.
(هتي خَلْقَ جي بدران خَلَق آيل آهي.)

هيٺين غزلن ۾ هڪڙي مصراع ۾ هڪڙو بحر آهي، ته ٻيءَ ۾ ٻيو. هڪڙي لفظ جي گهٽ-وڌ ٿيڻ جو تفاوت ٿئي ٿو جو غلط آهي،

غزل

دنيا ۾ دين ڳولڻ، آهي عبث، عبث
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلن)

ريءَ درد سور 'وقت' ريءَ ريجهه رحم رقت
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)

ساري غزل ۾ بيت جون ٻهريون مصراعون هڪڙي وزن جون، ۽ ٻيون مصراعون ٻئي وزن جون.

غزل

منجهه ديد تنهنجي دلبر آهي مدام حظ.
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)

مجلس ۾ دوستن جي آهي حضور نعمت.
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)

ساري غزل ۾ اهو عيب آهي.

غزل

آهي ننڊ نڌوري ۽ آرس اپاڳ
(وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعول)

جنهن کي سڪ سيني اندر سوز سان ڪيو
(وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعولن)

ٻيون مصراعون ۾ انهيءَ وزن جون آهن.

ثابت علي شاهه جي مرثين مان

بند

اڄ ڏينهن جمعي جو آهي ۽ خطبي جو 'وقت' ڏس،
مون تنهن نبيءَ جي پٽ جو، تون هي حال 'سخت' ڏس.
جهمرو تسمه پرزا پرزا، ۽ دل لخت 'لخت' ڏس،
تنبوءَ ۾ ڏس يتيم رڻن ٿا رسول جا.

هتي سخت ۽ لخت سان وقت آندو اٿس، جو اُترهيل سنڌي ماڻهو 'وخت' چوندا آهن.

ٻئي هڪڙي هنڌ ۾ اهي ساڳيا قافيا آندا اٿس.

بند

قاسم جي حق ۾ ڪاڇوُن هئي موت جي 'مبارڪ'،
سڀ چاهي ماڃي ٿيا ٻن سر گهوري تن ڪان 'تارڪ'،
سي ناصحي سڪيا ٿيا، سڀ فڪر ڪان ٿي 'فارق' (يافارڪ)،
مون تن جي فڪر فرقت نيڻن وهايا تارا.

هتي مبارڪ ۽ تارڪ سان فارق آندو اٿس، جو عام ماڻهو 'فارغ' جي بدران فارڪ چوندا آهن.

هيٺيان لفظ ۾ ثابت علي شاهه ٻين هنڌن تي ڳڌ هم قافيا آندا آهن، جن مان گهڻا هائي آئي نٿا سگهجن.

سر، انور، ڌڙ، شعاع، سماء الوداع، سداء سپ، تعب، رٻ. راڳ، داڳ، (داغ). ڪاهه، دالهن. رت، هٿ، سٿ. مصلحت، هٿ، سٿ. شروع، سوبسو، ڪوبڪو. سعيو، رايو، لايو. ماريو، هاريو، آيو. ڪاهجي، ڇڏائجي. آوارا، ويچارا، مرڻ هارا، حادثي ماريا.

اڄ گهر رسول جي آهي شادي ۽ 'عشرتا' (يعني عشرت)

"ديوان فاضل" ۾ رباعيون ڪنهن ۾ ٻئي وزن جون ڏنل آهن، ۾ هنڻ گهرجن خاص رباعيءَ واري بحر تي. هي رباعيون نہ آهن ۾ قطعا آهن.

ٻاگو ڀيو

باب چوٿون

صنايع و بدايع جي بيان ۾

ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت لاءِ، عبارت يا لفظن ۽ معنيٰ جي خوبي ۽ موافقت جي قانونن ڄاڻڻ جو ضرور آهي، جن جو 'علم بيان ۽ "علم بدايع" سان واسطو آهي. اهي صنايع يا صفتون ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون لفظي ۽ ٻيون معنوي. صنايع لفظيءَ ۾ رڳو لفظن جي ظاهري صورت ۽ خوبيءَ جي نظر ٿي رهي ۽ صنايع معنويءَ ۾ باطني خوبي يا معنيٰ جي نظر ٿي رهي.

فصل پهريون

صنايع لفظن بابت

١. صنعت ترصيع: ترصيع جي لفظي معنيٰ آهي جواهر جڙڻ ۽ اصطلاحي معني آهي عبارت يا شعر ۾ ڪي لفظ خانن خانن وانگي آڻجن، جي ٽڪن ۾ موافق هجن ۽ اهڙا هجن، جي وزن ۽ قافيي ۾ برابر هجن. اهڙيءَ عبارت يا شعر کي مرصع سڏبو آهي. انهيءَ جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

روءِ تنهنجي ۾ جلوه گر ٿيو جمال،
خوءِ تنهنجي ۾ سربسر ٿيو ڪمال.

ماهه تون، بدر جنهن جو سارو منير،
شاهه تون، قدر جنهن جو سارو جلال.

حال سان موت ماري تنهنجو فراق،
قال سان ليت جياري تنهنجو وصال.

منجهه شرافت نه تنهنجو ڪوئي نظير،
منجهه لطافت نه تنهنجو ڪوئي مثال.

*

مي حرام آهي، جي محفل ۾ ڪر هولڊو هشيار،
ننڊ حرام آهي، جي گهر ۾ آهسي ياتي بيمار.

شراب اسان ڪان ٿيو مست، ۽ نہ ان ڪان اسين،
جهان اسان ڪان ٿيو هست، ۽ نہ ان ڪان اسين.

*

من خوش هجي تہ گهر بہ جهنم هوئي يا بهشت،
تن خوش هجي تہ ڪپڙو بہ ريشم هجي يا پشم.

*

ڪهڙي دل سا، جنهن مان تو ڏي ناهي راهہ،
ڪهڙي اک سا، جنهن جي تو ڏي ناهي نگاهہ.

منهنجا قبلا! تنهنجو مُنهن، مصحف مجيد،
منهنجا ڪعبا! تنهنجو گهر، بيت الحرام.

*

خوان آهي جهان، زهر لقمو،
خواب آهي حياتي، موت تعبير.

[وزن: مفعول، مفاعلن، مفاعيل.]

(ب) ترصيع مع تجنيس: جڏهن ساڳي 'صنعت ترصيع' ۾ 'صنعت تجنيس' بہ شامل هجي، يعني همجنس يا همصورت لفظ ڪم آيل هجن. جيئن هيٺ تجنيس جي بيان مان معلوم ٿيندو. مثال:

جڏهن ٿئي ڪنهن جو بار 'سرگشتو'،
ان جو ٿئي ڪم ڪار 'برگشتو'.

(١) تجنيس: جڏهن ڪنهن عبارت يا شعر ۾ هڪ جنس يا قسم جا لفظ ڪم اچن. انهيءَ جا گهڻائي قسم آهن.

(٢) تجنيس تام: تام جي معني تمام يا ڪامل، يعني پورو. جڏهن ٻہ يا زياده لفظ اهڙا ڪم اچن جي لکڻ يا پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن، مگر معني ۾ مختلف هجن؛ جيئن شاهہ جي رسالي ۾ 'جتن' جو لفظ هيٺين بيت ۾ ڪم آيل آهي:

'جتن' ڪج 'جتن' جيو، آيا ڪي ايندا،
وٺي پنهون پاڻ سين وڃان تو ويندا،
دم نہ ڏميندا، سڏا ويندا ساٿيهہ ڏي.

پيا پنھنجا مثال ھيٺ ڏجن ٿا ۽ ھمجنس لفظن جي ھيٺان ليڪ جو نشان ڪجي ٿو:

بيماري ٿئي جي ڪنھن کي سائي،
يرقان جو مرض
سڀ شيءِ ٿي نظر اچيس سائي،
سبز
تيئن دل ۾ جڏھن جمي ٿي ڪا ڳالھ،
ھر وقت ھوي ٿي ياد سائي.
اھائي

*

تنھنجي دائيءَ، وار تنھنجا، جي 'ڦٽيءَ' سان ڪيا جدا،
پانھن دائيءَ جي ڦٽيءَ کان ڏار، تڏھن گھرجي ڪرڻ.
ڪلھي

*

سائي بيحال جوش کان ٿي وئي،
زال
نہ سگھي تنھن کان پاڻ ۾ سائي.
ماپي، سمائجي
چاھ سان چاھ پيي، مگر کھڙي،
شوق چاھ
رنگ ۾ چاھ جي ڪنين جھڙي،
پڪي

*

جاء جي گل سان نہ جائي ڪنھن بہ گل جي جاء آھ
گل جو قسر برابري

جاءِ ۾ جي جاءِ هوئي، سرهاڻ سڀڪنهن لاءِ آهه.
ڪولي گل

*

ڪوڻ جي استر کي هڪڙيءَ استريءَ کئي استري،
زال ڏوبي جي
استري سان وار ڪوڙڻ آيو، مڙسس مستري.

*

سڀوئي نوش ٿين جي تون چڏين نيش*،
سڀن جو خويش ٿين جي تون ڇڏين خويش.
عزيز پاڻ، خود مطلبي

*

پاڻ ماڻهوءَ کي ڏني تو پاڻ پڻ حيوان جيئن،
پاڻ کي پائڻ، خودمطلبي، مغروري ڦيري
پاڻ ڏس آهي ڪنو، ۽ پوک لاءِ آهي پلو.
پنيءَ جو
زبان آهي سچن جي تُرڪي، آءٌ تُرڪي نٿو چاڻان،
بولي
چڱو هو جي زبان ان جي هجي ها وات منهنجي ۾.
جيڀ

*

هن دفعي بي طرح سان اک لڳي،
نه لڳي اک، جڏهن ڪان اک لڳي.
ننڊ نه آئي اک اٽڪي

*

نه توکي ترس ڪو اي شوخ، هيءَ کهڙي ٿي ترسائي،
رحم پارسائي
ذرو ڪي ترس، تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ آءٌ بيو ترسان.
بيهه سڪان

---

* نوش ۽ نيش تجنيس زائد آهي.

*

جي سر جو خير گهرن، بيزبان رهي، منجهه صبر،
رکيئن زبان، تذهن ٿي مسي، قلم جي قلم.
ڪلڪ وڍيل

*

نہ فقط لڌي اڄ نہ بهرام گور،
لڌي ڪين بهرام جي ٻن ٿي گور.
قبر

*

گهرين همدم جي ڪو، هڪ دم نہ هن دم،
پل ساهہ
هنيئي جي دم، تہ پوءِ ملندئي نہ همدم.
ٻڌاڪ

*

حضرت جي رزمگاهہ ڏي هڪڙو ڪنهيو قدم،
ميسر مٿنهن ٿيندي نڪرندو آن دم اسان جو دم.
لحظي ساهہ

*

رخصت جا وٺي ملي، سو شگفتہ او گل ٿيو،
گلاب جو گل
چيو ماڻ، هيءُ چراغ بہ اڄ منهنجو گل ٿيو.
اُجهائل

*

صاف هو خط جيسين، تيسين صاف هو خط جو جواب،
ريهہ ڏاڙهي جي چٺي
ٿو اچي خط هاڻ، شايد ان ڪي ٻن خط ٿو اچي.
چٺي ڏاڙهيءَ جي ريهہ

*

ڪين قاضيءَ جي قضا سان، ڪڏهن قضا ٿيندي قضا،

فتويٰ   خدا جو حڪم   ٽري ويندي

قاضي قضيه خور يا! مفتي ٿيا پڻ مفت خور.

ڏسي ايءَ قد ۽ قامت اُن جي پياري،

قد

مُٺلي حيرت سان قد قامت وساري.

نماز جي تڪبير

*

مٺي ٿي زر ٿئي اڪسير سان قناعت جي،

سمهين جي پٽ تي، ته ٿيي پٽي سو بسترو پٽ جو.

ريشم   زمين

*

مرد جي آهي پردو عورت جو،

زال

ستر عورت جو مرد جي ٿي زال.

اوگهڙ

*

جانور کي وجهي ٿو بند ۾ دام،

ڦاهي

وجهي مالهوءَ کي دام ۾ ٿو دام.

پئسو   ڦاهيءَ

رباعي

هر دين ۾ ملڪ تنهنجو ٿيو ۾ هر نام،

تڏهن توکي چون ڇو نه هري ۽ هر نام؛

جڳ رام ٿيو تنهنجو، اي رحمان رحيم،

تابع

دل کي اچي وام رام مان تڏهن آرام.
هندن جو خدا

(٣) تجنيس ناقص: هن کي 'تجنيس محرف' بہ چون. هيءَ صورت 'تجنيس تام' جهڙي آهي، ليڪن حرفن جي حرڪتن يعني زير، زبر، پيش يا حرف علتن ۾ مختلف آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

*

ڏِين ٻاڙئون ٻئي ڇڏي تو ڏَين،
قرض

دين واري کي چِين ۾ بہ نہ چَين.
ملڪ — آرام

*

بہ تَڪر ٿي ٻئي تُڪر، منهنجي جي ٻئي ان تي نظر،
ٻرزا — جبل

جي ڪري بجلي، ڪري ان کي مٿان پنهنجي مهر.
هت ڪريو چشمن جي چشمن ڪان اوهين جاري نديون،
اکين — حوض

جنت الماويٰ جي نهرن تي گذارڻ واسطي.

*

ميڙڻ مان زر جي ٿئي تي پشيماني عاقبت،
صورت ۾ ڏس تہ دِرهم، دَرهم ڪان ڪم نہ آهہ.
پشيمان ٿيڻ — پئسو

*

دِرهم جي لاءِ لت ٿئي دَرهم اسان جو حال،
پئسي — پريشان

دِرهم درم ڪان دَرهم برهم جهان ٿئي.

*

ڪٿي آهي هنڌو جنهن ۾ هوئي ميک،
مغز
ڏلي ڪٿ آهي ڪنهن ماکيءَ بنان مَک.
جيت

*

ٻه ڏينهن اوڄ ڪمينو ڪري، ڪيري ٻوءِ نيٺ،
اڄ آهي آپ تي مٿي، ۽ سياڻي پيرن هيٺ.

رباعي

ڪرمن ڪان آءٌ تنهنجي آهيان يا رب منجهه شرم،
سرد آهون پريان، ۽ ڳوڙها ڳاڙيان آءٌ گرم،
گهرجي نه ڪرڻ جيڪي، ڪيو سون سوئي،
ڏس پنهنجي ڪرم ڏي، ڪين ڏس منهنجا ڪرم.
ڪم لطف

(٣) تجنيس زائد: جڏهن ٻه لفظ هڪ جنس جا، حرفن ۽ حرڪتن ۾ هڪ جهڙا هجن، مگر هڪڙي ۾ ٻئي کان هڪ حرف زياده هجي-منڍ ۾ يا وچ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾!

ڪنڌ تي ڪالهه جنهن جي آيو ڪال،
موت اڳئين ڏينهن
اڄ وٺي سالهه، آن ٻه ميڙيو مال.
مايا نار جي

*

ڪهڙي هٿي ٻٽاڪ، مٿان تي،
جن مٿي 'ڪالهه'، آيو آهي 'ڪال'.

موجود منجهه 'وجود' جي، حاڪم جي جود آهه،
واجب مواجب آهي ٻه حاجب کي نت ڏهڻ.
اجورو، پگهار دربان، نوڪر

*

”آئين اڪبري“ آهي، هڪڙو عجب ڪتاب،
قاعدو
اڪبر جي وقت جو آهي، آئينو بيحجاب.
آرسي

*

تيو عشق منجهان علم لدني مون کي حاصل،
’گردن‘ به جهڪائي اچي گردون منهنجي آڏو.
آسمان

*

هر ڪنهن جي هٿ ۾ پنهنجي قسمت آهه،
جي ’ڪشش ڪرشش‘ جي چاڻي ٿو راهه.

هت ۾ ’ڪين‘ ۽ ’ڪين‘ تجنيس تام ۽ ’کهَرَ‘ ۽ ”کهَرُ“ تجنيس ناقص آهي،
’ڪمو‘، ’ڪمنو‘، ’گهر‘، ۽ ’گهار‘ تجنيس زائد آهن.

ڪين لاءِ ڪينو رکي، ڪُرڪون نه ٿي، ڪو ڏيان ڪر،
ڪي به نه ـ وير ـ دشمني
کهَرَ ۾ ويٺو خير گهُرُ، گهَرَ تي خدا جي گهار ڏينهن.

*

ماڻهوءَ ۽ جانور ۾ آهي، دل جي اک جو فرق،
انعام ۽ انام ۾ ٿيو فرق، عين جو.
عربي ۾ جانور ـ ماڻهو

*

تيغ دوسر جي قاف لسان غلطان قاف ٿيو،
ايو سو جنهن مصاف ۾، ميدان صاف ٿيو.
جنگ جو ميدان

*

بهرام کي به گور ۾ لرزو پئي منجهه اندام،
سم سان فنا ٿئي سام جي منهنجي جهلي حسام.
زهر ـ پهلوان ـ ترار

ٿئي مرد، 'مراد' گهڻ ڪري جو پنهنجي،
ڪلهي 'الف' مراد مان، ته تون مرد ٿئين.

*

حق سان تون گذار، ڪر تون پڻ سڀ کان گذر،
سڀ خواهشون لاهه ڏين، دنيا سڀ ڪوڙ.

*

ارزق جي اکين آڏو تڏهن آئي سياهي،
پٺت ڪي جو ڏٺئين 'دم' ۾، 'عدم' ڏي ٿيو راهي.

*

حضرت جي رزمگاهه ۾ هڪڙو رکيو 'قدم'،
سر سنهن پٺيندي نڪرندو ان دم اسان جو 'دم'.

*

اکين جو آب 'ماهيءَ' تائين ويو، ۽ آه وئي تا 'ماه'،
اندر سوز جا شاهد ٿيا ٿي، 'ماه' تا 'ماهي'.

*

جڏهن ڇڏين 'مقصد'، تڏهن 'مقصود' حاصل ٿو ٿئي،
زيان جڏهن گڏ ٿا ٿين، تڏهن سود حاصل ٿو ٿئي.

*

عاشق وفا ڪري، ڪري معشوق سرڪشي،
گهرجي ٿو 'ناز' حسن کي، ۽ عشق کي 'نياز'.

*

'ساز' عالم سان تون رک، ۽ 'سوز' تون دل جو نه ڇڏ،
'ساز' هن 'سازش' ڪرڻ جا، ٿيا اهي ٿي 'سوز ساز'.

رباعي

تون خواب ۾ آهين، ڪا نه ٿئي پنهنجي خبر،
غفلت ۾ وڃائين مفت پيو چار پهر،
'راهي' ٿيا سڀئي، يار تون آهين منجهه 'راه'،
لحظي جي حياتيءَ تي، ڪرين ڪا نه نظر.

آءُ گدا، ڳهڻ کين سمجهان، پاڻ کي سلطان ڪان،
هن کي 'تخت' ۽ مون کي 'تختو'، هن کي 'ڇٽ'،
مون کي 'ڇٽي'.
'خَلق' هن وٽ، 'خُلق' مون وٽ، زور هٽ، زاري هٽي،
مون 'رعايت'، آن 'رعيت'، صلح مون، جنگ هن ڪٽي.
منهنجو 'ڪشتو'، هن جي 'ڪشتي'، منهنجي 'تاج'، هن
جي تاج،
هن جي 'لٽ'، منهنجي 'لٽ'، هن جو پٽو، منهنجي پٽي.
مٽي   ڪمربند ليڙ، گودڙي

(خلق، تاج، لٽ، لٽ، ڪشتو ۽ ڪشتي ٻن قسمن جون تجنيسون آهن.)

'اشرف' المخلوق جي پرک آهي اشرافت اصل،
پرک اشراف ۽ ڪميڻي جي تہ آهي 'اشرفي'.

*

يارو ڏسو عجيب هي زماني جو انقلاب،
خوشدل رهن ٿا 'ناري'، ۽ 'نوري' ٿيا دلڪباب.

*

ڏي وشق تا مون کي بغل ۾ وٺي،
پوستين
يا وشاق آءُ بغل ۾ جنهن کي وٺان.
خوبصورت غلام

(٣) تجنيس مرڪب: هن کي مرفو يعني 'رفودار' بہ چوندا آهن. هن ۾ همجنس لفظ ڪم اچن ٿا، ۽ انهن مان هڪڙو يا ٻئي مرڪب يا ٻن لفظن مان جڙيل هجن. هن جا ٻہ قسم آهن: هڪڙو 'مقرون'، جڏهن اهي ٻہ لفظ لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن، ۽ ٻيو 'مفروق' جڏهن اهي لکڻ ۾ هڪجهڙا نہ هجن، پر پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن.

مقرون

عشق سچو رکين تو 'پروانا'،
جو جان جي رکين تو 'پروانا'.

*

ٻـو نـبـيءَ جـي نئي خدا تائين،
بوعلي چڙهي ۽ 'بوعليءَ' جي ڳول.
حڪيم

مفروق

سروقد، جـو سرو جـي سـر رکـي تـو 'آفتاب'،
آفت آهي، ٿيو اکين ۾ جڳ جي ڪان جنهن 'آفت تاب'.

*

اٻ جد پنهنجو، ڪـر ابـجـد اي ادا،
ٻي ۽ ڏاڏو   الف بي يعني علم
وٺ نه ڪا علم ۽ عمل ري ڪا ڳڙي.

*

ماڻهوءَ جـي لاءِ بد آهي، عادت 'شراب' جي،
ٿـئـي تـو سرير پنهنجو وڃائي ڪنا شر آب.
شرارت ۽ عزت

(٥) تجنيس مڪرر: هن کي 'مردد' ۽ 'مزدوج' به چوندا آهن. هن ايت جي ٻجاڙيءَ ۾ به همجنس لفظ گڏ ايندا آهن، جن مان پهرئين لفظ جي منڍ ۾، ٻئي ہوئين کان هڪڙو يا ٻه حرف زياده هوندا آهن، يا پهرئين لفظ جو پويون ڀاڱو وري ايندو آهي، ۽ معني پنهنجي خلاصي هولدي اٿس.

رباعي

تنهنجي تـي لـڳي دوست 'پياري ماري'،
جندجان جي ڳنڍي مون 'وساري ساري'،
جي ڏينهن ٻـ-ڻي مري ڏنم توکي ساهه،
ڳـويـا هيءَ حياتي مون 'آڌاري ڌاري'.

*

نيت نينهن سڄڻ نيـڻ 'ملائـي، لائـي'،
ڻيت ٻرت سڄڻ جڳ کان 'ڇپائي، پائي'،

جيڪي ڪري سو مون ڪان پڇي، پوءِ ڪري،
جيڪي ڪاٽي، مون کي 'چڪاٽي' ڪاٽي.

*

مون جا ڪئي ان هنڌ انهي 'مڪار' سان 'ڪار'،
مون ڪان پڇو ان ڪري هو 'بيزار' ٿي 'زار'،

*

لڄ لاٿي، ڏناٿين مون 'دلفگار' کي 'گار'،
داٿي ٿي رکياٿين، چڻ ته 'انبار' جو 'بار'.

تجنيس مطرف: جنهن ۾ ٻه همجنس لفظ هجن جي حرفن ۾ **متفق هجن، سواءِ پوئين حرف جي، جو مختلف ٿو ٿئي.**

'ڪلال' يار جو هوئي ته نت وٺي تو 'ڪلام'،
'گلاب' بدران وجهي مون تي شل 'گلال' مدام،
ڪٿي پليت پوڻ سان 'خرار' ٿئي ته 'خراب'،
ڦڙي پليت سان، چشمو حلال ٿئي نه حرام.

*

عاشق ۽ معشوق هڪ 'دلداد' ٻيو 'دلدار' آهي،
هن کي 'آزار' آهي، هو 'آزار' کان 'آزاد' آهي.

*

ڏوهه ڪنهن کي ڏجي ناحق، آهي قسمت جو قصور،
ٿيو 'دلارام' 'دل آزار'، خدا خير ڪري.

*

اندر تنهنجي موجود ٿيا ٻئي جهان،
'معاش' آهي تن، ۽ 'معاد' آهي جان.

تجنيس خط: هن کي 'تصحيف' ۽ 'مشابه' به چوندا آهن. هن ۾ ٻه **لفظ اهڙا ڪم ٿا اچن، جي صورت ۾ يعني لکڻ ۾ هڪجهڙا آهن، رڳو لفظن ۾ يعني پڙهڻ ۾ مختلف آهن.**

رات 'تاريڪ' راهه ٿي 'باريڪ'،
سور 'ناتين' کي نه هو 'تاتين'،

'دشت' ۽، 'دست' ان جو ڪو نه وٿي،
هن کي 'تاڙين' پر نٿا 'تارين'.

*

'عيادت' شڪل ۾ آهي 'عبادت'،
مگر اٿ پيرا ان کان ٿي زيادت.

*

پارسا جو ظاهري تون 'پوش' ڪر،
پوءِ باطن ۾ پيو مئي 'نوش' ڪر.

*

ڪارا ڏکيا ڏلائين جڏهن زلف تنهنجا 'مشڪين'،
دل ڏني ٿيو گرفتار، عاشق ويچارو 'مسڪين'.

*

سائو فيروزو ٿيو جي موچارو،
مشڪ 'چين' ۽ 'ختن'، جو ٿيو ڪارو.

*

رومين ٿيو 'رنگ'، جي ڪا گهرج ناهه،
'زنگ' لاهڻ جو اسان کي فڪر آهه.

*

'سفر' اگرچ 'سقر' کان ٿيو هڪڙو نقطو گهٽ،
مگر عذاب 'سفر' جو، 'سقر' کان واڌو آهه.

*

باطن ۽ آهين ظاهر، تنهنجي عجب ٿي 'چالي'،
عالم پريل ٿيو تو سان، ۽ جاءِ تنهنجي 'خالي'.

*

ثواب آهي ڏسڻ، جي دل جهلين تون،
'پڇين' جي ڪين پوءِ بهتر 'پڇين' تون.

*

موڪلائيءَ مهل محبوبن کان جي 'بوسو' مليو،
سچ محبن کي سفر جي لاءِ چڱ 'توشو' مليو.

*

چاهي اسين سڀ، دهل ڏمامن سان هلياسين،
ڏيکار تہ سا ’ناز‘ پري ’نار‘ ڪٿي آهہ.

*

هڪ ساهہ لاءِ گلا اچي ٿي آهي ساري ’خلق‘،
خنجر هزار هوڏي ۽ هيڏي ٿي هڪڙي حلق.
نڙي

*

هرڪنهن جي خيال ۾ آهي هر شيءِ جدا پسند،
توکي ’خودي‘ پسند تہ مون کي ’خدا‘ پسند.

*

مون کي توکان ’خدا‘ ’جدا‘ نہ ڪري،
ٿيان توکان ’جدا‘، ’خدا‘ نہ ڪري.

*

فلڪ تو ساده لوحيءَ کان ڪري مون سان ’زبردستي‘،
نٿو ڄاڻي زبردست آهيان، پنهنجي ’زبردستيءَ‘ ۾.

*

بچين دوزخ کان، ٿي ڄڀ جو نگهبان،
جو هن جڳ ۾ ’زبان‘ آهي وڏو ’زيان‘.

تجنيس مضارع: ڪي تجنيس خط ۽ مضارع هڪ ڄاڻندا آهن، ڪي ٻنهي جي وچ ۾ هي تفاوت رکندا آهن، تہ ٻن همجنس لفظن جي منڍ يا وچ يا پڇاڙيءَ وارو حرف مختلف ٿيندو آهي، يا هڪڙي حرف علت جي بدران ٻيو ايندو آهي.

*

مرد ڪامل جي زماني کي نہ هو ڪرلو مون کي،
جو ٿي ’ناداني‘ ۽ ’ناداريءَ‘ جو درجو ڪيئين عطا.

*

هڪڙو جڳ گلخن آهي، ٻيو ’گلشن‘،
ڪورو
هڪڙو ’ڪفران‘ آهي، ٻيو ’غفران‘.

چڱا پورهيت ۽ ڪاريگر، ٻچا ۽ ٻار جي پالين،
ٿين نشي جي عادت کان يا 'بيڪاري' يا 'بيگاري'.

*

علم 'باڪار'، سودمند آهي،
علم 'بيڪار'، پائي بند آهي.

*

سچو ٿي نوش ٿين، جي تون ڇڏين نيش،
مٺائي — ايذا رسائڻ
سين جو خويش ٿين، جي تون ڇڏين خويش.
عزيز — پاڻ
[خويش ۽ خويش 'تجنيس تام' آهي.]

*

هن 'روح' خدا جي مان ٿي خوش خلق خدا جي،
هن راح خدا جي مان 'زمين' خوش ۽ 'زمان' خوش.
راحت

*

صنعت اشتقاق: هن کي 'اقتضاب' به چوندا آهن. ڪي هن کي تجنيس جي قسم مان ڄاڻندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا آهن، جي هڪڙي اصل مان مشتق هوندا آهن، يا هڪڙيءَ جنس جا هجن. مثال:

قطعا

'طالب' کي 'طلب' دل جي 'مطلوب' نه ٿئي واصل،
نه ته وات جي 'طلبڻ' مان 'مطلب' نه ٿئي حاصل.

*

گهرجي ٿي 'محبن' کي نت 'حب حبيبن' جي،
'محبت' ۾ ٿيڻ گهرجي 'محبوب' کي مائل.

*

نه 'فرق' آهي ڪو، 'فرقا' ٿيا جي ٻاهر،
'فراق' يار جي، آئي وڏي منجهن 'تفريق'.

صنعت سجع: سجع واري ڪلام کي 'مسجع' چوندا آهن. سجع به ترصيع وانگي نثر وارو ڪلام آهي، جنهن ۾ ٻه يا وڌيڪ لفظ اهڙا ڪم اچن ٿا، جي وزن ۽ حرفن جي تعداد ۾ هڪجهڙا هجن. هن جا ٽي قسم آهن:

سجع متوازي: جنهن ۾ اهي لفظ وزن، تعداد ۽ قافيي ۾ هڪجهڙا هجن:

مرد 'غازيءَ' کي گهوڙو هوئي 'تازي'،
تا ڏسي جڳ، سندس عجب 'بازي'.

*

سجع مطرب: جنهن ۾ اهي لفظ قافيي ۾ مواق هجن، مگر وزن ۽ حرفن جي تعداد ۾ مختلف هجن.

هن جي 'رفتار' آهي عمدي، هن جي 'گفتار' آهي خوب،
ٿيا 'اپار' احسان ان جا، بيشمار ان جا ڪرم.

سجع متوازن: هن کي 'موازنه' به چوندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ اچن ٿا، جي وزن ۾ موافق آهن، پر قافيي ۾ مختلف آهن. مثال:

'سخي' اهڙو، جو گنج ڏرتيءَ جا،
جنهن جي 'همت' جي اڳيان آهن ڪي ڪين؛
'ڏاهو' اهڙو، جو جڳ جا سڀ اسرار،
جنهن جي 'دل' جي اڳيان ٿيا ڪشف يقين.

(٥) صنعت مقلوب: هن کي 'تقليب' ۽ "تجنيس قلب" به ٿا چون. لفظي معنيٰ آبتو يا آبتو ڪرڻ، ۽ اصطلاحي معنيٰ موجب اهي لفظ، جي آبتا ۽ سبتا هڪجهڙا هجن، ۽ هڪجهڙا پڙهي سگهجن. هن جا چار قسم آهن:

مقلوب ڪل: جنهن ۾ اهڙا لفظ هجن، جي سڄا سارا سبتا ۽ هڪجهڙا هجن. مثال:

'جنگ' سان "گنج" همت اچي ٿو بيش،
گهٽو
'شير' سان جو وڙهي، ٿئي ٿو ريش.
زخمي

*

ناهي بقا زماني ۾ اقبال کي ادا،
’اقبال‘ کي جو اُبتو ڪرين، ٿئي ٿو ’لابقا‘.

*

ونگ کي ٿا ’سنج‘ عربيءَ ۾ چون،
جي ڪرين تون قلب ان کي ٿئي ’جنب‘.
پليد

*

’درد دل‘ جي ڪان لڄان ٿو، ڪنهن کي منهنجو آهي ’درد‘،
’درد‘ جو لفظ آهيان، جو اُبتو ۽ سبتو آهي ’درد‘.

*

کهڙي بد حال ۾، ڪين بيعقل کي ملي مانُ،
اُبتو ڪرين جي سُبتو، ’نادان‘ آهي، ’نادان‘!

مقلوب بعض: جنهن ۾ ٻه يا ٽي اهڙا لفظ هجن، جي سارا اُبتا سبتا هڪجهڙا نہ هجن، پر انهن جو ڪو ڀاڱو يا انهن جا ڪي حرف هڪجهڙا هجن، يا جن ۾ اکر پنهنجون جايون بدلائين ٿا. مثال:

*

’رقيب‘ کي نہ اچڻ ڏي ’قريب‘، جو ٿيو پليد،
’عبيد‘ ۾ آهي لاخير، رک انهي کي ’بعيد‘،
غلام

*

ڪرڻ گهرجي نہ جهيڙو جنگ، مر ٿورو رسي نقصان،
پلي بک آهي ’ترڪاريءَ‘ جي ڪانئي ڪان، جا ’تڪراري‘.

*

اٿيڙهيل سنڌ ۾، مرحوم کي ’محروم‘ سڏين،
ٿا دليؤن ڪن سي دعا، پر ٿا زبانؤن سي پٽين.

*

ٿئين ’علم‘ ۾ جي ڪامل، ڪر پڻ ’عمل‘ کي شامل،
’عالم‘ جي ٿيو نہ ’عامل‘، دفتر لکيو تہ ڇا ٿيو.

*

ڏسو ڪيئن ڇئن حرفن مان جڙن ٿا هيترا ڪلما،
لفظ
ڪلام ۽ مالڪ، ڪامل، ڪمال، اڪمل ۽ ڪملا.
جمع اڪمل جو

*

حرفن ۾ عدل ڏارا تہ 'خسرو' خروس آهہ،
چوٽيءَ ۾ تخت تاج عروس ۽ خروس آهہ.
(عروس ۽ خروس 'تجنيس مطرف' آهي.)

مقلوب مجنح: هن کي 'مقلوب معطف' بہ چوندا آهن. هي 'مقلوب ڪل' جهڙا آهن، تفاوت فقط هي آهي، تہ بيت جي منڍ وارو لفظ ۽ پڇاڙيءَ وارو لفظ هڪٻئي جا مقلوب آهن. مثال:

'راڳ' کي قوت روح جو ڇيو ٿن،
روح پنهنجو نہ راڳ ڏارا 'ڳار'.

*

'درد' دل جي ڪان لڳان ٿو، ڪنهن کي منهنجو آهي 'درد'،
'درد' جو لفظ آهيان، جو ابتو ۽ سبتو آهي 'درد'،

مقلوب مستوي: جنهن ۾ ساري مصراع يا سارو بيت ابتو سبتو پڙهي سگهجي. هي تمام مشڪل آهي. مثال:

درس مرگ آيو ادا ويا گرم سرد،
درد ۾ ايندو جهجهو دنيا ۾ درد.

(٦) صنعت ردالعجز علي الصدر: هن کي 'مطابقه' ۽ 'مصدر' بہ چوندا آهن. شعر جي اصطلاح ۾ بيت جي منڍ واري لفظ کي 'صدر' چوندا آهن ۽ پڇاڙيءَ واري لفظ کي 'عجز'، ۽ وچ واري لفظ کي 'حشو'. هن صنعت ۾، مصراع يا بيت جي منڍ وارو لفظ وري بيت جي پڇاڙيءَ ۾ اچي. هن جا ڇهہ قسم آهن:

پهريون قسم: اهو، جنهن ۾ بيت جو پهريون ۽ پويون لفظ صورت ۽ معنيٰ ۾ ساڳيو هڪجهڙو هجي. مثال:

’قرار‘ آهي دل مان کسيو، منهنجي يار،
سا ڏس ان جي زلفن جان ٿي ’بيقرار‘.

’خمار‘ آهي مون کي چڙهيو ري شراب،
جو اَن جون ڏٺيون اکيون پُر ’خمار‘.

’شمار‘ آهي غمن جو رکان ڪين ٿو،
جو ٻاهر ٿيا منهنجا غم کان ’شمار‘.

*

’نڪاح‘ آهي دفع الفساد ۽ مباح،
نسورو فساد آهي، هاڻي ’نڪاح‘.

*

’رباب‘ عشق جو اوزار آهي ۽ اسباب،
انهيءَ ڪري تا ڪڪرڪي عرب سڏين ’رباب‘.

*

’شمع‘ جو سر ٿو وڍيان، غيرت کان آءٌ هرگهڙي،
تنهنجي آڏو ٿي جلي، پرواني جان اڄ رات ’شمع‘.

*

ڪر مرادون ترڪ، تا ماڻين مراد،
’مدعا‘ ڇڏ، تا ڏسين تون ’مدعا‘.

*

’شاد‘ بندو ٿئي، جو ٿئي آزاد،
تنهنجو بندو ٿيان، تا ٿيان آءٌ ’شاد‘.

[وزن: فاعلاتن، فعلاتن، فعلات.]

*

’گوشت‘ بنجي ٿو رت منجهان بيشڪ،
پر ٿيو رت پليد، پاڪ ٿيو گوشت‘.

[وزن: فاعلاتن، فعلاتن، فعلات.]

ٻيو قسم: اهو آهي، جنهن ۾ ٻيئي لفظ صورت ۾ هڪجهڙا آهن، پر معنيٰ ۾ مختلف آهن، جيئن ’تجنيس تام‘ ۾ آهي. مثال:

چارو منهنجو نہ پيو ڪو تو ڌارا،
علاج
آءٌ وڻان، جو ڏيکارين تون چارو.
رستو

’وارو‘ منهنجي نصيب جو بہ اچي،
جڏهن اچي سون ڏي يار، سون ’وارو‘.

’تارو‘ چمڪي نہ محب منهنجي جيئن،
آهي منهنجي اکين جو، جو ’تارو‘.

’پارو‘ ٿيو دل جي آرسيءَ جي لاءِ،
دوست دلدار منهنجو ’مہ پارو‘.
چنڊ جو ٽڪر

ٽيون قسم: اهو آهي، جنهن ۾ جيڪو لفظ پهرين مصراع جي حشوءَ يا وچ ۾ اچي، سو ئي ساڳي صورت ۽ معنيٰ سان ٻيءَ مصراع جي عجز يا پڇاڙيءَ ۾ اچي. مثال:

حسن ان جو ’جان‘ آهي، تن جهان،
عشق منهنجي ڪان ٿي روشن جڳ جي ’جان‘.

چوٿون قسم: ہہ ٽئين قسم جهڙو آهي، تفاوت هي آهي تہ اهي لفظ صورت ۾ هڪجهڙا آهن، مگر معنيٰ ۾ مختلف. مثال:

جڏهن وڄائين ٿو تون پنهنجو ساز، سمجهہ ان جو تون راز.
وڄائڻ جو ساز

تارون ٿيون هم قوم سڀ، ڏس پاڻ ۾ تن جو تون ساز.
موافقت

پنجون قسم: اهو آهي، جنهن ۾ بيت جو پهريون ۽ پويون لفظ ۽ ڪڏهن وچ وارو لفظ هڪڙي لفظ مان نڪتل يا مشتق هجن، ۽ اصلوڪي معنيٰ ۾ متفق هجن، مگر صورت ۾ ٿورو تفاوت هجين. مثال:

آهيان نت تنهنجو اي 'حاڪم'. آءٌ تابع،
مجھ لازم آهي، 'محڪوم' کي 'حڪم'.

چھون قسم: پنجين قسم جھڙو آهي، تفاوت هي آهي ته منڍ ۽ پڇاڙيءَ وارا لفظ هڪڙي لفظ مان مشتق ناهن، ۽ اصل معنيٰ ۾ به مختلف آهن. مثال:

'تپدار' پيو توجي، جو ان وقت ڏيئي 'تپ'،
'توبي' ۾ جڏهن پنهنجي ويو، تڏهن لٿس 'تپ'.

(٧) صفت لزوم مان يلزم: هن کي 'اعنات' به چون. هنن صنعتن ۾ لڪڻ وارو پاڻ تي ڪي خاص ڳالهيون زور ڪري لازم سمجهي ۽ انهن جي آڻڻ جي پاڻ تي تڪليف هموار ڪري، اگرچ قانون موجب اهڙي بندش ضروري نه هجي، رکيو سينگار يا رنگينيءَ لاءِ ائين ڪري. مثلاً هڪڙي مصراع جي پڇاڙيءَ وارو لفظ ٻيءَ مصراع جي منڍ ۾ آڻڻ، يا زور ڪري ضد لفظ آڻڻ يا هڪڙو خاص لفظ زور ڪري وري وري آڻڻ. مثال:

ڇاڻا ڏيو، تنهنجا ناز اصل ڪان مون کي 'پاڻا'،
وٺيا

'پاڻا' ڏسي خالي، پيا دل منهنجي ۾ گھاڻا،
عذاب

گھاڻا ته وري تيل ۽ کڙ، ڪن به نه پيدا،
پيدا نه ٿئي دل سان، ڪڏهن منهنجي کي 'پاڻا'.

[وزن: مفعول، مفاعيل، مفاعيل، مفاعيل]

*

سڀ آهيون 'هم سفر'، 'هم سبق'، ۽ 'هم مڪتب'،
جڳائي 'همدم'، 'همدرد' پڻ ڏيڻ جائي.

[وزن: مفاعلن، فعلاتن، مفاعلن، فعلات]

*

'زور' تنهنجي وڌو 'زمين' ۾ 'همت'،
'عقل' تنهنجي رکيو 'فلڪ' تي 'پير'.

(٨) صنعت سياقته الاعداد: جڏهن ڪي عدد ترتيبوار يا بي ترتيب ڪم آڻجن، يا ڪي صفتون يا ڳالهيون شمار ڪرڻ ۾ اچن. مثال:

خلد آٺ، ست آسمان ۽ ڇهه طرف ٿيا، پنج حواس،
چار عنصر، ٽي مواليد ۽ ٻه جڳ، هڪڙو خدا.

*

هڪ غم، ٻه غم هجن، ڪٿي ٽي غم، يا چار غم،
ويچاري دل ڪري ڪيئن، هت ٿيا هزار غم.

رباعي

ڇهني پاسن ڪان هيئن، ستن تارن هو،
فلڪن نون ۽ اُٺن بهشتن مان لکيو؛
چار عنصر، پنج حواس، ٽي روح گڏي،
رب تو جيهو ٻن جڳن ۾ هڪ فرد رٺيو.

(٩) صنعت تنسيق الصفات: هن کي 'تيسير' به چون. هن ۾ هڪڙي شئي کي گهڻن ٽالن ۽ صفتن سان هڪٻئي پٺيان ڪبو آهي. مثال:

باد شاهه جي تعريف ۾

جهانگير شاهه ۽ جهاندار فرد،
جهان بخش سرور، جهان گشت مرد؛
سو لشڪر ڪش آهي ۽ لشڪر شڪن،
سو شير افڪن آهي ۽ سو ڪوه ڪن.
سدا راست باز ۽ سدا راست گو،
سو خوش خلق سڀ سان، ۽ سو نيڪ خو.

گهوڙي جي تعريف ۾

ملڪ جان مهڙو، فلڪ جان عالي،
جبل جان ڏاڍو ۽ وڄ جان تکڙو؛
پڇائي واڳو، ورائي گينڊو،
ڪيرائي هاٿي ۽ چيري چيتو.

(١٠) صنعت توشيح: توشيح واري شعر يا ڪلام کي 'موشح' چوندا آهن.
هن صنعت ۾ اهڙا لفظ آڻيا آهن، جن جي گڏڻ سان يا جن جي مُنهڙ جي حرفن ملائڻ سان يا ڪو نالو يا لقب يا ڪو مثل نڪري. هن جا گهڻا قسم آهن: عام قسم اهو آهي ته هر بيت يا مصراع جو پهريون اکر گڏي ڪو نالو ڪڍجي. جيئن هيٺئين مثال مان محمد جو نالو ٿو نڪري.

رباعي

م- محبوب خدا جو مصطفيٰ بيشڪ آهي،
ح- حيران بشر انهيءَ کان جن ۽ ملڪ آهن،
م- مخلوق جو آدم ۽ هي آدم جو شرف،
د- درگاهہ انهيءَ جي منجهہ زمين ۽ فلڪ آهن.

غزل موشح "ديوان فاضل" مان

(حاجي ٻچل شاهہ جي نالي تي)

حال هيڻو سندم ڏسي هشيار،
مان کا ساڻ سون ڪريں مثار.
آهيان جنهن حبيب جو ٻانهو،
سو دلاسو اچي ڏئي دلدار.
جنهن سندي جان ۾ لڳي جا جڙ،
تنهن سندو ساريان سدا سينگار.
يار جي ياد شاد ياري بس،
واہ اهڙو نڪو ٻيو واپار.
ٻوءِ ٻندي پاسي، ٻلاري جي،
مغز منهنجو ڪيو بهار بهار.
چال چوکي، چڱي چلت چهرو،
جوت جاني سندي جدا جنسار.
لال لب لاڏلي سندا لاشڪ،
عاشقن لئہ عجب اصل اسرار.
شادماني ڏني سڄڻ پر هي،
نيو اندر جو انهي ڪڍي آزار.
آس اهڙي رکي اسير اداس،
مان محبوب سون ملي مختار.
هي غزل عرض لئہ چيو "فاضل"،
طرز توشيح جي منجهس تڪرار.

(١) صنعت مردف، هن کي 'ترديف' بہ چون. هن ۾ قافيي کان سواءِ ان کان اڳي يا پوءِ رديف بہ هجي. رديف واري لفظ کي 'حاجت'، چوندا آهن، ۽ مردف شعر کي تنهنڪري 'محجوب' چون. مثال:

نامرد صاحب ذهن نا، مال 'حرام تي'،
آهن جي مرد، مي تا مرڻ، 'ننگ نام تي'.

*

لطف سون تي سنڌئي 'هزار آهن'،
سون تي احسان 'بيشمار آهن'،

*

دل سان تنهنجي نہ سون 'عبادت ڪئي'،
نفس جي سون سدا 'اطاعت ڪئي'.

*

نفس آهي ڪيو 'تباهہ سوڻ کي'،
ڪيو شيطان '"پر گناهہ سون کي'.

(١٢) صنعت ذوقافيتين؛ جنهن شعر ۾ ٻہ قافيا هجن. مثال؛

سکهين تون تو عقبيٰ دليا 'سان ڳنهي'،
ڳنهي وٺ، متان تون وڃين 'ڪان ٻنهي'.

*

رهہ تون دنيا ۾ سنڀالي، 'ڏيهان ڏر'،
وقت ۾ پشيو نہ پنهنجو 'زيان ڪر'.

<u>رباعي</u>

عالم جي ڪمن ۾ گهرجي 'خاموش ٿيڻ'،
۽ جان جي عالم ۾ ڪپي 'هوش ڏيڻ'؛
ماڻهوءَ جا هجن جيسين بجا سڀ عضوا،
گهرجي ڪري سڀ عضوا 'فراموش جيئڻ'.

*

جيسين نہ ٿئين نيست، نہ ڪن 'توکي هست'،
هي مرتبو ڪيئن ملي، جي همت 'هوئي پست'؛
جڏهن شمع جان اقرار سڙڻ جو تون ڪرين،
رشتو تڏهن روشنيءَ جو ٿئي 'منهنجي دست'.

(١٣) <u>صنعت ذوبحرين يا تلوين</u>: هن صنعت واري شعر کي '"ملتون"' يا 'متلون"' تا چون. يعني اهو شعر، جو ٻن زياده بحرن ۾ پڙهي سگهجي. مثال؛

اصل جوهر کي وطن ۾ جي رهڻ ڏني ها فلڪ،
لعل کهڙيءَ ۾ اچي هٿ ها، بدخشان کي ڇڏي.

[اهو شعر هيٺين ٻن وزنن جو آهي:
فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلات ۽ فاعلاتن، فعلاتن، فعلاتن، فعلات.]

دوست جو غم رهي يا دشمن جو،
هن زماني ۾ ڪاهي ٻـي غـم ڪو.

[اهو شعر ٻن وزنن جو آهي:
فاعلاتن، مفاعلن، فعلات ۽ فاعلاتن، فعلاتن، فعلات.]

ڏجي بتخاني ۾ يـا مسجد ۾،
مدعا سجدو آهي ڪٿ ۾ ڏجي.

(۱۴) صنعت منقوض: اهو شعر جنهن ۾ مصراعن جي منڍ وارو لفظ ڪڍجي، ته رباعيءَ جو وزن ٿئي. مثال:

'آهيان' آءُ ٻانهـو گنهگار، رضـا تنهنجي ڪٿي،
'رهي' دل منهنجي ٿـي بيمار، شفا تنهنجي ڪٿي،
'ڪٿي'، طاعت جي عيوض جڳـ ڪي ڏئين تون بهشت،
'رکو' سؤدو ٿيـو اهو، پوءِ عطا تنهنجي ڪٿي؟

مٿيون قطعو هن وزن تي آهي: فاعلاتن، فعلاتن، فعلاتن، فعلات. انهيءَ جي مصراعن جي منڍ وارا لفظ ڪڍبا ته پوءِ سڀ مصراعون هيٺين وزن ۾ پڙهبيون، مفعول، مفاعيل، مفاعيل، فعل جو رباعي جو بحر آهي.

(۱۵) صنعت محذوف: اهو شعر جنهن جي پڇاڙيءَ واري لفظ ڪڍي ڇڏڻ سان هڪڙو بحر ٻيو ٿي پوي، جو رباعي جو بحر هجي. مثال:

جنهن وقت ڪنهين جـو تون ڏسين عيب هنر 'ڪو'،
پنهنجو جـي هنجي عـيـب هـنـر آڻ نـظـر 'سو'.

ٻئي ڪنهن جو نه ڏس عيب، فقط پنهنجو ٿي ڏس 'تون'،
سڀني کـان اهـو ڏسـجـي هـنـر بهتر 'ٿـو'.

مٿين قطعي جـو بحر آهي: مفعول، مفاعيل، مفاعيل، مفاعيلن. انهيءَ سان پڇاڙيءَ وارا لفظ ڪڍبا ته پوءِ هي بحر ٿيندو: مفعول، مفاعيل، مفاعيل، فعل، جو بحر رباعي جو آهي.

(١٦) **صنعت تصحيف:** هن صنعت واري شعر کي 'مصحف' چوندا آهن. هن ۾ اهي لفظ ڪم ايندا آهن جي ظاهري صورت ۾ ته لڳ ڀڳ هڪجهڙا هوندا آهن، مگر حرڪت يا زير زبر ڦيرائڻ سان انهيءَ جي معني ٻي ٿي پوندي آهي. هن تعريف مان ڪلا نه پوندي آهي. هڪڙي صورت ۾ هو 'تجنيس خط' آهي:

'استري' پنهنجي ڏي سون کي ڏوهي،
هڪ ڪري ان سان تو ڪي ڏوهان موٽي.

*

جهڪڙ هن ميخاني ۾ هر امل نامقبول آهه،
مدرسي مسجد ۾ ته پڻ فاعل ۽ مفعول آهه.

*

انسان عالم ۾ ٿيڻي اهڙو جو دشمن ٿي پوي،
روز شب زاري ۽ ٿيڙاري ڪري خوار ۽ خراب.

(١٧) **صنعت تضمين:** جڏهن شاعر ٻئي ڪنهن شاعر جو شعر پنهنجي شعر آڻي ان جو اطلاع ڏئي، يا اهو اهڙو مشهور هجي، جو اٽڪل ڪونه چوي ته چوري ڪئي آهي. مثال:

قطعو

صراحيءَ کي هڪ رات ڏٺئين ٿيندي ڇڙو،
ته معقول جو سينگار آهين تون درست،
سرفراز ٿي جو پيالي اڳيان،
ڪري سجدا، پنهنجي ڪنڌين تون پوسٽ.
صراحيءَ چيس جو پڌرو ڪيو ٿي،
'تواضع ز گردن فرازان نکوست'.

*

گهڻي ڪئي تنبيهه اوهان مائي، ڇڏيو غفلت اٿي جاڳو،
'وڃي سر وڃڻا وهي'، چيو شاهه گهرجي صاف پداري.
اندر سينگاريو، باهر کي ڇڏي ڏيو، جيئن چوي 'سعدي'،
'سچو درويش ٿي، ٿوءِ هجي سر تنهنجي تاتاري'.
چيو پٺي هنڌ اٿي پڻ ظاهر ۽ باطن جي خوبيءَ لاءِ،
'اهي ڪم اسپ لائق جنگ ۽، نه گڏهه پرواري'.

حاجت بکلاه تتري داشتن نيست،
درويش صفات باش، ڪلاه تتري دار،
اسپ لاغر ميان بڪار آيد، روز ميدان نه گاو پرواري.

(١٨) صنعت منقوط: جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن، جن جا سڀ حرف نقطي وارا هجن. مثال:

ڇڙ تي ڇپ پيڙين، ڇڪ تي ڇپ ڇٽن،
ڀي ٿني جي ٿي ڀڄي ڏنجهن ڏٻين.

(١٩) صنعت غيرمنقوط: جنهن کي 'مهمل' يا 'عاطل' يا 'مجرد' به چون. انهي ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن ٿا، جن جي حرفن مان ڪنهن تي به نقطو ڪونه هجي.

رباعي

(عمادالملڪ جي تعريف ۾)

عالم ۾ ڪمال عالم ۽ عامل آهه،
۽ حلم ۾ هر طرح اهو حامل آهه،
حاڪم اهو اصل رحم ۽ عادل آهه،
هر علم ۾ گوهر ۽ سدا ڪامل آهه.

غزل بي نقطو "ديوان فاضل" مان

دلاور دلارام دلدار لاهه،
سدا ڪرم رحمُ، داصل رهه، رحمُ رماهه.
مَ ڪر حرص، هوا، هوس مَر هو،
طمع ڪرڪ مَ طامع، گدا گهر گساهه.
سکو مسالڪ هم حال رهه،
اکو مطمع وارو عمل ڪر الاهه.
گدا مر سدا ڪر ڪرم ڪامگار،
سگهو واهه ڪر وصل وارو وراهه.
مڪمل اهو مهملو ڪهه ڪلام،
اکر مهملا هر طرح لکه هلاهه.
اٿا رهو "فاضل" محال آهي مام،
سدا ڪار حاسد هموس هاه هاهه.

غزل بي نقط "ديوان قاسم" مان

اکر سڀکو دل آهه دلدار لاءِ،
اها ماهه لئي مک سدا مرسهاءِ.

همه حال همواره هموارک مرهم،
سدا راهه ۾ مهر هر دم هلاءِ.

... کر مور دل کو مدو کار کر،
... حرص معدوم کر هاءِ هاءِ.

... مهر سور کر کو الله در سوال،
الا احکم وارو ... وارو وراءِ.

سڀو سکر لمل ۾ ... اهه،
اکر مهلا کل کمالهو کماءِ.

سر سار هيل وهم "قاسم" ... کر،
سکر سال مالک وٺا واهه واءِ.

(٢) صنعت فوق النقاط: جنهن ۾ مٿين سڀني حرفن جي مٿان نقطا هجن، ۽ هيٺ
ان ڪين هجن. مثال:

انسان لاءِ آهي شفقت ڪرڻ ضرور،
ڏس خلق ظلومان ٿو رکن خوش وڏو قصور.

(٣) صنعت تحت النقاط: جنهن اکرن جي هيٺان نقطا هجن، مٿان ڪونه هجي.
مثال:

ياسهه ۽ پلائي آهي، ڍڪي جڳ ۾ ٻئي جا عيب،
ٻئي جا جو عيب کولي ڪليي، سو ڪري ڪلور.

(٤) صنعت رقطا: لفظي معنيٰ آبلق، يعني ڪاري ٿي اڇا چٽا، ۽ اصطلاح
۾ اهڙو ڪلام، جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن جن مان واري سان هڪڙو اکر
نقطي وارو هجي ۽ هڪڙو بي نقطي يا خالي. مثال:

... وڃ ڪنهن وٽ، ڪڏهن سڏ ري. مٺا نسون،
... آءِ ويڪ پاڻان، ڪيچ جيسا تون.

(۲۳) صنعت خيفا؛ لفظي معني هڪڙي اک جو ڪارو ۽ ٻيءَ جو اڇو هجڻ ۽ اصطلاح ۾، اهو ڪلام جنهن ۾ هڪڙو لفظ نقطن وارو اکرن مان جڙيل هجي ۽ ٻيو خالي اکرن مان. مثال؛

حلم بخشش اصل ٿـي الله جي،
علم زينت دائما جڳ لاءِ ٿـي.

(۲۴) صنعت متصل؛ هن کي 'وُصل' به چون. انهيءَ ۾ اهڙن اکرن وارا لفظ ڪم اچن ٿا، جي پاڻ ۾ گڏي لکي ٿا سگهجن. مثال:

سمجهه تہ منجهه جڳ جي غمن عشق سخت،
سک لہ سهي، جنهن جي پڻي ٿئي لہ بخت.

ســمــجهــتــہــمــنــجــهــجــڳــجــيــغــمــنــعــشــقــســخــت
ســڪــلــســهــيــجــنــهــنــجــيــپــڻــيــٿــيــئــلــبــخــت

(۲۵) صنعت منفصل؛ هن کي 'مقطع' به چون. هن ۾ اهڙن اکرن وارا لفظ ڪم اچن ٿا، جي هميشه ڌار ڌار لکبا آهن ۽ گڏي لکي نہ سگهبا. مثال؛

زور زر آزار ري اوزار آهہ،
زور زر ڏرڙو وڏو آڏار آهہ.

(۲۶) صنعت حذف: جڏهن ڪو هڪڙو خاص اکر خصوصاً ڪو حرف علت حذف ڪري ڇڏجي ۽ اصل ڪم نہ آڻجي. مثال؛

(۱) هن بيت ۾ 'واو' جو اکر ڪونهي:

رسم سهڻي ٿي سخين جي، ڪين هرگز فخر ڪن،
ٿا سخا ڪن سي ڪڪر جان، شرم ڪان پاڻي ٿين.

(۲) هن بيت ۾ 'الف' حذف ڪيو ويو آهي.

هو جڏهن عربن جي وچ ۾ چؤطرف جهيڙو جنگ،
ليلي ۽ مجنونءَ جي وچ ۾، صلح تڏهن هو ٿسنگ.

(۳) هن بيت ۾ 'ي' حذف آهي؛

علم سان روشن رهن هر دو جهان،
ڏس تہ سو رهبر اِهو ۽ رهزن بہ ٿئي.

(۲۷) صنعت واصل الشفتين: جنهن ۾ اهڙا اکر ڪم آيل آهن، جن جي ڳالهائڻ سان چپ چپن سان ٿا لڳن. مثال؛

رباعي

ٻيهر ۾ هيٺا ٻي ڀاڱا، ٻنهي ۾ ٽيهه،
ٻٽب ٻنهي جا هٺا ڄيا، مٽي سمجهه ڊوهه،
ٻوڙا ٻڌي، قوت ٻئي، ٻي ٻيرا ٻولا،
ٻٽب ٻن ٻر وانگي، وات ٻنهي جو جيهه.

(٢٠) صنعت واسع لشفتين: جنهن ۾ اهڙا اکر ڪم آيل هجن، جن جي پڙهڻ سان چپ چپن سان نه لڳن. مثال:

لـــ نڪي ڇهو هتان ڳنڍ ۾ تنهنجو،
ڪهڙو گهر آهي جيئن نـــ گهر تنهنجو،

*

توکي آزار رسي جڳ کان، ته ناهي ڪو عار،
ڪر تون ڪوشش ته رسي توکان نه جڳ کي آزار.

*

'آرني' ۽ 'لـن ترانـي' ٿيو لـاز ۽ نياز،
عاشق سچي جـي لاءِ ٿيـا هـي الاهي راز.

(٢١) صنعت مدور: اهو شعر، جو چوگول لکي سگهجي، يا جنهن ڀاڱي کان انهيءَ کي شروع ڪجي انهيءَ کان پڙهي سگهجي، يا جنهن جا لفظ هڪڙي ساڳئي حرف سان شروع ٿين ۽ گول لکي سگهجن. هي ٻارن جي راند يا مشغوليءَ لاءِ آهي. مثال:

سانُهو سون کي سچ سدام سچو
تنهنجي سچيت منٺي سڪان سڪو

اهو هيٺئين لکيو تو سگهجي



*

راتِ ساري ڪنهن سڄڻ جي هر گهڙيءَ هئي مون کي سار،
رام ڪم منهنجو ٿيو، ٿيو منهنجو جڏهن حال زار،
راز پنهنجو ان سليو مون کي، تسي منهنجي دل بهار،
راهه حق جسي سو ولي، جنهن کي محبت تسن ۾ پار.

اهو هيئن لکي تو سگهجي:

ساري ڪنهن سڄڻ جي هر گهڙيءَ هئي مون کي س

ڪم منهنجو ٿيو، ٿيو منهنجو جڏهن حال ز

حق جسي سو ولي، جنهن کي محبت تن ۾ پ

پنهنجو ان سليو مون کي، تسي منهنجي دل بهـ

(٢٠) صنعت سربع: اهو شعر، جو چورس جي چئني پاسن کان، يعني ٻه گهائي يا وهڪرائي کان هڪجهڙو پڙهي سگهجي. مثال:

الاهي	ڪرم ڪر	اسان تي	ڪريما
ڪرم ڪر	اسان تي	سدائين	حليما
اسان تي	سدائين	رحم ڪر	رحيما
ڪريما	حليما	رحيما	ڪريما
[وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعولن]			
دلبر جي	درد ن ۾	آهيان نت	بيمار آءٌ
درد ن ۾	آهيان نت	بيمار آءٌ	بيدار آءٌ
آهيان نت	بيمار آءٌ	بيدار آءٌ	بي يار آءٌ
بيمار آءٌ	بيدار آءٌ	بي يار آءٌ	غمخوار آءٌ
[وزن: مفعولن، مفعولن، مفعولن، مفعولن]			

(٧١) صنعت مڪرر: جڏهن ساڳيو لفظ ٻه يا وڌيڪ ڀيرا وري وري اچي.

مثال:

نيڪي ڪري جو، تنهن کي ملي نت جزا جزا،
جيڪو بدي ڪري، سو ڏسي نت سزا سزا.

*

هنئين ڪيڪين، ٻڻ کي ڪين ٿيندين، هاڻ تي ڪيڪين،
لعل جي ڪيڪين ٿيندين، آهين تون ڪيڪين ڪسان ابتر.

*

ساٿيا ڪري نه مار سڄڻ تون ڏري ڏري،
ٻالان نه ڪر مون کي تون پيارا ٻري ٻري.
[سارو غزل آهي]
ترڪ لذت جي جي تون لذت وٺين،
نفس جي لذت کي لذت ڪيئن سڏين.

*

ڇڏ تون مطلب تہ پورو ٿئي مطلب،
ٿئي تہ مطلب بہ پورو مطلب جو.

*

گهڻو ٿي آهي ڪتي يار جي ۾ مون ۾ فرق،
هو يار جو ڪتو، آءٌ ان ڪتي جو آهيان ڪتو.

*

مينهن ٿو آءٌ قطرو قطرو وسايان اکين منجهان،
توبه سان خطرو خطرو ڇڏي منهنجي جان تن؛
هن قطري قطري سان ڌوپن ٿا سڀ گناهہ،
هن خطري خطري سان، ٿا ڏوهہ گڏ ٿين.

گڏ ڪر تون ڏاڻو ڏاڻو، ٿيون ڪن جيئن ڪ ڪيوليون،
گڏ ڪر ڦڙو ڦڙو ڪري تون، جيئن مکيون ٿيون ڪن.
هو ڏاڻو ڏاڻو، سڙي گڏ ٿين خرار،
هي تي ڦڙو ڦڙو ڦڙو، ماکيءَ جا مٽ ٿين.

رباعي

جي تنهنجي عبادت بہ مقيم آهي مقيم،
جي تنهنجو گناهہ بہ عظيم آهي عظيم؛
جي تنهنجي سزا ان جحيم آهي جحيم،
اميد نہ ڇڏ خدا ڪريم آهي ڪريم.

رباعي

جر تہ آءٌ ٿڪس، يار ڪي ڳولي ڳولي،
ان لاءِ ڇڏيم ڇپر ٿي، ڇولي ڇولي؛
هاتف چيو هو تہ تو ۾ ٻولي ٻولي،
توکي وڏو ڇو ڀلائي ڀولي ڀولي.

رباعي

ڪيئن ٿي سگهي عبد کان عبادت تنهنجي،
فضل ۽ ڪرم ۽ عطا ٿي عادت تنهنجي؛
صحرا صحرا گناهہ ٿيا منهنجا اگرچ،
دريا دريا مگر ٿي رحمت تنهنجي.

مثنوي

زبان مان رسي انسان کي نفعو ۽ ضرر،
زبان مان ٿي اميد ۽ زبان مان ٿي خطر.
زبان مان ٿي ٿئي افتخار آدم جو،
زبان مان ٿي ٿئي انتظار عالم جو.
زبان مان ٿي ٿئي انسان نيڪ بخت مدام،
زبان مان ٿي ٿئي سو خوار ۽ بدنام.

صنعت عڪس: هن کي 'تبديل' به ٿا چون. هن ۾ اهڙا لفظ ڪم ٿا اچن، جي **ڪنهن** مصراع ۾ شروع ۾ پيش ۾ ٻڌايا يا اڳي-پوءِ ٿي اچن ٿا. مثال:

سهڻو تر جيڏو، جيڏو تو سهڻو،
ڪونهي ڪو ٻيو، ٻيو ڪو ڪونهي.
[وزن: مفعول، فعلن، مفاعلن، فاع]
ڳوليو سون گهڻو، گهڻو سون ڳوليو،
ڏسجي نه ڪٿي، ڪٿي نه ڏسجي.

*

شراب آب بجا پي بهار جي مند ۾،
جو هو حرام حلال آهي، هي حلال حرام.

*

ڪريان زماني جي ظلمن جا ڪهڙا ڪهڙا بيان،
زبان وار ٿي منهنجي، ۽ وار منهنجي زبان.

*

دل ڏاريان، هميشه غم جي همدم جا آهم،
غم ڏاريان هميشه دل جو جو ٿيو همدم.

(٣٣) صنعت متنافر: جنهن ۾ اهڙا لفظ هجن، جن جي پڙهڻ ۽ اچارڻ يا ورڻ **چوڻ مان نفرت** يا ڏکيائي معلوم ٿئي. مثال:

هر ڪنهن جي هٿ ۾ پنهنجي قسمت آهي، پنهنجو بخت،
جي ڪنهن شئي جي ڪشش ڪوشش جي جالي ڪو ٿو راهه.

پٽ پڳ ڪپين، پٽ پڳ ڪپين، پٽ پڳ ڪپين،
چؤ تون نہ چوهٽ تو رهين، ڇا جي تجارت تو ڪرين.

*

نغارو ڇوي ٿو تہ ڏيرج پڪڙ،
تڪڙ ڇڏ، تڪڙ ڇڏ، تڪڙ ڇڏ تڪڙ.

*

ٿا ڏڪڙ ۽ طبلا وڄن ۾ ڇون،
تہ ڏڪ ڏڪ ٿا ڏڪ ڏڪ ٿا ڏڪ ڏڪ لڳن.

(۳۴) صنعت متلائم: متنافر جو ضد، جنهن ۾ لفظن پڙهڻ يا اچارڻ جي نهايت سرمائي، هلڪائي ۽ سولائي هجي، ۽ ڪابہ ڏکيائي يا اڳرائي يا نفرت معلوم نہ ٿئي. مثال:

رنج مان ويو رسي دلدار، خدا خير ڪري،
درد ۾ دل ٿي گرفتار، خدا خير ڪري!
لک ڪيم آزيون نيازيون نہ مڃيئين ڪا منت،
ڪيئين اصل وصل کان انڪار، خدا خير ڪري!
جنهن کي سمجهيم ٿي سڄڻ، هاڻ ٿري ٿيو بد خواه،
ٿيو دلارام دل آزار، خدا خير ڪري!
[سارو غزل]

(۳۵) صنعت سليس: اهو شعر، جو تمام سليس لفظن ۾ هجي. مثال:

سچائي سور نہ دنيا ۾ يار ڇڏ، جو اها،
پيري جي لاءِ آهي لٺ، جوان لاءِ تلوار.

*

نہ چؤ تہ ڪهڙي عمل کان نجات مون کي ملي،
ڪري ٿو فضل تہ آهن بهانا ان کي گهڻا.

*

باهہ پاڻيءَ مان ورتي سون هيءَ مت
نہ ڪجي غير جنس سان صحبت.

(۳۶) صنعت جزيل: سليس جو ضد. اهو شعر، جنهن ۾ ڏکيا ۽ ڳرا لفظ ڪم آيل هجن. مثال:

جي نسم پر پروانيءَ جا، پوري جسي ڪنهن ۾ ٿو رکان،
تنهن مٿو پنهنجو آءٌ مک جان پڻ مٿن سان ٿو پٽيان.

*

وڃ نا ڏسي زاهد جي پڳ، ڪنجج نه وعظ ان جو ٻڌي،
گنبذ ۾ بي مغزيءَ جي ڪري، آواز اڪثر ٿئي گهڻو.

*

جي عنقا آهين پکين ۾، تہ ڪوه قاف نہ ڇڏ،
سواءِ قاف جي، عنقا بہ ٿيو 'عنا' ۽ رنج.

(٣٧) صنعت ممتنع: اهو شعر جو ڏسڻ ۾ آسان هجي، مگر انهيءَ جي معني اونهي، پرانهين ۽ مشڪل هجي. مثال:

سلسلو اسباب جو عالم ۾ ڪيئن آهي ڳنڍيل،
باغ ۾ ماکيءَ جي مک وئي، خون پرواني جو ٿيو.

(مطلب آهي تہ دنيا ۾ هڪڙي ڳالهہ جا ڪيترائي سبب آهن، ڪي ويجها، ڪي پرانها، سڀ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن مثلاً باغ ۾ ماکيءَ جي مک گلن تي ويهي ٿي، تہ اهو بہ پرواني جي مرڻ جو هڪڙو سبب ٿو ٿئي، ڇالاءِ جو ماکيءَ جي مک ماکي تي ڻاهي، ۽ ماکيءَ جي مانَاري مان ميڻ ٿي ٺهي، ۽ ميڻ مان موم بتي ٿي ٺهي جا ٻري ٿي، ۽ انهيءَ تي پروانا اچي گڏ ٿا ٿين، ۽ منجهس پيئي سڙي مرن ٿا).

دل جي اک جي آهي روشن، جسمي اک بيسود آهہ،
باغ ۾ بيدار آهيان، مثل نرگس جي عبث.

(يعني ظاهري اک سان ڏسڻ ڪنهن ڪم جو ناهي، دل جي اک سان ڏسڻ ضروري آهي. ظاهري اکين سان ڏسڻ اهڙو آهي جهڙو نرگس جا گل باغ ۾، جي اکين سان مشابه آهن ڇو تہ رات ڏينهن انهن جون اکيون پٽيون پيون آهن، پر ڏسن ڪي بہ ڪين ٿيون).

(٣٨) صنعت بديه يا ارتجال: اهو شعر، جو هڪدم ڏسڻ يا ٻڌڻ جي چوڻ تي، سواءِ خيال ڪرڻ جي چئي ڏجي. مثال:

ڪمال اسماعيل مشهور شاعر، قتل ڪيو ويو هو، جنهن مرڻ وقت في البديہ هيءَ رباعي چئي، جا پنهنجي وهيل رت سان آگر سان پاسي واريءَ پٽ تي لکي.

رباعي

دل خون ٿـي منهنجي، جانگدازي هيءَ آهه،
تولاءِ سـران، تنهنجي چـاره سازي هيءَ آهه،
ان موندي ڪريان صبر، ڪڇان ڪين ٿو آءٌ،
شـايـد تنهنجي نت بـنـده نوازي هـيءَ آهه.

طغان شاهه ڏارن جي راند ڪندي ٽي ڇڪا گهريا ته ٽي پوُن پيا، تنهن تي رنج ٿيو. ارزقي شاعر بروقت هيٺين رباعي چئي جا مشهور آهي:

رباعي

اي شاهه! تـو ڏارن ڪان گهريا ٽي ڇڪا،
پر ڏپ ڪان اهي بـدلجي ٽي پوُن ٿي پيا،
ٿيا ڇڪا ٽڪي حڪم تـي تنهنجي حـاضـر،
هيبت ڪان اهـي زمـين تـي ٿـيا اونـڌا.

انهيءَ قسم جا بديـه شعر ڪتابن ۾ تمام گهڻا آهن، جي اسان هين هنڌن تي ڏنا آهن.

(٣٩) صنعت رويه: بديه جو ضد، يعني اهو شعر، جو خيال ۽ ويچار ڪان پوءِ چوڻ ۾ اچي. اهڙي شعر جي مثال جو ضرور ڪونهي. اڪثر شاعرن جو شعر اهڙو آهي، تڏهن به نموني لاءِ ڪي مثال هتي ڏجن ٿا:

رباعي

اي دل تـو قضا خـدا جي تـي ٿـي راضي،
مـسـتقـبـل تـون وسـاري ڇـڏ ۽ مـاضـي،
قسمت ۾ اٿئي هڪڙو ۽ تـون ڳـولين ڏهه،
ڏهه توکي ڪو ڏيندا، پاڻ ٿي تون قاضي.

قـطـعـا

مـالـهـو آهـي هـمـيـشـه اڄ جـو ڀلو،
پـوءِ ڪـهـڙو هـجـي ڀـي اڄ جـو حـال.
ڪالهه جـو ڀٽ ڀـي آهـي ڪنهن ڪم جو،
گـرچ ان وٽ هـو ڪالهه ملڪ ۽ مـال.
ڪـهـڙي هـٿـي ڀـڃـاڪ مـنـان تـي،
جـن مـٿـي ڪالـهـه آيـو ڪاهـي ڪال.

فخر ڪر پاڻ تي نہ ڏاڏي تي،
ماضي ڇڏ، حال وٺ ۽ استقبال.

(١٠) صنعت موقوف: جڏهن هر مصراع جي پڇاڙيءَ ۾ هڪڙو اهڙو لفظ اچي، جو ٻيءَ مصراع سان لاڳو هجي، ۽ انهيءَ کان سواءِ جملو يا مضمون پورو نہ ٿئي. مثال:

رباعي

جنهن ۾ نہ مشابہ آهي تہ ڪو تو سان، سوا
سج جي، جو اٿي صبح جو هر روز ٿو، تا
خدمت ڪري تنهنجي. پيرين پئي تو کي، پر
تون گوشو ڪرين، رکين نہ ان جي پروا.

فصل ٻيو

صنايع معنوي

صنعت تشبيہ: لفظي معنيٰ آهي مشابهت ڏيڻ يا مقابلو ڪرڻ، ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي هڪڙيءَ شيءِ کي ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان ڪن صفتن ۾ مقابلو ڪرڻ. جنهن شيءِ سان مقابلو ڪجي يا مشابهت ڏجي، انهيءَ کي 'مشبہ' بہ ٿو چئجي ۽ جنهن کي مشابہ ڪجي، انهيءَ کي بہ 'مشبہ' ٿو چئجي. جنهن صفت ۾ مشابہ ڪجي انهيءَ کي 'وجه تشبيہ' چئجي، ۽ لفظ: وانگي يا جان' يا جيئن وغيره جي مشابهت ڏيڻ ۾ ڪم ايندا آهن، انهن کي 'حرف تشبيہ' سڏبو آهي.

تشبيہ ستن قسمن جي آهي:

(١) تشبيہ مطلق: جنهن ۾ هڪڙيءَ شيءِ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ ۾ ٻيءَ سان مشابہ ڪجي، ۽ 'حرف تشبيہ' ظاهر يا لڪل ڪم نہ اچن. مثال:

ترار تنهنجي ۽ ڀالو، قلم جان دشمن جي،
سيسي وڍين ۽ چيرين ان جو سينو ٿا.

*

ٽيو زلف تنهنجو جيم، الف نڪ ۽ ڀرون نون،
عاشق نہ غلط ڪن ٿا، جو تو کي ٿا چون 'جان'.

*

سروَ کي ٿا چون آزاد، جو قدَ ڪونہ ڪري،
سرو قد تنهنجي تہ ڏس، ڪيا هي ۾ ڏاڙهون پيدا.

عقل سان وات عشق جي ڳولڻ،
جڻ تہ ڳولڻ آهي ڏئي سان سج.

*

شعر ٽڪري ٿو دل مان منهنجي ايئن،
ٽڪتو جيئن هو تنور مان طوفان.

(٢) تشبيه مشروط: جڏهن هڪڙيءَ شئي جي ٻيءَ سان ڪن شرطن هيٺ مشابهت ڪجي، ۽ چئجي تہ هيءَ هن جهڙي آهي، بشرطيڪ هوءَ هونءَ هجي. مثال:

چنڊ جهڙو آهين تون، جي چنڊ کي ٽوپي هجي،
سروَ جهڙو آهين تون، جي سروَ رکندو هوئي قبا.

*

جيڪڏهن ڳالهائي ڪوئلي، وار ڪي جي ساهہ هوئي،
ڳالهائيندڙ آءٌ سا ڪوئلي، ساهہ وارو آءٌ سو وار.

(٣) تشبيه الڪنايه: يعني ڪنايه واري تشبيه، جنهن ۾ اشاري سان مشابهت ڏجي، ۽ حرف تشبيه ڪم ۾ نہ اچي. مثال:

چنڊ چوڏهينءَ جي تي ڪڏهن مشڪ جي ميٽي وجهين،
يعني ڳلن تي   يعني سُرمو اٿو
سج ٻپهرڻ جي کي ڪڏهن برقعي جي ڪڪرن سان ڍڪين،
ڪڏهن کيلي لعل ۽ هيرن سان بدخشان کي لٽين،
ڏندن سان
ڪڏهن روئي موتين سان تون دريا کي شرمندو ڪرين.
هنجن سان

*

چيلهہ ۽ رانن جو ان سي آءٌ ڪريان ڪهڙو بيان،
ڪنهن ڏٺو آهي جبل کو، تہ ڪندو هڪ وار مان.
رانون   چيلهہ
تہ متان اکين جي جو آهي تنهنجي، ڏسجي ٿو غلط،
سهوَ ڪاتب آهي ڪئي، جو عين تي نقطو ڏنئين.
اکـ

*

شڪستو منهنجي نہ دل ڪي ڪريو اي سنگدلو!
ڏچو خدا ڪان، ڪريو ڪو خدا جي گهر جو لحاظ.
يعني دل
[حديث موجب ڪعبو يا بيت الله]

(٤) تشبيه التسويه: يعني برابريءَ واري تشبيه، جنهن ۾ هڪڙي صفت پنهنجي ۽ هڪڙي محبوب يا موصوف جي وٺي ۽ پنهي کي ٻينءَ هڪڙي شئي سان مقابلو ڪري ۽ برابر ڄاڻي.

مثال:

لقطي دل پنهنجي مان، مون چيو 'وات تنهنجو جوڙيان آءِ'،
چيئين ڪلي، 'سگهندو جوڙي ڪيئن، وات هڪ نقطي منجهان'؛
وار جهڙي جسم پنهنجي مان چيم، 'جوڙيان آءِ چيلهہ'،
چيئين ڪلي، 'آهين چريو، ڪيئن چيلهہ جوڙندي وار مان'!

*

آسماني چنڊ جان چمڪين ٿو تون،
آسماني چرخ جان آءِ ٿو ڦران؛
پر نياني نقش جان تون حسن ۾،
پر نياني تند جان آءِ ضعف ڪان.

*

منهنجي دل جان تنگ آهي تنهنجو وات،
بڻت سنهو منهنجو ٿيو، تنهنجي چيلهہ جان.

(٥) تشبيه العڪس: يا عڪس واري تشبيه، جنهن ۾ شاعر ٻن شين مان هڪڙيءَ کي ٻيءَ سان ۽ وري انهيءَ کي پهرين سان مقابل يا مشابه ڪري. مثال:

گهوڙن جي سنبن سان ويا جبل پٽجي ۽ ٿيا غار،
ماٺهن جي مڙهن سان بہ پريا غار جبل ٿيا.

*

ڌرتيءَ جان فلڪ خاڪ ڪان گهوڙن جي سيہ فام،
مردن جي ڌڪن ڌرتي فلڪ جان ڪئي بي آرام.

*

شام ڏسڪي صبح جان پوشاڪ زرد،
صبح سينو پوش ٿيو شام جان.

(٦) تشبيه الاضمار: يا باطني تشبيه، جنهن ۾ هڪڙي شيءِ کي ٻيءَ سان ظاهري طرح مشابه ڪجي ۽ انهيءَ ۾ ڪو عيب ڪڍجي يا اعتراض آڻجي، مگر باطني طرح ائين ڪرڻ مان تعريف جهڙو مدعا هجي. مثال:

چپ مٺا، نالو مٺو، پوءِ ڪيئن ڪڙا ٿيا تنهنجا ٻول،
نرم ۽ نازڪ بدن، پوءِ پٿر ڪيئن ٿي تنهنجي دل!

رباعي

جي چنڊ ۽ شعاع شمع جو تو وٽ ٿيو،
کهنجان ۽ پتران پوءِ، تڏهن آءٌ ڇو ٿو؛
جي شمع تون آهين، ڇو پتران پيو نه آءٌ،
جي چنڊ تون آهين، ڇو وڃان آءٌ کهنبو.

*

مست عاشق آءٌ، ڪيو مڪڙيءَ گريبان چاڪ ڇو،
نيس ڪُٺل آءٌ، پوءِ ڇو لالا جو ٿيو خوني ڪفن،

(٧) تشبيه التفضيل يا مغالطه: جنهن ۾ پهرين هڪڙي شيءِ کي ٻيءَ سان مشابهت ڏجي، پوءِ وري ڦري پاڻ کي غلط سمجهي ٻي ڳالهه ڪري، جنهن مان اڳين کان به زياده صفت نڪري يا بهتر تعريف نڪري. مثال:

قد ۾ سروَ ٿا چون هن کي،
شڪل ۾ چنڊ ٿا انهيءَ کي سڏين؛
پر ڪمر سروَ ڪين ٻڌندو آهه،
چنڊ ٽوپي ڪڏهن ڏٺي ٿو ڪين.

*

چنڊ چوڏهينءَ جو آهي تنهنجو مُنهن،
پر پڇتايس آءٌ، ائين چيو مون غلط؛
چنڊ ۾ داغ، مُنهن ۾ ٿس ڇاهون،
روشنائي منجهس ٿي تنهنجي فقط.

*

سروَ کي ٿـا سڏين يار جـو قد،
پـر آهي سـروَ اڻچليل 'ڪاٺي'.

*

سروَ جهڙو آهين، پر ٿي سروَ کي رفتار ڪانه،
چنڊ جهڙو آهين، پـر ٿـي چنڊ کي گفتار ڪانه.

*

وات ان جي، جي مٿان آءٌ تير ڏسي پاڃي ويس،
ڪو نه ٿـو ڪڏهن اڪر ٿي مير جي نقطو ڏٺي.

آهـي وات گـل جـهـڙو تـنـهـنـجـو اي يـار،
۽ ســڪــڙيـن جـان آهـن پـتـي تنهنجا ڳـل،

آهي وات گـــل، پـر نـڙيـو ڪـيـن اچـا،
آهـن مـڪـڙيـون ڳـل، پر مي آهـن نـڙيـل.

۰۳ **صنعت استعاره:** لفظي معني اڌارو گهرڻ، اصطلاحي معنيٰ هيءَ آهي تہ ڪنهن لفظ جي حقيقي معني ڪين، اڌاري طرح ڪم آڻجي. تشبيه ۽ استعاره ۾ هي فرق آهي تہ تشبيه ۾ هڪڙي شئي ٻيءَ شئي جهڙي يا مشابه چوڻ ۾ ٿي اچي، جيئن تہ 'شينهن جهڙو مڙس' ۽ استعاره ۾ مڙس کي خود شينهن چوڻ ۾ ٿو اچي، ۽ حرف تشبيه جو ڪم ۾ ڪونہ ٿو اچي. مثال:

'لطف جو پاڇو' يتيمن جـي مٿي تـي تـون پکيڙ،
'ستر جي دامن' بـہ عيبن تي ٻين جي تـون وڇاءِ.

*

'نہ باهہ حرص جي' ۽ 'واءُ هٺ جي' سان ٿي مخول،
جـو 'ماڙي عمر جي' مٿيءَ جـي آهي پاڻيءَ تي.

*

جهوليـي دنـيـا جـيِ' خـلـق کـان خـالـي،
'پيٽ ڏرتيءَ' جو پڻ پر ٿيو نہ اچا (طاعون جي اثر کان).

*

وچ هيٺن ۾ اٿس، ڪڪر مُنهن تي،

يعني ترار　　　　سِپر

چنڊ مٿي تي ۽ چرخ ران جي هيٺ.

تاج　　　　گهوڙو

*

چنڊ يا مرجان جي چنبي ڪڪر ڪاري مان ڪيئن موتي،

سينڌي لڳل هٿ　　　　وارن　　　　ڏڙا پاڻيءَ جا

۽ ڪاري مشڪ جهڙي رات مان چنڊ نڪري ظاهر ٿيو.

مٿي جا وار　　　　مُنهن

*

چنڊ نمون آڻي ڪرين چوڏهينءَ جي چنڊ کي وِيجهو تون،

آگر　　　　پيشاني يا مُنهن

تڏهن چٽڪيا ڪيئي ڪتين جا ٻج مان هڪدم ٿا ٽِمن.

ٻکهر جا ڦڙا　　　　منهن يا پيشاني

*

رت وسي مينهن جان، جڏهن چمڪندي شمشير جي برق،

رت ۾ ٻُڏندا اچن ٿا ڏسجن هتي فولاد ۾ غرق.

زره ڍڪيل پهلوان

*

جسم تنهنجو آهي ٻيڙي ۽ هي جڳ آهي درياءَ،

عمر تنهنجي واءُ آهي، ۽ تون سوداگر آهين.

*

شڪستي دل کي نيت عيد آهي ڪانهه چو نہ تڏهن گهرجي،

'مٺائي نااميديءَ' جي ۽ 'حلوو نامراديءَ' جو.

*

سخن سچ آهي جو آيري لهي ٿو،

اُلهندو ڪن آيرندو وات ان جو.

*

'فلڪ جي خوان تي سج چنڊ ٻہ مانيون'،
انهن مان هڪڙي آهي گرم، ٻي سرد.

٣- صنعت ڪنايه: يعني اشارو ڏيڻ ۽ چٽو بيان نہ ڪرڻ. مثال:

طبع ان جي ڪئي سدا قوت، ۽ وات ان جسي ڪي چوُ لذت،
انهيءَ جي اک کي سدا لالا، انهيءَ جي مغز کي عنبر.

٤- صنعت مجاز مرسل: جڏهن استعاره وانگي ڪي لفظ غير معمولي معنيٰ سان ڪم اچن، جيئن تہ سبب جي جاءِ تي سبب وغيره. مثال:

عشق جو بحر هو ۽ عقل جي ڪان،
شرع جي اک ۽ دين جي هو جان.

٥- صنعت متضاد: هن کي تضاد، طباق، تطبيق، مطابقه ۽ اختيج بہ چون. هن صنعت ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا آهن، جي هڪٻئي جا ضد هوندا آهن. مثال:

عدل پڌرو سندس، ۽ ظلم ڳجهو،
جنگ ٿوري سندس، ۽ صلح گهڻو.

*

دوست سان آهي سرد پاڻيءَ جيان،
باهہ جيان گرم آهي دشمن سان.

رباعي

ٿي آهي فنا ۽ فقر جنهن جي آئين،
ٿيو محو نہ محو تنهن کي ۽ شڪ نہ يقين؛
نہ علم نہ جهل، نہ حقيقت نہ مجاز،
نا ڪشف نہ اعجاز ۽ نا ڪفر نہ دين.

قطعو

ڪڏهن راحت ٿي دنيا ۾، ڪڏهن رنج،
ڪڏهن ڏئي مفلسي، ۽ ڏئي ڪڏهن گنج.
ڪڏهن بيداد هڪ جو، ٻئي جو ٿئي داد،
ڪڏهن بيمار هڪڙو، ٻيو رهي شاد.

٦. صنعت مراعات نظير: هن کي 'متناسب' به چوندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ ۽ اهڙو مضمون جو اسباب آندو آهي، جنهن جو هڪٻئي سان واسطو رهندو آهي، ۽ جن جي وچ ۾ مناسبت هوندي آهي. مثال:

آهي ڪٿ آرام جي 'فرصت گهڙي' پل حال' ۾،
پيو 'زمانو' آهي هٿ 'ماضي' ۽ 'مستقبل' مڙئي.

*

'آب حيوان' جي چڏي جنهن طمع، سوئي 'خضر' آهي،
نفس جي 'ظلمات' مان جو نڪتو، 'اسڪندر' اهو.

*

نه 'باهه' حرص جي ۽ 'واءُ' هٿ سان ٿي مخول،
جو ماڙي عمر جي 'مٽيءَ' جي آهي 'پاڻيءَ' تي.

٧. صنعت تجاهل العارف: يعني پاڻ کي ڄاڻي ٻجهي نادان ۽ جاهل بنائڻ. هن ۾ شاعر ڪا ڳالهه ٻڌڻ چوي، پوءِ پاڻ کي غلط چوي يا شڪ ذڪاري، يا غير واقفيت يا اداني ظاهر ڪري. اڪثر لفظ 'يا'، 'خواهه'، 'متان'، 'شايد' ۽ 'مگر' وغيره ڪم ايندا آهن. مثال:

موتي آهي پنن تي، يا ماڪ جا ڦڙا هئي،
نڪري ٿو گل مان دونهون، ڪوهيرو آهي يا هي.

*

هو گهوڙو، يا هو تير ڇٽو ڪنهن ڪمان مان،
هئي تيغ يا هئي بجلي، ڪري آسمان مان.

*

تيغ بردوش هو هڪ هڪ، يا ڪنيو بدر هلال،
گرچ نينگر هئا، رستم کي ٿي سمجهيو تن زال.

*

تون پڇين ٿو مون کان، منهنجي ماه جي منزل ڪٿي،
منزل آهي دل ۾ ان جي، پر نه ڄاڻان دل ڪٿي.

*

هي رات آهي، يا ٿي ڪڪرن جي اونداهه،
هي خواب آهي، يا خود حالت سچي آهي.

[وزن: مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيل]

*

هي ڌرتي ٿو ڏسان، يا آهي آپ هي،
نه ڇاڻان ٿو، هو آپ آهي يا ڌرتي.

٨. **صنعت ايهام:** هن کي 'تخيل' به چوندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن ٿا جن جا ٻه مطلب هجن: هڪڙو ويجهو، ٻيو پرانهون. پڙهندڙ ويجهي معنيٰ سمجهي، پر شاعر جو مطلب پرانهون هجي. مثال:

ڪيرڙ آهي مستارو ۽ مضبوط،
وڻ به ۽ نالو به
ڏس ته کهڙا نه، ٿَس ٿڪيا ڏونرا.
ٻانهون ۽ ڪرڙ جو ڦر

*

لازم آهي دال ڌارا پيو نه ڪاڏو ڪاڻي زال،
اڪر ۽ ڪاڏي جي دال ذال اڪر ۽ عورت
گڏ اصل پيدا ٿيا ڇاڻن ڪڏابي تن جو حال.

*

گذري وئي مشڪ جان خطا ۾ سڀ عمر،
گناهه به ۽ ولايت به
وارن ۾ سفيدي ۽ سياهي دل ۾.

*

سڱيو يا گرمٽ نه جوُ ڪوريءَ کي، ٿيو جيئري قبر ۾ ڪرچ،
سندس ٿيو ساهي پڃو پٽ، ونس ترو ۽ اڌ لڪ ٿيو.
ڪورين جو سامان ڪورين جو ترو ڪورين جو
به ۽ چگو بن به ۽ ڪلنگي اوزار ۽ نالو

*

سنجهه تصوف پير وانگي ڪاملن سان گهڻيو رکي،
ڏس ته ڪيئن پيوند سان سنڌي به صوفي ٿيو پوي.
گنڍ به ۽ قلم به ساڌو به پيراه درويش به ۽ پير به

*

غرق رت ۾ اهو مصحف جيهو رخ سارو هو،
عضوو هرهڪ تنهن پٽرنٿور جو سي پارو هو.
ٿيهہ ٽڪر ۽ قرآن جو جزو

*

خلوت ۾ رڪ تون دل پلي، قرآن وانگي "جمع"،
نازل ٿين انجمن ۾ تہ سي پارا ٿي تون پڙ.
جمع ۾ ضد ۽ قرآن جا جزا

*

سڳن پائن ۾ ٿئي اخلاق جو فرق،
ڪنڊو ۽ گل پئي هڪ ماءُ جا پٽ.
نالا ماڻهن جا ۽ وڻن جا پاڙا

*

جڏهن ڪان پيئي مون کي ملڪ نيم شب جي خبر،
تڏهن ڪان وسري مون کي ملڪ نيم روز ويو.
ملڪ جو نالو ۽ پهر

*

زلف جي اوندهہ ڪان نڪري منهن ان جي جو وٽ،
واسطا وٽ، اي گنجا عاشق، خدا جا اسم وار.
وارڻ مان اسم ۽ وار

*

خط وڌيو پڻ زلف ۽ ڪاڪل وڌيا، گيسو وڌيا،
حسن جي سرڪار ۾ جيڪي وڌيا، هندو وڌيا.
هندو ماڻهو ۽ ڪاري رنگ جون شيون

٩- صنعت لف و نشر: لفظي معني ويڙهڻ. وري کولي پکيڙڻ. اصطلاحي معني موجب ٻهرين کي شيون گڏ آڻڻ ۽ پوءِ انهن کي ڌار ڪرڻ. مثال:
دوست دشمن تنهنجي جا ڏينهن رات جان ۽ دل هجن.
وعدي ۽ دڙڪي کان شل هجي نئور ۾، هو نار ۾.

قطعو

آدمي آهي مرڪب، هڪ معجون خوب،
ٺيو بناوت ۾ مليل، ان جي مَلڪ ۽ جانور؛
جي ڪري آءُ قصد هن جو، ته چڙهي ان کان مٿي،
۽ ڪري جي ميل هن جو، ته لهي هن کان بتر.

۱۰- جمع، تفريق ۽ تقسيم: جي سڀ ڳالهه ۾ اچي سگهن ٿا، ۽ هر هڪ جدا يا مفرد ۾ اچي سگهي ٿو. صنعت ۾ جڏهن شاعر ٻه يا وڌيڪ شيون هڪڙي صفت ۾ آڻي ڳالهه ڪري، تڏهن انهيءَ کي 'جمع مفرد' يا 'جامع' سڏيندا آهن. مثال:

عاشق آهي تو تي مون جيئن آسمان،
ان سبب مون وانگي آهي بيقرار.

*

چنڊ آهي يار جي منهن جهڙو ڪڏهن، يعني بدر،
۽ ڪڏهن مون وانگي ڪُبڙو آهي آءُ، يعني هلال.

*

سڀ ٿيو آسان منهنجي لاءِ اڄ،
ڏٺي ليتي، نيڪ بد ۽ بيش ڪم.

۲- تفريق مفرد: جڏهن شاعر بيت ۾ ٻه شيون ڌار ڌار آڻي ۽ انهن کي گڏ نه ڪري. مثال:

نه ڪَڪر تو جيهو سخا ۾ ٿيو،
تو ڪَڪر کو پلا وسائي زر؛
هُن مان پاڻي ٿو ڦيمي، ۽ هن مان رت.
منهنجيون پنبڻيون ڪٽ، ۽ ڪٽ وسندڙ ڪڪر.

۳- تقسيم مفرد: جڏهن شاعر ٻن يا زياده شين کي بيت ۾ ورهائي ۽ هر هڪ ورهاڱي جي ترتيب هڪڙي قاعدي تي رکيو اچي. مثال:

عجب دلربا جا ڳل ۽ چپ ۽ پڻ زلف،
هڪ آهي گُل، ٻيو سوسن، ٽيون عنبر

*

تنهنجا دشمن مُئا ٿيا شڪستا سدا،
يا ڪُٺا يا ڀڳا، يا ڦِدا، قيد ٿيا.

*

پڪسٽو ٿيڻ اي شيخ گھرون، آءٌ ۽ تون ٻئي،
محراب ڏي تون ۽ پيرون يار جي ڏي آءٌ.

عبدالواسع جبليءَ جي قصيدي جو ترجمو

ڪيڏو عدل ملڪن ۾ اسان جي بادشاه پياري،
تيتر، چيلو، هرڻ، ڪوئو ٿو دشمن کان نه ڊپ ڌاري.
سنگت ۾ باز جي ڦريون، ٻگھڙ جو يار آهي ٻيو،
چري چيڙي سان گڏ ٿو ڦيون، ٻليءَ سان چوٿون گڏ گھاري،
بهادر بادشاه سنجر، رکي نيت خوش رعيت کي،
دماغ ۽ دل ۽ پيشاني ۽ سڀنهن جنهن جو ٿو ڏيکاري.
صلح ۽ امانت سڱڪ ڦريون، مهانپ ۽ ڀلائي ٻيو،
چڱو طالع ۽ دولت ٽيو، ۽ چوٿون خلق سو واري.
ٽيو همت ان جو منجهه بخشش، هٿيار ان جو ٻه منجهه ڪوشش،
قلم ان جو مٿا جياري، علم ان جو جگر ڌاري.
رسائي فيض ٽيو ڦريون، ڪمائي دشمن کي ٻيو،
هلائي حڪم جڳ ۾ ٽيو، ۽ چوٿون فتح کي ساري.
[سارو قصيدو]

٤- جمع تفريق: جڏهن شاعر ٻه شيون گڏ آڻي ٻنهي کي هڪڙيءَ شيءِ سان مشابهت ڪري، ۽ پوءِ انهن کي ٻه مخالف صفتون ڏيئي ڌار ڌار ڪري. مثال:

ٻيلي گلاب سان ٻئي سڙيا آهيون، آءٌ ۽ تون،
آءٌ ان جي رنگ مان آهيان، تون ان جي بوءِ مان.

*

خبر مموري حلال ۽ حرام جي ٿو رکان،
شراب توسان حلال آهي، پاڻي تو ري حرام.

٥- جمع ۽ تقسيم: جڏهن شاعر بيت ۾ ٻهرين کي شيون هڪڙي معني سان گڏ آڻي، ۽ پوءِ انهن کي ورهائي ڌار ڪري. مثال:

ٻن شين کي ئي ضرورت، ٻن شين جي اصل ڪان،
علم کي گھرجي عمل، حڪمت کي گھرجي تجربو.

١٠. جمع، تفريق ۽ تقسيم: جڏهن هي ٽيئي گڏ ڪم آڻجن. هيءَ صورت الهه مشڪل آهي. مثال:

بند آهين تون، ۽ تنهنجو بندو آءٌ پڻ بند ۾،
بند تنهنجو ٿيو عيان، ۽ بند منهنجو ٿيو نهان،
بند تنهنجو آهي لوهه، بند منهنجو آهي غم،
بند تنهنجا ٻير ۽ هٿ، بند منهنجي آهي جان.

١١. صنعت مجتمع الضدين: هن کي 'توجيه' يا 'موجه' يا 'ذوالوجهين' به چوندا آهن. هن ۾ شاعر لفظ آڻيندو، جن مان تعريف به معلوم ٿي سگهي ۽ گلا به، يعني جن مان ضد صفتون نڪرن. مثال:

روشني تنهنجي منهن کان ٿئي اونده،
باغ تنهنجي قدم کان ٿي پئي باهه.

(هن ۾ فعل جو فاعل ۽ مفعول ڪهڙو به ٿي سگهي ٿو، ۽ ان موجب معني خراب يا چڱي ٿي سگهي.)

١٢. صنعت مدح و ذم: يعني تعريف ۽ گلا هن جون ٻه صورتون آهن. 'مدح ڪالذم'، جنهن ۾ تعريف گلا جهڙي هجي، ۽ ٻي 'ذم ڪالمدح'، جنهن ۾ گلا تعريف جهڙي هجي. هن صنعت ۾ شاعر ڪا ڳالهه تاڪيد سان ڪري ۽ پهرين تعريف يا گلا معلوم ٿئي، پر سگهو ئي پڇاڙيءَ ۾ انهن جي برخلاف معلوم ٿئي. هن ۾ لفظ: پر، مگر، ليڪن ۽ سوا وغيره ڪم ايندا آهن. مثال:

زلف ڏنگا، مگر سڌون اُس قد،
پٽ سگهو ٿس، مگر اکيون بيمار،
آهي عادل، مگر سخا جي ڪري،
ٿيو خزاني تي پنهنجي ظلم شعار.

*

نشان ڪو به زماني ۾ ناهي آدم جو،
هزار ورهه لنگهي ويا، جو ويو مري آدم.

حضرت آدم به ۽ سڀو انسان به

*

جنهن تي نالو تنهنجو ٻڌو، دنيا ۾ عزت ان لڌي،
پر نه ڏٺا، جي ٿيا هٿ تنهنجي ۾ خوار ۽ خراب.
يا سڪا

*

هٿان جي ٻاچي ۾ دشمن سدائين تنهنجو رهي،
مٿي انهيءَ جي جون ڪائين هڏيون، جو ڪاهي اچي.

*

وڃ تون دولتمند وٽ فقط قضا حاجت جي لاءِ،
گهرج لاهڻ ۽ ٿورو ڪرڻ ۾
گهر تونگر جو حقيقت آهي هڪڙو جا ضرور.
گهرج ملڻ جي جاءِ ۾ ڪاڪوس ۾

*

جيم سجڻ ڪي لئه ويهه مان رقيب ڪار منهين،
چيائين مرڪي، ته هو پڻ مون ڪي چوي ٿو ائين.

قطعو

ٻه هيون هڪڙي شخص جون زالون،
هڪڙي نالي سياڻي ۽ ٻي ڪاتون.
ساٿهو هڪ، هڪ دفعي ونس آيو،
هيون نيڪيون ات رکيل مٿائيءَ جون.
هن مٿائيءَ جي ڪئي صلاح ان کي،
هن چيو آهي بک ڪيڏي اڄ مون.
جي گهرين تو مون کي تون کارائڻ،
ته سياڻي سون کي ڏي يا ڪاتون.

سپ ۾ ۽ زال جو نالو ۾ — تون ڪاٺ ۾ ۽ زال جو نالو ۾

١٢. صنعت ادماج: لفظي معني لپٽڻ، اصطلاحي معني موجب اهو ڪلام جنهن مان ٻه مطلب نڪرن، پوءِ تعريف هجي يا گلا. مثال:

زبان آهي سچن جي تلوار، تلوار آهي انهن جا ڏند،
ڇو ته هو سڀ زبان ان جي هجي ها وات منهنجي ۾.

(بابي بيءَ جي)

۱۴- صنعت تجريد: لفظي معني اگهاڙو يا ڇڙهو ڪرڻ، اصطلاحي معني موجب ڪنهن صفت واري هڪڙي شئي مان ٻي شيءِ پيدا ڪرڻ. مگر مطلب پهرين شيءِ جي صفت جو هجي، پوءِ اها تعريف هجي يا گلا. اڪثر غزل جي پڇاڙيءَ ۾ تخلص ضمير غائب ۾ آڻي ۽ سڀ ضمير متڪلم ڪم آڻيندو ايو هجي. مثال:

جنهن کي سمجهيم ٿي سڄڻ، هاءِ! ٿيو ٿو بدخواهه،
دوست ٿيو دشمن خونخوار، خدا خير ڪري!
بيڪسيءَ کان آهي حيران پريشان "قليچ"،
سڀ وس چارا، ٿيو لاچار، خدا خير ڪري!

۱۵- صنعت اشتباع: لفظي معني موجب هڪڙو ٻئي جي پٺيان آڻڻ، اصطلاحي معني موجب اهڙي طرح ڪجي، جو انهيءَ مان ٻي تعريف به معلوم ٿي سگهي يا گلا. مثال:

باهه کان ڪاوڙ جي تنهنجي، جڳ سڙي هوند خاڪ ٿئي،
مهر جو جي بحر تنهنجو، هوئي نه هردم موجزن.

۱۶- صنعت هزل ڪالجد: اهڙو ڪلام جو ظاهري ڀرچو هجي، پر باطني انهيءَ مان ڪا ضروري يا نصيحت جهڙي ڳالهه نڪري. مثال:

قحبه دنيا جي ائين صحبت کان پچو،
ڪسبياڻي
آتشڪ ان جي جهنم کان ڊڄو.

پرميل هو مرض
[وزن: فاعلاتن، فعلاتن، فعلات]

*

اي پسر! تون نه پٽ پدر جو ٿي،
پيءُ جو پٽ نه ٿي يعني رڳو اصل نسل تي نه ڀاڙ
ڇڏ پدر کي، تون پٽ هنر جو ٿي.

*

ڏاک جي ڌيءَ سان رات ڪيو مون لڪاح،
يعني شراب
ڏيڻو پيو هوش عقل، منجهه ڪابين.

١٧- صنعت التفات: هن ۾ شاعر ڪڙي ضمير مان ڦري اوچتو ٻيو ضمير وٺي، جيئن غائب مان ڦري حاضر وٺي. مثال،

ئي تيغ سان فراق جي عاشق جي دل قتيل،
اي صبر، ٿئين فراق ۾ لاءِ تون عجب زره.

*

نيڪي گهٽ جنهن ڪرڻ جهان ۾ نيت،
چاهي بهتر هئي ٻيو نيڪيءَ کان.

١٨- صنعت مدح موجه: جنهن ۾ شاعر اهڙي ڪڙي صفت يا حقيقت آڻي، جنهن مان ٻه صفتون يا حقيقتون پيدا ٿين، ۽ جنهن جي تعريف ڪرڻي هجي تنهن جي ٻن طرحن سان تعريف ٿئي. مثال:

ڪري دشمن سان ڪار تنهنجي ترار،
جا ڪري گنج سان ئي تنهنجي سخا.
لاءِ تنهنجي سان پٽ رهي تعريف،
تنهنجي دشمن جي ناءِ سان گلا.

١٩- صنعت رجوع: جڏهن شاعر ڪا ڳالهه ڪري پوءِ اوچتو ڦري ٻي مخالف ڳالهه ڪري، جن ته پهرين غلط ڪئي هئائين. مثال:

ڏو هن درد، دل منهنجيءَ کي ڏاهي،
غلط چيو مون، جو مون کي ناهي ڪا دل.

٢٠- صنعت استدراڪ: هن ۾ شاعر اهڙا لفظ ڪم آڻي، جي ماڻهو سمجهن ته هجوَ يا گلا اهي، پر پوءِ جيڪي چوي تنهن مان تعريف معلوم ٿئي. مثال:

نڪو گهران ته رهي جڳ ۾ تنهنجو ڪوئي نشان،
گهران اهو ٿو، ته جڳ ۾ رهين نشان ٿي تون.

٢١- صنعت تفسير: هن کي 'تبيين' به چون. جڏهن ڪو شاعر پهرين ڪو مبهم لفظ آڻي، جنهن جي تفسير يا بيان ڪرڻ جو ضرور ٿئي. تفسير ٻن قسمن جا آهن، هڪڙو جلي ٻيو خفي:

تفسير جلي اهو آهي، جنهن ۾ اهو سڀڪيو لفظ وري آڻي، انهيءَ جو تفسير ڪجي.

قطعو

جيسين برپا هوئي زمانو، پيو ڪري هٿ تيسين شاهه،
يا ٻڌي پيو يا پيو کولي، يا وٺي پيو يا ڏئي.
ٻڌي، دشمن جا هٿ، ۽ کولي ڇا، ڪوٽ ۽ قلعا،
ڇا وٺي، دشمن کان ملڪ ڇا ڏئي زر خلق کي.

يا سڪ

قطعو

حال مال ۽ سال فال ۽ اصل نسل ۽ تخت بخت،
نت هجن اي شاهه توسان، جي اٿئي شل سازگار.
حال عمدو، مال بيحد، سال سؤکو، فال نيڪ،
اصل قائم، نسل باقي، تخت عالي، بخت يار.

تفسير خفي اهو آهي، جنهن ۾ مبهم لفظن جي تفسير ڪرڻ ۾ اهي ساڳيا لفظ وري آندا وڃن، ۽ انهن ئي مبهم يا لڪل ڇڏي ڏجن

قطعو

نه ليندو تو جيهو دنيا ۾ پيو ڪوئي معشوق،
نه مون جيهو ڪوئي عاشق، رقيب جهڙو عدو.
جهان ۾ ڪوئي ساڻهو اسان ٽنهي وانگي،
نه رهندو حسن ۽ عشق ۽ نپاڳ ۾ يڪسو.

۲۲- صنعت مزدوج: هن کي ڪي 'تضمين' به چوندا آهن. هن ۾ ٻه يا زياده لفظ، هموزن ۽ قافيدار بيتن جي مصراعن ۾ ڪم اچن ٿا. مثال:

سوهڻي صورت، موهڻي سورت، جي ڪري معروف ٿئين،
حسن خدمت، اعلي همت، جي سبب موصوف ٿئين.

۲۳- صنعت حشو يا اعتراض: هن ۾ پهرين شاعر ڪا ڳالهه شروع ڪندو آهي ۽ انهيءَ جي پوري ٿيڻ کان اڳي ئي ڳالهه وچ ۾ آڻي وجهندو آهي- هي صنعت ٽن قسمن جي آهي.

حشو قبيح: جڏهن ڪو لفظ غير ضروري يا زائد ڪم اچي، ايئن جي معني کي خراب ڪري. مثال:

تنهنجي احسان جو ٿيو منهنجي مٿان ايترو بار،
'جو ويس ڍڪجي انهيءَ هيٺ ۽ ٿي ويس لڪل'.

حشو متوسط: جنهن ۾ اهو غير ضروري يا زائد لفظ آڻڻ يا نہ آڻڻ هڪجهڙو هجي ۽ نہ خراب لڳي نہ چڱو. وچولي درجي جو هجي. مثال:

فراق تنهنجي کان اي دوست 'دلربا دلبر'،
ٿيو 'منهنجو جسم بي آرام، منهنجي دل بيچين'.

حشو مليح: جنهن ۾ انهيءَ زائد يا غير ضروري لفظ آڻڻ ڪري شعر سهڻو لڳي ۽ وڻي ۽ انهيءَ جي معنيٰ بهتر نڪري. مثال:

تـرار تنهنجي شـهـا، 'شل وڃيندڙ هـوءِ'،
انهي جـا خيال پيا دشمنن جي دل ۾ پـوءِ.

*

قيدخاني ۾ آهي 'دنيا جي' ۽ 'هن جڳ ڪوڙي' ۾،
'دور توکان' آهيان ائين، جيئن منهنجا دشمن هوئن شال.

*

لال لب تنهنجي ڪي چوڻ 'نمڪين'،
آهي گويا ڪرڻ تہ هجوَ 'مليح'.

۲۴. صنعت ارسال المثل: جنهن ۾ ھڪڙي بيت ۾ ڪو ڀاڪو يا مشهور مثل آڻجي، جو عام لاڳو هجي. مثال:

گوشہ گيري پنهنجي وس ۾ ناهي خواه آوارگي،
ڇا ڪجي لاچار آهي، 'بندگي بيچارگي'.

*

مون پڇيو اک کي تہ ڇو ٿي آهين انڌي منجهہ فراق،
چيئين ٻڌو تہ ڪين 'اذا جاءَ القضا عمي البصر'.

*

سروقد يار جي تي طوبيٰ سرڪش،
آهي پڙهان عربي مثل، 'ڪل طويل احمق'.

*

ڪيو ذڪر چنڊ جو مون، ڪنيا يار زلف منهن تان،
ٿيو 'سوال آسمان' جو، ۽ 'جواب ريسمان' جو.

*

سوين سهڻن جي آهي دل تي اک،
ڇا ڪجي 'هڪ انار سؤ بيمار'.

*

ٿئي عبث تسبيح ڦيرائڻ اکين جي آب ري،
'ريچ ڌارا ڏس ادا ساوا ڪي داڻا ٿي سگهن'.

*

دل نيئن، لاءِ دوست آيو، پهرين نيائين عقل کي،
چور 'ڏاهو پهرين چوريءَ کان اُجهائي ٿو ڏيو'.

*

دل سڀني عضون جي خادم، پر بدن جي ٿي رئيس،
'سيد القوم' آهي 'خادمهم' مثال ان جو اهو.

ربـاعي

شيعن ۽ سنين جا معاملا ٿيا مشهور،
آهن ڪفتن ڀلن جا جهيڙا مشهور،
ڪنهن جو نه تعصب رکي ڏاهو ماڻهو،
ٿيو 'ماس ڳڌهه جو، ڏند ڪتي جا، مشهور'.

٢٥- صنعت ارسال المثلين: جڏهن هڪڙي ئي بيت ۾ ٻه مثل ڏنا وڃن. مثال:

قدر موتيءَ جو بحر ۾ ڪهڙو،
ڪان ۾ قدر ڪهڙو سون سندو.

*

نادان کي ڪرڻ ڪا نصيحت اجائي آهي،
ٻيڙي ۾ جڏهن هوا ٿي، ٻيا پاڻي پوڻ ۾.

*

جي کو نالائق مٿي لائق کان وڌي عيب ناهي،
ڪَڪ تري درياءَ تي، موتي تري ۾ تو لهي.

۳۶- صنعت سوال و جواب: جڏهن مصرع يا بيت يا ساري غزل ۾ سوال

اُن جو جواب ڏنو ويو هجي. مثال:

سڄڻ پنهنجي کي چيم اي، جو تنهنجو ڪونهي نظير،
ڇو تنهنجي زلف جي ڪڙين ۾، منهنجي دل ٿي اسير؟
چيائين عشق ۾ هئي تنهنجي دل ٿي ديوالي،
هميشه پير ۾ ديوالي کي پوي زنجير.

*

چيئين، اڄ ته هڪوار، چيو مون اکين سان،
چيئين، غم نه کو ڌار، چيو مون اکين سان!
چيئين، برقعو لاهيان، چيم لطف تنهنجو،
چيئين، ڏس تون پٺي پار، چيو مون اکين سان!
چيئين، ڇو روئين تون، چيم هجر ۾ هٿين،
چيئين، هاڻ خوش گهار، چيو مون اکين سان!
[سارو غزل]

*

هڙو مفلس پلا آهيان آءٌ ڇو،
خود فروشي نٿي اچي مون کي.

*

مون کي ميخوار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو،
مست سرشار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو!
پيرت جو پيالو پياري، ڪيئين بيخود بيهوش،
وري هوشيار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو!
ناز انداز سان مَن موهي، ڌتاري دل کي،
عاشقِ زار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو!
[سارو غزل]

*

زلف دلبر جي کي مون ڇيو اهڙو ڇو ڪارو ٿئين؟
ڇيئين جو ويهي سچ جو ويجهو، ٿئي انهيءَ جو اهڙو حال.

*

خبر اٿئي تہ هي زاهد ٿيو ڇو گوشہ نشين،
ڪڏهن جهلي نہ وِيچارو، پري رخن جو تاب.

ربـاعـي

پنهنجو مون طبيب وٽ ڪيو درد بيان،
ڇيئين دوست ٻڌان نہ ٻئي جي لاءِ ڇور زبان،
مون ڇيو تہ غذا، ڇيئين تہ ٻي خون جگر،
مون ڇيو پرهيز، ڇيائين ڇڏ هر دوجهان.

٢٧- صنعت ملمع: جنهن ۾ هڪڙي بيت جي هڪ مصراع عربي، ۽ ٻي فارسي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي هجي، يا غزل ۾ هڪڙو بيت عربي، ۽ ٻيو فارسي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو هجي. مثال:

سڄڻ سيالا مَ ڪر تون مالا، صحي سچاڻان، سنڌي اشارا،
سدا محبت ۾ عاشقن جا، يقين اهن ٻري پسارا.

هيا حبيبي يميل قلبي الي الو صالک علي الدوام،
و ان اسعي لما احوج و اصل محض اضطرارا.

نظر ٻبر ما بحال زار م بالطف بين عجز و انڪسارم،
بعشوهاي تو تاب نارم دلم چو موم دولت چو خارا.
غضب کي آتش تو اب بجهادے، ذرا محبت کي بات چيت کر،
ز بسکه ميرے دلِ حزين پر، گذر گيا هے ستم دوباره.
[سارو غزل]

٢٨- صنعت ترجمه: هن ۾ شاعر عربي ٻوليءَ جي بيت يا مصراع جو ترجمو، فارسي يا ٻي ٻوليءَ ۾ آڻي. مثال:

قطعو عربي

ولو ڪان النساء ڪمن ذڪرنا
لفضلت النساء علی الرجال
فلا التانيث لاسم الشمس عيب
ولا التذڪير فخر و للهلال

سنڌي ترجمو

جي دنيا ۾ هجن سڀ اهڙيون زالون،
هجي مڙسن کان وڌ زالن جي منزل.
عرب ۾ شمس مادي ۽ قمر نر،
مگر سج اصل کان ٿيو چنڊ کان افضل.

*

تنهنجو مذهب ٻئو ۽ منهنجو ٻئو،
ٿيو لکم دينکم ولي دين.

عربي

مكافات السماحة دار خلد
و امن من مخافة يوم بوس
وما نارا بمحرقة جوادا
ولو كان الجواد من المجوس

فارسي

مكافات جوانمردي بهشت ست
بروز خوف و امن از هيبت قبر
نسوزد آتش دوزخ سخي را
اگرچ آن نكو سيرت برد گبر

سنڌي

جوانمرديءَ جو بدلو نت بهشت آهه،
نه آهه خوف ان کي مور کان قبر،
نه ساڙي باهه دوزخ جي سخيءَ کي،
سياڻو اهڙو جيتوڻيڪ هوئي گبر.

٢٩- صنعت مبالغه يا اغراق: هن ۾ شاعر ڪنهن جي تعريف يا ذڪر ڪندي تمام گهڻو مبالغو ڪري. جڏهن اهو حد کان وڌيڪ يا ناممڪن يا عقل ۽ عادت جي برخلاف هجي، تڏهن انهيءَ کي 'غلو' چوندا آهن. مثال:

رباعي

ٻهراڻ جي بار ڪان، ڪري آءٌ ٿو ٻوان،
آواز جي واءُ سان، ڪري آءٌ ٿو پوان،
منهنجو ٿي ڪِريو ٻاڇو، اکيءَ ڏرتيءَ تي،
هاڻ ضعف ڪان ٻاڇي جان، ڪري آءٌ ٿو ٻوان.

*

جي منهنجي آهه جا شعلا، چڙهي مٿي ڪُڏ ٿين،
ته آسمان تي ٻيو هڪڙو سج ٿئي پيدا.

*

شاهه هي دهشت منجهان جي ڏٺي زماني ڪي هڪل،
ٿي ڇڄي هفتن ۽ ڏينهن جي قطارن جي مهار.

*

معجزو ڏس تون سواليءَ جو، حقي ۾ وجهي ساهه،
جنهن مسيحا جي هٿن ۾، ٿو مئو ڳالهائي.

*

عجب نازڪ بدن هو يار منهنجو،
ڳرو جي تي لڳس ٿي، پان جو رنگ.

*

قلم منهنجي سنڌي مس جي چکي مک،
ته هوند جيڪر چڙي ماکي وساري.

*

بلائي آهي خدا ڪئي، جو ڪين ڪيئين پيدا،
ٿي جهان هستي، راز ان ۾ حڪمت جو.

*

هجي ها جي، ته ٿي ڏني چڙي ها بخشش شاهه،
ڪڏهن خدا جو نه محتاج ٿئي ها ماڻهو ڪو.

۳. صنعت تعجب: اهو شعر، جنهن ۾ شاعر پنهنجو عجب ظاهر ڪري، يا جڏهن ڪا عجب جهڙي ڳالهه آئي، جيئن مٿينءَ صنعت ۾ آهي. مثال:

عجب دريءَ اصل هي جهان فاني آهه،
جهاز عمر جو جنهن ۾ سدا رواني آهه.
[سارو غزل]

*

منهن بهشت آهي سڄڻ جو، مرض ڪونهي منجهه بهشت،
پوءِ عجب آهي ته ڪيئن ان جون اکيون بيمار ٿيون!

*

باطن ۾ آهين ظاهر، تنهنجي عجب هيءَ چالي.
عالم ڀريل ٿيو توسان، ۽ جاءِ تنهنجي خالي.

٣١. صنعت ڪلام جامع: اهو شعر، جو حڪمت ۽ نصيحت سان ڀريل هجي، ۽ عام سان لاڳو هجي. مثال:

قطعو

رهڻ گهرين جي سلامت سنڀال هٿ ۽ زبان،
خراب دست درازي، زبان درازي بتر،
ڀلي ڪلي سڄو عالم، ڀلي ٻماڪ هڻي،
نه چائين جيڪي نه چؤ ۽ سکڻين تون جيڪي نه ڪر.

*

اک ڏکڻ نيڪي بديءَ کان آهي ٻنهي جو ڪمال،
عاقبت بينا ٿين لاءِ گهرجي نابينا ٿيڻ.

*

توکي خالق ڪئي عطا هڪڙي زبان آهي، ٻه ڪن،
تا تون ڳالهائين سدا هيڪوٽو، ۽ ٻيڻو ٻڌين.

٣٢. صنعت تزلزل: يعني ڏڪڻ. جڏهن شاعر ڪو اهڙو لفظ ڪم آڻي، جنهن جي هڪڙي اکر جي ڦيرائڻ سان تعريف مان ٺٺولي گلا ٿي پوي: مثال:

مٺو خالي خيالن کان رکڻ جڳ ۾ ڀلي پَتِ آهه،
مٺو خالي رکي دليا ۾ جو، تنهن لاءِ ڀلي پيت آهه.

٣٣. صنعت قول بالموجب: جڏهن جيڪي چئجي، تنهن جي معنيٰ، مطلب جي برخلاف ورتي وڃي. مثال.

تون چوين ٿو دوستي توسان نه دل سان ٿو ڪريان،
سچ چوين ٿو، دل سان نه، پر تو ڪريان آءٌ جان سان.

*

توهان پڇين ٿو مون کان، منهنجي ماءُ جي منزل ڪٿي،
منزل آهي دل ۾ ان جي، پر نہ ڄاڻان دل ڪٿي؟

٣٤. صنعت اطراد: يعني انتظام، اصطلاحي معنيٰ موجب جنهن جي تعريف ڪجي، تنهن جي پيءُ ڏاڏي ۽ ساري خاندان جا نالا ترتيبوار آڻجن. مثال:

قطعو

سڏجن خليفا جي تا بني اميہ سدا،
چوڏهن هئا، پڌايان سندن نالا سربسر.
پهرين معاويہ، ٻيو مشهور ابن هند،
بعد ان جي ٽيو يزيد، جفاڪار بدگهر.
تنهن بعد ٿيو معاويہ، مروان ان کان پوءِ،
عبدالملڪ، وليد، سليمان، پوءِ عمر.
پوءِ ٻيو يزيد، پوءِ هشام ۽ وليد ٻيو،
پوءِ ابراهيم، پوءِ ٿيو مروان، جو هو خر.

الحمار

٣٥. صنعت تلميح: يعني ڏيکارڻ، اصلاحي معنيٰ موجب شعر ۾ ڪنهن قصي يا مسئلي يا اصطلاح ڏي اشارو ڪرڻ. مثال:

آهي بيت الله دل پر ٿي پئي بتخانو آهه،
مرد ڪو گهرجي خليل اٽ، جو ڀڃي ڪيرائي بت.

*

خلق کان سيمرغ ۽ عنقا جان نت جي تون لڪين،
قدر جيڪر ليلة القدر اسم اعظم جو لهين.

٣٦. صنعت برامت استهلال: يعني منهن ۾ وڌائي، اصطلاح موجب ڪنهن ڪتاب يا ڪلام جي شروع ۾ اهڙا لفظ آڻڻ، جي پوءِ ايندڙ مضمون سان مناسب هجن، جيئن اڪثر مثنوين ۾ ڪندا آهن. مثال:

(پهرين بيت قصيدي جو زالن جي پردي بابت)

عقل تي پردو پيو آهن جي جي ڄاڻن ڪين تا،
جي رهن پردي جي پردي ۾ اڪن تا فائدا.

٣٧. صنعت سهل ممتنع: اهو شعر، جو ڏسڻ ۾ آسان هجي، مگر انهيءَ جي معنيٰ تمام اونهي ۽ مشڪل هجي.

٣٨. صنعت ارصاد: يعني واٽ جي نگهباني ڪرڻ، اصطلاحي معنيٰ موجب شعر جي منڍ ۾ اهڙو لفظ آڻڻ، جنهن سان خبر پوي ته پڇاڙيءَ ۾ قافيي وارو ڪهڙو لفظ ايندو. مثال:

'چانڊ' وانگي بخت هن جي در تي ٿئي محڪم مقيم،
بخت وانگي جو رکي پنهنجو ستو هن چانڊ تي.

٣٩. صنعت مشاڪلت: يعني هڪٻئي جي هم شڪل هئڻ، اصطلاحي معنيٰ موجب ڪنهن شئي جو بيان اهڙن لفظن ۾ ڪجي، جي پاسي وارن لفظن سان مناسب هجن. مثال:

چوڻ پنهنجا چپ سبن، در در پنڻ ڪان ٿيا فقير،
گودڙيءَ ۾ چو وجهن اگهڙيون، سبن ڪپڙن جا چير.

٤٠. صنعت ابداع: اهو شعر، جنهن جو مضمون ۽ معنيٰ عجيب هجي، ۽ لفظ عمدا ۽ چونڊ يل ڪم آيل هجن. مثال:

نيڪن ۾ بدي ليئي سکهي ٿي،
بڇڙن ۾ چڱائي پر ليئي ڪين؛
سڱرڪو ٿي شراب مان سکهي ٿو،
۽ سڱرڪي منجهان شراب ٿئي ڪين.

*

نيستيءَ جي بيوش ۾ هستي هميشه جي رکان،
زنده دل ٿاندي ٻيان آهيان، آءٌ قلبر جي ڍير ۾.

٤١. صنعت مزاوجت: جڏهن هڪڙي ڪم سان هڪٻئي تي مخالف اثر پيدا ٿين. مثال:

جڏهن ڏسين موڏ ڪي، بدلجي لطف تنهنجو ٿئي عتاب،
جڏهن ڏسان توکي، ڦري ٿئي صبر منهنجو اضطراب.

٤٢. صنعت حسن تعليل: جڏهن ڪنهن ڳالهه جي علت يا سبب جو عمدي طرح بيان ڪجي، جو حقيقت ڪري سبب نه هجي، پر شاعرانو خيال هجي. مثال:

عاشقن جو رت وهائن هر گهڙيءَ تنهنجون اکيون،
تن جي ماتم ۾ سدائين زلف تنهنجا ٿيا سياهه.

*

جو ڏٺڪو ني گهمان ٿو پيريءَ ۾،
آءٌ جواني مستيءَ ۾ ٿو گهوليان.

*

ٿو سڏيو منهنجو ڪين پاتائي،
چنبڙو ڇپ ڪنان سڏان گهٽي.

*

سياهه بخت رهن جڳ ۾ نت ٿا اهلِ قلم،
جو خود قلم ٿو رهي، روسيه گريبان چاڪ.

۴۳. صنعت حسن طلب: جڏهن ڪنهن جي تعريف ڪندي يا ٻي مطلب جي ڳالهه ڪندي، ڏاڍي لطف سان ڪو سوال يا پڇا ڪجي، جنهن مان اها تعريف ثابت ٿئي يا اهو مطلب ظاهر ٿئي. مثال:

قطعو

ڪريان ٿو هجوءَ زماني جي آءٌ انهي سببان،
جو ان کان حالت منهنجي ٿئي نه ٿي بهتر،
ني ڪهڙي ڳالهه چڱي ان کان، جو ڀلائي ڪري،
اسان پنهنجي ڪي تون پرچائيه، ڏئي مال ۽ زر.

۴۴. صنعت معما: جڏهن شاعر ڪو نالو ڳجهيءَ طرح لڪائي ڏئي، ۽ ڪنهن ٻي صنعت جي وسيلي پروڙي سگهجي. معما جا مقرر قانون آهن، جن جو هتي ڏيڻ ضروري نٿو ڏسجي. مثال:

چالهه گهرين جي نانءُ سڄڻ منهنجي جو، اي دوست!
خورشيد جو مٿو ٿيو رکهل سرو جي مٿان.

جواب: خورشيد لفظ جو مٿو يا مهڙ جو اکر آهي خ، سو سرو لفظ جي منهن ۾ رکبو ته خسرو ٿيندو.

قاف تي جي عڪس هئي بي انتها احسان جو،
دام ۾ سيمرغ پئي ان جي، جنهين احسان ڪيو.

جواب: بيت جو مضمون تہ سمجهہ ۾ اچي سگهندو، جو تمام چڱو آهي ۽ ڪنهن کي گمان نہ پوندو، تہ هيءَ ڪا ڳجهارت آهي يا هن مان ڪو نالو نڪرندو. پر انهيءَ مان اسحاق جو نالو نڪري ٿو. هن طرح: بي‌انتها احسان جي هڪڙي رواجي معنيٰ آهي تہ بيحد يا بي‌انداز احسان، پر انتها جي معنيٰ پڇاڙي بہ آهي تہ پڇاڙيءَ کان سواءِ، احسان يعني پوئين حرف کان سواءِ احسان، يعني نون کڍڻ سان احسا ٿيو، انهيءَ جو عڪس قاف ني پري. صنعت عڪس موجب يا صنعت مقلوب موجب، احسان ڦري اسحا ٿيندو، سو قاف تي رکيو ويو تہ اسحاق ٿيندو. قاف جي معنيٰ بيت ۾ جبل قاف آهي، جنهن ۾ سيمرغ رهندو آهي. پر ٻي معنيٰ ۾ حرف قاف آهي.

*

نہ لڱن جي 'لڱو لڱو' چون،
پر اهي ڏس 'بنان' جيئي ٿا لڱن.

جواب: 'چپ'، جي لڱو لڱو لفظ چوڻ سان پاڻ ۾ نٿا لڱن، پر بنان چئي لفظن سان لڱن ٿا جو حرف ب الهن ۾ ٿو اچي.

*

منهن رکي ڪونہ، ڏس تہ ڪيئن ٿو کلي،
اک رکي ڪانہ، ڏس تہ ڪيئن ٿو روئي.

جواب: ڪڪر.

*

جي ڪجهي هٿ ۾ ٿي ڏهن کي ڪٽي،
جي اچي ٿئي تہ سوءِ سهن چٽي.

جواب: نهرڻ.

*

تقليب ۽ ترديف ۽ تجنيس سان آءُ.
شرقيءَ جو گهراڻ ضد ٿو، ائين يار کان آءُ.

جواب: بوسه يعني چمي. (هن طرح: شرقيءَ جو ضد آهي غربي. غربي ۽ عربي تجنيس خطي. عربيءَ جو مقلوب ربيع- ربيع جو مرادف بهار. بهار ۽ لهار تجنيس خطي. لهار جو مرادف يوم- يوم جو مقلوب موي- موي جو مرادف شعر. شعر جي تجنيس شعر- شعر جو مرادف بيت. بيت جو مرادف دار- دار جو مقلوب راد. راد ۽ زاد تجنيس خطي. زاد جو مرادف توشه- توشه ۽ بوسه تجنيس خطي. بوسه يعني چمي.)

٤٤٥ صنعت لغز: هن کي فارسيءَ ۾ 'چيستان' ٿا چون. هيءَ صنعت بہ معما وانگي آهي، مگر هن ۾ سوال جي رستي ڪا ڳالهہ ڪجي ۽ ڪي نشان يا صفتون ٻڌائجن ٿيون، ۽ انهيءَ جو جواب خيال ڪري ڳولڻو ٿو پوي. سنڌيءَ ۾ ان کي ڀرولي يا ڳجهارت چئي ٿو سگهجي. مثال:

سوار آهي گهوڙو جو پيادو هلي،
اچي ٻٽ تي ڊوڙي، ۽ ترسي نہ مور.
سندس بت سفيد آهي ۽ منهن سياهہ،
رهي هيٺ هلي حڪم ان جو ٿو دور.

جواب: قلم.

*

ڇوڙو ابلق ڪبوترن جو ڏس،
بند آهن جدا ڪنڊين اندر،
ڪڍ آڏا ان ٻيڻي سي آپ تائين،
نہ ٻيو ڪنڊين ڪان وڃن نہ سي ٻاهر.

جواب: اکيون.

آهي ڇا جو جتي ڪٿي ڏسجي،
آهي صورت ۾ هوبهو انسان،
رکي ٻانهون ٽنگون، مٿو ۽ اکيون،
هلي ٿو سان، مگر آهي بيجان.

جواب: ٻاچوُلو.

اشارو: سنڌي چيستانن جو خلاصو هڪڙو ننڍڙو ڪتاب ٻارن جي وندر لاءِ سون لکيو آهي، جنهن ۾ طرح طرح جا چيستانا ڏسڻ ۾ ايندا.

٤٤٦ حسن مطلع ۽ حسن مقطع: هي بہ ٻہ صنعتون شمار ۾ ايندیون آهن: غزل جي ڀرئين بيت کي 'مطلع' چوندا آهن ۽ پوئين کي، جنهن ۾ شاعر جو تخلص هوندو آهي، تنهن کي 'مقطع' چوندا آهن. جڏهن اهي بيت نهايت عمدا آهن، تڏهن اهن کي انهن نالن سان سڏيندا آهن: 'حسن مقطع' کي 'حسن تخلص' بہ چوندا آهن. هن جي مثالن ڏيڻ جو ضرور ڪونہ ٿو ڏسجي.

سنڌي ويا ڪرڻ (٣ ڀاڱا) • شمس العلماء مرزا قليچ بيگ • سنڌي ادبي بورڊ

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيُوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي

سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَئَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَئَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَئَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ ٻهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ۽ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.
پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.
توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پ نَ